ٻاڳو - ڀرپوٿي

5-6(135)

شري ستنام ساکي

شري پريم پرڪاش سمپردايه پوڄيه پاد

برهمنبشٽي برهمشروتري برهم گياني

شري ١٠٠٨ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن

000099

جو

جيون چرتر

ڀاڱو ١

ليکڪ:

ستگرو سوامي سروانند مهاراج

ٻيو ڇاپو

سنبت ٢٠٣٨

پيڻا ٻارهن روپيه



ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج

پستڪ ملڻ جا هنڌ

١- سوامي ٽيئون رام جي مهاراج، امراپور استان، جئپور-١.

٢- پرم پرڪاش آشرم، پوسٽ والا، هريدوار (يو- پي).

٣- سوامي بسنت رام جي، پرم پرڪاش آشرم،
دهلي گيٽ، اجمير.

۴- سوامي ماڌوداس جي، پرم پرڪاش آشرم،
آدرش نگر، اجمير.

٥- سوامي ٽيئونرام پرم پرڪاش آشرم،
الهاسنگر-٥- (امبئي).

٦- سوامي چندن پرڪاش جي، پرم پرڪاش ڀون،
اگروال ڪالوني، پونا-٢.

٧- سوامي ٽيئونرام پرم پرڪاش آشرم،
ملڪا گنج، دهلي-۴.

٨- پرم پرڪاش آشرم ۴ ڪانچو ڪالوني، اندور ٢.

٩- پرم پرڪاش آشرم، ڪيرٿل منڊي (الور).

١٠- پرم پرڪاش آشرم جمادار ڪي ڳوٺ، لشڪر گواليار

١١- پرم پرڪاش آشرم، شري پورا، ڪوٽا (راجستان).

١٢- پرم پرڪاش آشرم، گلاب خاني، آگرا (يو- پي).

١٣- پرم پرڪاش آشرم، بلاڪ ٦٥٠، سردار نگر، احمدآباد

١۴- پرم پرڪاش منڊلي، پاڇا، نگر، سنڌي لائيٽ سئنيما جي
ڀرسان، ماهم، امبئي-١٦.

١٥- پرم پرڪاش ڀون، ڀارود خانا، لکنو (يو- پي).

ڇپيندڙ:- انقلاب پرنٽنگ پريس، الهاسنگر-٣ (فون ٦٦)
ڇپائيندڙ:- سوامي ٽيئون رام آشرم ٽرسٽ، الهاسنگر-٥ (فون ١٣٧)

شري ست نام ساکي
گرو شبدي راکي

ڀومڪا

سنڌ هڪ پراچين ديش آهي. اتهاسڪارن ۽ هن صديءَ کوجنائون ڪري ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته سنڌو ڀوءِ پراچين سڀيتا سنسڪرتيءَ جو مرڪز هئي. پر ويدن، شريمد ڀاڳوت، شري رامائڻ اياادي پراچين مهان گرنٿن ۾ پڻ سنڌ ڀوءِ جو مهتو ورڻن ٿيل آهي. ويدن جي رچنا پڻ سنڌ جي پاون ڀوءِ تي ٿي. شريمد ڀاڳوت مهاپراڻ جي ڇهين اسڪند جي ٻڌهين ادياءَ جي ٽئين سلوڪ ۾ لکيل آهي ته پشچم طرف سنڌو نديءَ ۽ سمنڊ جي سنگم وٽ نارائڻ سر مهان تيرٿ آهي جتي رشي مني ۽ سنت رهن ٿا.

तत्र नारायण सरस्तीर्थः सिन्धु समुद्रयोः ।
संगमो यत्र सुमहन्मुनि सिध्द निषेवितम् ॥

سنڌ جي پوتر ڀوءِ تي انيڪ سنتن مهاتمائن، رشين منين جنم ورتو. انهن سنتن سترپرشن گيان ڀڳتي، ڌرم ۽ ڪرم دوارا هزارن منشن جي راهه روشن ڪئي. شري ١٠٠٨ ٻال برهمچاري سوامي ٽيئون رام مهاراج به انهن مهان هستين مان هڪ اپسوري وڀوتي هئا، جن سنڌو ديس ۾ گيان ۽ پريما ڀڳتيءَ جي جوت جڳائي ستلن کي سجاڳ ڪري سڌين دڳ لڳايو.

جوڀن اوسٿا ۾ هن ڪنڀوءَ جو ڇوٽ ڇڏي، پنهنجي سانت منڊل سان اچي ننڍو آدم وسايو. سندن سادگي، سچائي، نرمل سڀاءُ ۽ عملي جيون، ڪيترن اَلوڪ شڪتيءَ جيان انيڪ منشن جو اچي اُڌار ڪيو. هن ايشوري راهه ۾ انيڪ اوچ ڪوٽيءَ وارا مهاتمائون ۽ سوين گرهستي سانت ڪي پيدا ڪيا. هر ڪنڀ جي ميلي تي، هن سانتن ۽ سنتن جي ڇانوڻي لڳائڻ آرنڀ ڪئي. ڇانوڻي لڳائڻ جي پرٿا هن وقت تائين چالو رهندي آئي آهي. نه رڳو ايترو پر سناتن ويدڪ ڌرم جو پرچار سنڌ ۾ اُن وقت ايترو ڦهليل ڪونه هو، اُنکي خوب ڦهلايو. جنهن ڪري سنڌ جي سنسڪرتي ۽ سماج جو پائڻو ئي چمڪي پيو.

ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن سنڌي ۽ هندي ڀاشا ۾ امولهه واڻي لکي آهي جا سموري واڻي پريم پرڪاش گرنٿ ۾ سنگرهيت آهي. سوامي جن جي هن امولهه ڪاوهه گرنٿ جي اڀياس سان شانت رس جي پراپتي ٿئي ٿي. من جا مونجهارا مٽجي وڃن ٿا، پرماتما جي ڀڳت جي پاندڙن کي پرم گيان جو پرڪاش ملي ٿو. ستگرو مهاراجن ڀارتيهه ڇند شاستر ۽ سنگيت جي جدا جدا راڳڻين انوسار ڪاوهه سرجن ڪيو آهي. ستگرو مهاراجن جي ڪاوهه ۾ ڪيترن ڪاويه ڪلاتمڪ وصفون وشيش روپ ملن ٿيون جنهن جي آڌار تي چئي سگهجي ٿو ته هو ڪاوهه ڪلا جا پڻ مرمگيهه هئا. سندن ڀڳتي ڀاونا، دارشنڪ وچارن جو درشن هن مهان گرنٿ ۾ ملي ٿو هي گرنٿ آڌنڪ سنڌي-هندي سنت ساهتيهه جو املهه خزانو آهي. ستگرو سوامي سروانند مهاراج جن ستگرو مهاراجن جي سموري واڻي سنگرهيت ڪري پرڪاشت ڪئي.

۵۵ ورهين جي عمر ۾ سوامي جن حيدرآباد سنڌ جي پرم پرڪاش آشرم ۾ سوامي ماڌوداس جن وٽ سمبت ۱۹۹۹ ۾ برهمليِن ٿيا. سنت منڊل سندن شوڀا کي ننڍي آدم جي اَمرآپور پرڌان

گو سوامي تلسيداس مهاراج رامچرت مانس ۾ لکيو آهي:

جب جب هوءِ ڌرم ڪي هاني،
باڍهم اسر اڌم ابهماني.
تب تب پرڀو ڌر منج شريرا،
هرهن ڪرپانڌ سڄن پيرا

جڏهن جڏهن ڀرٿويءَ تي پاپ اتياچار وڌي وڃي ٿو تڏهن پرم پتا پرماتما ساڪار روپ ۾ پرگهٽ ٿي وڌرمين جو وناش ڪري لوڪن جو ڪلياڻ ڪري ٿو. سنڌ ۾ جڏهن وڌرمي ويچار ڌارا وڌي ويئي، ڪيترائي سنڌي پاڻ پنهنجي پنهنجي ڌرم کان ويمک ٿي سنسن ڀرمن جو شڪار ٿيا. اهڙي ڪٺن سمي ۾ سنبت ١٩٤٤ ۾ يوگيراج ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج پرما ڀڳتيءَ جا پرتي سوروپ حيدرآباد سنڌ جي ڪنڊو گوٺ ۾ اوتار وٺي آيا. جئين سورج جي اُديه ٿيڻ سان انڌڪار غائب ٿي ويندو آهي تيئن ستگرو مهاراجن جي اوتار ڌارڻ سان اگيان ۽ سنسن ڀرمن جو انڌڪار دور ٿي ويو.

مهاراجن پالڪپڻي کان وٺي، اپار شڪتيءَ جا مالڪ هئا. هن لکڻ پڙهڻ جي بجاءِ ڇڏي واراڳ ۽ تياڳ وارو جيون گذارڻ وڌيڪ پسند ڪيو جو هن ايشور ڀڳتيءَ جي رهسيه کي چڱيءَ طرح ڄاتو هو. سوامي جن، سوامي آسورام صاحب کي ستگرو روپ ۾ سوڪار ڪري روحاني راهه ۾ اڳتي وڌيا.

گيان پراپت ٿيڻ کانپوءِ هن پنهنجي هڪ ساڌ منڊلي ٺاهي ۽ انجو "پريم پرڪاش منڊل" نالو رکي هڪ اَمر وچار کي ساڪي ڪيو. هن منڊل جو متو آهي ته هر جيو، هر ذات، هر ڌرم ۽ هر پنٿ کي عزت ۽ پريم سان ڏسڻ، ڌارمڪ ايڪتا ۽ اکنڊتا ٺاهي رکڻ.

سوامي هري پرڪاش آگري، سوامي وديا پرڪاش ڀنڊيرا، سوامي جڳ پرڪاش دهلي، سنت ڀڳچنداس اڄين ۾ آشرم برپا ڪري هزارن پراڻين کي نام جي طرف ڇڪيو.

ستگرو مهاراجن جي ڪيترن پراڻين ڀي ڀارت جي جدا جدا شهرن ۾ پريم پرڪاش منڊليون ٺاهي ڪري مندر کوليا آهن جن جا نالا هي آهن:
١- شري گاگنداس آسنداس شري جهامنداس ميلواڻي ممبئي.
٢- شري ننانڪرام لکنئو. ۳- سنت شونداس فيض آباد. ۴- ماتا چتري ٻائي فريدآباد. ۵- شري ٻيڙا رام، شانتي ديوي پلول.
۶- شري نند لعل ڪاشي. ۷- شري ٽيڪچند، شري دؤلترام، شري چيتانند ڪانپور. ۸- شري گاگنداس پڪتاڻي ڪانپور. ۹- ماتا سمجهه ٻائي پانا ٻاڙا. ١٠- ماتا ڪاڪي ٻائي امراوتي. ١١- شري ڀڳوانداس ويرومل مدراس. ١٢- ماتا راڻي سندس سهيليون، مکي راڌا ڪرشن، ڀاڳ هريرام، ٻلرام گانڌينگر ڪولهاپور. ١۳- ماتا ٻارڻي ٻائي ليڇمي ٻائي اجمير. ١۴- ماتا پشپا ٻائي اجمير. ١۵- ماتا سيتا ٻائي ڪونوءِ ماءُ اندور. ١۶- نول ٻائي پوکرداس پونا.
١۷- شري گرنا رام ناگپور ١۸- شري نانڪچند ٻن گانو. ١۹- ماتا جسودا ٻائي ارجنداس رتلام. ۲٠- ماتا سندري ٻائي پوندي.
۲١- شري ڪشوري لعل اڙودا.

پريم پرڪاش منڊل جا پرچارڪ سنت

١- سوامي سيام پرڪاش جي. ۲- سوامي گنگارام جي. سنت هرداسرام، سنت ارجن پرڪاش ۳- سنت امرڀو ۴- سنت روي پرڪاش ۵- سنت ٽيرٿ پرڪاش ۶- سنت چيتن پرڪاش ۷- سنت رامداس، سنت وشنو پرڪاش ۸- سنت ڀڳچنداس ۹- يوگيراج ١٠- هنس پرڪاش. ١١- سنت اننت پرڪاش ١۲- سنت ديو پرڪاش ١۳- سنت ويد پرڪاش.

آستان) ۾ آڻي اڳي سنسڪار ڪري، سندن سنڌ رکي سماڌي
ناهي وئي، جنهن بعد ستگرو مهاراجن جي پرپٽا سان سمت منڊل
۽ جگياسين سوامي سروانند مهاراجن کي سندن گادي نشين ٺاهيو.

ڊرياڳيه وس سنه ۱۹۴۷ ۾ ڀارت جي ورهاڱي ڪارڻ سنڌ
پرانت پاڪستان جي حصي ۾ آيو. ملڪ ۾ اٿل پٿل ڪارڻ سبب ستگرو
مهاراجن جا پوتر سنڌ جنم ۽ امراپور استان ناهي، سماڌيءَ اندر
رکيا ويا آهن. جنهن ڪري هي استان، جگياسين لاءِ جڳ ۾ هڪ
تيرٿ آستان ٺهي پيو آهي. غفا اندر، سائين جن جي من موهيندڙ
سماڌي ۽ سنگمرمر مان ٺهيل سندن دلڪش مورتي استاپت ٿيل
آهي. اُن ڪانسواءِ پنجن سئن هزار پريمين جي وهڻ لاءِ، اوچن
گمبذن سان دل لڀائيندڙ ستسنگ هال ۽ ياترين لاءِ سوين ڪٺيانون
ٺسي، هي استان جڳ سرڳ سمان ٿيو پاسي. سوامي جن جو شروع ۾
چيت ۾ لڳندڙ چنڊن ڏينهن وارو الهاسڪ ساليانو ميلو جو اڳ
ٽنڊي آدم (لب) امراپور آستان ۾ لڳندو هو، سو هيئنر هتي ٿي
لڳندو آهي ۽ واقع ٿي ڪنهن ڪمڀ جي ميلي سمان ڀاسندو آهي.

هن استان ڪانسواءِ، سڄي هندستان ۾ ستگرو مهاراجن جا
ٻيا هيٺيان آشرم سندن سنڌ ۽ اُپديش جو پرچار پيا ڪن. سندن
جنم ۽ امراپور استان ڪانسواءِ ستگرو مهاراجن جي سدانتن ۽ آدرشن
جي ڦهلاءَ لاءِ پريمين جي آڌياتمڪ پياس پوري ڪرڻ لاءِ منڊل
جي سنتن ڀارت جي ڀن ڀن نگرن ۾ آشرم کوليا. سوامي سروانند
مهاراج هردوار ۾ ايڪانت والاورڻ ۾ آشرم جي استاپنا ڪئي.
سوامي بسترام اجمير، سوامي مانڌوداس اجمير ۽ پشڪر راج،
سوامي شانتي پرڪاش مهاراج الهاسنگر، سوامي چندن پرڪاش
پونا ۽ ناسڪ، سوامي اوڌوداس سردار نگر احمدآباد، سوامي جيون
مڪت ڪيرنل، احمدنگر ۽ نصيرآباد، سوامي نرمداس بڙودا، سوامي
مرليڌر اندور، سوامي گڻيشانند گواليار، سوامي پرمانند ڪوٽا،

۽ نور ڀريو چمڪندو هو. سندن ٻن وچنن ۾ ڪيڏو نه پرڀاءُ هو. سندس مکارونِد مان سدائين امرت ورکا پيئي ٿيندي هئي. هو جڏهن ستگرو مهاراجن جي ٻاڻي ڳائيندا هئا تڏهن روح کي راحت ملندي هئي. سوامي جن ويدانت جا ڳوڙها وشيه سول نموني سمجهائيندا هئا. سندن درشن ڪئي من پرسن ٿيندو هو. سواميءَ جن ڏيتي ليتي ۽ ٻين سماجڪ برائين کان به آگاهه ڪندا رهيا. هزارن کي نام جو دان ڏيئي نهال ڪيائون.

سوامي سروانند مهاراج سمرڻ سان گڏ دکين دردمندن جي سيوا پڻ ڪئي. سندن پريرڻا ۽ پرشارٿ سان ڪيترائي پراپڪار جا ڪارج ٿيا.

ستگرو سوامي سروانند مهاراج منڊل سهت ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي سدانتن پکيڙڻ لاءِ هزارن ٽوٽ دلين کي نام جي امرت سان آباد ڪرڻ لاءِ نه صرف ڀارت جي ٻن ٻن نگرن جو رٽن ڪندا رهيا مگر وديش ۾ رهندڙ پياسين جي پياس پوري ڪرڻ لاءِ سوامي جن بئنڪاڪ، منيلا، سينگاپور، هانگ ڪانگ، جاڪرتا، آمريڪا. لنڊن دبئي ۽ ٻين ڏورانهن ديسن ڏانهن ويا.

سوامي سروانند مهاراج ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي مڪمل جيوني لکي هئي. جنهن جو پهريون ڀاڱو ڪجهه سال اڳ پرڪاشت ڪيو ويو. هن اوليءَ پستڪ ۾ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي مڪمل جيوني پريمين اڳيان پيش ڪئي وڃي ٿي اميد ته پريمي پاٺڪ اُنجو لاڀ پراپت ڪندا.

سوامي شانتي پرڪاش مهاراج
پريم پرڪاش منڊل ٽرسٽ
امراپور استان،
ايم. آءِ روڊ جئپور ۳۰۲۰۰۱

برهم لوڪ واسي پريم پرڪاشي مهاتمائن جا نالا.
پريم پرڪاش سمپرداءِ جا برهملين سنت هن ريت آهن .

سنت شري ۱۰۸ سوامي گوالانند جي مهاراج، اوتم شري سوامي گرمکداس جي مهاراج، سوامي آتمانند جي، سوامي پرمانند جي، سوامي چندن پرڪاش جي، سوامي اوڌوداس جي، سوامي هر پرڪاش جي، سوامي ارجن ديو جي، سوامي هيرانند جي، سوامي گوبند پرڪاش جي، سوامي اوم پرڪاش جي، سوامي سنت داس جي، سنت ڀڳوانداس جي، سوامي پرشوتمداس جي، سوامي هرڀرام جي، سوامي کيارام جي، سوامي ناملديو جي، سوامي ڪنولداس جي، سوامي هنسراج جي، سوامي هرداس رام جي، سوامي چرنداس جي، سوامي وچاٿ رام جي، سوامي نتيه پرڪاش جي، سوامي ستيه پرڪاش جي، سوامي جڳ پرڪاش جي، سوامي مرليڌر جي، سوامي جيون مڪت جي، سوامي ڪرشن داس جي، سوامي جوتي پرڪاش جي، سوامي گهنشامداس جي، سوامي پورن پرڪاش جي، سنت شيوڪرام جي، سوامي ڀڳت پرڪاش جي، سنت شونداس جي، ڀڳت ايسرداس، شري ٻوليٺداس، ساڌ جيوت لعل ٻرهمچاري، شري نانڪرام برهمچاري، شري گيانچند برهمچاري، شري مينگهنداس، شري تيرٿ پرڪاش، شري واڌورام، شري ڪيولرام گوپو، سنت هنس پرڪاش، شري ڪيلاش پرڪاش، شري شنڪر لعل، شري روچيرام پوڄاري، شري رامو ڀڳت، ڀڳت پرين مل، شري ليلارام، شري گوپالداس، شري وائورام، شري هزاري رام، ڀڳت منگهن رام، شري گوبندرام، ڊاڪٽر پرمانند، شري آولرام.

ستگرو سوامي سروانند مهاراج نماڻي مورت هئا. سندن پيشاني

ارپڻ پتر



پوڄ پتا شري هرانند دادلاڻي

جي

پوتر يادگيري ۾

سڀاڳر

ڀڳوان دادلاڻي.

ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي آرتي

اوم جئه گرو ٽيئونرام، سوامي جئه گرو ٽيئونرام،
پر اُپڪاري جڳت اُڌاري تم هو پورڻ ڪام. اوم جئه
جب جب براهمڻ نج هت ڪارڻ تم کو پڪارا،
تب تب گرو اوتار ڌري تم سب کو نستارا. اوم جئه
پرم پرڪاشي مدبلاچارپ، مستر ساکي ستنام،
ڌرم سنتن کي پرچارڪ، نيتي انڀ اڀرام. اوم جئه
ديش وديش پر مديلي ليکر، پاون دي اُپديش،
آتم روپ ادکايا سب کو، هريا تاپ ڪليش.
پورڻ اچل سماڌي تمري، ست آسن ساجي،
روپ موهو سندر لوچن، ديکت من گاجي. اوم جئه
آتم استت وچن کي ڌوري، لوگي اندرا جتي،
پرم اُڌاري ڌيرج ڌاري پرم اگاڌ متي. اوم جئه
ڌن ڌن مات پتا ڪل تيرا، ڌن او ساڌ سڀا،
ڌن وه ديش جهان تم جنميا، ڌن تو شب استان. اوم جئه
سر نر مني جن هر جن گني جن گاوت گڻ تمري،
انت نه پائي سڪي نه ڪوئي، مهما اپر پري. اوم جئه
جو جن تمري آرتي گاوي، پاوي سو مکتي،
ساڌ سنگت کو هردم ديجي پورڻ گرو ڀڳتي. اوم جئه

—o—

چند—

سرو سرو پر آدي انادي، پوري پورن پر پارا
انت نه اوپر چاپ نه ڌوپر، ڪايم ڪوم ڌر ڌارا.
رهسيا رام داڪ ڌام، لٿ نشڪام نروان،
پاد نامي نشدن شام، شري ٽيئونرام مم گرو گيان.

ॐ

شري سَتنام ساکي شري گر پرمانمي نمہ

ست شري ۱۰۰۸ ستگر و سوامي ٽيئُون رام مهاراج

جن جو جيون چرتر

پاڱو پهريون

منگلا چرڻ -

وندؤن سري گرديو کو - جو هئہ سر کا ڏـاج
جانکي ڪرپا درشٽ تي - هوون پورن ڪاج

سند سنتن درويشن جي پوتر ڀومي آهــي. سندؤ درياهہ جي ڪنڌي تي سرسبز ۽ موهيندڙ باغ باغيچن جــي وچ ۾ هڪ ڪنبوءَ نالي ڳوٺ آهي. ان ڳوٺ ۾، سنبت ۱۹۴۴ متي آکاڙ ۴، ٿتي چنڊ شڪل پکش ۾، برابر سنہ ۱۸۸۷ع ۾ جولاءِ مهني جي ٦ تاريخ، چنڇر ڏينهن ۹ بجي صبوح جو ستگرو سوامي ٽيئُون رام مهاراج جن جو جنم، قول ونشي کتري ڪل جي ڀڳت چيلارام جي گهر ۾ ٿيو.

سندن پتا ڀڳت چيلارام ۽ ڏاڏو آسنداس وڏا هري ڀڳت هئا. ڀڳت چيلارام تہ اهڙو سنت شيوي هو، جو ڪٿي بہ ڪو سنت مهاتما ڏسندو هو تہ اُنکي پنهنجي آستان تي آڻي، پريم سان رسوئي پاڻي ڪرائي، پوءِ ڇڏيندو هو. هوُ مهمانن ۽ مسافرن جي بـڻ پريم ۽ آدر سان شيـوا ڪندو هو. سندس آستان تـي هر روز نـت نيم سان ست سنگ ۽ ڀڄـن ڪيرتـن ٿيندو هـو.

ارپڻ پتر



پوڄيه ماتا آسودي ٻائي هرنند دادلاڻي

جي

پوتر يادگيريءَ ۾

سپالر

ڀڳوان دادلاڻي

ورت جا چاليهه ڏينهن پورا ٿيا ته رات جو پرماتما سپني ۾ ڪيس درشن ڏيئي چيو، ماتا! اسين تنهنجي تپ تي پرسن ٿيا آهيون، تنهنجو سنڪلپ پورو ٿيندو. اهو ٻڌي ماتا گد گد ٿيڻ لڳي. ماتا جو ورت سڦل ٿيو. ايڪيتاليهين ڏينهن صبوح جو ٧ بجي ورت ڇوڙيائين. انڪانپوءِ ڄائي ٻالڪ ٽيئون رام سندس گود ڀري. ڇهين ڏينهن دستوري ريت موجب ڇٽي ڪئي وئي. سنگت ٻالڪ جو درشن ڪيو. ڪٽنب ۾ واڌايون وري ويون. مهراج ڄيرامداس ٻالڪ جا گره ۽ راس ريکا ڏسي چيو ته ٻالڪ هونهار آهي ۽ ڌرم اوتار ٿيندو. هن سندس نالو ٽيئون رام رکيو.

ڀڳت چيلا رام کي اڳ ٻه پٽ ۽ ٻه نياڻيون هيون. پٽن جا نالا هئا وينسي مل ۽ ٺهلرام ۽ نياڻين جا گياني ٻائي ۽ ايشوري ٻائي. سپني جي شادي ٿيل هئي. وينسي مل ڀڳت چيلا رام جي هوندي ئي جدا ٿي ويو هو. باقي ٺهلرام گهر جو ڪم ڪار ۽ دڪان جو ڪاروبار سنڀاليندو هو.

ٻالڪ ٽيئونرام سڀڪي گهر ۾ سورج سمان هو. جئن سورج اڀرڻ سان اونده هلي ويندي آهي ۽ باغيچن ۾ گل ٽڙي پوندا آهن، تيئن ئي سڀئي گهر جا ڀاتي، پاڙيوارا، مت مائٽ ۽ ستسنگي ٻالڪ جو شوڀنيڪ ۽ ڪلمک چهرو ڏسندا هئا ۽ سندس طوطلي ٻولي ٻڌندا هئا ته سندن چنتا روپي انڌيرو مٽي ويندو هو. سڀ ائين محسوس ڪندا هئا ته اسانجي گهر ۾ هڪ مهان شڪتي اوتار ڌاري آئي آهي. ڪين ڏسي سپني جي دل گلاب جي گل وانگر ٽڙي پوندي هئي.

ماتا ڪرشنا ڪيس ڪيسر پيئاري، گود ۾ وهاري مٿي سر سان شووهم جي لولي ڏيئي جتي ٻه ڪٽي سمهاريندي هيس يا وهاريندي هيس ته اتي ئي شانتيءَ سان سمهي پوندو هو يا ويهي رهندو هو. ڪڏهن ٻه ٻين ٻارن جيان اجايو سڄايو ڪين

سوامي جن جي ماتا ڪرشنا ديوي به پنهنجي پتيءَ وانگر سنت شيوڪا هئي.

هڪ دفع رشيڪيش هردوار جي هڪ سنت منڊلي سنڌ جو سير ڪندي اچي ڪنڊيءَ ۾ نڪتي. ڀڳت چيلارام ڪين پنهنجي آستان تي وٺي آيو ۽ سندن ٽهل شيوا ڪرڻ لڳو. مهاتمائون صبوح شام ست سنگ ڪندا هئا ۽ ستار تي ڪيرتن ڪندا هئا. ڳائيندي ڳائيندي اهڙو ته پريم ۾ مگن ٿي ويندا هئا جو پنهنجي سرير جي سڌ ٻڌ ڀلجي ويندا هئا. ڪڏهن ڪندي ڪندي پنهنجي آسڻ کان به ٿي فوٽ اڳتي رڙهي ويندا هئا.

هڪ ڏينهن ماتا ڪرشنا ديوي ستسنگ ۾ ويٺي هئي. جڏهن سنت، پڇن جي مؤج ۾ آيا تڏهن سنتن ڏانهن نهاري من ئي من ۾ پڀوءَ کي پرارٿنا ڪرڻ لڳي ته هي انترايامي، مان نماڻي اوهان جي در تي اها ئي ارداس ٿي ڪريان ته ديا پالي هن ڪانپوءَ هنن منيشورن جهڙا ئي ٻار ڏجو ۽ اها ارداس اگهائجو. اهو سنڪلپ ڪري ستسنگ جي سماپتي وقت ماتا هٿ جوڙي سنتن کي پرارٿنا ڪئي ته هي سنتو ڪرپا ڪري هن ست سنگ ۾ پلؤ پايو ته منهنجي دل ۾ جيڪا آس آهي سا پرماتما پوري ڪري. سنتن پلؤ پاتو ۽ رام نام جي ڌني لڳائي، ستسنگ پورو ڪيو.

رات جو ماتا کي ويچار آيو ته ٻڌندي آهيان ته ڀڳوان تپ ڪرڻ تي اُئي پرسن ٿي من جون مرادون پوريون ڪندو آهي. جو نه مان به ڪنن تپ ڪري پرماتما جي پرسنتا پائي منورٿ پايان. اهڙو سنڪلپ ڪري صبوح جو پنهنجي پتي ديو کان آگيا وٺي چاليهن ڏينهن جو ورت شروع ڪيائين. انهن ڀر صرف آنو ڪن جل ورتائيندي هئي ۽ سمورو وقت پرماتما جي ڌيان ۾ رهندي هئي.



لاڳي لاڳي شبد ڪي چوٽ تن ۾

روئندو هو. سياڻ سدائين نرمل، سانتيڪو ۽ ڪلمکہ هوندو هوس. ٻن سالن جو ٿيو تہ، ماتا کيس ڳالهائڻ سيکارڻ لڳي. پهريائين سيکاريائينس رام جو نالو ۽ پوءِ ڊيري ڊيري ٻيا نالا.

منڊڻ سنسڪار جو سمو آيو تہ آکاڙ جي پورنماسي تي، وڏي ڌام ڌوم سان ٻائي جوهرگر جي باغيچي واري کوهہ تي ٻالڪ جو منڊڻ لهرايو ويو.

ماتا ڪرشنا هر روز نت نيم سان پرڀات جو ۴ بجہ اُٿي جنڊ پيهندي هئي. ننڍڙي نينگر کي گود ۾ وهاري ڪبير صاحب جو هينيون ڀڄن ڳائيندي هئي.

لاگي لاگي شبد کي چوٽ تن ۾

ٻالڪ ماتا کي چوندو هو: اَما ”تن ۾“ ڳاءِ. ماتا بہ هر روز کيس ڳائي ٻڌائيندي هئي.

ستگرو مهاراج جن جو راند ڪرڻ جو طريقو نئي نرالو هو. ٻارن کي ڪٺو ڪري آسڻ لڳائيندا هئا. پاڻ بہ اکيون بند ڪري ۽ ٻين ٻارن کان بہ اکيون ٻوٽائي، ويهي پريم سان رام نام جي ڌني لڳائيندا هئا. جتي بہ ستسنگ ٿيندو هو، اتي ٻارن کي ساڻ ڪري ويندا هئا.

سيني ٻارن کي اهڙو تہ پريم جي ڏور ۾ ٻڌي قابو ڪيو هئائون، جو هرروز صبوح جو، ننڊ مان اٿڻ سان ئي سيئي ٻار وٽن هليا ايندا هئا ۽ سارو ڏينهن مساڻن ۾ مهاراج جن سان گڏ رهندا هئا. وچ ۾ صرف هڪ دفع روٽي کائڻ لاءِ گهر ويندا هئا.

ان نموني ستن ورهين جا ٿيا تہ هڪ ڏينهن سيني ڇوڪرن کي چوڻ لڳا تہ اڄ هلو تہ درياهہ تي هلي راند ڪريون. سيئي گڏجي درياهہ تي ويا. اُتي سيني کي چيائون تہ اڄ سيڪو پنهنجو پنهنجو گهر ٺاهي. لنهنتي جيڪي ١٥-١٦ ڇوڪرا آيا

هٿا تن سيٺني گڏجي وڻن جون ٽاريون ڀڳيون. ڪن ٽاريون زمين
۾ ڪوڙيون ۽ مٿان وجهي پنهنجا گهر ٺاهيا ۽ ستگرو مهاراج جن
پنهنجو هڪڙو گهر ٺاهي تيار ڪيو. پوء سيٺني کي چيائون ته
هاڻي هرڪو پنهنجي پنهنجي گهر ۾ آسڻ لڳائي ۽ اکيون بند
ڪري رام جو نالو جپي. ايترو ٻڌي سيٺئي چوڪرا آسڻ ٻڌي
اکيون پوري رام نام جپڻ لڳا. اڌ ڪلاڪ ڪانپوء ستگرو مهاراج
سيٺني کي سڏي پنهنجي گهر اڳيان وهاري چيو ته هاڻي
درياه شاه ۾ اشنان ڪري پوء گهر هلنداسون. ريجهوء نالي هڪ
چوڪرو چوڻ لڳو ته ڪپڙا ته لاهي رکون پر ڪو کڻي نه وڃي.
تنهن تي ستگرو مهاراج جن چوڻ لڳا ته اوهان چنتا نه ڪريو.
مان ڪپڙن جي سنڀال ڪندس. توهان وڃي ڀرين اشنان ڪري
اچو ته پوء مان ويندس. سيٺئي چوڪرا ڪپڙا لاهي ستگرو
مهاراج جن کي ڏيئي وڃي اشنان ڪرڻ لڳا. هڪ چوڪرو ڪلوء
ڪجهه چنچل سڀاء جو هو، سو اشنان ڪندي درياه ۾ ڪجهه
اڳتي هليو ويو جتي پاڻي تمام وڏو هو ۽ يڪدم ٻڏي ويو. ڪلوء
کي ٻڏي ويل ڏسي سيٺئي چوڪرا ٻاهر نڪري دانهون ڪرڻ
لڳا. دانهن تي ستگرو ڊوڙندا آيا ۽ چوڪرن کان دانهن جو سبب
پڇڻ لڳا. هٿن جو اشارو ڪري چوڪرن چيو ته ڪلوء ٻڏي ويو.
ستگرن چوڪرن کي چيو ته دانهون نه ڪريو، مان ڪيس ڪيئي
ٿو اچان. ائين چئي وٺي ڪپڙن سوڌو درياه ۾ ٽپو ڏنائون ۽ اندر
هليا ويا. اهو حال ڏسي چوڪرا وڌيڪ روئڻ لڳا ۽ دانهون
ڪرڻ لڳا ۽ چوڻ لڳا ته هاء، ٻئي ڄڻا ٻڏي ويا. پر اٺن منٽن
ڪانپوء ستگرو ڪلوء کي ٻانهن کان وٺي ڪنڌيء تي ڪيئي آيا.
چوڪرا ڪلوء کي ڏسي خوشيء مان ٽاڙيون وڄائڻ لڳا. ڪلوء
کي ڪپڙا پارائي سيٺني چوڪرن سان گڏجي اچي هڪ وڻ
هيٺان ويٺا. چوڪرا ستگورن کان پڇڻ لڳا ته ڪلوء کي ڪٿان
ڪيئي آيا؟ سواميء جن چيو ته ڪلوء کان پڇو. چوڪرن ڪلوء



وراٽ ديوتا سان ميلاپ

لڳا. ماستر اهڙو ته مگن ٿي ويا جو ڇوڪرن کي پڙهائڻ به وسري وين.

ٻئي ڏينهن به ماستر مهاراج جن کي پٽي لکي ڏئي چيو ته وڃي اکر پڪا ڪر. ستگرو مهاراج ٻئي ڏينهن پٽي کڻي ايڪانت ۾ ويهي ڇهن پنجن ڇوڪرن کي سڏ ڪري پڇيو ته، توهان ڇا ڇا پڙهيا آهيو. ڇوڪرن جيڪي پڙهيو هو سو پڙهي ٻڌايائون. تڏهن ستگرو مشڪي چوڻ لڳا ته اوهان ڏاڍو سٺو پڙهيا آهيو، پر هڪ اکر اڃا ڪونه پڙهيا آهيو. تنهن تي ڇوڪرا پڇڻ لڳا ته اهو اکر ڪهڙو آهي؟ ستگورن هيٺيون شبد چيو.

شبد سُر لهرو

ٿل- پڙهو اکر سو هڪڙو پياري - جنهن مان هي جنسار ٿيو.
١- بنگلا ماڙيون باغ باغيچا - سارو هي سنسار ٿيو
٢- چوراسي لک جوُٽي جنهن مان - اَديت هي اسرار ٿيو
٣- اَکر اهو ٿا سنت سڻائن - جنهن مان جڳ اظهار ٿيو
٤- ڪهي ٽيئون هي آهي اوهو -
جنهنجو چئن طرف چمڪار ٿيو.

پڇڻ ڳائڻ لڳا ته وري به پهرين ڏينهن واري ڪار ٿي.

اها وارتا ساري شهر ۾ پکڙجي وئي ته ٻن ٽن ڏينهن کان اسڪول ۾ ماستر ڇوڪرن کي پاڙهين ئي ڪونه ٿا. انهيءَ تي شهر جا ٻه چار پنچ، مکيءَ سان گڏجي اسڪول ۾ ويا. ماسترن کي چيائون ته اِها ڳالهه ٺيڪ ڪين ٿي جو سڄو ڏينهن اسڪول ۾ ستسنگ لڳائي ويٺا آهيو ۽ ڇوڪرن کي پاڙهيو ئي ڪونه ٿا. ڇوڪرن کي چڱيءَ طرح پاڙهيو ته واهه نه ته آفيسرن کي درخواست ڪري ٻيا ماستر گهرايون. پنچن جو دڙڪو ٻڌي، ماسترن چيو ته توهان ڪوبه خيال نه ڪريو، آئينده اسين ڇوڪرن کي چڱيءَ

ڪان پڇيو. ڪلؤ ستگورن ڏانهن نهاري چوڻ لڳو ته جنهن وقت غوطا ڪائي رهيو هوس تنهن وقت ائين ٿي ڀاسيو ته هڪڙي ديوتا مونکي ٻانهن کان وٺي گود ۾ وهاريو. اينتري ۾ سائينجن اچي ويا ۽ اهو ديوتا ۽ سائينجن پريم سان مليا. ديوتا چوڻ لڳو، ته منهنجا وڏا ڀاڳ آهن جو اوهان اچي درشن ڏنو آهي. هن وقت ٻي ڪهڙي اوهان جي شيوا ڪريان؟ انهيءَ تي سائينجن ان ديوتا کي چوڻ لڳا ته مان به اوهان کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو آهيان جو گهڻن ڏينهن کانپوءِ ميلاپ ٿيو آهي. پوءِ ديوتا سائينجن سان ملي پريم سان موڪلائي انترڌان ٿي ويو. تنهن کانپوءِ سائينجن مونکي ٻانهن کان وٺي ٻاهر ڪڍي آيا.

ڇوڪرا هٿ جوڙي پڇڻ لڳا ته سائين، اهو ديوتا ڪير هو؟ تنهن تي ستگورن مشڪي چيو ته اهو اسانجو پريتم ورڻ ديوتا هو.

ڪلؤءَ ۽ ٻين ڪن ڇوڪرن گهر اچي پنهنجن مائٽن سان اها ڳالهه ڪئي جي ٻڌي ڏاڍي اچرج ۾ پئجي ويا. اهڙيءَ طرح ستگرو ڇوڪرن سان ڪڏهن باغن ۾، ڪڏهن گهر ۾، ڪڏهن درياهه تي ۽ ڪڏهن نهر جي ڪنٺي تي وهي رام نام جو جاپ ڪندا هئا ۽ پروليون ٺاهي ڇوڪرن کي ڏيندا هئا. جيڪو ڇوڪرو پرولي سليندو هو تنهنکي ٿول ڏيئي سڀني جو اڳوان بڻائيندا هئا.

اهڙيءَ طرح رانديون ڪندي جڏهن ستگرو اٺن ورهين جا ٿيا ته سندن پتا ڪين سڪول ۾ وهاري آيا.

ٻهرين ڏينهن ماستر ستگرن کي پٽيءَ تي اکر لکي ڏنا ۽ چيائونس ته ٻڪا ڪر. ستگرو پٽي کڻي ايڪانت ۾ وڃي پٽي پاسيري رکي ويٺا پڇن ٺاهي پنهنجي موج ۾ ڳائڻ. پڇن ٻڌي اسڪول جا سڀئي ڇوڪرا ۽ ماستر اچي ڪنا ٿيا ۽ پڇن ٻڌڻ



اِسڪول ۾ ايڪانت ڪٿي !

طرح پاڙهيندا سون. انهيءَ خاطريءَ تي مکي پنهنج موٽي پنهنجي
جاءِ تي آيا.

ٽئين ڏينهن به ماستر کين پٽي ڏني. ستگرن پٽي وٺي
آهستي آهستي اسڪول جي دروازي کان ٻاهر نڪري سڌو
ٻائي ٺاڪرگر جي باغ ۾ ويا ۽ اَنب جي وڻ هيٺان پٽي گوڏي
هيٺان رکي، اکيون بند ڪري پرڀوءَ جي ڌيان ۾ ويهي رهيا.
ڪنهن مهل پرڀوءَ جي ڌيان ۾ ته ڪنهن مهل پڇڻ ناهي ڳائڻ ۾ وقت
گذاريائون. اِئين ڪندي منجهند جا ٻارهن لڳا، ته به منجهند جي
روٽي کائڻ گهر ڪونه ويا. ٻه لڳي ويا ته به ڪونه ويا. گهر جا
ڀاتي ۽ ماتا ڪرشنا وهلوُر وڃڻ لڳا. آس ۾ ته اِجهو ٿو اچي، اِئين
ٽي پنج لڳي ويا. پنجين ٻجي ڀڳت چيلارام ٻنيءَ تان موٽيو ته
ماتا کيس ٻڌايو ته ڇوڪرو اِسڪول مان موٽيو ئي ڪونهي. اوهين
وڃي سڌ سماءُ ته لهي اچو.

ڀڳت صاحب اها خبر ٻڌي سڌو اِسڪول ويو. وديارٿي
سڀ هليا ويا هئا ۽ ماستر به وڃڻ تي هئا. ڀڳت چيلارام ماستر
کي چيو ته اڄ اسانجو ڇوڪرو گهر روٽي کائڻ به ڪين آيو آهي،
ڪهڙي ڳالهه آهي؟ اهو ٻڌي ماستر چوڻ لڳو ته ڀڳت صاحب
مون ته اوهان جي ڇوڪري کي صبوح جو پٽي لکي ڏيئي چيو
ته ويهي پڙهه؛ پوءِ جي مونکي خبر ڪانهي ته ڪيڏانهن هليو
ويو. مون ائين ٿي سمجهيو ته ضرور گهر آيو هوندو. اهو جواب
ٻڌي ڀڳت صاحب پٽ کي ڳولڻ نڪتو. درياهه، نهرون، باغ باغيچا
ڳولهيندي سج لٿي مهل ٻائي ٺاڪرگر جي باغ ۾ اچي پچيائون.
هڪ پريميءَ کيس ٻڌايو ته اوهان جو ڇوڪرو باغيچي جي ڪنڊ
۾ هڪ اَنب جي وڻ هيٺان ويٺو آهي. ڀڳت صاحب باغ ۾ اَندر
وڃي پٽ جي ويجهو پهتا. ستگرو اُٿي کين پيري پيا. ڀڳت
صاحب مهاراج جن کي ٻانهن کان وٺي چوڻ لڳا ته اَبا اِسڪول
ڇڏي ڇو اچي هتي باغ ۾ ويٺو آهين ۽ منجهند جو گهر روٽي

ڪاڻ ڇو ڪين آئين؟ ماستر توکي گهڻ وقت ڳالهايو آهي ڇا؟ مهاراج جن نمرتا سان چوڻ لڳا تہ بابا، مونکي ماستر پٽي لکي ڏيئي چيو تہ ويهي پڪي ڪر. اسڪول ۾ تہ گوڙ ڏاڍو ٿينهدڪري هتي ايڪانت ۾ اچي ويٺس. پوءِ مون کي وقت جي ڪا خبر نہ پيئي. ايترو ٻڌي ڀڳت صاحب، مهاراج جن کي گهر وٺي آيو. ماتا ڪرشنا مهاراج جن کي پيار مان ڳراٽڙي پائي ۽ گود ۾ وهاري پڇڻ لڳي تہ پٽ اڄ سڄو ڏينهن ڪٿي هئين؟ مهاراج جن ٿورو مشڪيو، جيڪو جواب پتا کي باغ ۾ ڏنو هئائون سوئي جواب ماتا کي ڏنائون. اهو ٻڌي ماتا ۽ گهر جا ڀاتي مشڪڻ لڳا. پوءِ ماتا ڪرشنا مهاراج جن کي روٽي کارائي ۽ پاڻ بہ کاڌي.

ٻئي ڏينهن ڀڳت صاحب سوامي جن کي پاڻ اسڪول وٺي ويو. ماستر کي پارت ڪري چيائين تہ سائين، ڇوڪري جو خيال رکجو، جئن اڄ بہ ڪيڏانهن نڪري نہ وڃي.

ماستر مهاراج جن کي وري پٽي لکي ڏيئي چيو تہ ويهي اکر پڪا ڪر. پر مهاراج جن پٽي ڪڇي ڏيري ڏيري اسڪول کان ٻاهر نڪري باغ باغيچا گهمندا وڃي درياه جي ڪناري تي نڪتا. اُتي هڪ پپل جي وڻ هيٺان پٽي رکي ويهي پرڀوءَ جو ڌيان ڌرڻ لڳا. ڪلاڪ کن ڌيان لڳائي اُتي درياه مان ٿورو پاڻي پي وري بہ ساڳي جاءِ تي ويهي، درياه شاه ڏانهن نهاري هيٺيون ڀڄن ڳائڻ لڳا:-

راڳ ڏناسري

ٽل - پار وڃڻ مونکي آهي ضروري -

وشيون واهڙ واٽن تي آهن گهڻا

١- هڪڙا مڇ ڀيا ڪڇ ٽيون واڳو (واگهو) ٿا وڙهن

چوٽون ڪن ڪڙڪن - پنجون لهرون لعلڻ جون وينئي ڳٺيان

٢- هڪڙو ڪام، ٻيو ڪروڌ، ٽيون لوڀ ٿو لپائي

چوٿين چنتا تي چڪائي، پنجون ڀؤ انهيءَ ۾ پيئي پٽان

يڳت صاحب ٻه چار ڇڻا ساڻ ڪري نهر جي ڪناري ۽ باغيچن ڳوليندي وڃي سالاري جي ڳوٺ ۾ پريم نگر دربار ۾ پهتو، جتي يڳت آئل رام جن رهندا هئا. يڳت صاحب کي سموري حقيقت ٻڌايائون. سنت آئل رام کيس چيو ته چنتا نه ڪريو، ڇوڪر پاڻيهي گهر ايندو. يڳت صاحب موٽي ڪنب ۾ آيو. گهڻي گهميا، پريمين جي گهرن مان پڇا ڪيائون پر پتو ڪونه پيو. اٿي رات جا ڏهه يارهن اچي ٿيا. نراس ٿي گهر آيو ۽ سربستي ڳالهه ماتا ڪرشنا کي ڪري ٻڌايائين. ماتا صاحب بيحد وياڪل ٿيڻ لڳي. ان رات گهر جي ڪنهن به ماڻهوءَ روٽي نه کاڌي. سندن ساري رات چنتا ۾ گذري ۽ ڪنهن به ننڊ ڪانه ڪئي.

ٻئي ڏينهن صبوح جو وري يڳت ڇيلارام ٻاڻ سان ٻه ٽي ڇڻا وٺي ڳولا تي نڪتو. نهر جي ڪناري تي پهتا، هڪ ڏنار بيٺو هو، جنهن کان يڳت صاحب پٽ بابت پڇيو. ڏنار چيو ته ڪالهه سج لٿي مهل ڪڇي مان ٻه ور ڪاهيو ٻئي آيس ته توهان جي ڇوڪر کي درياه جي ڪناري تي پپل جي وڻ هيٺان ڳائيندو ڏٺم. ڏنار جي ڳالهه ٻڌي سيئي اوڏانهن ويا. ڏسن ته برابر مهاراج جن ڪنڌ هيٺ ڪري پنهنجي ڌيان ۾ ويٺا آهن. يڳت ڇيلارام مهاراج جن جي ويجهو اچي کين سڏ ڪيو. مهاراج جن ڪنڌ مٿي ڪري پنهنجي پتا کي ڏسي اُٿي کين پيرين پيا. يڳت صاحب جن کين پريم سان ڳراٺڙي پائي چيو، پٽ اٿي ڇو اچي ويٺو آهين؟ ڪالهه کان وٺي اسان توکي سارو شهر، باغ باغيچا، نهر جي ڪناري ۽ پريمين جي گهرن ۾ ڳوليندا رهيا آهيون. تنهنجي چنتا ۾ رات گهر ۾ نه ڪنهن روٽي کاڌي آهي ۽ نه وري ڪنهن ننڊ ئي ڪئي آهي. ايترو چئي مهاراج جن کي گهر وٺي آيو. مهاراج جن ماتا کي پيري پيا ۽ ڪنڌ هيٺ

۳- هڪڙي رات بي تات، ٽيـن منگـان ٽـي ڏات
چوٿين ٽي پرڀات، پنجون سڌ سچڻ جـا پيئي سڻان

۴- هڪڙو مـوه . ٻـي ممتا، ٽيون ٽيئُون لڄـا ٽيئـي
چوٿون پنڌ پڇان پيئي، پنجون ڍر پنهنجي ڪـي شال وٺان.

اهڙيءَ طرح ڪنهن مهل پڇن ٿاهين ته ڪنهن مهل پريوءَ جو ڌيان لڳائين لائين سارو ڏينهن اُتي أي وينا رهيا.

هوڏانهن ماتا ڪرشنا مهاراج جن جي اچڻ جـو انتظار ڪري ٻاهر دروازي تـي ٻيهي بازار ڏانهن نهارڻ لڳي. انتظار ۾ ڪلاڪ ڏيڍ گذري ويو پر مهاراج جن گهر ڪين آيا. ان بعد ماتا دڪان تي اچي ٽهلرام کي چوڻ لڳي ته پٽ، اڄ ٻه ٻاڻهين اسڪول مان روٽي کائڻ ڪونه آيـو آهـي. مٿان اچـي هڪ ڏيڍ لڳو آهي، سو وڃي اسڪول مان ونـي اُچينس. ڀائي ٽهلرام دڪان بند ڪري وڃي اسڪول ۾ ماسٽر کان پڇا ڪئي. ماسٽر ڀائي ٽهلرام کي چوڻ لڳو ته مرن اوهان جي ڀاءُ کي ڇٽي لکي ڏيئي ڇيو ته ويهي اکر پڪا ڪر. پوءِ ته مان ٻين ڇوڪرن کي پاڙهڻ ۾ لڳي ويس. ان کانپوءِ خبر ڪانهي ته ڪيڏانهن ويو. اتـي هڪڙي ڇوڪري خبر ڪئي ته سائين مون ڏٺو ته صبوح جـو ڇٽي کڻي اَلائي ڪيڏانهن ڇڏي ويو. ڇوڪري جـي ڳالهه ٻڌي ڀائي ٽهلرام سڌو ٻائـي ٺاڪر گر جي باغ ۾ اچي مهاراجن کـي ڳولڻ لڳو. مهاراج جن کي اُتي نه ڏسي وري ٻين باغن ۾ ويو، پـر ڪٿي به پتو ڪونه پيو. آخر نراس ٿي موٽي گهر اچي ماتا کي ساري ڳالهه ڪري ٻڌايائين. ماتا ۽ ٻيا گهر جا ڀاتي چنتا ۾ پئجي ويا. ايتري ۾ يڪيت چيلارام گهر آيو ۽ سيٺـي کي چنتا ۾ ڏسي پڇڻ لڳو تـه اَڄ ڇو ڪرو گهر ڪونه آيو آهي ڇا؟ ماتا ڪرشنا اکين ۾ ٻاڙي آڻي چيو ته اڄ ٻه اچا ڪرنه آيو آهي. ڀاڻس کي ڳولڻ لاءِ موڪليم پر ڇوڪري جو پتو اچا ڪونهي.

ستگور مهاراج جن جي اوستا ٻارهن ورهين جي ٿي تڏهن تاريخ ۱۳ آکاڙ، سنبت ۱۹۵۴، تٿي پورن ماسي، برابر ٦ جولاء سنہ ۱۸۹۷ع، ڀڳت چيلارام جي گهر پنجين پتر سوامي گوال رام جــو جنم ٿيو. بالک جي ڏوُم ڌام سان ڇٺي ڪئي ويئــي. مهراج گرڌاري لال بالک جــون ريکائون ڏسي چيو ته هـــي بالک بہ وڏو هري ڀڳت ٿيندو.

بالک گوال لال جو سڀاءُ بہ ننڍڙي هوندي کان ئي نرمل ۽ سانتيڪو هوندو هو. اِنڪري سارو گهر سرڳ سمان ٿي پيو.

دوهرو- آگياڪـاري پتـر هـو، پتورتـا هـو نـار

ڌن سچ ڪا، سنتوش من، چار سرڳ سنسار.

ارٿ:- جنهن گهر ۾ پتر آگياڪاري، استري پتورتا، ۽ ڌن سچ جي ڪمائيءَ جو آهي؛ جتي من ۾ سنتوش ۽ شانتي آهي، اُتي اُنئي ڀهر سرڳ آهـــي؛ يعني اُتي سک آنـنـد سان وقت گذري ٿو.

پر جتي اِنهن ڳالهين سان گڏ ستسنگ ۽ هري ڀڄن هجي، تہ اُهــو گهر وري مها سرڳ بڻيو پوي. سو ڀڳت چيلارام جن جي گهر اِهي سڀئي ڳالهيون موجود هيون، ۽ ڀڳوان جـــي ديـا سان چار ئي پدارٿ پراپت هئا.

هڪ ڀيري، سنت ٻڌ پوري سنياسي لاڙ جي پاسي جــو تنبوُري تي ڀڄن ڪندو گهمندو گهمندو ڪنڊوُءَ ۾ ڀڳت صاحب جن جي آستان تي آيو. ستگرو مهاراج سنت کــي ڏسي خوش ٿي، وڏي آدر ستڪار سان سنت جي شيوا ۾ لڳي ويا. منجهند جو سنت آرام ڪري اُٿيو، تہ پاڻي پي تنبوُرو کڻي وينو ڪيرتن ڪرڻ. ستگورو مهاراج بہ کنجهيون کڻي وينا وڄائڻ. سنت اهڙو تہ پريم سان ڪيرتن ڪيو، جــو شهر جا ڪيترا ماڻهو ڀڄن ٻڌڻ آيا ۽ برابر بہ ڪلاڪ ڪيرتن جي موُج ورتائون. وري رات

ڪري ڏيهي رهيا. ماتا کين ٻانهن کان وٺي پنهنجي گود ۾ وهاري پڇڻ لڳي، پٽ ڪالهه سارو ڏينهن رات ڪٿي هئين؟ روٽي ڪاڏي کاڌي؟ ايترو چئي ماتا کي اکين ۾ پاڻي اچي ويو. مهاراج جن اصل چپ رهيا ۽ ڪجهه نه ڇيائون.

ڀڳت صاحب سموري حقيقت پنهنجي ڌرم پتنيءَ کي ٻڌائي. ماتا ڪرشنا ڀڳت صاحب کي وينتي ڪئي ته اڳتي ڇوڪري کي اسڪول نه موڪلجي.

ٻئي ڏينهن صبوح جو ڀڳت چيلارام، مهاراج جن کي سڏي پريم سان چيو ته پٽ! اڳتي تون گهر رهه، پريم سان سنتن مهاتمائن ۽ مسافرن جي شيوا ٽهل ڪر ۽ گهر جو پاڻي ڀر. اِها اسان جي آڳيا آهي. ٽهلرام پاڻهي دڪان جو ۽ ڳائين جو ڪم سنڀاليندو. مان باغ ۽ ٻنيءَ جي سنڀال تي ٿو وڃان. پتا جي آڳيا انوسار ستگور مهاراج سنتن ۽ مهاتمائن جي شيوا ۾ لڳا رهيا ۽ کوهه تان پاڻي به ڀريندا رهيا. پنگهاڻي کوهه تي پاڻي ڀرڻ ويندا هئا ۽ دلا رکي نار هلائيندا هئا. اوڏي مهل جيڪڏهن ڪنهن جي ڪا مائي يا ڪو ڀائي کين چوندو هو ته ڇوڪرا نار کي ٻه ٽي ڦيرا ته ڏج ته اسين به پاڻي ڀريون ته پريم سان پيا نار هلائيندا هئا. جيستائين سڀيئي پاڻي ڀري وڃن. پوءِ پنهنجو پاڻي ڀري گهر ايندا هئا. پاڻي ڀري وري اچي سنتن جي شيوا ۾ لڳي ويندا هئا. سنت رسوئي ڪري آرامي ٿيندا هئا ته پريم سان کين پنکو هڻندا هئا. سنت جڏهن آتم پاٺ ۾ روح رهاڻ ڪندا هئا ته اهي ڌيان سان ويهي ٻڌندا هئا. شام جو سنتن کي گهمائي سج لٿي واپس اچي ستسنگ لاءِ آسڻ وڇائيندا هئا.

ڀڳت چيلارام جن اچي ستسنگ ڪندا هئا. ڪيترا شهر جا پريمي اچي ستسنگ ٻڌندا هئا.

اهڙي طرح هر روز سنتن مهاتمائن جي شيوا ڪندي جڏهن

ستگرو مهاراج به نت نيم سان گهر جو پاٺي پُوري ڏاڍي پريم ۽ شرڌا سان سنتن مهاتمائن، مهمانن ۽ مسافرن جي شيوا كندا رهيا ۽ جيكو وقت شيوا كان بچندو هو سو كڏهين باغيچي ۾، ته كڏهين درياه جي كناري تي، يا شمشان ڀومي ۽ قبرستان ۾ ويهي ايكانت ۾ نام جو اڀياس كندا هئا. كڏهن ته ويهي ڀڄن ڳاهي ڳائيندا هئا. اهڙيءَ طرح، سنتن جي شيوا ڀڄن كندي، ستگرو مهاراج جن جي اوستا سورهن ورهين جي ٿي ته ڀڳت چيلارام جن جو سرير ڀلو ٿيڻ لڳو ۽ تاريخ ١١ كتي سنبت ١٩٦٠ تي ڀڳت صاحب سڀني ستسنگين ۽ پريمين كي گهرائي چيو ته آبا تاريخ ١٧ كتيءَ جي پرڀات جو ٤ بجي اسين هيءُ ديهه روپي جُونو گهر تياڳي، پنهنجي اَمر اَبناسي گهر ڏانهن ويندا سون. هن شرير جي ياترا اَچي پوري ٿي آهي. جنهن كم لاءِ هن سنسار ۾ آيا هئاسون، سو پورو كري چكا آهيون. تنهنكري اوهان كوئي خيال نه كجو. توهان به جنهن كم لاءِ آيا آهيو، سو پورو كري اَچي اسان سان ملجو. باقي ڇهه ڏهاڙا، اوهان سڀ ستسنگي، جيكي سنت مهاتمائون هتي رهيل آهن، تن سان ملي رات ڏينهن ستسنگ جي موج مچايو، ۽ ٿهلرام سان ملي ٻاهرين سنتن ساڌن ۽ مٺن مائٽن كي چٺيون لكي گهرايو؛ ته پڇاڙيءَ جو اچي درشن ميلو كن.

اِها ڳالهه ٻڌي ستگرو مهاراج، ستسنگي ۽ گهر جا ڀاتي گهبرائجي ويا پر پوءِ ٿهلرام سان ملي سڀني سنتن مهاتمائن ۽ مٺن مائٽن كي چٺيون لكيون ويئون. ٻن ٽن ڏينهن ۾ اچي سڀئي گڏ ٿيا. ڀنڊارو ۽ ستسنگ برابر ١٥ تاريخ تائين، ٥ ڏهاڙا هليو. تاريخ ١٦ سڄو ڏينهن ۽ رات ستسنگ جي موج لڳي. رات جا ٻه لڳا ته ڀڳت چيلارام جن موكلاڻيءَ جو اِشارو ڏنو. چوڻ لڳا ته هاڻي پڇاڙيءَ جو اوهان كي اِهائي آشيرواد ٿا ڏيون ته اوهان جو

جو ٻه سنت ڏاڍي پريم سان تنبوُري تي ستسنگ ڪيو. اهڙيءَ طرح ستگرو مهاراج پريم سان سنتن جي شيوا ڪندا رهيا، ۽ هريءَ پڄن ۾ مگن رهندا هئا. ٻارهن ورهين جا ٿيا ته ڪين وڏيءَ سان جٽيو پاٺو ويو. ستگورو مهاراج تيرهن چوڏهن سالن جا هئا جو سائين آسوُرام صاحب جن ڪنبڙُءَ جي اسڪول ۾ هيڊ ماستر ٿي آيا. ڀڳت چيلارام جن جي شيوا ۽ پريم جي هاڪ ٻڌي آستان تي آيا. ڀڳت صاحب سائين آسوُرام جن ڪي آدرستڪار سان آسڻ تي وهاري، پريم ۽ شرڌا سان سندن شيوا ۾ لڳي ويا. سائين آسورام صاحب اُن وقت ۽ وري رات جو ڏاڍيءَ موج سان ستسنگ ڪيو. سندن پريم ۽ اُنيڙ وارو ستسنگ ٻڌي، ڀڳت چيلارام جن کين پرارٿنا ڪئي ته ڪرپا ڪري، روزانو هتي اچي، پنهنجي مڌر وچنن جي اَمرت ورکا ڪندا ڪريو، جو اسان کي ۽ ستسنگين کي ڏاڍو آنند اچي رهيو آهي. اِها پرارٿنا سائين آسورام جن سويڪار ڪئي ۽ روزانو ڀڳت صاحب جي آستان تي ستسنگ ڪرڻ ايندا هئا. ستگورو مهاراج جن به وڏي چاهه ۽ ڌيان سان ستسنگ ٻڌندا هئا. هڪ رات سائين آسورام جن ستسنگ ۾ به ستگرو ڪرڻ جي وارتا هلائي. سنتن چيو ته ستگروءَ کانسواءِ آتما جو ساکيات ڪار ڪين ٿيندو ۽ ديهه ڌاري ستگرو ڪرڻ بلڪل ضروري آهي. ستگرو برهم نيشٺي ۽ برهم سروتري هجي، يعني ڪيس شاسترن جو به گيان هجي ۽ پنهنجي آتما ۾ به نيشٺا هجي. اهڙي گروءَ جي سنگ سان جگياسوءَ جو جلد اُڌار ٿئي ٿو. اِها ڳالهه سنتن پڄن ۾ درشٽانت پرماڻ ڏيئي سڌ ڪئي. اِها وارتا ساريءَ سنگت ٻڌي. ٻئي ڏينهن سوامي آسورام صاحب کان وڏيءَ اُنوسار نام جو اُپديش وٺي ڪين ستگرو ڪيو. ماتا ڪرشنا ۽ ڀڳت چيلارام جن به ڏاڍو پرسن ٿيا. سوامي آسورام صاحب جن اسڪول جي ڪم کان فارغ ٿي هرروز اچي ستسنگ ڪندا هئا.

۴- چوي چيلو سندر ويلو ٿئي — مليو مانش جنم سهيلو ٿئي
هٿ گهڙي پلڪ جو ميلو ٿئي -
وٺ ساٿ سنگت جو لاڙو ٿــون.

هن ڀڄن ۾ مهاراج جن پنهنجي پتا کــي عزت ڏيــڻ لاءِ ڇڏهن سندن نالو وجهي ڳائي بس ڪيو، تڏهن سڀئي ستسنگي ڏاڍو خوش ٿيا. تنهن کانپوءِ ڀڳت، چيلارام جن هٿ جوڙي ساري سنگت کان موڪلايو. پوءِ پٽ تي آسڻ وڇائــي سڀهي پيا ۽ مٿان چادر پائي ”شووهم“ ڌني لڳائي. ڀڳت چيلارام جن پوري ڇهين ۾ پرياڻ جو پرلوڪ پڌاريا. ٻارهــي بعد، ٿهلرام مهاراجن کي ڇيو تہ هينئر دوڪان ۽ گهر جو ڪم تون سنڀال. مان ٻنين ۽ باغن وغيره جي سنڀال ڪندس. ستگورو اُئين ئـي ڪرڻ لڳا. رات جو ستگرو مهاراج جن ٿلهي تــي ويهي ستسنگ ڪرڻ لڳا. اڳي ۾ ڪڏهن بہ اُئين ڪلي طـرح ستسنگ ۾ ويهي ڪونہ ڳائيندا هئا. هاڻي پاڻ ستسنگ ۾ ڳائڻ لڳا. ستگرو مهاراج يڪتاري تـي ڳائيندا هئا. ڀائي آسورام سونارو ۽ ٻيــا ستسنگي دلا ڪرتــال ڪنجهيون ۽ ڏنبا وڄائيندا هئا. هر روز رات جـو ستسنگ جي اهڙي تہ موج مچندي هئي جــو سارو ٿلهو تہ خلق سان ڀرجي ويندو هو، پر ساري بزار بہ ڀرجي ويندي هئي. هڪ تہ ستگرو مهاراج جن جو آواز هوندو هو تمام مٺي، مٺو ۽ سريلو، ٻيو وري ستسنگ ۾ چوندا هئا پنهنجا ناهيل ويراڳ ۽ مستيءَ ڀريا ڀڄن؛ سو ڪيترائي پريمي ڪم ڪاريون ڇڏي اچــي سوامي جن جا ڀڄن ٻڌندا هئا.

جيڪي ڇوڪرا ننڍي هوندي ستگورن سان رانديون ڪندا هئا، سي بہ نت نيم سان ستسنگ ۾ اچــي شامل ٿيندا هئا، ۽ سويل صبوح جــو اچي مهاراج جن سان گڏجي پاڻي ڀريندا هئا. تنهن کانپوءِ سنتن جي شيوا ڪري وڃي پنهنجي پنهنجي ڪم

چت سدائين نام، پر اُپڪار ۽ آتم چنتن ۾ لڳو رهي، اوهان جو ٻارڻ ۾ پريم ۽ پيار وڌندو رهي. ستسنگ منڊليءَ کي مچائيندا رهجو. اِها ڳالهه ٻڌي سڀ پريمي ۽ ستسنگي اکين مان جل وهائي چوڻ لڳا ته هي سوامي، اسان کي ڪنهنجي آسري تي ڇڏي ويو؟ اسان کي پنهنجو ڪوئي عيوضي ڏئي وڃو جنهن جو آڌار وٺي، اسين هن ڀؤ ساگر مان تري پار پئون. ايترو چئي، سڀ ستسنگي روئڻ لڳا.

پريمين جي اِها اَرداس ٻڌي، ڀڳت چيلارام جن ستگرو ٽيئُون رام جن، جي سندن پير ۾ ويٺا هئا، تنکي ٻانهن کان وٺي، ستسنگين کي چيو ته، ”هيءَ ٻانهن اسان اوهان کي پنهنجي بدلي ۾ ڏيئي ٿا وڃون. هيءُ توهان جي من جي هر مراد پوري ڪندو. ستسنگي چوڻ لڳا ته پريو، اسانکي ڪيئن وشواس اچي ته هي ٻالڪ توهان جون سڪون لاهيندو. تنهن تي، ڀڳت صاحب مهاراجن کي چيو ته اَٻا، سنگت کي هڪ ڀڄن ڳائي ٻڌاءِ.

ستگرو مهاراج جن هيٺيون ڀڄن ڏاڍي پريم ۽ درد ڀري آلاپ ۾ ڳاتو:


راڳ ٽوڙي ڀڄن

ٿل- رهي رام نام ڪسان نيارو تون - ڇو جنم وڃائين سارو تون

١- ڇو ڀوڳن سان دل لائين ٿو - من مايا ساڻ ملائين ٿو
ڇو کوٽا ڪرم ڪمائين ٿو - ڪر پريو ءِ کي ته پيارو تون

٢- ڇا تو آندو ڇا نيندين اَدا - سڀ ماڙيون محل ڇڏيندين اَدا
ڪجهه ساڻ ڪٽي نه ويندين اَدا -
ڪر ايڏو ڪين پسارو تون

٣- هي جُڳو سڀ جنسار اَٿي - سڀ مطلب جو پرِوار اَٿي
سچو ساڪي سرجڻهار اَٿي - جهي ٻانهن موڪيه ڌوارو تون



سچو سودو نام جو

۾ لڳندا هئا. ستگرو مهاراج جن ٻه گهر جو ڀاڙي ڀري، سنتن جي سيوا ڪري، ٻيءَ وڃي دوڪان کوليندا هئا. پر ڇت جا اهڙا اڌار هئا، جو جيڪو دوڪان تان سؤدو وٺڻ ايندو هو، تنهن کي شيون خريدي اڳهه ۾ ئي ڏيئي ڇڏيندا هئا. ساڌن، فقيرن کي ته بنا تور تڪ جي، جيڪي گهرندا هئا، سو ڏيندا هئا. اوڌر ڀاڌر لکندا ئي ڪونه هئا. جي ڪوئي پاڻيهي پيسا ڏيئي وڃي ته واهه، نه ته سڪه، ڪنهن کان گهرندا ڪونه هئا. ڪو ساڌ سنت اچي نڪتو ته گراهڪ کي ڇڏي ٻه ويهي اُن سان رهاڻ ڪندا هئا. گراهڪ کي چوندا هئا ته جيڪي آندو اٿيئي سو ڳڻي ۾ رکي، جيڪي کپيئي سو پاڻ توري کڻي وڃ. پاڻ ڏانهنس نهاريندا ٻه ڪونه هئا.

ڇهه ست مهنا گذريا. ساري شهر ۾ ڦهلجي ويو ته ڀڳت چيلارام جي دوڪان تي هرڪا شيءِ سٺي ۽ سستي پيئي ملي. يعني ته تور تڪ جو حساب ٻه ڪونهي. اوڌر ٻه ڏي پيسا نه ڏي. ائين گراهڪ وڌي ويا. فقيرن جو تعداد ٻه وڌي ويو. آخر، ڪن وڃي ٽهلرام جا ڪن ڀريا ته ڀاڻهين دوڪان تي لٽائي ڇڏيو اٿيئي. ٽهلرام جاچ ڪئي. ڳالهه ته سچي هئي. ڪيس ڪاوڙ لڳي، ۽ وڃي ماتا ڪرشنا کي چيائين ته جهڳي جي ڪا خبر ٻه اٿيئي ته دوڪان ڪيئن پيو هلي. تنهنجو ڀڳت پٽ سدا ورت لڳائي ويٺو آهي. دوڪان لٽي، سڀ ڪري ڇڏيو اٿس. فقيرن جا ٽولا ويٺا ئي ويٺا اٿس. اوهان کي جي ڀڳتي ڪرڻي آهي ته ٻئي ماءُ پٽ وڃي ٽڪاڻي ۾ ويهو.

ماتا ڪرشنا ٽهلرام کي ڪاوڙيل ڏسي چوڻ لڳي، پٽ، تون ڪو خيال نه ڪر. ڀڳت کي ڪجهه نه چئج. مان کيس پاڻيهي سمجهائي ڇڏينديس. تون دوڪان تي مال جاچي ڏس ته ڪيئن آهي. ٽهلرام دوڪان تي وڃي سمورو مال نظر مان ڪڍيو ۽ دل

۾ ويچار ڪرڻ لڳو تہ مال تہ وڌيڪ بلڪ پيٺو نيٺو نظر پيو اچي. ڪٿي اوڌر تي تہ مال ڪين وٺي آيو آهي. مهاراج جن ڪان پڇڻ لڳو تہ هيترو مال پئسا ڏيئي وٺي آيو آهين يا ڪنهن وٽان اوڌر تي آندو اٿيئي؟ مهراج جن مشڪي چيو تہ هيءُ سڀ مال دڪان جي وڪري جي پئسن مان ئي آندل آهي؛ اوڌر هڪ پائي بہ ڪنهن وٽان ڪانہ ورتي اٿئون. ستگرو مهاراجن جا اهي وچن ٻڌي، ٺهلرام حيرانيءَ ۾ پئجي ويو تہ سدا ورت هلائيندي بہ ڪو نقصان ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي. چيائين ها ٺي جيئن وڻيس تيئن پيو دوڪان هلائي.

ستگرو مهاراجن بلڪل ساڳئي نموني دوڪان جو ڪاروبار هلائيندا رهيا. سنتن جي شيوا ۽ ستسنگ بہ ڪندا رهيا. اهڙيءَ طرح ڪجهہ وقت گذري ويو ۽ جيئن پوءِ تيئن ستگرو مهاراجن جو چت ڀڳتي، ويراڳ ۽ نام جي ڌيان ۾ وڌندو رهيو.

روز شام جو ٥ بجہ دوڪان بند ڪري، درياهہ جي ڪنٺي تي وڃي ايڪانت ۾ ويهي سماڌي لڳائيندا هئا. جنهن مهل سماڌي کلندي هئن، تنهن مهل ويهي ڀڄن ڳاهيندا هئا. سڄ لٿي گهر اچي آسڻ وڇائي، ستسنگين کي چوندا هئا تہ دلا يڪتارا ۽ ساز ڪڍي اچو تہ ستسنگ ڪريون. ستسنگي ساز ڪڍي ايندا هئا ۽ ستسنگ شروع ٿيندو هو. ٻهرين ڪلاڪ ڪن ٻيا مهاتمائون ستسنگ ڪندا هئا، ۽ پوءِ ستگرو مهاراجن پنهنجي موج مچائيندا هئا.

سوامي گوالالال جن، ڀائي ڀالؤرام ۽ ٻيا پريمي مهاراجن کي پنيان ڳارائيندا هئا. لائين، ستسنگ جي رونق وڌندي ويئي.

هڪ ڏينهن سڀيئي ستسنگي ۽ آتمانند، پرمانند، منگهن رام، اوم پرڪاش، لالورام، ڀالورام، ريجهورام، ٺاڪورام، آسورام سونارو ۽ رامون مل اچي مهاراجن کي هٿ جوڙي چوڻ لڳا تہ،

سو اڄوڪي ڏينهن ۾ ئي ٻڌرائي ڇڏيو، نہ تہ، قاعدي جي ڪارروائي ڪئي وينديءَ. ايترو چئي، تپدار هليو ويو. سڄ لٿي مهل ستسنگي آيا تہ مهاراڄن ڪين سموري حقيقت کان واقف ڪيو، ۽ ڪانئن سندن رايو پڇيو. ستسنگين هٿ جوڙي چيو تہ، هي پريون، چئو تہ انهيءَ بابت ۾ مکيءَ سان ڳالهايون يا نون هالن جي مختيارڪار کي درخواست ڪريون. ستگرن چيو تہ هينئر ستسنگ جي مهل ٿي آهي. ساز ڪڍي اچو تہ ستسنگ شروع ڪريون. ستسنگ بعد اوهان کي ٻڌائيندا سون. ستسنگ پوري ٿيڻ تي، پريمين کي سڏي چيائون، تہ مکي ۽ ڪي پنڄ ٻہ تپدار سان ساڻ آيا هئا. ونن وچ جو ڪو ضرور ڪونهي. اوهين ڪوئي خيال نہ ڪريو.

ٻئي ڏينهن، صبح جو ستگرو مهاراڄن ١١ بڄہ درياہ تان اشنان پاڻي ڪري، موٽي گهر اچي ڏسن تہ ٽلهو ٻڌو پيو آهي، ۽ ماتا ڪرشنا در تي بيٺي نهاري. ماتا کان پڇيائون تہ ٽلهو ڪير ڏاهي ويو. ماتا چيو تہ پٽ، تنهنجي وڃڻ ڪانپوءِ، تپدار، ٻن ٽن پنڄن کي ساڻ ڪري، ٧-٨ مزور وٺي آيو ۽ ٽلهو ڊهرائي ويو. مون گهڻوئي منع ڪئي مان، پر هنن منهنجي هڪ بہ نہ ٻڌي. ماتا جي اها ڳالهہ ٻڌي، ماتا کي چيائون تہ ڪائي چنتا نہ ڪريو. پوءِ پاڻ وڃي دوڪان کوليائون. ٽلهي ڊهڻ جي خبر ساري شهر ۾ پکڙجي ويئي. شام جو سيئي ستسنگي ستگرو مهاراڄن کي پيرين پئي چوڻ لڳا، تہ هي پريون، ٽلهو تہ ڏاهي ويا، هاڻي جتي آگيا ڪريو اتي ستسنگ لاءِ آسڻ وڇايون. چيائون تہ اَبا، ان جاءِ تي ئي سرون پري ڪري پٽ سنئون ڪري فراس وڇايو. اِها آگيا پائي، ستسنگي ١٠-١٥ منٽن اندر، پٽ سنئون ڪري، فراس وڇائي، ساز ڪڍي آيا. پوءِ ويهي ستسنگ شروع ڪيائون، ۽ هيءُ نئون پڇن ناهي ڳائڻ لڳا.

هي پريؤ، هيءُ ٽلهو ستسنگ لاءِ ڏاڍو ننڍو آهي. آگيا ڏيو ته ٽلهي کي ٻزار جي پاسي ٿورو وڌايون. ستگرو مهاراڄ فرمايو ته، ”اَبا، جيئن اوهان جي مرضي؛ ڀلي ٽلهو وڌائي ڇڏيو.“

سيٺي ستسنگين پاڻ ۾ ملي صلاح ڪئي ته ڏينهن جو هرڪو وڃي پنهنجو پنهنجو ڪم ڪري، باقي رات جو ١٠ بجه ستسنگ سماپت ٿيڻ بعد ٽلهي جو ڪم شروع ڪيو وڃي. ٽلهي لاءِ گهربل سامان وغيره ڪٺو ڪري رکيو ويو. رات جو ١٠ بجه ستسنگ سماپت ٿيڻ ڪانپوءِ، اٽڪل هڪ سؤ ڪسن پريمي ملي، ٽلهو ٺاهڻ لڳا. ستگرو مهاراڄ ڀي ڏسڻ لڳا. ڪلاڪ ڪن ڪانپوءِ سيٺي ستسنگين ستگرو مهاراڄ کي چيو ته ڪرپا ڪري، اوهين وڃي آرام ڪريو. اسين ٽلهو تيار ڪري، اوهان کي سڏ ڪنداسون. مهاراڄ وڃي آرامي ٿيا. ساري رات ڪم ڪري، پرڀات جو ٥ بجه ڌاري ٽلهو ٺاهي ستسنگين وڃي مهاراڄ کي هٿ جوڙي چيو ته ، پريؤ، ٽلهو تيار آهي؛ ڪرپا ڪري هلي ڏسو. ستگرو مهاراڄ ٽلهو ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا ۽ سيٺي کي آسيس ڪري چيائون ته اَبا، هاڻي اِشنان ڪري، روٽي کائي پوءِ پنهنجي جاءِ تي وڃجو. اِئين ئي ٿيو. ستگرو مهاراڄ ٻه لوٽو کڻي، درياهه جي ڪناري تي ايڪانت ۾ ڌيان مان اُٿي جاءِ تي آيا. صبوح جو، ماڻهو نئون ٽلهو ڏسي، اَچرج ۾ پئجي ويا، ۽ سوچڻ لڳا ته هيءُ ٽلهو راتو رات ۾ ڪيئن نهي تيار ٿيو. ڪي پريمي ته ڏاڍو خوش ٿيا، پر ڪن کي ايرکا سبب ڳالهه ڪين وڻي. تن وڃي شهر جي مکيءَ، پنچن ۽ تپدار کي چيو ته ، سنتن بي قاعدي ٽلهو نهرايو آهي، جنهن ڪري بازار ۾ سوڙهه ٿي پيئي آهي؛ سو هلي روبرو ڏسو. ٻه-ٽي مکيه پنچ ۽ مکي، تپدار سان گڏجي، ٽلهو ڏسي هليا ويا. جڏهن ١١ بجه ڌاري مهاراڄ دوڪان کولي اچي ويٺا، ته تپدار اچي کين چيو ته توهان هي ٽلهو بي قاعدي نهرايو آهي؛

ستسنگي ستگرو مهاراجن کي پيرين پئي پنهنجي پنهنجي گهر ويا. صبوح ٿيڻ سان ستگرو مهاراجن گهر جي ساري شيوا پوري ڪري، درياهه جي ڪناري تي وڃي ايڪانت ۾ ويهي ڀڄن ڪرڻ لڳا. هوڏانهن ڀائي ٺهلرام به ڀڄن تي هليو ويو. پر ڪنهن ڪم سبب ٨ بجه اُئي گهر موٽي آيو. ڏسي ته دڪان جي ٻاهران فقيرن جون ٽوليون ويٺيون آهن. گراهڪن ڪيس چيو ته اوهان جو ڀڳت ڀاءُ دڪان تمام دير سان ٿو کولي، جنهن ڪري اسان کي ڏاڍي تڪليف ٿي ٿئي. توهان ڀڳت کي سمجهائي ڇڏيو ته آئينده دڪان صبح جو سوير کولي، ۽ شام جو ٧ بجه تائين کليل رکي. گراهڪن جي دانهن ٻڌي، ٺهلرام ڏسرجي گهر آيو ۽ اچي ماتا ڪرشنا ·کي چوڻ لڳو ته، ڀڳت دڪان ١١ بجه ٿو کولي ۽ شام جو ۴ بجه بند ٿو ڪري، ڪيڏانهن ٿو وڃي ۽ ڇا ٿو ڪري؟ ائين ته دوڪان جو ڪم ڪيئن هلي سگهندو. مان جي هن کي چوان ٿو ته اوهان سدائين سندس پاسو ٿا کڻو. اڄ شام جو انهيءَ ڳالهه جي صفائي ڪبي. ايترو چئي ٺهلرام هليو ويو. هوڏانهن ستگرو مهاراجن ١١ بجه اچي دوڪان کوليو. اول فقيرن کي ۽ پوءِ گراهڪن کي سؤدو ڏيئي روانو ڪيائون. ايتري ۾ ماتا ڪرشنا به دوڪان تي آئي ۽ اچي مهاراجن کي چوڻ لڳي ته اٻا، هاڻي ڀاڻهين ٺهل دوڪان بند ڏسي اچي مون تي ڪاوڙيو. تنهن ڪري تون دوڪان صبح جو سوير اچي کوليندو ڪر ۽ شام جو ستسنگ جي مهل کڻي بند ڪندو ڪر، جنهن ۾ هوءُ به راضي رهي. ماتا جا اهي وچن ٻڌي، ستگرو مهاراج هٿ جوڙي چوڻ لڳا ته هي ماتا، جي سچ ڪري پڇو ته هاڻي منهنجو چت، هن وهنوار ۾ ٻنهه نٿو لڳي. مرضي آئُر ته ڪٿي ايڪانت ۾ وڃي پربوءَ جو ڀڄن ڪريان. وري به جئن توهان آگيا ڪريو تئن ڪريان. ماتا چيو ته چڱو، شام جو ٺهل گهر اچي ته صلاح ڪنداسون. ايترو چئي ماتا گهر هلي وئي.

راڳ لوڙائو پيروي

ٽل- تون سرؤ ويـاپڪ آهين - ڪٿــي ڇــوان تون ناهين
۱- ڪاٿي پــوڳ وشيه کي يوڳين - ڪــاٿي جوڳ ڪمائين
ڪاٿي مون ڪرين تــو موني - ڪاٿي هر گــن ڳـائين
۲- ڪاٿي نــاڪر ٻڌجــي ويٺين - ڪاٿــي يوڳ لڳــائين
ڪاٿي ديول مڙهيون پــوڄين - ڪاٿي منـدر ڏاهيــن
۳- ڪاٿي در در ٻيک منگين تو - ڪاٿي شاهـــ سڏائين
ڪاٿي نوڙت نياز ڪرين تــو - ڪاٿــي حڪم هلائـــين
۴- ڪاٿـــي نيارو تــي نهڪرمي - ڪاٿي ڪــرم ڪمائين
ڪاٿي پــرگهٽ پاٺ ڪرين تو - ڪاٿي پــاٺ ڇپائين
۵- ڪاٿي گياني گـــروتي ويٺين - ڪاٿي چيلو چوائين
ڪهي ٽيئون هر رنگ روپ تي - نـانـا کيل کيلائين.

سنگت پڙهن سٽي، پريم ۾ مگن ٿي ويئي. ستسنگ کــان پوءِ ساري سنگت ستگرو مهاراجن کي چوڻ لڳي ته آگيا ڪريو ته وري رات ئي رات ۾، ٿلهو نـــاهي تيار ڪري ڇڏيون. تنهن تي ستگرو مهاراجن فرمايو، ته اَٻا، جيڪا اوهان جي مرضي. ٿلهو راتو رات وري ٺهي ويو.

ٻئي ڏينهن شام جو چار پنچ ۽ تپدار، ڳڌجــي مهاراجن جي دوڪان تــي آيـــا. پنچ مهاراجن کــي چوڻ لڳا تـــ تپدار ٿلهو ڀڄرائي ويو هو ۽ اوهان وري ڪٺي ٺهرايو. انهيءَ لاءِ هوُ اسان کي وٺي آيو آهي ته اسين اوهان کــي سمجهايون، اهو ڪم نيڪ نه آهي. ڪرپا ڪري ٿلهو ڀڄرائــي ڇڏيو، نه ته اَجايو بکيڙو ٿي پوندو. سوامي جن کو جواب ڪونه ڏنو. ڪين وهاري، جل پان ڪرايائون. پوءِ ته هـوُ هليا ويا. رات جو ستسنگين کي سمورو قصو ٻڌايائون. هنن چيو ته سائين، ٿـلهو ٺهيو پيو هجي. جي ڪٺي هوندو تــي ڇڙهيا ۽ ڍاهي ڇڏيائون ته وري نـــاهڻ ۾ ڪهڙي ويرم لڳندي. صرف اوهانجي آسيس گهرجي. سوامي جن مڃڪي چيو جيئن اوهان جي مرضي.

باغ شهر کان ميل کن دور هو ۽ ٻنهي وري باغ کان ميل کن پري هيون. ستگرو مهاراج سدو باغ ڏانهن ويا ۽ ٻينڪ ۾ وڃي ويٺا. مهاراج سيٺ کي چيو ته اڄ مان توهان وٽ رهي ڪم ڪندس. توهان هاڻي پنهنجي پنهنجي ڪم جي سنڀال ڪريو. مون کي ٻه هڪ گليل ڏيو ته مان ٻه تو هڪ پاسي وڃي سنڀال ڪريان. نوڪرن چيو، نه سائين، اسين جو ويٺا آهيون. اوهين ويٺا آنند ڪريو. سوامي جن چيو ته، نه، مان ٻه ڪم ڪندس. آگيا پائي سيٺ وڃي ڪم ڪي لڳا.

ستگرو مهاراج ٻه هڪ وڏي انب جي وڻ هيٺان گوڏي هيٺان گليل رکي پڃن ناهي ويهي ڳائڻ لڳا. رکي رکي پکين جي هڪلڻ جو آواز ٻه پئي ڪيائون ته جڻ سيٺ سمجهن ته پکين کي پيا تا هڪلين. ائين ڪندي ١١ اچي لڳا، ته گوال لال روٽي کڻي باغ ۾ آيو. سوامي جن سيٺ کي سڏي، گڏجي ويهي روٽي کاڌي. شام ٿي، موٽي گهر آيا. آسڻ لڳل هو ۽ ستسنگ شروع ٿيو. باغ ۾ ناهيل پڃن بندا تيري باغ ۾ طوطو، پنهنجي مٺڙي، پريم ۽ ويراڳ ڀرئي آواز ۾ ڳايائون. سنگت ۾ آنند جي لهر ڇانئجي ويئي.

ستسنگ سماپت ٿيو. آتمانند ۽ ٻيا ستسنگي سوامي جن کي چوڻ لڳا ته، سوامي جي، اوهان ته وڃي باغ وسايو ۽ اسين هتي درشن کان رهجي وياسون، پر اسين اتي ٻه ايندا سون.

ٻيو ته پريؤ، ڪلهي لاءِ اڄ وري پڇندن اسان کي چيو ته ٻهرائي ڇڏيو ۽ ڪٿ پت نه ڪريو. سوئي هاڻي جڻن اوهين آگيا ڪريو. اسان ته چئون ٿا ته نه ٻاهجي. مهاراج چيو ته چڱو، جڻن اوهان جي اڇا. پوءِ، سيٺ موڪلائي، گهر ويا. صبوح جو ستگرو نيم پٽاندڙ باغ ڏانهن ويا ۽ وڃي پنهنجي ڪرت کي

رات جو، ستسنگ ڪانپوءِ، ٽهلرام ماتا کي چيو ته ڀڳت کي سڏ ڪريو ته پڇونس ته دوڪان چڱيءَ طرح سان هلائيندو يا نه. ماتا مهاراجن کي سڏ ڪيو. ستگرو ماتا ۽ ٽهلرام کي پيرين پئي، پرسان ٿي ويٺا. ٽهلرام مهاراجن کي چيو ته هاڻي تنهنجي ڪهڙي مرضي آهي؟ چڱيءَ طرح سان ڪم ڪندين يا فقط ڀڳتي ڪندين؟ ٿي ڪلاڪ مس ٿو دوڪان کولين، گراهڪ پيا دانهون ڪن. ٻڌاءِ ته ٻيو سارو وقت ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ دوڪان چڱيءَ طرح سنڀالين ته واهه، نه ته اسين ٻيو بندوبست ڪريون. مهاراجن ڪنڌ هيٺ ڪري بلڪل ماٺ ۾ رهيا. تنهن تي ماتا، ٽهلرام کي چيو ته پٽ، ٽيئون دوڪان جو ڪم برابر چڱي طرح نٿو سنڀالي. انهيءَ ڪري منهنجي مرضي آهي ته هن تي ٻيو ڪو ڪم رک. ماتا جي اِها ڳالهه ٻڌي، ٽهلرام مهاراجن کان پڇيو ته ڀلا، ٻنين ۽ باغيچن جي سنڀال ڪندين؟ مهاراجن جواب ڏنو ته جيئن اوهان چئو. ٽهلرام چيو ته چڱو سڀاڻي کان وٺي تون ٻنين ۽ باغيچن جي سنڀال ڪندين؟ مهاراجن جواب ڏنو ته جيئن اوهان چئو. ٽهلرام چيو ته چڱو سڀاڻي کان وٺي تون ٻنين ۽ باغن جي سنڀال ڪج ۽ گهر جو پاڻي ٻه ڀرج، گوال لعل، سنتن ۽ مهمانن جي شيوا ڪندو ۽ مان دوڪان جو ڪاروبار سنڀاليندس. ڪڏهين ڪڏهين ٻنين ۽ باغن جي نگهباني ٻه ڪري ايندس.

ٻئي ڏينهن، صبح جو سوير اُٿي، گهر جو پاڻي ڀري، ماتا ۽ ٽهلرام کي پيرين پئي، جڏهن ستگرو ٻنين ڏانهن وڃڻ لاءِ تيار ٿيا، ته ٽهلرام کين چيو ته هارين نارين کان چڱيءَ طرح ڪم وٺج. باغ جي مهندارن کي ٻه چڱيءَ ريت ڪم ۾ لڳائج. جيڪي وڻائت اَنب وٺڻ اچن تنکي پريم سان روٽي کارائجو. باغ جي بلڪل ساوڌانيءَ سان سنڀال ڪجو، جئن اَنب نه ڪاڄي وڃن. روٽي توکي هر روز گوال لعل اُتي پيو پهچائي ويندو.

هيئنر سوامي جن جي اِها روزاني ڪار ٿي پيئي. باغ ۾ وڃڻ، اَنب جي وڻ هيٺان ويهڻ، گليلا گوڏي هيٺان ڪري ويهي ڀڄن ٿاهڻ، ڳائڻ ۽ رام کي ريجهائڻ.

هڪ ڏينهن سانجهي ١١ بجي گوال لال روٽي کڻي آيو. هميشه جيان سيئي روٽي کائي وڃي ڪم ڪري لڳا. مهاراجن گوال لال کي چيو ته هيئنر گهر نه وڃ. ڪلاڪ کن آرام ڪري، ڪلاڪ ڏيڍ ستسنگ ڪنداسون. تنهن کانپوءِ ڏينهن به ٿورندو، پوءِ ڀلي گهر وڃج. جي ڀائو ٺهلرام پڇيئي ته چئجانس ته ڏينهن تتل هو، تنهن ڪري باغ ۾ آرام ڪيم. گوال لال چيو جئن اوهان جي آگيا. تنهن کانپوءِ ستگرو مهاراج ۽ گوال لال جن ڪلاڪ ڏيڍ آرام ڪري ستسنگ شروع ڪيو. هڪ يڪتارو مهاراجن پاڻ وڄائڻ لڳا ۽ ٻيو گوال لال کي ڏنائون. مزور، مهندار به ڪم ڇڏي اچي ڀڄن ٻڌڻ ويٺا. ستگرو مهاراجن ڀڄن جي موج ۾ اهڙو ته مستو ٿي ويا، جو ڪائي خبر ڪانه پيئي ته پوين ته شهر ۾ آهيون يا باغ ۾. ستسنگ کان پوءِ مهاراجن گوال لال کي چيو ته هاڻي ڏينهن ٺريو آهي، تون ڀلي گهر وڃ. ايترو چئي گليل کڻي وڃي ساڳئي اَنب جي وڻ هيٺان ڀڄن ٿاهي ڳائڻ لڳا. ايتري ۾ آتمانند سان گڏ شهر جا ١٠-١٥ پريمي باغ ۾ اچي نڪتا. ڏسن ته ستگرو مهاراجن يڪتارو کڻي ڀڄن ويٺا ڳائين. باغ جا مهندار، مزور ڪم ڇڏي ويٺا دلا وڄائين ۽ ڳائين. پکي به باغ جا اَنب کائي ويٺا مٺيون مٺيون ٻوليون ٻولين. رمڻيڪ نظارو هو. سيئي ستگرو مهاراجن کي پيرين پئي ڀڄن ٻڌڻ لڳا. ڪلاڪ ڏيڍ کانپوءِ ستسنگ سماپت ٿيو، ته مزور ۽ مهندار هڪ ٻئي کي چوڻ لڳا ته جلدي ڪريو، اُٿو، پکي باغ جا اَنب اَئي کائي ويا. جي اِها خبر ڀائي ٺهلرام کي پيئي ته اسانجو خير ڪونهي. پوءِ ته سيئي ڊوڙ پائي پکين کي هڪلڻ لڳا.

لڳا. اُن ڏينهن ٽهلرام روئي ڪٽي آيو. سيٺ کي سڏي، روئي ڪارايائين. روئيءَ کان پوءِ ٻيا سڀ هليا ويا، باقي سوامي جن ترسيا.

ٽهلرام ڪين پاڻ وٽ وهاري ڇيو، ڏاڍو سٺو. اُهڙيءَ طرح باغ جي خبرداري ڪبي. ڀڳوان جي ڪرپا سان هن سال ڦل به سٺا لڳا آهن.

ٻي ڳالهه ٻڌ، ٻنيءَ تان به ٿي آيو آهين؟ مهاراجن وراڻيو ته اَڄ ٿي آيو آهيان. سيٺ ٿي تمام سٺي نموني ڪم پيا ڪن. اوهين ڪو خيال نه ڪريو. گرو مهاراج سڀ پاڻ ئي ڪندو. تنهن تي ٽهلرام چيو ته ٻنيون ٿورو پري آهن. توکي ضرور تڪليف ٿيندي. پاڻي هاسارام جي ٻني اسان جي ٻنيءَ ويجهو آهي. هُو ته پيو ويندو. مان کيس چئي ڇڏيندس ته اسان جي ٻنيءَ جي به پيو سنڀال ڪبي. مان ٽئين چوٿين ڏينهن پيو ويندس. تون فقط باغ جي نگهباني پيو ڪبي. ايترو چئي ٽهلرام موٽي دوڪان تي ويو.

شام جي ستسنگ کان پوءِ، سوامي جن آتمانند کي چيو ته سياڻي به يڪتارا هٿ ڪري، باغ ۾ پهچائي وڃ. دلن وڃائڻ وارا اُتي آهن. ڪنهن مهل ويهي پڇن ڪبو.

سياڻي تي يڪتارا باغ ۾ پهچي ويا. ڪيرتن منڊلي لڳي ويئي. سوامي جن بينڪ ۾ ويهي، رسيلي آلاپ ۾، سائينءَ جا گڻ ڳائڻ شروع ڪيا. چقمق جي ڪشش ٿي؛ باغ جا ڪمي ڪاسبي ڪم ڦٽو ڪري، اچي وينا رنگ ۾ رنگ رچائڻ. باغ جو واهي ڀڳوان. سورج ديوتا پنهنجو تيج گهٽ ڪيو. شام ٿي، موٽي گهر آيا. ڏسن ته تلهو ٻڌو پيو آهي. چيائون مڙيو ئي ستسنگ ڪرڻو آهي؛ پٽ تي به چڱو پيو ٿئي. هيئنر ڳالهه کي ڇڏي ڏيو. جنهن ٻڌو آهي، سو ناهيندو به پاڻ.

ڏسي ته اڳئين سال کان ڏيڍوڻو نفعو ٿيو آهي. ايترو فائدو ڏسي، اچرج ۾ پئجي، دل ئي دل ۾ پڇتائڻ لڳو ته اجايو ماتا ۽ ڀڳت کي پئي ڳالهايو اٿم. وڏي ڀل ڪئي اٿم. گهر وڃي، ماتا ڪرشنا کي پيرين پئي ٻڌائڻ لڳو ته ماتا، دڪان ۾ ڏيڍوڻو نفعو ٿيو آهي. مون اجايو اوهان ٻنهي کي پئي ڳالهايو آهي. مونکي معاف ڪريو، پر نفعي جي ڳالهه ڀڳت سان نه ڪجو ۽ دل ۾ رکجو.

ڏهن پندرهن ڏينهن کانپوءِ ڪن ماڻهن وڃي ٺهلرام کي چيو ته توهانجي باغيچي ۾ ساڌو رهيا پيا آهن. سڄو ڏينهن ستسنگ لڳو پيو آهي. ڪم ڪتو ڪري وينا ستسنگ ٻڌن. پنهنجي مرضيءَ تي ڪو ڪم ڪن ته واهه، نه ته بس. سڄي باغيچي جي ميوات پکين ڪائي ناس ڪري ڇڏي آهي. توهان کا خبر به لڌي آهي ته باغ جا ڪهڙا حال ٿيا آهن؟ اعتبار نه اچيو ته اڄ ٢ بجه منجهند جو روبرو باغ ۾ وڃي ڏسجو ته ڪهڙو نه تماشو لڳو پيو آهي. ٺهلرام اهو ٻڌي وڏي ويچار ۾ پئجي ويو. چيائين چڱو، اڄ مان پاڻ وڃي باغ مان گهمي ڦري ايندس. ٻئي ڏينهن ٺهلرام باغ ۾ ويو. پائي ٺهلرام جو آواز ٻڌڻ سان باغ جا مزور ۽ مهندار گليليون ڪڍي، ڊوڙ پائي پنهنجي پنهنجي جاءِ تي بيهي پکين کي هڪلڻ لڳا. ستگرو مهاراجن ۽ سوامي گوال لال يڪتارا پٽ تي پاسيرا رکي، ڪنڌ هيٺ ڪري، چپ ڪري ويهي رهيا. ايتري ۾ ٺهلرام گهٽ وڌ ڳالهائيندو اچي ٻنگڪ جي جاءِ تي بيٺو. مهاراجن ۽ گوال لال ڪيس پيرين پئي ڪنڌ هيٺ ڪري پاسيرا ٿي بيٺا. ٺهلرام ڪاوڙ مان ستگرو مهاراجن کي چوڻ لڳا ته سارو باغ پکين کي کارائي ناس ڪري ڇڏيو اٿئي. هتي به سڄو ڏينهن ستسنگ لڳائي ويٺا آهيو. توهان ٻئي پاڻ ته ڪم نٿا ڪريو، پر مزورن ۽ مهندارن جو به خانو خراب ڪري ڇڏيو اٿو.

ستگرو مهاراڄ سيٺي پريمين کان پڇڻ لڳا تہ، اَبا، توهان هيڏيءَ مهل باغ ۾ ڪيئن آيا آهيو. پريمي هٿ جوڙي چوڻ لڳا تہ، هي پرڀو، آنماننڊ ڳالهہ ڪئي تہ اوهان هر روز باغ ۾ ٻہ ستسنگ ڪندا آهيو. سو اسان اڄ پاڻ ۾ صلاح ڪئي تہ هلي باغ ۾ ستسنگ ٻڌون ۽ اوهان جو درشن بہ ڪريون. پرڀو، هت تہ اهڙو آنند لڳو پيو آهي جو هاڻي اسين بہ روز هتي ستسنگ ٻڌڻ ايندا سون. مائٽ تہ اڳيئي پيا گهٽ وڌ ڳالهائين ۽ چون تہ ڀڳت وٽ نہ وڃو، پر اسان جي دل تہ اِئين ٿي چاهي تہ سدائين اوهان سان گڏ وينا هجون. ايترو چئي مهاراڄ کان آگيا وٺي سڀئي پنهنجي گهر آيا. اُن بعد، ستگرو مهاراڄ بہ نهر جو ڪنارو ڏيئي گهمندا ڦرندا، سج لٿي مهل گهر موٽي اچي ڏسن تہ ٿلهي جون سرون بہ ڪونهن، مٽي بہ ٽٽي پکڙي پيئي آهي ۽ ستسنگي مٽي گڏ ڪري وينا پٽ کي سنئون ڪن. اِهو رنگ ڏسي ستگرو مهاراڄ مشڪي پريمين کان پڇڻ لڳا تہ، اَبا اڄ سرون بہ ڪٿي ويا آهن ڇا؟ تنهن تي پريمي هٿ جوڙي چوڻ لڳا تہ سائين اڄ منجهند جو تپيدار گاڏي وٺي آيو ۽ سرون کڻائي ويو، چئي ويو آهي تہ حد دخلي ڪري وينا آهيو. مان اِها رپورٽ سياڻي هالن ۾ وڃي مختيارڪار کي ڪندس. مهاراڄ ڇيو خيال نہ ڪريو- جيئن ايشور جي اِڇا هوندي تيئن ئي ٿيندو. توهان فراس وڇائي ساز کڻي اچو تہ ستسنگ شروع ڪيون. ستسنگي ساز کڻي آيا ۽ ستگرو مهاراڄ ستسنگ شروع ڪيو. اهڙيءَ طرح ستگرو مهاراڄ ستسنگ شروع ڪيو. اهڙيءَ طرح ستگرو مهاراڄ باغ جي سنڀال بہ ڪندا هئا ۽ نت نيم سان ٽي دفعا، صبح شام ۽ رات جو ستسنگ بہ ڪندا رهيا.

هوڏانهن، ٿهلرام دوڪان جو پوتاميل ڪرڻ لڳو تہ ڏسان تہ نفعو آهي يا نقصان. اُن ڏينهن ۾ مال سنڀالي، ليکو ناهي

١ راڳ ڪنسو ڀڄن

ٽل - ٻڌن جي باغ ۾ طوطو - مٺا نت ٻول ٿو ٻولي.

١- پکي هن پار جو آهي - آيو ڦربڻون هتي ڪاهي،
ڏنهن تنهنکي نه ٿو ٿاهي - اُتي ٽارين پڻ اولي.

٢- پکي مهمان جاڳج ٿون - وڃين ويجهو سڄاڳج ٿون،
ملي ڪا مؤج ماڳج ٿون - اُتي جيسين اَندر چولي،

٣- ڪٺي آيو خبر ڪاٿي - پرينءَ جي پار جي پاٿي،
لنوين ڏينهن رات جا لاٿي - ٻڌج سا ڪن ٻئي کولي.

٤- ڪهي ٿيڻون ٽبي ڏيئي - پسج سو پاڻ ۾ پيهيءَ
ڏسي هڏ ماس جي ديهي - ڀلي نا ٿون پئج ڀولي.

اهو ڀڄن جڏهن پريم ۾ اچي مٺر سر سان ڳائڻ لڳا تڏهن سڀ هاري، مزور وري به ڪم ڇڏي ڊوڙي اچي ڀڄن ٻڌڻ لڳا. جڏهن ستگرو مهاراجن ڀڄن ڳائي بس ڪيو تڏهن ڪين چوڻ لڳا ته پيارا هينئر اَچا ڀائي ٽهلرام جن اوهان سڀني کي گهٽ وڌ ڳالهائي ۽ سمجهائي ويا آهن تڏهن به اوهان ڪم ڪار ڇڏي وري اَچي ڀڄن ٻڌڻ ويٺا آهيو. تڏهن سڀئي هاري مزور، مهندار مهاراجن کي هٿ جوڙي چوڻ لڳا ته هي پريو، سچ ڪري پڇو ته جڏهن برج ۾ شري ڪرشن ڀڳوان جنهن وقت مٺر مرلي ڪٺي وڄائيندو هو تنهن وقت ساري برج جون گوپيون، گوال ٻال ڀڳوان جي مرلي ٻڌڻ سان گهر ٻار ۽ سڀ ڪم ڪار ڇڏي، لوڪ لڄا لاهي پريم ۾ مگن ٿي اچي ڀڳوان جي مرلي ٻڌندا هئا جن کي رات ڏينهن ۽ سرير جي سڌ ڪانه پوندي هئي ته گهر ۾ آهيون يا بن ۾، ٺهڙيءَ طرح هي پريو توهان به جنهن وقت ڀڄن روُپي مرلي ٿا وڄايو تنهن وقت اسان سڀني جو به اهڙو ساڳيو حال برجواسين جهڙو ٿي ٿو وڃي ۽ پاڻ ٿي ڪوبه وس هلي نٿو سگهي.

دل ۾ ويچار ڪري ڏسو ته، اِئين ڪاروبار ڪيئن هلندو. ايترو چئي، مزورن ۽ مهندارن کي گهرائي سخت ڇنڊ ڪڍيائين ۽ ڇناءُ ڏنائين ته جي اڳتي ڪم ڇڏي اچي ستسنگ ٻڌندا ته هڪڙي پائي به اوهان کي ڪين ڏيندس. جيڪو نقصان پوندو سو به اوهان کان پرائي وٺندس. جي اوهان کي ستسنگ ڪرڻو آهي، ته وڃي ٽڪاڻو وسايو ۽ اَج مون کي پنهنجي سچي نيت ٻڌايو، ته ڪم ڪرڻو اٿو يا نه. سڀيئي هٿ جوڙي چوڻ لڳا ته سائين، اج اسان کي معافي ڏيو، آئينده اسان اِئين ڪونه ڪنداسون. تنهن ڪانپوءِ ٽهلرام سارو باغ گهمي ڏٺو. ڏٺائين ته پکين تمام گهڻو نقصان ڪيو آهي. سو دل ۾ ويچار ڪرڻ لڳو ته هاڻي ڇا ڪجي. ويچار ڪندي گهر موٽي آيو. ماتا ڪرشنا کي سارو حال ٻڌائي چيائين ته جي اوهان جي مرضي هجي ته باغ ۾ ٻنيون وڪڻي ڇڏيون. ماتا ڪرشنا چيو پٽ، تون ڪوئي خيال نه ڪر. شام جو ڇوڪرا گهر اچن ته کين سمجهائيندي‌س. ٽهلرام پوءِ دوڪان تي هليو ويو.

هوڏانهن ستگرو مهاراجن گوال لال کي چيو ته تون هاڻي جلدي گهر وڃي سنتن جي شيوا ڪر. پاڻ گليل کڻي، هڪ اَنب جي وڻ هيٺان وڃي ويٺا. ڇا ڏسن ته هڪ طوطو وڻ جي هڪ ٽاريءَ تي ويٺو مٺي ٻولي ٻولي. ستگرو طوطي ڏي نهاري هيءُ پڇن ٿاهي ڳائڻ لڳا.

ٽهلرام ۽ ڪيترا ستسنگي لالٽين کڻي ڳولڻ نڪتا. گوال لال ساڙي جي شهر ۾ سنت گهنڊورام وٽ پريم نگر ۾ ويو پر اسان جو سڄڻ سائين ڪٿي تو ملي؟ نه نهر، نه درياهه، نه بـــاغ ۾، چوڌاري سڏيائون، پـر پرينءَ جو پتو ڪٿي نـه مليو. ماتا کـي چيائون ته وڌيڪ ڳولها صبح جو ڪنداسون. ايترو چئي سڀئي ستسنگي پنهنجي پنهنجي گهر هليا ويا. گهر جي سڀني ڀاتين ۽ ماتا ڪرشنا، سواء ڪاڏي ڀيتي، ساري رات ستگرو مهاراجن جي انتظار ۾ ويٺي گذاري.

ٻئي ڏينهن سويل صبح جو ٽهلرام ڳولا ۾ نڪتو. ستسنگي به نڪتا پر شام تائين ڪجهه ڪونه وريو. اتي ماتا ڪرشنا گوال لال کان پڇيو ته تون جو ڪالهه باغ مان آئين ته توکي ته ڪجهه ڪونه چيو هئائين؟ گوال لال چيو ته ماتا مونکي صرف ايترو چيائون ته تون هاڻي گهر وڃي سنتن جي شيوا ڪر. وڌيڪ مونکي ڪونه چيائون. ايترو ٻڌي ماتا ڪرشنا سيني کي چوٽ لڳي ته هڪڙو ستسنگي شاهه جي پٺ موڪليو، متان اتي پيرن وٽ ويوهجي. ماتا جي آگيا تي آتمانند کي گهوڙي تي چاڙهي شاهه جي پٺ روانو ڪيو ويو. اهو ڏينهن به ائين گذريـــو. ٽئين ڏينهن ٥ بجه صبح جو ٽهلرام نڪتو، ٿڪو ماندو ١١ بجه گهر موٽيو. آتمانند به شام جو پٺ تان نا اُميد ٿي واپس وريو. ڏينهن گذرندو ويو. جيڪي ٻيا ستسنگي ڳولا ۾ ويـا هئا تن به شام جو اچي چيو ته مهاراجن جو ڪو پتو ڪونهي. سياويڪ ماتا ڪرشنا جي اندر جهل نه ڏني. سندس اکين ۾ آنسون چلڪي پيا. ستسنگ ته نيم اَنوسار ٿيو، ليڪن اها مؤج ڪٿي؟ اهو رنگ ڪٿي؟ اهو رس ڪٿي؟ پرينءَ کانسواء ساز ۽ راڳ سڃا. دلبر ڌاران، دل ماندي، روح کي راحت ڪير ڏئي؟

رات جو روئيءَ کانپوء ماتا ڪرشنا، ٽهلرام کـي چيو تـه

بس، ايترو چئي ۽ ٻوڙ پائي وڃي پنهنجي پنهنجي جاءِ تي پکين کي هڪلڻ لڳا.

ان ڏينهن ستگرو مهاراجن باغ ۾ شام جو ستسنگ ڪونه ڪيو ۽ سوير ئي باغ مان روانا ٿي نهر جي ڪناري ورتائون. نهر جي پرسان هڪ وڏو مڪان هوندو هو. مقام ۾ اندر هڪ وڏي ڪٻٽ جي وچ ۾ جاءِ ٺاهي ويهي نام جو اڀياس ڪرڻ لڳا ۽ انهن ئي سماڌيءَ ۾ اچي ويا.

هوڏانهن سڄ لٿي ٧ بجي ڌاري ستسنگين آسڻ وڇائي ساز آڻي رکيا. ڪلاڪ کن بعد پاڻ ۾ چوڻ لڳا ته چوا ج اڃا ستگرو مهاراج باغ مان ڪونه موٽيا آهن. گوال لال کي چيائون ته جيئن مهاراجن اچن تيئين توهان ئي هڪ ٻه ڀڄن سنگت کي ٻڌايو. گوال لال ٻه ٽي ڀڄ ڳاتا ته ٻه اڃا ستگرو مهاراج ڪين موٽيا. ساري سنگت، ماتا ڪرشنا ۽ ڀائي ٺهلرام ويچار ۾ پئجي ويا. ڀائي ٺهلرام ٻن ٽن ستسنگين کي چيو ته وڃي ڏسو ته باغ ۾ ته ڪونه ويٺا آهن. باغ جي مالهين ڪين ٻڌايو ته مهاراجن ته اڄ هتان سوير ئي گهر ويا آهن. اهو ٻڌي پنٽي پير ڪيائون. رستي تي هيڏانهن هوڏانهن ڳوليندي ڪلاڪ ڏيڍ ڪانپوءِ موٽي اچي سڀني کي ٻڌايائون ته مهاراجن باغ ۾ ڪونه هئا ۽ نه ڪٿي رستي تي ئي ڏسڻ ۾ آيا. اهو ٻڌي سڀني کي ڏاڍو خيال ٿي پيو. ڪنهن کي ڪجهه سمجهه ۾ نه ٿي آيو. آخر سواءِ کن ٽو ڙن ستسنگين جي ٻيا سڀ هليا ويا. ستسنگين ٺهلرام کان پڇيو ته سائينجن کي ڪنهن ڪجهه چيو هو ڇا؟ تنهن تي ماتا ڪرشنا پريمين کي چيو ته اَبا، برابر اڄ ٺهل ڳالهائي آيو اَٿس. تنهنڪري توهان سڀ ٺهل سان گڏجي وري ڳولڻ وڃو، ضرور ڪنهن باغ ۾ يا درياهه جي ڪناري تي، ڪنهن وڻ هيٺان ويٺو هوندو. ڪٿان به ڳولي وٺي اچوس.

سرير کي ايترو کشت چو تو ڏين. جڏهن پيا سنساري ماڻهو پيا کائين ۽ وهنوار ڪن تڏهن تون به گهر ۾ وهنوار به ڪر ۽ ڀڳتي به ڪر. جڏهن تنهنجا وڏا پتا، ڏاڏو ۽ پيا ڪيترا سنت گرهست ۾ رهي ڀڳتي ڪري ويا آهن تڏهن تون به ڪر. اهو پڌي ستگرو مهاراجن ماتا کي هٿ جوڙي چوڻ لڳا:-

سن ماتا ميري ڪهون بات ساچي
مٽن ڪال ڪي ڏنب سي بهت ڊرتا
کهي نيٺُون ديکا مٽن سوچ ڪرڪي
سکي ناهي جڳي ۾ ڏيان ڌرتا.

ارٿ- هي منهنجي سچي ماتا، ڪال جو نغارو رات ڏينهن وڄي رهيو آهي جو پڌي مان سدائين ڊڄان ٿو ۽ سرير ڪنبي ٿو. مون چڱي طرح جاچي ڏٺو آهي ته سچي سوارٿ جا متر آهن سنسار ۾ ڪو سکه ناهي. هينئر سنسار کان من اُپرام ٿيو پيو آهي.

ماتا ڪرشنا ستگرو مهاراجن جا هي وچن پڌي چوڻ لڳي، پٽ، جي توکان باغ جي سنڀال نٿي پڄي ته ٻئين جي سنڀال ڪر. مان ٺهل کي چوان ٿي ته باغيچي جي سنڀال لاءِ ٻئي ڪنهن کي چڏي. ايترو چئي ماتا، ٺهلرام کي سڏ ڪري پنهنجي پر ۾ ويهاري چوڻ لڳي ته اُبا، باغ جي سنڀال لاءِ هاسارام يا واڌورام کي ڪٽي چؤ. باقي ٻنهين ٽي ساڌ کي روانو ڪر. مان هاڻي گهڻو ٿي سمجهايو ٿي مانس ۽ اڳتي اِئين ڪونه ڪندو. ٺهلرام چيو ته چڱو اِئين ئي ڪندس. اِتي اُچي سج لٿو. مهاراجن ستسنگ شروع ڪيو. اهڙا ته نوان نوان پڇن ويراڳ، مان ڳاتائون جو ساري سنگت پريم ۾ اَکين مان جل وهائڻ لڳي. ستسنگ سماپت ٿيڻ کانپوءِ سڀني پرساد وٺي گهر ويا.

پٽ تو پڳت کي ڪجهه چيو آهي جا جو هو ڪاوڙجي خبر ناهي ڪيڏانهن هليو ويو آهي؟ توکي مون اڳ ۾ سمجهايو آهي ته پلئي پلائي ۾ پڳت کي ڪجهه نه چوندو ڪر. اني ماتا جي اکين ۾ جل پرجي آيو.

وري ٽئين ڏينهن صبح جو ٽهلرام ۽ ستسنگي ستگرو مهاراجن کي ڳولڻ ويا. سارو ڏينهن ڳوليندي ڳوليندي ويا ڪل تي شام جو اچا نهر جي ڪناري تي اچي بيٺا ته هڪ ٻڪرار، ٽهلرام کي اچي ٻڌايو ته توهان جو هڪ ساڌ هن مقام ۾ هڪ وڏي ڪٻڙ جي، وڻ ۾ ويٺو آهي. مون ڪالهه ٻڪريون چاريندي ڪيس ڏٺو هو. اهو ٻڌي ٽهلرام ۽ ستسنگي مقام ۾ اچي ڏسن ته برابر ڪٻڙ جي وچ ۾ اکيون بند ڪري مهاراجن ڌيان ۾ ويٺا آهن. ٽهلرام ستگرو مهاراجن کي سڏ ڪيو ستگرو مهاراجن ڪٻڙ مان ٻاهر نڪري آيا. ٽهلرام کي پيرين پئي ڪند هيٺ ڪري بيهي رهيا. ٽهلرام کين چوڻ لڳو ته ٽن ڏينهن کان وٺي اسان توکي ڪيترو نه ڳوليو آهي. شاهه جي پٽ پڻ ماڻهو چاڙهي موڪليو سين، پر تون اچي هتي ويهي رهيو آهين. ڪيتري نه سڀني کي تڪليف ڏني اٿيئي. ماتا ته ٽن ڏينهن کان روئي ۾ ڪانه ڪاڍي آهي. لائين چئي ستگرو مهاراجن کي گهر وٺي آيا. ماتا ڪرشنا ستگرو مهاراجن کي پيار مان پنهنجي پرسان وهاري چوڻ لڳي :-

گهنا شري چند

کهي ماات ڪرشنا، سن پوت ميرا
جڳ سوک لي تم ڪيون دوک سهتا
گهر بئٺڪي اپنا ڪام ڪرلو
جيؤن جڳت ڪرتا، هٺ ويد ڪهتا.

ارٿ- ماتا ڪرشنا چوڻ لڳي ته هي پٽ تون پنهنجي

ٻئي ڏينهن واحد بخش ستسنگ ۾ اچي دلو وڄايو ۽ ستسنگ پوري ٿيڻ کانپوءِ مهاراجن کي هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته درويش سائين، ٻڌو اٿم ته اڳئين ٺيڪيدار ٻه ٽي دفع اوهانجو ٿلهو ٺهرايو هو. پر مان ٻڌان ٿو ته ستسنگين کي وهڻ ۾ ڏاڍي تڪليف ٿي ٿئي، جيڪڏهن حڪم ڪريو ته مان سياٽي ئي روبرو ٻهي اچي ٿلهو ٺهرايان. مهاراجن چيو ته جئن اوهان جي مرضي. واحد بخش چيو ته سائين، مونکي لٺ سان نشان ڪري ڏيو ته ڪيترو ٿلهو ٺهرائجي. مهاراجن اُتي ڪيس اڳئين ٿلهي جو نشان ڏيکاريو. تنهن هوندي ٻه اوهان جي جا مرضي هجي اوڏو ٺهرايو. ٺيڪيدار چيو، سائين، پنج فوٽ ٻيا وڌائي ٿلهو وڏو ڪجي. ان باري ۾ پوءِ جيڪي ڪجهه ٿيو ته هيءُ غلام پاٽيهي منهن ڏيندو. هالن ۾ منهنجو چاچو مختيارڪار آهي ۽ حيدرآباد ۾ هن غلام جو ڀاءُ ڊپٽي ڪليڪٽر آهي. تنهن کانسواءِ هي ته ڌرم جو ڪم آهي. جيڪو خرچ ايندو سو ٻه مان ڪندس. تنهن تي ستگرو مهاراجن چيو ته، پنج فوٽ اوهان چئو ٿا سي ڀلي وڌايو پر ٻزار لاءِ رستو ڇڏي ڏجو. ٺيڪيدار چيو ته چڱو سائين، ائين ئي ڪنداسون.

صبح جو ٺيڪيدار واحد بخش پاڻ سان ڪاريگر ۽ مزور وٺي گهربل سامان ڪٽائي اچي ٿلهي جو ڪم شروع ڪرايو. ٻن ڏينهن ۾ سڄو ٿلهو پڪين سرن جي فرش سان ٺهرائي تيار ڪرايائين. مهاراجن سندس شيوا ۽ شرڌا تي پرسن ٿي ڪيس آشيرواد ڏني.

شام جو نئين ٺهيل ٿلهي تي ستسنگ ٿيو. انهيءَ رات ستسنگ جي اُهڙي ته موج لڳي جو سارو ٿلهو ته پرجي ويو پر ڪيتري خلق ٻزار ۾ ٻهي ستسنگ ٻڌڻ لڳي. ستسنگ پورو ٿيو تنهن کانپوءِ هڪ پريميءَ چيو ته، مون ٻڌو آهي ته شهر ۾ ڀنڀچات ڪئي ٿي هئي. سياٽي نئون هالن وڃي مختيارڪار کي درخواست ڏيندا ته ٿلهو ڊهرايو وڃي. اها ڳالهه ٻڌي ٺيڪيدار چيو ته فڪر نه ڪريو، فقير سائين چڱي ڪندو.

صبح جو مهاراجن ٦ بجي گهوڙي تي چڙهي ٻنين ڏانهن ويا. اتي سڀني هارين کي گهرائي، سمجهائي ڪم تي موڪليائون. پوءِ پاڻ ساري ٻنيءَ گهمي اچي نار تي ويٺا، جتي ڪنهن مهل پڇن ٺاهي پيا آهستي آهستي ڳائين ته ڪنهن مهل انترمک ٿي نام جو ابياس پيا ڪن. اهڙي طرح سڄو ڏينهن گذاري، سج لٿي گهوڙي تي چڙهي گهر اچي ستسنگ ڪيائون.

ستسنگ سماپت ٿيڻ بعد ستسنگين مهاراجن کي ٻڌايو ته جنهن تپيدار ٻئي دفع ٿلهو ڀرايو هو سو هاڻي سعدآباد بدلي ٿي ويو آهي. ان جي جاءِ تي ٻڌو اٿئون ته حيدرآباد جو تپيدار واحد بخش بدلي ٿي آيو آهي. هو ستسنگي ۽ سنت شيوي ٿو ٻڌجي. اسان جي مرضي آهي ته سڀاڻي ڪيس ستسنگ ۾ وٺي اچون ۽ ٿلهي بابت به ساڻس ڳالهه ٻولهه ڪيون. ستگرو مهاراجن فرمايو ته ابا ستسنگ ۾ ڀلي وٺي اچوس باقي ٿلهي لاءِ ڪجهه به نه چئجوس. تنهن ڪانپوءِ سڀئي ستسنگي پنهنجن گهرن ڏانهن روانا ٿي ويا.

ٻئي ڏينهن پرڀاتي، تپيدار واحد بخش کي ستسنگ ۾ وٺي آيا. ستسنگ ۾ اهڙي ته موج لڳي جو واحد بخش به هڪڙي ستسنگيءَ کان دلو وٺي وڄائڻ لڳو. اهڙي ته پريم سان دلو وڄايائين جو ساري سنگت جهولڻ لڳي. مهاراجن به موج ۾ پچن ڳائڻ لڳا. ستسنگ کانپوءِ واحد بخش مهاراجن کي چوڻ لڳو ته درويش سائين، ڪا شيوا ٽهل هجي ته هي غلام حاضر آهي. مان اوهان جو راڄ ٻڌي تمام گهڻو خوش ٿيو آهيان. لئين پيو سمجهان ته منهنجي ڪا تقدير جاڳي آهي جو هتي ڪنڌڪوٽ ۾ بدلي ٿي آهي. تنهن تي مهاراجن واحد بخش کي مشڪي چيو ته ڏاڍو سٺو. روزانو ستسنگ ۾ دلو وڄائجو ۽ ڪجهه ڪلام به ٻڌائجو.

نمرتا سان ڇوڙڻ لڳا ته سائين هيئنر سانگهارو (پاڻــــي لهڻ) لڳو آهي، پاڻي هفتي کن ۾ سڪي ويندو ۽ تنهنڪري پوکه کي ڪجهه پاڻي ڏيڻي وٽون نه ته پوکه سڪي ويندي. مهاراڄن اُتي هيٺيون ڀڄن ناهي ڳائڻ لڳا.

ڀڄن سر جوڳ

راڳ - نيڻي نار هڪل هردم - آهي عـاشق اَصل سانگهارو
١- منو پکـــانو کوڙ ج ناهي - مڪڙو ڪـــاڄڻ ساڻ ملائي
ڇڪر شيءِ ڪر چت سي چال -
ور ويچارو ويچار جو رکجاڻ نارو
٢- لوڻا مالهه تي پدڄاڻ تاڻـي - ڏاندن جوڙو تڪڙو آڻي
پدي هردم تـــيءَ هـوشيار - پاڻي آهـي وچڻ سووارو
٣- ڏينهن جو تيرو راس وهاڻي -
پوکه پنهنجيءَ کي ڏئي وٺ پاڻي
غافل تي تون سنت سڄاڳ - پُورب پـاسي اُپريو تـارو
٤- ڪهي ڏيڏون ڪر هاڻي هوشياري -
پـــوکه پچائي ڪٽي وٺ ساري
جاڳي وهائج نيهه سان نار - وري نـــه ملندو اَهڙو وار.

مهاراڄن مٺيون ڀڄن اوچي آواز ۾ مٺي سر سان ڳائڻ شروع ڪيو. پرماتما جاڻي، سندن آواز ۾ پاڻيءَ ۾ ڪهڙو جادو ڀريل هوجو ڪن تي پرلاءُ پوڻ سان ئي هاري ناري ڪم ڇڏي موج ۾ موج وڌائڻ لڳا. ڪن ڪنيـا دلا ۾ ڪن ڪنيا تنبورا ۾ وڄائڻ لڳا تـــه ڪي مهاراڄن پنيان ڳائڻ لڳا. اِنسان ته پنهنجي جاءِ رهيا پـر پيو ر به اثر کان آجا نه رهيا. نار ۾ وهندڙ ڏاند ۾ اُن به جي جتي هئا اُتي بيهي رهيا. ڳانيون مينهون پود ۾ اچي گهڙي پيئون ڪيت ۾ ۽ خوب جاوا ڪرڻ لڳيون.

اُنهيءَ وقت پريوءَ جي ليلا اهڙي تي جو ٹهلرام جي دل ۾

ٻئي ڏينهن پرڀات جو ۵ بجي اُتي واحد بخش تپيدار گهوڙي تي چڙهي نڪتو هالن ويو، پنهنجي چاچي مختياركار كي ساري ڳالهه سمجهائي چيائين ته بزار جو رستو اُجا كافي پيو آهي كائي سوڙهه كانهي. ماڻهن كي سنتن لاءِ ايركا آهي. چيائين، چاچا سائين، فقير درويش آهي. كنهن مهل توهان به كنب وءِ ۾ اچي اُهڙي درويش جو ديدار كري وڃو. پئنچات طرفان كا دانهن اچي ته اُن تي ڌيان نه ڏيندا. ٿلهو مون درويش سائينءَ كي خيراتي ٺهرائي ڏنو آهي. كيتري خلق آرام سان ويهي سك پائيندي. پنهنجي چاچي كي چئي تپيدار كنب وءِ واپس اچي پنهنجو كم سنڀالڻ لڳو. اها خبر كنهن كي كانه رهي.

هوڏانهن ستگرو مهاراجن صبح جو اُتي ٻنين ڏانهن ويا ۽ پئنچن به هك لنبي درخواست هك ماڻهوءَ هٿ نون هالن ڏانهن مختياركار وٽ موكلي. هو ماڻهو مختياركار كي چوڻ لڳو، حضور اوهان جي راڄ ۾ ههڙو اَنڌير، اوهانجو تپيدار پاڻ ٿلهو ٺهرائي بزار جو رستو بند كري ڇڏي! ماڻهن كي بزار ۾ اچڻ وڃڻ ۾ ڏاڍي تكليف ٿي پيئي آهي. مهرباني كري اوهين پاڻ هلي ڏسو يا اَج ئي اهڙو حكم كيو ته اهو ٿلهو ڊهرايو وڃي.

مختياركار درخواست وٺي ماڻهوءَ كي چيو ته هاڻي توهان وڃو. انهيءَ ڳالهه جي جاچ كنداسون، پئنچن كي چئجو ته توهان كوئي خيال نه كريو. مڙيوئي ڌڻي چڱي كندو، ماڻهوءَ واپس اچي پئنچن كي سموري ڳالهه ٻڌائي.

هاڻي ستگرو مهاراجن جو چت ڦڳتي، وئراڳ ۾ پڄندو ويو ۽ سنسار كان كٽو ٿيندو ويو. هك ڏهاڙي صبح جو سوير ٻنيءَ تي ڏسن ته هاري ڏاندن ۽ اُنن كي نـار ۾ تمام زور سان ٻڌا وهائين. اهو حال ڏسي ستگرو مهاراجن هارين كي چيو ته ڇو ٿا جانورن كي ايترو ماريو، پاڻ ڏيري پيا هلن. تنهن تـي هاري



ڪٻٽي جي سنڀال يا سٽسنگ؟

ويچار آيو ته سانگهاري جا ڏينهن آهن، گهڻا ڏينهن ٿيا آهن جو
ٻنيءَ تي ڪين ويو آهيان، سو اڄ ضرور وڃي ٻنيءَ تان ٿي
اچان. اهو ويچار ڪري ٿهلرام ٻنيءَ تي وڃي نڪتو. پري کان
ڏسي ته ٻنيءَ ۾ گانئيون مينهون پيون چرن، اچا ٿورو ويجهو اچي
ڏسي ته اُٺ ۽ ڏاند نار ۾ ٻڌا بيٺا آهن ۽ ڪين هڪلڻ وارو ڪوبه
ڪونهي. اهو حال ڏسي سوچڻ لڳو ته اڄ ٻني ڇڏي سڀ ڪيڏانهن
ويا آهن. اچا ٿورو هلي نار تي اچي ڏسي ته ڀڄڻ پيو ٿئي ۽
هاري، ناري ۽ مزور سڀ اُٿي ويٺا آهن، ڪي پيا دلا وڄائن
ته ڪي پيا راڳ ڳائن ۽ ڀڳت يڪتاري تي ويٺو ڳائي. اهو رنگ
ڏسي ٿهلرام سخت ڪاوڙجي سڀني کي چوڻ لڳو ته هي توهان
ڇا ڪري رهيا آهيو؟ توهانکي پنهنجو خيال ڪونه ٿو پوي ته
سانگهاري جا ڏينهن آهن، پاڻي سڪي ويندو ۽ پوک جي
ستياناس ٿي ويندي. تنهن کان ته جئن اڳي چيو اٿم ته وڃي
ٽڪاٽا وسايو. ٿهلرام پوءِ ستگرو مهاراجن کي چوڻ لڳو ته توکي
دڪان تي وهاريوسين ته دڪان ڦٽائي ڇڏيئه، باغ ۾ ڇڏيوسين
ته باغ اُجاڙ ڪري ڇڏيئه. وري ماتا جي چوڻ تي ٻنيءَ تي
رکيوسين ته ٻني به ساڙي ناس ڪري ڇڏيئه. توکي ڪو خيال اِي
ڪونه ٿو ٿئي. سارو چمن ڦٽائي ڇڏيو اٿيئي. گوال لال ڪسي به
ڪاري چٽ ڪري ڇڏيو اٿيئي. هو به ٿورو مٿيرو ڪم ڪري
ڪنڌ هيٺ ڪري ويهي ٿو رهي. مان هاڻي ڏسان ٿو ته توکان
ڪوبه ڪم ڪونه ٿيندو. ڀلا جيڏانهن وڻيئي تيڏانهن هليو وڃ.
وڌيڪ مان توکي ڇا چوان. جي ڪجهه چوان ٿو ته ماتا ٿي رنج
ٿئي. مان وڃان سو ڪيڏانهن وڃان؟ اڪيلو ڪهڙو ڪم سنڀالي
ڪهڙو ڪم سنڀاليان. مان به ٿو گهر ويهان، پوءِ اوهان سڀني کي
جئن وڻي تئن ڪريو، ڦٽايو يا وسايو اوهانجي مرضي. پاڻ ئي
ٿهلرام ايترو چئي ٻنيءَ جي نظرداري ڪري هارين مزورن کي
تنبيهه ڪري گهر هليو ويو.

ٺهلرام جي وڃڻ کانپوءِ ستگرو مهاراج چپ ڪري جهنگل جو رستو وٺي گهمندا گهمندا سج لٿي مهل شاهه جي ڀٽ پنهنجن پيرن وٽ ڀائي وشنداس جي گهر وڃي پهتا. ڀائي وشنداس سنت- شيوي هري- ڀڳت هوندو هو. سندس پٽ لڪميچند، شيوڪرام، ٽيڪچند، ٽيرٿداس، ڀمررام ۽ هري ڀڳت ۽ سنت شيوي هوندا هئا. ٽيڪچند ۽ ٽيرٿداس ته تياڳي اوڌوت هئا. لڪميچند ۽ شيوڪرام گرهستي هئا. هنن ڀڳت چيلارام جن جي گهران شادي ڪئي هئي. سمورو ڪٽنب هري ڀڳت هو. روز نيم سان رات جو ستسنگ ڪندا هئا. جنهن وقت مهاراج وٽن پهتا تنهن وقت لڪميچند جو پٽر گرمکداس ۽ شيوڪرام جو پٽر سروآنند ۽ شيوڪرام پاڻ ۽ چيتارام، ڪرشنداس سڀ ملي ستسنگ ڪري رهيا هئا. شهر جا ٻيا به ڪيترا پريمي ستسنگي ويٺا هئا. مهاراج کي ڏسي سڀئي خوش ٿيا. آدر ستڪار ۽ پريم سان کين وهاريائون ۽ چيائون ته اوهين به چار ٻچن ٻڌايو.

ستگرو مهاراج يڪتارو کڻي ٻچن شروع ڪيو. سروآنند ۽ گرمکداس کين پنيان وڻايو. موج لڳي ويئي. ساري سنگت پريم ۾ گد گد ٿيڻ لڳي. ستسنگ سماپت ٿيڻ کانپوءِ ساري سنگت پرساد وٺي پنهنجي پنهنجي گهر وئي. ان بعد ڀڳت لڪميچند، ڀڳت شيوڪرام، شريمتي گياني ٻائي ۽ شريمتي ايشوري ديوي اچي مهاراج کان خبر چار پڇڻ لڳا. ستگرو مهاراج چيو ته اڄ ٻنيءَ ۾ وينو هوس ۽ چت ۾ آيو ته شاهه جي ڀٽ تان گهمي ڦري اچان. سو نار تان سڌو هليو آيس. سڀ سمجهي ويا ته شايد ٺهلرام کين ڳالهايو آهي جنهن ڪري ٻنيءَ تان پر ٻاهرو هٽي هليو آيو آهي. اها ڳالهه اسان ڪان لڪائي ٿو. انهيءَ ڪري مهاراج کان وڌيڪ ڪجهه ڪين پڇيائون.

صبح جو سوير سنت مينگهورام ڀيراڻي وارا پنهنجي منڊليءَ سان اچي لٿا. لڪميچند ۽ شيوڪرام سنتن کي ڏسي ڏاڍو خوش

هوڏانهن ڪنڊ ۾ ٿهلرام ٻنهي تان موٽي اچي ماتا کي سموري روئداد کان واقف ڪيو. شام جو ستگرو مهاراجن کي ستسنگ ۾ نه ڏسي پريمي، گوال لال کان پڇڻ لڳا ته ڇو اڄ مهاراجن ٻنهي تان ڪونه موٽيا آهن. گوال لال چيو خبر ڪانهي ته ڇو ايتري دير لاتي اٿن. جيسين ستگرو مهاراجن اچن تيسين اسين ٿا ستسنگ ڪريون. ستسنگ شروع ٿيو. واحد بخش تپدار به آيل هو.

پهريائين گوال لال ۽ پوءِ ٻين پريمين ستسنگ ڪيو. رات جو ١٠ بجه ستسنگ سماپت ٿيو. سنگت پاڻ ٿهلرام کان پڇڻ لڳي ته اڄ مهاراجن کي ڪيڏانهن ٻاهر موڪليو اٿو ڇا؟ ٿهلرام جواب ڏنو ته مون ته ڪيڏانهن ڪونه موڪليو ٿي ماڻس. خبر ناهي ته ڇو ٻنهي تان ڪين آيو آهي. شايد سانگهاري جي ڏينهن ڪري ٻنهي تي ٽڪي پيو آهي ۽ سڀاڻي اچي. پر سڀاڻي تي به مهاراجن ڪونه آيا. تنهن ڏينهن ٿهلرام پاڻ ڳولها ۾ نڪتو. پهريائين ويو ٻنهي تي. اُتي معلوم ٿيس ته هتان ته اُنهي شام جو واٽر ڪوس جو ڪنٺو ڏيئي روانا ٿي ويا هئا. ٿهلرام پوءِ باغ ۾ ويو پر باغ وارن کي به ڪا خبر ڪانه هئي. آخر جڏهن ڪي هند سڀهس ٿي سي ڳوليندو ڳوليندو واپس گهر آيو ۽ اچي ماتا ڪرشنا کي ٻڌايائين ته پتو ڪونه پيو. سڀ ڏينهن اِنتظار ۾ ڪٽيو.

رات جو ستسنگ ڪانپوءِ سوامي گوال لال کان ستگرو مهاراجن بابت پريمي پڇڻ لڳا، ته اُتي آسورام گوپالداس جي پٽ چيو ته ستگرو مهاراجن کي مان شاهه جي پٽ پڳت وشنداس جي گهر ستسنگ ڪندو ڏسي آيو آهيان. تن ڏينهن کان وٽي سنت مينگهورام جي منڊليءَ سان گڏ ستسنگ ڪري رهيا هئا. مونکي خبر هئي ها ته مهاراجن هتان بنا موڪلائي ويا آهن ته مان پاڻ سان وٺي اچان ها. اٿي سڀني کي دلجاءِ ٿي. سنگت ٿهلرام کي

ٿيا ۽ پريم سان ڪين آسڻ ڏني وهاريائون. ستگرو ٽيئُون رام جن
ٻه سنتن سان مِلي ڏاڍو خوش ٿيا ۽ سارو ڏينهن روح رهاڻ
ڪيائون. رات جو ستسنگ ٿيو. ڀڄن ڀڳت چيتارام ۽ ڪرشنداس
ڀڄن چيو، پوءِ ڀڳت لکميچند ۽ ڀڳت شيوڪرام ڀڄن ڪيو اُن
بعد سنت مينگهورام پنهنجي منڊليءَ سميت ڀڄن ڪيو. آخر ۾
ستگرو مهاراجن ستسنگ ڪيو. پنهنجا نوان نوان ٺاهيل ڀڄن پريم
۽ وئراڳ سان ڳايائون. ستسنگ جي موج ۾ ڪنهن ڪي به وقت
جي خبر ڪانه پيئي. مٿان اچي ۱۲ اُ لڳا. تنهن ڪانپوءِ رام نام جي
ڌني لڳائي ستسنگ سماپت ڪيائون.

سنت مينگهورام جن، لکميچند ۽ شيوڪرام کان پڇڻ لڳا
ته هي ساڌ ڪٿي جو آهي. هي ته پورن وئراڳي مهاتما ٿو ڏسجي.
جنهنجي درشن ڪرڻ سان ئي آنند پيو اچي. ساکيات ڀڳوان
جي مورتي آهي.

لکميچند ٻڌايو ته مهاتما ڪنڌڪوٽ نواسي ڀڳت چيلارام جن جو
پٽ آهي. هتي اسان وٽ گهمڻ آيو آهي. ننڍي هوندي کان
وٺي پرڀوءَ جي لاڙ لڳل اٿس. اهو ٻڌي سنت مينگهورام جن
تمام گهڻو خوش ٿيا.

صبح جو ٻه ٽي ڪلاڪ ستسنگ ۽ پاڻ ۾ رهاڻ ڪري
روٽي کائي آرام ڪيائون. شام جو سيئي ستسنگي ۽ سنت ملي
شهر گهمڻ ويا. رات جو ستسنگ ڪيائون. مهاراجن ۽ سنت
مينگهورام جن جو ٻڌي شهر جا ڪيترا ماڻهو آيا هئا رات جو
هڪ ڏيڍ وڄي ويو. ڪنهن کي به پريم ۾ وقت جي خبر ڪانه
پيئي. سڀني کان پنهنجو گهر ٻار وسري ويو.

سنت مينگهورام جن ٻه ٽي ڏهاڙا رهي پنهنجي منڊليءَ
سميت ٻيراڻيءَ روانا ٿي ويا. اُنهيءَ موقع تي چيتارام ۽ ڪرشنداس،
ڏنارام ۽ ڊوُلارام ۽ ٻيا ڪيترا پريمي ستگرو مهاراجن کان گرمنتر
وٺي سنڌن سش ٿيا.

به ڪجهه ٻڪار ڪر ته چڱو. ٿهل گهڻي ڪم ڪرڻ ڪري ٿڪجي ٿو پوي ۽ تمام ناراض ٿو ٿئي. گوال به پــورو دل سان ڪم نٿو ڪري. تنهن ڪري ٻيا اِئين نه ڪر. جنهن ۾ ٿهل خوش ٿئــي سوئي ڪر. ايترو چئي ماتا ٻس ڪئي. تنهن کــانپوءِ ستگرو مهاراجن ۽ سوامــي گوال لال سنتن کي روٽي کارائي ۽ پوءِ پاڻ به کاڌائون. ڪلاڪ ڪن آرام ڪري سنتن سان رهاڻ ڪرڻ لڳا.

هوڏانهن ستگرو مهاراجن جي اَچڻ جي خبر ڪنبوءِ ۽ سالاري ۾ پکڙجي ويئي، سو ڪيترائي پــريمي ستسنگي مهاراجن جــي درشن لاءِ اچي ڪنا ٿيا. ٻه اَڍائي ڪلاڪ سنتن جي گيان وارتا هلي. اُن بعد ستسنگي ستگرو مهاراجن کي چوڻ لڳا ته هي پريو توهان جو چار چار ڏينهن ٻاهر ٿا هليا وڃو، سو اسان تمام اُداس ٿي ٿا پئون. هيئنئر ٻه پنجن ڏينهن کانپوءِ درشن ڪيو اٿئون. پر اهو پنجن ڏينهن جو وڇوڙو پنجن ورهين برابر ٿا سمجهون. ڪرپا ڪري ڪيڏانهن به نه وڃجو. جي وڃو ته آئينده اسان کي به ساڻ وٺي هلجو. تنهن تي ستگرو مهاراجن مشڪي فرمايو ته اَبا، اِها ڳالهه ڏکي آهي. پنڌ تمام پري آهــي، متان ٿڪجي وات ٿان نه موٽي اچو يا ويهي رهــو. تنهن ڪري ڏيري ڏيري هلڻ چڱو آهي. ايترو چئي ستگرو مهــاراجــن سنتن ۽ ستسنگين سان گڏجي باغيچي مان ٿيندا درياهه جي ڪناري تي سئر ڪرڻ لڳا. اُتي ڪيمارام هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته هي پريُو، توهان جو اسانکي چيو ته ڳالهه ڏاڍي ڏکي آهي ۽ پنڌ به تمام پري آهي سو ڪرپا ڪري ٻڌايو ته ڪهڙي ڳالهه آهي ۽ ڪيترو پري آهي.

ستگرو مهاراجن فرمائڻ لڳا ته اَبا، ڳالهه ڏکي اِنهيءَ ڪري آهي جو پريوءَ سان نينهن لڳائي اَنت تائين نباهڻو آهي ۽ پڇاڙيءَ تائين نباهڻ ڏاڍو ڪٺن آهــي. ٻيو ٽــي لڄائون لاهڻيون آهــن. ۱- لوڪ لڄا ۲- ڪل لڄا ۳- ويد لڄا. پهرين لوڪ لڄا. مــاڻهو

ڇيو ته اوهين کين وٺي اچو ته اوهان جي مرضي، نه ته آگيا ڏيو ته اسان مان ڪي پريمي وڃن.

صبح جو ٥ بجه آتمانند ۽ منگهن رام گهوڙن تي چڙهي شاهه جي پٽ ويا. ستگورن کي ملي نهال ٿيا. کين ٻڌايائون ته کيئن ماتا سندن وڇوڙي ۾ ڏينهن کان روئي به ڪانه ڪاڍي آهي. سوامي گوال لال پيو روئي ۽ ستسنگي سڀ اُداس آهن. هٿ جوڙي مهاراجن کي وينتي ڪيائون ته سائين ڪرپا ڪري جلد سنيرو ته ڳوٺ هلون. ستگرن سندن اَرداس اُنائي. سيني کان موڪلائي اچي ڪنڌ وُءِ پهتا ۽ اچي ماتا جي چرڻن تي هٿ ڌري ڪنڌ نوائي ويهي رهيا.

ماتا ڪرشنا اَکين ۾ جل آڻي پريم سان ستگورو مهاراجن کي چوڻ لڳي ته اَبا، هي تون ڇا ٿو ڪرين؟ بنا ٻڌائڻ جي جتان ٿو اچين اُتان گهر ڇڏي هليو ٿو وڃين. هتي سڀ ستسنگي ۽ اسين ساري رات نهاري نهاري ڇتائون پيا ڪريون. ٻنيون، باغ ۽ پيو ڪم ڪار رلي ويو آهي. هڪڙو ٽهل ڇا ڪري ڇا ڪري سگهندو، ڪيڏانهن وڃي ڪيڏانهن ويندو؟ تون پڳتي پلي ڪر پر گهر جي به نه ڪجهه ڪر. جي توکان ٻنيءَ جو ڪم نه ٿي سگهي ته گهر ويهي سنتن ۽ گانين جي شيوا ڪر.

ستگرو مهاراج هٿ جوڙي چوڻ لڳا ته ماتا، مان ته رات ڏينهن پنهنجي گهر ناهڻ ۾ لڳو پيو آهيان. ٻيو ڇا ڪريان؟ تمام گهڻن ڏينهن کان گهر قتل آهي. ڪوشش ته تمام گهڻي ٿو ڪريان، وڌيڪ اوهانجي آسيس ٿيندي ته ضرور جلد نهي پوندو، جنهن ۾ ويهي آرام ڪندس. وري به جئن آگيا ڪريو تئن ڪريان.

ستگرو مهاراجن جي اَنيئو جا اهڙا پتارٿ وچن ٻڌي ماتا خوش ٿي کين چوڻ لڳي ته پٽ، مان توکي اهائي آسيس ٿي ڪريان ته شل جلد ئي اُنهيءَ اَبناسي گهر ۾ آرام پائين، ٻيو هن گهر جي

تي پيئي هئي. ٻيو ته ڪالهه پنڌين وري مختيارڪار صاحب کي ٻي درخواست ڪئي آهي. مختيارڪار صاحب چيو اٿن ته سر زمين تي اچي ڏسندس، سو سڀاڻي صبح جو ۱۰ بجه مختيارڪار صاحب هتي ايندو. اهڙو اطلاع مونکي ٻه آيو آهي. تنهن ڪري سڀاڻي توهان ڪرپا ڪري ڪيڏانهن نه وڃجو. ستگرو مهاراڄن مشڪي چيو ته ٻابا اسان چار پنج ڏينهن شاهه جي پٽ تي سنتن جو ديدار ڪرڻ ويا هئاسون ۽ هاڻي هتي ٿي آهيون. ڀلي مختيارڪار صاحب اچي. توهان ڪوئي خيال نه ڪريو.

ٻئي ڏينهن صبح جو ۱۰ بجه ڌاري واحد بخش ٽپيدار، مختيارڪار ۽ ۱۵-۲۰ پنج ستگرو مهاراڄن جي آستان تي آيا. ٽپيدار، مختيارڪار کي ٿلهو ڏيکاريو ۽ ٻڌايائين ته هتي هر روز چار پنج ڪلاڪ ستسنگ ٿيندو آهي جتي ڪنڌڪوٽ ۽ سالاري شهرن جي گهڻي خلق ايندي آهي. ٻيا ٻه ڪيترا سنت فقير ۽ درويش جي ديدار لاءِ ايندا آهن. ڀنڊارو ٻه رات ڏينهن چالو رهندو آهي. جيڪي اچن سي روٽي کائي وڃن. هي درويش درد وارو ۽ ڏکيءَ سان ڀھتل آهي.

مختيارڪار ايترو ٻڌي ستگرو مهاراڄن ڏانهن نهاريو ته ستگرو مهاراڄن ٿورو مشڪي مختيارڪار کي چيو ته اچو مٿي اچي ويهو. مختيارڪار ۽ سڀ پنچ مٿي ٿلهي تي چڙهي مهاراڄن جي پرسان اچي ويٺا. ستگرو مهاراڄن ستسنگين کي چيو ته ٻابا ٽڪري ۽ چٽڻي کڻي اچو ۽ سڀني کي کارائي جل پياريو. تنهن کان پوءِ مختيارڪار سر زمين ڏسي روپيا ڏهه ستگرو مهاراڄن اڳيان رکي چوڻ لڳو ته هي فقير سائين هاڻي اسين وڃون ٿا، دعا ڪجو. ٻي ڪا اسان لاءِ ڪار خدمت هجي ته اسين حاضر آهيون. مهاراڄن مختيارڪار کي مشڪي چيو ته اڄوڪو ڏينهن هتي رهو ۽ ٽڪري پاڻي ٻه اسان وٽ کائو. ٽپيدار هٿ جوڙي

مهٽا ڏيندا، طعنا هڻندا، ننـــدا ڪندا، ۽ گهٽ وڌ ڳالهائيندا. ڪنهن مهل ته گاريون به ڏيندا. اهو سڀ صبر سان سهڻو آهي. تنهن ڪانپوءِ ڪل لڇا يعني گهر جا ڪٽنبي، مت مائٽ چوندا ته تو اسانجو ڪل ٻوڙي ڇڏيو آهي، اسانجا ڪنڌ نيچي ڇڏيا اٿيئي. ٻاهر ڪنڌ هيٺ ڪيو پيا هلون. ماڻهو اسان تي ٺٺ ڪار ٿا وجهن ته توهانجو ڪل ڪهڙو؟ اوهان شان مان وارا توهانجا ڇوڪرا پيا سادن وٽ ڀاريون پائين، جتيون صاف ڪن ۽ جوٺا باسڻ ملين! توهان پنهنجي وڏن جي عزت ئي ٻوڙي ڇڏي آهـــي. اُنهيءَ ڪانپوءِ ٽين آهي- ويد لڇا يعني ڪرم ڪانڊي، مذهبي چوندا ته هي ڪرم ڌرم کان پرشٽ ٿي ويو آهـي. ٻيا به انيڪ پرڪارن جا دکه ڏيئي ستائيندا. پڇاڙيءَ ۾ اُنهن پريوءَ جـــي پيارن کي مذهبي مارڻ لاءِ به تيار ٿيندا آهن، سو هيءَ پڳتيءَ جـي ڳالهه تمام ڏکي آهي. ٻيو پنڌ پــرڀ آهي يعني آتم تتوَ جـــي ڳالهه سوکيم ۾ سوکيم آهي. جا اول ته سمجهه ۾ نٿي اچـي ۽ وشواس بہ ڏکيو ٿو ٻڌجي. ڪيترا ٻڌي رستو ئـي نٿا وٺن، ڪيترا اهـو رستو ڏسي موٽيو اچن، ڪي ته ٿورو پنڌ ڪري ٿڪجي واٽ تي ويهيو رهن، ڪي وري اڌ ٿان موٽيو اچن، ڪي دروازي تي پهچي در نديڙو ڏسي موٽيو اچن. ڪوئي ڪولي پرم ونراڳـي ۽ وويڪي وڏ ڀاڳي، ستگرن جي ڪرپا سان انهيءَ اٻناسي آتم گهر ۾ وڃي پهچي ٿو. اهو ٻڌي سڀيئي ستسنگي هٿ جوڙي چوڻ لڳا ته هي پريو، اهو رستو اسانکي به ڏيکاريو. توهانجي آشيرواد سان ڏکي ڳالهه بہ سؤلي ٿـــي پـوندي ۽ ضرور پـــنڌ ڪري وڃي پهچنداسون.

اها گيان چرچا ڪري سڀ لٿي مهل آستان تي موٽي اچي ستسنگ ڪيائون. اُنهيءَ ڏينهن ستسنگ ۾ تمام گهڻي خلق آئي هئي. ستگرو مهاراجن به ڏاڍو رنگ رچائي ڇڏيو. ستسنگ ڪانپوءِ ٽيدار واحد بخش مهاراجن کي چيو ته توهان کان سواءِ تمام ٻيائي

مختيارڪار پاڻ ٿلهو روبرو ڏسڻ آيو هو پر ڪجهہ ڪيائين ڪونہ. اُلٽو چيائين تہ هي ڌرم جو ڪم آهي ۽ توهان ناراض نہ ٿيو، پل ٿلهو نهيو پيو هجي. تنهن ۾ هاڻي پائرو توهانجو ڪهڙو ويچار آهي؟ جئن فيصلو ڪريو تئن ڪريون. مکيءَ جي ڳالهہ ٻڌي ڪي پنڃ چوڻ لڳا تہ حيدرآباد هلي ڊپٽي ڪليڪٽر کي درخواست ڏيڻ گهرجي ڇو جو اڄ ٿوري جڳهہ ڪنئين اَٿن، سڀاڻي وري بزار جي وڌيڪ جڳهہ والارين تہ ڇا ڪنداسون؟ تنهن ڪري ٻہ ٽي ڄڻا اڄ ئي حيدرآباد روانا ڪريو. ڪي چوڻ لڳا تہ پائرو توهان سنتن ۽ ستسنگہ جي مهما ڄاڻو ٿا ۽ جيڪي مختيارڪار چوي ٿو سو بلڪل ٺيڪ آهي. برابر ڌرم جو ڪم آهي، ساري شهر واسطي سکہ آهي. سڀئي هرروز نت نيم سان ستسنگہ ٻڌي جنم سڦلو ڪن ٿا. تنهن ڪري ضد ڇڏي ڏيو. ذرا ويچار ڪريو تہ جتي مختيارڪار جهڙو ماڻهو پيٺا رکي مٿو ٽيڪي ويو آهي، اُتي جي حيدرآباد جو ڊپٽي ڪليڪٽر بہ اچي پيٺا رکي مٿو ٽيڪي وڃي تہ پوءِ پاڻ ڇا ڪنداسون؟ اُلٽو جيڪي پيا ماڻهو ٻڌندا سي پاڻ تي کلندا. تنهن ڪري اُنهيءَ ڳالهہ کي اُتي ڇڏي ڏيو ڇو جو سنتن کي رنجائڻ بہ ٺيڪ ڪين آهي.

مکي صاحب پنڃن کي چيو تہ اوهان ٻئي پاسا ٻڌا آهن. ڪي چون ٿا تہ ٿلهو ڊهرايو وڃي ۽ ڪي چون ٿا تہ پل نهيو پيو هجي. سو هاڻي اهڙو فيصلو ڪريو جئن پنڃايت ۾ بہ بگاڙو نہ پوي. ان تي ٻابي ريجهورام مکيءَ کي چيو تہ ووٽ وٺي فيصلو ڪرايو. جنهن پاسي ووٽن جي گهڻائي هجي اهو فيصلو اسان کي قبول آهي. مکي صاحب پنڃن کي چيو تہ جيڪي پائر ٿلهي ڊهرائڻ جي فائدي ۾ هجن سي هٿ مٿي ڪڻن. اٽڪل منو سؤ کن ماڻهن هٿ مٿي ڪنيا. وري مکيءَ چيو تہ هاڻي جيڪي پائر ٿلهي قائم هجڻ جي فائدي ۾ هجن سي هٿ مٿي ڪڻن. اٽڪل پؤڻن ٻن سؤن ماڻهن هٿ مٿي ڪنيا. اهڙيءَ طرح

چوڻ لڳو تہ هي سائين روٽيءَ جو اسان اڳ ۾ ئي بندوبست ڪري ڇڏيو آهي. اڄوڪو ڏينهن مختيارڪار صاحب کي هتي ترسايون ٿا. رات جو اچي اوهانجو ستسنگ ٻڌنداسون. ايترو چئي سيٺئي موڪلائي پنهنجي پنهنجي جاءِ تي ويا. جيڪي پنچاتي ماڻهو مختيارڪار سان گڏ آيا هئا تن اهو سارو رنگ ڏسي وڃي مکيءَ کي پڙڪائڻ لاءِ چيو تہ مختيارڪار پاڻ پيٽا رکي مٿو پيو ٽيڪي ۽ ڇوي پيو تہ ٻي بہ ڪا خدمت هجي تہ حڪم ڪريو، باقي ٽلهي بابت تہ مختيارڪار ڪجهہ بہ ڪين چيو. تنهن ڪري توهان اسان سان گڏجي ديري تي هلو تہ روبرو مختيارڪار کي ٽلهي بابت ڪيس ساري حقيقت ڏيان تي آڻيون. مکي، پنچن سان گڏجي مختيارڪار کي ٽلهي بابت ساري ڳالهہ ڪري ٻڌائي ۽ زور پرڻ لڳو تہ اِهو ٽلهو ضرور ڀرايو وڃي. مختيارڪار ڪين چيو تہ مان ٽلهو ڏسي آيو آهيان، بزار کي ڪابہ روڪ ڪانهي. بزار لاءِ اچا ڪافي رستو پيو آهي. مختيارڪار مکيءَ کي چيو تہ هي ڌرم جو ڪم آهي. ڪيتري خلق درويش جي آستان تي روٽي کائيندي آهي ۽ ستسنگ ٻڌندي آهي. توهان تہ پاڻ خوش ٿيو جو توهانجي ڳوٺ ۾ هڪڙو ڪامل درويش پيدا ٿيو آهي. سچ پڇ تہ توهانجي شهر جو ڀاڳ جاڳيو آهي. اسان تہ درويش جو ديدار ڪري ڏاڍو خوش ٿيا آهيون. توهان ٿوريءَ ڳالهہ ڪري ناراض نہ ٿيو. پل ٽلهو نهيو پيو هجي. مختيارڪار جي اها ڳالهہ ٻڌي سيٺئي موٽي مکيءَ جي جاءِ تي آيا. پنچ مکيءَ کي چوڻ لڳا تہ ڊپٽي ڪليڪٽر کي درخواست ڪري اهو ٽلهو ڀرائجي. مکيءَ پنچن کي چيو تہ ساري شهر جي پنچاس ڪٺي ٿا ڪريون، پوءِ جئن پنچن فيصلو ڪيو تئن ڪنداسون. ساري شهر جي پنچاس ڪٺي ٿي. اُتي مکيءَ اُٿي چيو تہ پائرو سنتن جيڪو بي قاعدي ٽلهو ٺهرايو آهي تنهن بابت اسان بہ درخواستون هالن ٺون جي مختيارڪار کي ڪيون هيون ۽ اڄ

ڪيترا ستسنگي هٿ جوڙي ستگرو مهاراجن کي چوڻ لڳا ته هي پريو اسان هر وقت توهانجي چرن ڪملن ۾ رهڻ ٿا چاهيو ڪرپا ڪري اسانکي پنهنجي شرڻ ۾ رکو. سنساري وهنوار ۾ هاڻي اسانجو چت نٿو لڳي. مرضي آٿئون ته سدائين اوهان جي چرنن ۾ رهي شيوا ڪريون. ايترو چئي سڀئي پريمي مهاراجن جي چرنن ۾ ڪري پيا. ستگرو مهاراجن سندن اهڙو آئي پريم ڏسي کين اُٿاري دلداري ڏيئي چوڻ لڳا ته اَبا ڪوئي خيال نه ڪريو، صبح جو سوير اچجو، پرماتما سڀ ڀلي ڪندو. ستگرو مهاراجن جا اِهي دلداريءَ جا وچن ٻڌي سڀئي پريمي خوش ٿيا.

صبح جو سوير سڀئي ستسنگي پرساد ۽ پوڄا جي سامگري کڻي اچي ستگرو مهاراجن جي پوڄا ڪري گور منتر وٺي شش ٿيا. اُنهن مان ڪن مکيه مائهن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا:-

آسورام، آتمانند، پرمانند، منگهن رام، مينگهراج، ٺاڪورام، کيمارام، اوم پرڪاش، جيجن رام، آلورام، ريجهورام، لالورام، ڪلورام، پاريارام، جيٺو ڀڳت، آسومل سوناري، ٻاٻو جانيرام، ٽڪيارام، ٽيڪورام، واڌورام، وينسي رام، ڪشن رام، راموراءِ، آنندرام پيا ٻ ڪيترا ڪنڌڪوٽ ۽ سالارن جا پريمي ڀائي مائي ۽ واحد بخش تپدار ستگر مهاراجن کان نام جو اُپديش وٺي شش بڻيا.

تڏن پوءِ ٿڌن ستگرو مهاراجن جو چت وئراڳ ۽ ڀڳتيءَ ۾ ڀربو ويو ۽ ڏاڍي پريم ۽ وئراڳ سان ستسنگ ڪندا هئا.

هڪ ڏينهن مهاراج هوندلداس اچي ستگورو مهاراجن جي ستسنگ ۾ ويٺو. ستسنگ سماپت ٿيڻ ڪانپوءِ هٿ جوڙي ستگرو مهاراجن کي چوڻ لڳو ته هيءُ داس بکيو اوهان جي در تي آيو آهي. ڪرپا ڪري ڀنڊاري مان ڪو ڪٽڪو ڪارايو، جو ڪائي من ۾ شانتي اچي. اِئين چوندي پريم وچان اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيس. ستگور مهاراجن هوندلداس ڏانهن نهاري چوڻ لڳا ته توهان پاڻ وڏا ودوان آهيو ۽ شاستر ٻه پڙهيل آهيو ۽ ڪٿائون ٻه ڪندا

گهڻائيءَ جي راءِ ڏسي مکيءَ فيصلو ڏنو تہ ٺلهو پل ٺهيو پيو هجي. رات جو ستسنگ ۾ تپدار ۽ مختيارڪار بہ آيا. ٺلهو تہ ٺهيو پر ٻڙار بہ خلق سان پرڀي ويئي. ڀرين سوامي گوال لال ۽ ٻين ستسنگ ڪيو. تنهن کانپوءِ ستگرو مهاراڄ جيڪي ڀڄن ڳايا تن ۾ هيٺيون ڀڄن پڻ هو.

راڳ وهاڳ

ٿل - جت ساهہ ٻري سا جاءِ جري -
دکہ درد بنا دانهن ڪير ڪري.

١- درد دکن جت ڪيڙا ڏيرا - جوش جلايا تن جا جيرا،
جان جندڙيءَ جيڻ ڏيئي قيرا - ڏونگر من کي روز ڏري.
٢- درد دکن جا اُپريا دونهان - ستگرو وچنين تيڙا سونهان،
عشق اگن جون ساڙن لونهان - محبت جي مچ ۾ تہ مري.
٣- جنهن گهر جاريو تنهن گهر تاريو- صورت ۾ سو ساز نهاريو،
ديهہ پنهنجيءَ ۾ ديپڪ ٻاريو- ڏيان تنهين جو روز ڏري.
٤- درد دکن جون ٻڌجن دانهون - سر ڏئي سي سڄڻ سدائون،
ڪر جوڙي ڪر کهنا ٽيئون - پريم سندو آهہ پند پري.

اهڙي پريم ۽ وئراڳ سان ڳايائون جو سنگت کان پنهنجو گهر ٻار بہ وسري ويو. مختيارڪار کان پريم سان اکين ۾ جل پرجي آيو. ستسنگ سماپت ٿيڻ کانپوءِ ساري سنگت پرساد وٺي پنهنجي گهر ويئي. مختيارڪار ستگرو مهاراڄ کي چوڻ لڳو تہ هي درويش سائين اسان توهان جو ستسنگ ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيا آهيون. سڀاڻي صبح جو اسان هالن موٽي ويندا سون. ٺلهي جو فيصلو ٿي ويو جو قائم رهندو. ٻي ڪا ڪارخدمت هجي تہ اسين وڏي خوشيءَ سان ڪنداسون. توهانجو نيائو ئي اسان لاءِ ڪافي آهي. ايترو چئي مختيارڪار ۽ تپدار ٻنهي پنهنجي جاءِ تي ويا.

گوال لال جو اهڙو پريم ڏسي چيائون ته اَبا، توکي ٻه جلد اُني نام ڏيندا سون، خيال نه ڪر. هاڻي وڃي آرام ڪر.

صبح جو سوير مهاراج هوندلداس آيو. ستگرو مهاراجن کي پيرين پئي هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته پريۇ داس حاضر آهي، جيڪا شيوا هجي سا آگيا ڪريو. ستگرو مهاراجن چيس ته ميٺ تيل کڻي سيني سنتن کي اشنان ڪرائي، ٽڪري ڪارائي پاڻي پياريو. اِها آگيا پائي مهاراج هوندلداس ميٺ تيل کڻي سنتن کي وٺي کوهه تان اشنان ڪرائي آيو ۽ ٽڪري ڪارائي جل پيارياءِين تنهن کانپوءِ ستگرو مهاراجن کي چوڻ لڳو ته ٻي ڪا شيوا ڏيو. ستگرو مهاراجن چيس ته سنتن وٽ وڃي ويهو ۽ جيڪا شيوا چون سا ڪجو. سنتن کي روٽي ڪارائي پاڻ ٻه کائي پوءِ گهر وڃجو. شام جو ٦ بجه اچي ستسنگ جا آسڻ وڇائجو. مهاراج هوندلداس وڃي سنتن جي شيوا ڪرڻ لڳو. سنتن کي روٽي ڪارائي، پاڻ ٻه کائي پنهنجي گهر ويو. شام جو اَچي ستسنگ جا فراس وڇايائين. اَهڙي طرح ڪجهه وقت ڏاڍي پريم سان شيوا ڪيائين.

جڏهن ستگرو مهاراجن ڏٺو ته هوندلداس کي ذات يا وديا جو ايمان ڪونهي ۽ ڪهڙي ٻه قسم جي شيوا ۾ سنڪوچ نٿو ڪري، تمام گهڻي شردا ۽ پريم ٻه اَٽل اَٿس تڏهن کيس نام جو اڌڪاري سمجهي چيائون ته اَبا سڀاڻي ٨ بجه اچجو ته توهان کي نام جو رستو ٻڌائيندا سون.

اوڏي مهل ستگرو مهاراجن گوال لال کي چيو ته سڀاڻي توکي ٻه هوندلداس سان گڏ نام ڏيندا سون.

ٻئي ڏينهن صبح جو ٨ بجه گوال لال ۽ هوندلداس پوڄا جي سامگري ۽ پرساد کڻي آيا ۽ ستگرو مهاراجن کي پيرين پئي اچي ويٺا ۽ گر منتر وٺي ستگرو مهاراجن جا شش ٿيا. تنهن کانپوءِ

آهيو. سڀ ڪجهه ڄاڻو ٿا. اسان ته اڻڄاڻ آهيون. جو توهان کي وڏيڪ ڪجهه ٻڌايون. تنهن تي مهاراج هوندلداس هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته هي پريؤ، پڙهيا ته گهڻو آهيون، پر سڀ شاستر ٻه چون ٿا ته پورڻ ستگروءَ کان سواءِ آتما جو ساکياتڪار نه ٿيندو ۽ نه ورِي من کي شانتي ملندي. سو مان گهڻي وقت کان وٺي ستگروءَ جي ڳولها ۾ هوس. گهڻن ئي مهاتمائن، سنت پرشن سان روح رهاڻ ڪيم پر منهنجو من ڪٿي ٻه نه لڳو. اڄ توهان جو ستسنگ ٻڌي منهنجي دل ۾ پورڻ وشواس ٿيو آهي ته منهنجو اُڌار اوهان وٽان ئي ٿيندو.

گنگا متّرا ڪاشي ڦريو - ڦريو تيرٿ ساري،

ڪهان نهين مجهه پريو ملبا - آيو شرن تمهاري.

سو پريؤ مان اوهان جي شرڻ آيو آهيان. ڪرپا ڪري ڀڳوان ملڻ جو رستو ڏيکاريو ته آتما جو درشن ڪري جنم مرڻ جو ڦيرو مٽايان.

مهاراج هوندلداس جو اهڙو پريم ڏسي ستگرو مهاراجن چيس ته چڱو اَبا هر روز صبح جو سوير اچي سنتن جي شيوا ڪجو. ڀڳوان مڙيو ئي ڀلي ڪندو. مهاراج هوندلداس ڏاڍو خوش ٿيو ۽ پيرين پئي پنهنجي گهر ويو.

رات جو روٽي کائي ستگرو مهاراجن آرامي ٿيا ته گوال لال کي چيائون ته اَبا، هاڻي وڃي آرام ڪر. گوال لال هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته هي پريؤ، هن داس تي ٻه ڪرپا ڪري نام جو اُپديش ڏيو. مهاراجن چيس ته تون اَڃا ٻار آهين، پريم سان سنتن جي شيوا ڪندو رهه، پوءِ توکي نام ڏينداسون. اکين ۾ پاڻي آڻي گوال لال چيو ته هي پريؤ ڪرپا ڪري مونکي هينئر ئي نام جو اُپديش ڏيو جو پوءِ مٿان سنساري مايا ڦاسائي ڇڏي. مان سدائين اوهان جي چرنن ۾ رهي شيوا ڪندس.

جو ڪرم ڌرم پرشت ڪري. توهان اسان جا پوڄنيه گرو آهيو، اسين توهان جي شيوا ۽ پوڄا ڪريون ڪين توهان اسان واڻين جي شيوا ڪريو؟ ڪيترن ڏينهن کان وٺي مهراج هوندلداس، ڀڳت ٽيڪچند رام جو شش ٻڻجي شيوا پيو ڪري. توهان کي شايد اُنهيءَ ڳالهه جي خبر ناهي، جي توهان برهمڻ ٿي اِئين ڪرڻ لڳندا ۽ پنهنجو ڪرم ڌرم وڃائيندا ته ڪير اوهان جي پوڄا ڪندو؟ جي توهان کي اعتبار نه اچي ته روبرو وڃي ڏسي اچو. مهراج گرڌاري لال اهو ٻڌي پنهنجي ڇوڪري کي سڏي چيو ته، پٽ ڏسي اچ ته ڪاڪهن ڇا وينو ڪري. ڇوڪري ڏسي اچي ٻڌايو ته ڪاڪو باسڻ پيو ملي. اهو ٻڌي گرڌاري لال چپ ٿي ويو.

رات جو ستسنگ ٻڌي مهراج هوندلداس گهر موٽيو ته مهراج گرڌاري لال کيس چيو ته تون ٽيڪچند رام جي گهر ڇو ٿو وڃي شيوا ڪرين؟ مون ٻڌو آهي ته توهن کان اُپديش وٺي هن جو شش ٻڻيو آهين. هنجي گهر ۾ ٻهاريون پيو پائين، جوٺا باسڻ پيو ملين ۽ فراس پيو وڇائين. ماڻهو ڇا چوندا؟ تون پنهنجي شان ڏانهن ڏس. اسين برهمڻ ٿي واڻين جي شيوا ڪريون؟ اِها ڳالهه توکي سونهين ٿي؟ پنهنجو ڪرم ڌرم پرشٽ نه ڪر.

هوندلداس هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته ڀائو مون برابر ڪين ستگرو ڪيو آهي ۽ شيوا به ڪندو آهيان، جو جگياسوءَ جو ڌرم آهي ته گرن جي هر پرڪار شيوا ڪري. سڀيئي شاستر به اِئين ٿا چون ته ديهه ڌاري گروءَ کان سواءِ گيان جي پراپتي نه ٿيندي ۽ گيان کان سواءِ مڪتي نه ملندي آهي. خالي شاسترن پڙهڻ سان آتما جو ساکيات نه ٿيندو.

سلوڪ - ويد اُد ذي گر بن لکي - لاگي لوڻ سمان
بادل گرمکه دوار ٿي - امرت ٿي اڏڪان.

ستگرو مهاراڄن کين ڇيو ته هاڻي پرشارت ڪري پنهنجي آتم سروپ کي پايو. ٿورو ڳالهايو، ٿورو کائو ۽ ٿوري ننڊ ڪريو. رات ڏينهن اڀياس ڪريو ۽ سنتن جي شيوا پڻ چت لائي ڪريو.

ٻيا ٻه ڪيترا جگياسو ۽ ستسنگي هر روز صبح جو سوير اُٿي مهاراڄن وٽ ايندا هئا، ڪي ڳائين جي شيوا ڪندا هئا، ڪي ٻهاري ڏيندا هئا، ڪي پاڻي ڀريندا هئا، ڪي باسڻ ملبندا هئا ته ڪي سنتن جي شيوا ڪندا هئا. شيوا ڪري وري پنهنجن گهرن جا ڪم ڪاريون ڪندا هئا ۽ وري ٻه رات جو اچي سنتن جو گيان گوشت ٻڌندا هئا. ستسنگ سماپت ٿيڻ کان پوءِ ۱۰-۱۱ بجي گهر موٽي ويندا هئا.

هڪ ڏينهن شام جو ٦ بجي مهاراج هوندلداس ستسنگ جي ٿلهي جي وڃي ٻهاري پائي ته سندس هڪ پيارو جڄمان ڀڳت باسري رام اُتان اچي لنگهيو. مهاراج هوندلداس کي ٻهاري پائيندو ڏسي ڇوڙ لڳو ته مهراج هي ڇا ويٺا ڪريو؟ توهان پاڻ ويٺا ٻهاري ڏيو! هي واڻيا توهان جي شيوا ڪن يا توهان هنن جي شيوا ڪريو؟ ماڻهو ڇا چوندا؟ شهر جا ماڻهو اوهان جي نندا ڪندا. تنهن تي مهاراج هوندلداس چيس ته سارو سنسار ته اسان جي وڃو شيوا ڪري پر اسان جو ٻه ته ڌرم آهي ته ڪنهن جي شيوا ڪريون، سو هيءَ جاءِ اسان جي شيوا ڪرڻ جي آهي. ستگرن ۽ سنتن جي شيوا نه ڪريون؟ گرو گرنٿ صاحب اوهان روز پڙهندا آهيو، صاحبن لکيو آهي ته ’ چار پدارٿ جيڪو مانگي، ساڌ جنا کي سيوا لاڳي.‘ سوئي پيارا جي توهان ٻه پنهنجو اڌار چاهيو ته هن در تي اچي شيوا ڪريو. اِهو ٻڌي باسري رام، مهراج جي گهر اچي سندس وڏي ڀاءُ مهراج گرڌاري رام کي ٻڌايو ته اوهان جو ننڍو ڀاءُ هوندلداس، ڀڳت نيئون رام جن جي گهر وڃو ٻهاري پائي، جُونا باسڻ ملي ۽ توهان

ڪئي ۽ ڪل ۾ ويچار ڪيائين ته سنت کي وڃي چوندس ته هوندل کي پاڻ وٽ اچڻ نه ڏيو. اهو ويچار ڪري ٻاهر هليو ويو.

ٻئي پاسي ستگرو مهاراجن جا ٻيا به جيڪي جگياسوءَ پريمي هئا تن کي به سندن مائٽ چوڻ لڳا ته توهان گهر جو ڪم دل سان نٿا ڪريو ۽ سارو ڏينهن سادن وٽ وينا آهيو. رات جو ١٢ بجه ٽڪا ڪائي گهر ٿا اچو. اسان توهان جا نوڪر ٿـي در پٽي وينا نهاريون ته اِجهو ٿا اَچن. پر توهان کي پنهنجو ڪوبه خيال ڪونه ٿو ٿئي. اڄ ڏينهن کان وٺي سنت وٽ نه وڃجو. جي ويندا ته پاڻ جا ٽٽو ٿا. ٻيو به گهڻو ئي گهٽ وڌ ڳالهائي مائٽن کين منع ڪئي. پر اُنهن پريمين ۽ ستسنگين پنهنجي مائٽن جي سمجهاڻ يا دڙڪن تي ڪوبه ڌيان نه ڏنو. جئن روزانه نت نيم سان ستگرو مهاراجن وٽ ايندا ويندا هئا، تئن ئي اچڻ وڃڻ لڳا. آخر چوڪرن کي مائٽ مارڻ لڳا. ڪن کي ڪوٺين ۾ پوُري تالا ڏيئي بند ڪيائون، ڪن کي نوڙين سان ٻڌي ڇڏيائون. پر جئن جئن مائٽ پيا مارين تئن تئن ورتي ويئي ويراڳي ٿيندي ۽ پريم ويو پختو ٿيندو ڇو جو سنسار جو دک به ويراڳ جو ڪارڻ آهي.

سلوڪ- جئن جئن ٽوڪي لوڪ- تئن تئن هون تاڪيد ٿئي.

اُنهيءَ ڪري پاڻ جيڪو سنسار ۽ مٽن مائٽن ۾ موهه هون سو نڪرندو وين. جئن بندرابن ۾ گوپيون گوالڻ. ڪرشن جي مرليءَ جو آواز ٻڌي، لوڪ لڄا لاهي، پنهنجو ڪم ڪار ڇڏي ۽ ڪنهن جي پرواهه نه ڪري ڀڳوان جي چرنن ۾ پهچي مرليءَ تي مست ٿي ويندا هئا، ڪابه وهنوار يا سنسار جي خبر ڪانه پوندي هئن تهڙي طرح سڀيئي جگياسوءَ پريمي ستگرو مهاراجن جي پيڄن روُپي مرلي ٻڌندا هئا ته يڪدم ستگرو مهاراجن جي چرنن ۾ اَچي ستسنگ ٻڌندا هئا.

ارٿ:- ويد شاستر بادل سمان آهن. گروءَ کان سواءِ ڪارا لڳندا، جئن سمنڊ جو پاڻي کارو آهي. پر اهوئي پاڻي بادلن دوارا مٿو ٿي اچي ٿو، تئن ويد گرنٿ پورن گروءَ دواران پڙهبا ته امرت سمان ٿي جيئو کي امر بڻائيندا. انهيءَ ڪري مون شاسترن جي آڳيا پائي ستگرو ڪيو آهي. تنهن تي مهراج گرڌاري لال چوڻ لڳو ته تنهنجي ڳالهه برابر آهي پر ڪو مهاتما، ڪو وڏو سنياسي، ڪو وڏي ناليوارو گديسر گرو ڪرين ها ته تنهنجو نالو به ٿئي ها. هينئر جيڪو ٻڌندو سو اُلٽو ننڊا ڪندو. اسانکي به ڪنڌ هيٺ ڪرڻو پوندو. ماڻهو اُپهاس ڪندا ته توهان ڇا ڪيو آهي جو پنهنجي اُتم برهمڻ پڻي کي ناس ڪري ڇڏيو. ڪل کي ڪلنڪ لڳايؤ، تنهن ڪري اڄ کان وٺي ٽيئون رام جو شش نه ٿيائج ۽ نه سندس گهر وڃي شيوا ڪج. جي اسان جي ڳالهه نه مڃيندين ته اسان توکي گهر ۾ ڪونه رهائيندا سون. اهو ٻڌي هوندلداس پاڻ کي چوڻ لڳو ته توهان مون کي، پتا سمان آهيو. ودوان ۽ شاسترن جا ڄاڻو آهيو سو توهان کهڙي ٿا صلاح ڏيو؟ سندر مهراج وڏو ودوان هو، پوءِ سودر ذات جي پڄاري دادوءَ کي ڇو گرو ڪيو هئائين؟ هنکي گرو ڪرڻ سان ڇا سندس برهمڻپڻو ناس ٿي ويو؟ توهان ودوان آهيو. مون کي ٿا ٿا سمجهايو. مهراج گرڌاري لال چوڻ لڳو ته سندر مهراج برابر برهمڻ ٿي ڪري دادو مهراج جو چيلو ٿيو هو پر ڪيس برهمڻن جي پنچايت پنهنجي نيات مان ڪڍي ڇڏيو هو. تنهن تي هوندلداس چوڻ لڳو ته پلي مونکي به نيات مان ڪڍي ڇڏيو.

دوهرو - گنگا ڪاشي گرنار تڪ - ڪوجا چارون ڌام هوندل ڪي من پائيا - ستگرو ٽيئون رام.

مون جيڪو ستگرو ڪيو آهي تنهن جو ئي شش ٿيائيندس ۽ شيوا به ڪندس. اهو جواب ٻڌي مهراج گرڌاري لال ڪڻي چپ

کرپا کري اوهان پاڻ وٽ اچڻ نه ڏيون. ستگرو مهاراڄ وري
مشڪي چيو ته توهان ويچار ته ڪريو ته اسان وٽ اچڻ ته ڪڏهن
لوڏي ڪيون. اِها ڳالهه ڪڏهن نهندي. اسان وٽ ڪو اچي يا
ڪو وڃي اسان ته ڪنهن کي به ڪونه جهليندااسون. ايترو چئي
مهاراڄ گوال لال کي چيو ته آبا، ٽڪري ڪارائي، سيٺي کي جل
پيئاريو. اُنهيءَ تي سيٺيءَ اُٺي چوڻ لڳا ته اسان کي پاڻيءَ جي
گهرج ناهي، اسين وڃون ٿا.

ايترو چئي سيٺيءَ ڪاوڙجي اُٿي هليا ويا ۽ سڌو مکيءَ
وٽ ويا. مکيءَ کي پنهنجن ڇوڪرن ۽ مهاراڄ جي سموري
ڳالهه ڪري ٻڌايائون. ڳالهه ٻڌي مکي صاحب چوڻ لڳو ته اُنهيءَ
ٻاري ڄمون کي اڄ ڄ به سالاري شهر مان به ٿي دانهون آيون
آهن. برابر اِها ڳالهه سچي ڪانه آهي جو نؤجوان ڇوڪرا ڏنڊا ڏاڙهي
ڇڏي، پنهنجا گهر ڦٽائــي، سارو ڏينهن سنت وٽ وينا هجن.
ٺهنڪري سڀاڻي ساري شهر جي پنچات ڪٺي ڪري ويچار
ڪنداسون. ايترو ٻڌي سيٺيءَ پنهنجي پنهنجي گهر ويا.

رات جو ستسنگ کانپوءِ مهاراڄ ڇوڪرن کي چيو ته آبا،
ٻي خبر ٻڌي اٿوَ. اوهان جا مائٽ گڏجي اڄ صبح جـو اسان
وٽ آيا هئا ۽ چوڻ لڳا ته توهان اسان جي ڇوڪرن کــي پاڻ
وٽ اچڻ نه ڏيو، ڇاڪاڻ تــه ڇوڪرا ڪرجي پيا آهن. گهر جـو
ڪم ڪار ڪونه ٿا ڪن. آبا، توهان سڀ وڏن جي آگيا ۾ رهـو
۽ گهر جو ڪم ڪار به ڪريو. ستگرو مهاراڄ جــي ڳالهه ٻڌي
آتمانند، هوندلداس، اوم پرڪاش ۽ ٻيا پــريمي ستگرو مهاراڄ
کي چوڻ لڳا ته سائين، اسين گهر جـو ڪم ڪريون به پيا تنهن
هوندي به مائٽ پيا مارڪٽ ڪن ۽ گهٽ وڌ ڳالهائين. چون ٿا
ته ماڳهين ساڌن وٽ وڃو ئي نه. اڄ توهان وٽان ٿي وڃي مکيءَ
کي دانهن ڏني اٿن. سڀاڻي ٻنهي شهرن جــي پنچات ڪٺي

سلوڪ - نو نيڻ ڏهه ڏاوڻ - پد رهن پيڌ پيا،
جڏهن پرين ياد پيا. تڏهن چرڪ چنائون هيڪڙي.

ارٿ - جن کي سچو پريم ۽ وئراڳ ۽ پريو جي ملڻ جي پياس آهي تنکي سنسار جو ڪوبه بندن ٻڌي نٿو سگهي.

چوڪرن جو اهڙو حال ڏسي، مائٽ منجهي پيا ته ڇا ڪجي. ڪيترو به کين ماريون ٿا، بند ڪريون ٿا ته به ڀڄيون ٿيي هليا ٿا وڃن، اسان جي ڪابه پرواهه نٿا ڪن. جيڪي ٽيهه چاليهه اهڙا چوڪرا هئا تن جا مائٽ پاڻ ۾ گڏ ٿيا. اها خبر مهراج گرڌاري لال جي ڪن تي به پيئي، سو هو اُتي آيو ۽ اچي پنهنجي پاءُ هوندل جي وارثا به کين ٻڌايائين ۽ چيائون ته هلو ته هلي سنت تي زور آڻيون ته اسان جي ٻارن کي پاڻ وٽ اچڻ نه ڏئي. سيٺي چيو ته اسان پاڻ اهڙي صلاح ڪري رهيا هئاسون. اِها ڳالهه نه مڃي ته پوءِ مکي صاحب کي هلي چونداسون.

اهو فيصلو ڪري سيٺيئي گڏجي ستگرو مهاراجن وٽ آيا. ستگرو مهاراجن سيٺين کي آدر ستڪار ڏيئي وهاريو ۽ پريم سان پڇڻ لڳا ته توهان جو اَڄ ڪيئن اچڻ ٿيو آهي. تنهن تي مهراج گرڌاري لال چوڻ لڳو ته اسان سڀ اَڄ اُنهيءَ ڪري توهان وٽ آيا آهيون جو اسان جا چوڪرا پنهنجن گهرن جو ڪم ڪار اصل نه ٿا ڪن، سارو ڏينهن توهان وٽ وينا آهن ۽ رات جو ۱۲ ٻجه ڌاري مس ٿا موٽن. اسان کين گهڻو ئي سمجهايو آهي پر اسان جي هڪ به نٿا ٻڌن. اسان جو تنهنڪري اوهان کي عرض آهي ته کين اوهين پاڻ وٽ اچڻ نه ڏيو.

مهاراجن مشڪي چيو ته اسان وٽ جيڪو ايندو تنهن کي ڪيئن چونداسون ته اسان وٽ نه اچ. توهان ڀلي پنهنجن ڇوڪرن کي جهليو. مهاراجن جا اهي وچن ٻڌي سيٺيئي چوڻ لڳا ته ڀڳت صاحب چوڪرا اسانجي ضابطي کان نڪري ويا آهن،

ٻاقي جو توهان ڏار ۽ ٽاريون ڀيا ويهندا ۽ پـــن ڀيا پٽيندا تـہ وري ٻيا ڀيا ڦٽندا. تنهن تي مکي اُتي ڇورڻ لڳو تہ ڪٿي ڀائرو اِنهيءَ ڳالهہ جو مطلب سمجهيو اَٿؤ؟ هن جـــي ڇورڻ جـو مطلب آهي تہ ڇوڪرا آهن ڏار، ٽاريون ۽ پن تن کي مارڪٽ ڪري جي چپ ڪرائيندا تہ وري ٻيا ڇوڪرا اهڙا پيدا ٿيندا ۽ وڻ آهي ڀڳت ٽيئون رام. جيڪڏهن ماڻهين سنت ڪـي شهر مـــان لڏائي ڇڏيندا تہ ڇوڪرا پاڻهي ٻهڙا تـــي چپ ڪري وهندا. تنهن ۾ اوهان ڀائرن جو ڪهڙو رايو آهي.

هڪ سهڻ اُتـي چيو تہ ڀائرو، سنت کـــي ڪئن لڏائي سگهندا؟ هو وس وارو آهي، لڏي يا نہ. اُنهيءَ تي ٻيو اُتـــي ڇورڻ لڳو تہ سنت جي گهر کي پنچائت مان لاهي ڇڏجي. کندبُو ۽ سالاري جو ڪوبہ ماڻهو هنن کي پاڻيءَ جـي شيءِ بہ نہ ڏئي. ڪوبہ ساڻن لاڳاپو يا واسطو نہ رکي. ڪير بہ سندن گهر نہ وڃي جيڪو وڃي يا پنچن جي فيصلي جو اُلنگهن ڪري اُنهيءَ تي پنج روپيہ ڏنڊ رکيو وڃي. سنت کي لڏائڻ جو اِهوئي هڪ طريقو آهي. اِئين ڪندا تہ هوُ پاڻهي لڏي ويندو. اُنهيءَ تي پنچائت ۾ ڏاڍو اچي گوڙ متو. ڪي چون تہ اِها راءِ ٺيڪ آهي ۽ ڪي چون تہ اِئين ٺيڪ نہ ٿيندو. سنتن کي ستائڻ معنيٰ نگريءَ جو ناس ڪرائڻ. مکي صاحب اُتي چيو تہ شانتي ڪري ٻڌو. اوهان اڳيان بہ رايا آهن. هاڻي فيصلو ڪريو، ڀائي ڦتورام اُتـي ڇورڻ لڳو تہ ووٽ ورتا وڃن. گهڻن جو رايو بيٺو تہ سنت جـي آڪهہ کي ٽالهيون لاٿو وڃي. ٻئي ڏينهن مکي صاحب سالاري ۽ کندبوءَ ۾ هوڪو ڏياريو تہ ڀڳت ٽيئون رام جي گهر کي پنچائت ٽالهين لاٿو آهي، تنهن ڪري ڪير بہ ساڻن وهنوار نہ رکي. جيڪو هن فيصلي جي ڀڃڪڙي ڪندو اُن تي پنج روپيہ ڏنڊ رکيو ويندو. سڀ لٿي سيٺئي پريمي مهاراجن وٽ ويا ۽ جيڪي پنچائت ۾

ٽيندي. وڏيڪ چوڻ لڳا ته هي پريو، اسان کي مائٽ ڪيترا
به دک ۽ ڪشٽ ڏيندا ته به توهان جو در ڪين ڇڏينداسون. ڇت
ته اِئين ٿو چوي ته سدائين توهان جي چرنن ۾ وينا رهون.
مهاراجن تنهن تي مشڪي چوڻ چوڻ لڳا ته اَبا، گهبرايو نه.
جيڪي مائٽ چون يا دک ڏين ته به مائٽن کي آڏو جواب نه
ڏجو. سدائين سانت ۾ رهجو. هاڻي پلي گهر وڃو.

ٻئي ڏينهن رات جو ڪنڌڪوٽ ۽ سالاري جي پنچات جو
ميڙ ٿيو، جتي مکي صاحب سيٺي پنچن کي ٻڌايو ته ڪن ڪن
ڇوڪرن جا مائٽ دانهن کڻي آيا هئا ته ڀڳت ٽيئون رام جي
صحبت ۾ سندن ڇوڪرا نه گهر جا رهيا آهن نه گهاٽ جا. اِنهيءَ
لاءِ هو ڀڳت ٽيئون رام وٽ به ويا هئا ۽ ڪيس عرض ڪيو هئائون
ته اسان جي ڇوڪرن کي پاڻ وٽ اَچڻ نه ڏيو، پر هن ڪين ڪنو
جواب ڏنو ته مان اِئين ڪين ڪندس. اوهين پنهنجا ڇوڪرا پاڻ
سنڀاليو. نراس ٿي، هو مون وٽ دانهين آيا هئا ته هيءَ ڳالهه
ٺهي ڪين. پنچ ڪجهه ڪن. اِنهيءَ لاءِ اوهان کي تڪليف
ڏني ويئي آهي. هينئر اوهان جو جيڪو ويچار هجي.

اينترو چئي مکي صاحب بس ڪئي ته مهراج گرداري لال
اُٿي ڪڙو ٿيو ۽ چوڻ لڳو ته ههڙو ظلم ڪٿي ڏٺو، جو ڀڳت
ٽيئون رام منهنجي پاءُ کان گهر جي ٻهاري پارائي، جوٺا باسڻ
ملائي، پاڻي پرائي ۽ ٻيو اهڙو ڪم ڪار ڪرائي؟ اسان برهمڻ
اوهان جا پوڄيه. ڀڳت ٽيئون رام کي اِهو به خيال ڪونه ٿو ٿئي.
اوهين پنچ مٿس زور آڻيو ته اسان جي ٻارن کي پاڻ وٽ
اَچڻ کان منع ڪري، يا جي چئو ته اسين اوهان جو شهر
ڇڏي هليا وڃون.

اُٿي ڀڳت بانسري رام چوڻ لڳو ته منهنجي صلاح آهي
ته وڻ کي پاڙ کان وڍيو ته ڏار، ٽاريون ۽ پن پاڻهي سڪي ويندا.

٩- هن وڻ جو ٻج آهه وڪاڻو - ملهه کان مهانگو اُصل اُباڻو
وٺندو ڪو سر پيت ڌري.

١٠- هن وڻ کي ٻوڄي جن جوئي - ڪهي ڏيڻون سڪ پائي سوئي
ٻڏ ساگر کان تَرت تري.

اهو ٻڌي جڏهن ارت سهت ڳائي پورو ڪيائون تڏهن جيڪي مهاراجن جا پريمي جگياسو آئي ويٺا هئا سي ٻڌي دواران دلداري پائي پريم منجهان وڏي آواز سان ستگرو مهاراجن جي جئه مناڻڻ لڳا. تنهن کانپوءِ پريمي چوڻ لڳا ته اسين ته نت نيم سان پيا ايندا سون. مائٽ جاڻن پنڌڃات جاڻي. سڀئي پيرين پئي گهر ويا.

ٻئي ڏينهن تي شهر جو ڪوٻ ماڻهو ستگرو مهاراجن جي دڪان يا گهر ۾ ڪونه آيو. شام جو ستسنگ جي سمي ڪن پريمين مهاراجن کي ٻڌايو ته اڄ مائٽن پنهنجن ٻارن کي ٻڌي قابو ڪري وهاريو آهي. اسين توهان جي ديا سان ڪنهن نموني ٻڌي آيا آهيون. مهاراجن کين مشڪي چيو ته چنتا نه ڪريو. ايشور چڱي ڪندو. ايترو چئي ستسنگ شروع ڪيائون. واحد بخش تپيدار دلو وڃايو. اُنهيءَ رات ستسنگ ۾ ٢٥-٣٠ ماڻهو مس آيا هئا. جڏهن ستسنگ سماپت ٿيڻ تي هو ته پنڌڃاتي ٿهليو، جيڪي ستسنگ ۾ آيل هئا تن جا نالا لکي ويو. تنهن کان پوءِ ستگرو مهاراجن ستسنگين کي چوڻ لڳا ته اُبا، توهان ستسنگ ۾ آيا آهيو پر پنڌڃاتي ٿهليو اوهان جا نالا لکي ويو آهي. سڀاڻي ڏنڊ ڀرڻو پوندوَ. پر اُبا ڪو خيال نه ڪريو. اِهي سڀ ڀڳوان جا کيل آهن. پريکيا ٿو وڃي. اُنت ۾ سؤلي ڪندو هاڻي توهين ڀلي گهر وڃو. مائٽ ڪجهه ٻه چون ته غم ڪائي وڃجو.

پوءِ سڀئي گهرن ڏانهن ويا. گهر پهتا ته ڏسن ته دروازا بند

وهيو واڀرايو هو، سو ڪين ٻڌايائون. سيٺي ملول ٿي چيو ته اسين اوهان کان سواءِ ڪٿي رهي سگهنداسون.

پريمين جا اهي وچن ٻڌي ستگرو مهاراڄن مشڪي ڪين دلداري ڏئي چيو ته اٻا، اسان سدائين توهان سان گڏ آهيون. توهان ڪوئي خيال نه ڪريو. ايشور چڱي ڪندو. هاڻي توهين ساز کڻي اچو ته ستسنگ شروع ڪريون. پريمي ساڌن ڪي سڏي ساز کڻي آيا. ستسنگ شروع ٿيو. ستگرو مهاراڄن پڄن ڪندي جڏهن مؤج ۾ آيا تڏهن هيٺيون پڄن ناهي ڳائڻ لڳا.

سر ڪوهياري

ٿل - هي وڻ ته ويڻ ڪان آڻو ڀري ڀري
اوهين ڏسجو دل ۾ ڏيان ڌري.

١- هن وڻ جي آه پاڙ پاتالي - آد انت مڌ، آه اڪالي
جل ٿل جنهن جي جوت ڀري.

٢- هن وڻ جا ٿي ڏار وڏائي - تنجي ڪر تون سيؤ سدائين
تن ڏن جو ايمان هري.

٣- هن وڻ جون ٿي شاخون سهاڳي - تنکي جاڻن ڪي وڏ ڀاڳي
اوگڻ پنهنجا دور ڪري.

٤- هن وڻ جا پن پارس آهن - چاه رکي جي تنکي چاهين
تنجي من جي مٽل نري.

٥- هن وڻ جا ٿي ڪنڊا ڪرارا - دل ۾ درد وڌائڻ وارا
جنهن ڪي لڳي سو جيئري مري.

٦- هن وڻ جا گل ڪن گلزاري - بيحد جن ۾ آه بهاري
سگهڻ سان تو ڪارج سري.

٧- هن وڻ جا ڦل جاڻ الستي - کائڻ سان چڙهي خود مستي
امر رهي، جم کان نه ڏري.

٨- هن وڻ جي آه سندر ڇايا - تن جي هيٺان جي جن آيا
تن من تنجو تتل ٺري.

هوڏانهن ٺهلي وڃي مکيءَ کي اُنهن ماڻهن جا نالا ڏنا جي پنچائتي حڪم جي پرواهه نه ڪري وڃي ستگرو مهاراجن جي ستسنگ ۾ شامل ٿيا هئا. مکيءَ پنچائتي خزانچيءَ کي گهرائي چيو ته ٺهلي کي ساڻ ڪري وڃي انهرافي ڪندڙن کان پنج پنج روپيه ڏنڊ وصول ڪري اچو. خزانچي ويو، پر جيڪي ڇوڪرا اَچا تائين مهاراجن وٽ وينا هئا ۽ گهر آيا ئي ڪونه هئا، تن جي مائٽن ڏنڊ ڏيڻ کان اِنڪار ڪيو. باقي ٻين کان ڏنڊ وصول ڪري آيا. تنهن تي مکيءَ کين چيو ته چڱو جن ڏنڊ نه ڏنو آهي تن جا نالا پاڻ وٽ لکي ڇڏيو. هفتي کن ۾ پنچات گڏ ڪري اُنهن جو فيصلو ڪرائبو. مکيءَ پوءِ پنچائتي ٺهلين کي چيو ته توهان صبح جو ٥ بجه کان رات جو ١١ بجه تائين سنت جي گهر وٽ رهجو ۽ جيڪي نه اُتي اچن تن جا نالا لکندا وڃجو. رات جو احوال ڏيئي پوءِ پنهنجي گهر وڃجو.

ٻئي ڏينهن فقط ١٥-٢٠ پريمي ستسنگ ۾ آيا. ٺهليا اُنهن جا نالا لکي ويا ۽ اَچي مکيءَ کي ٻڌايائون. مکيءَ کين چيو ته سڀاڻي اوهان مان هڪڙو چوڪسيءَ تي وڃي ۽ ٻيو موديءَ کي ساڻ ڪري وڃي ڏنڊ وصول ڪري اَچي. اُنهيءَ ڏينهن ٻه ٻن ڇهن ڏنڊ ڪونه ڏنو.

ٽئين ڏينهن مکيءَ چار ماڻهو جاچ لاءِ ڇڏيا ۽ پنچن اهڙي ته سختي ڪئي جو ستگرو مهاراجن کي کاڌه شيءِ شهر مان ملي نه سگهي. جيڪا شيءِ گهر ۾ کٽي ٿي ته گوال لال گهوڙي تي چڙهي هالن مان وٺي ايندو هو. پنچاتن جو اڳئين وقت زور هوندو هو. اِها خبر هالن، شاهه جي پٽ، شهدادپور، ٽنڊي آدم ۽ ٻين ڪيترن ڳوٺن ۽ شهرن ۾ پريمين کي پئجي ويئي. ڪيترا پريمي ستگرو مهاراجن وٽ اَچڻ لڳا. شاهه جي پٽ مان ڀڳت لکميچند، ڀڳت شيوڪرام، سرئو آنند ۽ گرمکداس مهاراجن

در کڙڪائي، زور سان آواز ڪري مائٽن کي سڏ ڪرڻ لڳا پر جواب خير. ڪنهن ڪنهن کي اندران آواز آيو ته دروازو ڪونه کوليندا سون، تـــوهان اسانکي ڪونه کپو. جيڏانهن وٺيؤ تيڏانهن هليا وڃو. ڪن کي ته مائٽن جواب ئي نه ڏنـو. لاچار ٿي ڪي پنهنجي گهر ٻاهران ئي سمهي پيا ته ڪي موٽـي ستسنگ واري ٽلهي تي اچي سمهيا.

پرڀات جو ۴ بجه ستگرو مهاراڄن ٻاهر آيـــا ته ڇا ڏسن ته ١٠-١٥ پريمي سمهيا پيا آهن. اَنترِيامي ستگرو پريمين کي اُٿاري چوڻ لڳا ته ابا، پرڀات ٿي آهي، اُٿي نام جپيو. ستگرو مهاراڄن جو مڌر آواز ٻڌي سڀ اُٿي کـــڙا ٿيا ۽ ڀيرين پئي، آسڻ ٻڌي اڀياس ڪرڻ لڳا. ستگرو مهاراڄن به ڏنڊ پاٽي ڪري پنهنجي ڌيان ۾ ويهي رهيا.

٦ بجه اڀياس مان اُٿي مهاراڄن کي ڀيرين پئي نهاري ڪلڻ لڳا. ستگرو مهاراڄن به مشڪي کين چوڻ لڳا ته اَبا، رات توهان جي مائٽن در ڪونه کوليو ڇـا؟ سڀئي پريمي هٿ جوڙي چوڻ لڳا ته سائين اوهين جاڻي جاڻڻهار آهيو. پـوءِ ستگروءَ جن کـــان موڪلائي جڏهن پنهنجي گهر آيا ته مائٽن ڪاوڙ ڪندي کين چيو ته ڪالهه توهان کـــي ڪيترو سمجهايوسين ۽ منع ڪئيسين تـه سنت وٽ نه وڃو جو پئنچاتي ڏنڊ پوندو. پر توهان ڪو ڌيان نه ڏنو هاڻي پنج روپيه ڏنڊ جي ڇٽي وڌؤ. هڪڙو ڪمايو ڪين، ٻيو اُلٽو گهر کي ٽوٽو وجهو. انهيءَ ڪان نه ڄمو هـا ته چڱو هو، جو هنن سوُرن ۾ ته نه پئون ها. هاڻي هلو اندر؛ جـي وري ويا آهيو يـــا سنت سان ڀلي ڀلائي راهه ويندي به ڳالهايو اٿـو ته کل لاهي ڇڏينداسونءَ.

ڪن ڇوڪرن جيتوڻيڪ مـار کاڌي ۽ ڪوڙا وچن ٻڌا پر زبان سان مائٽن کي ڪجهه نه چيائون، بلڪل سانت رهيا.

سلوڪ - ھرش ٻڙائي ديکڪي - ڀڳت ڪري سنسار،
جب ڪجھ ديکي ھينتا - اوڪڻ ڌري گنوار.

ارٿ- سنساري آدمين کي جڏھن مان عزت ۽ دنيوي پدارٿ ملندا آھن تڏھن هو ڏيکارڻ لاءِ ڀڳتي ڪندا آھن ۽ جڏھن ڪو دک ڏئين، گلا ڪرين، ڪو پدارٿ نہ ملين تڏھن اُلٽو ڀڳوان ۽ سنتن کي پيا نندينداآھن. رات جو ستگرو مھاراڄ ستسنگ ۾ ھيٺيون شبد ناھي درد مان ڳائڻ لڳا.

راڳ ڪوھياري

ٽل- ڦٽ پڳڙي جٽ جامان پا ڪر -
پاڪ سرؤ مٿن ڌويا - سک گھر سويا.
١- لوڪ نندا ڪي ناؤ ٻٽائي - بد نيڪي ڪا ڀار چڙھائي،
ڀار دوندسين ھويا - سک گھر سويا.
٢- ڀايہ گلا ڪا گل ۾ گھانگھا - ڇوڙا لوڪن ڪا آ سانگا،
ھر - آرامي ھويا — سک گھر سويا.
٣- ڪت پت ڪي مٿن ٻانڌي ڌوتي - مھٽي طعاني ڪي ڪر موتي،
سندر ھار پرويا - سک گھر سويا.
٤- ڪھي ڏيڏون مٿن پيا نرالا - خود مستي ڪا پي ڪر پيالا،
تين لڄا ڪو کويا - سک گھر سويا.

ڏاڍي موج مچي. اُنھيءَ ڏينھن ٤٠-٥٠ ماڻھو آيا ھئا جن شھر جا فقط ١٠-١٢ ڄڻا ھئا. اُنھيءَ رات ڀڳت لڪميچند ۽ ڀڳت ستگرو مھاراڄ کان وينتي ڪري پڇيو تہ سائين ھـي شھر ۾ پنڇاتي گوڙ چا تي ٿيو آھي. ٿهلرام چيو تہ ساڌ جيڪڏھن ڇوڪرن کي پاڻ وٽ اُچڻ نہ ڏين تہ سمورو گـوڙ لھي پوي. ستگرو مھاراڄ چوڻ لڳا تہ مان ڪنھن کي بہ سڏ ڪري وٺي ڪون ٿو اَچان. جيڪو پريمي پاڻھي گھر ۾ اچي ٿو تنھن کي لوڏي ڪين ڪيندا سون. توھان کي اھو نيڪ لڳي ٿو تہ مان

وٽ ڪنڌ وءَ ۾ آيا. سڀ ستگرو مهاراجن جو درشن ڪري ڏاڍو خوش ٿيا ۽ خبرون چارون پڇڻ لڳا. مهاراجن مشڪي چيو تہ ڏاڍا آنند منگل آهن. ڀڳوان جي وڏي ڪرپا آهي. ڏاڍو چڱو ٿيو جو توهين آيا. تنهن کان پوءِ ڀڳت لکميچند ۽ شيوڪرام پنهنجي منهن ٿهلرام کان پڇڻ لڳا تہ پنڇائت جو توهان سان تڪرار ڇا تي ٿيو آهي؟ ٿهلرام ڪاوڙ ۾ اچي چوڻ لڳو تہ ڪهڙي ٿا خبر پڇو؟ عزت أُڀي ويئي. سارو جهڳڙو ساڌ ڪرايو آهي. جو پراوا ڇوڪرا سارو ڏينهن پاڻ وٽ وهاري ويٺو آهي. ڇوڪرن جا مائٽ ڇوڪرن کي هٽان وٺي ٿا وڃن تہ ٿورو گهر جو ڪم ڪري وري ساڌ وٽ ٿا ڀڄي اچن. تنهن تي ساڌ کي پنڇن اچي چيو تہ توهان ڇوڪرن کي پاڻ وٽ اچڻ نہ ڏيو. مون پڻ ساڌ کي گهڻو ئي سمجهايو آهي تہ تون ڇوڪرن کي اچڻ نہ ڏي. پنهنجو ڪهڙو ڪم جو اسين وينا ڪنڪا ڪريون. پر ساڌ ڪنهن جي ٻڌي ڇو ٿو! ڇوي ٿو تہ اسان ڪنهن کي بہ واسطو سان نہ ڇونداسون تہ اچو يا نہ اچو. هاڻي توهان بہ آيا آهيو، راهہ جو ساڌ کي سمجهائجو نہ تہ لاچار هن اباڻي وطن مان لڏڻو پوندو. اِها ڳالهہ ٻڌي ڀڳت لکميچند، ڀڳت شيوڪرام، ڀائي ٿهلرام کي چيو تہ توهان ڪائي چنتا نہ ڪريو. اسين اڄ سنت کي سمجهائينداسون. تنهن کان پوءِ مهمان ۽ ستگرو مهاراجن پاڻ ۾ ويهي روح رهاڻ ڪئي. ۽ شام جو سيڻئي گڏجي درياهہ تي گهمڻ ويا ۽ اُتي ڪي مهمان ستگرو مهاراجن کي چوڻ لڳا تہ اڄ صبح جو شهر ۾ گهمڻ ويا هئاسون. ماڻهو توهان جي ڏاڍي نندا پيا ڪن. تنهن تي ستگرو مهاراجن چيو تہ توهين خيال نہ ڪريو. سنسار جي اِهائي ريت آهي. ڪنهن مهل سنتن جي پيا نندا ڪن تہ ڪنهن مهل پيا ساراهہ ڪن.

آهي ته ٻه وڃو. اسان ته پاڻ کين چوندا آهيون ته گهر وڃي پنهنجو ڪم ڪار ڪريو ۽ مائٽن جي آڳيا ۾ رهو ۽ وڏن کي ڪاٻه ورندي نه ڏيو. سو توهان ڀلي سيٺي کي وٺي وڃو. ڪجهه ڇوڪرا مائٽن کي چوڻ لڳا ته اُنهيءَ رات اسان گهر اچي توهان کي سڏ ڪيا، در کڙڪايا پر توهان جواب ڏنو ته در ڪونه لاهينداسون. جيڏانهن وڃو تيڏانهن وڃو، سو هاڻي اسان گهر ڪونه هلنداسون. ڇوڪرن جو اهو جواب ٻڌي سيٺيءَ ڀائي ٿهلرام ڏانهن نهاري چوڻ لڳا ته توهان ڇوڪرن کي سمجهايو. تنهن تي ڀائي ٿهلرام ڇوڪرن کي چوڻ لڳو ته اَبا توهان کي مائٽ وٺڻ آيا آهن سو هاڻي توهان هنن سان گڏجي گهر وڃو. ستسنگي ٿيا آهيو، ڪجهه ته وڏن جي آڳيا مڃيو.

ڇوڪرن چيو ته جڏهن مائٽن اسان کي لوڏي ڪڍيو ته پوءِ اسين گهر ڇو وڃون؟ جي توهان ٻه اسان کي پاڻ وٽ وهڻ نه ڏيو ۽ لوڏي ڪڍو ته ڀڳوان جو ملڪ گهڻو ئي پيو آهي، جيڏانهن آيو تيڏانهن هليا ويندا سين. باقي گهر ڪونه وينداسين. ايترو ٻڌي ڀائي ٿهلرام ڇوڪرن جي مائٽن کي چيو ته مون کي جيڪي چوڻو هو سو مون کين چيو باقي جيڪو در پيهي آيو آهي، تنهن کي اسين لوڏي ڪين ڪينداسون. توهان هينئر ساڌن کي چئو ته هو کين سمجهائي.

مائٽ ستگرو مهاراجن کي هٿ جوڙي چوڻ لڳا ته توهان ڇوڪرن کي چئو ته گهر هلن. ستگرو مهاراجن ڇوڪرن ڏانهن نهاري مشڪي چوڻ لڳا ته ڪيئن اَبا گهر ويندا؟ مائٽ وٺڻ آيا اٿوَ، ڀلي گهر وڃو.

ڇوڪرا هٿ ٻڌي چوڻ لڳا ته هي پريون، اسين گهر وڃڻ لاءِ تيار آهيون پر گهر وڃي هلي مائٽ اسان کي ماريندا ۽ گهٽ وڌ ڳالهائيندا ۽ ڪوٺين ۾ بند ڪندا، توهان وٽ اچڻ

ڪين لوڏي ڪيان؟ جيڪا ڳالهه مريادا کان ٻاهر ۽ ڌرم جي ورڌ آهي سا مان هرگز ڪونه ڪندس. ساڌن وٽ ڪير اچي يا وڃي ته اُنکي روڪڻ سنتن جو ڌرم نه آهي.

جو شرن آوي تسي ڪنٺ لاوي - ايهه برڌ سواهي سندا.

وري به توهان وڏا ٻڌيمان آهيو. ويچار ڪري ٻڌايو ته ڇا ڪجي؟

ستگرو مهاراجن جا اهي سندر وچن ٻڌي ڀڳت لکميچند ۽ شيوڪرام ويهي ٻاڻ تي ويچار ڪيو. پوءِ ماتا ڪرشنا ۽ ٿهلرام کي وهاري کين چوڻ لڳا ته اسان ساڌ کان ساري حقيقت پڇي آهي. هوءَ جيڪا ڳالهه ڪري ٿي سو سا بلڪل ڌرم انوسار ۽ نيڪ آهي. سنتن وٽ ڪير اچي يا وڃي ته سنتن جو ڌرم نه آهي ته اُنجو نرادر ڪري ڪيس لوڏي ڪڍن. ڀڳوان سڀ چڱي ڪندو. ١٥-٢٠ ڏينهن ڏسون ٿا ته پريوُ ڇا ٿو ٻڌائي، نه ته پوءِ شاهه جي پٽ تي گهڻيون ئي جايون پيئون آهن؛ هلي اُتي ويهجو.

ٻئي ڏينهن صبح جو ڀڳت چيتارام، ڪرشنداس، تيجورام ۽ ٻيا ڪيترا ستسنگي شاهه جي پٽ تان آيا. اُنهيءَ ڏينهن ١٠-١٥ ٻيا مهمان مسافر به آيا. ٢٥-٣٠ مهمان، مسافر سنت ساڌ و هرروز سندن آستان تي ايندا ويندا هئا. ستگرو مهاراجن جو ڀنڊارو رات ڏينهن چالو هوندو هو. ڪوبه غريب اُنات ايندو هو ته روٽي کائي ويندو هو. ڪنهن کي به ڪنهن قسم جي روڪ ڪانه هوندي هئي.

هوڏانهن جيڪي ڇوڪرا مهاراجن وٽ ويٺا هئا ۽ پنهنجي گهر ڪونه ويا هئا تن کي چوٿين ڏينهن مائٽ وٺڻ آيا. ستگرو مهاراجن کي چوڻ لڳا ته هي پريوُ، هاڻي اسان جي ڇوڪرن کي موڪل ڏيو ته کين گهر وٺي وڃون، جو سندن مائرون روئن ٿيون. ستگرو مهاراجن چيو ته ابا، اسان ته ڪنهن کي ڪونه جهليو

۴- مڇ ۾ ڦٿي پتنگ - ساڙن سڀ انگ،
نرڀئه ٿي نسنگ - جيڏي جلن تا.

۵- ٽيڏون لڄائون ٽوڙي- من جون واڳون موڙي،
جيءُ برهم جوڙي - امر ٿين تا.

اهو ٻڌي ارٿ سميت ٻڌائي دلداري ڏئي چوڻ لڳا ته، اٻا، هي سڀ ڀڳوان جو ڪم اٿو جو آد جڳاد کان وٽي پنهنجن پيرن سان ائين ڪندو آهي. اِهائي سندس ڪرپا آهي. تنهن ۾ توهان پنهنجي چت کي سدائين ڀڳتيءَ ۾ استٿت رکو، ڪنهن به ڳالهه ڪري دلگير نه ٿيو. سڀ ايشور چڱي ڪندو. ايترو پريمين کي سمجهائي پوءِ ستگرو مهاراجن ستسنگ شروع ڪيو. هفتو کن گذري ويو. مکي جهامراءِ ٻاٻي ريجهومل سان صلاح ڪري، ڏنڊ جي وصوليءَ جي باري ۾ ڪنڊوءَ ۽ سالاري جي پنچاتين جو ميڙ سڏايو. مکي صاحب پنچن کي ٻڌايو ته اڳا ۵۰-۶۰ ماڻهن ڏنڊ ڪين ڏنو آهي. اوهين انهن کان پڇو ته ڏنڊ ڇو ڪين ڏنو اٿن. ان موجب پوءِ فيصلو ڪيو وڃي. مکي صاحب انهن ڀڳڪڙي ڪندڙن جا نالا پڙهي ٻڌايا.

اُتي به ڪي پريمي اُٿي چوڻ لڳا ته اسان ڇوڪرن کي گهٽو ئي ماريون ٿا ۽ ٻڌي ٿا وهاريون ته به لڪي ڪري ڀڄيو ٿا وڃن ۽ ٻه چار ڏينهن گهرن ۾ ئي ڪين ٿا اچن؛ ٻڌايو ته اسين ڇوڪرن کي ڇا ڪريون. جن ڏنڊ ڏنا هئا سي اُٿي چوڻ لڳا ته اسان وٽ وري پئسا وڌيڪ ٿيا هئا ڇا جو اسان ڏنڊ ڀري ڏنا. اسانجو ويچار آهي ته ڏنڊ زوريءَ وصول ڪيو وڃي نه ته آئينده اسين به ڏنڊ ڪونه ڀريندا سون. جيڪڏهن زوريءَ به ڏنڊ نه ڏين ته ڪين پنچات مان لاٿو وڃي. سيٺ گوپالداس، ڀائي پاڳارورام ۽ ڀائي چيلداس اُٿي چوڻ لڳا ته ڀائرو! اسان جي صلاح آهي ته ڏنڊ بلڪل لاهي ڇڏجي ڇو جو ڇوڪرا ساڌ وٽ

جي به موڪل نه ڏيندا. تنهن ڪري اسان گهر ڪئن وڃون؟ تنهن تي ڇوڪرن جي مائٽن چيو ته، مهاراج اسين ڪين نه ماريندا سون نه وري هيڏانهن اچڻ کان روڪيندا سون. ايترو ٻڌي مهاراڄن ڇوڪرن کي چيو ته اَبا، توهان ڪو به خيال نه ڪريو، هاڻي مائٽ توهان کي ڪجهه به نه چوندا. توهان ڀلي مائٽن سان گڏجي گهر وڃو. پوءِ سيئي ڇوڪرا مائٽن سان گڏجي گهر ويا.

شام جو جيڪي ڇوڪرا مائٽن سان گڏجي گهر ويا هئا اُهي ۽ ٻيا ڪيترا ستسنگي گڏجي ڀائي ٺاڪر گر جي باغ ۾ ڪٺا ٿيا.

ٻئي ڏينهن ستگرو مهاراجن ڪين ڏسي مشڪي چوڻ لڳو ته اَبا، لڪي لڪي آيا آهيو؟ ڪيمچند چوڻ لڳو ته سائين برابر لڪي لڪي آيا آهيون. جنهن رات اسان توهان وٽ اچي سمهيا هئاسون تنهن رات اسان سڀني تي ڏاڍي مار پئي هئي. چار ڏينهن مائٽن ڪوٺين ۾ بند ڪري رکيو هو. ستگرو مهاراڄن سڀني پريمين ڏي نهاري مشڪي چوڻ لڳا ته اَبا، ڀڳتيءَ ۾ سر جو سانگو لاهڻو آهي. سڀ جنيون تڪليفون سهڻيون آهن. ڀڳوان پريکيا وٺندو آهي. جيڪي پريوءَ جا سچا پياسي آهن تن کي دک ۽ تڪليفون ايندـيون ئي آهن. پوءِ مهاراڄن هي ڀڄن ٺاهي ستسنگين کي ٻڌايو.

راڳ پيلو

ٽل- برهه جي باهه ۾ ڪي - پيارا پڄن ٿا،
جيءَ جلائي پنهنجو- رنگ رچن ٿا.
١- مرلي سرپ سن - سرندي سن ڏن،
ڏياچ جڻن پن- سيس ڏين ٿا.
٢- ڪرنگ سن ناد - پنوُر لي سڳند،
ديڪ چڪور چند - اُلا چڳن ٿا.
٣- مينا رهت جل - سوُرا لڙهه دل،
ڏسيو بادل - مور نچن ٿا.

ستگرو مهاراجن چيو تہ اَبا، اسين ڪٿي ڇڏيون. ڀڳوان جي گت ڀڳوان ڄاڻي. پر اسان کي پورن نشچو آهي تہ جيڪي ڀڳوان ڀڳوان ڪري ٿو سو اسان جي ڀلي لاءِ ڪري ٿـو. اوهين اهو وشواس رکو.

صبح جو جو لکميچند ۽ شيوڪرام مهاراجن کان موڪلائي ماڳ موٽڻ لاءِ هلڻ لڳا تہ سروآنند ۽ گرمکداس روئي چوڻ لڳا تہ اَسين ڪونہ هلنداسون. ستگرو مهاراجن چيو تہ ڀل هي ڇوڪرا رهن، اسين ڪنهن هٿيڪي ماڻهو سان پوءِ ڪين موڪليندا سون. لکميچند ۽ شيوڪرام روانا ٿي ويا.

اُنهيءَ وقت سنت ٻڌ پوري ۽ ٻيا ٻه - ٽي سنت ستگرو مهاراجن وٽ اچي لٿا. ستگرو مهراجن وڏي پريم سان سنتن سان مليا. سنت ٻڌ پوريءَ مهاراجن کي چيو تہ سوامي، هي کهڙو رنگ رچايو اٿو، جو حيدرآباد تائين اِهائي چرچا آهي تہ ڪنڀوءَ ۾ پٺيچن، سادن سان وڏو گوڙ ڪيو آهي.

ستگرو مهاراجن مشڪي چوڻ لڳا تہ سنسار ئـــي گجگوڙ سان ڀٽيو آهي. گجگوڙ کان سواءِ ڪو ڦل ڪونہ ٿو نڪري. آڪاش منڊل ۾ بادل گجگوڙ ڪري وسندا آهن پوءِ جيڪي ٻج پرٿويءَ ۾ پيل هوندا آهن سي گجگوڙ ڪري سلا ٿي ٻاهر نڪرندا آهن ۽ اهو گاهہ گائيون کائينديون آهن. گاهہ اُنهن جي پيٽ ۾ گجگوڙ ڪري کير ٿي پوندو آهـي. ڏهڻ مهل اهـو کير ٻرتڻ ۾ گجگوڙ ڪري مٿي چڙهي ايندو آهي. انهيءَ کير کي چاڻي چلهہ تـي رکي هينان باهہ ڏيندا آهن تہ کير گجگوڙ ڪري مٿي اُپامندو آهي، پوءِ هيٺ لاهي رکبو آهـي ٺرڻ بعد اُن ۾ سنباڻ وجهي ماٽيءَ ۾ رکبو آهـي تہ اُهو کير گجگوڙ ڪري ڏهي ٿـــي پوندو آهي. ماٽائون مانداڻي وجهي، ڏهيءَ کي ولوڙينديو آهن تہ ڏهي گجگوڙ ڪندي آهي ۽ مکڻ نڪري پوندو آهي. مکڻ ديگڙي ۾

وڃڻ کان رهندا ٿي ڪين. سنت پاڻ ته ڪنهن کي اچڻ لاءِ ڪونه ٿو چوي. هو ته پنهنجي موج ۾ ويٺو آهي. تنهن سواءِ سنتن سان وير وجهڻ به نيڪ ناهي. ساڌن کي دک ڏيڻ سان پڇاڙيءَ جو نتيجو تمام خراب نڪرندو، جنهن جو ڦل سڄي شهر کي ڀوڳڻو پوندو. اسان جي ڳالهه مڃيو ته اها ڳالهه ڇڏي ڏيو.

ايترو ٻڌي کي وڏي آواز چوڻ لڳا ته اهي ماڻهو سنت جو پاسو ٿا کڻن. شايد هنن تي به جادو ڪيو ويو آهي ۽ مت ٿي مارجي وئي اٿن. سندن صلاح بلڪل غلط آهي. اسان جيڪو فيصلو ڪيو آهي اُنهيءَ تي قائم رهنداسون. جيڪي ڏنڊ نٿا ڏين تن کان زوريءَ وصول ڪيو وڃي. اُنهيءَ تي پنچات ۾ گهڻو گوڙ ٿي پيو. هڪ ٻئي کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳا. تنهن تي مکي صاحب اُٿي چيو ته گوڙ ڪرڻ نيڪ ناهي. توهان کي ڪو به فيصلو ڪرڻو آهي ته شانتيءَ سان ويهي ڪريو، هاڻي ٻڌايو ته جيڪي ڏنڊ نٿا ڏين تن تي ڪهڙو قدم کڻجي.

آخر رٿ آئي ته جيڪي ڏنڊ نه ڏين تن کي پنچات مان لاٿو وڃي. اُن رٿ تي ووٽ ورتا ويا ۽ رٿ گهڻائيءَ سان بحال ٿي. لاچار ٿي ڪن ڏنڊ ڏيڻ قبول ڪيو. جن انڪار ڪيو تن کي پنچات مان لاٿو ويو.

ڏنڊ کان انڪاري سڄڻ رات جو سنگرو مهاراج جن وٽ آيا ۽ چوڻ لڳا ته ڀڳوان جي دربار ۾ اَنڌير آهي، ڪوئي نياءُ ناهي. ڦريو سو ڦريو. غريب جي ڪير ٻڌي ٿي ڪونه ٿو. سنگرو مهاراجن چيو ته اَبا ڪهڙي ڳالهه آهي؟ ڀڳوان جي دربار ۾ سدائين پرڪاش آهي. هو ڪنهن سان به اَنياءُ ڪونه ڪندو آهي، فيصلو تمام پورو ڪندو آهي. پر دير ضرور پوندي آهي. باقي ڀڳوان ڪڏهن اَنيائي نه چئبو.

پريمين سنگرو مهاراجن کي پنچات جي ڪارروائيءَ ۽ فيصلي کان واقف ڪيو ۽ چيو ته سائين، ڀڳوان جو اهو انصاف آهي يا بي انصافي؟

ستگرو مهاراج چيو ته جڏهن اڳ ۾ ڀڳوان جي گهگهوڙ مان ڦل سنو نڪتو آهي تڏهن هاڻي به توهان سنتن جي آسيس سان ڦل سنو نڪرندو. تنهنڪانپوءِ سيٺئي سنت مهاراج سان گڏجي درياهه تي گهمڻ ويا.

سڀ لٿي گهمڻ ڦري اچي ستگرو مهاراج ستسنگ شروع ڪيو. پهريئن ڪرشن داس ۽ ڀڳت چيتارام پنهنجي منڊليءَ سميت ڀڄن ڪيو، پوءِ سنت ٻڌ پوري تنبوري تي آهڙو ته نرئه ويدانت جو ڀڄن چيو جو اُن مهل ساري سنگت کي ساري سنسار جو ڀپ ته نهيو پر ڪال جو ڀؤ به نه رهيو. آخر ۾ ستگرو مهاراج اهڙا ته ويراڳ جا ڀڄن ڳايا ۽ ارٿ ڪيو جو پريمين کي وئراڳ لڳو. ستسنگ سماپت ٿيڻ کان پوءِ پريمي مهاراج کي هٿ جوڙي چوڻ لڳا ته هي پرڀو اسانجو چت هن جُڙئي سنسار کي نٿو ڇاهي. ڪرپا ڪري اسان کي نام جو رستو ڏئي سڀ ٻنڌن ٽوڙيو ته آزاد ٿي گوبند جا گڻ ڳايون ۽ پرم آنند پايون جنهن جي مهما اڄ توهان ورنن ڪئي آهي.

مهاراج پوءِ هيٺيون ڀڄن ڳاهي پريمين کي ٻڌايو:-

راڳ ڪنسو

ٿل- آهي پريم جو پنڌ اَٽانگو. هيءُ ڏکيو انگهڻ آ لانگهو.

١- جيڪو سختيون سُور، سهائي، هلي لٿيءَ تڏيءَ ۾ ڪاهي
سڀ لاهي سر جو سانگو.

٢- سو پار پوي هن تڙ کان، جو ڪين ڀڄي ڪنهن اَڙ کان
گلي پائي گلا جو ڳانگهو.

٣- هي پريم نه سستو جاڻج، ڪٿي ڪنڌ ڪلهن کان آڻج
هي ملهه کان آهه مهانگو.

٤- ڪهي ٺيڏون سوئي پائي، جو لوڪ لڄائون لاهي
هي سود ۽ ناهي سهانگو.

وجهي چِلهه تي رکي هيٺان اگني ڏيندا آهن ته مڪُٽ ڳجهگوڙ ڪري رجي گهه تي پوندو آهي. گهه جو پڪ پربو ته پيٽ ۾ ڳجهگوڙ ڪندو آهي ۽ شڪتي رُوپي ڦل پيدا ٿي ٿرم جي رکيا ڪندو آهي. تئن سارو برهمانڊ به ڳجهگوڙ مان بڻيو آهي. ايشور نراڪار آهي. ڳجهگوڙ ڪري سرگڻ ساڪار ٿي پوندو آهي. ويدن جي شرتي چوي ٿي - ”ايڪو هم بهوُ سيام.“ بيو جئن ستگرو ويدانت جي پتارت وچنن جي ڳجهگوڙ ڪندو آهي ته جگياسو جي اُنتهڪرڻ روپي پرٿويءَ ۾ ڳجهگوڙ ڪري ديوي سمپدا جو گڻن رُوپي ڳانيون ڪائي ڳجهگوڙ ڪري ڪميا رُوپي ڪير ڏينديون آهن. اُنهيءَ ڪميا رُوپي ڪير ۾ ستگروءَ جو بخشيل نام رُوپي سنبائڻ وجهي ڄمائبو آهي ته ڳجهگوڙ ڪري ڀڳتيءَ رُوپي ڏهي ڄمي پوندي آهي. اُنهي ڀڳتي روپي ڏهيءَ کي وشواس رُوپي مٽڪي ۾ پريم رُوپي ماندائيءَ سان ووڪ روپي ولوڙو ڏبو آهي ته ڳجهگوڙ ڪري مڪتيءَ رُوپي مکڻ نڪري ايندو آهي. اُنهيءَ مڪتيءَ رُوپي مکڻ کي شرڌا رُوپي ديگڙي ۾ وجهي آتم چنتن رُوپي چِلهه تي چاڙهي ويراڳ رُوپي اگني ڏبي ته ڳجهگوڙ ڪري خوديءَ روپي ڪٽو جدا ٿي نج آتم رُوپي برهم گيان جو گهه ٿي پوندو. اُنهيءَ گهه جو جگياسو پڪ پربندو ته من جي پيٽ ۾ ڳجهگوڙ ڪري آتم شڪتي پيدا ٿيندي جنهن مان جگياسو اِندرين کي جيتي جيون مڪت ٿي وديهه مڪتيءَ کي پراپت ڪري پاڻ کي اَمر بڻائيندو آهي.

ستگرو مهاراجن جا پتارٿ وچن ٻڌي سنت ٻڌ ٻُڌي خوش ٿيو ۽ چوڻ لڳو ته هي پڳون توهان ته اچ ويدانت جي هڪ نئين پرڪريا ٻڌائي آهي. اسان به گهڻن سنتن مهاتمائن جو سنگ ڪيو آهي پرنتوُ اوهان جو اُنهوُ ڏسي مان اَتي پرسن ٿيو آهيان توهان بلڪل سچ چيو آهي ته ڳجهگوڙ مان ئي ڦل نڪرندو آهي. ڪنهُنءَ ۾ به پڳوان نئين ڳجهگوڙ ڪئي آهي.

سلوڪ:- ڏک سکن جي سونهن - گھوريا سک ڏکن تان،
جنهجي وروُنهن - در ڏيکاريو دوست جو.
سلوڪ:- سؤ سک ڏيئي مون - گوندر ورتو هڪڙو،
تنهن گوندر نيئي مونکي - در ڏيکاريو دوست جو.

تنهن ڪانپوءِ ڀڳوان پنهنجن پيارن کي اِنهيءَ ڪري دک توڏي جو هوُ اهو ويچار ڪندو آهي ته منهنجي مايا مها پربل آهي، متان ڪنهن پدارٿ ۾ اٽڪي پئون ۽ مون وٽ اچڻ ۾ دير ٿي وڃين تنهن ڪري سهاري سارو ڏک ڏيئي سندن چت سنسار کان اُپرام ڪندو آهي. جئن رستي ۾ ڪابه رڪاوٽ نه پوين ۽ جلد اچي مون سان ملن. ٻيو ڀڳوان ڏک ڏيئي پريکيا وٺندو آهي ته ڏسان ته ڀڳت سچو آهي يا ڪوڙو. جي سچو هجي ته ڪيس رستي ۾ مدد ڏيئي پاڻ سان ملايان. جي پاکنڊي ڍونگي هجي ته سهاري کان ٻاهر دک ڏيئي اهڙو ڏنڊ ڏيانس جو ٻلي اننت جنمن ۾ روئندو رهي. ڀڳوان پنهنجن پيارن سان اهو هڪ ناز ڪندو آهي.

ستگرو مهاراڄن جا هي اَنڀوي وچن ٻڌي سنت ٻڌ پوري خوش ٿي چوڻ لڳو ته توهان بلڪل يٿارٿ چيو آهي.

اَهڙي طرح ستگرو مهاراڄن جو چت ڏينهون ڏينهن ڀڳتي ۽ وئراڳ ۾ وڌندو رهيو. هر روز نت نيم سان ستسنگ جي ڏاڍي موج لڳائيندا رهيا. اِئين هفتو کن گذري ويو تنهن کان پوءِ اچي شهر ۾ ڪالرا جي بيماري پيئي. پهرين ڏينهن ٻه ٽي ڪيس ٿيا. ٻئي ڏينهن ٧-٨ ماڻهو مري ويا. ٽئين ڏينهن ١٠-١٥ ماڻهو مري ويا شهر جو اِهو حال ڏسي شام جو ڀڳت چيتارام ۽ ڪرشنداس ستگرو مهاراڄن کي هٿ جوڙي چوڻ لڳا ته هي پريوُ هاڻي اسان کي هتي آئي گهڻا ڏينهن ٿي ويا آهن، ڪرپا ڪري اڄ اسان کي موڪل ڏيو ته ڳوٺ وڃون. مهاراڄن مشڪي چوڻ لڳا ته اَبا، ڊڄو ٿا ڇا؟ ڊپ نه ڪريو. ٻه ته ڏينهن ترسو، پوءِ

پرڀميءَ کي ڀڄڻ ٻڌائي ڇيائون تہ آبا، توهان هاڻي ڀلي گهر وڃو، وري صبح سوير اچجو. ايترو ٻڌي سڀئي ڀڳت ڇوڙڻ لڳا تہ هي پريو، اسان گهر ڇڏيو، هاڻي پرڀوءَ جو ڀڄن ڪري اُپناسي گهر وسائيندا سين ۽ توهان جي چرڻن جي سيوا ڪري جنم سڦلو ڪندا سين. ايترو چئي جڏهن اکين ۾ پاڻي آندائون تڏهن ستگرو مهاراڄ چيو تہ چڱو آبا، هاڻي رونسي ڪا ئي هتي اُئي سمهي پئو.

صبح جو وڏي پرڀوڪ گورمنتر وٺي جگياسو سوامي جن جا شش ٿيا. منجهند جو آرام ڪري سنت ستگرو مهاراڄ سان گيان چرچا ڪرڻ لڳا.

ايئين ڪندي سنت ٻہ ٽي ڏينهن ٿيا، ستگرو مهاراڄ کي پڇڻ لڳو تہ سوامي جي، هيءَ ڳالهہ تہ ٻڌايو تہ سنت مهاتمائون سنسار جا سک تياڳي رات ڏينهن ڀڳوان جو ڀڄن ڪن ۽ سندس نالو ڳائيندي، مها پرڀُت ڪن ۽ ٻين کان سندس نالو جپائين پوءِ بہ ڀڳوان سنتن کي مانيلي ماءُ وانگر ڇو ٿو ستائي ۽ ڏک سوُر ڏئي؟

ستگرو مهاراڄ چوڻ لڳا تہ سائين سک آهي اُتي ڏک بہ جو سدائين لڏيءَ ڇايا ۾ ويٺو هوندو ۽ ڪڏهن گرمي ڏٺي نہ هوندائين تنهن کي ٺڪار جي آنند جو ڪهڙو اُنڀوُ ٿيندو؟ جڏهن گرمي ڏسندو تڏهن ٺڪار مان آنند ايندس، تنهن سواءِ سنسار جا سک، ڏک روپ آهن ۽ ڀڳوان جا ڏک بہ سک روپ آهن، اُنهيءَ ڪري مهاتمائون ڀڳوان کان ڏک گهري وٺندا آهن.

سلوڪ:- سک ڪي ماٿي سل پڙي - جو نام هردي سي جاءِ،
بلهاري ڏک ڪي سدا - پل پل نام جپاءِ.

ارٿ- جي سک پرڀوءَ جو نالو ڀلائين ٿا سڪن جي مٿان سل ڪ ٿب پوي. اُهي ڏک بہ چڱا جن سان پرڀوءَ جو نالو هردم ياد پوي.

اُنهيءَ راس ڀائي وينسي مل، ڀائي هاسارام ۽ ڀائي واڌورام سيٺيءَ گڏجي اچي ڀائي ٽهلرام کي چوڻ لڳا ته، اڄ ته ١٥-١٦ ماڻهو مري ويا آهن. اسين سڀ سياڻي شاهه جي پٽ وٽ لاءِ تيار ٿيا آهيون. ٻيا به ڪيترا شهر جا ماڻهو ٻيا اٿين. توهان جو ڪهڙو خيال آهي. ڀائي ٽهلرام ماتا ڪرشنا کي سڏ ڪري چوڻ لڳو ته ماتا، ڀائي وينسي مل ۽ هاسارام جن سيٺيءَ سياڻي شاهه جي پٽ وٽ ٿا وڃن ته جو شهر ۾ بيماري زور وٺي ويئي آهي ۽ تمام گهڻا ماڻهو مرن ٿا، تنهن ڪري منهنجي به مرضي آهي ته پاڻ به سياڻي هنن سان گڏجي شاهه جي پٽ هلون. سو توهان جي ڪهڙي صلاح آهي. ماتا چوڻ لڳي ته اَبا منهنجي به دل چوي ٿي ته سياڻي صبح جو هنن سان گڏجي هلون. وڏا چوندا آهن ته باهه کان پاسو ڪرڻ گهرجي. پر ساڻ ڪان ته پڇو ته ڇا ٿو چوي. ڀائي ٽهلرام ستگرو مهاراڄن کي سڏ ڪري پڇڻ لڳو ته ابا، شهر ۾ ته بيماري وڌندي ٿي وڃي. ڀائي وينسي مل ۽ هاسارام جن سيٺيءَ شاهه جي پٽ ٿا وڃن. منهنجي ۽ ماتا جي پڻ مرضي آهي ته پاڻ سڀ به هنن سان گڏجي هلون. سڪ سانت ٿئي ته وري جلد ئي موٽي اينداسون.

ستگرو مهاراڄن چيو ته توهان ڪوئي خيال نه ڪريو. ڀڳوان مڙيوئي جڳڪار ڪندو ۽ ڀائي وينسي مل ۽ هاسارام کي به چيائون ته توهان به نه وڃو، ٻه ٽي ڏينهن ڏسون ته ڇا ٿو ٿئي. اِهو ٻڌي سڀڪو وڃي آرامي ٿيو.

چوٿين ڏينهن شهر ۾ ويهارو کن ماڻهو گذاري ويا. شهر جي اهڙي ڀيانڪ حالت ڏسي نگرواسي گهبرائجڻ لڳا. هاڻ ۽ ٽنڊي آدم جا ڪيترا سرڪاري ڊاڪٽر ۽ ڀنگي صفائيءَ لاءِ گهرايا ويا. شهر ۾ سيني کي ڪالرا جون سيون هڻيون وينديون. شهر جي گهٽين ۽ بزارن ۾ دوائون ڇڻڪاريون وينديون. مطلب ته

وڃجو. تنهن تي ڪرشنداس چيو تہ سائين، اسان تہ توهان جي چرنن ۾ وينا آهيون، پوءِ ڇو ٻپ ڪنداسون. سچ تہ اِئين آهي تہ ستسنگي بيماري ڏسي گهٻرائجي ويا آهن ۽ زور رکيو اٿن تہ ڪٿن بہ نڪري هلو. ڇون ٿا جي توهان نہ هلندا تہ اسين ويندا سين. سو هي پريو جي هي ويندا تہ اسان جي گهرن ۾ بيماريءَ جي خبر پئي ودو گوڙ وجهندا تنهنڪري اسان کي بہ موڪل ڏيو تہ سڀ گڏجي وڃون. ايترو ٻڌي مهاراجن چوڻ لڳا تہ چڱو اَبا، ڀلي وڃو. اُتي توهان ڀڳت لکميچند ۽ شيوڪرام کي نياپو ڏجو تہ ڇوڪرن ۽ اسانجو ڪوبہ خيال نہ ڪن. ڪجهہ ڏينهن هن پاسي نہ اَچن، جيستائين شانتي ٿئي. پوءِ ڀڳت چيتارام ۽ ڪرشنداس پنهنجي منڊليءَ سميت شاهہ جي پٽ ڏانهن روانا ٿيا.

اُهي ڏينهن سچ لڳي مهل آتمانند ستگرو مهاراجن کي چيو تہ هينئر تہ سارو شهر ڀڳت تي ويو آهي جو سڀيئي ماڻهو مالهائون هٿن ۾ کڻي، کنڌ هيٺ ڪري رام نام پيا جپين ۽ دکہ مان پيا ڇون تہ ڀڳوان هاڻي ديا ڪر. پريمين جي اها ڳالهہ ٻڌي ستگرو مهاراجن ستسنگہ ۾ ڀڄن ڳايو.

ڀڄن ڪوهياري

ٽل - جب آءِ ؤبا لن تن لاگي - تب ديکا لوکن ونراڳي.

١- ساون چيٽي پنکہ جب آوي - اَپني ڪوتب پتنگہ کهاوي،
ديکہ آگن ڪو ٻر پاڳي.

٢- مانسروؤر بگلا جاوي - ديکہ هنس ڪو ڌيان لگاوي،
مڇلي ۾ من هٺہ راڳي.

٣- ڀوڳہ وشہ ۾ من ڀرماوي - مايا مد ۾ گيان گنوائي،
هرکو سمرت نهہ جاڳي.

٤- مؤنڊ مرن سي دم دم ٻرتي - سنت اَمر پئي هري سمرتي،
کهي ٽيئؤن وي ٻڙ ڀاڳي.

پڻ چيو تہ منهنجي بہ اها راءِ آهي تہ بيماري سنتن کي رنجائڻ ڪري پيئي آهي تنهنڪري سڀئي پنچ هلو تہ هلي سوامي جن کان معافي وٺون. سنت ديالو پرش ٿيندا آهن، ضرور اسان کي معافي ڏيئي ڪلياڻ ڪندا. پيا بہ ڪي اٿي چوڻ لڳا تہ هڪوار سنتن کي پنچات مان لاهي وري هلي معافي وٺون؟ تنهن کان تہ مرڻ بهتر آهي. اسين معافي ڪونہ وٺنداسون.

اهو ٻڌي ٻابي رچهومل چيو تہ اسان سڀني مورکتا ڪري سوامي جن کي پنچات مان لاٿو آهي. هاڻي منهنجي بہ صلاح آهي تہ هلي معافي وٺون. تنهن کان پوءِ بہ ٽي پنچ اٿي چوڻ لڳا تہ اسان تہ توهان کي منع بہ ڪيو هو تہ پنچات مان نہ لاهيو. سنتن کي دک ڏيڻ سان وڏو نقصان ٿيندو. اسان گهڻيئي دانهون ڪيون هيون پر ڪنهن بہ نہ ٻڌو. پر هاڻي بہ ويئي ڪانهي. جلدي هلي سوامي جن کان ڏوهہ بخشايو ۽ معافي وٺو. پر جي اڃا بہ نہ مڃيندا تہ ياد ڪجو تہ سارو شهر هڪ هفتہ اندر ناس ٿي ويندو. اٿي ساري پنچات بہ بہ ٽي منٽ شانتي ڇانئجي ويئي.

سڀني کي چپ ڏسي مکي صاحب چيو، هي وقت چپ ڪري ويهڻ جو ناهي. ويچار ڪري ڏسو تہ هيڏڙي ڳوٺ مان جي روز ٢٠-٢٥ ماڻهو مرندا تہ شهر جو ڪهڙو حال ٿيندو. تنهن ڪري منهنجي بہ مرضي آهي تہ سوامي جن کان هلي معافي وٺون. ڊاڪٽرن بہ اهو رايو ڏنو تہ سواءِ ان ڳالهہ جي بيماريءَ جو ٻيو ڪوبہ سبب ڏسڻ بہ نٿو اچي. ان ڪري جلد سنتن جي شرڻ هلي پئو. ان بعد پنچن چوڻ لڳا تہ اسان سڀني کي توهان جي راءِ قبول آهي. اتي مکي جهامراءِ وري بہ چيو تہ جن پائرن کي اڃا بہ قبول نہ هجي هٿ مٿي ڪڻن. صرف ٢٠-٢٥ هٿ مٿي ڪڻي چوڻ لڳا تہ معافي وٺڻ نہ گهرجي. مکي صاحب وري چيو

ڪالرا کي روڪڻ لاءِ هر پرڪار جي ڪوشش ورتي ويئي پر جيئن پيا ڪوشش ڪن تيئن بيماري وڌيئي زور وٺندي ۽ سالاري جي شهر ۾ پکڙجي ويئي. ٻنهي شهرن جي اهڙي حالت ڏسي بيماريءَ کي روڪڻ لاءِ ڊاڪٽر چڱيءَ طرح جاچ ڪرڻ لڳا. ڏٺائون ته ٻنهي شهرن ۾ صفائي خاطر خواهه ٿي رهي هئي، پر بيماريءَ جي ڪارڻ جو پتو لڳائي نه سگهيا. ڊاڪٽر، مکي صاحب ۽ پنچن کان پڇڻ لڳا ته هيءَ بيماري شهر ۾ ڇو پيئي آهي؟ ڊاڪٽري خيال کان ته هن بيماريءَ جو ڪوبه ڪارڻ ڏسڻ ۾ نٿو اچي. پنچ، سيٺ گوپالداس، ڀائي ڀاڳورام، ڀائي ڇبلداس ۽ ڀڳت باسري رام چوڻ لڳا ته سائين سچي ڳالهه پڇو ته هيءَ بيماري پنچن پاڻ سڏ ڪري گهرائي آهي.

ڊاڪٽرن چيو ته اسان کي به اهڙي ڪجهه خبر پيئي آهي. تنهن ڪري هاڻي به پنهنجو ڀلو چاهيو ته دير نه ڪريو ۽ جلد ئي سنتن کان معافي وٺي شهر جو ڪلياڻ ڪريو. ڊاڪٽرن جا اهي اکر ٻڌي مکي صاحب ٻه چار ماڻهو موڪلي سالاري ۽ ڪنڊوءَ جي سڀني پنچن کي سوچنا موڪلي ته اڄ شام جو ۴ ٻجي پنچائت جو ميڙ آڪاڙي ۾ ٿيندو جتي سڀ اچي حاضر ٿين.

شام جو ۴ ٻجي شهرن جا پنچ ۽ ڊاڪٽر آڪاڙي ۾ اچي گڏ ٿيا. جتي مکي جهامراءِ اٿي چوڻ لڳو ته ڀائرو ڪالرا وڃي ٿي هر روز وڌندي. اڄ ڪنڊوءَ ۾ ٢٠-٢٥ ڪيس ۽ سالاري ۾ ٽي چار ڪيس ٿيا آهن. ڊاڪٽرن به تمام گهڻي ڪوشش ڪئي آهي پر ڏينهون ڏينهن بيماري زور وٺندي پئي وڃي تنهنڪري ڪا صلاح مصلحت ڪريو.

تنهن تي سيٺ گوپالداس اٿي چوڻ لڳو ته ڀائرو منهنجو ويچار آهي ته ڳچيءَ ۾ ڪپڙو پائي هلي ستگرو مهاراج جي شرڻ پئي معافي وٺون ته سڀ جئڪار ٿي ويندي. ڀائي ڇبلداس

تي ڀي نياڻين، ٻارن ۽ فقيرن کي ۽ سڀني جيئن کي ورهائي ڏنو ۽ پنچائت طرفان ڏهاڪو ديگيون تاهريءَ جو ٿهرائي ساري شهر ۾ هندو مسلمانن سڀني ۾ پريم سان ورهائجو. اهـو وڏي ڀڳيه ڪريو ته ايشور ڪندو ته سڀ ڪلياڻ ٿي پوندو.

ستگرو مهاراجن جا آسيس جـا وچن ٻـڌي سڀ پنچ ستگرو جي جئہ جئہ ڪار ٻولائـي خوش ٿيا. مکي صاحب هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته هي ڀڳون توهان جهڙن آگيا ڪئي آهي تهڙن ڪنداسون پر اسان جي اَرداس اهي ته پنهنجي چرن ڪملن جو جل ڏيو تـه اسان پنهنجن گهرن ۾ ڇٽڪاريون ۽ جيڪي بيمار پيا آهن تن کـي ٻه پياريون. ٻيو ستسنگ سماپتيءَ وقت هڪ جئڪار جو پلئہ ٻه پائجو. ايترو چئي مکي صاحب ۽ پنچ هٿ جوڙي ستگرو مهاراجن اڳيان ويهي رهيا. تنهن کـان پوءِ ستگرو مهاراجن هي پرارٿنا جو پڄن چيو:-

پڄن سر کوهياري

ٽل- جڳت پتي جڳہ پـالڪ پريوُ - جيون کا دکہ دوُر ڪرو.

١- جيوُ جڳت ۾ پاپ ڪرت هئہ - جنم جنم جي پاپ هرو.

٢- سروُ جيون کي سر پر سوامي - ڪروُٽا ڪر نج هاٿ ڌرو.

٣- ديوي سمپت کي گڻ ساري - ڀڳـون دي ڀنڊار ڀـرو.

٤- کهي ٽيئون هر ڪرپا ڌاري - جنم مرڻ کي دوُکہ هرو.

پڄن ڳائي ارٿ سمجهائي پلؤ پاتائون. پوءِ نام جي ڌنـي لڳائي ستسنگ سماپت ڪيائون.

صبح جو سوير سڀني اُٿي جڳپال جڳديش جـا منا روٽ پچائي پنهنجي پنهنجي در تـي ڀي ورهايا. پنچائت طرفـان تاهريءَ جون ديگيون لهرائـي ساري ڪنڊٻوءَ ۽ سالاري ۾ غريبن اَناٿن هندو مسلمانن کي کارايو.

شام جـو ٤ ٻجہ مکي صاحب ۽ ٣-٤ پنچ ستگرو مهاراجن

نه ٻائرو ٢٠-٢٥ ڄڻا معافي وٺڻ جي برخلاف آهن. باقي سڀ پنهنجي فائدي ۾ آهن، تنهنڪري هاڻي هلو ته سوامي جن کان هلي معافي وٺجي ۽ ستسنگ ۾ سوامي جن کان ٻول ٻه ٻڌائجي ته هي ڏڦيڙ ٽري وڃي. اهو فيصلو ڪري ميڙ سماپت ٿيو ۽ هرڪو پنهنجي پنهنجي گهر ويو.

شام جو هڪ ستسنگي اچي ستگرو مهاراجن کي پنچائت جي فيصلي جي ڳالهه ڪئي. ستگرو مهاراجن چوڻ لڳا ته اُبا ٻلي اچن، توهان وڏيڪ فراش وڇائي جل جو بندوبست ڪري ڇڏيو.

ستگرو مهاراجن جا اهي وچن سڻي سيوادارين فراش وڇائي ڀاڻي ڀيمارڻ ۽ جتين رکڻ جو بندوبست ڪري ڇڏيو. ستسنگ شروع ٿيو. پهريائين سوامي ٽوال لال، سروانند ۽ گرمکداس اُٺي ڏنبن ۽ يڪتارن تي وڏي پريم سان ڀڄن ڪيو. ايتري ۾ ڪنبوءَ ۽ سالاري جي ساري پنچائت مصري ۽ پرساد جـا ٿالهه کڻي ستسنگ ۾ اچي ويٺي. پرساد مهاراجن جي اڳيان رکي ٻيڙين ڀئي وهندا ويا. جڏهن گوال لال ڀڄن ڪري بس ڪيو تـه ستگرو مهاراجن سيٺي پنچن ۽ مکي صاحب جو آدر ستڪار ڪيو. پوءِ مکي صاحب، ٻابو رڇهورام، سيٺ گوپالداس، ڀائي چيلداس ۽ ٻه ٽي ٻيا اُٿي ستگرو مهاراجن کي پيري پيا ۽ اکين ۾ ڳوڙها آڻي هٿ جوڙي چوڻ لڳا ته هي ٻيڙو اسان کان وڏي ڀل ٿي آهي، هاڻي ڪرپا آهي اسان کي معافي ڏيو، توهان جي شرڻ ۾ آيا آهيون. اسان جي رکيا ڪريو.

اهي ديـن وچن ٻڌي ستگرو مهاراجن، مکي صاحب ۽ سيٺي پنچن کي دلداري ڏئي چوڻ لڳا ته اوهان ڪوئي خيال نه ڪريو. ايشور چڱي ڪندو. صبح جـو هرڪو سوا سير اٽو آڻي گهه کنڊ وجهي ڄڳهال جگديش جا روٽ ٺاهي دروازي

چاڪاڻ ته سنت ڪنهن کي به سراپ ڪونه ڏيندا آهن ۽ نه وري ڪنهن کي پٽيندا آهن؛ پاڻ کي ڏک ڏيئي ٻين کي سک ڏيندا آهن. اهو سنتن جو ڌرم آهي. سنت سڀني جيون جا هتڪاري ٿيندا آهن.

ترُور، سرور سنت جن - چوٿا برسي ميهه،
پر - سوارٿ ڪي ڪارڻ - چارون ڌاري ديهه.

ارٿ- برڇ، نديءَ، بادل ۽ مهاتمائون اهي چار ئي پر- اُپڪار لاءِ سنسار ۾ پيدا ٿيندا آهن سو سنتن جو ڌرم ئي ڪونهي جو ڪنهن کي مارين يا دک ڏين ۽ وري ڀڳوان به ڪنهن کي ڪونه ٿو ماري جو ڀڳوان جو نالو ئي آهي دين ديال، ننگه پال، پتت پاون، ڪرپانڌان، ديـن ٽرايا ۽ وشو پال سو ڪيئن پنهنجن ٻچن کي ماريندو.

پر ڀُو نهين ڪسي مارتا - پاپي نهين هڻه رام،
آپي هي مر جات هئن - ڪر ڪر کوٽي ڪام.

ارٿ- ڀڳوان ڪنهن کي ڪونه ٿو ماري. هي جيو پنهنجن ڪرمن ڪري ئي سک دک ڀيو ڀوڳي ۽ ڀيو جمي مري. سو هيترا آدمي جو شهر ۾ مري ويا آهن سي به پنهنجن پاپن ڪري ڇو جو شپ ڪرمن ۽ ڀڳوان جي ڀڳتيءَ کان ڪنهن کي به روڪڻ وڏو پاپ آهي. سوئي پاپ ڪرڻ ڪري ئي اهو دک آيو آهي ۽ پراشچت ڪرڻ سان جلد سک ٿي ويو. اُنهن ماڻهن جي مرڻ جو پاپ پنڊتن جي مٿان پيو. پنڊتن ستسنگ ۾ اچي پشچاتاپ ڪري هٿ جوڙي معافي ورتي اهو پاپ لاهي ڇڏيو.

ستگرو مهاراجن جا اهي وچن ٻڌي سنت پدپوري ۽ سڀيئي ستسنگي ڏاڍو خوش ٿيا. تنهن کان پوءِ ستگرو مهاراجن ۽ سڀيئي سنت گهمندا ڦرندا سڄ لڪي محل اچي ستسنگ ۾ ويٺا.

صبح جو پنڊتن پنج ديگيون پرساد جون ڪرائي، سنتن

وٽ آيا. پيري پئي هٿ جوڙي اَرداس ڪرڻ لڳا ته هي ڀريُو توهان جي آگيا انوسار سڀ ڪاريه ڪيو ويو. هاڻي واندا ٿي سڌو توهان صاحبن وٽ پيا اچون. هاڻي جيڪا آگيا هجي تئن ڪريون. اڄ توهان جي آسيس سان شهر ۾ ڪجهه شانتي آهي. فقط ٻه چار ڪيس ٿيا آهن. باقي اڳين ٽيهن چاليهن بيمارن مان ١٠-١٢ تڪليف ۾ آهن. توهان جي ڪرپا سان اُنهن جي تڪليف به دُور ٿي ويندي.

پنچن جو اهو عرض ٻڌي ستگرو مهاراڄ چوڻ لڳا ته جن پريمين ڪان ڏنڊ ورتا اٿوَ تن کي موٽائي ڏيو ۽ سڀاڻي ٻه ٽي ديڳيون ڪڻڪ جي سيري جون تيار ڪرائي ٻارن ۾ ورهايو. توهان ڪوبه خيال نه ڪريو. ڀڳوان سڀ جئڪار ڪندو.

ستگرو مهاراڄ جي اِها آگيا ٻڌي مکي صاحب ۽ پنچ خوش ٿيا. ستگرو مهاراڄ جي جئه جئڪار منائي هٿ جوڙي اَرداس ڪرڻ لڳا ته هي پريو توهان جيڪا آگيا ڪئي آهي تنهن جو صبح سان پالن ڪنداسون. هاڻي اسان کي موڪل ڏيو ته وڃون ۽ گهر جو ڪم ڪار لاهي وري رات جو اچي ستسنگ ٻڌون. ايترو چئي ستگرو مهاراڄ کي پيري پئي سڀئي پنهنجي پنهنجي گهر ويا. تنهن کان پوءِ ستگرو مهاراڄ ستسنگين ۽ سنتن سان گڏجي باغيچا گهمندا اچي درياهه جي ڪناري تي ويهي رهاڻ ڪرڻ لڳا. اُتي سنت ٻڌ پُوري ستگرو مهاراڄ کي چوڻ لڳو ته ڀڳوان، هي ته ايشور جي نئين گهمگوڙ ٻڌي اٿئون جو هفتي کن ۾ شهر ۾ سؤ سوا سؤ کن ماڻهو مئا آهن ۽ وري هڪ ٻئي ڏينهن ۾ اوچتو جئڪار ٿي ويئي آهي؛ سو هيترا ماڻهو ڪنهن ماريا ۽ ڪئن مئا. سنتن ماريا يا ڀڳوان؟ اهو پاپ ڪنهن تي پوندو؟

ستگرو مهاراڄ مشڪي چوڻ لڳا ته شنڪا ته عجيب وڏي اٿوَ. شهر ۾ دڪه آيو ۽ هيترا ماڻهو مئا سي سنتن ڪونه ماريا آهن

مڌر آواز ۾ ڳائيندا هئا جو ساري سنگت ٻڌي خوش ٿيندي هئي.

نيٺ سنت ٻڌ پوري ۽ موڪلائي پنهنجي آستان ڏانهن روانو ٿي ويو. تنهن کان پوءِ ۽ هڪ ڀيرو ٻيو ساڌ جو ڏيرو سوامي جن وٽ لڳوئي رهندو هو. سنت ٻڌ پوري ويو ته سالاري مان سنت گهنبو رام آيو.

پاڱو پهريون - باب ٢

هن کان پوءِ ٻنهي ۽ باغ جي سنڀال جو ڪم گوال لال کي ڏنو ويو ۽ مهاراجن هڪ ته ٻئي ڏينهن وڃي سڌ سماءُ لهي ايندا هئا. سندن مول ڪم هينئر ٿيو ستسنگ ڪرڻ ۽ آتم ابياس ۾ لنؤلين ٿيڻ.

هڪ ڏينهن ستگرو مهاراجن ٻنيءَ تي وڃي ڏسن ته ڪيترا مسلمان ميڙ ڪيو ويٺا ڳائين. ستگرو مهاراجن کي ڏسي رمضان نالي هڪ مسلمان اٿي ستگرو مهاراجن کي پيري پئي هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته هي درويش سائين اڄ ڪو برهه جو ڪلام ٻڌايو. گهڻا ڏينهن ٿي ويا آهن جو توهان جو ڪلام ڪونه ٻڌو اٿئون.

ستگرو مهاراجن کانئس پڇيو ته توهان هتي هيترا جڻا ڇو اڄ ڪٺا ٿيا آهيو؟ رمضان چيو ته سائين حشر جو ڏينهن آهي تنهن ڪري هي سڀ اڄ اسانجي ڳوٺ ۾ عاشورا ملهائڻ آيا آهن. اهو ٻڌي ستگرو مهاراجن يڪتارو ورتو ۽ اٿي ئي پنهنجي ناهي ڏاڍي وئراڳ ۽ پريم سان ڳائڻ لڳا.

راڳ ڪنسو

ٿل - پنهين چو ٿو ڪلها مومن - ڪٿي ڪيڏ نفس شيطاني.
١- اندر تنهنجي سدا بولي - سهي ڪر صاف سو چولي،
حقيقي ڳالهه لهه ڳولي - پڙهي تون شبد روحاني.

ڪي پرساد موڪلي نياڻين، ٻارن ۽ غريبن ۾ ورهايو. تنهن کان پوءِ مکي صاحب پڇتاءُ ڪري ڪئي ۽ جن ماڻهن کان ڏنڊ ورتو ويو هو تن کي واپس ڏنو ويو. پوءِ اُٿي ڇپائين ته پاڻ ۽ ڀڳوان اسان کي جلدي سمت ڏني جو سنت هلي سواميءَ جن کان معافي ورتيسون. سوامي جن ته اهڙا سنتوشي ۽ ديالو پُرش آهن جو اسان جيڪي به ڪيو هو تنهن لاءِ ڪوبه ڏوراپو وغيره ته ڪونه ڏنائون پر پاڻ اهڙي آسيس ڪيائون جو جلد ئي ڇوٽڪار ٿي ويئي. هاڻي منهنجو ويچار آهي ته پڇتاءُ ڀنڊارو ڪري سڀني سنتن، براهمڻن ۽ ٻارن کي روٽي کارائجي، تنهن ۾ توهان جي ڪهڙي راءِ آهي. سڀني پڇڻ ڇيو ته اسان کي اها ڳالهه پسند آهي. شام جو آئلداس، منگهن رام، واڌو رام، سيٺ گوبالداس سيٺ ريجهورام، ڀڳت جيٺارام، ميٺارام ۽ ڇٻلداس مکي صاحب سان گڏجي سوامي جن وٽ ويا ۽ ديالو سوامي جن رسوئي ڪرڻ سويڪار ڪئي. ٻئي ڏينهن سنتن مهاتمائن ۽ برهمڻن کي سواميءَ جن سان گڏ ڀوڄن ڪرايو ويو. رات جو ستسنگ ۾ مهاراجن، سنگت جي وينتي ڪرڻ تي سک شانتيءَ جو پلؤ پاتو.

سلوڪ – پلؤ جي پائين – شتگور تنهنجي در تي،
داتار در آئين جا – عرض اونائين:
مڙيئي تن جي من تن جا – ڏکڙا مٽائين،
اَسُون اَگهائين – آسُون آس وندن جون.

تنهن کانپوءِ ستگرو مهاراجن ست نام ساکي جي ڌني لڳائي ستسنگ سماپت ڪيو.

اهڙيءَ طرح ستگرو مهاراجن هر روز نت نيم سان ستسنگ جي موج مچائيندا رهيا. شهر جي ماڻهن جو پريم ڀاو ستگرو مهاراجن ۾ وڌندو ويو ۽ ڪيترائي نرناريون ستگرو مهاراجن کان گور منتر وٺي شش ٿيا. ستگرو مهاراجن به پريم ۽ وئراڳ جا اپديش اهڙي ته

هڪ ڳوڻ ڇيڻن جي ڇوُنڊي ڪڻي اَچج. اِها آڳيا پائي رمضان وڇي شيوا ۾ لڳو. ستگرو مهاراجن ٻه ساڏن سان رهاڻ ۾ لڳا ته ايتري ۾ پائي گوبندرام ٺيڪيدار سکر ضلع جي عظمت ڳوٺ جو مهاراجن جو آستان پڇائي اچي پهتو ۽ اُت تان لهي ستگرو مهاراجن کي پيري پئي اچي ويٺو. ستگرو مهاراجن خبرون چارون ۽ حال احوال پڇڻ لڳس.

پائي گوبندرام چيو ته سائين، مان سکر ضلع جي عظمت ڳوٺ جو آهيان ۽ شڪارپور جي سيٺين جا پيلن جا ٺيڪا سنڀاليندو آهيان. هاڻي هن پاسي هالن پراڻن پرسان ٺيڪو کنيو اٿن، اِنهيءَ ڪري مهنو ڪن ٿيو آهي ته هالن آيو آهيان. ٻه - ٽي ڏينهن ٿيا آهن ته ڏٺم ته بزار ۾ ڪن پريمين پڪتارن تي ويٺي پڄن ڳايا. مون اُنهن کان پڇيو ته اُهي پڄن ڪهڙي مهاتما جا ڳائي رهيا آهيو؟ هو ڪهڙي شهر ۾ رهندو آهي. هنن توهان جي ڳالهه ڪري ٻڌائي. منهنجي چت ٻه چيو ته سنتن جو درشن ڪريان. انهيءَ ڪري اج صبح جو اُتان آيو آهيان. ستگرو مهاراجن چيو ته ڏاڍو چڱو، ڀلي آيا.

رات جو پائي گوبندرام، ستگرو مهاراجن جو ستسنگ ٻڌي مهاراجن جي چرنن تي سر نوائي چوڻ لڳو ته هي پريوُ! هن داس تي ديا ڪريو. ستگرو مهاراجن مشڪي ڏانهنس نهاري چيو ته اَبا توهان جي پوشاڪ، هلت چلت آفيسرن جهڙي آهي. ڪيترو سون پيو اٿو. پڳتي ڪرڻ تمام ڪٺن ڪم آهي. توهان کان ڪين ٿي سگهندي. اَبا هي هڪ ٻن ڏينهن جو ڪم ناهي. پريم لڳائڻ سؤلو آهي پر اُنت تائين نباهڻ تمام ڪٺن آهي. تنهن ڪري توهان انهيءَ ڳالهه کي ڇڏي ڏيو ۽ پيا مؤج ڪريو.

اهو ٻڌي پائي گوبندرام اُٿي، سون، سؤٽ ڪوٽ لاهي پيتيءَ ۾ وڌو ۽ خميس ۽ ڌوتي پائي هٿ جوڙي ستگرو مهاراجن

٢- مجي مرشد پاءِ جهاڻي - اندر ۾ پڙهه ذڪر ذاتي،
سدا ڪر پاڻ اسباتي - اهو تي وچن فرقاني.
٣- نفس ڪافر آتي ڪارو - رلايو جنهن جڳت سارو،
ٻڌي مڙدن تهين ماريو - پڙهي سو حرف حقاني.
٤- سٽج مومن کهي ٽيئُون - سبق طريقت سندو پڙهه تون،
حقيقت حق ٻولي هون - معرفت ماڻ مڙداني.

ستگرو مهاراجن مسلمانن کي ڪلام جو مطلب سمجهايو. هو ڏاڍو خوش ٿيا ۽ قربان وڃڻ لڳا.

تنهن کان پوءِ ستگرو مهاراجن ٻني گهمڻ ويا ته رمضان به ڏيري ڏيري پنيان وڃي مهاراجن کان پڇڻ لڳو ته سائين، توهان جو چيو ته نفس کي ماري ٻاهر ڪيو سو نفس کي مارڻ جو رستو ته اسان کي ٻڌايو.

ستگرو مهاراجن مشڪي چيو ته ابا اسان ته توکي ٻڌايون پر پهرين پنهنجن مائٽن کان پڇي اچ ڇو جو توهان مسلمان آهيو. جي مؤلوين کي اها خبر پوندي ته توکي ماريندا ۽ نياڻ مان ڪڍي ڇڏيندا.

تنهن تي رمضان چوڻ لڳو ته سائين اسان تي ٻاجهه ڪريو. مائٽن ۽ مؤلوين سان پيا منهن ڏيندا سون ۽ ٻلاشاهه وانگر سر ڏيڻو پيو ته اهو به ڏيندا سون. رمضان جو اهڙو پريم ۽ صدق ڏسي ستگرو مهاراجن چوڻ لڳا ته چڱو سڀاڻي آستان تي اچج ته چڱي ٿيندي. تنهن کانپوءِ ستگرو مهاراجن ٻنيءَ جي سنڀال ڪري گوال لال کي سمجهائي گهر آيا.

ٻئي ڏينهن صبح جو رمضان ناريل ۽ گل کڻي اچي ستگرو مهاراجن کان گرمنتر وٺي مريد ٿيو ۽ هٿ جوڙي عرض ڪيائين ته سائين، هن غلام کي به ڪا خدمت ڏيو ته وڏي مهرباني ٿيندي. ستگرو مهاراجن چيس ته ابا، صبح جو ڳائين لاءِ ڪتر ڪري

مهاراڄن ڇــوڙي لڳا تـہ اُبا آزادي ٻــن پرڪارن جــي آهــي:
۱. اِستول تياڳ ۲. سوکيم تياڳ.

اِستول تياڳ اهو آهي جو پنهنجو وهنوار ۽ گهر ٻار ڇڏي، گنگا ڪناري يا ڪنهن جهنگل يا پهاڙ تـي ايڪانت استان ۾ ويهي پڄن ڪجي.

سوکيم تياڳ انهيءَ کي چئجي ته جو چت جو تياڳ ڪري گرهست ۾ رهي سمورو وهنوار شاسترن جي مريادا انوسار ڪندو رهجي. پنهنجي گهر کي هڪ ڌرمشالا سمجهجي ۽ ٻارن ۽ ساري پروار کي مهمان ڄاڻجي. پنهنجو تن پدارٿ، پرماتما ستگرو ديو جي اَمانت ڄاڻجي ۽ سچا ٽرشيواداري ٿيڻ جي اُنکي سنڀاليندو رهي.

مَنّ مــيــرا گــرچــرن ۾ - ديجي پيت چڙهاءِ،
کهي تيئون تينون لوڪ ۾ - سهج مڪتي هوءِ جاءِ.

ارٿ- مَنّ معنيٰ مانجهو ايمان- سرير، ذات ورڻ- ڪل آشرم، تن ٻل آد جو ايمان. ميرا معنيٰ ممت- هــي سڀ تن پدارٿ منهنجا آهن اهي سڀ ڳالهيون ستگورن جــي چرنن ۾ ڇڏي سچي آزادي پائي، گوبند جي ڀڳتي ڪري، تنهي لوڪن ۾ جيون مڪت ٿي گذاري.

آئــي هرکــہ نہ اُپجي - جائي شوڪ نہ هوءِ،
ائسي رهڻي جو رهي - گرهہ بن يوگي سوءِ.

ارٿ- پدارٿ اچي يا وڃي، جمي يا مري، گهاٽو واڌو سڀ ستگرو ڀڳوت جو ڄاڻي خوشي يا غم نہ ڪري. اهڙو جڳياسو بن ۾ رهي يا گرهست ۾ ٻنهي ۾ تياڳي آهي. تنهن ڪري توهان چت جو تياڳ ڪري سڀ جو وهنوار ڪندا رهو. ان قسم جــو وهنوار پرمارٿ ۾ ڪنهن بہ رڪاوٽ نٿو وجهي. تنهن ڪري توهان پڻ وڃي سياڻي پنهنجي وهنوار کي لڳو.

ڪــي ڇوڻ لڳو تہ سوامي جي هٿان ڪرپا ڪري هن داس کي پنهنجن چرنن جو داس بڻايو.

ڀائي گوبندرام جو پورڻ پريم ۽ درڍ وشواس ڏسي ستگرو مهاراجن کيس چيو تہ چڱو اَبا، شام جو درياهہ تي گهمڻ هلنداسون اُتي توهان کي ٻڌائينداسون. شام جو ستگرو مهاراجن گوبندرام کي گر منتر ڏنو. پوءِ سيئي ساڌ سنت ۽ ستسنگي درياهہ جي ڪناري گهمڻ لڳا. گهمندي گهمندي هڪ شيشم جي وڻ هيٺان اچي ويٺا. اُتي ڀائي کيمارام، ستگرو مهاراجن کي چيو تہ سائين ڀڳتي جي سانگہ نباهڻ لاءِ ڪهڙا مکيہ ساڌن آهــن سو ڪرپا ڪري ٻڌايو. تنهن تي ستگرو مهاراجن چيو تـہ اَبا انت ڏائين ڀڳتيءَ جي سانگہ نباهڻ لاءِ هيٺيان پنج ساڌن آهن:-

١- گــور ڀڳتي يعني ستگرن ۾ شردا ۽ اٽل وشواس رکــي پرارٿنا ڪرڻ.

٢- سادگــي يعني سادو کائــڻ، سادو پهرڻ ۽ سادو هنڊائــڻ. تنهن کان سواءِ اُڃ، بک ٿڌي ڪوسي صبر سان سهڻ.

٣- تياڳـــ يعني سنسار جون سڀ اڇائون تياڳي، ڀڳوت جـــي مايا کان سدائين ٻچندو رهڻ.

٤- اُپيدي، لنؤو يتا مهاتمائن جو سنگہ.

٥- ايڪانت ۾ ويهي ستگورن جي ڏنل منتر جو ابياس ڪرڻ ۽ اِندرين کي جيتي من نرمل ڪرڻ.

اِنهن پنجن ئي ساڌن سان ڀڳتيءَ جو سانگہ نڀهي ايندو. ايترو چئي سڀ لڏي آستان تي اچي سيئي ستسنگہ ڪيو.

ٻئي ڏينهن صبح جـو ڀائي گوبندرام ستگرو مهاراجن کي چيو تہ ڪرپا ڪري آگيا ڪريو تہ هي سامان ۽ ڪاغذ وغيرهہ شڪارپور سيٺين کي ڏياري موڪليان ۽ بلڪل آزاد ٿي اوهان جي چرنن ۾ رهي ڀڳوان جي ڀڳتي ڪريان. تنهن تــي ستگرو

ڏنو ته برابر اندر ڪنڌ هيٺ ڪيو ويٺو آهي. ڪاوڙ مان سڏ ڪري چيائينس ته تون هتي ڪنڌ هيٺ ڪيو ويٺو آهين، ٻني ڪنهن جي حوالي ڇڏي آئين؟ سارو ڪم بگڙيو پيو آهي. آخر توهان ٻنهي ڀائرن جو ڪهڙو ويچار آهي؟ جي تون به هي ڪم نه سنڀاليندين ته هلي ساڌ سان گڏجي گهر ره ته هڪ آسرو ٿئي. ائين سيٺني کي گهٽ وڌ ڳالهائي موٽي دڪان تي آيو، ڏسي ته دڪان تي فقيرن جي لنبي قطار لڳي پيئي آهي. ساڌ ويٺو دڪان لٽائي. اهو رنگ ڏسي ستگرو مهاراڄ کي چيائين ته هي ڇا پيو ڪرين؟ سارو دڪان ئي لٽي ڇڏيو اٿيئي. فقير ڀائي ٿهلرام جو آواز ٻڌي اٿي ويا. ستگرو مهاراڄ چپ ڪري ويهي رهيا. ايتري ۾ ماتا ڪرشنا ڀائي ٿهلرام جا واڪا ٻڌي دڪان تي آئي. ٿهلرام کي چوڻ لڳي ته اَبا ڇا آهي؟ ساڌ کي ڇو ٿو ڳالهائين؟ ڀائي ٿهلرام ماتا کي چيو ته ماتا، هوڏانهن ٻنيءَ تي ڏنر ته گوال ڪنڌ هيٺ ڪيو ويٺو آهي ۽ سڀو ڪم ڦٽائي ڇڏيو اٿائين؛ ڪا به سنڀال ڪانه ٿو ڪري. هيڏانهن ساڌ کي دڪان تي ڇڏي ويس ته سارو دڪان فقير کي ڏيئي لٽائي ڇڏيائين. وري تون به ويٺي ٻڌ ڪٽين. هن سال ٻاغن ۽ ٻنين مان گهڻو نقصان پوندو ۽ دڪان جو حال به ڪونه ٿو ڏسجي. وري جي توهان به هت سان ڦٽائيندا ته گهر جو وهنوار ڪيئن هلندو؟ ايترو ٻڌي ماتا ڪرشنا چوڻ لڳي ته تون ڪائي چنتا نه ڪر، ايشور مڙيوئي چڱي ڪندو. ٿهلرام ڪٽي چپ ڪئي. تنهن ڪانپوءِ ماتا ڪرشنا وڃي گهر جي شيوا ۾ لڳي ۽ ستگرو مهاراڄ وڃي سنتن جي شيوا ۾ لڳا.

١١ ٻجه سيٺئي پوڄن ڪائي سمهي پيا. ڀائي ٿهلرام به دڪان تي سمهي پيو. ستگرو مهاراڄ سيٺني کي ننڊ ۾ ڏسي آهستي آهستي در کان ٻاهر نڪري رستو وٺي جهنگل جو سئر ڪندا ٧ ٻجه شام جو وڃي شاه جي پٽ ۾ پهتا. ستگرو مهاراڄ

گوبند رام اکين ۾ پاڻي آڻي هٿ ٻڌي چوڻ لڳو ته هي ڀڳوان! منهنجو چت هيئنر سنسار ۽ وهنوار کان ڪٽو ٿي ويو آهي. دل اِئين پئي چوي ته سدائين توهان جي چرنن ۾ ويٺو ڀڳتي ڪريان وهنواري ڪنڪي ۾ مون کان ڀڳتي ڪانه ٿي سگهندي.

ستگرو مهاراجن تنهن تي چيو ته اَيساءِ ڀڳتي ۽ ستسنگ ۾ هڪ ڪنڪو آهي.

برهما ڪنڪا، وشنوُ ڪنڪا - ڪنڪا شنڪر سوامي،
سارا جڳ ۾ پئي ڪنڪا ديکا - ورلا سنت آرامي.

برهما سنسار جي اُتپتيءَ جي ڪنڪي ۾، وشنو سنسار جي پالن جي ڪنڪي ۾، شنڪر سرشٽيءَ جي سنگهار جي ڪنڪي ۾ آهي. اهڙي طرح سارو سنسار ڪنڪي سان ڀرپور نظر پيو اچي ٿو. فقط برهم گياني ئي ڪنڪي کان ڇٽل آهي. واسنتوَ ۾ ڪنڪو دکدائي ڪونهي. هن جيؤ ڪنڪي ۾ ڪنڪو پيدا ڪري ورتو آهي ۽ اهوئي دکدائي آهي. مطلب ڀڳوت مايا روُپي ڪنڪو رچيو آهي، تنهن ۾ هي جيوُ "مان ۽ منهنجي" جو ڪنڪو پيدا ڪري ڏاڍو دکي ٿو ٿئي. سو اَبا توهان "مان ۽ منهنجي" جو ڪنڪو هٽي ڇڏي آزاد ٿي وهنوار ڪريو.

ستگرو مهاراجن جا وچن سڻي، ڀائي گوبند رام جيو، پرڀوُ جڻن اوهان جي آگيا. پئي ڏينهن صبح جو ڀائي گوبند رام ستگرو مهاراجن کي پيري پئي موڪلائي روانو ٿي ويو.

هڪ ڏينهن ڀائي ٽهلرام ستگرو مهاراجن کي چيو ته اڄ مان بنيءَ تان گهمي ٿو اچان ته ڏٺم ته نون ليمين دڪان جي سنڀال ڪجي. بنيءَ تي اچي ڏسي ته ڪم سارو بگڙيو پيو آهي. هارين کان پڇيائين ته اجا سوامي گوال لال ڪونه آيو آهي ڇا؟ هارين چيو ته سائين آيو آهي ۽ اندر بنيءَ ۾ ويٺو آهي. ڀائي ٽهلرام اچي

ٻئي ڏينهن ستسنگ مهراج ليکراج جي جاءِ تي ٿيو. ستسنگ ۾ ويدانت جي وارتا هلايائون. ستسنگ پوري ٿيڻ کانپوءِ شامداس، مهراج ليکراج جي پاءِ شنڪا وڌي ته توهان جو ستسنگ ۾ چيو ته هي جيوُ ڀڳوان جو سروپ سک روُپ آهي پر پنهنجو پاڻ کي ڀلائي دکي ٿيو آهي سو پنهنجو پاڻ ڪئين ٿو ڀلائي ۽ ڪئين وري پنهنجو پاڻ کي سڃاڻي سگهي ٿو ٿئي. ڪرپا ڪري اِها ڳالهه اسان کي سمجهايو.

ستگرو مهاراڄن چيو ته هي جيوُ پنهنجي ڀرم ڪري ئي ڀليو آهي. اُتي هڪ سندر درشٽانت ڏنائون:- هڪ هاريءَ جوئر جو کيت پوکيو. جڏهن کيت پچي تيار ٿيو تڏهن مزورن کي وٺي اچي ٻنيءَ ۾ لابارو شروع ڪيائين. هڪ ڏينهن سڄ لٿي مهل مزورن کي چوڻ لڳو ته هي پائي اَنڌيرو ٿي ويو آهي، هاڻي ڪم بند ڪريو. کيت ۾ هڪ شينهن ڏينهن جو لڪي اچي ويٺو هو. تنهن جو اَنڌيري جو نالو ٻڌو ته سوچڻ لڳو ته، اهو اَنڌيرو وري ڪهڙي بلا آهي. مان جهنگل جو راجا آهيان. پر انهيءَ بلا کان منش به ڊڄن ٿا. شينهن اُنهيءَ ويچار ۾ هو ته هاريءَ مزورن کي چيو ته ڪم جتي آهي اُتي ئي ڇڏي ڏيو ۽ جلد ئي نڪري هلو، انڌيرو اچي ويو. هاري ۽ سڀئي مزور هليا ويا. شينهن ويچار ڪيو ته ماڻهو ٿا ڀڄي وڃن ته مان به هتان ڀڄي وڃان، متان اهو اَنڌيرو اچي مونکي پڪڙي. ايترو ويچار ڪري آهستي آهستي هلڻ لڳو. ايتري ۾ هڪ ڌوٻي جنهن جو گڏهه گم ٿي ويو هو سو ڳوليندي ڳوليندي اچي اُنهيءَ جوئر جي کيت ۾ نڪتو. جتي شينهن ويٺو هو. اونده ۾ شينهن کي پنهنجو گڏهه سمجهي وڏي آواز سان چوڻ لڳو ته هي بدمعاش کيت ۾ اچي لڪو آهين. بيهه ته هاڻي تنهنجي خبر وٺان. اِئين چئي جوش ۾ گهٽ وڌ ڳالهائيندو شينهن ڏانهن وڌڻ لڳو.

بزار ۾ پهتا ته ڀڳت لکميچند ۽ ڀڳت شيوڪرام ستگرو مهاراجن کي پري کان ڏٺو. خيال ڪرڻ لڳا ته ساڌ پيرين پنڌ، اُگهاڙي مٿي الاجي ڪٿان پيا اچن. اڳيان وڌي وڃي مهاراجن سان مليا ۽ خوش ٿي کين گهر وٺي آيا. گهر جا سڀيئي ڀاتي ستگرو مهاراجن جو درشن ڪري ڏاڍو خوش ٿيا ۽ خبرچار پڇڻ لڳا. ڀڳت لکميچند پڇيو ته ڪٿان اچڻ ٿيو آهي؟

ستگرو مهاراجن چوڻ لڳا ته اڄ روڻي ڪائي ڇهه ته ٻه ٽي ڏينهن ٻاهران گهمي اچان، جو جهڙالو لڳو پيو هو. اهو ويچار ڪري شهر کان ٻاهر اچي خيال پيو ته شاهه جي پٽ تان گهمي اچان. پوءِ ته جهنگل جو سير ڪندو اچي اوهان وٽ نڪتو آهيان. ڀڳت لکميچند ۽ ڀڳت شيوڪرام چوڻ لڳا ته ڏاڍو سٺو ڀلي آيا. اٽي ماتا گياني ٻائي ۽ ماتا ايشوري ٻائي خلاصو وڃي پاڻ ۾ چوڻ لڳيون ته شايد ٽهلرام گهٽ وڌ ڳالهايو اٿس تڏهن آيو آهي پر اسان کان لڪائي ٿو. تنهن کانپوءِ ستگرو مهاراجن کي جل پان ڪرايائون. ايتري ۾ ڀڳت چيتارام ۽ ڪرشنداس به اچي پهتا ۽ مهاراجن کي پيري پئي مليا.

رات جو ستسنگ ٿيو ۽ ڏاڍي خلق آئي. مهراج ليکراج به دل رباب کڻي آيو ۽ ستسنگ ۾ وڄايائين. ستگرو مهاراجن به اهڙا وئراڳ ڀريا ڀڄن ڳايا جو ساري سنگت پريم ۾ اچي جهولڻ لڳي. جنهن وقت سازن جو آواز ۽ ستگر جو آواز پاڻ ۾ ٿي مليا تنهن مهل ڄڻ ته ساوڻ جا بادل گجي رهيا هئا. پريمين جا هردا وئراڳ سان ڀرجي ويا.

رات جو ١٢ لڳي ويا تنهن کانپوءِ ستسنگ سماپت ٿيو. مهراج ليکراج ستگرو مهاراجن کي ارداس ڪئي ته شانين سڀاڻي اوهين سڀئي ساڌ اسان وٽ ڀوڄن ڪريو ۽ ستسنگ به ڪريو. ستگرو مهاراجن اها ارداس قبول ڪئي.

ٻر شير چيس ته ڀاءُ، هاٿي ٻڌ، جئن مان ڪريان تئن تون ٻه
ڪج ته اُنڌيري جي خبر پئجي ويندي. ايترو چئي ٻچ جو
ٽڪاءُ ڪري وٺي گجڪار ڪيائين، ته ڏوٻي ڪپڙا ڇڏي وٺي
ڀڳو. ڏوٻيءَ وارو شينهن ٻه ڪپڙا پٽ تي ڪيرائي پڇي وڃي
ٻبر شير سان گڏيو. ٻئي شير پاڻ ۾ ملي نرڀئه ٿي جهنگل جو سئر
ڪرڻ لڳا. مطلب ته چت رُوپي ڪڙمي ڏيهه رُوپي کيت پوکيو
آهي، جتي اِندرين رُوپي مزور ڪم ڪن ٿا. جنهن مهل چت
چوي ٿو ته جلدي پنهنجي آتم- گهر ۾ وڃو جو ڪال رُوپي
انڌيرو اچي رهيو آهي ته جيو رُوپي شير جو هن سرير ۾ ويٺو
آهي سو ڪال جو نالو ٻڌي ڏجي دل ۾ چوي ٿو ته اهو ڪال
نه اچي مون کي پڪڙي. اُتي اگيان رُوپي ڏوٻي جيوَ کي
پڪڙي ممتا رُوپي گهر ۾ موهه رُوپي ڪلي سان ٻڌو
ٻڌي ڇڏي ٿو.

جيوُ دل ۾ چوي ٿو ته مان هاٿي هتان ڇٽي ڪين
سگهندس. اُنهيءَ ڀرم ۾ ٻڌو بيٺو آهي ته اگيان اچي متاڻس
ڪرمن روپي ڪپڙن جي هڙ وجهي ڪيس آشا روپي نديءَ تي
وٺي وڃي ٿو. جنهن وقت اگيان هن جيوَ کي ماري ٿو پعدي
ڏک ڏئي ٿو تنهن وقت هوُ دکي ٿي روئي پڪاري ٿو ته آهي
ڪو پر اُپڪاري پرُشُ جو پيارو! جو مون کي هن ڏک مان
ڇڏائي؟ اهو آواز ٻڌي ڪو مهاتما برهم گياني پر اُپڪاري شير
جي سمان اچي چويس ٿو ته هي منهنجا ڀائي! تون ڇو اچي هن
اگيان جي وس ٿي دکي ٿيو آهين؟ تڏهن جيوُ رُوپي جگياسوُ
هٿ جوڙي چوي ٿو ته هي ڀڳوان! ڪرپا ڪري مونکي ٻڌايو ته
هن اگيان کان ڪيئن ڇٽان؟ تنهن تي گرو چويس ٿو ته هي ٻابا،
تون ست چت آنند رُوپ آهين، ابناسي ۽ نراڪار آهين. اگيان
جي ڪري مڃي ويٺو آهين ته سرير، ڪٽنب آدي پدارٿ جي

شينهن آواز ٻڌي ڊڄي ڀڄي رهيو ۽ دل ۾ چوڻ لڳو ته هاڻي پڪي ته ڪين سگهبو جو انڌيرو اچي ويو آهي، آواز وارو مونکي ضرور پڪڙيندو. ايتري ۾ ڌوٻي ٻه اچي شير وٽ پهتو. هڪ ڪاوڙ جو جوش پيو اوندهه، ڪائي خبر نه پيس ته شينهن آهي يا گڏهه. سو نه ڪيائين هم نه تم، شينهن کي لٺيون زور سان وهائي ڪڍيائين. پوءِ ڪن ۾ هٿ وجهي پنهنجي گهر وٺي آيس. شينهن کي ڪلي سان ٻڌي ٻه ٽي ڌڪ هڻي چوڻ لڳو ته خبردار جي هتان ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي اٿيئي ته اُقت مارڻ کانسواءِ نه ڇڏيندو سانءِ. ايترو چئي ڌوٻي روٽي کائي وڃي آرامي ٿيو. هوڏانهن شينهن دل ۾ ويچار ڪيو ته هي انڌيرو جو مونکي پڪڙي وٺي آيو آهي سو مون کي مارڻ کان سواءِ ڪين ڇڏيندو. انهيءَ چنتا ۾ ساري رات گذري ويس. صبح جو ڌوٻي ۴ بجه اُٿي اونده ۾ ئي ڪپڙن جون هڙون ٻڌي شينهن جي پٺيءَ تي رکي نديءَ ڏانهن روانو ٿيو. ندي شهر کان ميل کن پري هئي. شينهن کي ماريندو ڪٽيندو جڏهن نديءَ جي ويجهو آيو ته ڏٺائين ته هڪ ٻبر شير جهنگل ۾ ويٺو آهي. جنهن پري کان پنهنجي ڀاءُ شير کي ڏسي وڏي آواز سان چيو ته هي منهنجا ڀاءُ، هي تون ڇا ڪري رهيو آهين جو ڪپڙن جو بوجو پٺيءَ تي رکائي مار کائيندو پيو وڃين؟ اهو ٻڌي ڌوٻيءَ وارو شينهن جهنگل واري شير کي چوڻ لڳو ته ادا، مون کي انڌيري پڪڙي رکيو آهي. تون ٻه چپ ڪري ڀڄي وڃ، متان توکي ٻه اچي پڪڙي. ٻبر شير انڌيري جو نالو ٻڌي چوڻ لڳو ته هي مهامورکه انڌيرو ڪٿان آيو؟ توکي هڪ آدمي ماري ڪٽي پيو تنهنجي شير ٻڄي کي ڌڪار آهي جو تون شينهن هوندي ٻه بار پيو ڍوئين ۽ مار پيو کائين. تنهن تي ڌوٻيءَ وارو شينهن چوڻ لڳو ته ادا، مون کي ڪا پڪي ٻڌاءِ ته مان هن انڌيري جي چنبي مان ڇٽان. انڌيرو مون کي ڏاڍو دک ڏيئي رهيو آهي. انهيءَ تي

آهيو سو اُنهيءَ مان ڪا ٽڪري پيئي هجي ته ڪٿي اچو ته ڪائي ٻاٽي پيئون.

رُوپو ڀڳت ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ٽڪري ۽ سائي ڀاڄي ڪٽي اچي ستگرو مهاراڄن ۽ سادن جي اڳيان رکي؛ جئن ڪرشن ڀڳوان وِدر ڀڳت جي گهر وڃي ساڳ ۽ روٽي کائي خوش ٿيو هو تئن ستگرو مهاراڄن به رُوپي ڀڳت جي ٽڪري ڏاڍي پريم سان کاڌي ۽ ٻاٽي پي خوش ٿيا. تنهن کان پوءِ رُوپي ڀڳت جا پٽ، مکائيءَ جا سنگ پڇي پڇائڻ لڳا ۽ روپو ڀڳت ستگرو مهاراڄن کي هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته هي پريو، آتما نراڪار آهي جنهنجو ڪوبه رنگ رُوپ ۽ چهن ڪونه آهي. شاستر چون ٿا ته اِندرين جي وشه ڪانهي يعني اِندريون به ڏسي نٿيون سگهن ۽ ٻڌي به نٿيون سگهن سو اهو ڪيئن ڏسڻ ۾ ايندو؟

ايترو ٻڌي ستگرو مهاراڄن چوڻ لڳا ته اَبا جنهن شيءِ جو رنگ روپ ڪونهي سا به ڏسڻ ۾ ايندي.

سلوڪ - جئسي ڦُولن باغيچي ۾ -
ٻـڙي سڳنڌي آتي هئي،
روپ رنگ ڪڇ چهن نه ڏانڪا -
مـن ڪـو ٻهه هـرشاتي هئي،

٢- جئسي پيڙا پيٽ اَندر ڪي -
اؤرنـه ڪـو پهڇانت هئي،
تئسي اُرم آتـم ڪـوهي -
نج اَنڀؤ سين جـانت هئي.

مطلب ته جئن باغيچي يا ڦلواڙيءَ ۾ وڃي گهمبو آهي ته خوشبوءِ ايندي آهـي اُنهيءَ خوشبوءِ جـو ڪوبه رنگ روپ

ڏسڻ ۾ اچن ٿا سي منهنجا آهن پر واسطو ۾ ڪنهن جا به ڪونه آهن ۽ خالي ڀرم جي ڪري ڀاسڻ ۾ اچن ٿا. تون انهن کي جوڙو مڃي ڪري جڳ کان نراس ٿي وئراڳ ڌار، پوءِ آتم گيان جي گهڻڪار ڪرڻ سان اگيان پاڻيهي ڀڄي ويندو. جڏهن جگياسو آتم گيان جي گهڻڪار ڪري ٿو ته ڏهن اگيان ڀڄي وڃي ٿو. تنهن کان پوءِ اهو جگياسو سدا سار روپي بڻ ۾ جيون مڪت ٿي وڃي ٿو.

ستگرو مهاراڄن جا اهي وچن ٻڌي مهراج شامداس ڏاڍو خوش ٿيو ۽ سندس شنڪا دور ٿي وئي. سنگت پرساد وٺي گهر وئي ۽ ستگرو مهاراڄن ۽ ساڌو سنت پڻ رسوئي ڪري پنهنجي جاءِ تي آيا.

شام جو سيٺئي ساڌ ۽ پريمي ستگرو مهاراڄن کي چوڻ لڳا ته هي پريو، اڄ هلو ته روپي ڀڳت جي نار تان گهمي اچون. هو وڏو ستسنگي ۽ سنت شيوي آهي. توهان جي شايد ڪيس خبر ڪانه پئي آهي نه ته هو ضرور رات ستسنگ ۾ اچي ها. ستگرو مهاراڄن ستسنگين سان گڏجي روپي ڀڳت جي نار تي اچي ساڻس مليا. روپي ڀڳت وڏي پريم سان ستگرو مهاراڄن ۽ پريمين کي وهاري چوڻ لڳو ته هي پريو، منهنجا وڏا ڀاڳ جاڳيا آهن جو ڪرپا ڪري توهان پاڻ اچي درشن ڏنو آهي. ستسنگ ۾ سنتن جي مکاروند مان ائين ٻڌندا آهيون ته وئراڳي، تتو ويتا مهاتمائن جي درشن ڪرڻ سان ڪيترن جنمن جا پاپ ڌوپجي وڃن ٿا. سندن وچن هلاس سان هردو ٺري پوي ٿو. تنهنڪري هي پريو، توهان ڀلي آيا. توهان جي هينئر ڪهڙي شيوا ڪريان. آگيا ڪريو.

ستگرو مهاراڄن مشڪي چوڻ لڳا ته توهان پنهنجن هٿن سان جنڊ تي اٽو پيهي روٽي پچائي سنتن ۽ مسافرن کي کارائيندا

شهر جا ماڻهو بہ ڏيري ستسنگ لاءِ اچڻ لڳا تہ پائي ڪيمارام ۽ مهراج هوندلداس ڪنڊوءِ مان اچي ستگرو مهاراجن کي پيري پئي اچي وينا. مهاراجن کين چيو تہ آيا، توهان ڪٿان آيا آهيو. پئي جڻا هٿ جوڙي چوڻ لڳا تہ سائين ٽيون ڏينهن منجهند جو توهان ١٢ بجہ ڌاري ڪنهن کي بہ نہ ٻڌائي اِئين هليا آيا آهيو. پنهنجان سيني اِئين سمجهيو تہ توهان گهمڻ ويا هوندا ۽ سڀ لئي ستسنگ ۾ ايندا. پر جڏهن ستسنگ ۾ بہ اوهان نہ آيا تڏهن ستسنگ ڪانپوءِ سڀني ستسنگي توهان کي ڪنڊو ۽ سالاري جي باغيچن ۾ ڳولڻ ويا. وري صبح جو بہ توهان کي تمام گهڻو ڳولهيوسون. پئي ڏينهن شام جو پت شاهہ جو ماڻهو گڏيو تنهن ٻڌايو تہ سوامي جن شاهہ جي پت ۾ آهن. اهو ٻڌي سيني کي ٻڌائي اُتان شام جو ۴ بجہ پنڌ ئي پنڌ نڪتا آهيون. هاڻي ڪرپا ڪري ڳوٺ هلو. ايترو ٻڌي ستگرو مهاراجن چوڻ لڳا تہ آيا، جل پان ڪريو. هينئر ستسنگ جي مهل ٿي آهي. سڀ چڱي ٿيندي.

ستسنگ ۾ مکي ٽنورام اُٿي عرض ڪيو تہ هي پريوُ، ڪريان تہ پي اُدپي ٿو. منهنجي هڪ شنڪا آهي جا ڪرپا ڪري دور ڪريو. ستگرو مهاراجن ڀڪتارو جهلي چيو تہ جيڪا شنڪا هجيوَ سا پلي ٻڌايو.

مکي ٽنورام چيو تہ هي پريوُ، جنهن مهل سنتن جو وڇهي ٿا ستسنگ ٻڌون تنهن مهل آنند ٿو اچي ۽ اهڙو وئراڳ ٿو لڳي جو پانءِ تہ گهر ٻار ڇڏي وڃي ڀڳونت جو ڀڄن ڪريون. اِئين بہ سمجهون ٿا تہ هي سنسار ڪُوڙو آهي. اَڪيلا آيا آهيون ۽ اَڪيلا ٿي ويندا سون. ڪير بہ ڪنهن جو ڪونهي. پر جنهن مهل گهر ٿا وڃون تنهن مهل اُهو آنند ۽ وئراڳ لهي ٿو وڃي. جهڙي جا ٿهڙا ٿي ٿا وڃون. سو هي پريوُ، اهو وئراڳ ۽ پريم ۽ آنند هميشہ لاءِ ڪئن اسان کي پراپت ٿيندو.

ڪونهي پر نڪ جي ڏوارن پاسڙ ۾ ايندي آهي ۽ دل کي خوش ڪندي آهي. جئن پيٽ ۾ تمام ڏاڍو سُور پوي ته ڪو به ماڻهو يا ڊاڪٽر اُنهيءَ سور کي ڏسي ڪونه ٿو سگهي ڇو جو اُنهيءَ جو ڪو به رنگ روپ ناهي پر جنهن کي پيٽ ۾ سُور آهي سو ٻڌيءَ وسيلي اُن سُور کي سمجهي ٻڌائي ٿو ته مون کي هن جاءِ تي سُور آهي. پر جيڪڏهن ڪو ڪانئس پڇي ته ڀائي ٻڌاءِ ته سُور ڪهڙو آهي ته بيمار فقط اِئين چوندو ته هن جاءِ تي سُور اٿم باقي ڪهڙو آهي سا خبر نه آهي. سو جئن ڳالهه جي سگهندي ۽ پيٽ جي سُور جو ڪو به رنگ روپ ڪونه آهي تئن ٻڌي جا جڙ آهي سا ساکي چيتن جو پرڪاش پائي، آتما جو ساکياتڪار ڪرائي ٿي. آتما کي هي ٻاهريون اکيون نٿيون ڏسي سگهن ڇو جو اِندرين جي وشيه ناهي پاهي پر ٻڌيءَ روپي اکين سان اُن کي ڏسي سگهبو.

دوها — اپنا مکھ تب ديکين - تين وست جب هوءِ،
درپن تئن پرڪاش بن - ديکھ سڪي نا ڪوءِ.

ارٿ - جئن ڪنهن کي پنهنجو منهن ڏسڻو هجي ته پنهنجي اکين جي پرڪاش ۽ آرسيءَ ڏوارن ئي ڏسي سگهندو. پر اُنهن ٽنهي وستن مان جي ڪا به هڪ نه هوندي ته ڪنهن به پنهنجو منهن ڏسي نه سگهندو.

اُتم ٻڌي کي تئن هون - ديپڪ ستگرو نام،
ڪهي ٽيئون ست گرنٿ ۾ - ديکو آتم رام.

اُتم ٻڌي روُپي اکيون هجن، پوُرن ستگروءَ جي نرگُن اُپاسنا جي شبد گيان جو پرڪاش هجي تنهن کان پوءِ ويدانت گرنٿ روپي آئيني ۾ آتم رام ڏسڻ ۾ ايندو. روپو ڀڳت ۽ ٻيا ڏاڍو خوش ٿيا. تنهن بعد ستگرو مهاراجن ۽ ستسنگي مڪانيءَ جا سنگ ڪائي، روپي ڀڳت کي ساڻ ڪري جاءِ تي آيا.

۽ آتم گيان پورن ستگرو دوارا ن پراپت ٿيندو، آتم گيان پائي پوءِ ٻن ۾ رهي يا گهر ۾ رهي وهنوار ڪري تڏهن به اهو وئراڳ ۽ آنند ناس نه ٿيندو آهي. ايترو ٻڌي مکي تنورام ۽ ساري سنگت ڏاڍو خوش ٿي. تنهن کان پوءِ ستگرو مهاراجن اُن وشيه تي ستسنگ ڪري ستنام ساکيءَ جي ڌني لڳائي ستسنگ سماپت ڪيو ۽ ساري سنگت ڀاو پرساد وٺي گهر وئي.

مکي تنورام ۽ رُوپي ڀڳت پوڄن ڪرڻ لاءِ سوامي جن کي اَرداس ڪئي. سوامي جن، تنهن ڪري، ٻئي ڏينهن منجهند جو مکي تنورام وٽ ستسنگ به ڪيو ۽ رسوئي به ڪاڌي ۽ ڪيس گر منتر ڏنئي، پنهنجي چرنن ۾ جاءِ ڏني. شام جو روپي ڀڳت وٽ پوڄن ڪيائون. اهڙيءَ ريت ٻيا پريمي اچي رسوئيءَ لاءِ پريرنا ڪندا هئا ته ستگرو مهاراجن اُنهن کي به ڏينهن جو راضي ڪري، رات جو اچي ڀڳت لکميچند جي گهر ستسنگ ڪندا هئا.

اِئين چار ڏينهن گذري ويا. ڪنهن وُءَ ۾ پريمي ۽ ستسنگي وڇوڙو سهي نه سگهيا. کيمارام ۽ مهراج هوندلداس جي مهاراجن کي وٺڻ آيا هئا، سي به اِتيئي رهي پيا. آخر ڀائي منگهن رام، آسؤرام ۽ باسريرام چڙهي آيا ۽ اَچي سوامي جن کي ٻاڌائي چوڻ لڳا ته اوهان کان سواءِ ماتا ۽ سارو ڪنبو اُباڪو آهي. ڪرپا ڪري اڄ اُئي هلڻ جي ديا ڪريو.

مگر ڀڳوان جي قدرت اهڙي اچي ٻڻي جو پريمين جي سوالن ۽ ستسنگ جي آنند ۾ هنن کان به گهر موٽڻ جي ڳالهه وسري وئي ۽ هو به رهي پيا.

ماتا ڏٺو ته جيڪو ٿو وڃي سو وڃي ٿو ويهي رهي. آخر ماجرا ڪهڙي اهي؟ تڏهن ٽهلرام کي موڪليائين ته تون وڃي ڏس ته آهي ڇا ۽ ساڌ کي وڃي وٺي اچ. ٽهلرام، لالورام ۽ اوم پرڪاش کي ساڻ ڪري، پٽ ڏانهن ويو. اچي ڏسي ته

ستگرو مهاراجن چيو ته توهان کي تيبر ويراڳ ۽ پرلوڪ سان ملائڻ وارو سچو پريم ڪونهي جو سنسار کان ڇڪي ڀڳوان سان ملائي. اهڙو ويراڳ ۽ سچو پريم پرت ڪي هو. ماتا ڪيڪئي گرو وسشٽ آدي جڏهن چوڻ لڳس ته هن وقت ڀي ڪا به چنتا نه ڪري، سڀيئي ڳالهيون وساري راج ڪر. ١٤ سال جلد ئي سپني وانگر گذري ويندا، رامچندر پاڻهي اچي توسان ملندو، تڏهن پرت هٿ جوڙي چوڻ لڳو.

دوها - آپن دارن ديندا ڪهون سپن سر نايہ،
ديکي بن رگهنات پد جيءَ ڪي جرن نہ جايہ.

توهان ته پنهنجي سک لاءِ مونکي ڏاڍي سٺي صلاح ڏني آهي پر منهنجي سک لاءِ فقط سري رام جو درشن آهي. ٽنهي لوڪن جو به ڪٺي مون کي راج ماي پر جيسين سري رام جي چرن ڪملن جو درشن نه ڪندس، تيسين منهنجي من کي شانتي پراپت نه ٿيندي. سو مان صبح جو سوير ضرور سري رام وٽ ويندس ۽ پهرين سري رام جو درشن ڪري پوءِ روٽي کائيندس. اهڙي پرتگيا ڪري سري رام جي ملڻ لاءِ روانو ٿيو. اُنهيءَ کي سچو پريم چئبو آهي. اهڙي پريم ۽ ويراڳ کان سواءِ هيءُ جيءُ پيو ڇوندو نه ساري سنسار جي جهنجهٽ کي ڇڏي ڀڳوان جو ڀڄن ڪجي پر ڇڏي نه سگهندو ڇو جو ڪٽنب جي موه روپي رسي هن جيءُ جي گلي ۾ بلڪل مضبوط ٻڌل آهي. جڏهن رٻڙ جي ڏوري ڇڪڻ سان ڊگهي ٿيندي آهي ۽ وري ڇڏڻ سان واپس اچي ملي ويندي آهي، تيئن هي جيو موه جي ڏوري ڇڪي ڀڳوان جي طرف، شڀ ڪرمن جي پاسي ۽ ستسنگ ۾ اچي ٿو پر جنهن وقت من ۾ سنسار جو سنڪلپ ڪري ٿو تنهن وقت وري رٻڙ جي رسيءَ وانگر واپس اچي سنسار جي وهنوار ۾ لڳي ٿو. اهو سنسار جو موه آتم گيان کان سواءِ ناس نه ٿيندو

ڀڳت پرسورام چيو تہ ”چڱو، توهان هينئر اشنان ڪري جل پان ڪريو تيسين ڀل ٻيا سنت ڀڄن ڪن. اسان ٢ ٻجہ کان ٣ ٻجہ تائين ڪنداسون ۽ توهان جو وقت ٤ ٻجہ کان ٥ ٻجہ تائين رکون ٿا.“ ايترو چئي ڀڳت پرسورام پنهنجن شيواڌارين کي سڏ ڪري چيو تہ اَبا، هنن سڀني سنتن کي اشنان ڪرائي جل پان ڪرايو ۽ هنن واسطي وشنو رسوئي تهرائجو. شيواڌارين ستگرو مهاراجن ۽ سڀني پريمين کي کوهہ تان اشنان ڪرائي جل پان ڪرايو. تنهن کان پوءِ مهاراجن پنهنجي پريمين سان گڏجي ستسنگ ۾ سنتن جو ڀڄن ٻڌڻ ويٺا. ١٢ ٻجہ رسوئي کائي آرام ڪري ٢ ٻجہ اچي ستسنگ ۾ ويٺا. ڀڳت پرسورام بہ اوڏي مهل پنهنجن ستسنگين سان گڏ تنبوري ۽ ڪنجهين تي ستسنگ ڪرڻ ويٺو. ڀڄن ڪندي اها وارتا هلايائون تہ ڪنهن بہ جيو کي نہ ڏکوئڻ گهرجي جو سڀني جيون ۾ ڀڳوان وياپڪ آهي. پاپ ڪرڻ سان هي جيوُ چؤراسيءَ ۾ وڃي اَننت جنمن ۾ ڏک ڀوڳي ٿو. تنهن ڪري پاپ کان پاسو ڪريو. جڏهن ستسنگ بس ڪيائون تڏهن مهاراجن کي چيائون تہ هاڻي توهان ستسنگ ڪريو. تنهن تي ستگرو مهاراجن هٿ جوڙي چوڻ لڳا تہ ڀڳت صاحب اسان کي هڪ شنڪا آهي، جي آگيا ڏيو تہ چئون. ڀڳت پرسورام چيو تہ ڀلي چئو.

ستگرو مهاراجن چيو تہ ڀڳت صاحب اوهان ستسنگ ۾ چيو تہ ڪنهن بہ جيوَ کي ڏک نہ ڏجي ۽ پاپ ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي جو پاپ ڪرڻ سان هي جيوُ چؤراسيءَ جي چڪر ۾ ڏک پائيندو. اسانجي اُن باري ۾ شنڪا آهي تہ هتي جو هر مهڻي ڪيترا ٻڪرا ٻل چڙهن ٿا سو اُنهن جيوَن جي هنيا جي پاپ جو ڇا ٿيندو؟

اهو ٻڌي ڀڳت پرسورام ۽ ساري سنگت چپ ٿي وئي.

سيٺيئي نسڀنت تي اُتي وينا آهن. تڏهن ٽهلرام سوامي جن کي چيو ته بنا دير سنيرو ته هلــون. ڀـر، ڀڳت لڪميچند ۽ ڀڳت شيوڪرام ۽ تنهن کان پوءِ ماتا گياني بائي ۽ ماتا ايشوري بائيءَ جي زور پرڻ تي، ٽهلرام اُها رات اُتي رهيو.

ستسنگين کي جڏهن خبر پيئي ته سوامي جن سڀاڻي صبوح جو ويندا، تڏهن ٽهلرام کي منٿ ڪيائون ته سوامي جن کي هفتو کن ڇڏي وڃو. ٽهلرام، سندن بيحد پريم جي وس ٿي، مهاراجن کي ٻه ڏينهن ڇڏي وڃڻ قبول ڪيو. صبوح جــو وڃڻ وقت ٽهلرام وري ٻه سيٺي کي عرض ڪيو ته وچن جي پالنا ڪري، ساڌ کي ٻن ڏينهن کان پوءِ روانو ڪجو. لاين نه ٿئي جو اسانکي وري پند ڪرڻو پوي.

نوڙهن جي ڳوٺ ۾ اُنهيءَ ڏينهن سڌن جــو ميلو هـــو. ڀڳت شيوڪرام، مهاراجن کي ٻڌايو ته ميلـي ۾ ڪرن جـي ٻل ڏني ويندي آهي ۽ ڪين وينتي ڪيائين ته اوهين ٻه هلو ۽ هلي ستسنگ ڪري اُهـو ڪوس بند ڪرايـو. ستگرو مهاراجن وڃـڻ قبول ڪيو ۽ سيٺي کي چيائون ته تيار ٿيو تـه هلون. اِنتري ۾ ڀڳت چيتارام، ڪرشنداس ۽ ٻيا پريمي ٻه پاڻهي آيا ۽ ٻين کي پڻ سڏ ڪري سيٺيئي گڏجـــي ۳۰-۳۵ جڻا منڊلي ڪري نڪتا. جهنگل جو سئر ڪندي صبح جو ستگرو مهاراجن سيٺي ستسنگين سميت سڌن جي ميلي ۾ پهتا.

سنتن اچڻ ۾ ئـــي وينتي ستسنگ ڪيو. ستگرو مهاراجن ۽ ساري منڊلـــي ڀڳت پرسورام سان اچـــي ستسنگ ۾ ويـنـا. ڀڳت پـرسورام ستگـــورو مهاراجـن کي چيو ته توهان ٻه ٻه ٽي وچن ٻڌايو.

ستگرو مهاراجن چيو ته پهرين توهان ڪجهه ٻڌايو جو اسان بياس رکي آيا آهيون، پوءِ اسين ٻه ٻڌائينداسون.

ڪارڻ جي ڪنهن بہ جيو کي ڏک نہ ڏئي ۽ سڀني جيون تي
ديا ڪري. ڀڳوان بہ چيو آهي تہ ”جيو ديا تو مم ديا.“ يعني
جيڪو منهنجي جيون تي ديا ڪري ٿو سو مون تي ديا ڪري ٿو.
سڀني منشن جو ڌرم آهي پڃ ڪرڻ. پر جي پڃ نہ ڪري سگهي
تہ پاپ تہ نہ ڪري، ڇو جو پاپ جو ڦل آهي ڏک، سو اوس هن
جيو کي ڀوڳڻو پوندو. اُتي ستگرو مهاراج هي پڃن ٺاهي
ڳائڻ لڳا.

راڳ ڀيروي

ٿل - مَن پاپ ڪرم نهہ ڪرنا - هري ڪا نام سمرنا.
١- پاپ ڪرم ڪا ڦل دکہ هوگا - تانسين هردم ڊرنا،
پڃيہ ڪرم ڪا ڦل سکہ هوگا - يهہ نشچيہ اُر مہ ڌرنا.
٢- اَئسا ڪرم ڪرونا جانسين - ديکا هووي پرنا،
ساڌ سنگت ڪي سيوا ڪرڪي - سرؤ دوکہ ڪو هرنا.
٣- تن ڌن ڪا ايمان تياڳي - جيتي جڳ مہ مرنا،
نام هري ڪا هردم سمري - ڀو ساگر سين ترنا.
٤- ليِن لڄا ڪو توڙي جلدي - جائو گر ڪي شرنا،
ڪهي ٽيڻون لي آتم گيانا - جيون مڪت وچرنا.

اهو پڃن ستگرو مهاراج اُچاري تہ دود مان درشنائن ۽ پرماڻن سان سنگت کي ٻڌايو جو ڪيترن پريمين هٿ ڪٽي ستگرو مهاراج کي چيو تہ هي پريؤ اڄ کان وٺي اسين ماس ۽ شراب کين ورتائيندا سون. اهو ٻڌي ستگرو مهاراج چيو تہ ڏاڍو سٺو، انهيءَ لاءِ توهان کي ڌنيواد. اسين خوش ٿيا آهيون پر اڄا بہ ساري سنگت هٿ مٿي کڻي، اِها پرتگيا ڪري تہ ڪٿي بہ ٻڪرين جي ٻل کين چاڙهيندا سون. ساري سنگت هٿ مٿي ڪري وڏي آواز سان پرتگيا ڪري چوڻ لڳي تہ اڄ کان وٺي اسان ڪٿي بہ ٻل نہ چاڙهيندا سون ۽ ڪنهن بہ جيو کي نہ ماريندا سون.

ڀڳت پرسورام جو هڪ چيلو پاڻي رامون چوڻ لڳو ته انهيءَ ڳالهه کي ڇڏي ڏيو، هينئر ستسنگ ڪريو. اِها رهاڻ پوءِ ٻاڻ ۾ خلاصي طرح ڪجو. تنهن تي ساري سنگت چوڻ لڳي ته انهيءَ شنڪا جو نرنئه ستسنگ ۾ ئي ٿيڻ گهرجي، اسين به سڀ ٻڌون. تنهن کان پوءِ پلي پڇڻ لڳي، سنگت جي راءِ ڏسي ڀڳت پرسورام چوڻ لڳو ته آد کان وٺي ديوين ديوتائن تي ٻليون چڙهنديون آيون آهن. ديوتا سمرٿ آهن. تلسيداس مهاراج به چيو آهي ته "سمرٿ ڪو ناهين دوش". تنهن ڪري ديوتائن تي ڪو به پاپ نه لڳندو آهي. هتي اسان وٽ به وڏن کان وٺي سڏن تي ٻليون چڙهنديون آيون آهن تنهن ڪري اِهو پاپ ڪنهن تي ڪونهي.

انهيءَ تي ستگرو مهاراجن چوڻ لڳا ته ديوتائون ٽن پرڪارن جا آهن: ١. ساتوڪي ٢. راجسي ٣. تامسي. ماس شراب تامسي ديوتائن جو کاڌو آهي ۽ اُهو ساتوڪي ديوتائن تي چاڙهڻ پاپ آهي. شادين مرادين ۽ اُنسؤن تي درياهه شاهه ۽ ناڪرن تي ٻيا سڀ پوڄه لڳائبا آهن پر ماس شراب جو پوڄه ڪڏهن نه لڳائبو آهي ڇو جو اِئين ڪرڻ وڏو پاپ آهي. دنيوي سرڪار جا قاعدا ۽ قانون سيني سان هڪجهڙا لاڳو آهن، تئن پاپ ۽ پنج ڪرم جو قل به ٽنهي لوڪن ۾ ديوتائن ۽ خواهه جيؤن ڪي هڪ سمان ڀوڳڻو آهي. پر هتي ته ستپرش سڌ ستوگڻي هئا سو هنن تي ماس ۽ شراب چاڙهڻ ڌرم ڪونهي. ۽ سيني شاسترن ۾ ماس کائڻ جي منع ڪئي آهي ۽ نيتي شاستر ته اِئين چوي ٿو:-

ست ڪرتا، اُپديشتا، اُپڪاري انمنت،
گهاتڪ، سوادڪ ڪٽ يي اگهه سم پاڳي جنت.

ارٿ- ست ڪرڻ وارو، صلاح ڏيڻ وارو، وٺي اچڻ وارو، کهڻ وارو، رڌڻ وارو ۽ کائڻ وارو اُنهن ڇهن ئي تي هڪ جيترو پاپ پوي ٿو. هن منش جو ڌرم آهي ته ٻنا ڪنهن

راڳ رامڪلي

ٽل - سو يوڳي گرو ميرا اوڌو - سو يوڳي گر ميرا.

١- ترور ايڪ پنڇي دو ٻئني - ايڪ گرو اِڪ چيلا،
چيلي سڀ جڳ چڻ چڻ کايا - گرو رها تہ اَڪيلا.

٢- گگن منڊل ۾ اُرڌ مک ڪُوها - تان ۾ اَمِيءَ ڪا واسا،
سگرا هووي ڀر ڀر پيوي - نگرا رهي نراسا.

٣- ترور ايڪ مُول ٻن ٺانڊيا - ٻن ڦُولي ڦل لاڳا،
شاخا پتر نهين ڪڇ وانڪي - اِشٽ ڪمل مک ڳاجا.

٤- پنڇي ڪا کوج مين ڪا مارڳ - ڪهت ڪبير وچارا،
مورت ۾ اِڪ صورت ديکي - ستگر پئي ٻلهارا.

اهو ڀڄن چئي ڀڳت پرسورام مهاراڄ کي چيو تہ هي ڀڳوان! هن ڀڄن جو ارٿ ڪري پوءِ توهان ڀڄن شروع ڪريو. ستگرو مهاراڄ مشڪي ڀڳت پرسورام کي چوڻ لڳا تہ ڀڳوان توهان تہ جهونا يوڳي آهيو ۽ سڀ ڪجهہ ڄاڻو ٿا پر اسان کان پڇيا ٿا وٺو. اسانجو جهڙو حال آهي تهڙو توهان کي ٻڌايون ٿا. ايترو چئي مهاراڄ ارٿ شروع ڪيو.

ارٿ- ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا تہ اهو يوڳي منهنجو گرو آهي جو هن ڀڄن جو ارٿ ڪري. هي سرير هڪ وڻ آهي جنهن ۾ هڪ گرو ساکي چيتن ۽ ٻيو چيلو اَڪيلو يعني اَسنگ نرليپ رهي ٿو. گگن منڊل يعني دسوين دوار ۾ هڪ اُلٽو کوهہ آهي منهن هيٺ ۽ امرت رُوپي جل مٿي رهي ٿو. جنهن جگياسو پورن ستگرو ڌارن ڪيو آهي سو اپياس ڪرڻ سان اهو امرت پيئي ٿو ۽ جو نگرو آهي سو پي نٿو سگهي. ترور ايڪ يعني شبد رُوپي هڪ وڻ آهي جو بنا پاڙ جي نراڌار آهي اُن

ستگرو مهاراڄ چيو ته سيٺي کي ڌنيواد هجي، سڀ پاپ کان ڇٽا. اسين وڏيڪ خوش ٿينداسون جڏهن ڀڳت صاحب پرسورام جن ٻه ماس کائڻ ڇڏين. ايترو چئي ستگرو مهاراڄ ڀڳت پرسورام ڏانهن نهاريو. ڀڳت پرسورام به مهاراڄ ڏانهن نهاري چيو ته هي پريُو، اڄ کان وٺي اسان ٻه ماس ڇڏيون ٿا. آئينده سڌن تي دال ۽ تانهري ورهائينداسون. اهو ٻڌي ساري سنگت ڌرم جي جئه جئڪار ٻولائي تاڙيون وڄايون. اُن بعد ستگرو مهاراڄ ڀڄن ڪيو. ڏاڍي موج لڳي ۽ ٥ ٻجه ستنام ساکي جي ڌني لڳائي ستسنگ سماپت ڪيائون. ساري سنگت چوڻ لڳي ته اڄ اسان جو سڌن جي ميلي تي اچڻ سڦلو ٿيو. تنهن کان پوءِ ڀڳت پرسورام ٻلؤ پائي ميلو سماپت ڪيو. سنگت روٽ وٺي رواني ٿي ۽ مهاراڄ به ڀڳت پرسورام کان موڪلائي گهمندا ڦرندا اچي شاهه جي پٽ تي پهتا.

رات جو نت نيم سان ستسنگ شروع ٿيو. انهيءَ رات خلق بـ تمام گهڻي آئي هئي. ١٢ ٻجه تائين ستسنگ چالو رهيو.

ٻئي ڏينهن صبح جو پائي سويراڄ، رامون ڀڳت جو پٽ مهاراڄ ۽ سيٺي ساڌن کي رسوئي لاءِ پنهنجي گهر وٺي ويو ۽ ستگرو مهاراڄ کان نام جو اُپديش وٺي شش بڻيو. اني ڀڳت پرسورام جن پڻ آيل هئا. مهاراڄ ڀڳت پرسورام ۽ ٻين سان ويٺا ته ڀڳت رامون ستگرو مهاراڄ کي عرض ڪيو ته هاڻي ڀڄن شروع ڪريو. مهاراڄ ڀڳت پرسورام کي چيو ته اول اوهان هڪ ڀڄن ڳايو ته اسين به ٻڌون ٿا. ڀڳت پرسورام جن تنبورو کڻي پنهنجن ستسنگين سان ڀڄن ڳاتو.

سر ڪلنگڙو

ٽل- متان جيڏيون جهليو مونکي - ڏنو مون سواس ساڌن کي.

١- ٽيس جڳت ڪان هيڪل - دنيا کان دُور ٿي مون دل،
جلن جيرا پيا پل پل - سدا سارين ٻرين کي.

٢- سڌي ساڌو ڪرن ٽڪڙا - ڪاسائي جئن کهي ٻڪرا،
ڪيڙي اگيان جا ڪڪرا - ڏيئن ٿا ڏس ڏکوين کي.

٣- ملي مون سچ سنڌي سرڪي - پيتم سا پريم سان پرڪي،
ريجهايم رام کي مرڪي - خبر تنهن جي پيا ڪن کي.

٤- ڏنم ستسنگ ۾ ويهي - ٽيئُون جت سنت ها سيئي،
پريت تن سان پڪي پيئي - لڪايو جن نه لعلن کي.

ٻئي ڏينهن صبح جو ستگرو مهاراجن اِشنان ڪري ويٺا ته ايتري ۾ رمضان ستگرو مهاراجن کي پيرين پئي اڳيان اچي ويٺو ۽ اکين ۾ پاڻي آڻڻ لڳو. مهاراجن چوڻ لڳس ته، ڪئن اَبا ڪر خبر. رمضان روئي چوڻ لڳو ته سائين توهان جي وٽي ڪانپوء ٻه ٽي ڏينهن رکي منهنجو وڏو ڀاءُ ٻئي مائٽ وٺي آيو ۽ مون کي مار ڏيئي ٻڌي گهر وٺي ويا. اُتي سڀ ملان مؤلوي گڏجي چوڻ لڳا ته توکي شرم ڪونه ٿو اچي جو پنهنجا مرشد ڇڏي وڃي هندوءَ جو مريد ٿيو آهين؟ هاڻي اسانجي اڳيان ڪلمون پڙهي قسم کڻ ته مون اهو مرشد ڇڏيو ۽ اڳتي اُنهيءَ در تي بلڪل ڪونه ويندس. تنهن تي مون هنن کي پنهنجو ڪلام ٻڌايو.

راڳ تلنگ

ٽل- اسين مست گهمون ٿا چريا چريا - دين دنيا کان ڪريا ڪريا.

١- تن من جي اسان ٽوڙي ڦاسي - امراپور جا ٿيا سي واسي،
پڳتيءَ ۾ آهيون پريا پريا.

گگن منڊل ڪانسواءِ ويڪ آڌ ساڌن روُپي قلُ لڳل آهن. اُن ۾ ٻن ٽاريون ڪونه آهن. اهو شبد اَنڀي ڪملن ۾ رات ڏينهن آواز اَهڙو ئي ڪري رهيو آهي. جڏهن پکي آڪاس ۾ اُڏامي ٿو ته سندس پير جو رستو سوکيم ٿئي ٿو ۽ جڏهن مڇلي پاڻيءَ ۾ هلي ٿي ته سندس هلڻ جو رستو به سوکيم آهي، تڏهن ڪبير صاحب جن چون ٿا ته مون ويچار ڪري ڏٺو آهي ته آتم پد جو رستو به سوکيم آهي. پر ستگرن جي ڪرپا سان هن ديهي روُپي صورت ۾ اهو سوکيم رستو ونئي آتم صورت جو درشن ڪيم. جن اهڙي ست چت آنند سروُپ جو درشن ڪرايو تن ستگرن تان مان ٻلهار وڃان.

ستگرو مهاراجن جڏهن ارٿ ڪري بس ڪئي تڏهن ڀڳت پرسورام جن ڏاڍو پرسن ٿيا تنهن کان پوءِ ستگرو مهاراجن ڪلاڪ ڪن ستسنگ ڪيو جنهن ۾ يوگ مارگ جي وارتا هلايائون. پوءِ ستگرو مهاراجن ڀڳت پرسورام کان موڪلائي جاءِ تي آيا. رات جو ستسنگ ڪيائون. ڀڄاڙيءَ جي رات خلق تمام گهڻي آئي هئي.

ٻئي ڏينهن صبوح جو ستگرو مهاراجن، سروانند، گرمکداس، مهراج ليکراج، سيٺي برهمين سان گڏجي پنهنجي آستان ڪنب وءِ ۾ آيا ۽ ماتا کي پيرين پئي مليا. ماتا کين چوڻ لڳي ته اَبا تون هتان چوريءَ نڪري ٿو وڃين، اسان کي پنيان خيال ٿئي ٿو پوي. چت ڏاڍو اُداس ٿو رهي. اڳتي ڪيڏانهن نه ويندو ڪر ۽ گهر ۾ رهي ڀڄن ڪيرتن ڪندو ڪر.

ماتا جا اهي وچن ٻڌي ستگرو مهاراجن هي ڀڄن ناهي ٻڌايو.

ڇڏين. باقي مان گهر ڪونه وينديس. هتي جيڪا شيوا چئو سا ڪريان.

رمضان جو اهڙو اٽل ارادو ڏسي. ستگرو مهاراج چيس ته اَبا، چڱو وڃي ساڳي شيوا ڪر. ڳانين لاءِ ڪتر ڪر، ڇيڻن جي ڳوڻ ۽ ڪانيون ڪري اَچ. اِها آگيا پائي رمضان وڃي ڪتر ڪرڻ لڳو.

ٻئي صبح جو سوير مائي رياست ستگرو مهاراج وٽ آئي ۽ اکين ۾ پاڻي آڻي چوڻ لڳي ته سائين، جنهن ڏينهن کان منهنجو ڀتار رضا ڪري ويو آهي تنهن ڏينهن کان وٺي منهنجو من دنيا کان تمام اُداس ٿي پيو آهي. ڪرپا ڪري مونکي نام جو رستو ٻڌايو ته مان ڀڄن ڪري جنم سڦلو ڪريان. تنهن تي ستگرو مهاراج چيس ته ٻچڙي پنهنجن وڏن کان اهڙي آگيا وٺي اچ ته پوءِ توکي نام جو رستو ٻڌايون. اهو جواب ٻڌي مائي رياست چوڻ لڳي ته هي پريوُ، آگيا ته مون ورتي ڪانهي پر جي وٺنديس ته به ڪانه ڏيندا. تنهن تي ستگرو مهاراج چيو ته ٻچڙي تون پريم سان وڃي چوين، ڇو ته عورت جو ڌرم آهي ته جي خاوند هجي ته اُن کان آگيا وٺجي، خاوند نه هجي ته وڏن کان آگيا وٺي پوءِ ڪنهن پورن مهاتما کان اُپديش وٺجي. اِها مريادا آهي. ايترو ٻڌي مائي رياست چوڻ لڳي ته چڱو مان وڃي ٿي چئي ڏسان.

شام جو ڀائي آلورام ۽ ڄيڄن رام سالاري جا ويٺل ستگرو مهاراج وٽ آيا ۽ اچي وينتي ڪيائون ته سڀاڻي ستسنگ اسان وٽ ڪريو ۽ سڀني سنتن مهاتمائن سميت ڀوڄن پڻ ڪريو. ستگرو مهاراج سندن وينتي سويڪار ڪئي. پوءِ ڀائي آلورام مهاراج کي ٻڌايو ته شهدادپور جا ڪي ٻاوا سالاري ۾ پنهنجن شيوڪن وٽ آيل آهن. اهڙا ٨-١٠ گهر آهن. اُنهن کي چون ٿا ته ٽن سالن جو ٻنڌيان روپيه ٽيهه ڏيو. جيڪي شاهوڪار هئا تن

٢- ملن قاضين کي خبر نه ڪائي - اُچيو ڪن ٿــا روز ٽڙائي،
قلمي ڪــان آهيون ڦــريا ڦــريا.

٣- مسجد ناهيسون هيءَ ديهي - تنهن ۾ سجدو ڪريون ٿا ويهي،
اَندر مکه آهيون هــريا هــريا.

٤- رمضان رنگ لڳو ساڌن جــو - پيتم پيالــو درد وندن جــو،
پــاڳــ منهنجا آهــن ڀُريا ڀُريا.

سائين اهو راڳ ڳائي بس ڪيم ته ڏنڊا ڪڻي اچي مون کي ورتائون. مان چپ ڪري ڪنڌ هيٺ ڪري ويهي رهيس. خوب ماري ڪوٺيءَ ۾ پوُري ڇڏيائون. مــان ته ايڪانت جي ڪوٺي ڏسي خوش ٿيس ۽ دل ۾ چيم ته سائينءَ مون تــي ڏاڍي ٻاجھ ڪئي آهي جو ايڀاس لاءِ ايڪانت ڏني اٿائين. اهڙي طرح ٽي ڏينهن مون کي بند رکيائون. ۽ روٽي ٻه مون کي اُلــي ڏيئي ويندا هئا. ٽن ڏينهن کــانپوءِ وري مونکي ڇوڙڻ لڳا تــه هاڻي قسم کڻ ته توکي ٻاهر ڪيون. مون تنهن تي چيومان، خدا توهان جو ڀلو ڪندو مونکي مهنو ڪن اچا هن ڪوٺيءَ ۾ بند رکو ته مان عبادت ڪري ڌڻــيءَ جــو ديدار ڪريان. ايترو ٻــڌي مونکي ڪوٺيءَ مان ڪڍي خوب مارڻ لڳا. منهنجي ماءُ اچــي مونکي ڇڏايو ۽ هنن کي چيائين ته هنکي نه ماريو. هو ساڌن وٽ ڪونه ويندو مان پاڻهي سمجهائيندي سانس. تنهن کــانپوءِ گانين مينهن کي باغ ۾ ڇڏي، وڃــي ايڪانت ۾ ويهي ايڀاس ڪندو هوس. ڪالهه توهانجي اچڻ جي خبر پئي تڏهن اڄ سوير اُٿــي گانيون مينهون باغ ۾ ڇڏي سڌو توهان وٽ هليو آيــو آهيان. سائين، هاڻي جيڪا خدمت چئو سا ڪريــان. ستگرو مهاراجــن چيس ته اَبا، تون گهر وڃي ڪو ڪم ڪر نه ته مائٽ مــاريندءِ. تنهن تي رمضان چوڻ لڳو ته سائين، مارون کائي هاڻي ڏاڍو ٿي پيو آهيان. آخر ماري ڪٺي گهر کان ڪڍي ڇڏيندا نه؟ ڀلي ڪڍي

واڪو ڪري چيو تہ اڙي اَندا آهيو ڇا؟ ايترو چئي اُهو ٽيون ٻہ هنن ٻنهي جي مٿان وجهي پيو. تڏهن ٻهريون چوٽ لڳو تہ سچپچ ئي اَندا آهيو ڇا جو اچي منهنجي مٿان ڪريا آهيو؟ ٻين چيو تہ اَدا ڇا ڪريون، اوندهہ آهي. خبر ڪانہ ٿي پوي. دانهون ٻڌي ستگرو مهاراج اڳتي وڌي لالٽين کڻي وڃي ڏسن تہ ٻہ چار ٻاوا ۽ ۴-۵ گرهستي آهن. ڪانئن پڇيائون تہ ڪٿان ڪريا؟ ٻاون چيو تہ رات اونداهي آهي ٻتي ڪانہ آهي تنهنڪري کڏ ۾ ڪري پياسين. ستگرو مهاراج پوءِ سنتن کي وٺي اڳتي هليا. رستي ۾ ڀڳت آئل لال سوامي جن کي ٻڌايو تہ اهي ٻاوا هرروز شام جو پنهنجي غريب ججمانن کي ٻنديان جي پئسن لاءِ ستائي، موٽي وڃي ڪنڌوءَ ۾ ٽڪندا آهن. ڏسجي ٿو تہ اڄ غريبن جي پٽ لڳي اٿن، جو ڌڪ کاڌا اٿن. مهاراج اهو ٻڌي دل ۾ کڻي رکيو. سنتن کي پريم نگر ۾ ڇڏي پنهنجي آستان تي آيا.

صبح جو پائي ٽهلرام ستگرو مهاراج کي چوڻ لڳو تہ ڪالهہ سارو حساب ڪتاب ڪري ڏٺو سين تہ ٻنين ۽ باغن مان ٻہ هزار روپيہ گهاٽو پيو آهي ۽ دڪان مان ٻہ ڪو فائدو ڪونہ نڪتو آهي. هاڻي پئسا ڪٿان، ڪنهن کان وٺون؟ توهان ٻئي ڇڏا ٻہ ڪو ڪم نٿا ڪريو. مان اَڪيلو ڇا ڪريان؟ چئو تہ ٻنيون ۽ باغ ڇڏي ڏيون. ستگرو مهاراج چيو ٻنيون ۽ باغ اَڇا نہ ڇڏيو. توهان ڪوبہ خيال نہ ڪريو. گوال ٻنيءَ تي اڪيلو آهي. گرمکداس ڳوٺ وڃڻ جي نٿو ڪري. هن کي گوال سان گڏ ٻنيءَ جي سنڀال لاءِ روانو ٿا ڪريون. مان ٻہ هاڻي هر روز ٻنين جي نظرداري ڪري پيو ايندس. پئسا ڪٿان تہ سيٺ چيلداس کان وٺجو، مان چئي ڇڏيندو سانس. ايترو ٻڌي ٽهلرام وڃي دڪان تي ويٺو. رات جو آلورام جي گهر سالاري ۾ رسوئيءَ لاءِ ويا ۽ ستسنگ ڪيائون. پرسنگ هو "ست گورمهما". اُتي هيٺيون پد ڳايائون :-

پري ڏنا. باقي ويچارا جيڪي غريب آهن سي ڪين ڇوُن ٿا تہ روپيہ پنج وٺو جو اسين غريب آهيون ۽ وڌيڪ ڏيڻ جي طاقت ڪانهي. اِئترين منٿن ڪندي بہ باوا ڇون ٿا تہ ڪٿان بہ آڻي ڏيو. گهر وڪڻي بہ ڏيو، نہ ڏيندا تہ اسين اوهانکي پٽيندا سون. شهر جي ٻن ٽن شاهوڪارن کي ماس مدرا ڪارائي پنهنجي پاسي ڪيو اٿن ۽ اُنهن کي چيو اٿن تہ هنن کان پئسا اُڳاڙي ڏيو. هنن ويچارن غريبن کي ڏاڍو تنگ ڪيو آهي، سو ڪرپا ڪري اُنهيءَ ٻاري ۾ بہ ٻہ چار وچن چئو. اِئترو چئي پائي آلورام ستگرو مهاراجن کي چيو تہ مان اوهان کي ٨ ٻجي وٺڻ ايندس.

تنهن کانپوءِ ستگرو مهاراجن گهمڻ ويا. موٽي پنهنجي آستان تي ڏسن تہ ڀڳت آئل لال ۽ سنت گهنبورام جن وينا آهن. مهاراجن وڏي آدرستڪار سان ساڻن مليا ۽ خوش ٿي چوڻ لڳا تہ ڀڳون! اڄ وڏي ڪرپا ڪئي اٿؤ جو اچي درشن ڏنو اٿؤ. ڀڳت آئل لال جن چيو تہ اڄ ڪنڊوءَ ۾ ڪنهن پريميءَ وٽ آيا هئاسون. اُتي ٻڌوسون تہ توهان شاهہ جي پٽ کان موٽي آيا آهيو. سو ويچار ڪيوسين تہ اڳو پوءِ سنتن جو ستسنگ ٻڌندا وڃون. ستگرو مهاراجن سنتن کي جل پان ڪرائي ستسنگ شروع ڪيو. پهرين ساڌن پڇڻ چيو تنهن کان پوءِ ڀڳت آئل لال ۽ سنت گهنبورام ۽ آخر ۾ ستگرو مهاراجن ستسنگ ڪرڻ لڳا. سنتن جي مهما جو ورنن ڪيائون. ستسنگ کانپوءِ سنتن کي رسوئي پاڻي ڪرائي لالٽين کڻي ستسنگين کي ساڻ ڪري ڀڳت آئل لال کي اماڻڻ ويا. ٿورو پنڌ ڪري جڏهن قتال نهر وٽ پهتا تڏهن ڀڳت آئل لال جن کي چيائون تہ سائين کڏُون آهن سو ڌيري ڌيري سنڀالي هلجو.

اِئتري ۾ پريان دانهن ٿي تہ اَڙي کڏ ۾ ڪري پيس ۽ مري ويس؛ تہ ڪنهن ٻڌي هن کي چيو تہ چيومانؤ تہ ڌيري ڌيري هلو، هتي کڏون اٿؤ. اِئين ئي اُهو بہ وڃي کڏ ۾ پيو تہ ٽئين

پيارو جو مون کي لوپ ڳوٺ جي ڌرمشالا وٺي هلي؟ اُنهيءَ وقت هڪڙو لوپ ڳوٺ جو سورداس ڀائي منوداس بہ اُتي جهنگل ڪرڻ آيو هو تنهن جو اهو آواز ٻڌو سو چوڻ لڳو تہ ادا ڪير آهين؟ تنهن تي ڀؤ ساگر جو واٽيو چوڻ لڳس تہ مان ڀؤ ساگر جو واٽيو آهيان. لوپ ڳوٺ جي ڌرمشالا وينداس. هتي منجهي پيو آهيان. منوداس واٽيءَ کان سندس نالو ۽ ذات پڇندو پڇندو سندس آواز جي اوت تي پرسان وڃي ٻانهن کان پڪڙي چوڻ لڳس تہ ادا، جيڪي تو اڳ ۾ ٻڌايو سو پورو سمجهہ ۾ ڪين آيو. هاڻي ٻڌاءِ تہ تون ڪٿي وينو آهين؟ ذات جو ڪير آهين؟ نالو ڇا اٿيئي؟ ڪيڏانهن ويندين؟ واٽيو چوڻ لڳس تہ ادا، ڀؤ ساگر جو وينل آهيان، ذات جو واٽيو آهيان، منهنجو نالو سنسارام آهي. لوپ ڳوٺ جي ڌرمشالا ۾ ويندس. هاڻي ڀلائي ڪري مون کي وٺي هل.

اهو ٻڌي ڀائي منوداس چيس تہ ادا، پنهنجو نالو تہ وري ٻڌائج. واٽيءَ چيو تہ منهنجو نالو سنسارام آهي. ڀائي منوداس نالو ٻڌي دل ۾ ڏاڍو خوش ٿيو تہ ڳراهڪ تہ ڏاڍو سٺو مليو آهي. ائين ويچار ڪري ڀائي منوداس چيس ادا توکي لوپ ڳوٺ جي ڌرمشالا ۾ وٺي هلي ڇڏيندس. پر مون کي ڏيندين ڇا؟ واٽيءَ چيس تہ ڀڳوان جي نالي مون کي وٺي هل. منوداس چيس تہ نہ ادا مان ڀڳوان جي نالي مان ڪونہ ڄاڻان. ٥ روپيہ ڏين تہ وٺي هلانءِ نہ تہ ڀل هتي جهنگل جا جانور توکي ماري کائين. منوداس جا اهي ڌڪارينڌڙ وچن ٻڌي واٽيو چوڻ لڳو تہ ڀائي مون وٽ پنج روپيہ ڪونہ آهن باقي اڍائي روپيہ اٿم سي وٺ. پر منوداس چوي تہ پنجن روپين کان هڪ پائي بہ گهٽ نہ وٺندس. ٻڌاءِ، اٿيئي قبول نہ تہ مان وڃان پنهنجو رستو. واٽيءَ چيو تہ ادا چڱو اڍائي روپيہ روڪ وٺ باقي اڍائي روپين ۾ لوٽو ٿو ڏيانءِ.

راڳ جوڳ

ٽل- نه ڪن جاپ نه ڪو تاپ — ڄڻ جيءُ کهائي
نه ڪن ڪرم نڪو ڌرم — وڃي جنم رلائي.
١- مٺن منڊ ملي انڌ — وينا وات وڃائي،
ڪريو ڪنڌ ڪن سڌ — گسام انڌن آهي.
٢- ڪن ڀيکه جڳت ڏيکه — وڏا ٺلڪ چڙهائي،
اندر دئت ٻاهر سنت — ڌن ٻگهه ڄڻ لڳائي.
٣- دنيا ٻوڙندي ڏسي موڙي — وڏا ديؤ منائي،
ڇڏي ساچ ڪڻن ڪاچ — وڃن پاپ ڪمائي.
٤- انهيءَ مايا سوين گهايا — وڏا مير منجهائي،
پڙهيا پنڊت ڪئين ويسر — ڪنن ڇير ٺنگائي.
٥- کهي **ٽيئون** ٺڳا ٽوڙي — سرت شبد ملائي،
سچا سنت ڪلاونت — وڃن جنم ملائي.

ڀاوارٿ- هي جيوُ مونڊ وانگر نه ڪري ڪو جپ نه ڪو تپ، نه ڪو نيم، نه ڪري ڪو ڌرم نه ڪرم جهڙا گرو تهڙا چيلا ٻئي ٻڏي ملين. جن کي ٻڏي روُپي نيتر ڪونهن، سي ٻئي اَنڌا ڀڳوان جي ملڻ جو رستو وڃائي آشا ترشنا روُپي کڏ ۾ ڪري لئين پيا دانهون ڪن ته هن سنسار ۾ ڪوبه ڀڳوان جي رستي ڏيکارڻ وارو ڪونهي. سڀ اَنڌا آهن.

درشٽانت- هڪڙي ڏينهن ڀؤساگر جي سوُرداس وانگي ٻڌو ته لوپ گانؤ جي ڌرمشالا ۾ رهڻ، کائڻ پيئڻ ۽ سمهڻ جو ڏاڍو عيش آرام آهي سو لٺ لوڙهو هٿ ۾ کڻي گانؤ جو رستو وٺي پنڌ ڪندي ڪيترن ڏينهن کان پوءِ اچي لوپ گانؤ جي ويجهو پيو. باقي ٿورو پنڌ پري هو ته اُتي رستو ڀڃڻائي ويس ۽ جهنگل ۾ منجهي پيو ۽ سڌ ڪرڻ لڳو ته آهي ڪو ٻڌوءَ جو

ڏيندوساڻءِ. هيترو جو پنڌ ڪري توکي وٺي آيس سو ڪو پٺهين جو نوڪر هوس ڇا؟ واڻئي ٻئي هٿ وجهي منوداس کي قابو جهلي ڇيو ته ڇڱي مڙس جا پئسا واپس ڏي. منوداس ٻ ڪٽي ٻئي هٿ وڌس. واڻيو منوداس کي ننگ ڪان وٺي هيٺ ڪيرائي مٿان چڙهي زور سان ٻ ٽي مڪون هڻي چوڻ لڳس ته هاڻي روپيه ڏين ٿو يا نه؟ منوداس وٺي دانهون ڪرڻ لڳو. پريان ٻ ٽي سڄڻ پريمي رستو وٺي پي ويا. دانهون ٻڌي ڊوڙي اچي ٻنهي کي ڇڏائي پڇڻ لڳا ته اَدا ڪهڙي ڳالهه تي ٿا وڙهو؟ تنهن تي واڻئي روئي ساري ڳالهه ڪري ٻڌائي. منوداس ٻ ڇيو ته برابر اڍائي روپيه، لوٽو ڏنو اٿس. لوٽو مون کيس واپس ڏنو آهي. باقي اڍائي روپيه منهنجي محنت جا آهن جو مان اڌ پنڌ وٺي آيو آهيانس. پلڃي اچي ڪڏ ۾ ڪرياسون ته هن جا پيٽا ڏکڻ لڳا آهن. هاڻي توهان ويچار ڪريو ته پئسا ڪئن واپس ڏيندوسانس. ايترو ٻڌي سڄڻ پريمي، واڻئي کي چوڻ لڳا ته هي پائي، نهيو هاڻي اڍائي روپيه ڪٽي ڇڏينس ته واڻيو چوڻ لڳو ته مري ويندس ته ٻ روپيه ڪونه ڇڏيندوسانس. تنهن کان پوءِ منوداس کي چوڻ لڳا ته تون ته ساڌ ٿو ڏسڻ ۾ اچين سو پئسن ۾ ڇو لوڀ رکيو اٿيئي، ڪٽي واپس ڏينس. اُنهيءَ تي منوداس چوڻ لڳو ته هيتري تڪليف ورتم سا مفت ۾؟ مان مري ويندس پر هڪ پائي ٻ ڪونه ڏيندوسانس. جتي ڪاٺو هجيس اُتي ڪاهي. اهو ٻڌي واڻيو پريمين کي چوڻ لڳو ته پڳوان جي نالي تي اسان ٻنهي کي ڪورٽ ۾ وٺي هلي ڇڏيو. مان اِهو فيصلو مئجسٽريٽ کان ڪرائيندس، جي نه وٺي هلندا ته منوداس کي جيئرو ڪونه ڇڏيندس. ايترو ٻڌي اُنهن پريمين مان هڪڙو پر اُپڪاري ٻنهي سورداسن کي وٺي وڃي ڪورٽ ۾ مئجسٽريٽ اڳيان ٻهارايائين. مئجسٽريٽ اُنهيءَ گرهستيءَ کان پڇيو ته هنن

منوداس اڍائي روپيه روڪ وٺي ڇيلهه سان سوگها ٻڌي ۽ لوٽو وٺي هڪ هٿ ۾ ڪنيو ۽ ٻئي هٿ سان واٽئي جي ٻانهن وٺي هلڻ لڳو. دل ۾ خيال ڪندو پيو وڃي ته ڏاڍو سٺو ٿيو جو اڄ صبح جو اڍائي روپيه روڪ ڪمايم ۽ لوٽو ٻه جهنگل پاڻيءَ لاءِ سٺو مليم. ڀڳوان کي پيو چوي ته هي پريو، اهڙا گراهڪ موڪلي روز ڏياريندو ڪجانءِ. اهڙي طرح دل ۾ ڏاڍي خوشي ڪندو پيو وڃي. خوشيءَ ۾ رستو ڀلجي ويس ۽ وڃي ٻئي رستي ۾ پيو. اهو رستو سڌو هڪ کڏ ڏانهن ٿي ويو. کڏ ۾ پٿر ٺڪر، ڪنڊا گند ڪچرو پيل هو. کڏ کي ويجهو آيا ته منوداس واٽئي کي چوڻ لڳو ته وک وڌائيندو هل جو دير ٿي ٿئي. اِئين چئي اڃا ٿورو ٽڪڙي وک کڻي اڳتي وڌيا ته اڳيان منوداس پٺيان واٽيو سنسارام ڌڙو وڃي هڪ ٻئي مٿان کڏ ۾ ڪريا. ٻنهي کي اهڙو ته ڌڪ لڳو جو ٻه ٽي منٽ ته بيهوش ٿي ويا. جڏهن سجاڳ ٿيا تڏهن واٽيو، منوداس کي چوڻ لڳو ته تون به انڌو آهين ڇا؟ سچ ته ٻڌاءِ ته تون آخر آهين ڪير جو مون کي اڇي کڏ ۾ ڪيرايو اٿيئي. منهنجا هڏ گڏ ڀڄي پيا آهن. ٻنهي گوڏن مان رت پيو وهي. تڏهن تو ڀائي منوداس چوي ته ادا جي سچ ٿو پڇين ته مان به برابر انڌو آهيان، پر توکان وڌيڪ مون کي ڌڪ لڳو آهي. ڏس ته ٻنهي ٽونڊين ۽ گوڏن مان رت پيو وهي. پيٽ به ڦسي پيو اٿم جو تون به اچي منهنجي مٿان ڪري پئين. واٽيو ايترو ٻڌي هاءِ، هاءِ ڪري چوڻ لڳو ته پنج روپيه به ڏنم ۽ ڌڪ به کاڌم. هي ڀڳوان، هي شهر ۾ ڪو انڌن جو آهي جو مون لاءِ به کڻي انڌو موڪليئه. ايترو چئي ڏيري ڏيري کڏ کان ٻاهر نڪري منوداس کي زور سان ٻانهن کان پڪڙي چوڻ لڳس ته کڏ ۾ ڪيرائيه سو ته ٺهيو پر هاڻي اڍائي روپيه ۽ لوٽو ته ڏي. منوداس لوٽو واپس ڏئي چيس ته روپيه اڍائي ته ڪونه

۽ شش آهي لالچي جو چاهي ٿو تہ گروءَ کي پائي بہ نہ ڏيان پر
پاڻ گروءَ جا ٽُپڙ بہ کڻي وڃان. نگُني معنيٰ مايا سو اهڙي گرو
شش کي مايا نگي ڇڏيو آهي. ڪبير صاحب جن چون ٿا تہ اَنت
۾ اهي ٻئي يم لوڪ وڃن ٿا.

چوپائي - گرو پير هوکي مانگن جايہ -

موُل نہ لاگو تانکن پايہ.

دوها - ماءِ منڊئون تس گورکي - جانتي پرم نہ جايہ،

آپ ڊوُبا پڙو سنت ۾ - چيلي ديا بهايہ.

گرو سنت تي جيڪو پنهنجن جگياسن تتا پريمين کان
پني ٿو تنهن کي پيرين نہ پوڻ گهرجي. اُنهيءَ گروءَ جي ماءُ جو
مان مٿو ڪوڙايان جنهن گروءَ دواران منهنجو پرم ناس نٿو ٿئي اهڙو
گرو پاڻ تہ ٻوڙاسيءَ ۾ وڃي ٿو پر چيلن کي بہ پاڻ سان ٻوڙاسيءَ
۾ وٺي وڃي ٿو.

چوپائي ا- ڏن هر هڻن -پن شوڪ نہ هر هڻن،

سو گور گهور نرڪ ۾ پڙ هڻن.

ڪن بيکہ جڳت ڏيکہ وڏا تلڪ چڙهائي،

آندر دئت باهر سنت ڏن بگہ جيوُن لڳائي.

تاتپريہ - جو ٻاهران سنسار جي ڏيکاءَ لاءِ مالهائون پائي،
ڀڀوُت لڳائي، جٽا رکائي، وڏا تلڪ ڏئي ٻاهر سنت ڏسڻ ۾
اچي ٿو پر هن جي اَندر ۾ پوڄہ جي واسنا ۽ پاکنڊ آهي سو جهڙن
بگهہ پکي نديءَ تي اکيون بوٽي سمادي لڳائي وهندو آهي ۽
جڏهن مڇي ڏسندو آهي تڏهن جهٽ هڻي اُنکي پکڙي ٻاهر
ڪڍي ويهي کائيندو آهي تهڙي طرح پاکنڊي ساڌو اکيون بند
ڪري سنسار کي ٺگيندو وتي ٿو.

غريب سورداس کي ڪنهن ماريو آهي؟ گرهستيءَ پريميءَ چيو ته حضور هي ٻئي پاڻ ۾ وڙهي رهيا هئا ته مان وڃي اُني نڪتس جي مان ڪين نه ڇڏايان ها ته وڙهي هڪ ٻئي کي ماري وجهن ها. مون کي ٽڪڙو ڪم آهي سو مان وڃان ٿو وڌيڪ جيڪي توهان کي پڇڻو هجي سو پئل هنن کان پڇو. مئجسٽريٽ ٻنهي کان بيان وٺي خيال ڪري فيصلو ڏنو ته منوداس اڍائي روپيه واڻيءَ کي واپس ڏئي ۽ ٻنهي کي هفتو هفتو جيل ۾ رکيو وڃي. واڻيءَ کي سزا انهيءَ ڪري ٿي ڏجي جو خبر به هيس ته لوپ گام جا ماڻهو لوڀي ۽ ٺوڳي ٿيندا آهن پوءِ به هي لوپ گام ۾ آيو. فيصلو ٻڌي منوداس اکين ۾ پاڻي آڻي اڍائي روپيه ڇوڙي واڻيءَ کي ڏنا. تنهن کان پوءِ پوليس ٻنهي کي وٺي وڃي جيل ۾ بند ڪيو.

دوها - گرو جانڪا آنڌلا - چيلا آنڌ نرنڌ،
آنڌي ڪو آنڌا ملا - پڙا ڪال ڪا ڦند.

جنهنجو گرو انڌو آهي يعني آتم سروپ ۾ نشٺا ڪانه اٿس تنهن جو چيلو وري انڌي کان به انڌو آهي. يعني جنهن کي سچ ڪُوڙ ۽ ڌرم ڪرم جو ويچار ڪونه آهي ۽ سنسار جي وشين ڀوڳن ۾ انڌو ٿيو پيو آهي. جهڙو گرو اوويڪي تهڙو چيلو مورک. سي ٻئي وڃي چوراسي رُوپي کڏ ۾ ڪري ڏک پائين ٿا.

دوها - گرو لوڀي شش لالچي - ٻنهي ديا لڳاءِ،
ڪهه ڪبير سي آنت ڪو - سبڌي يمپور جاءِ.

ارٿ - گرو لوڀي يعني جيڪو پنهنجن جگياسن کان پئسا ڏوري يا زوريءَ وٺي، جيڪو صرف پنهنجو مطلب چاهي ۽ شش جي اُڌار ڪرڻ جو ڪوبه خيال ڪونه ڪري، جيڪو صرف ٻنڌياڻ جو خيال ٿو ڪري ته ڪهڙيءَ طرح جگياسن کان ڌن وٺان؛

تہ مان وچان ٿو. ايترو چئي گروءَ کان ہنا موڪلائي گروءَ جي آشرم کان ہہ اڍائي ميل پري گهاٽي ٻن ۾ ڪکن جي جهوپڙي ٺاهي وڃي ويٺو. ١٥-٢٠ ڏينهن ڪانپوءِ ماڻهن کي خبر پيئي سو گرهستي شش سندس ڪٽيا تي اچڻ لڳا پر زالن کي اچڻ وڃڻ ڪونہ ڏيندو هو. مهني ڏيڍ ڪانپوءِ اُنهن گرهستين ہہ ڪيون ڪٽيا اون ہہ ٺاهي ڏنس چؤطرف ڦلواڙي لڳارائي ڏنائونس. اِها خبر وڃي هنجي گروءَ کي پيئي، سو دل ۾ ويچار ڪرڻ لڳو تہ. پنهنجي آشرم جي شيوا ڇڏي جدا آشرم ٺاهي پاڻ پيو پوڄائي. چڱو تہ هنکي سمجهائجي. اهو ويچار ڪري هڪ ڏينهن پنهنجي شش سنگيرت جي ڪٽيا تي آيو. گروءَ کي پنهنجي ڪٽيا تي ڏسي سنگيرت وڏي آدر ستڪار سان گروءَ کي وهاري چوڻ لڳو تہ هي پريو، ڪا شيوا هجي تہ آگيا ڪريو، گروءَ چيس تہ اَبا، توون هتي جدا آشرم ٺاهي اچي ويٺو آهين سو اِها ڳالهہ سٺي ناهي. هاڻي ہہ تون هلي اسانجي آشرم ۾ رهہ. هتي پيو ڪو شيواداري ڌار ڇڏيون. گروءَ جا اُهي وچن ٻڌي سنگيرت چوڻ لڳو تہ سائين، توهان وٽ مايون تمام گهڻيون تيون اچن. هتي مان زالن کي اچڻ اصل ڪين ڏيندو آهيان ۽ مون پرلگيا ڪئي آهي تہ ڪنهن ہہ زال جو منهن نہ ڏسندس. تنهن ڪري توهان سان گڏ ڪونہ هلندس. شش جا اُهي وچن ٻڌي گرو واپس موٽي ويو. پنجن ڇهن مهينن ڪانپوءِ اهو گرو ڏاڙهي مڇون ڪوڙائي وارن کي زالن وانگر ٻڌائي چوٽي ڪري، ٻکل لڳائي سينگار ڪري هڪ مها سندري ءَ جو روپ ڌاري پنهنجي شش سنگيرت جي ڪٽيا جي ويجهو جهنگل ۾ اچي ويهي رهيو. ساونڻ جي موسم هئي. برسات ہہ پئجي رهي هئي. سج لٿي مهل سنگيرت جي ڪٽيا وٽ اچي ويٺو تہ سنگيرت چيس تہ تون ڪير آهين؟ ڪٿان آئي آهين؟ ڪيڏانهن وينديءَ ۽ هتي ڇو ويٺي آهين؟ ايترو ٻڌي سندس گرو زناني آواز ۾ چوڻ لڳو تہ مان راج ڪنيا آهيان.

دنيا ڏوندي، ڏسي موني وڏا ديو منائي
ڇڏي ساچ ڪٽي ڪاچ وڃن پاپ ڪمائي.

مطلب اگياني جيؤ هت مايا روپي ڏوندي کي ڏسي وڏي ديوتائن، سنتن، مهاتمائن کي اُداسون ڪن ٿا ته اسانکي پٽ، ڌن آدي پدارٿ ڏيو. ڀڳتي گڻ روُپي سچ کي ڇڏي وِشَن روُپي پدارٿن جو ڪچ ڪٽي وڃي اُنهيءَ مايا سان پاپ ڪرم ڪن ٿا.

اُنهيءَ مايا سوين گهايا وڏا مير منجهائي،
پڙهيا پنڊت ڪئين وير ڪنن چير ٽنگائي.

ٽاتپريه - هن مايا اننت جيؤن کي گهائل ڪري ڇڏيو آهي. هنن جا ڦٽ پيا چڪن ۽ هو رات ڏينهن دانهون پيا ڪن گهڻن ئي وڏن وڏن بادشاهن کي منجهائي ڇڏيو اٿس. چترويدي پنڊت ۽ ڪيترا ڀڳت ساڌو ڀلائي ڇڏيائين.

درشٽانت - هڪ رشي پنهنجي گروءَ وٽ رهندو هو هتي ڪيترا گرهستي مائي ڀائي ايندا ويندا هئا ۽ ڌن پدارٿ به ڀيٽا رکي ويندا هئا. رات ڏينهن ڀنڊارو چالو رهندو هو جتي غريب اناٿ، ساڌو مهاتما آيو ويو پيو کائيندو هو. هڪ ڏينهن اهو رشي پنهنجي گروءَ کي چوڻ لڳو ته توهان وٽ گرهستين جو ڏاڍو گوڙ لڳو پيو آهي ۽ مايون به ڏاڍيون گهڻيون ٿيون اچن جنهن ڪري منهنجي ورتي ڀڄن ۾ ٺيڪ نٿي لڳي. تنهن ڪري مونکي آگيا ڏيو ته ڪنهن ٻن ۾ وڃي ايڪانت ۾ ڀڄن ڪريان. ٻر جي ماڻن جو اچڻ بند ڪريو ته پوءِ مان هتي ئي رهان. تنهن تي گروءَ چيس ته ابا اُنهيءَ گوڙ ۽ مائن وچ ۾ پنهنجي ورتيءَ کي ٻڪو ڪري رهه. هتي آشرم جي شيوا به ڪر ۽ ڀڄن به ڪر. اُن تي سنگيرت چوڻ لڳو ته سائين جي خوشيءَ سان آگيا ڏيو ته چگو نه

پنيون پٽڙ جوڻ آهن سو ڪٿان ملجي. اهو ويچار ڪري پنهنجي ڪنيا ۾ اُچي وڏو چمٽو ۽ ڪوڏر کڻي راج ڪنيا جي ڪٽيا جي پٺ تي ڏاڪڻ رکي ڇت تي پهتي ڇت کولي چمٽي سان چار پنج سرون ڪڍي ٻُڙڪو ڪري آهستي آهستي اول ٽنگن کي هيٺ لاهڻ لڳو ته راجڪماري چوڻ لڳيس ته مهاتما، هي ڇا ٿا ڪريو؟ سنگيرت پاڻ کي ٽڪڙو کڻي هيٺ ڇڏيو ته سندس سسي ٻن ٽيئڙن جي وچ ۾ ڦاسي پئي. ٻئي هٿ ٽيئڙن ۾ وجهي مٿي نڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو پر نڪي مٿي ٿي نڪري سگهيو نڪي هيٺ پيو لهي سگهي. اُهڙي طرح لٽڪندو رهيو. تنهن تي راج ڪنيا جي روپ ۾ گروءَ چيس ته ٻچا، ڪهڙو حال آهي؟ ڪائي تڪليف ته ڪانه آهي؟

اُتي سنگيرت پنهنجي گروءَ جو آواز سڃاڻي چوڻ لڳو ته هي راجڪماري اهو آواز ته منهنجي گروءَ جو آهي سو سچ ٻڌاءِ ته تون ڪير آهين؟ ايترو ٻڌي سندس گروءَ چيو ته هي پاپي نيچ مان تنهنجو گرو آهيان. منهنجي آگيا جو نرادر ڪري زالن کان پڇي اُچي هٿي وينو آهين. جيئن تي ته مان زالن جو منهن ٻه نه ڏسندس مان ورڪت آهيان. سو هي پاکنڊي اڄ اهو تنهنجو ورڪتپڻو ڪيڏانهن ويو؟ اُهڙي ورڪتپڻي کان تون لٽڪي مرين ته چڱو. هاڻي مان تالو کولي پنهنجي آشرم ڏانهن ٿو وڃان. گروءَ جا اِهي وچن ٻڌي سنگيرت اکين ۾ پاڻي آڻي چيو ته هي پريُو، هاڻي مان مران ٿو، ڪرپا ڪري معافي ڏيئي ٻچايو. مان اوهان کي وچن ٿو ڏيان ته هن کانپوءِ مان توهان جي چرنن ۾ ويهي پنهنجو جنم سڦلو ڪندس. ايترو چئي زار زار روئڻ لڳو. شش جا ورلاپ ٻڌي گرو تالو کولي ٻاهر نڪتو ۽ ڇت تي چڙهي ڇت مان وڌيڪ سرون ڪوٺي ٽيئڙن کي ٽورو موڙي شش کي ٻانهن کان جهلي ٻاهر ڪڍيائين. تنهن کان پوءِ سنگيرت روئي

پنهنجي پتا سان گڏ هن جهنگ ۾ شڪار تي آئي هيس منهنجي پتا کي شينهن ماري کائي ويو ۽ مان ٻن ۾ منجهي توهان وٽ آئي آهيان. هاڻي ته رات ٿي وئي آهي ۽ برسات به ٿي پئي پوي، تنهنڪري اڄوڪي رات پاڻ وٽ رهڻ ڏيو. صبح جو مان پنهنجي راڄڌانيءَ ڏانهن هلي وينديس.

اهو ٻڌي سنگيرت چوڻ لڳو ته مان زالن کي پاڻ وٽ اچڻ ڪونه ڏيندو آهيان ۽ منهن به ڪونه ڏسندو آهيان. هاڻي تون آئي آهين ته هي تالو وٺ ۽ هن ٻيءَ ڪٽيا ۾ اندران تالو ڏيئي وڃي رهه، مان به ٻاهران تالو ڏئي ڇڏيندس. سج اُڀرڻ کان اڳ ڪير به چوي ته تالو نه کولج. جي اهو وچن ڏين ته ڀلي رهه نه ته هلي وڃ.

اهو ٻڌي راڄ ڪنيا چيو ته چڱو مهاراج اهو منهنجو وچن آهي ته مان در ڪونه کوليندس. تنهن کان پوءِ سندس گرو راڄ ڪنيا جي ويس ۾ ڪٽيا ۾ اندران تالو ڏئي وڃي ويٺو. سنگيرت پڻ ٻاهران تالو لڳائي پنهنجي ڪٽيا ۾ وڃي سمهيو. اڌ رات کانپوءِ جاڳي ويچار ڪرڻ لڳو ته مها سندري پاڻهي مون وٽ آشرم ۾ آئي آهي. آشرم ۾ ٻيو ڪو ماڻهو به ڪونهي. ڇو نه هن مها سندريءَ سان ملجي. اهو ڪوڙو ويچار ڪري ڪٽيا کان ٻاهر نڪري راڄڪماريءَ جي ڪٽيا جو تالو کولي چوڻ لڳس ته راڄڪماري در کول. راڄڪماريءَ چيس ته مون کي مهاتما چئي ڇڏيو آهي ته صبح کان اڳ ڪنهن کي به در نه کولج. تنهن تي سنگيرت چوڻ لڳو ته سندري، اهو مهاتما مان ئي ته آهيان. جلد ڪر در کول، منهنجو اندر ضروري ڪم آهي. اهو ٻڌي راڄ ڪنيا چوڻ لڳس ته مهاراج مان در اصل ڪونه کوليندس. اوهان سنت پنهنجي وچن تي قائم رهو. اهو ٻڌي سنگيرت ويچار ڪيو ته هن مها سندريءَ سان ضرور ملڻ گهرجي. پر دروازو لوهه جو ۽

وراڻديءَ ۾ سمهي پيو. ستگرو مهاراڄ روٽي ڪائي وراڻديءَ ۾ سمهي پيا. صبح جو ۴ بجي اٿي ڏنڊڻ اشنان ڪري آسڻ ٻڌي نام جي ڌيان ۾ ويٺا. سنت آتمارام به ۵ بجي اٿي ستسنگ ڪرڻ لڳو. شهر جا پريمي به آيا هئا. ستگرو مهاراڄ به وڃي ستسنگ ۾ ويٺا. ستسنگ سماپت ٿيڻ کانپوءِ سوامي ڄڻ شهر گهمڻ نڪتا.

گهمندي گهمندي بزار ۾ ڏسن ته هڪ دڪان تي تمام سهڻا تنبورا رکيا آهن. دڪان واري کان پڇيائون ته تنبوري جي قيمت گهڻي آهي. دڪاندار جواب ڏنو ته ڏهه روپيه. ستگرو مهاراڄ کي تنبوري وٺڻ تي ڏاڍي دل هئي پر دل ۾ ويچار ڪرڻ لڳا ته پئسا ڪٿان اچن؟ اهو ويچار ڪري اڳتي هليا مارڪيٽ وٽ اچي بيهي رهيا ۽ جتي هڪ سيٺ جي جڳهه ٺهي رهي هئي، سيٺ مزورن سان بيٺي ڳالهايو. مهاراڄ کي ڏسي پڇيائين ته مزوري ڪندين؟ ستگرو مهاراڄ پڇيو روز ڪيتري مزوري ڏيندا؟ سيٺ چيو ته هڪ روپيه روزاني مزوري آهي. جي روز تي نه ته سرن جو سٿو ٻولي ڌيانءِ ۽ اهو اندر کڻي ڏي. سرن جو سٿو ڏيکاري سيٺ پڇيو ته گهڻو وٺندين؟ ستگرو مهاراڄ سٿو ڏسي چيو ته سيٺ ڪم ته گهڻو آهي پر توهان کان ڏهه روپيه وٺندس. سيٺ چيو ته پنج روپيه وٺو. آخر سيٺ ستن روپين ۾ سٿو ٻولي ڏنو.

ستگرو مهاراڄ يڪدم ڪم ڪي لڳي ويا ۽ ١١ بجي تائين ڪم ڪري اشنان ڪري ٽڪاڻي مان روٽي ڪائي، ٿورو آرام ڪري وري ٣ بجي اچي ڪم ڪي لڳا. ٧ بجي تائين ڪم ڪري ٽڪاڻي ۾ اچي ستسنگ ۾ ويٺا. اهڙي طرح ٻن ڏينهن ۾ اهو ڪم ختم ڪري سيٺ کان ٧ روپيه وٺي ويچار ڪرڻ لڳا ته اڃا ٽي روپيه ڪٿان ٿا ته ايتري ۾ سيٺ ستگرو مهاراڄ کي چوڻ لڳو ته سپاڻي کان وٺي اچي روز مزوريءَ تي ڪم ڪر. هڪ روپيه

گروءَ جي چرنن تي ڪري چوڻ لڳو ته هي پريو، توهان جي مايا ڏاڍي پربل آهي، ڪرپا ڪري منهنجي رکيا ڪريو. مهاتما سنگيرت کي آشرم ۾ وٺي اچي ڳائين ۽ ٻاسڻن جي صفائي ڪرڻ جي سيوا ۾ لڳايو. اِهڙيءَ طرح هن مايا سنگيرت کي لتاڪيو.

ڪهي ٽيئُون ٽڳا ٽوڙي سرت شبد ملائي،
سچا سنت ڪلاونت وچن جنم مٽائي.

سنسار جي موهه ۽ آشا جا بندن ٽوڙي ڪو مهاتما، آتم گياني ويراڳي پنهنجي ورتي نام سان جوڙي چوراسيءَ جي چڪر کان ڇٽي ٿو.

اهو پڙهن پرماڻن ۽ ارٿ سان سنگت کي ٻڌائي ستسنگ سماپت ڪيائون.

هڪ ڏينهن ستگرو مهاراجن ۴ بجي صبح جو ڪرمنڊل ۽ انگوڇو کڻي حيدرآباد جو رستو وٺي گهمندا گهمندا منجهند جو مٽياريءَ جي شهر ۾ اچي پهتا. شهر جي ٻاهران هڪ سندر باغيچو هو. اُتي هڪ انب جي وڻ هيٺان ٿورو آرام ڪري ۳ بجي وري پنڌ پيا ۽ رات جو ۸ بجي اچي حيدرآباد پهتا. شاهي بزار وٺي گهمندا ٿي ويا ته ڏٺائون ته هڪ دڪان ۾ ستسنگ پئي ٿيو. ۲۰-۲۵ ماڻهو ويٺا هئا. سنت صندل ڏي ويٺي ستسنگ ڪيو. ستگرو مهاراجن به سنت کي نمسڪار ڪري ستسنگ ۾ ويهي رهيا. ڪلاڪ کن کانپوءِ جڏهن ستسنگ سماپت ٿيو ۽ سڀئي ماڻهو پرساد وٺي گهر ويا ته سنت آتمارام ستگرو مهاراجن کان پڇيو ته توهان ڪٿي ويٺا آهيو، هتي ڪٿان آيا آهيو؟ هتي رهندا آهيو ڇا؟ روٽي ڪائيندا؟ ستگرو مهاراجن سنت کي ٻڌايو ته مان ڪنڊوءَ جو وينل آهيان ۽ ٻي ڏينهن هتي گهمڻ آيو آهيان. تنهن تي سنت مهاراجن ڪي چيو ته ڀلي آيا، روٽي کائي هتي

سچائيءَ سان ڪم ڪرڻ گهرجي، اينرو ٻڌي سيٺئي وڃي ڪم
کي لڳندا هئا. اهڙي طرح مهاراج ٻـي ڏينهن ڪم ڪري سڀ
لئي مهل سيٺ کي چوڻ لڳا تہ سڀاڻي کان وٺي مون کي ضروري
ڪم آهي سو ڪونہ اچي سگهندس. هنن ٽن تاريخن جا پئسا ڏيو.
سيٺ چيو تہ اَباڻ، اسان مهنو کن توکي ڪونہ ڇڏينداسون. سڀاڻي
کان وٺي سوا روپيہ ۽ روٽي ڏينداسون. جيسين جڳهہ ٺهي تيار
ٿئي تيسين ڪم ڪر. ستگرو مهاراج چيو تہ مون کي ٻيو ڪم
ڪرڻو آهي تنهن ڪري مان ڪونہ ايندس. ستگرو مهاراج جو
اهو جواب ٻڌي سيٺ کين ٽي روپيہ مزوريءَ جا ڏنا ۽ چيائين
تہ ڪم لاهي وري بہ اسان وٽ اچج. تنهن کانپوءِ ستگرو مهاراج
هٿ منهن ڌوئي ٻزار مان تنبورو وٺي ٽڪاڻي پر اچي ستسنگ
پر ويٺا. ڏٺائون تہ هڪ نئون مهاتما پڪتاري ۽ ڪرتالن تي ويٺو
ڳائي ۽ ٻائو آتمارام وينو باجو وڄائي. ستگرو مهاراج نمسڪار
ڪري اچي ڌوڪڙيءَ جي پاسي پر ويٺا. ستت ڳائي بس ڪئي
تہ ٻائو آتمارام مهاراج جي هٿ پر تنبورو ڏسي چوڻ لڳو تہ اڄ
نئون تنبورو وٺي آيا آهيو، توهان بہ ڳائيندا آهيو ڇا؟ مهاراج
چيو تہ ٿورو گهڻو ڀڄن ڪبو آهي. ٻائي آتمارام چيو ڏاڍو چڱو،
اوهان بہ هڪ ڀڄن ٻڌايو. مهاراج تنبوري تي پريم ۽ وئراڳہ مان
ڀڄن ڳائڻ لڳا. جڏهن ڀڄن ڳائي بس ڪيائون تڏهن ساري سنگت
ٻائي آتمارام کي چوڻ لڳي تہ هن ساڌ کي چئو تہ هڪ بہ ڀڄن
ٻيو بہ ٻڌائي. ٻائو مهاراج کي چوڻ لڳو تہ ڏاڍو سٺو ڀڄن
ٻڌايو اٿوَ، هڪ ٻہ ٻيو بہ ٻڌايو. ستگرو مهاراج هڪ ٻيو
بہ ڀڄن ڳايو.

روز بہ ڏيندس ۽ روٽي بہ کارائيندو سانءِ. تون ڪم جو چڱو آهين. ستگرو مهاراجن چيو تہ چڱو، سڀاڻي صبح جو اچي ڪم تي چڙهندس. سيٺ سان پڪ ڪري نلڪي تان هٿ منهن ڌوئي ٽڪاڻي ۾ اچي ستسنگ ۾ ويٺا. ستسنگ سماپت ٿيڻ کانپوءِ ستگرو مهاراجن روٽي کائي آرام ڪرڻ لڳا تہ ڀائو آتمارام چوڻ لڳن تہ آبا، توهان کي بہ ٽي ڏينهن تہ ٿي ويا، ڳوٺ ڪڏهن ويندا؟ تنهن تي ستگرو مهاراجن مشڪي چوڻ لڳا تہ مان اڃا سڄو شهر ڪونہ گهميو آهيان، اڃا بہ چار ڏينهن رهندس. جي رهڻ ڏيو تہ مهرباني نہ تہ ٻئي ڪنهن هنڌ وڃي رهندس. ڀائي چيو تہ بہ چار ڏينهن ڇڏيو تا سو ڀلي رهو، پر صبح جو سوير پاڻي ڀري، ٽڪاڻي جي ٻهاري ڏئي پوءِ ڀلي شهر گهمڻ وڃجو. ستگرو مهاراجن چيو تہ چڱو. ايترو چئي وڃي آرامي ٿيا.

صبح جو ٣ بجہ اٿي پاڻي ڀري، ٻهاري پائي، ڏندڻ پاڻي اشنان ڪري آسڻ ٻڌي اڀياس ۾ ويهي رهيا. صبح جو ستسنگ ٻڌي ڪٿاه پرساد وٺي ٧ بجہ ٽڪاڻي مان نڪري شهر مان گهمندا ٨ بجي سيٺ جي جڳهہ تي آيا. ٻيا مزور هڪ ٽغاري کڻي اچن تہ مهاراجن اُنهيءَ وچ ۾ بہ ٽغاريون ٻيا کڻي اچن. سيٺ ستگرو مهاراجن جو ڪم ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا.

سيٺ روٽي کائڻ لاءِ گهر ويندو هو تہ پٺيان مزور ڇڏي ويهي ٻيڙيون ۽ سلفيون ڇڪيندا هئا. ستگرو مهاراجن کين چوندا هئا تہ ڀائي صاحبو، هاڻي اٿي ڪم ڪريو تہ مزور چوندا هئا تہ ڀائي، سيٺ تہ آهي ڪونہ تنهن تا ٿورو آرام ڪريون. توهان بہ ڏسو ٻيا تہ سيٺ ڪنهن کي هڪ منٽ بہ آرام نٿو ڏئي. ستگرو مهاراجن مزورن کي چوندا هئا تہ ڀائي سيٺ برابر ڏسي ڪونہ ٿو پر ڏسڻ وارو ڀڳوان تہ ويٺو ڏسي. تنهنڪري هميشہ

هوڏانهن ستگرو مهاراڄ صبح جو گدو بندر جو رستو وٺي اچي گدو بندر پهتا. گدو بندر گهمي، درياهه ۾ اشنان ڪري ڪناري تي آسڻ ٻڌي، سماڌي لڳائي ورتيءَ کي پنهنجي شڌ سروپ ۾ استٿت ڪيائون. ١١ بجي سماڌيءَ مان اُٿيا ۽ هڪ پريميءَ اچي کانئن خبرچار پڇڻ لڳو. ستگرو مهاراڄ ٻڌايس ته مان ڪنبو ڳوٺ مان حيدرآباد ۾ گهمڻ آيو آهيان. توهان ٻڌايو ته ڪٿي رهندا آهيو. پريميءَ چيو ته مان هتي گدو بندر ۾ رهندو آهيان ۽ دڪان جو ڪم ڪندو آهيان. هر روز سنت هرداس رام جي ستسنگ ۾ شام جو ٤ بجي ويندو آهيان. سنت هرداس رام وڏيءَ ڪمائيءَ وارو آهي. اهو ستگرو مهاراڄ چيس ته مون کي اُنهيءَ سنت جو آستان ڏيکاريو ته سنت جو درشن ڪري پوءِ حيدرآباد وڃان. پريمي مهاراڄ کي سنت هرداس رام جي آستان تي وٺي آيو.

ستگرو مهاراڄ سنت کي نمسڪار ڪري ويهي رهيا. سنت جي پڇڻ تي کين ٻڌايائون ته ڪنبوءَ جو ويٺل آهيان. حيدرآباد گهمڻ آيو آهيان. صبح سويءَ هن پريميءَ سان درياهه تي ملڻ ٿيو. اوهان جو نالو ٻڌي چيم ته درشن ڪري اچان. سنت هرداس رام کين چيو ته ڀلي آيا. رسوئي ڪري، آرام ڪريو. شام جو ٤ بجي ستسنگ ٿيندو. اوهين ٻه چار ڏينهن هتي اُتي رهي پئو. ستگرو مهاراڄ چيس ته رهي ڪونه سگهندس، باقي ستسنگ ٻڌي پوءِ موٽي حيدرآباد ويندس.

روٽي کائي، منجهند جو آرام ڪري ٣ بجي ڀڳت هرداس رام وٽ وڃي پريم ۽ نمرتا سان پڇڻ لڳا ته سائين، هي سنسار ست آهي يا اَست.

سنت هرداس رام چيو ته اَبا، ڪئن چئجي ته سنسار ست آهي يا اَست. جي چئون ٿا ته ست آهي ته ڪوبه پدارٿ ست

راڳ آسا

ٽل- گرو مانگون خزانا پڇن دا - هي ننگ نياء نـڌاردا.

١- آش وندي گر تو در آئي - سوُرن مون لڳ سيج وڇائي،
بارون ڏي کو درد دا

٢- ستگر تو در ڪريان نيزاري -
منهنجي من جي ميت مونجهاري
ڪول اَندر دا پڙدا.

٣- پائي پلؤ مان پل پل پڪاريان - هرهر توتان تن من واريان،
هات گهماء مهر دا.

٤- کهي ٽيئُون ڪرجوڙ اَرداسا - ڪرپا ڪري گر ڪرپرڪاشا،
سيتل ڪر مون هردا.

پوء هڪ ٻه ٻيو پڇن ڳائي ارت ٻه ڪري ٻڌايائون. ساري سنگت پريم ۾ مست ٿي جهوُلڻ لڳي. رات جو ٩ اچي لڳا. ستسنگ کانپوء ڀائي آتمارام مهاراڄن کي چيو تہ ڀڳت صاحب اسان کي تہ خبر ئي ڪانہ هئي تہ، توهان ٻہ ڪو پڇن ڳائيندا آهيو. توهان جو ستسنگ ٻڌي ڏاڍو آنند آيو آهي. سڀاڻي ٻہ هن سنت کانپوء اوهان ڪيرتن ڪجو. سڀاڻي ڪان پاڻي پرڻ ۾ ڀاري پاڻڻ جي شيوا ٻئي کي ڏا ڏيون. ستگرو مهاراڄن چيو تہ توهان وٽ ٻہ ٽي ڏينهن ڏاڍي آنند سان رهيو آهيان ۽ شهر ٻہ گهمي ڏٺو اٿم. سڀاڻي پنهنجي ڳوٺ اوڇڻ جو ارادو اٿم. اهو ٻڌي ڀائي آتمارام هٿ جوڙي سوامي جن کي ٻہ چار ڏينهن وڌيڪ رهڻ لاء وينتي ڪئي. سوامي جن سندن پريم ڏسي رهڻ قبول ڪيو. هوڏانهن ڪنڌڪوٽ ۾ سوامي جن جي ڏاڍي سار ٿي. هڪ ٻئي کان پڇڻ لڳا پر خبر تہ ڪنهن کي ٻہ ڪانہ هئي. نيٺ سنتوش ڪري هرڪو ويهي رهيو تہ. ٻاڏهي مهر ڪري اچي درشن ڏيندا.

جڏهن بس .ڪئي تڏهن سنت هرداس رام مهاراجن کي چيو ته هاڻي توهان به ڪجهه پڙهايو. ستگرو مهاراجن يڪتارو کڻي ستسنگ ڪرڻ لڳا. ويدانت جي پرڪريا هلائي پڙهن ڇوڙڻ لڳا.

ڪستوري بسي مرگهه ڪي ماڌهين -
بن ڪنڊ کوجت سونگت تاڌهين، هوءِ رهيا حيرانا.

جئن هرڻ جي ناڀيءَ ۾ ڪستوري رهندي آهي پر هرڻ انهيءَ سڳنڌ کي بن ۾ گاهه، ٻوٽن ۽ وڻن جي پنن ۾ ڳوليندو آهي ۽ حيران ٿي چوندو آهي ته اهو سڳنڌ وارو گاهه ڪٿي آهي جو مان کائي آنند وٺان، تئن هن جيو جي اندر آتما سک روپ رهي ٿو پر هي جيو سنسار روپي بن ۾ وشين روپن روپي پدارٿن ۾ انهيءَ سک کي ڳولي ٿو ۽ ڳوليندي ٿڪجي پوي ٿو پر ڪين اهو سک پراپت نٿو ٿئي.

سلوڪ - جئسي مرگها مارو ٿل ڪو،
نير ديکه هر شاتا هئه،
دوڙ دوڙ ڪي وياڪل هوتا -
ايڪ بوند نهين پاتا هئه.

جئن هرڻ رڃ کي پاڻي سمجهي خوشيءَ مان ڊوڙندو آهي ته پاڻي پي پياس مٽايان پر ڊوڙي ڊوڙي پران نڪري ويندا اٿس ۽ پاڻي ڪونه ملندو اٿس ڇو جو سورج جي ڪرڻن ڪري رڃ ۾ هنڪي پاڻي ڏسڻ ۾ اچي ٿو. پر واسطو ۾ پاڻيءَ جي هڪ بوند به ڪانه آهي. تهڙي طرح هي اگياني جيو هرڻ وانگي سنسار جي پدارٿن روپي رڃ ۾ پاڻي روپي سک سمجهي ڏينهن رات ڊوڙي ٿو .پر اَنت تائين اُنهن پدارٿن مان

ڏسڻ ۾ نٿو اچي، جي ڇئون ٿا ته اَست ته هي سڀ پدارٿ-
شهر بازاريون، نديون، پهاڙ، باغ باغيچا پرتڪش ڏسڻ ۾ اچن ٿا.
اهي سڀ اسان کان اڳي به ڏسي ويا، اسين به ڏسون پيا ۽ اسان
کان پوءِ به ڏسندا. انهيءَ ڪري سنسار اَست به ڪونهي. سنسار
نالو آهي نام روپ جو، سو نام روپ ته مٿيا آهن. آتما ۾ سنسار
آهي ئي ڪونه.

اهي وچن ٻڌي مهاراجن چوڻ لڳا ته سائين ڇئو ٿا ته
سنسار ست به ڪونهي، است به ڪونهي تڏهن باقي ڇا ڪري
سمجهون. پڳت هرداس رام جن چوڻ لڳا ته اَبا هي سنسار ڪلپت
آهي يعني ڏسڻ ۾ اچي پر هجي نه. مرگهه ترشنا جو جل، نوڙيءَ
۾ نانگ، سپيءَ ۾ چاندي، سپني جا پدارٿ ۽ آڪاس ۾ نيلتا
اهي سڀ آهن ڪونه پر ڏسڻ ۾ اچن ٿا. تهڙي طرح هي سنسار
ڏسڻ ۾ اچي ٿو پر آهي ڪونه. انهيءَ تي وري ستگرو مهاراجن
ڇيو ته سائين جي ڇئو ٿا ته آهي ڪونه ته مٿيا يعني اَست ٿيو.
سنت هرداس رام ڇيو ته جئن نوڙيءَ ۾ نانگ ليستائين ڏسڻ ۾
اچيٿو جيستائين نوڙيءَ جو پُورو پُورو گيان نه ٿيو آهي. جنهن
وقت نوڙيءَ جو گيان ٿيو تنهن وقت اهو نانگ ئي نه رهيو. نڪو
ٻاهران آيو هو نڪو ٻاهر ويو. پر نوڙيءَ جو رُوپ ٿي ويو. تهڙي
طرح هي سنسار ليستائين ڏسڻ ۾ اچي ٿو جيستائين آتم گيان
نه ٿيو آهي. آتما جي گيان ٿيڻ بعد هي سنسار آتما جو
روپ ٿي وڃي ٿو. توهان جي شنڪا ٻڌي مان ڏاڍو خوش
ٿيو آهيان.

شام جو توهان به ستسنگ ۾ چار وچن اسان کي ٻڌائجو
جو اوهين به ستسنگي آهيو. تنهن کان پوءِ اَڌ ڪلاڪ ڪن درياهه
تي گهمي مهاراجن اچي ستسنگ ۾ ويٺا. آرتوار جي ڪري
حيدرآباد مان به گهڻي خلق آئي هئي. ستسنگين ٻڌن ڪري

٢- لڏي لعلن پريمي مٺڪي - پلي ڪڙهيءَ جيئن سنڪي،
وڃاءِ نه سواس ٽيئن پنڪي - سمي هن ۾ ڪنڊ گهرجي.
٣- اٿي شپ ڪرم جو ڦل سک - ملي ڪپ ڪرم جو ڦل دک،
آهي ويدن سندو هي رخ - سياڻن کي مٺڙ گهرجي.
٤- ڪهي ٽيڏون سمجهه پياري - وڄ وٽ نام جو ساري،
خنجر گر گيان جو ڌاري - ٻنڌن ڇڳ جو ڪٽڻ گهرجي.

اهو ڀڄن ڳائي ستسنگ سماپت ڪيائون.

صبح جو آساڍي وار ٻڌي ٻائي آتمارام کي چيائون ته اسان ٻڌو آهي ته ڀائي ڪنورام جي باغيچي ۾ سنت رهندا آهن سو مان سنتن جو درشن ڪري ته اچان. روانيءَ جو خيال نه ڪجو. ايترو چئي شهر کان ٻاهر نڪري ڦليليءَ جو ڪنارو وٺي گهمندا ڀائي سوڀراج جي باغيچي ۾ آيا جتي سنت مهاتمائون رهندا هئا. انهن سنتن جو درشن ڪري پوءِ ڀائي ڪنورام جي باغيچي ۾ اچي سنتن جو درشن ڪيائون. اتي ٽيهه چاليهه سنت رهيل هئا. سڀني سنتن جو درشن ڪري هڪ مهاتما وٽ اچي ويٺا. ڀائي ڪنورام سڀني سنتن وٽان ٿيندو ان مهاتما جي ڪٽيا وٽ آيو جتي ستگرو مهاراجن به ويٺا هئا. ستگرو مهاراجن کي ڏسي پڇيائين ته اوهين ڪٿي ويٺا آهيو؟

ستگرو مهاراجن چيو ته ڪنڌ ڪوٽ ۾ ويٺا آهيون. هتي حيدرآباد ۾ گهمڻ سانگي آيا آهيون ۽ ٻائي آتمارام جي ڏڪاٽي ۾ لٿل آهيون. ٻڌو سين ته ڀائي ڪنورام جي باغ ۾ ڪيترا سنت مهاتمائون رهندا آهن ۽ ڀائي ڪنورام به ڏاڍو پر اپڪاري سنت-شيوي آهي سو چيوسين ته سنتن جو درشن ڪري اچون ۽ ڀائي ڪنورام جو به ديدار ڪري اچون. اهو خيال ڪري ڀائي سوڀراج جي باغيچي مان گهمندا هتي آيا آهيون. ڀائي ڪنورام توهان آهيو ڇا؟ ڀائي ڪنورام مشڪي چيو ته هن

رتي ماتر به سک جي پراپتي نٿي ٿئيس؛ ڇو جو اُنهن پدارٿن ۾ سک آهي ئي ڪونه. جنهن سک کي هي جيوُ چاهي ٿو، سو سک هنجي اندر موجود آهي. پر جيسين پُورن ستگرو رستو نه ڏيکاري تيسين ڪيترا به ڪٽي اُپاءَ ڪري پر تڏهن به آتم سک جي پراپتي ڪانه ٿيندس. اُنهيءَ وشيه لئي ستگرو مهاراجن پڻ ڪري بس ڪيو ته ستسنگ ڪانپوءِ سنگت سنت هرداس رام کي چوڻ لڳي ته هي ساڌ ڏاڍو پيانوان، وئراڳي ٿو ڏسجي. توهان وٽ ڪڏهن آيو آهي. هن کي هفتو کن پاڻ وٽ رهائجو ته اسين به حيدرآباد مان روز ستسنگ ٻڌڻ ايندا سون. سنت هرداس رام ستگرو مهاراجن کي هفتو وڌيڪ رهي ستسنگ ڪرڻ لاءِ چيو.

تنهن تي ستگرو مهاراجن چوڻ لڳا ته سائين، توهان سيني جو پريم ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو آهيان. پر هن وقت پائي آتمارام جي ٽڪاڻي ۾ لٿل آهيان، اُتي پريمين کي ستسنگ جو وقت ڏنل آهي. تنهنڪري هاڻي حيدرآباد وڃبو. اُن جل هوندو ته اچي اوهان جو درشن ڪندس. ايترو چئي سنت هرداس رام کان موڪلائي حيدرآباد پائي آتمارام جي ٽڪاڻي ۾ پهتا. جل پان ڪري تنبوُرو کڻي ستسنگ شروع ڪيائون. پريمي ايترا ته آيا هئا جو ٽڪاڻو نه پرجي ويو پر ڪيترا بازار ۾ بيهي ٻڌڻ لڳا. ستگرو مهاراجن تمام پريم ۽ وئراڳ مان ستسنگ ڪرڻ لڳا ۽ هي پڻ چيائون.

راڳ ڪلياڻ

ٽل- ڪري ستگر رکي شرڌا - سچو سود ونڻ گهرجي،
ڏيئي تن من سندي ڏکڻا - وڪارن کان هٽڻ گهرجي.
١- شبد صابڻ کڻي سنگ ۾ - ڌئي کهڙو ڌوئي گنگ ۾،
رڱي تنهنکي ٻرہ رنگ ۾ - گڻن جو چت چڙهڻ گهرجي.

ڪونورام چيو ته سائين، هتي ئي ايڪانت ۾ رهي جيڪڏهن پڄن ڪريو ته ڪتيا ڏيانؤ. مهاراجن چيو ته هينئر وڃان ٿو. اَن جل هوندو ته ڪنهن وقت اچي رهبو. ڀائي ڪونورام کان موڪلائي شام جو ٧ بجه ڀائي آتمارام جي ٽڪاڻي ۾ اچي ڏسن ته سارو ٽڪاڻو پريمين سان ڀريو پيو آهي. مئڪروفون ۽ ساز صندل تي رکيا آهن. ڀائو آتمارام مهاراجن کي ڏسي چوڻ لڳو ته جلدي ڪريو جو اڄ ٦ بجه کان وٺي ستسنگي ويٺا آهن.

اول ڀائي آتمارام ڪلاڪ ڪن ستسنگ ڪيو پوءِ ستگرو مهاراجن ستسنگ ڪيو ۽ ڌرم جو پرسنگ هليو. چيائون ته هن سنسار اندر پياري ۾ پياري وستو ڌرم آهي. ڌرم جي خاطر ڪيترن رشين منين مهاتمائن سڀس قربان ڪري ڌرم جي پالنا ڪئي آهي.

شوي ڏڌيچ هريچند نريشا -

سهي ڌرم هت ڪوٽ ڪليشا،

رنت ديو بل پوپ سجانا -

ڌرم ڌريو سهه سنڪٽ نانا،

ڌرم نه دوسر ستيه سمانا - آگم نگم پران بکانا.

مطلب ته راجا شوي، ڏڌيچ رشي، راجا هرشچندر، راجا رنت ديو، راجا بلي آد انيڪ دک کشٽ سهارڻ ڪيا پر پنهنجي ڌرم کان نه هٽيا. گرو تيغ بهادر، گرو گوبند سنگهه سندن پٽ آدي پنهنجا سر ڌرم مٿان قربان ڪيا. ويد شاستر سڀيئي پڪارڻ لائين ٿا چون ته ڌرم جي سمان ٻي ڪا اهڙي وستو ڪانهي. سڀڪو پنهنجي پنهنجي ڌرم ۾ رهي سچ جو وهنوار ڪري. ڌرم جا ڏهه انگ آهن. ايترو چئي ستگرو مهاراجن هي پڄن ڳايو.

داس کي ڪونورام چوندا آهن. ڀائي ڪونورام پڇيو تہ ڀائي آتمارام جي ٽڪاڻي ۾ توهان ستسنگ ڪندا آهيو ڇا؟ ٻڌو اُتم تہ اُتي هڪ وئراڳي ساڌو آيل آهي ۽ ستسنگ ڪندو آهي. ستگرو مهاراجن چيو تہ برابر اسان ڀائي آتمارام جي ٽڪاڻي ۾ ستسنگ ڪندا آهيون. باقي بہ راتيون رهي پوءِ ڳوٺ ويندا سون. توهان بہ اڄ ستسنگ ۾ اچجو ايترو ٻڌي ڀائي ڪونورام چيو تہ اڄ ضرور اچبو. توهان هاڻي هتي ئي سنتن سان گڏ رسوئي پائي ڪري آرام ڪجو. شام جو هڪ منڊليشور مهاتما ستسنگ ڪندو آهي. اُنجو ستسنگ ٻڌي پوءِ ڀلي شهر ۾ وڃجو. اُن بعد ڀائي ڪونورام مهاراجن کي وٺي ڀنڊارو، ڪوٺاريءَ جي جاءِ، گئو شالا گهمائي جنهن ڪٽيا ۾ پاڻ رهندو هو تنهن ڪٽيا ۾ رکيل ڪٽ تي وهاري چوڻ لڳو تہ هي ٻڌايو، موکيہ جا ڪهڙا ساڌن آهن؟

ستگرو مهاراجن چوڻ لڳا تہ موکيہ جا گهڻئي ساڌن آهن پر مکيہ چار آهن.

١- سنتن جي شيوا ٢- ستسنگ ٣- وئراڳيہ ٤- آتم گيان.

ڀائي ڪونورام هٿ جوڙي چوڻ لڳو تہ سائين اهي چار ئي ساڌن ڪيئن پراپت ٿيندا. ستگرو مهاراجن چوڻ لڳا تہ جگياسوءَ پهرين نرمان ٿي شبھ ڪرم ڪري. پيو سندس پوروب ڪليل هجي تنهن کان پوءِ ستسنگ ۽ سنت شيوا پراپت ٿيندي. سنتن جي شيوا ۽ ستسنگ ڪرڻ سان وئراڳيہ اُتپن ٿيندو. وئراڳيہ ڪانپوءِ ستگروءَ جي کوج ڪندو. ستگرو ڪرڻ ڪانپوءِ آتما جو گيان پراپت ٿيندو. آتم گيان بعد موکيہ حاصل ٿيندو. اهو ٻڌي ڀائي ڪونورام ڏاڍو خوش ٿيو. اُتي رسوئيءَ جي گهنٽي لڳي. ٻنهي ڀوڄن ڪري آرام ڪيو. شام جو ستگرو مهاراجن اُتي باغ ۾ اچي ستسنگ ۾ ويٺا. مهاتما آتم پراڻ جي ڪٿا ڪري سماپت ڪئي. ستگرو مهاراجن ڀائي ڪونورام کان موڪلائڻ لڳا تہ ڀائي

تنهن تي ٺڪر سويراج چوڻ لڳو ته ٺالو ته توهان جـو اڳ ۾ ٻڌو آڻئون. تنهن سواءِ :

پڳٽ ڪري پاتال ۾ - پـرگهٽ هوت آڪاس،
رجب تينُون لوڪ ۾ - ڇپي نـه هـرڪا داس.

پلي ڪو پريوءَ جو پڇن، جهنگلن ۾، پهاڙن جي غفائن ۾ اُتوا پاتال ۾ ڪري ٻر رجب چوي ٿو ته اهـو پريوءَ جو پيار و پڳٽ لڪي ڪيـن سگهندو. جيئن عطر جـي دڪان وارو عطر جـي شيشيءَ کـي ڪيترو به ڪبٽ ۾ بند ڪري رکي ته به سندس دڪان تي عطر جـي خوشبوءَ ضرور ايندي، تئن تـوهان جي درشن سان توهان مان وئراڳ ۽ پريوءَ جي پڳتيءَ جي سڳند اچي ٿي. ٺڪر جو پريم ڏسي سوامي جن سندس اِنجڻ تي آيا. ٺڪر ڏاڍي سڪ ۽ پريم سان سندن آدرستڪار ڪيو ۽ شهر ۾ سوُچنا ڏياري ته شام جو ستسنگ ٿيندو. شام ٿيندي ئي ڪيترا ستسنگي اَچڻ لڳا. متيارن جو پڳت پهلورام به پنهنجي منڊليءَ سان آيو. ستگرو مهاراجن وئراڳ تـي ستسنگ ڪيو. ستسنگ سماپت ٿيڻ بعد ٺڪر سويراج اُتي ساري سنگت کي چوڻ لڳو ته اڄ پنهنجي شهر جا ڀاڳ آهـن جو ههڙو وئراڳي سنت پـرش پـڌاريو آهي. مهاتمائن جـو درشن ۽ ستسنگ ايشور جـي ڪرپا کانسواءِ ڪين ملندو آهي.

ست دارا اور لڪشمي پاپي ڪو ڀي هوءِ -
سنت سماگم هر - ڪٿا تلسي درلڀ دوءِ.

مطلب ته پٽ، اِستري، پدارٿ پاپين کـي به ملن ٿا پر گوسائين تلسيداس چوي ٿـو ته نشڪامي، نرمانـي، تتوُ وشين سنتن جو درشن ۽ ستسنگ پوُرب جـي پڃن کان سواءِ ڪين ٿو ملي. ساري سنگت جي پاران هن داس جي سنتن کي اِرداس

راڳ پهاڙي

ٽُل- ڌرم سناتن سار - دل ڌر اپني ڌرم سين.
١- اوڙ ڌرم سين چيت هٽائي - اپني ڌرم سين دل کو لائي،
گيتا گيان وچار - رهڻي اپني شرم سين.
٢- ڌرم جسي ۾ تن هٺ ڌارا - ڌرم اسي کو ڌرلي پيارا،
ڌرم هيت سر ڏار - موهه نه ڪر اپني چرم سين.
٣- پشو پنڇي ڪي سهسر ڌاري - اپني اپني ٻولت ٻالي،
آتم شڪتي سنيار - مڪت پاءِ اپني مرم سين.
٤- ڪهي **ٽيئُون** تن لوڪن ماهين - ڌر سناتن سم ڪو ناهين،
پرم پدارٿ چار - پائو اپني ڪرم سين.

ستنام ساکيءَ جي ڌني لڳائي ستسنگ سماپت ڪيائون. صبح جو لوٽو انگوڇو کڻي ڦليليءَ جي رشي گهاٽ تي اشنان ڪري، سنتن، مهاتمائن ۽ مندرن جو درشن ڪري رات جو ستسنگ ڪيائون. ٻئي ڏينهن صبح جو ڀائي آتمارام کان موڪلائي تنبورو ڪلهي تي کڻي پيرين پنڌ روانا ٿيا. ١١ بجي مٽيارن جي شهر جي ٻاهران جنهن باغيچي ۾ ايندي وقت آرام ڪيو هئائون تنهن ۾ ساڳئي انب جي وڻ هيٺان اچي ويٺا. مٽيارن جي شهر جو ٺڪر سوڀراج جو ستسنگي، ويدانتي، سنت-سيوي هو سو باغيچي ۾ اچي نڪتو ۽ ستگرو مهاراجن کي ڏسي چوڻ لڳو ته توهان ڪٿي جا وينل آهيو ۽ ڪيڏانهن ويندا؟ ستگرو مهاراجن چيو ته ڪنڊوءَ جو وينل آهيان. حيدرآباد گهمڻ ويو هوس. هاڻي موٽي ڪنڊوءَ ٿو وڃان.

ٺڪر سوڀراج مهاراجن کي چيو ته ڪرپا ڪري اسان جي اِجهڻ تي هلو. روٽي پاڻي کائي آرام ڪريو. شام جو ڪي چار وچن اسان کي ٻڌائي سڀاڻي ڳوٺ وڃجو. ستگرو مهاراجن چيو ته توهين اسان کي سڃاڻو ٿا ڇا؟ جو چئو ٿا ته ستسنگ ڪريو.

پر جا وسيتو سدائين پنهنجي گهر ۾ موجود آهي تنهنجي پراپتيءَ لاءِ ڇو يتن ڪجي. تنهن تي ستگرو فرمائين ٿا ته اهڙي شنڪا آڻي پڳوان جي ملڻ جو وشواس ناس نه ڪجي. ستگورن جي ڪرپا سان جيڪا شنڪا هجي سا دور ڪجي.

درشٽانت - هڪ راجڪمار ڪي اڻ لکه جي ملهه وارو هيرن جو ڪنگڻ ٻانهن ۾ پيل هو. پنهنجي ڪمري ۾ اچي اندران دروازو بند ڪري سمهي پيو. ننڊ ۾ پاسو ورائيندي ڪنگڻ ٻانهن ۾ مٿي چڙهي ويس. صبح جو جاڳي ڏسي ته ٻانهن ۾ ڪنگڻ ڪونهي. پهريدارن کي چوڻ لڳو ته منهنجو ڪنگڻ انالي ڪير ٻانهن مان لاهي ويو آهي سو جلدي پيدا ڪريو. پهريدارن ڏاڍي جاچ ڪئي پر ڪنگڻ جو پتو نه پيو. تنهن تي راجڪمار پنهنجي پتا سان ڪنگڻ جي گم ٿيڻ جي ڳالهه ڪئي. راجا پنهنجي وزير کي گهرائي چيو ته ڪنگڻ جي ڳولا ڪريو. وڏو وزير جو تمام عقلمند سياڻو پرش هو تنهن راجڪمار کان پڇيو ته ڪٿي ڪيرايو ته ڪونه آٿيئي؟ ڪٿي لاهي ته ڪونه رکيو اٿيئي؟ تنهن تي راجڪمار چوڻ لڳو ته مان ڪمري ۾ دروازو اندران بند ڪري سيجا تي سمهيس ته ان مهل به ٻانهن ۾ پيل هو. پوءِ مون کي ننڊ اچي وئي. صبح جو اُٿي ڏسان ته ڪنگڻ ٻانهن ۾ ڪونهي. خبر ڪانهي ته ڪٿي گم ٿي ويو.

منتري ٿورو ويچار ڪري راجڪمار کي ويجهو سڏيو. اٽڪل سان سندس ساڄي ٻانهن تي هٿ ڦيريائين. ڏٺائين ته ڪنگڻ سندس ٻانهن ۾ ئي پيو آهي. سو راجڪمار کي چيائين ته جي توکي ڪنگڻ لهي ڏيان ته ڇا ڏيندين؟ راجڪمار چيو ته ساري عمر توهان جو ٿورو نه وساريندس. وزير سندس خميس مٿي ڪئي ۽ ڏيکاريائينس ته ڪنگڻ سندس ڏوري ۾ئي پيو آهي. چيائينس ته پنهنجي هٿ سان ڪنگڻ هيٺ لاهي ساڳي جاءِ تي بيهار. راجڪمار ڪنگڻ ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو.

آهي ته به تي ڏينهن هتي رهي امرت روُپي وچنن جي وركا ڪري اسان جي تتل هردن کي سيتل ڪن. تنهن تي مهاراجن چوڻ لڳا ته ڀڳوت ڇڏئي گهڻا ڏينهن ٿي ويا آهن، تنهن ڪري جلد موٽڻ جو ويچار آهي پر توهان سڀني جو پريم ڏسي هڪ رات ٻي به ٽڪنداسون. وڌيڪ ترسي ڪين سگهنداسون. سنگت خوش ٿي جئه جئڪار بولائڻ لڳي.

ٻئي ڏينهن شام جو ٺڪر سويراج، ڀڳت ڀلوورام ۽ شهر جا ڪجهه ستسنگي آيا. مهاراجن کي نمسڪار ڪري اچي ويٺا. ٺڪر سويراج هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته هڪ شنڪا آهي. هي جيوُ اڳهِ پر اَئي موکيه روُپ آهي، پوءِ مڪتيءَ جي پراپتيءَ لاءِ جپ تپ ساڌن ڇو ڪري؟

ستگرو مهاراجن ڇيو ته برابر هي جيوُ ابناسي موکيه روُپ آهي پر ڀرم ڪري جو منجهس جيوُ پڻو پيو آهي انهيءَ کي مٽائڻو آهي.

جيو ڪو سو روپ آت آنند کهت ويد -
تانڪي سک پراپت ڪو اسمپو بکانيئي،
آگي جو آپراپت وستوُ تانڪي پراپت سنپوت -
نت هي پراپت ڪي تو پراپت ڪم جانيئي،
اَئسي شنڪا پيش آن ڪيجي نه وشواس هان -
گر ڪي پرساد تي ڪترڪ پلي پانيئي،
ڪر ڪو ڪنگن ڪو ٿيو آئسو ڀرم پيو جنهن -
گيان تي ملت ام پراپت پراپتي جانيئي.

ارٿ- جيوُ جو ست چت آنند سروپ آهي تنهن جي سک لاءِ ساڌن ۽ گرو ڪرڻ جو ڪهڙو ضرور آهي. چاڪاڻ ته ڪا وستوُ پراڻ وت نه هجي ته پوءِ انهيءَ جي پراپتيءَ لاءِ ڪوشش ڪجي.

ستگرو مهاراجن اِشاري سان سندن ستڪار ڪري وهڻ لاءِ چيو. گوال لال، سروانند ۽ گرمکداس مهاراجن جي پنيان ڳائڻ لڳا. پريم اُپديش جي وارتا هلي. جڏهن موج ۾ آيا تڏهن چوڻ لڳا ته پريوءَ جي پريم ڪانسواءِ هــي منش پسوءَ سمان آهي. پسن کــي به پنهنجي مالڪ جي ديدار جو پريم ٿيندو آهي. پر جن منشن کي ڀڳوان جي درشن جي پياس ڪانهي سي پسن کان به پري آهن. پريم ته سڀني کي آهي.

سلوڪ پريم جڳت ۾ بهت هئن - پــريم بنا نهه ڪوءِ،
تيئون ساچــا پــريم سو - لڳا هري سي هوءِ.

مطلب ته پريم سنسار ۾ سڀني جيون کي آهي. ڪنهن جو ڌن سان، ڪنهن جو تن سان، ڪنهن جو پريوار سان، ڪنهن جو ڪائڻ، پيئڻ، پهرڻ سان، ڪنهن جو سرير جي سينگار سان، ڪنهن جو گهمڻ ڦرڻ هوٽل سان، ڪنهن جو ناٽڪ سنيما سان.

ڪن جو چاهہ چلـم سان - ڪن جــو آ سينگار سان،
ڪن جو شوُنق شراب سان - ڪن جو ماس آهار سان،
ڪن جو گانجي ڀنگ، آفيم سان - ڪن جو چرش چمار سان،
ڪهي تيئون سڀئي تياڳي - ڪر پريم ست ڪرتار سان.

مطلب ته ڪوبہ جيوُ پريم کان خالي ناهي پر جڳت جــي پدارٿن جو پريم جوُٺو آهي. سنت، ستگورن ۽ پنهنجي آتم رام سان جو پريم آهي هو سچو پريم آهي، تنهن ڪري سنسار جو جوُٺو پريم تياڳي سچو سکدائي پريم پرماتما سان لڳائـــڻ گهرجي ته اُنهيءَ سچي آتم سکہ جي پراپتي ٿئي. پيا به اَهڙا پريم جا ۽ چار پڇن ويراڳ ۽ مان ڳايائون. رات جــو ١٢ بجي ستسنگہ سماپت ڪري چوڻ لڳا ته جيڪي ٻاهريان مهمان هجن سي ڀنڊاري ۾ روٽــي کائين. تنهن کان پوءِ ساري سنگت پاو پرساد وٺـــي گهر ويئي.

سڌانت- هي جگياسو اسٿول ديھ روپي ڪمري ۾ موھ روپي رات جو ايمان روپي سيجا تي، ممتا روپي غاليچو وڇائي، اگيان روپي ننڊ ۾ سمهي پيو آهي. جڏهن ويچار روپي جاڳرتيءَ ۾ اچي ٿو تڏهن چوي ٿو تہ مان آتما جي سک کي پايان ۽ انهيءَ سک لاءِ جڏهن يتن ڪري ٿو ۽ ستگور وٽ وڃي ٿو تڏهن ستگرو جگياسوءَ جا مل وکيپ آورڻ جا سڀ پڙدا هٽائي ست چت آنند سک سو روپ آتم ديو جو درشن ڪرائي ٿو جو اڳ ۾ ئي سندس سروپ هو. مطلب تہ موکيہ کي موکيہ ڪرڻو آهي. يعني پراپتيءَ جي پراپتي ڪرڻي آهي تنهن لاءِ ستگروءَ جي ضرورت آهي ۽ ستگرو دواران ويراڳ، ۽ وويڪ آد ساڌن ڪرڻا آهن. ساڌنن کان سواءِ ڪڏهن بہ آتم سک جي پراپتي ڪانہ ٿيندي.

ستگرو مهاراجن جا وچن ٻڌي ٺڪر صاحب جي شنڪا مٽجي وئي. تنهن کان پوءِ رات جو ويدانت جي وشہ تي ستسنگ ڪيائون. صبح جو مٽيارين مان روانا ٿيا. ڏهين بجہ ڌاري سيڪاٽ پهتا ۽ اڌ ڪلاڪ کن هڪ باغيچي ۾ آرام ڪري کوهہ تان پاڻي پي ١٢ بجہ ڌاري مهڙن ۾ ڀائي ٻوليگر جي آستان تي اچي پهتا. ٻوليگر، ستگرو مهاراجن کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ آدر ستڪار سان وهاري چوڻ لڳو تہ سائين، اڄ وڏي ڪرپا ڪئي اٿو. ساري ڳوٺ ۾ مهاراجن جي اچڻ جي خبر پئجي وئي. ڀڳت مورج رام، ڀڳت لکي رام، ڀڳت شنڪر ۽ ٻيا ڪيترا پريمي ستگرو مهاراجن سان ملڻ آيا. رات جو ستسنگ ڪيائون.

ٻئي ڏينهن شام جو جهنگل ۽ درياهہ تان گهمي مهاراجن ٨ بجہ ستسنگ شروع ڪيو تہ اينري ۾ ڪنڊوءَ مان ڏوال لال، سروانند، آتمانند، ڀائي کيمارام، مهراج هوندلداس، اوم پرڪاس، ڀائي منگهن رام، ڀائي پرمانند ۽ ٻيا سنسنگي ڏنبا ۽ يڪتارا کڻي پهچن ڪندا ستسنگ ۾ مهاراجن کي ٻيرين پئي اچي وينا.

١٥-٢٠ ڀيرا هر مهني ۾ چاڙهيندا آهن. توهان جيڪر ڪجهه ماس بابت اُپديش ڪريو ها ته ڏاڍو چڱو ٿئي ها. اها ڳالهه مون سائن جي ٽوپ ڪري توهان سان اُنسي ڪانه ڪئي. ستگرو مهاراجن چيو ته اَبا، تو ڏاڍي ڀل ڪئي جو اَئي اسان سان ڳالهه ڪانه ڪئي. هاڻي اڄ رات جو ماس جي باري ۾ ضرور ستسنگ ۾ چرچا ڪبي. اِئين گهمندا ڦرندا سڄ لٿي مهل اچي ڀنهنجي استان تي پهتا ته ڀائي لالورام اَچي ٻڌاين ته سيڪات ڪيبرن جي ڳوٺ جا اٽڪل ٤٠-٥٠ ماڻهو ٽڪاڻي ۾ اَچي ويٺا آهن. سو ڪرپا ڪري هلو.

ستسنگ شروع ٿيو. اُپديش ۾ چيائون ته منش جو ڌرم آهي يگيه ڪري، تپ ڪري، دان ڪري، ورت رکي نيم اُنوسار سنڌيا گايتري پاٺ ڪري، تيرٿن جو رٿن ڪري ۽ ستسنگ ڪندو رهي. ڀلي ڀلائي ۾ پاپ ڪرم نه ڪري، پاپين، ڪڪرمين جو سنگ نه ڪري، ڇو جو سنگ جو وڏو اثر پوي ٿو. جهڙو سنگ تهڙو رنگ.

سلوڪ- جنسي جس سنگت ڪريب- تنسا تس ڦل ليِن،
ڪدلي سيپ ڀجنگ مکه - ايڪ ٻوند گڻ ٽين.

مطلب ته جنهن منش کي جهڙي سنگت ملندي تهڙو ئي هنجو سڀاءُ ٿي ويندو. جئن سواتي نکيتر جي برسات جي ٻوند ڪيوڙي ۾ پوي ته ڪافور پيدا ٿئي، اِهائي ٻوند سپ جي وات ۾ پوي ته موتي ٿي پوي، پر جي اِهائي ٻوند نانگ جي وات ۾ پوي ته زهر ٿي پوي ٿي. جئن ڪو ماڻهو شرابيءَ جو سنگ ڪندو ته شرابي ٿي پوندو، جوئاريءَ جو سنگ ڪندو ته جوئاري ٿي پوندو، چور جو سنگ ڪندو ته چور ٿي پوندو، تنهن ڪري من-مکن جو سنگ تياڳي گور- مکن، ستپرشن، ڌرماتمائن جو سنگ ڪرڻ گهرجي.

ستگرو مهاراڄن به رسوئي ڪري پنهنجي جاءِ تي آيا. گوال لال کي چيائون ته اَبا، خبرچار ڏي، سڀ خوش پرسن آهيو نه؟ توهان کي اسان بابت ڪنهن ٻڌايو؟

گوال لال هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته جنهن ڏينهن کان توهان پرياڻ جو ڪنڊوءَ مان هليا ويا تنهن ڏينهن کان وٺي ماتا ۽ سڀيئي ستسنگي پريمي ڏاڍو اُداس ٿي پيا آهن. پهريان ٻه ٽي ڏينهن ته توهان کي ڏاڍو ڳولهيوسين تنهن کان پوءِ آئي وئي کان ٻئي پڇا ڪئيسين پر پتو ڪونه لڳو. اڄ شام جو مهڙن جو هڪ ڀائي پنهنجي دڪان تي آيو اُنهيءَ کان خبر پيئي ته اوهان مهڙن ۾ آيو. سو پاڻ صلاح ڪري ڀائو ٿهلرام کان موڪلائي اچي اوهان جو درشن ڪيو اٿئون.

ستگرو مهاراڄن کين حيدرآباد جو سمورو احوال ٻڌايو. سيٺي سوامي جن کي وينتي ڪئي ته سڀاڻي ڪنڊوءَ هلو. ستگرو مهاراڄن کين چيو ته سڀاڻي هتي آرام ڪريو ۽ شهر گهمي ڏسو. ٻئي ڏينهن سوير نڪري هلنداسون. پوءِ سڀيئي وڃي آرامي ٿيا.

ٻئي ڏينهن شام جو ڀائي ٻُوليگرءَ ڪن ستسنگين کي ساڻ ڪري گهمندا ڦرندا اچي ڪيمبرن جي ڳوٺ ۾ ڀڳت ٽيون رام جي ٽلهي تي نڪتا، جتي ڀڳت چيتن رام سندن آدرستڪار ڪيو. حال احوال ڏيندي ڀڳت چيتن رام، مهاراڄن کي ٻڌايو ته ڀڳت ٽيون رام جو ميلو لڳائيندا آهن. چنڊ، چوڏس ۽ ٽارُونءَ تي ستسنگ ٿيندو آهي ۽ هر روز ٻڻ پاڻ ۾ ساڌ رهاڻ ٿيندي آهي. ڀڳت چيتن رام جي عرض ڪرڻ تي سوامي جن گوال لال ۽ ٻين کان به ڀڄن چوايا. موڪلائڻ وقت ڀڳت چيتن رام کي انهيءَ رات ستسنگ ۾ اچڻ جي نينڊ ڏئي موٽي آيا. رستي ۾ ڀڳت موڙج رام ستگرو مهاراڄن کي ٻڌايو ته هن ساڌن جي ٽلهي تي

ڪاڻڻ پاپ آهي نه ماڻهو ديوتائن تــي ڀڪرن جون ٻليون چو تا چاڙهين ۽ ساڻ چو تا کائين؟

ستگرو مهاراجن چوڻ لڳا ته جيڪي منش ناسونت پدارٿن جي پراپتي لاء آستانن تي ٻڪرن جون ٻليون تــا چاڙهين سي وڏو پاپ ٿا ڪن. ڇو جو جتي دان پڃ ڪري پاپ لاهڻ اُتي پاپ ڪرم ڪجي اها ڪيتري نه اَسمجهه ۽ مونڊتا آهــي. اسان ٻڌو آهي ته هتي به سادن جــي ٽلهي تــي ماڻهو ٻڪرن جون ٻليون چاڙهيندا آهن. سو اهي نه چاڙهڻ کپن.

چند - جــوئــي پــوجنيہ يــوگيہ هووي -

تــس نرادر ڪــرتي هئَن،

تي نــر سوُک ڪبِي نهين پــاوت-

آنت دکي هو مرتي هئَن.

مطلب ته ديو ديوين، مهاتمائن جــا آستان ستڪار ڪرڻ يوگيہ آهن. اُنهن جي ايمان ڪرڻ سان منش دکي تي نرڪ پوڳي ٿو. اُنهيءَ ڪري سنتن، ديوتائن جي آستان تي وجــي ڪوبہ اهڙو پاپ نه ڪرڻ گهرجي. جيڪي ساڌ، بــراهمڻ باوا شراب، ماس، مڇي ورتائين ٿا تن کي به پاپ لڳي ٿو. جي ڀڳتي، دان، پڃ پراپت ڪري اُهي پاپ لاهي ڇڏيندا ته اُنهن کي ڏسي جيڪي گرهستي کائين ٿا تنجي پاپ جو حصو اُنهن سادن ۽ برهمڻن جي مٿان پوندو ۽ اهو پاپ ساڌ، براهمڻ پــراشچت ڪري لاهي نــہ سگهندو. اُنهيءَ ڪري شري ڪرشڻ شريمد ڀڳوت گيتا جــي ٽيين اڌياءَ ۾ اَرجن کي چيو آهي ته:-

यद्यदाचरति श्रेष्ठस्तत्तदेवेतरो जनः ।

स यत्प्रमाणं कुरुते, लोकस्तदनुवर्तते ॥ २१ ॥

سرِيشٽ جنون ڪا سنگهه ڪر - ڪريئي تانس پيار،
پاوينگي پد پرم ڪو - نا تو سرگ دوار،
نيچ نرن ڪو سنگهه ڪر - ڀوگت دک اپار،
نشچيه جاوي نرڪ ۾ - يا تو يمر ڪي دوار.

ستپرشن جو ستسنگ ڪندو ته آتم گيان پائي جنم مرڻ جي ڦيري کان ڇٽي ويندو. ڀڳتي آد شڀ ڪرم ڪري اوس سرگ لوڪ جا ڀوڳ ڀوڳيندو. تنهن ڪري هن منش جو ڪرتويه آهي ته شڀ ڪرمن جو ٻج ٻوڪي، سچ سان پريت رکي، سچ جو وهنوار ڪري، شد آهار ڪري شراب، ماس مڇي نه ورتائي، ڇو جو شراب، ماس، مڇي کائڻ هن منش جو ڌرم ناهي. اُن جي کائڻ سان هردو ملين ٿئي ٿو. ملين هردي هئڻ ڪري انيڪ پاپ ڪري هي جيوُ نرڪ ۾ وڃي ٿو.

سلوڪ - ماس مڇلي کات هئه - سراپان سي هيت،
تي نر نرڪي جاته هئه - ماتا پتا سميت.

مطلب ته جنهن جو شراب، ماس ۽ مڇيءَ سان ڏاڍو پريم آهي، اهو ماتا پتا سميت نرڪ ۾ وڃي دک ڀوڳي ٿو. ماتا پتا ساڻس انهيءَ ڪري نرڪ ۾ وڃن ٿا جو ننڍي هوندي کان وٺي اُنهن کي ماس تي هيرائين ٿا. تنهن ڪري ماتا پتا جو ڌرم آهي ته پنهنجي اولاد جي هر پرڪار سان رکيا ڪن ۽ منجهن سٺا سنسڪار وجهن. ٻار ته سدائين ستوگڻي رهي اولاد کي پالين. ڇو جو رجي ڳڻ مان تموڳڻ پيدا ٿيندو آهي ۽ تمي ڳڻ مان ڪروڌ ۽ ڪروڌ ڪري سڀئي ٻج ناس ٿي وڃن ٿا. شراب، ماس تامسي کاڌو آهي، جو بلڪل نه کائڻ گهرجي. ايترو ٻڌي ڀائي شنڪر ستسنگ ۾ آئي هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته سائين، جي ماس مڇي

جي سدا لاءِ هٿ مٿي ڪري هيءَ پرتگيا ڪريو ته اڄ کان وٺي شراب، ماس مڇي ڪونه ورتائيندا سون. سڀني ڪيترن ماڻهن هٿ مٿي کڻي اها پرتگيا ڪئي. ستگرو مهاراجن چيو ته جن اڄ هتي ستسنگ ۾ ماس کائڻ ڇڏيو آهي تن تان اڳيون پاپ ماس کائڻ جو معاف ٿيندو. اسين توهان کي ڏنيواد ٿا ڏيون. ان کان پوءِ ستسنگ سماپت ٿيو.

صبح جو ستگرو مهاراجن ڀائي ٻوليگر ۽ ٻين پريمين کان موڪلائڻ لڳا ته ڀائي موج رام ۽ ڀائي شنڪرداس ۽ ڀاري لال چوڻ لڳا ته هي پريو اسان کي ساڻ وٺي هلو ته ڪجهه وقت توهان جي چرنن ۾ رهي شيوا ڪريون، ستگرو مهاراجن چيو ته ڀلي هلو. اتي ڇهئي ساري منڊلي سميت پنڌ روانا ٿيا. درياهه جو ڪنارو ڏيئي جهنگلن جا سئر ڪندا ٨ بجه صبح جو ڪنڊوءَ اچي پهتا.

ستگرو مهاراجن ماتا کي پيرين پئي ڀائي ٺهلرام ۽ سنت آلوورام سان ملي اچي ويٺا ته شهر جا ڪيترا ستسنگي ۽ پريمي به اچي ويا.

ٻئي ڏينهن صبح جو مائي رڃاٽ پرساد ۽ پوڄا جي سامگري کڻي ستگرو مهاراجن کي پيرين پئي اکين ۾ پاڻي آڻي چيو ته، هي پريوُ، هاڻي گهڻا ڏينهن ٿي ويا آهن، ڪرپا ڪري نام جو دان ڏيو، جو چت تمام اداس ٿي پيو آهي. ٻين ڀائرن کان مون ٻڌو جي ڪري ڪونه پڇيو آهي جو هو سنتن جي برخلاف آهن. باقي شامن مل جيڪو توهان وٽ ايندو آهي تنهن ۽ ماتا کان آگيا وٺي آئي آهيان. ستگرو مهاراجن چيو ته پتري، سونا زيور ۽ ريشمي ڪپڙا ڪين پائيندين، چاڪاڻ ته اهي وڏوا استريءَ کي پائڻ ڌرم نه آهي. سرير جو ڪو به سينگار نه ڪرڻ گهرجي. اڇو ڪپڙو پائي سدائين سادگيءَ ۾ رهجي. مڇي ماس نه کائجي.

مطلب ته هي اَرجن، پوڄنيه، يوڳيه، سريشٽ پرش جهڙو جهڙو وهنوار ڪن ٿا ته ٻيا منش ٻه اهڙو اهڙو ڪرم ڪرڻ لڳن ٿا.

न मे पार्थास्ति कर्तव्यं, त्रिषुलोकेषु किंचन ।
नानावाप्तमवाप्तव्यं, वर्त एव च कर्मणि ॥ २२ ॥

مطلب ته هي پارٿ اَرجن، مون کي ٽنهي لوڪن ۾ ڪنهن ٻه ڪرم ڪرڻ جو ضرور ڪونهي ۽ نڪي ڪنهن پراپت وستو جي اَپراپتي آهي، تڏهن به مان ڪرم ڪندو رهان ٿو.

उत्सीदेयुरिमे लोका, कुर्यां कर्म केदहम् ।
संकरस्य च कर्ता स्या मुपहन्यामिमा: प्रजा: ॥ २४ ॥

مطلب ته هي ارجن جيڪڏهن مان ڪرم نه ڪريان ته مون کي ڏسي ڪو به جيئُ ڪرم نه ڪندو سڀ جيئُ پرشٽ ٿي ويندا ۽ اُنهنجو پاپ مونکي لڳندو.

جڏهن ماتا کي ٻچو پيٽ ۾ آهي يا کير پي رهيو آهي، ته ماتا اُنهيءَ ٻچي جي تندرستيءَ لاءِ ڪري ڪندي آهي. جي ڪري نه ڪندي ته ٻچو روڳي ۽ بيمار ٿي دکي ٿيندو. پوءِ انهيءَ ٻار جي دک ۾ ماتا به دکي ٿئي ٿي. تنهن ڪري سريسٽ پرش يعني سادن، ٻاون، براهمڻن کي مڇي ماس کائڻ، جوئا ڪرڻ، شراب پيئڻ آدي کو به اهڙو ڪرم نه ڪرڻ گهرجي. سڀني جيون کي پنهنجي اُڌار لاءِ سدائين ست ڪرم ڪرڻ گهرجي. انهيءَ ڪري ساري سنگت هٿ مٿي ڪٽي پهرين اها پرتگيا ڪري ته اڄ کان وٺي ڪٽي به، ڪنهن جيئُ جـي ٻل نـه چاڙهينداسون. ستگرو مهاراجن جا وچن ٻڌي ساريءَ سنگت هٿ مٿي ڪٽي اها پرتگيا ڪري ڌرم جي جئه جئڪار بولائي. تنهن کانپوءِ وري ستگرو مهاراجن چوڻ لڳا ته پنهنجي منش چولي جي اُڌار لاءِ ۽ پرلوڪ

ٻئي ڏينهن سنگرو مهاراڄ سنتن سان گيان چرچا ڪرڻ لڳا ته سنت آلورام چوڻ لڳا ته هي ڳجھون، من کي وس ڪرڻ ۽ شانتي پراپت ڪرڻ جا ڪهڙا مکيه ساڌن آهن. سنگرو مهاراڄ چيو ته من جي استتي ۽ شانتيءَ لاءِ وئراڳ ۽ ابياس ٻه مکيه ساڌن آهن. برهم نيشٽي ۽ برهم شروتري پورن سنگرو دواران يوڳ جي اُتن انگن سهت نرگڻ اُپاسنا ڪجي ۽ تيور وئراڳ ڌارڻ ڪجي يعني سنسار جي سڀني ڀوڳن کان چت سدائين اُپرام هجي.

سلوڪ- برهم لوڪ ليئُون ڀوڳ جيون -

ڇهي سڀن ڪو تياڳ،

ويد ارٿ گياتا مني - ڪهت تاڻهه وئراڳ.

مطلب - مرت لوڪ کان وٺي برهم لوڪ تائين جيڪي ڀوڳ ٿي سگهن ٿا، تن سڀني جو تياڳ انهيءَ کي رشي مني، سنت وئراڳ چون ٿا. سو ابياس ۽ وئراڳ اُهي ٻئي ساڌن من کي جيتڻ ۽ شانتي پراپت ڪرڻ لاءِ آهن. تيون ساڌن آهي:-

مرنا اپنا ياد ڪرنا - يهي پلاؤ نا ڪيي،

جان من ۾ مرني ڪادن - نڪٽ آيا هئہ اپي.

مطلب ته جنهن کي سدائين موت ياد آهي سو جلدي پنهنجي من کي استت ڪري پرم پد کي پائيندو. اهڙي طرح نت نيم سان جيڪي ستسنگ ڪندا رهيا تن جي ورتي ڏينهن ٻه ڏينهن پڪتي ۽ وئراڳ ۾ وڌندي رهندي.

هفتي کان پوءِ هڪ ماڻهو مائي رياست جي ڳوٺ موتيرام کي اچي چيو ته توهان جي پيڻ روز ساڌن وٽ وڃي ڀڄن ٻڌندي آهي ۽ پاسڻ ملندي آهي ۽ ٻي شيوا ٽهل ڪندي آهي. توهان

سادو ٻوڄن اُنين پهر هڪ ويلو ڪائڻ گهرجي. من ۾ وئراڳ ڌاري رات ڏينهن پرڀوءَ جو ڀڄن ڪري پنهنجو جنم سڦلو ڪرڻ گهرجي. مائي رياست هٿ جوڙي چوڻ لڳي ته پرڀو، جڏهن ڇٽو تا لڏهن ٿي اڄ کان وٺي ڪنديس. ستگرو مهاراجن کان گرو منتر وٺي پنهنجي گهر ويئي.

مائي رياست گهر پهچي گهڻا ئي ريشمي ڪپڙا لاهي سادا اڇا ڪپڙا پائي ايڪانت واري ڪوٺيءَ ۾ ويهي نام جو ابياس ڪرڻ لڳي. اها خبر سندس گهر جي سڀني مٽن مائٽن کي پئجي ويئي. رات جو کيس سڏ ڪري پڇڻ لڳس، گهڻ گنا لاهي سفيد ڪپڙا ڇو پاتا اٿيئي؟ هن چيو ته سينگار آهي پتي ديو لاءِ. اڳ ۾ مونکي ڌرم جي ڪا خبر ڪانه هئي. اڄ ستگرو ڪرڻ ڪانپوءِ خبر پيم ته سينگار وڏوا جو ڌرم ناهي. تنهن تي پڇيائونس ته ڪهڙو ستگرو ڪيو اٿيئي. مائيءَ جواب ڏنو ته ستگرو ٽيئون رام مهاراجن کان اُپديش وٺي کين ستگرو ڪيو اٿم.

اهو ٻڌندي ئي سندس پاءُ موتيرام کيس ٻه ٽي ڌڪ هڻي چوڻ لڳو ته موکه تو اسان جي ڪل کي ٻوڙي ڇڏيو. اڄ کان وٺي ساڌن جي ستسنگ ۾ نه وڃج ۽ نه وري ڪنهن کي ٻڌائج ته ڪو تو گرو ڪيو آهي. اها رات مائي ڪاڏي ٻنسا وچ سمهي پئي.

صبح جو مائيءَ جا پائر ڪپهه جي مشين تي وياه مائي رياست پنهنجي ماءُ کي چيو ته ماتا، مون کي موڪل ڏي ته ستگرو مهاراجن جو درشن ڪري اچان. ماڻس چيس ته ڌيءَ توکي رات ٻه پائرن ماريو آهي ۽ جهلي ويا اٿيئي ته نه وڃج، پوءِ وري ڪئن ٿي وڃين؟ رياست چيو ته جلدي درشن ڪري اچهو ٿي مونان. ايترو چئي ستگرو مهاراجن وٽ اچي پيرن پئي ٻاسڻ ٻهاري ڪرڻ لڳي. ڪلاڪ ڪن شيوا ڪري پنهنجي گهر آئي ۽ هر روز اهڙي شيوا ڪري ايندي هئي.

ڪٿي توهانجو ڪرم! توهان کي ڪير پڇندو؟ اسان اڄ ئي مکي صاحب سان صلاح ڪري شهر لاءِ ٻيا ٻراهمڻ ٿا گهرايون. انهيءَ براهمڻ ڪيس چيو ته ڪرپا ڪري تـوهان ٻيا براهمڻ نه گهرايو اسان کي پاڻ انهيءَ ڳالهه جو گهڻو ڏک آهي. رات ڏينهن انهيءَ ويچار ۾ آهيون ته ڪو رستو ملي ته ساڌوءَ تي قدم ڪٽون. توهان خيال نه ڪريو. اسان انهيءَ ڳالهه جو بندوبست ڪنداسون

ايترو ٻڌي موتيرام مکي صاحب وٽ ويو جتي اڳ ۾ ئي ٻن ٽِن پنڊتن مهاراڄن خلاف مکيءَ کـي ويٺي دانهون ڏنيون. مـوتيرام به اُتي ويهي مکيءَ کي چوڻ لڳو ته هيءَ شهر ۾ چڱي ڳالهه نه ڪانه ٿي جو اسانجا پوڄنيه بـراهمڻ سنت جي گهر وڃي ٻاسڻ ملين ۽ ٻهاريون پائين ۽ اسانجي شهر جون زالون وڃي جنڊ پيهن ۽ ٻهاريون ڏين. اها ڳالهه مکي صاحب توهان کي وڻي ٿي؟ ساڌ شهر ۾ ٻائيتال مچائي ڏنو آهي، وٺي ٿـو چيلا ۽ چيليون ڪندو. يا ته ڪو ٻلو ڪريو نه ته سڄو شهر ڦٽي ويندو.

مکي صاحب موتيرام کي چيو ته پنهنجي من کي نه تپايو، ڪوئي خيال نه ڪريو. انهيءَ ڳالهه جـو بندوبست ڪنداسون. موتيرام پوءِ پنهنجي مشين تي هليو ويو.

ٻن ٽن ڏينهن کانپوءِ ستگرو مهاراڄن درياهه تي اشنان ڪرڻ ٿي ويا ته هڪ ٻڍي مائي مهاراڄن کي هٿ جوڙي چوڻ لڳي ته هي سوامي، ڀڳوان جي نالي هڪ پنگياٽيءَ کـي چئو ته ڪتيءَ جو گلرو جو رات منهنجي در تي مري ويو آهي سو ڪڍي وڃي ٻاهر ڇڏي اچي. مان هڪ غريب ٻـڍي آهيان. جنڊ پيهي گذر ڪندي آهيان، تنهن هوندي به ٻه آنا ڏيڻا ڪيا ٿـي مانس. گلري کـي نوڙي ٻه ٻڌي اٿس ٻر چوي ٿي ته چار آنـا ڏي ته پوءِ ڪڍان. مهاراڄن پنگياٽيءَ کي چيو ته بابا مائـي تمام غريب آهي تون ڪانئس ٻه آنا وٺي هنجو ڪم ڪر.

پنگياٽيءَ چيو ته مان ڇهن آنـن کان گهٽ ڪين وٺنديس.

ته سنتن کي ڪين ڇهندا آهيو پوءِ پيڻ ڪي ڪيئن ٿا موڪل ڏيو؟ موٽيرام اهو ٻڌي چپ ٿي ويو. دل ۾ گهڻو ڏک ٿيس. سڌو گهر اچي ماءُ کان اچي پڇيائين ته رات ڪيڏانهن ويئي آهي؟ ماڻس چيس ته اَبا، ڪنهن پاڙي واريءَ وٽ ويئي هوندي. ايتري ۾ مائي رات به ستگرو مهاراجن جو درشن ڪري گهر آئي ته پاڻس چيس ته سچ ٻڌاءِ، ڪيڏانهن ويئي هئينءَ؟ رات چيو ته اَما کان موڪلائي مهاراجن جو درشن ڪرڻ ويئي هيس. اهو ٻڌي اُمالڪ به ٿي ڏک هڻي چوڻ لڳس، ته توکي شرم ڪونهي. تنهن ڏينهن هيترو سمجهايو سونءِ ته ساڌن وٽ نه وڃ- پر تون روزانو اوڏانهن وڃي ٻهاريون پئي ڏين ۽ باسڻ پئي ملين. سڄي شهر ۾ نالو بدنام ڪيو اٿيئي. تو اسانجي ڪل کي لڄايو آهي. تو اسانجو ڪنڌ پڇي ڇڏيو آهي. بزار ۾ ٿا وڃون ته ماڻهو ميڻي ٿا هڻن. ماءُ کان پڇڻ لڳو ته توهن کي ساڌن وٽ وڃڻ جي موڪل ڏني آهي ڇا؟ ماڻس چيس ته ابا هن جي دل اُداس ٿي پئي آهي. ماڻهن کي ڇا ڪنداسون. پل وڃي سنتن جو درشن ڪري. تون ماڻهن جي چوڻ تي نه لڳ. سنتن جي پاسي کان روڪڻ پاپ آهي. ٻيو ڪو رستو نه ڏسي موٽيرام وڃي شهر جي ٻاون کي چيو ته ڌرم مان اڌرم ٿي رهيو آهي. ساڌ توهان جو چيلو ٿي توهان جي چيلن کي ڦاسائي اُنهن کان ڀاو پرساد وٺي پنهنجا چيلا پيو ڪري. اها خبر توهان کي آهي يا نه؟

ٻاوا چوڻ لڳا ته اَدا خبر ته سڀ اٿئون. اسانجي ٻاون، ٻراهمڻن مان ته مهراج هوندلداس وڃي ساڌ جو چيلو بڻجي پيو ٻهاريون ڏئي. دل ۾ ته گهڻو خيال اٿئون پر ڇا ڪريون؟ ٻاون وٽان ٿي موٽيرام اچي براهمڻن کي چيو ته توهان براهمڻ ٿي ڪري پنهنجي ڪرم کان ڪري پيا آهيو جو توهان جو ڇوڪرو هوندل سنتن جا جُوٺا باسڻ پيو ملي ۽ واٽين جون جتيون پيو کڻي ۽ ٻهاريون پيو ڏئي. ڪٿي توهان براهمڻ ۽

ڀائي ٽهلرام چوڻ لڳو تہ مکي صاحب، اسان کي تہ انهيءَ ڳالهہ بابت ڪائي خبر ڪانهي. ڀڳت صبح جو سوير درياهہ تي اشنان ڪرڻ ويو آهي، اچي تہ اسان پڇنداسونس. جي سچ پچ ائين هوندو تہ اسين سمجهائينداسونس.

تنهن تي سيٺ موتيرام ۽ ٻيا مکيءَ کي چوڻ لڳا تہ ڀائي ٽهلرام ڇا ڀڳت کي سمجهائيندو؟ اڄ رات جوئي پنچات ڪٺي ڪري فيصلو ڪرايو. مکيءَ ٽهلئي کي آگيا ڪئي تہ وڃي ٻنهي شهرن- ڪنڀو ۽ سالاري ۾ سوچنا ڏيئي اچ تہ اڄ شام جو پنچات ڪٺي ٿيندي. ڀائي ٽهلرام کي پڻ چيائين تہ توهان ڀڳت صاحب کي پنچات ۾ وٺي اچجو. تنهن کان پوءِ سڀيئي پنهنجي پنهنجي گهر ويا.

هوڏانهن ستگرو مهاراج درياهہ تان اشنان ڪري گهر موٽي آيا تہ ڀائي ٽهلرام سخت ڪاوڙ ۾ چوڻ لڳو تہ توهان اڄ صبح جو ڇا ڪيو آهي جو مٿل ڪتو ڪٽي وڃي کڏ ۾ ڇڏيو اٿيئي. ڀڳتين جا وتين ٿو ڪم ڪندو. سڄي شهر ۾ گوڙ ٿي ويو آهي. مکيءَ مونکي، ڀائي ويرسي رام ۽ ڀائي هاسارام کي گهرائي چيو تہ اڄ شام جو پنچات ڪٺي ٿا ڪريون. توهان ڀڳت کي پاڻ سان وٺي اچجو.

ستگرو مهاراج مشڪڻ لڳا. تنهن تي ڀائي ٽهلرام ڪيس چيو تہ تون تہ کلين ٿو پر اسان کي تہ اڄ روٽي ٻہ ڪانہ وڻندي. اينتري ۾ گهر جا سڀيئي ڪٽنبي ۽ ماتا ڪرشنا اچي ڀائي ٽهلرام کان پڇڻ لڳا تہ ڇا ٿيو آهي؟ ڀائي ٽهلرام چيو تہ توهان کي ڇا ٻڌايان. هاڻي ڀڳت اسان کي هتي وهڻ ڪين ڏيندو. اڄ تمام خراب ڳالهہ ڪئي اٿس. مٿل ڪتو گهلي کڏ ۾ اُڇلايو اٿس. انهيءَ ڪري ساري شهر ۾ شور مچي ويو آهي. مان ٿو ڀڳت کان پڇان تہ ويٺو کلي. اهو ٻڌي ماتا، مهاراج کان پڇڻ لڳي تہ آبا سچي ڳالهہ ڪر. ائين ڪيو اٿيئي ڇا؟

ينگياڻيءَ جو نئرپائيءَ جو جواب ٻڌي مهاراجن پاڻ مٿل گڏري
کي گهلي کڏ ۾ اُڇلي درياهه تان اشنان ڪري هڪ پپل جي
وڻ هيٺان آسڻ ٻڌي پنهنجي ورتيءَ کي آتم سروپ ۾
استٿت ڪيائون.

پٺي جو ينگياڻي سو ٻهارو گهٽيءَ ۾ ڇڏي سيٺين، باون
باڻيٽن کي وڃي چيو ته اڄ ظلم ٿي ويو جو ساڌ مٿل ڪٿو گهلي
اسان ينگين جو ڪم ڪيو آهي ۽ اسانجي روزيءَ تي لت ڏني
آهي. ائين ٿيندو ته اسان بک مري ويندا سون.

ينگياڻيءَ جي ڳالهه ٻڌي ٻاوا ٻانيڻ، سيٺيون، موتيرام ۽ ٻيا
پاڻ ۾ ملي خوش ٿي چوڻ لڳا ساڌ تي وڏي قدم ڪڻڻ جو هي
ڏاڍو سٺو موقعو مليو آهي. جي هي وجهه هٿان وڃايو سون ته
پوءِ همت هٽڻا پوندا. هاڻي مکيءَ کي ساري ڳالهه ٻڌائجي. صلاح
ڪري ينگياڻيءَ کي چيائون ته تون ڪو ٻه خيال نه ڪر. اسان
پاڻهي انهيءَ ڳالهه جو بندوبست ڪريون ٿا. تون هينئر اسان
سان گڏجي مکيءَ وٽ هل. تنهن کانپوءِ سڀ گڏجي ينگياڻيءَ
کي وٺي مکيءَ وٽ ويا. کيس ساري حقيقت ٻڌائي چوڻ لڳا
ته مکي صاحب جي اعتبار نه اچيوَ ته هن ينگياڻيءَ کان پڇي
پڪ ڪريو. مکي صاحب ٻڌڻ ته چپ ٿي ويو پوءِ ينگياڻيءَ
کي چيائين ته تون وڃي پنهنجو ڪم ڪر. ٽهلئي کي سڏ ڪري
چيائين ته وڃي پائي ويرسي رام، پائي ٽهلرام ۽ پائي هاسارام
کي سڏ ڪري اچ. ٽهليو وڃي سيني کي سڏ ڪري آيو.
سيني اچي مکيءَ ۽ ٻين سان رام رام ڪري ويٺا. مکي صاحب
ٻڌايو ته اڄ صبح جو ڀڳت مٿل ڪٿو گهلي کڏ ۾ ڦٽو ڪري
آيو آهي. اها ڳالهه سڀني کانهي. جيڪڏهن تون هان ينگين جا
ڪم ڪندا ته پوءِ اوهانجي دڙ جو پاڻي ڪير پيئندو؟

مکي صاحب ٻڌڻ کي چيو ته اڄ صبح جو ٻه چار شهر جا سيٺيون، ٻاوا ٻانيڻ ۽ هڪ ڀنگياڻي مون وٽ آيا ۽ چيائون ته ڀڳت صاحب هڪ مئل ڪتو گهليو آهي. اُنهيءَ ڪري اسان ڀڳت صاحب کي هتي اچڻ جي تڪليف ڏني آهي. توهان کي جيڪي ڪجهه ان باري ۾ پڇڻو هجي سو ڀڳت صاحب کان پڇو.

هڪ برهمڻ اُٿي چوڻ لڳو ته ڀڳت جيڪو ڪم ڪيو آهي سو ڀنگين ۽ شودرن جو آهي. کتري، ويش ۽ برهمڻ جو اهو ڪم ناهي. تنهن ڪري ڀڳت پنهنجي ڌرم کي ڀرشٽ ڪيو آهي ۽ ٻين کي به ڪرم ڌرم کان وڃائي ڀرشٽ ڪندو. انهيءَ ڪري ڀڳت تي ڏنڊ رکجي ۽ ڪيس پنچات مان لاهي ڇڏجي.

هڪ ٻائي اُنهيءَ رٿ جي پٺڀرائي ڪئي. اُنهيءَ تي ٻائي ڇبلداس چيو ته سنت ديالو ٿيندا آهن. ڀڳت صاحب به هڪ غريب مائيءَ تي ديا آڻي جي گلر کي ٻاهر ڇڏي آيو ته ڪوئي دوش ڪونهي. پاپ ٿيندو آهي مارڻ ۾. ڀڳت صاحب ڪتو ماريو ته ڪونهي. تنهن ڪري منهنجو ته ويچار آهي ته انهيءَ ڳالهه کي ڇڏي ڏيو.

تنهن ڪانپوءِ ڀڳت ڏيارام اُٿي چوڻ لڳو ته ڀائرو، ٻائي ڇبلداس جيڪي چيو آهي سو سورهن آنا صحيح آهي. هڪ غريب مائي ڀنگياڻيءَ کي پلؤ پائي، ڀڳوان جو نالو وجهي چيو ته مون کان ٻه آنا وٺ، چار آنا ڪٿان ڏيان پر ڀنگياڻيءَ نه مڃيس. تنهن کان پوءِ ڀڳت صاحب جن کي ڀڳوان جو نالو وڌائين ته توهان ڀنگياڻيءَ کي چئو ته ٻه آنا وٺي گلر ڪڍي وڃي پر نٺر ڀنگياڻيءَ ساڻ جو ٻه چيو ڪين مڃيو ۽ ڇڏي هلي وئي. تنهن تي ٻئي روئڻ لڳي. جي ڀڳت صاحب مائيءَ تي ديا آڻي اهو ڪم ڪيو ته ڪو پاپ ڪونهي. وڏن وڏن رشين منين ۽ مهاتمائن پرماتما

مهاراج مشڪي چوڻ لڳا ته ماتا، ڳالهه برابر سچي آهي. اڄ صبح جو جڏهن گهران نڪري درياهه لـي تي ويس ته ٻاهر هڪڙي ٻڍيءَ مائي هٿ جوڙي مونکي چيو ته ڀڳوان جو نالو اٿيئي هن ڀنگياڻيءَ کي سمجهايو ته هي مٿل گلرو منهنجي در تان کڻي. نوڙي ۾ گلري کي ٻڌي اٿم، ٻه آنا ٻه ڏيانس ٿي پر چار آنه ٿي گهري. سو مان غريب ۴ آنه ڪٿان آڻي ڏيانس. تنهنڪري توهان چئوس، سو ماتا مون کيس گهڻي قدر چيو پر ڀنگياڻيءَ ڀڳوان جي نالي کي ڪين سڃاتو ۽ چوڻ لڳي ته چئن آنن کان گهٽ اصل نه وٺنديس. تڏهن مون دل ۾ ويچار ڪيو ته هن مورک کي ته ڀڳوان جي نالي جي مهما جي خبر ڪانهي پر مون کي ته رام جي نالي جو قدر آهي. تنهن ڪري غريب مائيءَ جو خيال ڪري ڀڳوان جي نالي کي ڏسي مٿل گلري کي نوڙيءَ کان وٺي ٻاهر ڪڍي ۾ ڇڏي آيس.

ڀائي ٿهلرام مهاراج کي چيو ته هاڻي ٻڌاءِ ته پنچن کي ڇا هلي چئون؟ تون ساڻ هلندين يا نه؟

مهاراج چيو ته توهان پنچن کي چئو ته ڪو ڪتو ماري پاپ ته ڪونه ڪيو آهي؟ مائيءَ کي غريب ڏسي دل ۾ ديا آئي تنهن ڪري لائين ڪيم، سو اُن ۾ ڪهڙو دوش آهي. پر جي پنچ اُنهيءَ ڳالهه ڪري ڏنڊ رکن ته ڪونه ڀريندا سون. منهنجي هلڻ جو ضرور ڪونهي. پر جي توهان ناراض ٿيو ته مان توهان سان گڏجي هلان. تنهن تي ڀائي ٿهلرام، ويرسيرام ۽ هاسارام چوڻ لڳا ته جيڪا توهان ڳالهه ڪئي آهي سا نيڪ آهي. پر توهان اسان سان گڏجي هلجو. مهاراج چيو ته چڱو مان هلندس.

شام جو پنچائت ڪٺي ٿي. مهاراج ڀائي ٿهلرام سان گڏجي پنچائت ۾ ويا.

ستگرو مهاراجن چيو ته مونکي نه وڏيڪ ڪجهه چوڻو ڪونهي، پر هڪ ڳالهه اوهان سڀني کان پڇان ٿو ته دکي جيون تي دیا ڪرڻ پاپ آهي يا پنج. سڀني چيو ته پنج. ستگرو مهاراجن چيو ته مون هن مائيءَ جي سقيم حالت ڏسي اهو ڪم ڪيو، انهيءَ ۾ ڪوئي دوش ناهي. باقي توهان چئو ٿا ته پنگتن جو ڪر آهي سو توهان جئن سمجهو تئن سمجهو. مون کي هن باري ۾ جيڪي چوڻو هوندو سو اچ سانجهيءَ جو ستسنگ ۾ چوندس. پلي اچي پڌجو. ايترو چئي مهاراجن بس ڪئي ته ساري پنگتات به ڪنڌ هيٺ ڪري چپ ٿي وئي. پنجن منٽن کانپوءِ مکي صاحب چوڻ لڳو ته توهان سڀ شانت ٿي ويا آهيو، سو هاڻي ميڙ سماپت ٿا ڪريون. گهر وڃي ويچار ڪجو. پر پنهن رات ۸ بجي پنگتات ڪٺي ٿيندي. پوءِ اچي پنهنجا پنهنجا رايا ڏجو. پنگتات برخواست ٿي ۽ هرڪو پنهنجي پنهنجي جاءِ تي ويو. رات جو نيم موجب ستسنگ ٿيو جتي مهاراجن هينئون پچن ڳايو.

راڳ ڪوهياري

ٽل - پنهنجي شاهه جي شڪارڻ آهيان مان -

بيو سنسو شوڪ نه پايان مان.

۱- بيحد بچڙي آنءُ پنگياڻي - در ڏاڍيءَ جي وٽان وڪاڻي،

جهاڙوُ روز لڳايان مان.

۲- لوڪ سڄو پل ڪري خواري - نام جو نالو سمجهيم پاري،

نام سان نينهن نڀايان مان.

۳- نيچ نماڻي اصل اياڻي - آهيان صاحب کي تي سيباڻي،

پرين کي پرچايان مان.

۴- ڪهي ڏيڏُون ستگور سمجهايو - هر رنگ ۾ هڪ لال لکايو،

سڀ جي سيڙ ڪمايان مان.

جي نالي تي سر ڏنا آهن. جي سچ پڇو ته سمورو ڏوهه ڀنگياڻيءَ جو آهي. تنهنڪري ڀنگياڻيءَ تي ڏنڊ وجهو، يا ڪيس ڪيڏي ٻيو هريجن شهر لاءِ گهرايو. تنهن تي سيٺ موٽيرام چوڻ لڳو ته ڀائي چيلداس ۽ ڀڳت ڏيارام ڀڳت جي خوشامند ڪئي آهي. هنن ٻنهي کي ڌرم جي کهڙي خبر ته ڀڳت پُن ڪيو آهي يا پاپ. اِها خبر ته پنڊتن ۽ برهمڻن کي آهي. تنهن ڪري برهمڻن جي ڳالهه رکي فيصلو ڪريو.

اُتي ڀائي پرمانند ۽ ٻابو رجهورام اُتي چوڻ لڳا ته ڀائرو، ڪنڊوءَ جي ڀرسان ڪيترا مسلمانن جا ننڍا ڳوٺ آهن، جتي ٻه ٽي گهر هندن جا آهن. ڪٿي نارن تي هندو رهن ٿا، يا ٻه يا ٽي دڪان واڻين جا آهن. ٻن چئن ميلن تي باغيچا آهن ۽ هندو نارن تي رهندا آهن. اُنهن جي گهرن، دڪانن يا اوطاقن يا باغيچن ۾ ڪا ٻلي مري وڃي ته اُهي هندو واڻيا ڀنگي ڪٿان گهرائيندا؟ ضرور پاڻ ٻليءَ کي ٻاهر ڦٽي ڪري اشنان ڪري ايندا هوندا، پر اُنهن تي ته ڪو پاپ ڪين لڳندو آهي. اڪثر ڪري جتي ڀنگي ڪونه آهن اُتي ته اُهڙا ڪم گهڻيئي پيا ٿين. پر تنهن هوندي به ٻاوا ٻانيڻ شاستر مان پرماڻ ڏيئي اسان کي ثابت ڪري ڏيکارين ته انهيءَ ۾ کهڙو پاپ آهي ته پوءِ ويچار ڪجي. تنهن تي مهراج گرداري رام چوڻ لڳو ته پنڊتن جا ڳالهه پڌري ٿئي آهي تنهن کي شاستر جي پرماڻ جي کهڙي ضرورت؟ هيءَ ڳالهه ته ٻار به سمجهندا ته هي ڪم ڀنگين جو آهي. وڌيڪ اسين ڇا چئون. جي انهيءَ ڳالهه جو پورو فيصلو نه ڪندا ته اڄ کان وٺي اسان مان ڪو به توهان کي پاٺ پوڄا جو ڪرم ڪونه ڪرائيندو ۽ نڪي اسين اوهان جي گهر جو پاڻي پيئندا سون.

پنڊتن جي اِها واد وواد ٻڌي مکي صاحب مهاراجن کي چيو ته جيڪي ڪجهه ٻاون ٻانيڻن ۽ پنڊتن ڳالهايو آهي سو توهان ٻڌو آهي. هاڻي توهان کي ڇا چوڻو آهي؟

پنهنجي گهر پهچان.

سڌانت - سَتِ چِتِ آنند آتما پنهنجي اَبناسي پار برهم گهر ۾ هو. ٻڙوانل اَگني روُپي ڦرني جي ڪري مايا روُپي بادلن دوارا جيئن روُپي برف ٿي سنسار روُپي هماليه تي ڪجهه ڏينهن اچي رهي ٿو. جڏهن ست وڇار روُپي سورج اُڀري ٿو تڏهن گيان وئراڳ روُپي گرميءَ ڪري جيو پڻو مٽائي آتما ٿي پرماتما روُپي مها ساگر سان ملڻ لاءِ پياس رکي راتِ ڏينهن ٻِنَ ڪري ڳوليندو رهي ٿو. جيسين برهم روُپي سمنڊ سان نه ملندو تيسين هن جيو جي آتما کي ڪٿي به آرام ڪونه ايندو. ستگرو مهاراڄ جا اهي ٻِشارتَ وچن ٻڌي ڀڳت شيوڪرام، سنت آلورام، گوبندرام ۽ سڀيئي ستسنگي ڏاڍو خوش ٿيا. مهاراڄ سڀني ستسنگين سان گهمندا ڦرندا جاءِ تي آيا ۽ اچي ستسنگ ڪيائون.

رات جو سالاري ۽ ڪنڊوءَ جي ساري پنچات ڪٺي ٿي. اُتي سيٺ گوپالداس چيو ته ٻائرو، سنتن جا خيال سنسار کان نرالا ٿيندا آهن. الائي سنت اهو ڪم ڪهڙي خيال کان ڪيو. تنهن ڪري منهنجو وچار آهي ته انهيءَ ڳالهه کي ڇڏي ڇڏيو.

تنهن ڪانپوءِ ٻاٻي رڳهورام چيو ته منهنجي به اِهائي مرضي آهي ته سنتن کي نه ستائجي. اِها ڳالهه اِتي ڇڏي ڏجي. مهراج گرڌاري رام چوڻ لڳو ته پورو پورو نياءُ ڪريو. باقي پاسخاطري ڪري جي ڳالهه کي گس مس ڪري ڇڏيندا ته اسان توهان سان ڪو به وهنوار ڪونه رکنداسون. هڪڙي ٻائي به اُتي چيو ته برهمڻ ديوتا سچ ٿو چوي. سيٺ گوپالداس ۽ ٻاٻي رڳهورام جن چيو ته سنتن جا خيال نرالا ٿيندا آهن ۽ هنن کي گهاٽي واٽي، مان اَپمان جي ڪائي خبر نه پوندي آهي. پر هي سنت ته چيلا چيليون پيو ڪري ۽ مائٽن کي ڌرم جا اُپديش پيو ڏي. رياءُ ڇڏي ڌرم جو خيال رکي پورو نياءُ ڪريو.

اهو پڇي ارت سميت ڳائي ٻس ڪيائون ته ساري سنگت جي اکين مان پاڻي وهڻ لڳو.

ستسنگ سماپت ٿيڻ کان پوءِ گهر جا ڀاتي ۽ ستسنگي ستگرو مهاراڄن کان پڇڻ لڳا ته هاڻي ڇا ٿيندو؟ ستگرو مهاراڄن چوڻ لڳا ته ڪائي چنتا نه ڪريو. هن سرشٽيءَ جي آد کان وٺي ڀڳوان نوان نوان رنگ ڏيکاريندو آيو آهي. سو توهان ساکي ٿي ويهي ڀڳوان جو تماشو ڏسو. اسان ته ڀڳوان جا کيل ڏسي ڏاڍو خوش ٿيندا آهيون. تنهن تي ماتا ڪرشنا چوڻ لڳي ته ابا توهان ته خوش ٿو ٿيو پر اسان ته ڏجيوتا وڃون. الائي ڪهڙيون هتان لڏائي نه ڇڏين. اهو ٻڌي ستگرو مهاراڄن چوڻ لڳا ته ماتا! ڀڳوان نه ڪنهن کي لڏائي، باقي ماڻهو ڇا ڪري سگهندا؟ اتي رمضان فقير جو وڏو پٽ اچي ستگرو مهاراڄن کي هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته سائين، اسان کي پٽ رمضان جي موڪل ڏيو ته گهروٽي وڃونس، جو ماڻس سخت بيمار آهي ۽ چوي ٿي ته رمضان جو منهن ڏسان. ستگرو مهاراڄن چيو ته ابا، ڀلي وٺي وڃوس. اسانجي ڪائي روڪ ڪانهي. رمضان ستگرو مهاراڄن کان موڪلائي پٽ سان گڏجي گهر ويو.

صبوح جو ستگرو مهاراڄ ساڌن مهاتمائن سان گڏجي درياهه تي ويا. ڪناري تي گهمندي پائي گوبند رام چوڻ لڳو ته اڄ ته درياهه ڏاڍي موج ۾ تيز رفتار سان پيو وهي. تنهن تي ستگرو مهاراڄن فرمايو ته ابا، هي درياهه کي پنهنجي آدي گهر سمنڊ ڇڏائي گهڻا ڏينهن ٿي ويا آهن. سمنڊ ۾ ٻڙوانل اگنيءَ جي پرتاو سان سمنڊ جو پاڻي ٻاڦ ٿي مٿي چڙهي بادل بڻجي هماليه جي مٿان وسي برف ٿي اتي ڪجهه ڏينهن رهي ٿو. تنهن کانپوءِ سورج جي تپت ڪري جڏهن پاڻيءَ جي صورت وٺي ٿو تڏهن پنهنجي آدي گهر کي ياد ڪري تيز رفتار سان ڊوڙي پنهنجي گهر کي ڳوليندو پيو وڃي. ڏاڍي اڪير اٿس ته جلد جلد وڃي

صلاح سان ڪرڻو آهي. پر هاڻي گوڙ ٿي پيو آهي تنهن ڪري مان هاڻي پنچائت جو ميڙ برخواست ٿو ڪريان. اهڙي طرح روز پنچائت گڏ ٿي ٿي پر ڪوبه فيصلو ڪونه ڪري ٿــي سگهيا. ٻه ڌريون ٿــي پيون. هوڏانهن ستگرو مهاراجن هر روز درياهه تــي اِشنان ڪري، پپل جي وڻ جي هيٺان ويهي نام جو ڄپ ڪندا هئا. ڪنهن مهل ١١ ٻجه گهر ايندا هئا ته ڪنهن مهل سڄ لٿي اَچي ستسنگ ڪندا هئا. اهڙي طرح پريم ۽ وئراڳ جي مستيءَ ۾ مست ٿيندا ويا. جئن ساوڻ جا بادل مستيءَ ۾ اچي گجندا آهن تئن مهاراجن رات جــو ستسنگ ۾ موج ۾ اچــي وچن جــي ورکا ڪندا هئا.

هفتي ڪن ڪان پــوءِ هڪ رات پنچائت ۾ سيٺ موتيرام چوڻ لڳو ته ڀائرو، وڏي اَفسوس جي ڳالهه آهي جو اٽڪل ١٠-١٢ ڏينهن پنچائت ڪندي ٿي ويا آهن پر اڃا ڪوبه فيصلو ڪري ڪين سگهيا آهيون. جيستائين توهان ساڌن جو طرف نه ڇڏيندا تيستائين فيصلو ٿيڻو ئي ناهي. توهانجي نيت آهــي ته هن ڳالهه کي اينگهائي لاءِ مٿي ڪري ڇڏيون. اُنهيءَ مــان ثابت آهي ته اوهان کي ڪوبه فيصلو ڪرڻو ناهي نه ته هيءَ ڳالهه بلڪل پڌري پئي آهي ته ڀڳت ڀنگين جو ڪم ڪري پنهنجو ڌرم بگاڙيو آهي. تنهن ڪري سوا ايڪونجاهه روپيه ڏنــڊ ۽ ادائي مڻ ڪڪڙن جا ڳانئين کي کارائي، معافي وٺي. اِئين نه ڪري ته پوءِ پنچائت مان لاهي ڇڏجيس ۽ ڪوبه سندس در جو پاڻي نه پيئي.

تنهن ڪانپوءِ ڀائو ناڪر گر اُٿي چوڻ لڳو تــه پنچو، سيٺ موتيرام جيڪا ڳالهه چئي آهي سا بلڪل ٺيڪ آهي. ڀڳت تي نه فقط ڏنڊ رکيو وڃي پر سندس مٿو به ڪوڙايو وڃي جئن آئينده اهڙا ڪم نه ڪري. توهان ڏســو نه ۔ هميشه بيماري ڪانه اچي پوندي. اڄ اهو پڪو فيصلو ڪري اُٿــو. ڀڳت باسري رام هٿ

تنهن کان پوءِ سيٺ موتيرام اُٿي چوڻ لڳو تہ ڀائرو! توهان ويچار تہ ڪري ڏسو تہ جي سنت، برهمڻ، ٻاوا، ٻانڀڻ ۽ ڀڳت ڀنگين جو ڪم ڪرڻ لڳندا تہ سنسار جو چرخو ڪيئن هلندو؟ اِهو ڌرم آهي يا اَڌرم؟ توهان سڀ ساڌ کان ڏڄو ٿا ڇا؟ پنچ ٻڌيا آهيو تہ پورو پورو آچار ڪريو، نہ تہ پنچائت ڪني ڪرڻ جو کھڙو ضرور پيو آهي؟

ڀائي ڦتومل چيو تہ موتيرام سچ ٿو چوي. جي ڏڄو ٿا تہ هتي ڪٿي تيرڻ جو کھڙو ضرور؟ جنهن ڪي جيئن وڻي تيئن وڃي ڪري. ڇا جون پنچائتون ڇا جا آچار. پر جي پنچائت قائم رکڻي اٿوَ تہ پورو پورو نياءُ ڪريو.

سيٺ ڇبلداس ۽ ڀاڳارورام چوڻ لڳا تہ ڀائرو ايرڪا ۽ شلت نہ ڪرڻ گهرجي. جيڪي چون ٿا تہ سنت تي ڏنڊ رکي پنچائت مان لاهي ڇڏجي سي ٻڌائي ڪين سگهيا آهن تہ سنتن پاپ کھڙو ڪيو آهي. هينئر بہ اُهي ٻڌائين تہ پوءِ اسين بہ اُن تي ويچار ڪريون. پر هرو ڀرو جي هو پنهنجي ضد تان هيٺ نہ ٿا لهن تہ اڳي وانگر ووٽن جي گهڻائيءَ سان هي فيصلو ڪريو.

مکي صاحب اُنهيءَ رٿ تي سيٺني جو راءِ گهريو. سيٺ ڀيرومل، موتيرام ۽ مهراج گرڌاري رام اُٿي چوڻ لڳا تہ مکي صاحب توهان بہ هن ڌر جو ٿا پاسو ڪڍو. ڪي فيصلا ووٽن جي ذريعي ڪبا آهن پر ڪي فيصلا اهڙا ٿيندا آهن جن ۾ ووٽن وٺڻ جي ڪائي ضرورت ڪانہ ٿيندي آهي ۽ ڌڻن جي راءِ تي فيصلا ٿيندا آهن. اُنهيءَ تي ٻي ساري پنچائت چوڻ لڳي تہ فيصلا ڌڻن ماڻهن جي چوڻ تي ٿيندا تہ پوءِ اسان غريبن جي وهڻ جو ڪو ضرور ئي ڪونہ آهي. اِئين چئي ڪاوڙجي اُٿيا ۽ اِئين پنچائت ۾ گوڙ ٿي پيو. تنهن تي مکي صاحب چوڻ لڳو تہ ڀائرو، شانتي ڪريو هيءَ ڳالهہ ٻڌو. هي فيصلو سيٺني جي

ڪريون. وري سياڻي شام جو پنڊت ڪني ٿيندي. صبح جو سوير هتي اچجو ته درياهه شاهه تي هلنداسون.

صبح جو ٨ بجي ڌاري سيٺي پنهنج مکي سان گڏجي درياهه تي اچي ڏسن ته ماڙ! درياهه اهڙي زور سان چاڙهي رهيو آهي جو ڪنڌوءَ جو شهر ٿوري وقت ۾ درياهه ڪٽي ويندو. اتي سيٺ گوپالداس سيٺ موتيرام کي چوڻ لڳو ته سيٺ، ڪٿان ٿا پائيون؟ هاڻي مشينون ڪيڏانهن ڪٽي ويندا؟ تڏهان ته پڪيت صاحب کي لڏائڻ جي ٿا ڪريو ۾ هاڻي ته اول اوهان کي پاڻ لڏڻو پوندو. درياهه کي پهرين اوهان نظر ۾ آهيو. موتيرام چوڻ لڳو ته ڪهڙي پرواهه آهي، لڏينداسون. پر پڪيت تي ڏنڊ ضرور وجهنداسون.

مکي صاحب کين چيو ته اهي چرچا ڇڏي ڏيو. وڏا ماڻهو ٿيا آهيو ته هيئنر شهر جي بچائڻ جو بار توهانجي مٿان آهي، سو وڃي اپاءَ سوچيو ته ڇا ڪرڻ گهرجي. سيٺ گوپالداس چوڻ لڳو ته چرچا ڪونه ٿا ڪريون ۾ اسان کي اهو پڪو نشچو آهي ته شهر باقي ۾ ٻه ڏهاڙا آهي. سنتن کي ستائڻ جو نتيجو اجهو اهو اٿو، جيڪو سڀ ڏسي رهيا آهيو. ڀائي آئلداس چيو ته اڄ رات درياهه شاهه جو پهراڻو ڪيئي اچي پلؤ پايون ته ڪا ڇٽڪار ٿئي. تنهن ڪان پوءِ ۾ ٻي پنهنج چوڻ لڳا ته ڀائرو، پاڻ کي هتي آئي اڌ ڪلاڪ مس ٿيو آهي ته ڏسو ته درياهه ڪيترو نه چاڙهي آيو آهي. جي اهڙي تيز رفتار سان آيو ته سياڻي شهر ۾ پهچي ويندو. اهو ڏسي مکي صاحب بابي ريجهورام کي چيو ته هاڻي هلي پهراڻي جو بندوبست ڪريو. ٻنهي شهرن ۾ هوڪا ٿا ڏياريون ته شام جو ٥ بجي سڀ پهراڻي سان گڏجي درياهه تي هلن. پنڊتاڻ سياڻي شام جو ٥ بجي ٿا رکون.

ساري شهر ۾ درياهه شاهه جي پائڻ جو هراس پکڙجي ويو.

مٿي ڪٽي چوڻ لڳو ته پائرو، گوسوامي ٺاڪرگر ۽ موتيرام چون ٿا ته پيگت صاحب تي ڏنڀ وجهو، ڇو ته ۽ روز روز ڪا بيماري ڪانه پوندي. سو اهڙي طرح اوهان پيگت صاحب کي لڏائڻ جي ڪوشش ٿا ڪريو. پر پنهنجي جهڳي جي ٻي ڪا خبر اٿوَ. جنهن ڏينهن کان وٺي توهان هي گوڙ شروع ڪيو آهي تنهن ڏينهن کان وٺي درياهه شاهه سنڌو ڪنڌيءَ ڏي رخ رکي تمام زور شور سان پائيندو پيو اچي. شهر کان باقي ٻه اڍائي فرلانگ پري آهي. درياهه شاهه جو جهڙو رخ آهي تنهن مان ائين ٿو سمجهڻ ۾ اچي ته باقي ٻن ٽن ڏينهن جي دير آهي. هاڻي اهو گوڙ ڇڏي صلاح ڪريو ته ڪٿي ٻار ٻچا هلي وهاريون ۽ ڪئن شهر جو بچاءُ ڪريون. سيٺي کي چئو ته ٽپڙ ٻڌن.

اها ڳالهه ٻڌي سڀ حيران ٿي ويا. ايتري ۾ پيگت ٻصر رام چوڻ لڳو ته پائرو، جيڪا ڳالهه پيگت ٻاسري رام ڪئي آهي سا بلڪل سچي آهي. مان پاڻ ڪالهه درياهه شاهه ڏسي آيو آهيان. هاڻي اجايو هن فساد ۾ وقت نه وڃايو. پنهنجي شهر جي ڪا ڳڻ ڪريو. تنهن ڪري سنتن جي ڳالهه ڇڏي هاڻي شهر کي بچائڻ جو اپاءُ ڪريو. ٻصر پيگت جا اهي اکر ٻڌي مکي صاحب چوڻ لڳو ته پنڊتو، اها خبر مونکي به آهي ته درياهه شاهه تمام زور سان ٿو پائيندو اچي. پر اسان هن ڪت پٽ جي ڪري ڪوبه خيال ڪونه ڪيو آهي. هاڻي پيگت جي معاملي جو هڪڙو فيصلو ڪريو ته پوءِ صبح جو گڏجي درياهه تي هلي ڏسون ته ڇا آهي. پيگت جيٺارام چوڻ لڳو ته پنڊتن جي گهڻائيءَ جي راءِ اها ٿي ڏسجي ته سادن تي ڏنڀ نه وجهجي ۽ نه ڪين رنجائجي پر جيڪن توهان ماڻهن جي راءِ تي فيصلو ڪرڻو اٿوَ ته پوءِ سيٺي پنڊتن کي گڏ ڪرڻ جو ڪوبه ضرور ڪونهي. اسان اڄ کان پوءِ انهيءَ باري ۾ پنچائت ۾ ڪونه ايندا سون.

مکي صاحب اٿي چوڻ لڳو ته هينئر ميز برخواست ٿا

ڪائڻ پيئڻ لاءِ باسڻ ٻرتڻ رکون ٿا، جنهن ڪري نڪرڻ ۾ تڪليف نه ٿئي. اهو ٻڌي ستگرو مهاراڄ مشڪي چوڻ لڳا ته ايترو گهٻرايو نه. هيءَ به پرڀوءَ جي ليلا ڏسڻ گهرجي. پنهنجو گهر ته تمام ٻچاڙيءَ ۾ آهي. ٻهرين ته ٻيو سڄو شهر آهي پوءِ به جي هرو ڀرو درياهه شاهه جي اها مرضي ڏنيسون ته توهان کي ٻڌائيندا سون. حال شانت ڪري ويهي رهو، خيال نه ڪريو. ستگرو مهاراڄ جا اهي وچن ٻڌي ڀائي ٽهلرام ۽ ٻيا چوڻ لڳا ته چڱو ڀلي هڪ اڌ ڏينهن لنگهي. ڏسون ته ڇا ٿو ٿئي. تنهن کان پوءِ سيئڻي رونئي ڪائي آرامي ٿيا ته برسات به زور سان پوڻ شروع ٿي. لڳاتار برسات وسندي رهي.

ٻن ٽن ڏينهن ڪانپوءِ وري هڪ ڏينهن پنچات ۾ مکي صاحب آئي چيو ته ڀائرو اڄ منجهند جو اسانجي هڪ پريمي اچي ٻڌايو ته درياهه بلڪل زور شور سان پائيندو پيو اچي. هاڻي هڪ طرف کان درياهه پائيندو اچي ته ٻئي طرف کان ٻن ٽن ڏينهن کان لڳاتار برسات به زور شور سان وسي رهي آهي ۽ ٻجلي ڪڙڪي رهي آهي. ڀائو ريجهورام چوڻ لڳو ته روزانو ڀراٽو ڪٺي هلي درياهه شاهه تي پلؤ پايو ته ڇٽڪار ٿئي. ٻيو ڪوبه چارو ڪونهي. تنهن تي سيئڻي پنچ چوڻ لڳا ته اها ڳالهه ٺيڪ آهي. ته ٽي شيواداري وڃي ڀراٽو تيار ڪن ته پوءِ ساري پنچات به ڀراٽي سان گڏجي درياهه شاهه تي پلؤ پائيندي. شيواداري وڃي ڪم ڪي لڳا.

تنهن کانپوءِ مکي صاحب چيو ته هاڻي ٻڌايو ته ڀڳت صاحب لاءِ ڪهڙو فيصلو ٿا ڪريو. سيٺ موتيرام چوڻ لڳو ته فيصلو ته ٿيو پيو آهي باقي انهيءَ ڪي عمل ۾ آڻڻو آهي. مکي پرينمل چيو ته ڪوئي فيصلو ڪونه ٿيو آهي، ساڻي عمل ڇا جو؟ هينئر منهنجو به اهو رايو آهي ته حال في الحال اها ڳالهه لڏي

شام جو بنهي شهرن جا ڪيترا ماڻهو ڀهراڻي سان گڏجي ڇيڇبون
هٽندا نچندا درياه شاهه ۾ ڀهراڻو پسروان ڪري پلؤ پائي موٽي
پنهنجي گهر آيا.

اُن ڏينهن ستسنگ ۾ پريمي مهاراجن کي چوڻ لڳا ته هي
پريؤ، توهان ته هر روز درياه تي وڃو پيا. ٻڌايو ته شهر جو ڪهڙو
حال ٿيندو. اسان ته ڏسي گهٻرائجي ويا آهيون. سمجهون ٿا ته
شهر باقي ڪي ٻه ٽي ڏينهن مهمان آهي. هاڻي ڇا ڪريون. ٽيڙ
ٽاڙي ۽ ٻار ٻچا ڪٿي ٻئي هنڌ ڇڏي آچون، يا شانت ڪري
ويهي رهون. جيئن آگيا ڪريو، تيئن ڪريون.

سنگرو مهاراجن فرمايو ته ڀڳوان مڙيو ئي چڱي ڪندو. توهان
گهٻرايو نه، شانت ڪري ويٺا رهو. پريمين کي دلداري ڏيئي
ستسنگ شروع ڪيائون. چيائون ته ڀڳوان جي ليلا اپرمپار آهي
جنهنجو ڪوئي انت ڪونهي. پنهنجا کيل پاڻ ٺاهي وري پاڻ
ڏسي ڪٿي خوش ٿيو ٿئي، ڪٿي روئي پيو، ڪٿي بادل ٿي
برسي، ڪٿي هوا ٿي وڻن کي جهولائي، ڪٿي اگني ٿي شهر
جلائي، ڪٿي درياه ٿي مستيءَ ۾ اچي پيو پائي. اهي سڀ
سندس ليلائون آهن. پاڻ سڀني کي ساکي ٿي ڏسندو آهي. ستسنگ
سماپت ٿيو. ساري سنگت ڀاؤ پرساد وٺي پنهنجي گهر ويئي.

تنهن ڪانپوءِ ڀڳت شيوڪرام ۽ ڀائي ٽهلرام سڀني کي چيو
ته جيئن اسان ڏسي آيا آهيون ته درياه هنڌو ڪوٺ ضرور
ڪنڌوءَ کي پائيندو. پوءِ سائين ٽيڙ کٽ ۾ تڪليف ٿيندي.
انهيءَ ڪري صبح جو سامان ٻڌو ته شام جو هتان نڪري شاهه
جي پٽ هلجي. ڀائي ٽهلرام چيو ته اها ڳالهه سٺي صلاح آهي،
ٽيڙ ٻڌڻ گهرجن. ڀائي ويرسيرام چيو ته اسان ٻه اڄ ۾ ئي اهو
خيال ڪري رهيا آهيون. شهر جا ڪي ماڻهو ٽيڙ ٻڌي پيا ٻڌن، اسين
ٻه صبح جو ٽيڙ ٻڌنداسون. سڀ سامان اماڻي تيا ڇڏيون، باقي

به نه مڃيندا ته دکي ٿيندا. تنهن تي ڀائي ڀاڳارورام، ڀائي ڪيول رام، ٽيڪومل، ٻصرورام چوڻ لڳا ته اسان سنڌن ڪيتري شڪتي ۽ گهڻيئي ليلائون ڏٺيون آهن. هن زبان کي طاقت ڪانهي جو اسين ورنن ڪري سگهون. توهان سڀيئي ٻڌيمان آهيو، ايترو نه ويچار ڪريو ته آنه نه مائيءَ ڏنا تي باقي به آنه ستگرو مهاراجن وٽ ڪونه هئا جو پنگياڻيءَ کي ڏين ها؟ جاڻي واڻي پنهنجي نندا ڪرائي اٿن ته جئن ڪين ڪوبه سڃاڻي نه سگهي. سو جي پنهنجي شهر ۽ ٻين جو ڀلو چاهيو ته هلي شرن پئي ڪانئن معافي وٺي جئڪار ڪرايو. رڳو ستگرو مهاراجن جي درياه شاه تي هلڻ جي دير آهي. وڌيڪ توهانجي مرضي.

ڀڳت ڏيارام ۽ سيٺ گوپالداس ته پنهنجن کي ڪالرا جي بيماري ۽ ستگرو مهاراجن جي ڪلا جي يادگيري ڏياري ڇيو ته وري به وڏائن ئي ڪم ٿيندو تنهن ڪري هلي سنڌن شرن وٺجي. مگر مهراج گرڌاري رام، ڀائي ڪلياڻ داس، ڪرمون مل ۽ ڀائي سترامداس چوڻ لڳا ته سنتن کان معافي وٺي شرن پئون؟ تنهن کان ته ٻڌي وڃي مرڻ چڱو آهي. اسان جو اهو ويچار آهي ته هالن ڏانهن ڪو ماڻهو موڪلي اتان ويهه پنجويهه ٻيل گاڏيون گهرائي ٻار ۽ سامان سڙو روانا ڪريون.

اهو ٻڌي ڀائي آئلداس ۽ ٻابي ريجهورام اُٿي ڇيو ته هنن سيٺين جو مغز جاء ڪونهي، جو چون ٿا ته ٻار ٻچا ۽ سامان هالن روانا ڪريو. ڀوري ٻاهر ته نڪري ڏسو ته برسات ڀرلئه ڪال ڪري ڇڏيو آهي. ٻزارين ۽ گهٽين ۾ ڪيڏو پاڻي پيو وهي ۽ ڪئن ڀيون نديون وهن. پڪ ڪري ڄاڻو ته ههڙي برسات ۾ نڪري ڪونه سگهبو. درياه شاه به ڪن ڪلاڪن ۾ شهر ۾ ڪاهي ايندو. تنهن ڪري سڃاڻ ٿيو. سنتن جي شرن وٺڻ کان سواء ٻيو ڪو حيلو ڪونهي. اهي ڳالهيون پئي ٿيون ته مکيءَ

ڇڏي ڏيو. ڏسو ته درياهه شاهه ڇا ٿو ڪري. سڀاڻي ٻيو پٽ هالن ۾ جاڇي ڪري درخواست ڪري ڇڏيو. ٻوءِ جڏهن ايشور ٻڌايو.

تنهن ڪانپوءِ سيٺڙي پنهنج ڇٽيون ڪٺي ڀرائي سان گڏجي درياهه شاهه ۾ ڀراٽو پروان ڪري، پلؤ پائـــي پنهنجي گهر موٽي آيا. اهڙي طرح ٻه ٽي ڏينهن سيٺڙي پنهنج ڀراٽو ڪڍي پلؤ پائي ايندا هئا.

هڪ ڏينهن ڀڳت ٻاسري رام مکي صاحب کي اچي چوڻ لڳو ته مکي صاحب! ڀڳوان جو هـــي عجيب رنگ ته ڏسو. جڏهن ڀراٽا ڪڍي درياهه شاهه کي ارداس پيا ڪريون ته ڪرپا ڪري پنتي هٿي وچ ٽٽن پاڻ اڳتي پائيندو پيو اچي. شايد درياه شاهه ائين ٿو سمجهي ته پنهنج روز اچـــي مونکي ائين ٿا چون تـــ درياه شاهه جلدي اڳتي هليو اچ. مکي صاحب، مان اڄ صبح جو ڏسي آيو آهيان ته درياه شاهه شهر جـــي حدن ٽي پهچي چڪو آهي. ڏسو تـــ برسات ٻه ڏينهون ڏينهن زور سان پئجي رهي آهي. تنهن ڪري اڄ ئي شام جـــو پنچايت ڪٺي ڪري ڪا صلاح ڪريو ته ڇا ڪرڻ گهرجي. مکي صاحب ٻهلڻي کـي آگيا ڪئي. ٻهليو ٻنهي شهرن ۾ ٻڌائي آيو ۽ شام جو ۴ ٻجي پنچايت گڏ ٿي.

مکي صاحب چوڻ لڳو ته يـــائرو، هڪ پاسي اندر ديوتا ڪوپ ڪري آيو آهي جو هفتي کـان لڳاتار برسات پئي پوي. هر روز شهر ۾ ڪيئي جايون ڀيون ڪرن ۽ ڪيترو چوپايو مال ٻه مري رهيو آهـــي. ٻئي پاسي درياه شاهه جـــي ٻه ڪمهري تـــي رهي آهـــي. هاڻـــي اهڙي صـلاح ڪيو جنهن ۾ شهر جو بچاءُ ٿئي.

سيٺ ڇبلداس چوڻ لڳو ته ڀڳت صاحب جي سرن وٺو ته جڏهن جنڪار ٿي وئي. ٻيو ڪوبه ٻچڻ جو رستو ڪونهي. جي اجا

اسان کي معافي ڏيو. اسان تي اهڙي ڪرپا ڪريو جو آئينده اوهانجي مايا ڀلائي نه سگهجي ۽ اسانجي شردا، پريم ۽ وشواس وڌندو رهي. جئن ڪرشن ڀڳوان دواپور ڀڳ ۾ گوورڌن پربت کڻي پنهنجي برجواسين جي رکيا ڪئي هئي تئن توهان به اُتي شهر کي تباهيءَ کان بچايو جو هڪ پاسي درياهه شاهه شهر کي ٻائي رهيو آهي ٻئي پاسي اِندر ديوتا ڪوپ ڪري آيو آهي. ڪيترن ڏينهن کان لڳاتار برسات وسي رهي آهي ۽ بجليءَ اهڙا ته چمڪاٽ پئي ڪياجو ڀانءِ ته ڪا پرلئه اچڻ واري آهي. وڌيڪ توهان جاڻي جاڻڻهار آهيو. اسان جي اوگڻن ۽ ڏوهن کي نه ڏسي پنهنجو برد جاڻي لڄ رکو.

پريمين جي پرارٿنا ٻڌي ستگرو مهاراجن چيو ته ڀڳوان جا عجيب رنگ آهن. ڀڳوان جي گت ڪوبه جاڻي نٿو سگهي ته ڇو اِئين ڪيو اٿس. پر پنهنجو ڌرم آهي پرارٿنا ۽ پرشارٿ ڪرڻ.

سلوڪ - پرشارٿ پڻ پرارٿنا - دونو ساڌن سار،
ڪهي ٽيئُون جن کي ڪبئي -
هووي جئه جئڪار.

پرشارٿ ۽ پرارٿنا جئن ويدن، ڇهن شاسترن ۽ سڀني گرنٿن جو سار يعني تت آهي، جن جي ڪرڻ سان ٺهي لوڪن ۾ جئه جئڪار ٿي وڃي ٿي. تنهن ڪري هينئر هتي ايشور کي پرارٿنا ڪريون ٿا ته سڀاڻي صبح جو هلي درياهه شاهه تي ڀڳيه ڪجو، جنهن ۾ هون ۽ ڀنڊارو ڪجو، جنهن سڀئي برهمڻ ساڌ، فقير غريب مسڪين ۽ اناٿ ڪائي خوش ٿين. ستسنگ ڪري پلؤ پائي سڀ گڏجي درياهه شاهه کي پرارٿنا ڪنداسون. مهراج گرڌاري رام کي هؤن لاءِ چئي ڇڏيو. ٻنهي شهرن ۾ سوچنا ڏيئي ڇڏجو ته مائي ڀائي درياهه تي اچي ڀڳيه ۾ ڀاڱو وٺن. ٻيو ڪوبه ڊپ نه ڪريو.

جي باغ جو ڪمدار ٻوڙندو ٻوڙندو پنچات ۾ اچي مکيءَ کي چوڻ لڳو ته سائين درياهه شاهه وڏيري جي باغ جو اڌ پائي ويو آهي، هينئر پنهنجي باغ کي پائي رهيو آهي. هڪ وڏو ٻڙ جو وڻ ۽ ٻه ٽي ٻيا وڻ به ڪيرايا اٿس. درياهه شاهه اهڙي ڳجهوڙ سان اُڇلون ڏيئي رهيو آهي جو ڀانءِ ته اڄ رات جو ئي موليرام جون مشينون ۽ سڄو شهر پائي ويندو. مکي صاحب ۽ سيٺيون پنهنج ڪمدار جي ڳالهه ٻڌي گهبرائجي ويا. تنهن ڪانپوءِ مکي صاحب چيو ته جيڪي سنتن جي برخلاف هجن سي هٿ مٿي ڪڻن. صرف سيٺ موليرام ۽ ٻانيڻن ٻاون هٿ مٿي ڪنيا. ڏنڊ وغيره جي رٿ ڪري پئي ۽ بحال ٿيو ته سنت جي شرن وڃجي.

مکي صاحب ٽهلئي کي چيو ته سنت وٽ وڃي اَرداس ڪر ته پنچ اچن ٿا. اوهين ڪرپا ڪري جاءِ تي هجو. پٺيان ساري پنچات پرشاد کڻي ستگرو مهاراڄن وٽ ويئي.

ستگرو مهاراڄن سيني کي وڏي آدر ستڪار سان ويهاري پڇيو ته ههڙي برسات ۾ ڪئن آيا آهيو؟ تنهن تي مکي، سيٺ موليرام ۽ سيٺ آئلداس، ڀيرومل، گوپالداس، چيلداس، بابو ريجهورام اُٿي هٿ جوڙي چوڻ لڳا ته سائين خبرون کهڙيون آهن. ايشور جي مايا اهڙي پربل آهي جو ڪرشن ڀڳوان ڪيترا دفع ماتا کي پنهنجو چتر ڀڄ سروپ ڏيکاريو ۽ ٽيئي لوڪ وات ۾ ڏيکاريا ته به ماتا ڀڳوان جي مايا ۾ ڀلجي ويئي. ڀڳوان کي سڃاڻي نه سگهي ۽ چوڻ لڳي ته ڪرشن منهنجو پٽ آهي. ههڙي طرح هي پرڀو، توهانجي مايا به اهڙي ته پربل آهي جو اسان کي هر گهڙيءَ ڀلائي ٿي ڇڏي. اڳ ۾ به توهان پنهنجي شڪتيءَ سان ساري شهر جي رکيا ڪئي آهي. پر اسان اگيان جي ڪري ڀلجي توهان کي سڃاڻي نه سگهياسون ۽ وري ٻيا توهان سان جهڳڙا ڪريون. هاڻي اسان سڀيئي توهانجي شرن ۾ آيا آهيون.

خوش ٿيا آهيون. ستگرو مهاراجن سرو شڪتيوان آهن، درياه شاه ڪي پري اماڻي ڇڏيندا، ايترو جو وري ڪنڌ وٺ جي شهر ۾ ڪين ايندو. ايترو چئي ٻه ٽي پڃن ڳائي بس ڪيائون. تنهن ڪانپوء ستگرو مهاراجن ڪنارو ڪٽي ستسنگ ڪرڻ لڳا. مهراج ليکراج رباب وڄايو، واحد بخش ۽ آسو سوناري دلا ۽ مهراج هوندلداس باجو، پائي جيتارام طبلا وڄايا. ستگرو مهاراجن پريم جي مستيءَ ۾ اُٿي ٻهي ٻانهن مٿي ڪڍي مٺڙ سر سان هي پڃن آلاپيو. ساري برهمانڊ ۾ هي مٺڙ آواز ڇانئجي ويو.

پڃن پيروي

ٿل- سچن جو دُولهه درياه شاه.

آهي راجا راڻول راؤ ظاهر پير زمين تي سو مالڪ بيپرواه.

١- پار برهم مان جل ٿيو پيدا- تنهن مان ٿي ڌرتي،
ڌرتيءَ مان ٿيا گل ڦل ميوا- باغ بڻيا بستي.
باغ گهمي گلزار ڏٺوسين- عجب چڙهي مستي،
چؤراسي لک جوٽين سو ساڻول ڏي ٿو ساه.

٢- درياه شاه جي در جا آهن- چارئي ورڻ پوڄاري-
ديوي ديوا ڪن ٿا شيوا- شرڌا سان صد واري-
دنيا جي سڀ ديس جا ٿا پوڄن نر ۽ ناري،
ٻاري جوتيون، گل ڦل چاڙهن- چت ۾ ڌاري چاه.

٣- سوين هزارين اچن سوالي- سڀ جا ڪارج ڪري-
پلؤ پريم سان پائين جيڪي- تن جي جهول ڀري،
آس ونڊن جي آس پڄائي- دکڙا درد هري-
ٻڏل جا ٿو ٻيڙا تاري- هيڻن جو همراه.

٤- نرمل نام تنهنجو جيڪي چاه رکي چوندا-
جڳ جڳ جهولي لال اڏيرو، لاٽ اهاا لوندا.
دُولهه جي ڪرپا سان سيئي پار وڃي پوندا،
ڪهي ٽيئون سو ڪامل آهي- ٻي واهن جي واه.

صبح جو درياه شاه جي ڪناري تي شاميانو هڻائي يگيه هوَن جي سامگري ڪٺي ڪجو ڄڻن ٨ بجي صبح جو هوَن شروع ٿي وڃي. ستگرو مهاراج جي آگيا ٻڌي سيئي پنهنجي جاء تي وڃي تياري ڪرڻ لڳا.

پرڀات جو ستگرو مهاراج اٿي ٻاهر نڪري ڏسن ته برسات بند آهي ۽ آسمان به صاف لڳو پيو آهي.

مکي صاحب صبح جو اٿي يگيه هوَن جي تياري ڪرائي. ٻه چار پنج ساڻ وٺي ستگرو مهاراج وٽ آيو ۽ پيرن پئي چوڻ لڳو ته سائين يگيه لاء سڀ بندوبست ڪري آيا آهيون. هاڻي ڪرپا ڪري توهان هلو. اهو ٻڌي مهاراج سڀني سنتن مهاتمائن ۽ مهمانن کي ساڻ وٺي، مکي پنهنجي ساڻ گڏجي درياه شاه تي آيا ۽ هوَن شروع ڪرايائون. تمام گهڻي خلق اچي وئي هئي. ستسنگ شروع ڪرايائون. پهرين ڪنڌڪوٽ جي ڀڳتن ملي ستسنگ ڪيو. پوء شاه جي پٽ سان ڀڳت چيتارام، ڪرشن داس، مهراج ليکراج، ڀڳت روپو ۽ ٻيا ڪيترا پريمي اوچتو اچي نڪتا.

ستگرو مهاراج ڀڳت چيتارام کي چيو ته چڱو ٿيو جو موقع تي آيا آهيو. هاڻي توهان پنهنجي منڊليءَ سميت ڪلاڪ ڪن ستسنگ ڪريو. آگيا پائي ڀڳت چيتارام، ڪرشن داس. ۽ مهراج ليکراج ستسنگ ڪرڻ لڳا. ڀڳت چيتارام پرارٿنا جو ڀڄن ڳائي چوڻ لڳو ته اسان اتي گهڻن ڏينهن کان پئي ٻڌو ته پنڊتن وري مهاراجن سان جهڳڙو شروع ڪيو آهي. اها به خبر ملي ته درياه شاه ڪنڌڪوٽ شهر کي پائيندو پيو اچي. تنهن رات سڀني ٻاڻ ۾ صلاح ڪئي ته هلي ستگرو مهاراجن جو درشن ڪري اچون. هتي شهر ۾ اچڻ شرط ٻڌوسون ته سڀئي پنج مهاراجن کي وٺي درياه تي يگيه ٿا ڪرائين. سو هتي هيءَ موج ڏسي ڏاڍو

گوسائين ٺاڪر گر مهراج گرڌاري رام، سيٺ موٽيرام، ڀائي ڦتومل ۽ ٻيا ٻه ٽي پنهنجي گڏجي ڏسڻ آيا ته درياهه لٿو آهي يا نه. درياهه کي لٿل ڏسي گوپالداس چوڻ لڳو ته اها اٿو سنتن جي شڪتي جو سيني جو ڪلياڻ ڪيائون.

ٻئي ڏينهن شام جو سنتن، مهاتمائن ۽ ستسنگين سان گڏجي ستگرو مهاراجن درياهه شاهه تي گهمڻ وياهه ڏسن ته درياهه شاهه پنهنجي هٽي رهيو آهي. هڪ رات ۾ هڪ فرلانگ کن پٺتي هٽي ويو هو. اهو ڏسي سڀيئي ستگرو مهاراجن جي جئه جئڪار ڪرڻ لڳا ۽ چوڻ لڳا ته پريو، هي ۽ ته وڏي قدرت ڏيکاري اٿو! تنهن تي ستگرو مهاراجن چوڻ لڳا ته هي ۽ ايشور جي مايا اننت کيل ڪري رهي آهي. هي ته هڪ عجيب کيل ڪري ڏيکاريو اٿس. توهان سڀ ساڪي تي ڏسندا رهو. ايترو چئي درياهه جي ڪناري جو سئر ڪندا جاءِ تي اچي ٨ بجه ستسنگ شروع ڪيائون. مهراج گرڌاري رام، ڀائو ٺاڪر گر ۽ ٻيا ٻه ڪيترا ساڌو، برهمڻ ۽ ٻنهي شهرن مان تمام گهڻي خلق آئي هئي. سارو ٿلهو ۽ ساري بازار پريمين سان ڀرجي وئي. اتي مهراج ليکراج سنتن جي مهما جو ڀڄن ڳائي چوڻ لڳو ته سنت مهاتمائون ۽ سد پرش، جي سنسار ۾ نه هجن ته سنسار جا جيو جنت دکي ٿي تاپن ڪليشن ۾ جلندا رهن.

سلوڪ - اگر لڳي آڪاس ۾ - جهر جهر ٻرن انگار، سنت نه هوون جڳت ۾ - ته جل مرتا سنسار

ارٿ- ته ساري سنسار کي لوڀ، ترشنائن، تاپن ۽ ڪروڌ جي اگني رات ڏينهن جلائي رهي آهي. سنت مهاتمائون وويڪ جي ورکا ڪري پريم روپي پاڻيءَ سان سڀني جيون جا هردا سيتل ڪري رهيا آهن جي مهاتمائون، برهم گيانــي سنسار ۾ نه

جنهن ڪرشن ڀڳوان جمنا جي ڪناري تي ٻهي مرلي وڄائيندو هو، برجواسي، پسون، پکيئي، جڙ چيتن سڀ پنهنجي سڌ ٻڌ ڀلائي، مرليءَ تي مست ٿي ويندا هئا، تنهن ئي ساري سنگت ستگرو مهاراجن جي پڃن روپي مرلي ٻڌي گهر ٻار، سارو سنسار ڀلجي، موڄ ۾ اچي، جتي سو تتي لائين تي مست ٿي ويو جنهن مورتون پت تي اسٿت هونديون آهن. ڪنهن کي به وقت جي خبر ڪانه پيئي جو مٿان اچي شام جا ۴ لڳا. مکي پرين مل آهستي اُٿي گوال لال کي ڏيري ڏيري چوڻ لڳو ته شام ٿي ڳوئي آهي، ڀوڄن تيار رکيو آهي ننڍين، وڏن، ٻارن کي بک به لڳي آهي. سو توهان مهاراجن کي اشارو ڪريو. گوال لال موقعو ڏسي ستگرو مهاراجن کي چيو ته سائين مکي صاحب چون ٿا ته تمام دير ٿي وئي آهي ۽ ٻارن کي بک لڳي آهي.

ايترو ٻڌي ستگرو مهاراجن چيو ته برابر دير ٿي وئي آهي. اسان کي ته پڃن جي موڄ ۾ ڪائي خبر ڪانه پيئي پر توهان به ڪونه ٻڌايو. هاڻي نام جي ڌني لڳايو. ايترو چئي ستگرو مهاراجن پلؤ پائي نام جي ڌني لڳائي.

دولهه تنهنجي در تي سڪ سان ڪريون سوال،
سوال سڻي سوالين جا ـ سدا ڏيءُ رکپال،
ڪر نظر ساڻ نهال ـ هن ساريءَ سنگت کي.

درياهه شاهه، ڀڳيه ۽ ستسنگ جي جنه منائي ستسنگ سماپت ٿيو. درياهه شاهه کي ڀوڳ لڳائي ڀنڊارو ڪوليو ويو. ستگرو مهاراجن، سادو، برهمڻ ۽ ساري سنگت پريم سان روٽي کائي خوش ٿيا. ساري سنگت پنهنجي گهر وئي ۽ ستگرو مهاراجن به سنگين ۽ سادن کي ساڻ وٺي درياهه جي ڪناري جو سئر ڪندا سالاري ڪان ڦري ۷ بجه پنهنجي آستان تي آيا.

ڪري پنهنجو اُڌار ڪري مڪتي ڦل پائين ٿا. گهڻا نہ اگياني اَووِيڪي جيو جيڙ ري، اوتاري رشين منين مهاتمائن مان ڪوبہ لاڀ پراپت نہ ڪري سگهندا آهن. اُلٽو انهن کي گاريون ڏيندا آهن ۽ گلا ئون ڪندا آهن ۽ انيڪ دک ڪشٽ ڏيندا آهن ۽ پوءِ پوءِ انهن مهاپرشن جي انتر ڌيان ٿي وڃڻ کان پوءِ، اُهي موڙھ اگياني منش پشچاتاپ ڪري روئي پاڻ کي نندينداآهن.

سلوڪ - پاڙي ويج هئام - تان هُون هُور نہ پڇيا، تنهـان پوءِ پيام - هـوري سر اکين ۾ .

ارٿ - پنهنجي پاڙي ۾ وڏا ڊاڪٽر هئا ۽ مان تمام روڳي بيمار هيس پر مان انهن ڊاڪٽرن کي نہ ڏسي سگهيس، جومنهنجي اکين ۾ گرميءَ سبب ڦلا پئجي ويـا هئا ۽ مون ڪوبہ علاج نہ ڪرايو پر جڏهن اُهي ڊاڪٽر مون وٽـان لڏي ويا تڏهن مونکي انهن ڊاڪٽرن جو قدر پيو ۽ تڏهن مان روئڻ لڳس.

سڌانت - هي اگياني جيو چوي ٿـو تہ جيسين اوتاري رشي مني، سنت مهاتمائون منهنجي پر ۾ مون وٽ هئا ۽ مان تاپن ڪليشن ۾ ترشنا جي روڳ ۾ روڳـي ٿيو پيو هوس تيسين منهنجو چت دکي ٿي چنتائن ۾ پئڪي رهيو هو ۽ رات ڏينهن مون کي آرام ڪونہ هو. مان پنهنجي اَناتم اَيمان جي ڪري اندو ٿي ڏسي نہ سگهيس. پنهنجي من جي روڳ مٽائڻ لاءِ آتم گيان جي دوا اُنهن کان ڪين ورتم. جڏهن اُهي سنت پرش اَنتر ڌيان ٿي پنهنجي ابناسي وطن ڏانهن ويا، تنهن کـانپوءِ مون کي پتو پيو . اڄ مان انهن کي ياد ڪري روئي رهيو آهيان. اهڙي طرح اهي منش پوءِ پڇتائي اوتارن، رشين منين مهاتمائن جي سماڌين ۽ مندرن جي پوڄا ڪري ڦل پائيندا. اهڙو چئي درياہ شاہ جو سڄڙ ڪري موٽي پنهنجي جاءِ تي آيا.

هجن ته سارو جڳت ٻنا اَگنيءَ جي جلي ڀسم ٿي وڃي. جو ست چت آنند، پريپورڻ پرماتما نراڪار آهي سو اننت روپن ۾ اوتار ڌارڻ ڪري اچي ٿو. اوتار ٽن پرڪارن جا ٿين ٿا. (١) ڪارڪ اوتار (٢) نمت اوتار (٣) نت اوتار. (١) ڪارڪ اوتار جهڙن سري رامچندر ۽ ڪرشن ڀڳوان جو اوتار ڌاري ايلائون ڪري دئيتن ۽ راڪسن کي ماري ڀوميءَ تان پاپين جو ٻار لاهي، اَڌرم کي ناس ڪري ڌرم جي استاپنا ڪيائون. (٢) نمت اوتار جهڙن نرسنگهه ۽ وامن ڀڳوان جي اوتار ڌاري پنهنجن ڀڳتن جا ڏک ڪشٽ دور ڪري جلدي انترڌيان ٿي ٿا وڃن. (٣) نت اوتار- سنت مهاتمائون رشي مني اوتار ڌاري جگياسن ۽ جڳت جي اُڌار واسطي اچن ٿا. جو اننت جگياسن کي آتم گيان ڏيئي جنم مرڻ جي چڪر کان ڇڏائي موکيه ڪن ٿا. اهي برهم گيان مهاتمائون ساکيات برهم جو روپ آهن.

برهم گياني آپ پرميشور-
برهم گياني کو کوجي مهيشور.

گرو نانڪ جن فرمائين ٿا ته برهم گياني مهاتمائون برهم جو روپ آهن جنکي شنڪر ڀڳوان ٻه ڳولي ٿو. برهم گياني مهاتمائن جي درشن ڪرڻ سان مها آنند جي پراپتي ٿئي ٿي ۽ ڪيترائي پاپ ڪشٽ وگهن دور ٿي وڃن ٿا. جهڙي ڪنڊو نگريءَ مٿان آپدا آئي، هڪ پاسي درياه شاهه، ٻئي پاسي برسات. اهڙو ته ڪرتار جو ڪوپ ٿيو جو ڪنڊوءَ جي نگري ٻڏي ڪونه ها پر ستگرو مهاراجن جي ڪرپا درشٽيءَ سان سڀ جهڙ جهڪار ٿي وئي. اڄ شام جو اسان ڏسي آيا آهيون ته درياه شاهه هڪ فرلانگ پٺتي هٽي ويو آهي ۽ گهڻو ڪري هٽتي کن ۾ سانئي جاءِ تي وڃي وهندو. اهي اوتاري پرش جيون شڪتيون آهن. اُنهن مهاتما پرشن کي وڏ ڀاڳي وو ڪي پرش ڏسي شرڌا سان شيوا

ڪناري تي هڪ سندر ايڪانت جي جڳهه ڏسي ٻهي چؤطرف
نهارڻ لڳا. ٽن طرفن کان سهڻا انبن، ڄمن، ٻيرن، ليارن، ميون جا
وڻ گلن ڦلن سان ڀريل نظر آيـــن، چوٿين طرف کان درياهه شاهه
پنهنجي گنڀيرتا ۽ شانتيءَ سان وهي رهيو هو. ڏکڻ کان ٿڌي ۽
سڳند واري هير ڌيري ڌيري لڳي رهي هئي. اهو سندر رمڻيڪ
نظارو ڏسي، جتي شيشم جا ٻه ٽي وڻ پاڻ ۾ مليل هئا، اُتـــي
ڪانيون، ڪک، پـــن گـــڏ ڪري هڪ جهوپڙي ٺاهيائون. انهيءَ
جهوپڙيءَ ۾ واريءَ جو ٻه سوا ٻه فوٽ ٿلهو ٺاهي، ٿلهي تي ويهي
پنهنجي آتم سروپ جو چنتن ڪرڻ لڳا. اهو سارو ڏينهن ورت
رکيائون ۽ ٻئي ڏينهن صبح جـو درياهه شاهه تـان اشنان ڪري
وڻن جا ڦل ڦول کائي، درياهه تـــان پاڻي پي جهوپڙيءَ ۾ اچي
پدم آسڻ ٻڌي سماڌي لڳائي چت جـــي ورتـــي پنهنجي آتم
سروپ ۾ استٿت ڪيائـون. اهڙي طرح نروڪلپ سماڌيءَ ۾
استٿت رهيا. شام جو ڌيري ڌيري سماڌي کولي اُتـــي جهوپڙيءَ
کان ٻاهر نڪري درياهه جـــو ڪنارو وٺي گهمڻ لڳا. هڪ پاسي
درياهه، ٻئي پاسي کان مها سندر جهنگل جي ٻهاري ڏسي ڪلاڪ
کن ڪاٺين سئر ڪري موٽي اچـــي ڪٽيا ۾ ويهي نـام جو ڄپن
ڪرڻ لڳـا. روز صبح جـــو اشنان ڪري، ڦل کائي پاڻي پـــي
ڪنهن مهل ڄپن ٺاهي ڌيري پيا ڳائيندا هئا تـــه ڪنهن
مهل سماڌي لڳائيندا هئا. شام جو ڪلاڪ کن درياهه جو ڪنارو
وٺي جهنگل جـــو سئر ڪندا هئا. انهيءَ وقت ستگرو مهاراجن
ويراڳ جي مستيءَ ۾ مست هوندا هئا جـــو رات جـو گدڙ ٻگڙ،
خوفناڪ جانور آواز ڪندا هئـــا، ڪنهن مهل تـــه مهاراجن جي
ڪٽيا ٻاهران اچي ڪيليندا هئا پر ستگرو مهاراجن سدائين ويراڳ
۾ نرڀئه رهندا هئا.

لنهن ڪانپوءِ ستگرو مهاراجن ستسنگ ڪرڻ لڳا. پريوءِ جي مايا جي پربل شڪتيءَ جي وارتا هلائي جگياسن کي اُپديش ڪرڻ لڳا.

راڳ جوڳ

راهه - پربل هئه يهه هر کي مايا - جنهن سڀ جڳ جيؤ ڀلايا.

١- ڪيتي شبد سپرش ۾ ٻانڌي - ڪيتي روپ رسن ۾ ساڌي،
ڪيتي گنڌ کي بيچ گلايا.

٢- ڪيتي ڪام ڪروڌ ۾ جاري - ڪيتي لوڀ موهه ۾ ماري،
ڪيتي اَهم کي سنڌ ٻهايا.

٣- ڪيتي يوگي پنڊت گياني - ڪيتي تپسي تياڳي ڏياني،
ڪيتي مسور خاڪ ملايا.

٤- ڪهي ٽيئُون اُن سڀ کو لوُٽا - ڪوئي ان سي ورلا ڇوُٽا،
جس ني گر کا چرن ڏيايا.

اِهو ڀڄن ارٿ سميت ڳائي ستسنگ سماپت ڪيائون. ساري سنگت پاؤ پرساد وٺي گهر وئي. اهڙي طرح مهاراجن نت نيم سان هر روز ستسنگ جي موج لڳائيندا هئا ۽ ٻنهي شهرن جي ڪيترن مائين، پائن جو پريم شرڌا وشواس وڌندو ويو. جيڪي ڀاوا ٻانيڻ ۾ شهر جا ماڻهو برخلاف هئا سي ب- آنيه پريمي ٿي پيا.

ستگرو مهاراجن راس ڏيهن ماڻهن جي پيرڙ ڏسي هڪ ڏيهن پرڀات جو ۴ بجه انگوڇو لوٽو کڻي گهران نڪتا ۽ درياهه تي اشنان ڪري ويهي وچار ڪيائون تہ ڪجهه وقت ڪٿي ايڪانت جو آنند وٺجي. اهو پڪو سنڪلپ ڪري درياهه جو ڪنارو ڏيئي هلندا ويا ۽ ٻي ٽي ميل پنڌ ڪيائون. درياهه جي

سندن ڳوٺها ۾ نڪتا. باغ گهميا، ٻيلا گهميا، رستا ڦريا، نهرون ڦريا، درياه شاه ويا، پنج ڏينهن لائين ڳوٺها ڪيائون پر پتو ڪونه پيو.

ماتا ۽ سيٺڻي ستسنگي ڏاڍو اُداس ٿي پيا. گهر جو وهنوار ۽ ڪاڻ پيٽ به ڀلجي وين، ننڊ ڦٽي پين. راتِ ڏينهن اکيون ڪڍي پيا نهارين ته ڪڏهن ٿا مهاراجن درشن ڏين. سڀ وياڪل گذارڻ لڳا. هوڏانهن ستگرو مهاراجن ڪٽيا ۾ يوگ تپ ڪري رهيا هئا. هڪ ڏينهن پرڀات جو ۴ بجي اُٿي ڏندڻ اِشنان ڪري ڪٽيا ۾ پدم آسڻ ٻڌي من کي سوُکيم ڪري سماڌيءَ ۾ استٿت ٿيڻ لڳا. اڃا پوري سماڌي ڪانه لڳي هئن ته گهنگهرن جو مڌر آواز ٻڌائون. دل ۾ ويچار ڪيائون ته گهنگهرن جو مهاسندر مڌر آواز هن وقت ٻن ۾ ڪٿان آيو. سندن سماڌي کلي پيئي. اکيون کولي آواز جي طرف نهارين ته هڪ مها سندر اَپسرا اچي رهي آهي؛ جنهنجي سوڀيا ساري ٻن کي اهڙو تہ پرڪاشت ڪري رهي آهي جو جڻ پورڻماسيءَ جو چنڊ ڪڙي رهيو آهي. اهو نظارو ڏسي دل ۾ خيال ڪرڻ لڳا ته هن وقت هن جهنگل ۾ هيءَ مها سندر استري ڪير آهي ۽ ڪٿان اچي رهي آهي ۽ ڇو آئي آهي؟ انهيءَ ويچار ۾ هئا ته اُها مها سندري ڪٽيا اڳيان ٻهي ڏانهن نهاري مشڪڻ لڳي. مهاراجن ان استريءَ ڏانهن نهاري ورِي ڪنڌ هيٺ ڪري من کي سمجهايو تہ شايد هيءَ مايا آهي جا اننت رنگ روپ ڌاري رشين، منين، مهاتمائن کي ڀلائڻ ايندي آهي. هيءَ ضرور مايا آهي. اهو دل ۾ پڪو نشچو ڪري ڪنڌ مٿي ڪڍي انهيءَ مها سندريءَ ڏانهن نهاري مشڪڻ لڳا ته اها سندري مهاراجن ڏانهن نهاري مشڪي چوڻ لڳي ته ڪلو ڇو ٿا؟ مونکي سڃاتو اَٿو ڇا؟

تنهن تي مهاراجن چيو ته توکي چڱيءَ طرح سڃاڻون ٿا.

ڪوت

ڀوڳن ۾ روڳ پئي - سکون وشي ڪئي پئي ،
ڌن مد پئي ڀوپ - چور ڪي رهت هئي .
داس ۾ سوامي پئي - جڳ ۾ رپو ڀئي ،
پئي ڪيل بيچ نيچ - ناري ڪو مهت هئي .
مان ۾ هان پئي - گڻون ۾ گلان پئي ،
ڪايا ۾ ڪرتانت پئي - پيه سروگت هئي ،
نرڀئه ويراڳ اڪ - ڌرو نرو س وويڪ ،
گايو مئن انيڪ - اب ٿاڪي ميري مت هئي .

ارٿ- دنيا جي وشئه ڀوڳن ۾ سرير جي روڳ ٿيڻ جو ڀؤ آهي. سک ۾ ونجڻ جي دک جو ڀؤ آهي. نوڪر کي سيٺ جو ڀؤ آهي. جيت ۾ هار ۽ دشمن جو ڀؤ آهي. وڏي ڪل کي نيچ استريءَ جو ڀؤ آهي ته متان ڪل کي داغ لڳائي ڇڏي. مان ۾ اپمان جو ڀؤ آهي. گڻوان کي مورک جو ڀؤ آهي. سرير کي موت ۽ بيماريءَ جو ڀؤ آهي. اهڙي ريت ساري سنسار جي پدارٿن ۾ ڀؤ سمايل آهي پر هڪ ويراڳ ۽ وويڪ ئي نرڀئه آهي. ستگرو مهاراجن اهڙي طرح نرڀئه رهڻ لڳا. ستگرو مهاراجن جي ورتي ويراڳ ۽ آتم ڌيان ڪرڻ سان آتم روپ ۾ ٿي ويئي هئي. پيانڪ جانور ڏسي دل ۾ چوندا هئا ته هنن ۾ نه منهنجو آتمارام آهي. ڪنهن مهل نه جانور راند ڪري هليا ويندا هئا، نه ڪنهن مهل اڳيان چپ ڪري ويهي رهندا هئا. ستگرو مهاراجن پنهنجي موج ۾ هوندا هئا. ڏينهان ڏينهن ستگرو مهاراجن جي ورتي آتم پد ۾ استٿت ٿيندي ويئي. اهڙي پرڪار ستگرو مهاراجن پنهنجو وقت آنند ۾ گذارڻ لڳا.

هوڏانهن جنهن ڏينهن مهاراجن پرڀات جو گهر مان نڪتا، سو سارو ڏينهن ماتا ڪرشنا کين ڳولهيو پر هو رات جو به ڪين آيا. ٻئي ڏينهن صبح جو سوير پائي لهلرام ۽ ڪي ستسنگي

مايا جواب ڏنو:

چند - ترپتا يگه ۾ جنم همارا - تين لوڪ پر مايا هئہ.
دواپر يگه ۾ ڦير دوائي -
جهنڊا دويت جهلايا هئہ.
سات ديپ ۾ ڀرت هون مئن -
ممتا محل بڻايا هئہ.
گرو همارا ڪلي ڪال پن -
پتي ديو مَن پايا هئہ.
پانچ پتر بلوان هماري -
جن سپ ڪو پڪايا هئہ.
ڪامديو ست سوربير ني -
مڇندر ڪو مڇلايا هئہ.
نارد مني ڪو موهت ڪرڪي -
اندر آد اُلجهايا هئہ.
ڪروڌ پتر درواسا جئسي -
بهتي مني تپايا هئہ.
ائسي آگ لگائي اُس ني -
خون اگيانن ڪايا هئہ.
لوڀ پتر دريوڌن آدڪ -
ڪورو ناس ڪرايا هئہ.
بڙي بڙي پوچاري پنڊت -
لوڀ بهت للڪايا هئہ.

تون مها موهڻي مايا آهين. پر سچ ٻڌاءِ تون شپ ڪرمي آهين يا ڪپ ڪرمي ۽ هتي ڇو آئي آهين. توکي ڪنهن موڪليو آهي يا پاڻهي آئي آهين؟ ڪوڙ ٻڌاءِ نه نه توکي اڄ ڏنڊ ڏيندس.

مايا گهٻرائجي ڪنبي ڇوڙ لڳي ته هي پريو! مان ڪپ ڪرمي مايا آهيان. اِندر ديوتا مونکي موڪليو آهي ته سنت جي پريکيا وٺي اچ ته ڇا جي لاءِ تو اهڙي ڪٺن تپسيا ڪري؟ سو مان اندر جي آگيا پائي آئي آهيان. پيو جيڪي پڇڻو هجيوَ سو جلد پڇو، مان توهانجي ڀڳتي، وئراڳ، تپسيا جي شڪتيءَ اڳيان بيهي نٿي سگهان. تنهن تي مهاراجن مايا کان هي سوال پڇيا:-

چند - ڪهه مايا ڪپ ڪرمي ڪئَسي -

پاپڻ نام کهايا هئَ،

کهان کهان تم بچر رهي هو -

ڪؤن مڪان بڻايا هئَ،

ڪؤن گرو پن پتي تمهارا -

ڪون پتر توُ جايا هئَ،

کهتا ٽيئُون ڪس جگه مانهين -

جنم آپ نے پايا هئَ.

ستگرو مهاراجن مايا کان پڇيو ته هي مايا، تو پاڻ تي ڪپ ڪرمي پاپڻ ڏائڻ ڏوڻي نالا ڇو رکايا آهن. اُنهي لوڪن ۾ کهڙي ڀڳه ۾ تون جائي آهين ۽ کهڙي ملڪ جو سفر ڪندي آهين. کهڙو تنهنجو گهر آهي جنهن ۾ تون رهين ٿي. تنهنجو گرو ڪير آهي ۽ پتي ڪير آهي. توکي پٽ ڪهڙا ۽ ڪيترا آهن.

منهنجي پيءُ جو نالو شپ ڪرمي ۽ منهنجو نالو ڪپ ڪرمي رکيو. ٽنهي لوڪن، يعني ديو لوڪ، مرت لوڪ ۽ پاتال لوڪ ۾ ترٿلو وجهي ڇڏيو اٿئون. دواپور يگ ۾ ويرڌياءُ وڌائي ڀيائيءَ جو جهنڊ وڪڙو ڪري مهاڀارت جي لڙائي ڪرايم. ستن ڏيہن ۽ نون کنڊن ۾ منهنجو واسو آهي يعني گهمندي آهيان ۽ ممتا روپي منهنجو محلات آهي.

ڇند - جو ڪڇهہ دکہ آ لاگت هئن -

سو ممتا ڪرهي هوتي هئن

ممتا ڪرهي اِسي جڳت ۾ -

جيو اگياني روتي هئن.

مطلب تہ هن سنسار ۾ ممتا جي ڪري اُي سڀئي جيو دکہ پائي انت جنمن تائين روئندا رهن ٿا. تہ اکري ممتا يعني ہ مما ۽ ٽيون تتو. معنيٰ آمان منهنجو ۽ تنهنجو.

گرو منهنجو ڪلجگ آهي ۽ پٽي ديو منهنجو ملين من آهي، جنهن مان مونکي پنج پٽ، ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهہ ۽ اهنڪار پيدا ٿيا آهن. اهي منهنجا پنجئي پٽ مهابلوان، سورويہ ۽ آگياڪاري آهن، جن ساري سنسار جي جيون کي دربدر ڪري ڇڏيو آهي. ڪامديو منهنجو پٽ اهڙو تہ سورويہ آهي، جو مڇندر جهڙي جتيءَ کي ہ موهت ڪري ڇڏيائين. هڪ ڏينهن، مڇندر جتي گهمندي هڪ راجڌانيءَ ۾ نڪتو، جتي صرف رائيون، راجڪماريون راڄ ڪنديون هيون. اتي وڃي اهڙو تہ ستسنگ ڪيائين ۽ رڌيون سڌيون ڪرامتون ڏيکاريائين جو ڪيترين راجڪمارين مٿس موهت ٿي پيون ۽ پاڻ ہ راجڪمارين ٿي موهت ٿي شادي ڪري راجائي يوڳ ڀوڳي، راڄ ڪرڻ لڳو.

موھہ پتر مھاپارت مانھين -
ارجن آد رئايا ھئہ.
گياني ڌياني وير وگياني -
ڦندي مانھہ ڦسايا ھئہ.
مھا پتر آھنڪار ٻلي ني -
راوڻ سيس ڪٽايا ھئہ.
تپسي تياڳي بھت ويراڳي -
اس ني آن گرايا ھئہ.
اس ڪارڻ مئن اسي جڳت مين -
پاپڻ نام ڌرايا ھئہ.
ستجگہ م ھئہ ستيہ ڪا واسا -
پانو وھان نھين پابا ھئہ.
مايا ٻولي سنو سوامن -
تم ڪو ساچ ٻتايا ھئہ.
ڪھي ٽيئُون مايا ڪا ڪھنا -
يھ مئن صاف سنايا ھئہ.

ڀاوارٿ - مايا ستگرو مهاراجن کي ھٿ جوڙي چوڻ لڳي ته ھي پرڀو اڄ توھان مون کان اھڙا سوال پڇيا آھن جي اڄ تائين ڪنھن به ڪونه پڇيا آھن. مان توھان کي پنھنجي ساري حقيقت ٻڌايان ٿي. ترينا يگ جي ٽن گڻن مان يعني ستي، رجي ۽ تمي مان، مان ۽ منھنجي ڀيڻ ڀئي گڏجي ڄاڙيون پيدا ٿيون آھيون. ايشور اسان جو پتا آھي. مھا شڪتي اسان جي ماتا آھي. پار برھم اسانجو ڏاڏو آھي. برھما اسانجو برھمڻ آھي، جنھن

نمسڪار ڪري، پنهنجي تپ ۽ اپسرا جي ساري ڳالهه ڪري ٻڌايائين. مهاديو به چيس ته هي منيشور، تون ڀڳوان جو پيارو ڀڳت آهين سو توکي اندر جي اپسرا ڇا ڀلائي سگهندي؟ تنهن هوندي به اها ڳالهه وشنو ڀڳوان سان نه ڪج. ناردمني سڌو وئڪنٺ پري ويو ۽ وشنو ڀڳوان کي نمسڪار ڪري پنهنجي ڪيل تپ، اپسرا، برهما ۽ مهاديو جي ساري ڳالهه ڪري ٻڌايائين. وشنو ڀڳوان دل ۾ سوچيو ته نارد منهنجو پيارن ۾ پيارو ڀڳت آهي. هن جي دل ۾ اهمپڻي جو انگور پيدا ٿيو آهي. سو انهيءَ جو ڪجهه اپاءُ سوچڻ گهرجي، جنهن هن جي ڀڳتي سدائين قائم رهي. اهو ويچار ڪري، وئڪنٺ ناٿ نارد کي چوڻ لڳو ته هي پتر، توکي آفرين هجي جو تون منهنجي مايا کي جيتي آيو آهين. هاڻي تنهنجو نالو مايا جيت مني رکون ٿا. ناردمني خوشيءَ ۾ اچي ويٺا وڄائيندو، نچندو نچندو ڀڳوان کي نمسڪار ڪري روانو ٿيو.

تنهن کانپوءِ وشنو ڀڳوان، جنهن رستي کان ناردمني وڃي رهيو هو، انهيءَ رستي تي هڪ مها سندر سري نگر بڻايو، جنهن ۾ راجا سيل نڌي پنهنجي مها سندر ڪنيا، وشوموهنيءَ جو سويمبر رچي رهيو هو. گهڻائي راجائون، راجڪمار، ديو ديوتائون رشي مني آيل هئا. ناردمني به اچي انهيءَ نگر ۾ پهتو. ٻڌائين ته راجا پنهنجي ڪنيا جو سويمبر ڪري رهيو آهي، جنهن لاءِ ڪيترا راجائون، ديوتائون، رشي مني آيل آهن. نارد سڌو راج سڀا ۾ آيو. راجا ناردمنيءَ کي ڏسي نمسڪار ڪري وڏي آدر ستڪار سان سوني سنگهاسن تي وهاري، هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته هي پريو مان پنهنجي ڪنيا جو سويمبر ڪري رهيو آهيان ڪرپا ڪري مهلات ۾ پيرا گهمائي، گهر پوتر ڪري، منهنجي پتريءَ جون ريکائون ڏسي ٻڌايو ته سندس ڪهڙو ڀاڳ آهي. ايترو چئي راجا وڏي ستڪار سان نارد کي وٺي، سڀ مهلات

اهڙيءَ طرح نارد کي ٻه موهي ڇڏيو هئائين، جو هڪ ڏينهن نارد مني ويڻا، يڪتارو هٿن ۾ کڻي اُتراکنڊ جي سير ڪندي ڪندي اچي سمير جي رمڻيڪ ٻن ۾ پهتو، جتي ندي وهي رهي هئي. نديءَ جي ڪناري تي تمال ۽ گندار جا وڻ پنهنجي گلن جي خوشبوءِ سان ساري ٻن کي سڳنڌت ڪري رهيا هئا. ڪير پپيها، چڪور، ڪوئل، مئنا، مور آد پنهنجون مٺيون مٺيون ٻوليون ٻولي رهيا هئا. اهڙي سندر رمڻيڪ جڳهه ڏسي نارد مني ويهي تپ ڪرڻ لڳو. اهڙي نه ڪٺن تپسيا ڪيائين جو اندر ديوتا جو آسڻ لڏڻ لڳو. اندر انترمک ٿي ڏٺو ته نارد مني ڪٺن تپ ڪري رهيو آهي، تنهن ڪري منهنجو آسڻ لڏيو آهي. اهو ويچار ڪري هڪ مها سندر اپسرا کي آگيا ڪيائين ته نارد مني جيڪو نديءَ جي ڪناري تي سمير جي ڪندرا ۾ گهور تپ ڪري رهيو آهي، تنهن جو وڃي تپ ڀنگ ڪري اچ. اپسرا سورنهن سينگار ڪري، نارد منيءَ وٽ اچي طرحين طرحين جا ناچ گانا ڪري، نارد منيءَ کي رجهائڻ لڳي. نارد مني اکيون کولي اپسرا ڏي نهاري، وري پنهنجي سماڌي ۾ استٿت ٿي ويو. اپسرا وري ٻه اننت رجهائڻ جا ڪيل ڪيا، پر نارد اکيون نه کوليون. آخر اپسرا موٽي اندر لوڪ ۾ واپس آئي. تنهن کانپوءِ، نارد مني اُٿي چوطرف نهاري دل ۾ چوڻ لڳو ته منهنجو تپ پورو ٿيو، جو اهڙي اپسرا ٻه مونکي موهي نه سگهي. اهو ويچار ڪري ڪرتال، يڪتارو ۽ ويڻا کڻي سڌو پنهنجي پتا برهما وٽ آيو ۽ پنهنجي ڪيل تپ ۽ اپسرا جي ڳالهه ڪري ٻڌايائين، برهما پنهنجي پٽر نارد جي ڳالهه ٻڌي چوڻ لڳو ته پٽ، اها ڳالهه ڪنهن ٻئي سان نه ڪجانءِ. ايترو ٻڌي نارد پتا کي پيري پئي روانو ٿيو.

گهمندي گهمندي ڪيلاش پربت تي اچي شنڪر ڀڳوان کي

۽ پاڻ وڃي انهن جون گهرجون پوريون ڪندا آهيون، تون نه پاڻ اسان ڪان گهري ٿو وٺين، سو اسان ڪئن نه ڏينداسون؟

نارد هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته هي پڙيو، توهان برابر سچ ٿا چئو. پر جنهن ۾ منهنجو ڀلو ٿئي ۽ سدائين مان سکي رهان سو اهڙو مونکي وچن ڏيو ته پوءِ مان توهان کان گهران.

تنهن تي وشنو ڀڳوان چوڻ لڳس ته جيڪو پدارٿ تنهنجي ڀلي لاءِ سکدائي هوندو، سو اوس توکي ڏينداسون. اهو اسانجو وچن آهي.

نارد مني خوش ٿي هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته هي ڀڳون! منهنجو اڄ اهڙو نه سندر روپ ڪريو جو ٽنهي لوڪن ۾ ڪنهن ٻه منش يا ديوتا جو نه هجي ۽ جنهن جي ملڻ ڪري منهنجو ڪلياڻ ٿئي. اڄ هن داس تي اهڙي ڪرپا ڪريو. وڪنٺ ناٿ مشڪي چوڻ لڳو ته هي منهنجا پيارا ڀڳت تو جيڪي اڄ مونکان گهريو آهي سو ڪنهن يڳ ۾ ٻئي ڪنهن مونکان ڪونه گهريو آهي. چڱو ائين ٿيندو.

نارد مني خوشيءَ ۾ ڀڳوان کي نمسڪار ڪري جلدي موٽي اچي انهيءَ راج نگريءَ ۾ سويمبر ۾ ويٺو. اچڻ سان ئي نارد جو منهن لنگور جهڙو ٿي پيو. هڪ سنو آسڻ ڏسي انهيءَ تي پدم آسڻ ٻڌي ٺاٺ باٺ سان سڌو ٿي ويهي، ساريءَ سڀا ڏي نهاري دل ۾ چوڻ لڳو ته ڀڳوان منهنجو سروپ اهڙو نه سندر بڻائي ڇڏيو آهي، جو سڀا ۾ ڪير به مونکي ٽڪو سڃاڻي سگهي. سڀيئي مون ڏانهن پيا نهارين اهو ويچار ڪري خوشيءَ ۾ ائين نه ٽڙي پيو جئن بسنت رت ۾ گلاب جو گل. ايتري ۾ راجڪماري جئه مالا هٿ ۾ کڻي سويمبر سڀا ۾ آئي. اُتي اهڙو نه پرڪاش ٿيو جو ڄاڻ ته چوڏهين جو چندرما ڪڙيو آهي. راج ڪنيا جئه مالا هٿ ۾ کڻي گهمندي، راجائون ڏسندي نارد جي ويجهو

گھمائي، پنھنجي ھيرن جواھرن جڙيل سيجا تي وھاري پنھنجي ۽ ڪنيا کي گھرائي سندس ھٿ ڏيکاريو. نارد راجڪماريءَ جي ھٿ جون ريکائون ڏسي، سندس مھا سندر تيجسوي روپ ڏسي، دل ۾ ويچارڻ لڳو ته ھيءَ راجڪماري جنھن کي پنھنجو پتي بڻائيندي سو ٽرلوڪيءَ جو ناٿ ٿيندو. ھن جي سوڀيا اھڙي ٿي ڏسجي جو سيتا، لڇمي ۽ پارٻتيءَ جي به جاءِ نه آھي. وري به راجڪماريءَ ڏانھن نھاري اھڙو ته موھت ٿي پيو جو گيان ڌيان، جپ تپ سڀ ڀلجي ويس ۽ دل ۾ خيال ڪرڻ لڳو ته وشنو ڀڳوان وٽ وڃي وينتي ڪري، اھڙو ته سندر مھا تيجسوي روپ وٺي اچي سويمبر ۾ وھان جئن راج ڪنيا منھنجي سونھن تي موھت ٿي، مونکي جئه مالا پائي.

اھو سنڪلپ ڪري راجا کي چوڻ لڳو ته ھي راڄن، ھن ڪنيا جو ڀاڳ تمام سٺو آھي. ھن کي راج رشي منڍي سروطي ماڻا پتي ور ملندو. ايترو چئي نارد باھر نڪري ٽڪڙو ٽڪڙو پند ڪري پنڃن منٽن ۾ وئڪنٺ پريءَ ۾ وڃي وشنو ڀڳوان کي نمسڪار ڪري بيھي رھيو. ٽرلوڪي ناٿ، نارد کي گھبرايل ڏسي چوڻ لڳو ته ھي ڀڳت، ڪيئن جلدي موٽي آيو آھين؟ خبر ته ڀڏاءِ ته سنسار ۾ سڀ سک شانتي آھي ۽ ڪنھن ڀڳت تي ڪا ڀيڙ ته ڪانه اچي پئي آھي؟ تون ايترو اداس ڇو ٿيو آھين؟ نارد منڍي چوڻ لڳو ته ھي پرڀو، اننت جنمن ۾ توھان جي چرنن جو داس ٿي رھيو آھيان ۽ ڀڳتي ڪئي اٿم، پر ڪڏھن به ڪو پدارٿ ڪونه گھريو اٿم. اج ڪنھن پدارٿ جي گھرڻ جي اڇا ٿي آھي. وچن ڏيو ته گھران.

ڀڳوان مشڪي چوڻ لڳو ته ھي مھامني، جيڪا به شيءِ ٽنھي لوڪن ۾ اسانجي وس ۾ ھوندي سا تنھنجي ڀلي لاءِ توکي ڏيندا سون. اسان ته سدائين پنھنجي ڀڳت جو ڀلو چاھيندا آھيون

وشنو ڀڳوان موٽي اچي وئڪنٺ پوريءَ ۾ پنهنجي آسڻ تي براجمان ٿيو. هوڏانهن نارد ڪيلاش ۾ وڃي، شنڪر ڀڳوان کي نمسڪار ڪري روئي چوڻ لڳو ته ڀڳوان منهنجي بي عزتي ڪرائي مونسان ڇٽ ڪئي آهي. ايترو چئي روئي ڀڳوان جي مايا رچت نگريءَ ۽ سراپ جي ساري حقيقت ڪري ٻڌايائين. نارد جي ڳالهه ٻڌي مهاديو چوڻ لڳو ته تو وڏي غلطي ڪئي آهي جو ڀڳوان کي سراپ ڏيئي مهاپاپ ڪيو اٿيئي. هي برهم پتر، تنهنجي مت ڪيئن ماري؟ ڀڳوان ته پنهنجي وچن تي قائم رهي تنهنجو ڀلو ڪيو آهي، نه ته تون مايا جي جار ۾ ڦاسي پنهنجي اننت جنمن ۾ ڪيل ڀڳتي، يوگ ۽ تپ ناس ڪرين ها، پوءِ چوراسيءَ ۾ ڀٽڪي دکي ٿين ها. هاڻي جلدي ڀڳوان جي شرڻ پئي معافي وٺ، نه ته تنهنجي ڀڳتي ناس ٿي ويندي جو تو ڀڳوان کي سراپ ڏنو آهي.

نارد مني مهاديو کي نمسڪار ڪري جلدي وئڪنٺ پوريءَ ۾ آيو، وشنو ڀڳوان کي ڏنڊوت پرنام ڪري، روئي هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته هي پڀو، مون کان وڏو پاپ ٿي ويو آهي، جو توهان کي ڪروڌ ۾ اچي سراپ ڏنو اٿم. هاڻي مونکي معافي ڏيو. ايترو چئي جڏهن تمام گهڻو روئڻ لڳو، تڏهن وشنو ڀڳوان مشڪي چوڻ لڳو ته هي نارد تو اسان کي اچي ٻڌايو ته مان تپ ڪري مايا کي جيتي آيو آهيان، تڏهن اسان ويچار ڪيو ته ڀڳت کي ايمان پيدا ٿيو آهي. سو ايمان اسان کان جدا ڪري ڪيل ڀڳتي ناس ڪندو آهي. تنهن ڪري اهڙي ڪا ليلا ڪجي جنهن ۾ اسانجي ڀڳت جو ايمان لهي وڃي ۽ سدائين اسان جي ڀڳتي ڪندو رهي. اهو ويچار ڪري، اسان اهو سارو کيل تنهنجي ايمان ٽوڙڻ لاءِ رچيو هو. تو ٻه اهو وچن گهريو هو ته جنهن ۾ منهنجو ڀلو ٿئي سو مونکي روپ ڏيو. انهيءَ ڪري اسانکي

اچي پهتي. نارد خوش ٿي راج ڪنيا ڏانهن نهاري مشڪڻ لڳو. راج ڪماري ڪنڌ هيٺ ڪري هلي ويئي. وري ٻئي ڦيري ۾ ٻه نارد جي اڳيان ڪنڌ هيٺ ڪري ڪلندي اڳتي هلي ويئي. نارد خوش ٿي راج ڪنيا ڏانهن نهارڻ لڳو. وري ٽئين ڦيري راج ڪنيا جڏهن نارد وٽان ڪنڌ هيٺ ڪري لنگهي وڃي وشنو ڀڳوان کي جئه مالا پهرائي، تڏهن نارد اهو رنگ ڏسي منهن ننڍڙو ڪري، هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳو. پاسي ۾ مهاديو جا گڻ نارد جي اِها حالت ڏسي کلي ڇوڙڻ لڳس ته تون ايترو اداس ڇو آهين. پنهنجو منهن وڃي آرسيءَ ۾ ته ڏس. نارد ٽپ ڏئي ڀت ۾ ٽنگيل وڏيءَ آرسيءَ ۾ وڃي نهاريو. پنهنجي شڪل باندر جهڙي ڪروپ ڏسي دل ۾ تمام دکي ٿيو. ٻاهر نڪري جهنگل ۾ اچي روئڻ لڳو. ڪجهه وقت ڪانپوءِ وئڪنٺ پوريءَ جو رستو وٺي هلڻ لڳو. واٽ تي چوندو پيو وڃي ته ڀڳوان مون سان دوهه ڪري منهنجي بي عزتي ڪرائي آهي، سو اهو حساب ضرور وڃي وٺندو سانس.

هوڏانهن وشنو ڀڳوان ويچار ڪيو ته نارد مني تمام ڪروڌ ۾ ڀرجي پيو اچي. متان هتي اچي گوڙ ڪري، تنهنڪري رستي ۾ ملڻس ته چڱو. اهو ويچار ڪري وشنو ڀڳوان ٻه ٽڪڙو ٽڪڙو اچي نارد سان رستي ۾ ملي ڇوڙڻ لڳو نارد، خوش پرسن آهين؟ نارد مني ڪروڌ ۾ اکيون لعل ڪري ڇوڙڻ لڳو ته هي ڀڳوان، تو مون کي باندر جو روپ ڏئي بي عزتو ڪيو آهي ۽ استريءَ خاطر جهنگل ۾ رُئاريو آهي. مان اهو توهان کي سراپ ٿو ڏيان ته توهان به استريءَ لاءِ مون وانگر جهنگل ۾ رُندا ۽ جڏهن ٻاپ جو روپ ڏئي مونکي بي عزتو ڪرايو اٿوَ، سي ئي باندر توهان جي مدد ڪندا. توهان جي به اهڙي بي عزتي ٿيندي. ايترو چئي، نارد وئڪنٺ پوريءَ جو رستو ڇڏي، الراکنڊ ڏانهن روانو ٿيو.

مهنن بعد نيڪو پورو ٿيس. حساب ڪيائين ته پنج هزار نفعو نڪتس. ويچار ڪيائين ته پنج سؤ روپيه روڪڙا چانديءَ جا ڪٽي چيلهه سان قابو ٻڌي روانو ٿيو. واٽ تي خيال ڪيائين ته اڍائي سو ڀيٽا به گهٽي ٿيندي. باقي اڍائي سؤ ٻٽي ڪنهن ڪم ۾ اچي ويندا. اهو ويچار ڪري، پيسا ڇوڙي، اڍائي سو روپيه جدا ڪري چيلهه سان ٻڌائين. باقي ميل ڪن شهر کان اوري هو ته وري دل ۾ چوٽ لڳو ته اڍائي سو به تمام گهڻا ٿيندا. اهي به پوڄاري ڪٽي ويندو. مهاديو کي ته ڪائي اڇا ڪانهي. هوُ ته پاڻ سڀني کي ڏيڻ وارو ۽ داتار آهي. اهو ويچار ڪريَ پوڻا چار سؤ جدا ۽ سوا سؤ جدا چيلهه سان قابو ٻڌي شهر ۾ شنڪر ڀڳوان جي مندر ۾ اچي پهتو. ڏٺو ته ڪيترا ماڻهو ناريل پيا رکن. پوڄاريءَ کان پڇيائين ته هي ماڻهو ناريل ڇو ٿا رکن؟ پوڄاريءَ چيس ته ڀائي جنهن جون ڀڳوان اڇائون پوريون ڪيون آهن، سي پريمي ناريل ڀيٽا پيا چاڙهين.

سيٺ دل ۾ چوٽ لڳو ته مون جهڙو بيوقوف مها مورک ساري سنسار ۾ ٻيو ڪو ڪونه هوندو، جو پنج سؤ روپيه ڀيٽا لاءِ گهران ڪٽي نڪتو آهيان. اڃا به ڳالهه وڃي ڪانه آهي مان به بازار مان ناريل وٺي اچي ڀڳوان کي ڀيٽا چاڙهي سکا پوري ٿو ڪريان. بزار ۾ ناريلن جي دڪان تي اچي ناريل جو اگهه پڇڻ لڳو. دڪان واري چيس ته ٻي آنه هڪ ناريل ملندءِ. ٻڌي سيٺ چوڻ لڳو ته ڀائي هيءُ ته ناريلن جو ملڪ آهي سو هڪ آني ناريل ڏي. دڪان واري چيس ته هڪ آني شهر کان ٻاهر باغ ۾ ملندءِ.

سيٺ سڌو باغ ڏانهن ويو. باغائيءَ کان ناريلن جو اگهه پڇيائين. باغائيءَ چيس ته هڪ آني هڪ ناريل. سيٺ چيس ته ٽڪي ڏي. باغائيءَ چيس ته ٽڪي کپئي ته وڻ تي چڙهي وڃي پٽ. سيٺ چار پئسا ٻن ناريلن جا باغائيءَ کي ڏيئي وڃي باغ ۾

تنهنجي ڀلي لاءِ لاچار توکي اهڙو روپ ڏيڻو پيو، نه ته تون مايا جي موهه ۾ موهه ۾ ڦاسي انيڪ دکه پائين ها. تو اسان کي جيڪو سراپ ڏنو آهي، سو اسان انگيڪار ڪيو آهي، ڇو ڇو اسان کي ڀلي دکه اچي پر اسان جي ڀڳت کي شل دکه نه اچي. هاڻي تون سدائين اسان جي مايا جو پڙ ڪندو رهه ۽ وڃي ڀڳتي ڪر.

ايترو ٻڌي ناردمني ڀڳوان کي نمسڪار ڪري روانو ٿيو.

مايا ستگرو مهاراجن کي چوڻ لڳي ته هي پريو منهنجي ڪامديو پٽ اهڙيءَ طرح نارد کي به موهي ڇڏيو ۽ اندر کي به ڀلائي ڇڏيو. اندر به هڪ ڏينهن گوتم رشي جي استريءَ اهليا جو روپ ڏسي موهت ٿي پيو، اهڙيءَ طرح اندر آد ڪيترن وڏن وڏن کي ڀلائي ڇڏيائين.

منهنجي ٻئي پٽ ڪروڌ، درواسا رشي آد انيڪ جيون کي ڪروڌ جي آگ ۾ جلائي ڇڏيو. اگياني جيون جو خون پيئندو آهي.

منهنجي ٽئين پٽ لوڀ دريوڌن، ڪورون آد راجائن جي ٻڌي ڀرشٽ ڪري منجهن وير ڀاءُ وجهي لڙائي ڪرائي ڪين ناس ڪيائين. وڏن وڏن مندرن جي پوڄارين، ڇٽني وڌن جي ڄاڻڻ وارن پنڊتن ۽ ٻين ڪيترن کي لالچ ۾ لٽڪايو اٿس.

جٿن ته:- هڪ لوڀي ڪنجوس لکاپتي سيٺ کي مايا ڇڏي ويئي. سو هڪ ڏينهن ڏهن ٻارهن ميلن جي مفاصلي تي هڪ وڏي شهر ۾ مهاديو جي مندر ۾ اچي مٿو ٽيڪي سگهيو ڪيائين ته هي ڀڳوان، مان هڪ جهنگل جو ٺيڪو ٿو کڻان، اُن مان جيڪو نفعو ٿيندو، تنهنجو ڏهون حصو اچي توهان لي پيئا چاڙهيندس. اها سکا ڪري وڃي ٺيڪو کنيائين. سارو جهنگل ڪٽائي، ڪجهه ڪوئلا، ڪجهه ڪاٺيون ڪري وڪيائين. پهن

۾ وجهي ڇڏيو. مونکي ڇڏي ڏي. پنڊت چيس ته ڀڳوان جي
نالي قابو جهل ته مان ٻئي ڪنهن کي مدد لاءِ سڏي وٺان. ڇو جو
مان به تنهنجي آسري آهيان. ٻنهي ڄڻن دانهون ٻڌي پوڄاري
کوهه تي اچي ڏسي ته سيٺ ۽ پنڊت لٽڪي رهيا آهن. اهو
رنگ ڏسي پوڄاري سيٺ کي چوڻ لڳو ته توکي کهڙيءَ ڪتي
کنيو جو اتي چڙهيو آهين. توکي ساري باغ ۾ ٻئي ڪنهن به وڻ
۾ هيٺ ناريل پسند ڪين آيا، جو هتي اچي لٽڪئين. وري
پنڊت کان پڇڻ لڳو ته پنڊت، تون ته رات جو روز مندر ۾ ڪٿا
ڪندو آهين، توکي کهڙي مؤت کنيو جو سيٺ سان گڏ
لٽڪڻ لڳين؟

پنڊت چوڻ لڳو ته ڀائي مونکي سيٺ چيو ته هتان مونکي
لاهه ته توکي هڪ سو روپيه ڏيندس. سو لوڀ وس ٿي لٽڪي
رهيو آهيان. پر هاڻي ڪرپا ڪري مونکي بچايو ته مان توهان کي
هڪ سو روپيه ڏيندس. سيٺ به چيو ته مان به توهانکي ٻه سو
روپيه ڏيندس. پوڄاريءَ خيال ڪيو ته مان ڪا ڪوشش ڪريان
جو ٽي سو روپيه ٿا ملن. پر ڪجهه وڌائي ڏين ته پاڻ چڱو. اهو
ويچار ڪري ٻنهي کي چوڻ لڳو ته هي ڀائرو سر جي ست
لڳائڻي آهي، ڪجهه رقم وڌائي ڏيو ته مان توهان جي بچائڻ جي
بچائڻ جي ڪا ڪوشش ڪريان. تنهن تي پنڊت چوڻ لڳو ته چڱو
مان توکي ٻه سو ڏيندس ۽ سيٺ چيس ته مان توکي ٽي سؤ
ڏيندس، پر جلدي ڪر جو منهنجون ٻانهون ٿڪجي پيون آهن ۽
وڌيڪ جهلي نٿو سگهان.

ايتري ۾ شهر جو هڪ ڇوڪرو باغ ۾ گهوڙي تي ناريل وٺڻ
آيو. پوڄاريءَ کيس چيو ته ڇوڪرا ڏهن منٽن لاءِ مونکي گهوڙو
ڏي ته هنن ٻنهي کي لاهي وٺان، توکي ڏهه روپيه ڏيندس.
ڇوڪري چيس ته پهرين مونکي ڏهه روپيه ڏي. پوڄاريءَ ڇوڪري

وڏا وڏا ناريل ڳولڻ لڳو. ناريل هئا تمام گهڻا، سو پسند ئي ڪونہ اچيس. پيو وڏا وڏا جاچي. باغ جي وچ ۾ هڪ وڏو ڪوهہ هو. جنهن جي مٿان هڪ ناريل جو وڻ نميو بيٺو هو. اُن ۾ بہ وڏا ناريل ڏسي پسند ڪيائين. دل ۾ چوڻ لڳو تہ جيڪو هينئون ناريل آهي سو ڀڳوان ڀولاناٿ کي ڀيٽا چاڙهيندس ۽ جيڪو مٿيون آهي سو گهر پرساد ڪري ڪٽي ويندس. اِهو ويچار ڪري بوڇڻ ڪلهي تان لاهي چيلهہ کي ڪاٻو ٻڌي ناريل جي وڻ تي چڙهي هينئون ناريل چني هيٺ ڦٽو ڪيائين. پيو ناريل ڪجهہ مٿي هو جنهن تائين هٿ پهچي نہ سگهيس. ڪڙيون مٿي ڪٽي ٻئي هٿ ناريل ۾ مظبوطي سان وجهي اهڙي تہ چڪ ڏنائين جو پير کسڪي ويس. ڪوهہ جي مٿان لٽڪڻ لڳو ۽ باغائيءَ کي سڏ ڪرڻ لڳو. انهيءَ وقت هڪ پنڊت باغيچي ۾ گهمڻ آيو هو. سيٺ جون دانهون ٻڌي ڪوهہ تي اچي پڇڻ لڳس تہ ڀائي خبر ڪر تہ هتي ڪيئن لٽڪيو آهين. سيٺ چيس تہ ناريل پٽيندي پير کسڪي ويم، سو هاڻي هتان لاهہ تہ توکي هڪ سؤ روپيہ ڏيندس.

پنڊت خيال ڪرڻ لڳو تہ مهنو راتين جو ڪتان ڪريان تہ بہ سؤ روپيہ مشڪل ڀيٽا ملن. تنهن ڪري هن سيٺ کي لاهي هڪ سؤ روپيہ چو نہ ڪمايان. باغائيءَ جو اُٺ جنهن تي ناريل ٻڌڻ لاءِ پلڻ بہ پيو هو، گاهہ ڪائي رهيو هو ان کي ڪاهي اکين تي ڪپڙو رکي ڪوهہ جي پرسان بيهاري اُٺ تي چڙهيو. سيٺ جي ٽنگن ۾ ٻئي هٿ مظبوط وجهي چوڻ لڳو تہ جڏهن چوانءِ تڏهن هٿ ڇڏجانءِ پر حال بلڪل قابو جهلجانءِ. ايتري ۾ هوا جي زور تي اُٺ جي اکين تان ڪپڙو اُڏامي ويو. اُٺ ڪوهہ ڏسي وٺي ڀڳو تہ پنڊت بہ سيٺ جي ٽنگن کي جهلي لٽڪڻ لڳو. سيٺ چوڻ لڳو پنڊت، تو تہ ٻارهن مون کي تڪليف

ستگرو مهاراجن کي مايا چيو تہ سائين، اهڙيءَ طرح ٻين ڪيترن کي بہ لوڀ ۾ لٽڪائي ماريو اٿس.

وري منهنجي پٽ موهہ سنسار ۾ اهڙو تہ موهہ جو جار وڇائي، ماڻهن کي ڦاسايو آهي، جنئن مهاڻو مڇين کي. ارجن جهڙي وير کي هٿيار ڦٽا ڪرائي روئاريائين. منهنجو پنجون پٽ اَناتم اڀمان آهي. جنهن راوڻ هرناڪس آدي سڀني جيون کي مانپڻي جي روڳ ۾ روڳي ڪري ڇڏيو آهي. ڪيترا تپسوي، تياڳي ويراڳي جيڪي آتم پد کي اچي پهتا هئا، تن کي اننت ڪيل ڪري ڦاسائي مها نرڪ ۾ اهڙو تہ زور سان اُڇليو اٿس جو اننت جنمن ۾ بہ نہ نڪري سگهن. رات ڏينهن روئي مونکي پيا پٽيندا آهن. انهيءَ ڪري هن سنسار ۾ منهنجو نالو پاپڻ پيو آهي.

پر جتي سنتن جي من ۾ ست چت آنند پرپورڻ پار برهم پرماتما جو واسو آهي، اُتي مان ڪونہ ويندي آهيان. جي اِندر مهاراج زور ڪري موڪليندو آهي تہ پوءِ لاچار ويندي آهيان. جي اُنهن سنتن مونکي سڃاڻي ورتو تہ اُتي منهنجو چل ول ڪونہ هلي سگهندو آهي، ۽ مان اُنهن سنتپرشن کي نمسڪار ڪري هلي ويندي آهيان. توهان تہ مونکي اچڻ سان سڃاڻي ورتو. تنهنڪري مون توهان کي پنهنجي سڄي وارتا ٻڌائي آهي. ايترو چئي مايا ستگرو مهاراجن کي ڏنڊوت پرنام ڪري وڃڻ لڳي تہ ستگرو مهاراجن مايا کي چوڻ لڳا تہ ڀلي وڃ پر اِندر مهاراج کي اسانجو هڪ نياپو ڏج تہ توهان ڪوبہ خيال ڪين ڪريو. توهان جي آسڻ ۽ سرڳہ لوڪ جي اسان کي اِڇا ڪانهي. اسين اڳئي امر لوڪ ڏانهن وڃڻ وارا آهيون، جنهن ابناسي گهر مان آيا آهيون، تنهن ابناسي گهر ڏانهن موٽي وينداسون. ستگرو مهاراجن ايترو چئي بس ڪئي تہ مايا وري بہ ستگرو مهاراجن کي نمسڪار ڪري تورو اڳتي وڃي اَنترڌيان ٿي ويئي.

کي ڏهه روپيه ڪيڏي ڏنا، پوءِ گهوڙي جي اکين تي انگوڇو رکي کوهه جي پرسان بيهاري گهوڙي تي بيهي پنبت جي ٽنگن ۾ ٻڌي هٿ وڌائين. ڇو ته گهوڙي جي هڪ اک تان انگوڇو کجهه پاسيرو ٿي ويو. گهوڙو کوهه ڏسي ڇرڪ ڀري اُٿي ڀڳو. پوڄاري به پنبت جي ٽنگن ۾ هٿ وجهي لٽڪڻ لڳو. مٿي سيٺ وٽي دانهون ڪرڻ لڳو، پنبت ۽ پوڄاريءَ کي چوڻ لڳو ته هاڻي مان نٿو جهلي سگهان. توهان پلائي ڪري مون کي ڇڏي ڏيو. پنبت ۽ پوڄاري سيٺ کي چوڻ لڳا ته پڳوان جي نالي پنج منٽ ڪن قابو جهلي بيهه. ايترو چئي دانهون ڪرڻ لڳا. باغائي دانهون ٻڌي کوهه تي اچي ڏسي ته مار عجيب رنگ لڳو پيو آهي. ٽيئي هڪ ٻئي کي وٽي لٽڪي رهيا آهن. باغائي پوڄاريءَ کي چوڻ لڳو ته تون ڪيئن لٽڪئين؟ پوڄاريءَ چيو ته به سؤ پنبت ۽ ٻي سؤ سيٺ تي ڏيڻا ڪيا، سو انهيءَ ماپا جي لوڀ ۾ لٽڪي رهيو آهيان، هاڻي سر ٿو وڃي، ديا ڪري مونکي بچاءِ. باغائي پوڄاريءَ کي چوڻ لڳو ته هي مها مورکه ويچار ته ڪر جيڪڏهن سيٺ وٽ ٻي سؤ روپيه هجن ها ته هڪ ٽڪي لاءِ ڇو لٽڪي ها ۽ پنبت وٽ پئسا هجن ها ته هن موت جي جاءِ ۾ ڦاسي ڇو لٽڪي ها؟ پنبت ته لوڀ جي ڪري لٽڪيو، پر سيٺ ته تمام ڪوڙو آهي ۽ وٽس پائي به ڪانه آهي.

باغائيءَ جا اکر ٻڌي سيٺ ڪاوڙجي چوڻ لڳو ته باغائيءَ جا پٽ، ڏس هيءُ پنج سو روپيه ڇيلهه سان ٻڌا پيا اٿم نه؟ ايترو چئي، جڏهن ٻئي ناريل کي ڇڏي ڏنائين تڏهن ٽيئي وڃي کوهه ۾ ڪريا ۽ ٻڏي مري ويا.

دوها - زيادهه لوڀ نه ڪيجيئي - زيادهه لوڀ ملين،
ايڪ ٽڪي ڪي ڪارڻي، لٽڪ موئي نر تين.

پرلوڪ ۾ اوهان سان سنگ آهيون. پر توهان خبر ٻڌايو تہ توهان ڪٿان آيا؟ ڀائي مينگھراج ساري حقيقت ٻڌائي چيو تہ ڀڳون، اوهان جو درشن ڪري خوش ٿيو آهيان، جئن مور بادلن کي، چڪور چندرما کي، پتنگ جوت کي، ڀنور گلن کي، مڇلي جل کي ۽ ڪنگال ڌن کي پائي خوش ٿيندو آهي، تئن مان بہ اڄ تمام خوش ٿيو آهيان. هاڻي ڪرپا ڪري جلدي هلو تہ هلون. انهيءَ تي ستگرو مهاراجن فرمايو تہ اَبا، هاڻي توهان وڃو. اسان ڪجهہ وقت هتي رهنداسون. ڀائي مينگھراج چيو تہ جيڪڏهن توهان نہ هلندا تہ مان بہ هتي توهان جي چرنن ۾ ويٺو هوندس. ستگرو مهاراجن مشڪي مينگھراج کي چيو تہ چڱو، توهان بہ درياهہ جي ڪناري تي ويهي ڀڄن ڪريو. مهاتمائون چون ٿا تہ هي مانش چولو ڀڳوان جي ڀڄن لاءِ مليو آهي.

چند - تن چيتن هيت ڀيو -

ڀو ڀوڳن هيت نہ ديو ديو،

اس هيت جنو تم ڀوڳہ تجو -

تن مانش ۾ نج برهم ڀجو.

مطلب تہ هيءَ مانش ديهي پنهنجي آتم سروپ کي سڃاڻڻ لاءِ ملي آهي ۽ نہ سنسار جي ڀوڳن ڀوڳڻ لاءِ. اُنهيءَ ڪري توهان سنسار جا ڀوڳ تياڳي هن منش چولي ۾ پنهنجي آتم جي درشن ڪرڻ لاءِ ڀڳوان جو ڀڄن ڪريو. ڀائي مينگھراج هارين کي چيو تہ توهان مينهون ڪاهي گھر وڃو ۽ بابا کي چئجو تہ منهنجو ڪوبہ خيال نہ ڪري. مان ستگرو مهاراجن سان گڏجي ايندس. هاري مينهون ڪاهي ڪنبوءَ روانا ٿيا. تنهن کانپوءِ ڀائي مينگھو ستگرو مهاراجن کان موڪلائي درياهہ جي ڪناري تي ويهي ڀڄن ڪرڻ لڳو.

تنهن ڪانپوءِ ستگرو مهاراج آسڻ ٻڌي نروڪلپ سماڌيءَ ۾ استٿت ٿي ويا. ڌيري ڌيري سماڌي کولي درياهه شاهه تان اشنان ڪري ٿورا ڦل کائي پاڻي پي ڪٽيا ۾ ويهي ڌيان ڪرڻ لڳا. ڪڏهين سماڌي لڳائيندا هئا ته ڪڏهن ڌيري ڌيري مڌر سر سان ويهي ڳائيندا هئا. هر روز پنهنجي من روپي ٻالڪ کي رجهائي، پنهنجي آتم سروپ ۾ لڳائي، استت ڪندا هئا.

مهني ڪن ڪانپوءِ پرڀوءَ جي اهڙي اچي قدرت بڻي جو هڪ ڏينهن ڪنڌوءَ ۾ ڀائي ڇبلداس جون مينهون چرڻ ڪاهي ويا. سو ڀائي مينگهراج ڀائي ڇبلداس جو پٽ ڀيري ۽ صوبيدار ساڻ وٺي چورن جا ڀيرا ڪڍندي، اچي جهنگل ۾ نڪتا. ڏسن ته هڪ وڏيءَ ڪنڌ ۾ مينهون ڪلن سان ٻڌيون بيٺيون آهن. مينهون ڇوڙي خوش ٿي درياهه شاهه جو ڪنارو وٺي پنهنجي ڳوٺ ڏانهن موٽيا. پنڌ ڪندي ڪندي قدرت سان اُتي اچي نڪتا جتي ستگرو مهاراج جي ڪٽيا ٺهيل هئي. ڀائي مينگهراج پري کان ستگرو مهاراج کي ڪٽيا ۾ ڏسي حيران ٿي ويو. ٻهي وري چٽائي ڏنائين. دل ۾ چوڻ لڳو ته آهن ته ستگرو. اهو خيال ڪري ڪٽيا ۾ ويو. ڏنڊوت پرنام ڪري اکين ۾ پاڻي آڻي چوڻ لڳو ته هي ترلوڪي ناٿ! اَڄ اَننت جنمن جو ڀاڳ جاڳيو آهي، جو اوچتو هن جهنگل ۾ درياهه جي ڪناري تي توهانجو درشن ٿيو آهي. هي پرڀو، توهان کي ڀائي ٺهلرام ۽ اسان سڀني ڳولهيو آهي ۽ اڃا به پيا ڳولهيون. ماتا ڪرشنا کي توهان جو ڏاڍو خيال ٿيو آهي. سڀئي تمام اُداس ٿي پيا آهن. ڪن پريمين ته ورت رکيو آهي ته ستگرو مهاراج جو درشن ڪري پوءِ روٽي کائينداسون. سو هي پرڀو! ڪرپا ڪري اسان سان گڏجي هلو. سڀني داسن کي درشن ڏيئي ڏک دور ڪيو. ائين چئي ڀائي مينگهراج ٻرلاپ ۾ روئڻ لڳو. ستگرو مهاراج چيس ته اَبا، اسان هن لوڪ خواهه

کي وٽي اچون. ڀائي ڇبلداس جي ڳالهه ٻڌي سڀئي ڏاڍو خوش ٿيا ۽ صلاح ڪيائون ته سڀاڻي صبوح جو ستگرو مهاراڄ کي وٽي اچون. ڀائي ڇبلداس کي چيائون ته هڪ هاري وٽي اچجو جيڪو هلي ستگرو مهاراڄ جي ڪنيا ڏيکاري. ساري شهر ۾ خبر پئجي ويئي. جگياسن ۽ اننت پريمين کي ساري رات خوشيءَ وچان، ننڊ ڪين آئي. انهن ائين محسوس ڪيائون ته ڄڻ رات وڏي پيئي آهي. ڇو ته ڪڏهن ٿو صبوح ٿئي جو وڃي ستگرو مهاراڄ جو درشن ڪري اکين کي پوتر ڪريون ۽ پنهنجي تتل دل کي ٺاريون. اهڙيءَ طرح ساري رات ستگرو مهاراڄ کي ياد ڪندي گذاري. سڪ ۾ سندن رات گذري ويئي.

صبوح جو سوير، ڪيترا پريمي ستسنگي اچي ستگرو مهاراڄ جي آستان تي ڪٺا ٿيا. ماتا ڪرشنا اکين ۾ جل آڻي چوڻ لڳي ته مونکي ضرور وٺي هلو، متان توهان سان نه اچي. سڀئي ماتا کي ساڻ ڪري درياهه جو ڪنارو ڏيئي ستگر جي سڪ جا ڀڄن ڳائيندا ۽ رام نام جي ڌني لڳائيندا، پنڌ ڪندا هليا. ستگرو مهاراڄ جي ڪنيا ٻاقي اڌ ميل کن پري هئي ته ڇبلداس جو هاري ٻيهي اِشارو ڪري چوڻ لڳو ته پريان جيڪي شيشم جا وڻ ٿا ڏسو، انهن جي هيٺان فقير صاحب جن جهوپڙيءَ ۾ ويٺا آهن. سڀئي پريان نمسڪار ڪري، تڪڙو هلڻ لڳا. ستگرو مهاراڄ جي جئهجئڪار ٻولائيندا اچي ڪنيا تي پهتا. ستگرو مهاراڄ جهوپڙيءَ کان ٻاهر نڪتا ته سڀئي پريمي ستگرو مهاراڄ کي پيري پئي وهندا ويا. ستگرو مهاراڄ ماتا ڪرشنا کي پيري پئي اچي ويٺا. ماتا ڪرشنا اکين ۾ جل آڻي چوڻ لڳي ته پٽ، ڪٿي اچي هن ٻن ۾ ويٺو آهين! هتي ڇا کائيندو هوندين! شرير کي ڪشٽ ڏيئي ڪيترو دربل ڪيو اٿئي! هلي پنهنجي گهر ۾ پريوءَ جو ڀڄن ڪر. ماتا جا اهڙي پريم ڀريا وچن ٻڌي ستگرو مهاراڄ هيءُ ڀڄن ٺاهي ماتا کي ٻڌايو.

ستگرو مهاراجن ٻه ڀڄن ڏاڍي ڌيري مٺڙ سر سان ڳائڻ لڳا. رات جو ٨ بجي اُتي ڀائي مينگهي ڪي ڪٽيا ۾ سڏي چيائون ته اَبا هاڻي توهان ٻه ڪٽيا ۾ اندر ويهي ڀڄن ڪريو، ڇو جو رات جو ڀيانڪ جانور اچي رانديون ڪندا آهن. پر توهان ڪوبه ڀَوُ نه ڪجو. ڀائي مينگهراج ڪٽيا ۾ هڪ ڪنڊ ۾ ويهي ڀڄن ڪرڻ لڳو. ستگرو مهاراجن پدم آسڻ ٻڌي سماڌي لڳائي، پنهنجي ورتيءَ کي آتم پد ۾ استٿت ڪيو. پرڀات جو ڀائي مينگهراج کي اُٿاري پڇڻ لڳا ته ابا رات ڀَوُ ته ڪونه ٿيو هوءِ؟ ڀائي مينگهراج چيو ته پرڀو، ١٠-١١ بجي خوفناڪ آواز ٻڌڻ ۾ آيا. تنهن ۾ منهنجو ڌيان ٽٽي پيو ۽ ٻاهر ڏٺم ته ٻگهڙ وغيره پاڻ ۾ رانديون پيا ڪن. ٿورو ڀَوُ ٿيم. وري توهان ڏي نهاريم ته سارو ڀَوُ لهي ويو. تنهن کانپوءِ سمهي رهيس.

هوڏانهن هاري مينهون ڪاهي وڃي ڪنڌوءَ پهتا. ڀائي ڇٻلداس کي چيائون ته واڌايون هجنؤ مينهون ڪاهي باغ ۾ ڇڏي آيا آهيون. توهان ٻه اسان کي واڌايون ڏيو جو سوامي جن جو درشن ڪري آيا آهيون. اِهو ٻڌي ڀائي ڇٻلداس خوش ٿي چيو ته ڏاڍو چڱو ٿيو. پر مينگهو ڪٿي آهي؟ هارين ساري حقيقت ڀائي ڇٻلداس کي ڪري ٻڌائي ۽ چيو ته مينگهراج اُتي ستگرو مهاراجن وٽ ويهي رهيو، چيو اٿس ته منهنجو ڪوبه خيال نه ڪريو، مان پاڻهي ستگرو مهاراجن سان گڏجي ايندس. هاري پوءِ پنهنجي جاءِ تي ويا. ڀائي ڇٻلداس ستگرو مهاراجن جي استان تي ويو. ڏٺائين ته ستسنگ سماپت ٿي ويو هو. باقي ستسنگي اچا ويٺا هئا. اُتي ڀائي ڇٻلداس، ڀائي ٿهلرام، ماتا ڪرشنا ۽ سڀني ستسنگين کي ساري ڳالهه ٻڌائي ۽ چيو ته ستگرو مهاراجن هڪ ڪکن جي جهوپڙي ناهي، اهڙي ته گهور جهنگل ۾ اچي ويٺا آهن جتي ڪوبه ماڻهو وڃي نه سگهي. مينگهي جي ٻه الاءِ ڪٿي وڃي مٺي نظر پيئي. هاڻي صلاح ڪريو ته هلي ستگرو مهاراجن

جي اڳيان رکيائون. مهاراڄ آگيا ڪئي ته ساري سنگت کي ورهائي ڏيو. سڀئي ڦل کائي خوش ٿي چوڻ لڳا ته هي پريو، ههڙا مٺا سڳنڌ وارا ڦل اسان جنم ۾ ڪونه کاڌا آهن. تنهن تي ستگرو مهاراڄ چوڻ لڳا ته، ابا جيڪي جهنگلن ۾ ويهي ڀڳوان جو ڀڄن ڪندا، انهن پيارن جي لاءِ ڀڳوان بن ۾ خاص ڦل پيدا ٿو ڪري ته هو کائي نس ڦرني ٿي ڀڄن ڪن. سو توهان به ڦل کائي ويهي ڀڳوان جو ڀڄن ڪريو.

سڀئي ڦل کائي جدا جدا وڻن جي هيٺان ويهي ڀڄن ڪرڻ لڳا. ستگرو مهاراڄ وڃي ڪٽيا ۾ ويٺا. شام جو ٥ بجي ڪٽيا کان ٻاهر نڪري، ستگرو مهاراڄ درياهه تان پاڻي ڀري اچي ڪٽيا جي اڳيان هڪ ٽاريءَ جي وڻ هيٺ ويٺا. ايتري ۾ پريمي به ستگرو مهاراڄ کي پيري پئي ويهندا ويا. تمام وڏي سڀا لڳي ويئي. اُتي سوامي گوال لعل جن ستگرو مهاراڄ کي هٿ جوڙي چوڻ لڳا ته هي پريو، توهان جي مايا پربل آهي. سڀني جيون کي موهي پنهنجي وس ۾ ڪيو اٿس. اِنهيءَ مايا کان هيءُ جيوُ ڪيئن ڇٽي سگهندو؟

ستگرو مهاراڄ مشڪي چوڻ لڳا ته ابا، مايا ڇا کي ٿو چئجي؟

نام روپ ست مٿيا مايا - تا ڪب اِستر هوتي هئه،
پيدا گهٽنا عادت اِسڪي - چلتي هئه ڪب سوتي هئه،
انت اُديت کيل ڪري ٻن - هستي هئه ڪب روتي هئه،
کهي ٿيئون يهه موهني مايا - پار برهم کي جوتي هئه.

پوءِ اِنهيءَ مايا کي جئين جو تيئن سمجهائي، پوءِ ڇٽڻ جو رستو ٻڌايو، جيڪي توهان اکين سان ڏسو ٿا، سو سڀ مايا آهي. اهڙي نه هن مايا ۾ شڪتي آهي، جو ايشور جي آسري آهي، پيدا ٿي، خود ايشور کي به ڍڪي ڇڏيو اٿس. جئين پاڻي

سر ڪنسو پچن

ٿلُ- مٿان ماتا جهلين مونکي - پريو لئه مان پڪاريان ٿو.

١- ملڻ لئه مون گرو ڍونڍيو - مليو ستگر چڱو چونڊيو،
جنهن مستان مون موڙيو - برهه جي باهه ٻاريان ٿو.

٢- اچي سڏ ٿي ڪري سوري - ٻري دل ۾ درد ڪوري،
رکي دل پرين سان پوري - لڪئي جو ليکه پاريان ٿو.

٣- برهه جي باهه گهر ٻاري - گلا تڏهين سهان ساري،
آتم تن ۾ طلب تاري - اکين مان آب هاريان ٿو.

٤- ڪهي ٽيئون لڳا ٽوڙي - بندڻ سنسار جو ڇوڙي،
وشئه ڪان پاڻ کي موڙي - گرن سان گڏ گذاريان ٿو.

جڏهن ستگرو مهاراج ڳائي رهيا هئا تڏهن ماتا ۽ سينڌي پريمين جي اکين مان جل جون ڌارائون پريم ۾ وهي رهيون هيون. تنهن کانپوءِ ماتا چوڻ لڳي، چڱو ابا، جتي وڻيئي اتي پڳتي ڪر، پر هاڻي گهر هل. ستسنگين به ستگرو مهاراج کي هلڻ لاءِ گهڻو زور پريو.

ستگرو مهاراج چوڻ لڳا ته هاڻي توهان وڃو اسان پوءِ پاڻيهي اينداسون. ستسنگي چوڻ لڳا ته هي پريو هلو ته گڏجي هلون، نه ته اسان به گهر ڪونه وينداسون. جتي توهين، اتي اسين. هتي به درياهه شاهه ۽ بن جي بهاري لڳي پيئي آهي. جي چئو ته اسان به هتي ڪٿيائون ناهي، پچن ڪريون. ستگرو مهاراج فرمائو ته ابا، ڌاڀو سنو. درياهه تان اشنان ڪري، ڦل ڪائي پوءِ ويهي پچن ڪريو. اهو ٻڌي سيئي پريمي درياهه تان اشنان ڪري اچي وينا. ستگرو مهاراج آنماننډ، اوم پرڪاش ۽ ٻائي مينگهراج کي آگيا ڪئي ته وڻن مان ڦل ڇنڊي اچو.

آگيا پائي، وڃي ڦل ڇنڊي جهوليون ڀري، آڻي ستگرو مهاراج

جي ڪندرائن ۾ لڪا آهن ۽ اُتي پڇن ڪن ٿا، سي مايا کان ڪيئن بچيا آهن. ستگرو مهاراجن فرمايو ته هوُ ٻئي سنسار جي وهنوار جي ڪٽڪي کان ڇٽي، ايڪانت ۾ وڃي سکي ٿيا آهن. سنسار جو وهنوار به هڪ وڏو ڪٽڪو آهي. جيترو پتر ڌن ۽ ڪٽنب پروار گهڻو، اوترو ڪٽڪو، اَشانتي وڌي ٿي. ائين هو مايا جي ڪٽڪي کان ڇٽي، پنهنجي جند ڇڏائين ٿا.

اوم پرڪاش هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته هي ترلوڪي ناٿ مون کي به شنڪا آهي ته اُهي مايا کان ڪيئن ٿا جند ڇڏائين؟ ستگرو مهاراجن چيو ته هي پتر! جيڪي پرم وئراڳي جگياسو آهن، سي سنسار ۾ اناتم ايپمان ڇڏي، نديڙا تي رهن ٿا. ڪو گاريون ڏئين ته چا، جي ڪو گلائون ڪري ته به ڪنهن کي ڪجهه ڪين چون. سدائين سنساري وشين پوڳن کان ٻچندا رهندا آهن ۽ هردم اِهو خيال رکندا آهن ته متان ڪنهن مايا جي پداوت ۾ ڦاسي نه پئون. سدائين اِهو پڑ ڪري پڳوان جو پڄن ڪري، مايا کان ڇٽي ويندا آهن. اِنهيءَ ڪري جگياسن کي سدائين هن مايا جو خيال رکڻ گهرجي ڇو جو هيءَ مايا اننت استول ۽ سوکيم روُپ ڌاري، اچي جگياسن جي پڳتي مارگ ۾ وگهن وجهي ٿي. تنهن ڪري، سدائين جگياسن کي هوشيار رهڻ گهرجي.

درشٽانت - هڪڙي مهاتما جا به شش وئراڳ آنند ۽ وويڪانند، هڪڙي ڏينهن ستگروءَ کان موڪلائي، تيرٿ ڪرڻ ويا. پنڌ ڪندي هڪ راجائي شهر ٻاهران اڌ ميل کن پنڌ تي هڪ سندر نهر تي اچي پهتا. اُتي اشنان ڪري هڪ ٻڙ جي وڻ هيٺان آسڻ وڇائي، پاٺ پوُڄا ڪيائون. تنهن کانپوءِ وويڪانند وئراڳ آنند کي چوڻ لڳو ته پائي، تون شهر مان مدوکري ڪري اچ ته کائون. وئراڳ آنند شهر ۾ ويو. پنيان مايا هڪ مها سندري

مان وليون ۽ ڄارو ڦندا ٿي پاڻيءَ کي ٻڪي ڇڏيندو آهي، تنهن هيءَ موهني مايا ٽنهي لوڪن کي موهي، پنهنجي ڇنڊي ۾ آڻي، دٻائي، پنهنجي پيرن هيٺان ڪري رهي آهي ۽ ڪنهن کي ۾ ڇڏي نٿي. جن سنت پرشن هن مايا مان جند ڇڏائي آهي، تن مان ڪن ڀڄي، ڪن هٿ جوڙي ۽ ڪن لڙائي ڪري جند ڇڏائي آهي.

پهرين ڪن وئراڳي جگياسين پنهنجا گهر ٻار، سنسار جا وهنوار ۽ پدارٿ ڇڏي جهنگل ۾ وڃي پهاڙن جي ڪندرائن ۾ ڀڳوان جو ڀڄن ڪري جند ڇڏائي.

ٻين جگياسين ڀڳوان، ديو ديوتائن ۽ ستگرن کي پرارٿنا ڪري، پاڻ کي نربل ۽ داس بڻائي، ڀڄن ڪري جند ڇڏائي. ٽين وئراڳي جگياسين پنج گيان اندرين، ڪن، اکيون، نڪ، جڀ، چمڙي ۽ پنج ڪرم اندريون مک، هٿ، پير، اُپست اندري ۽ گديا ۽ ٻارهون من، انهن ٻارهن ئي اندرين کي شبد، سپرش، روپ، رس، گند رُوپي وشين کان روڪي، لڙائي ڪري من کي جيتي، نرڀئه ٿي، سنسار جي وهنوار ۾ رهي، ڀڄن ڪري جند ڇڏائي. اتي گرمکداس هٿ جوڙي پڇيو ته هي پڀو، ٻارهن اندرين کي ڪيئن جيتي سگهبو؟

ستگرو مهاراجن فرمايو ته ابا، وويڪ، وئراڳ ۽ ستگرن جي نام جو آڌار وٺي.

پهرين ست اَست جو ويچار ڪري، آتما کي ست چت آنند ڄاڻي، ٻيو ساري سنسار کي ناسونت، ڪُوڙو، دک روپ ڄاڻي، پنهنجي من کي اُپرام ڪري، وئراڳ ڌاري. ٽيون، ستگرن ۾ وشواس، پريم ۽ اٽل شرڌا رکي اڀياس ڪري. جتي اٽڪ ٿئي اتي ستگرن کان پرارٿنا ڪري آسيس گهري. اهڙي وچن ٻڌي آتمانند چيو ته جيڪي سنسار کان ڀڄي، وڃي جهنگل ۽ پهاڙن

مايا سان جيڪو اُتر پرشن ٻن ۾ ڏنو هون، سو ساريءَ سنگت کي ٻڌايائون ۽ چيائون تہ هميشه لاءِ مايا کان سڄاڳ رهجو. ستگرو مهاراڄن پوءِ پريمين کي چيو تہ هاڻي درياهہ ۽ جهنگل جو سير ڪري، پوءِ اچي آسڻ ٻڌي نام جو اڀياس ڪريو. شيواڌارين کي چيائون تہ ڪانيون گڏ ڪري اچو ۽ پنجن ستن جاين تي ڌُوڻيون ٻاري ڇڏيو، ڇو جو هڪ تہ ٿڌ کان بچاءُ ٿيندو ۽ ٻيو جتي اگني ٻرندي آهي، اُتي ڪوبہ جهنگلي جانور نہ اچي سگهندو آهي. تنهن کانپوءِ، ساري سنگت ۽ ستگرو مهاراڄن جهنگل جو سير ڪري، سج لٿي موٽي پنهنجي جاءِ تي آيا. سڀئي پريمي ٻاهيون ٻاري ڀڄن ڪرڻ ويٺا. ستگرو مهاراڄن بہ ڪٽيا ۾ پدم آسڻ لڳائي، نروڪلپ سماڌي لڳائي. صبح جو ۴ بجي سماڌي کولي، ڪٽيا کان ٻاهر نڪري ڏسن تہ ٻاهيون ٻريون پيون. ڪي ويٺا ڀڄن تہ ڪي سمهيا پيا آهن. ڏندڻ پاڻي ۽ درياهہ تان اشنان ڪري، سڀني پريمين کي اُٿاري، چيائون تہ توهان بہ هاڻي ڏندڻ پاڻي ۽ اشنان ڪريو ۽ پوءِ وڃي ڀڄن ڪريو. ايتري ۾ ڇڏي، ستگرو مهاراڄن اُتي ٻاهہ جي پرسان ويهي رهيا. سنگت ۽ ماتا ڪرشنا بہ سندن پرسان اچي ويٺا. خوشيءَ مان اُنهي ماتا ڪرشنا ستگرو مهاراڄن کي چوڻ لڳي تہ ابا، ٿهل ڪري اڪيلو ڇڏي آيا آهيو، ساڌ ۽ مهمان بہ روز پيا اچن، سو اُنهن جي شيوا ڪير ڪندو؟ هتي بہ ساري رات ٿڌ جي ڪري ڪيترا پريمي سمهيا ڪين آهن. تنهن ڪري، اسانجو ويچار آهي تہ تون هاڻي گهر هل. ساري سنگت بہ چوڻ لڳي تہ هتي آنند تہ ڏاڍو آهي، پر اسان مان ڪيترا مائٽن کان موڪلائي ڪونہ آيا آهن جي توهان ڳوٺ نہ هلندا تہ سڀئي توهان جي درشن لاءِ هتي ايندا. تنهن ڪري، اسان جي نماڻي ارداس آهي تہ ڪرپا ڪري هينئر گهر هلو.

اَپڇرا جو روپ ڌاري، وويڪانند وٽ آئي ۽ کيس رِجهائڻ لڳي.
وويڪانند اپڇرا ڏي نهاري، ڪنڌ هيٺ ڪري روئڻ لڳو.
مايا رِجهائڻ لاءِ گهڻيئي اُنڪلون ڪيون، ول ڇل ڪيا، پر
وويڪانند ڪنڌ مٿي ڪونہ ڪيو ۽ روئندو ئي رهيو. ٿوري
دير بعد، وئراڳيہ آنند شهر مان مڌوڪري ڪري موٽيو. پري کان
وئراڳيہ آنند کي ڏسي مايا انترڌيان ٿي ويئي. وئراڳيہ آنند وويڪانند
کي روئندو ڏسي کانئس پڇڻ لڳو تہ ڀائي، ڇو ٿو روئين؟
ڪنهن ماريو اٿيئي ڇا؟ شرير ۾ ڪا تڪليف اٿيئي ڇا؟
وويڪانند وڌيڪ روئڻ لڳو. وئراڳيہ آنند پريم سان پڇڻ لڳس
تہ توکي ڪنهن ڏکايو آهي ڇا؟ وري بہ تون ڇا جي لاءِ ٿو ايترو
روئين؟ وويڪانند روئي، سڏڪا ڀري، چوڻ لڳس تہ ادا، مونکي
ڪنهن بہ ڪونہ ماريو آهي. تون شهر ڏانهن وئين تہ پنجن منٽن بعد،
مايا، هڪ مها سندر اپڇرا جو روپ ڌاري، مونکي موهڻ آئي.
مان کيس ڏسي ڪنڌ هيٺ ڪري روئڻ لڳس. ٻيءَ جي خبر
ڪانهي. هينئر جڏهن تو اچي پريم سان پڇيو، تڏهن مون سمجهيو
تہ هاڻي مايا هلي ويئي آهي. مونکي ڪنهن بہ ڏکايو ڪونهي.
وئراڳيہ آنند اِهو ٻڌي، وڃي روئڻ لڳو. تنهن تي وويڪانند حيران
ٿي پريم سان پڇڻ لڳس تہ ڀائي، تون وري ڇو ٿو روئين؟ توکي
ڪنهن شهر ۾ يا واٽ تي ڏکايو تہ ڪونهي؟ پر جيئن وويڪانند
پڇيس، تيئن پيو وئراڳيہ آنند وڌيڪ روئي. آخر گهڻي پڇڻ بعد
وئراڳيہ آنند ٿڌا ساهہ کڻي، چوڻ لڳو تہ ڀائي، توکي تہ روئڻ جي
اَنڪل اچي ويئي جو روئي مايا کان ڇڏ ڇڏايئہ. پر جي مونکي
مايا ڇلڻ اچي تہ مونکي تہ اهڙي اَنڪل ايندي ڪانہ. تنهنڪري
ٿو روئان. ايترو ٻڌي، وويڪانند چوڻ لڳس تہ تون تہ مون کان
وڌيڪ سياڻو ۽ عقلمند آهين، جو اڃا تو وٽ مايا آئي ئي ڪانهي،
تہ اڳ ۾ ئي ونئي روئڻ شروع ڪيو اٿيئي. سو توکي ڌنيواد هجي.
تنهنجو تہ مايا منهن ئي ڪونہ ڏسندي. اِهو درشٽانت ٻڌائي،

(٢) ٻيا نظر سان - جئن مڇون، ڪميون، ڪيڙيون آدِ، پنهنجي ٻچن کي درشن ڪرائي، هليا ويندا آهن. پوءِ اُهي درشن ڪري وڏا ٿيندا آهن.

(٣) سار تي- جئن سارس ڪونج، پکي، آدِي، پنهنجن ٻچن کي پهاڙن تي ڇڏي، تمام پري هليون وينديون آهن ۽ اُتي پنهنجن ٻچن کي ياد ڪنديون آهن. اُنهن جا ٻچا به پنهنجي ماتا کي ياد ڪندا آهن. ان نموني، ياد تي اُهي وڏا ٿيندا آهن.

سڌانت - تئن هي سنسار ۾ ستگرو جگياسين کي ٽن پرڪارن سان پاليندا آهن.

(١) ستگرن جي گود ۾- يعني گرو به اُنهيءَ شهر ۾ ته جگياسو به اُنهيءَ شهر ۾ رهن. ڪڏهن به ڪو دک يا شنڪا پوين ته اچي ستگرن کان پڇندا آهن. ستگرو اُنهن کي گرط گيان ڏيئي، سنسا مٽائي، آسيس سان دک دور ڪندا آهن.

(٢) نظر سان - يعني ستگرو سڀلاڻي ٿيندا آهن. ٻارهين مهيني، ٻئين سال وڃي جگياسين کي درشن ڏيندا آهن. پوءِ جگياسو پنهنجا دک، سنسا، ڀرم، شنڪائون گروءَ کي ٻڌائيندا آهن ۽ ستگرو اُنهن کي گرط گيان ڏيئي سڀ سنسا ڀرم مٽائي، هر پرڪار رکيا ڪري، آشيرواد ڏيئي، هليا ويندا آهن.

(٣) سار تي - يعني چٺيءَ تي. جگياسوءَ کي ڪوبه دک، سنسو، ڀرم يا ڪائي شنڪا هوندي آهي، ته ستگرن کي چٺيءَ رستي لکي موڪليندا آهن. ستگرو وري انهن کي چٺيءَ رستي گرط گيان ڏيئي، آشيرواد ڪري، گهر ويٺي سنسا، ڀرم، دک، شنڪائون نورت ڪري، هر پرڪار رکيا ڪندا آهن. سو توهان ڪوبه خيال ڪين ڪريو. توهان ته سدائين اسان جي گود ۾ ويٺا آهيو.

ستگرو مهاراجن دل ۾ ويچار ڪيو تہ هينئر نہ ويندا سون تہ هتي گهٽو گوڙ ٿي پوندو. تنهن ڪري، هاڻي وڃڻ گهرجي. اهو ويچار ڪري چيائون تہ چڱو ابا، اوهان اشنان پاڻي ڪري اچي ڦل ڪائو ۽ ڪجهہ گهر لاءِ پرساد ڪڻو، تہ هلؤن.

اهو ٻڌي، ماتا ڪرشنا ۽ ساري سنگت ڏاڍو خوش ٿي. اوم پرڪاش کي ڪنڌڪوٽ ۾ موڪليائون تہ وڃي ڀائي ٽهلرام کي ٻڌاءِ تہ ستگرو مهاراجن کي وٺي ٿا اچون، انهيءَ لاءِ تہ متان ڀيا پريمي درشن لاءِ هتي نہ هليا اچن. اوم پرڪاش ڪنڌڪوٽ ۾ وڃي سڀني کي خبر ٻڌائي. خبر ٻڌي، سڀئي پريمي ستسنگي شاهي جلوس ٺاهي، گلن جا هار کڻي، درياهہ جي ڪناري تي آيا. ڀيان ستگرو مهاراجن ۽ ساريءَ سنگت کي ايندو ڏسي تمام خوش ٿيا. اڳتي وڌي ستگرو مهاراجن کي هٿ جوڙي، پيرين پئي مليا ۽ ستگرو مهاراجن جي جئہ جئڪار مناياٿون. جئن ايوڌيا واسي شري رامچندر ڀڳوان کي بن مان واپس ايندو ڏسي خوش ٿي ٻئنڊ باجا، دهل شرنايون، وڄائي ڀڳوان کي گلن جا هار پائي جئہ جئہ ڪار ٻولائي وڏي ڌام ڌوم سان ايوڌيا پوريءَ ۾ وٺي اچي سنگهاسن تي ويهاري آرتي ڪري سڀ اتي خوش ٿيا هئا تئن ڪنڌڪوٽ واسي بہ گلن جا هار پائي، دهل شرنايون وڄائيندا، گيت ڳائيندا، رام نام جي ڌني لڳائيندا، جئہ جئڪار ٻولائيندا ستگرو مهاراجن کي وڏي پريم ۽ اُتساهہ سان وٺي آيا. پوءِ سڀئي ستسنگي پيري پئي، هٿ جوڙي چوڻ لڳا تہ هي پريو، توهان اسانکي ڇڏي پنهنجيءَ موج ۾ ڪيترا ڏينهن هليا ٿا وڃو. اسان پنهنجي ٻچن جي ڪا يادگيري بہ ڪندا آهيو تہ ڪهڙي حال ۾ هوندا؟ ستگرو مهاراجن ڪين چيو تہ ٻچا، ساريءَ سرشٽيءَ جا جيو ٽن پرڪارن سان ٻلجي وڏا ٿيندا آهن.

(۱) هڪڙا گود ۾ - جئن مڇ، گائين، ٻڪريون، آد پسن جا ٻچا ماتا جي گود ۾ پلجي وڏا ٿيندا آهن.

پيچڻ لڳا. سنت پڌ پوري جن چيو ته، هي پريو توهان جي ڪرپا سان سڀ آنند منگل آهي مان توهان کي ٿنڊي باڳئي وٺي هلڻ لاءِ سوال وجهڻ آيو آهيان. ڪرپا ڪري هلــي، پيرا پائي، هن داس جي ڪٽيا پويتر ڪريو. مان هاڻي ٻيڙو تـــي ويو آهيان. شرير جي پڇاڙي اچي ٿي آهي، خبر نه آهي ته ڪيترو وقت پراربڌ آهي. ٿنهن ڪري ويچار ڪيم ته ، سنتن کي وٺي، جيڪڏهن پنهن جو پاڙهو ڪري ڇڏيان. سو ڪرپا ڪري هلي پنهنجي هٿ سان ڪارج ڪريو. لاڙ جو سڀ ضرور ڪريو، جو لاڙ جا ماڻهو شراب، مڇي، ماس ڏاڍو ورتائين ٿا. پنهنجي ڪرم ڌرم ڪان پلجي ويا آهن ۽ ٻين ڌرمن ۾ ڪاهي پيا آهن. سو اُنهن کي هلي پنهنجي سٽ ڪرم، ڌرم جي رستي تي لڳايو. هاڻي هلڻ جو جيڪو پروگرام ٺاهيو، سو مان پنهنجيءَ سنگت کي لکي ڇڏيان.

ستگرو مهاراجن چيو ته چڱو، بن چئن ڏينهن ۾ توهان سان هلنداسون. توهان پلي احوال ڏيئي ڇڏيو. سنت پڌپوري ڏاڍو خوش ٿيو ۽ سارو احوال پنهنجيءَ سنگت کي لکي موڪليائين.

شام جو سنت پڌپوري ۽ ستگرو مهاراجن سڀ ٿــي ويا. باغن ۽ درياهه جو سڀ ڪري، سڀ لٿي اچي ستسنگ شروع ڪيائون. پهرين سنت پڌپوريءَ تنبوري تي سنتن جــي مهما ۽ ويدانت جي اُپديش جي وارتا هلائي چيائين ته سنت، مهاتمائون سنسار جي جيون جي سڌار لاءِ جگياسين کــي آتم گيان ڏيئي، ڪيئن موکيه ڪرڻ لاءِ اوتار ڌاري اچن ٿا. اڄ سوامي جـــن وڏي ڪرپا ڪئي آهي جو اسانجي ڳوٺ ٿنڊي باڳئي هلڻ لاءِ ارداس قبول ڪئي اٿن. سنت سدائين ديالو ٿيندا آهن. اڄ داس تي وڏي ڪرپا ڪئي اٿن.

اَت ڪرپال نهـــ دروهه چت، سهن شيلتا سار.
سم دم اَد اَڪام مت، مــردل سرؤ اُپڪـــار.

ستگرو مهاراج جا اهي وچن ٻڌي، سڀ پريمي ڏاڍو
خوش ٿيا ۽ کين پيرين پئي، پنهنجي پنهنجي گهر ويا. ايتري
۾ سروآنند جن مٿي ۽ پيرن اُگهاڙا، شاهه جي پٽ مان اچي
نڪتا ۽ ستگرو مهاراج ڏانهن نهاري اکين ۾ پاڻي آندائون.
ستگرو مهاراج وڏي پيار مان ڪانئس پڇيو ته اَبا، بلڪل خوش
وِئنا آهيو؟ مٿي ۽ پيرين اُگهاڙا هيئنئر ڪٿان پيا اچو؟ تنهن تي
سروآنند جن هٿ جوڙي چوڻ لڳا ته هي پريو، ڪالهه ڪنڌوءَ
جو پاڻي ٺاڪورام شاهه جي پٽ ۾ آيو هو. اسانکي رات جو
ٻڌار ۾ گذريو. تنهن کان توهان جو ڍُنڍيوسين. هن ڳالهه ڪئي ته
ستگرو مهاراج درياهه جي ڪناري تي جهنگل ۾ وڃي وِئنا هئا.
چوٿون ڏينهن ڪنڌُوءَ جا ڪيترا پريمي وڃي رات ٽڪي، ڪالهه
وڏي ڏام ڌوم سان ڪنڌوءَ وٺي آيا آهن. اسان ڏاڍو خوش
ٿياسون. اَڄ صبح جو سويل ٻنا موڪلائي، اچي توهان جو درشن
ڪري ڏاڍو خوش ٿيا آهيون. ستگرو مهاراج چيو چڱو، اَبا،
ڀلي آيا. سيٺي سان ملي اشنان ڪري، روٽي کائي، آرام ڪريو.
تنهن کانپوءِ، سروآنند ۽ گرمکداس اشنان ڪري، پرشاد ۽ پوڄا
جي سامگري کڻي، ستگرو مهاراج اڳيان رکي، هٿ جوڙي،
اَرداس ڪرڻ لڳا ته هي پريو، اسان کي هاڻي نام جو اُپديش
ڪري، پنهنجي چرنن جو داس بڻايو، ته سدائين توهان جي
چرن ڪملن جي شيوا ڪندا رهون. ستگرو مهاراج مشڪي
چيو، جيڪا توهان جي مرضي. سروآنند ۽ گرمکداس ستگرو
مهاراج جي چرنن جي پوڄا ڪئي ۽ گرمنتر وٺي شش بڻيا.
رات جو ستسنگ ٿيو. اهڙيءَ طرح ڪجهه ڏينهن گذريا.

هڪ ڏينهن ١١ بجي صبح جو، سيٺ ٻڌو پوري آنڌي لاءِ
سان ستگرو مهاراج وٽ آيو. ستگرو مهاراج اٿي پريم سان
گڏجي، وڏي آدر سان کين ويهاري خوش ٿي عمرون چارون

ڪان ٻهارو وٺي چيو تہ تون ٻئي پاسي وڃي صفائي ڪر. مان
تو هتي صفائي ڪريان. راڄا بزار کي ٻهاري ڏيڻ لڳو. پوليس
وارن راڄا جو اهو حال ڏسي اچي وڏي وزير کي سموري ڳالهہ
ٻڌائي. وزير سڌو بزار ۾ آيو. ڏسي تہ راڄا ٻهاري پيو ڏئي. اهو
ڏسي وزير راڄا کي چوڻ لڳو تہ هي پرٿوي ناٿ، هيءُ توهان ڇا
ڪري رهيا آهيو؟ ماڻهو ڇا چوندا؟ راڄا چوڻ لڳو تہ پري ٿيءُ.
مان ڀنگي آهيان. وزير وري ٻانهن کان وٺي چوڻ لڳس تہ هي
حضور، توهين راڄا آهيو. هيءُ ڀنگين جو ڪم ڇو ٿا ڪريو؟
هلو پنهنجي محلات ۾. تنهن تي راڄا وري بہ ڪنڌ مٿي ڪڍي
چوڻ لڳو تون سڃاڻين ڪين تہ مان هن شهر جو ڀنگي آهيان؟
مونکان پري ٿيءُ. وزير سڌو راڄا جي محلات ۾ اچي، نوڪر کان
پڇڻ لڳو تہ راڄا رات جو شراب پيتو هو ڇا؟ تو گهڻو شراب ڏنو
هوس؟ تنهن تي نوڪر چيو تہ سائين، مان راڄا کي شراب جي
سڄي بوتل ڏيئي وڃي ٻئي ڪم کي لڳس. پوءِ جي مونکي خبر
ڪانہ آهي تہ ڪيترو پيتائين. وزير راڄا جي ڪمري ۾ وڃي.
ڏٺائين تہ بوتل خالي پيئي آهي. دل ۾ ويچار ڪيائين تہ راڄا
رات تمام گهڻو شراب پيتو آهي، جنهنڪري نشي ۾ مست ٿي
پاڻ کي ڀلائي پهرو بہ ڏنو اٿس ۽ هينئر ٻهاري بہ پيو ڏئي. سو
جيستائين هنکي شراب جو نشو آهي، تيستائين ڪنهنجي بہ ڳالهہ
ڪونہ ٻڌندو. تنهنڪري هنکي کٽائي ڪارائجي تہ نشو لهيس،
پوءِ پاڻ کي سڃاڻي لڄي ٿيندو. اهو ويچار ڪري، وزير راڄا
کي کٽاڻ وڃي ڪارايائين. راڄا کٽائي کائي، وري بہ ٻهارو ڪڍي
صفائي ڪرڻ لڳو. ڏهن پندرهن منٽن بعد، جڏهن ٢-٣ اُلٽيون
ڪيائين، تڏهن سمورو نشو لهي ويس، پاڻ کي سڃاڻي چوڻ لڳو
تہ مان راڄا ٿي شهر پيو ٻهاريان! سو هٿ مان ٻهارو ڦٽي ڪري،
شرم ۾ ٻڏي، وزير سان گڏجي پنهنجي محلات ۾ آيو. اشنان

سنت وڏي ڪرپا ڪندا آهن. هيءُ جيوُ پنهنجي ابناسي
گهر کان وڇڙي جنم مرڻ جي چڪر ۾ اچي دکي ٿيو آهي. تنهن
کي ست آتم جو گيان ڏيئي، جيوُپڻو مٽائي، پنهنجي آدي اَبناسي
گهر ۾ وري پهچائي، جنم مرڻ جي دک کان ڇڏائين ٿا. جن جي
چت ۾ ڪوبه لوڀ ڪونه آهي، نه ڪي سنساري جيءُ ڪيترا به
دک ڏين تڏهن به اهي پنوريءَ ۽ ماکيءَ جي مک سمان سار ڪڍي،
سنتوش ۾ رهن ٿا. جن پنهنجي من کي وس ڪري ۽ اندرين
کي پنهنجي وس ۾ آڻي، وئراڳ ڌارڻ ڪيو آهي، سي پنهنجو
اڌار ڪري، نشڪامي ٿي، مٺو ٻولي، سڀ جو اپديش ڪري،
اننت جيون جو ڪلياڻ ڪن ٿا. سنت ٻڌپوريءَ اٿرو ڇڏي بس
ڪئي. تنهن کانپوءِ ستگرو مهاراجن ٻڪتاري تي ستسنگ ڪرڻ
لڳا. ويدانت جي وارتا هلائي چيائون ته هيءُ جيوُ آد ۾ پنهنجي
خوشيءَ سان سنسار جي باغيچي جو انهيءَ ويچار کان سير ڪرڻ
آيو ته ٿورو وقت سير ڪري، وري موٽي پنهنجي اَبناسي گهر
۾ ويندس پر هن سنسار روپي سندر باغيچي ۾ اننت پرڪارن
جا رنگا رنگي گل ڦل ۽ سندر چٽ ڏسي، مٺا ميوا کائي، پنهنجو
اباڻو وطن وساري موج مستيءَ ۾ مست ٿي، پنهنجو اصلي
سروُپ ۽ ذات ڀلائي ويٺو آهي. جيئن ته، هڪڙو راجا ڪڏهن
ڪڏهن شراب پيئندو هو. هڪ رات جو شراب پيئندي پيئندي،
سڄي بوتل پي ويو، مٿان وري منائڻ ڪاڏائين. سو اهڙو ته اچي
نشو ٿيس جو محلات کان ٻاهر نڪري بازار ۾ وڃي پوليس پهريدارن
کي چيائين ته مونکي ڪهڙي ديوٽي ڏني؟ اٿو ته مان به وڃي
پهرو ڏيان. اهو ٻڌي سڀ پهريدار گهٻرائجي ويا ۽ ويچار ڪرڻ
لڳا ته شايد راجا اڄ گهڻو شراب پيتو آهي. راجا کي چوڻ لڳا ته
جتي توهان جي مرضي هجي اُتي ويهو. راجا هڪڙو وڏو رستو
ڏسي اُتي ٻهي پهرو ڏيڻ لڳو. ٻنجين ٻجي پرڀات جو ڀنگي
اُنهيءَ رستي تي اچي بازار جي صفائي ڪرڻ لڳو. راجا ڀنگيءَ

گرمکداس کي وٺي سمت ٻڌپوريءَ سان ٽنڊي باگڙي وينداسون.
ٻئي ڏينهن صبوح جو ۴ بجي اُٿي تياري ڪري سفر تي روانا
ٿيا. ان وقت ستگرن جي اوسٿا ٽيهه ورهيه هئي. ٻهريون ٿي
پيرو منڊلي ٺاهي ٻاهر سفر تي نڪتا. ١٢ بجه مدجهند جو
اُڏيري لعل اسٽيشن تي پهتا، جتان ريل تي چڙهي حيدرآباد
اسٽيشن تي اچي لٿا. ۵ بجه بدين لائين واري گاڏيءَ ۾ چڙهي
رات جو ٽلهار اسٽيشن تي اچي لٿا. ساري رات ٽلهار رهي،
صبوح جو اُتان اُٺن تي روانا ٿيا. مدجهند جو ٢-٣ بجه اچي
ٽنڊي باگڙي شهر جي ٻاهران هڪ سندر باغ ۾ لٿا، جتي شهر
جي ساري پنچات ۽ ستسنگي بئنڊ باجا، ڍهل شرنايون ۽ گلن
جا هار کڻي اڳ ۾ ئي بيٺا هئا. ستگرو مهاراجن کي پيرن پئي
گلن جا هار پائي، خوش ٿي، بئنڊ باجا وڄائيندا، ساري شهر
مان جلوس ڪڍي ٻائي ٻڌپوريءَ جي استان تي اچي، وڏي
آدرستڪار سان ستگرو مهاراجن کي آسڻ تي وهاريائون.

شام جو ۴ بجه ٽنڊي باگڙي جا پنچ پرساد کڻي ستگرو
مهاراجن وٽ اچي پيرن پئي ويٺا ۽ حال احوال ڏنائون ۽ ورتائون.
تنهن کانپوءِ سنت ٻڌپوريءَ پنچن کي چيو ته ستگرن وڏي ڪرپا
ڪري، پيرا پائي نگري پوتر ڪئي آهي. رات جو سڀئي ستسنگ
۾ اچجو ۽ ٻين کي به ٻڌائجو. ستسنگ لاءِ بندوبست پنچات
ڪيو. رات جو ستسنگ شروع ٿيو. ستگرو مهاراجن جي اچڻ جو
ٻڌي ڏاڍي گهڻي خلق آئي. ٻهرين ستسنگ جي شروعات گوال
لعل، سروانند، گرمکداس ۽ پريمين ڪئي. ٽنڊي باگڙي جا
ستسنگي ڍڪڻ ٻولڪون، باجا، ڪدجهيون، دلا، ڪرتالون وڄائڻ
لڳا. ڪلاڪ کن اهڙي ته موج مچايائون جو سڀئي پريم ۾ مست
ٿي ويا. تنهن کانپوءِ ستگرو مهاراجن ستسنگ شروع ڪيو. سچو
سک ڪيئن ملي، ان وشيه تي ٻوليائون. چيائون ته هن جيو کي

ڪري، سنگهاسن تي ويهي وزير ڪري چوڻ لڳو ته وزير، اڄ ڏينهن ڪان وٺي مان شراب ڪونه پيئندس.

لڇڻ هي جيو آتما ست چت آنند روپ، راجا آهي. موهه روپي مدرا پي ستان ڪسنگ روپي منائي ڪاٽي اٿس. اهڙو نه اناتم ايمان روپي نشو چڙهيو اٿس جو پنهنجي ست چت آنند روپ ڪان پلجي چوٽو ته مان شرير آهيان. ترشنا ۽ چاهنا هن جيو جي چوڪيدار بڻائي رات ڏينهن مايائي ٻهرو ڏياري رهيون آهن. وري اناتم ايمان ڪري پنگي ٻڌجي اگيان جو ٻهارو ڪڍي وشين پوڳن روپي گندگي ٻهاري ٻاهر روپي نوڪرو ڪڍي رهيو آهي.

ست پرش، مهاتمائون، سنگرو وزير سمان آهن. اهي هن جيو روپي راجا کي وئراڳ روپي ڪتائي، گيان روپ گهه کارائي اناتم اوديا روپي نشو دور ڪري پنهنجو آتم سروپ لکائي اڀماسي ديس ۾ پهچائي برهم آنند جي تخت تي وهارين ٿا. انهيءَ وشئه تي بولي سنگرو مهاراجن ستسنگ سماپت ڪيو ۽ ساري سنگت پاڻ پرساد وٺي گهر ويئي. اهڙيءَ طرح ٻه ٽي ڏينهن ستسنگ جي موج لڳايائون. هڪ ڏينهن ستسنگ سماپت ٿيڻ ڪانپوءِ سنگرو مهاراجن سيني ستسنگين، پريمين جگياسين کي چيو ته، اسان سڀاڻي اسان ست پڌوريءَ سان گڏجي ٺٽي ٻساڳيءَ وينداسون. پنيان توهان سڀ ستسنگي ملي نت نيم سان ستسنگ ڪندا رهجو ۽ سنت مهاتمائن ۽ مسافرن جي ٻه پريم سان شيوا ڪندا رهجو. ستسنگين چيو سائين! اوهين خيال نه ڪريو. ڀر ڪرپا ڪري جلد موٽي اچجو، جو توهان ڪانسواءِ اسانجو چت تمام اداس ٿي پوندو. پوءِ سڀئي پريمي پنهنجي پنهنجي گهر روانا ٿيا.

پاڻي ٽهلرام کي ٻه ٻڌايائون ته سڀاڻي گوال لعل، سرو آنند ۽

(۴) برهم چريه: سنسار اندر سڀني استرين کي ماتائون، ڀينر ۽ پتريون سمجهي. گرهستيءَ کي ٻه ايڪادشيون، چوڏس، اماوس ۽ چنڊ، انهن ڏينهن ڏينهن کي ڪڏهن ٻه گرهست مارگ نه ڪرڻ گهرجي. اهڙو گرهستي سنسار ۾ به برهمچاري آهي.

(۵) اپريگره: گهرج کان وڌيڪ گڏ نه ڪرڻ.

(٢) نيم: نيم جا پنج لڇڻ آهن. (١) شؤچ (٢) سنتوش (٣) سواڌيايه (۴) تپ (۵) ايشور پرڻيڌان.

(١) شؤچ: اندر ٻاهر پوتر رهڻ.

(٢) سنتوش: جيڪي پرڀو ڏنائي، انهيءَ تي راضي رهڻ.

دهرو - گئو ڌن، گج ڌن، باج ڌن، اؤر رتن ڪي کان،
جب مليا سنتوش ڌن، سڀ ڌن ڌوڙ سمان.

(٣) سواڌيايه: ويدانت شرون ڪرڻ، پڙهڻ ۽ آتم سروپ جو چنتن ڪرڻ.

(۴) تپ: ڏهن اندرين ۽ يارهين من کي وس ۾ رکڻ.

(۵) ايشور پرڻيڌان: جيڪي به شڀ ڪرم ڪجن تپ، دان آد ڪجن سي سڀ نشڪام ٿي ايشور گروءَ کي ارپڻ ڪرڻ.

(٣) آسڻ: سنڌيا، گايتري پاٺ، پوڄا، ستسنگ آد شڀ ڪرم ڪجي ته آسڻ ٻڌي ڪرڻ گهرجي. سهج آسڻ، سنگهه آسڻ، پدم آسڻ، انهن ٽنهي مان جيڪو آسڻ سؤلو لڳي سو ڪجي.

(۴) پراڻايام: پران، اپان سان سنگرون جي نرگڻ اپاسنا جو منتر، ايڪانت ۾ ويهي رچڪ، ڪنڀڪ، پورڪ سان جپجي. پهرين ٿورو روڪجي پوءِ ڏيري ڏيري وڌائجي.

(۵) پرتيهار: من کي اندرين جي ٻاهر مکتا کان هٽائي، انترمکه ڪرڻ.

سک، شانتي ۽ پرمانند جي پراپتيءَ لاءِ ستسنگ جي سمان ٻيو ڪو به ساڌن ڪونهي.

راهون رام ملڻ جون، آهن اپر اپار،
تن سڀني مان هڪڙي، آهي ساڌ سنگت نروار،
ساهي مل ٿون تنهن سان، رکي پريم پيار،
ته ڀڳوت جو ديدار، ڏسين ڀيد ڀرم ريءَ.

پرم پد جي پراپتيءَ لاءِ جپ تپ، ورت نيم، سنڌيا گائتري يگيه، تيرٿ، دان، آد انيڪ ساڌن آهن. پر وڏي ۾ وڏو ساڌن ستسنگ آهي. ستسنگ جي رستي ۾ هن جيو کي ڪا به رڪاوٽ ڪانه ٿي پوي. جگياسو سولائيءَ سان ستسنگ وسيلي وڃي امرڌام پهچي ٿو. تنهڪري سڀني کي ستسنگ سان پيار ڪرڻ گهرجي. اهڙيءَ طرح اپديش ڪري، ستسنگ سماپت ڪيائون. وري صبوح جو پهرين سنت ٻڌوريءَ ڪلاڪ ڪن ستسنگ ڪيو. تنهن کانپوءِ ڪلاڪ کن سنگرو مهاراجن يوگ مارگ جي وارتا هلائي. يوگ جي اٺن انگن جو ورنن ڪيائون.

يوگ جا اٺ انگ آهن: (١) يم (٢) نيم (٣) آسڻ (٤) پراڻايام (٥) پرتيهار (٦) ڌارڻا (٧) ڌيان (٨) سماڌي.

(١) يم جا لڇڻ آهن (١) اهنسا (٢) ستيه (٣) استيه (٤) برهمچرج (٥) اپريگره.

(١) اهنسا: ڪنهن به جيوَ کي بنا ڪارڻ ڏک نه ڏيڻ.

(٢) ستيه: سچ سان پريت رکڻي، سدائين سچ ٻولڻ، پنهنجي سوارٿ ۽ سک لاءِ ڪنهن به ڪوڙ نه ڳالهائڻ.

(٣) استيه: ڪنهن به شيءِ جي چوري نه ڪجي. بنا موڪلائي ڪنهن جي به چيز نه کڻجي. باغيچي مان گل به نه پٽجي.

گلن ڦلن جي ڪرڻئي وڌندو آهي، تئين هيءَ جيو به ست ڪرم ڪرڻ جي ڪرڻئي وڌي ٿو. سو ڪرم ٻن پرڪارن جا ٿيندا آهن. (١) ويد وهت (٢) ويد نشڌ. ويد نشڌ ڪرم ڪڏهن به نه ڪرڻ گهرجي. سڀني سنتن، مهاتمائن، ويدن شاسترن، چوري، هنسا، جوئا، ڪوڙ ڳالهائڻ، شراب، مڇي، ماس کائڻ، ٻيا به جيترا پاپ ڪرم آهن تن جي منع ڪئي آهي. اهي ٻلڪل نه ڪرڻ گهرجن. شراب پيئڻ، مڇي ماس کائڻ سان، انتهه ڪرڻ ملين ٿئي ٿو. انتهه ڪرڻ ملين ٿيڻ ڪري، هيءُ جيو ڪيترا پاپ ڪري ٿو. جهڙو اَن تهڙو من. انهيءَ ڪري شڌ آهار ۽ شڌ وهنوار ڪرڻ گهرجي. اسان ڏٺو آهي ته لاڙ جا ماڻهو شراب، مڇي، ماس گهڻو ورتائيندا آهن. سو اِها ڳالهه سٺي ڪونه آهي. نيتي شاستر ۾ چيو ٿو ته:

جوپ سنگهه تي ڌرم تات، آت و پت سهي ٻن
ماس سنگهه اڪ پوپ پئيو، ٻڪ، ديئو سراپ من،
يادوُ نندن ناس پئي، هڏوُ ٻان ڪريو جب،
ڪريچڪ ٿي شت پرات، ڪام ڪر ناس پئي سب،
مرگيا ڪر پريکت هئيو، چوري ڪري شوي پوپ هت،
پن پر ناري ڪي پريت ڪر،
سبس ديئي دس لنڪ پت.

يعني: جوئا ڪرڻ ڪري، پنجئي پانڊو ۽ دروپدي، ١٢ ورهيه ڦل ڦول کائي، پيري اگهاڙي بن جا ڏک ڀوڳيا، تيرهون سال راجا وراٽ وٽ لڪي مزوري ڪيائون. ماس جي کائڻ ڪري، هڪ راجا، ٻگلي جو جنم پاتو.

هڪڙو راجا تمام گهڻو ماس کائيندو هو. ماس سان تمام گهڻي پريت هوندي هئس. هڪڙي ڏينهن وٽس هڪ مهاتما آيو. راجا مهاتما کي به ماس جو ڀوڄن آڻي ڏنو. مهاتما ماس ڏسي،

(٦) ڌارڻا: پنهنجي من جي ورتيءَ کي آتما ۾ لڳائڻ جي ڪوشش ڪرڻ.

(٧) ڌيان: آتما جو ڌيان ڪرڻ.

(٨) سماڌي: سماڌي ٻن پرڪارن جي آهي. پهرين سوڪلپ ٻي نروڪلپ.

(١) سوڪلپ: ترپٽيءَ سهت يعني ڦرني سهت.

(٢) نروڪلپ سماڌي: ترپٽيءَ رهت يعني ڦرني رهت.

اهڙي طرح يوگ مارگ جو ورڻن ڪري ست نام ساکيءَ جي ڌني لڳائي ستسنگ سماپت ڪيائون. تنهن ڪانپوءِ سنت ٻڍپوري سيٺي سنتن، برهمڻن ۽ ساري سنگت کي چوڻ لڳو ته مان پنهنجي جيئري ئي بارهو ٿو ڪريان. اِنهيءَ ڪري سنتن کي وٺي آيو آهيان. ٻيا به ڪيترا سنت اچ ايندا. تنهنڪري سڀاڻي ڪان وٺي ٣ ڏينهن شريمد ڀڳوت گيتا جو پاٺ، ٻه وقت ستسنگ ۽ ڀنڊارو چالو ٿيندو. ساري سنگت اچي پريم سان ڀوڄن به ڪري، شيوا به ڪري ۽ سنتن جو ستسنگ سڻي پنهنجو جنم سڦلو ڪري. تنهن بعد ساري سنگت خوش ٿي ڀاو پرساد وٺي پنهنجي گهر وئي.

شام جو ٣ بجه ستگرو مهاراجن اُتي جل پان ڪري ويٺا ته غلام علي ٽنڊي ڳوٺ جو مهراج منگهر رام هڪ وڏو ويدانتي گيانوان ۽ ڪوي اچي سنت ٻڍپوريءَ جي استان تي لٿو. ٻيا به ڪيترا سنت، ماتلي بدين، سجاول تلهار ۽ ٽنڊي محمدخان جا پڻ آيا. ستگرو مهاراجن ۽ ٻيا سنت هڪ ٻئي سان ملي ڏاڍو خوش ٿيا. شام جو باغيچي مان گهمي، رات جو اچي ستسنگ شروع ڪيائون. پهرين ٻين سنتن ڪلاڪ کن ستسنگ ڪيو. تنهنڪانپوءِ ستگرو مهاراجن ڪرم جي وشيه تي اُپديش ڪيو. چيائون ته ڪرم ڪرڻ ۾ هيءُ جيو سک کي پائي ٿو. جڏن وڻ

ڪبير صاحب جن چيو آهي ته:

تل ڀر مڇلي کات هئي، ڪوٽ ڳئو ڪري دان،
ڪاشي ڪروٽ جا مري، تهه ڀي نرڪ نِدان.

يعني جو ٿورڙي به مڇي کائيندو، سو پاپ جو ڀاڳي ٿيندو. انهيءَ پاپ لاهڻ لاءِ ڳئو، پرٿوي، اَن، سون آدِ، ڪيترو به ڪٿي دان ڪري ۽ ڪاشي ڪروٽ ۾ وڃي مري ته به اهو پاپ لاهي ڪونه سگهندو ۽ سڌو نرڪ ۾ ويندو. اِنهيءَ ڪري، مڇي ماس نه کائڻ گهرجي ۽ نڪي ديوتائن تي ٻليون چاڙهڻ گهرجن. ڪوبه اهڙو نشد ڪرم نه ڪرڻ گهرجي. ۽ جنهن ڪرم جي آگيا سنت، شاستر ڏين اهو ڪرم ڪرڻ ڳهرجي، يگيه، هوُن، تپ، دان، ورت، نيم، تيرٿ، سنڌيا- گايتري، پاٺ، پوڄا ۽ ٻيا شڀ ڪرم نرماڻ، نشڪام ٿي ڪرڻ گهرجن. اِنهيءَ وشيه تي ستگرو مهاراجن اپديش ڪري، ستسنگ سماپت ڪيو. ڪيترن ماڻهن کان مڇي ماس ڇڏايائين. تنهن کانپوءِ سنت ٻڌ پوريءَ اُٿي چيو ته اڄ اسانجي نگر نگريءَ جا ڀڳ جاڳيا آهن، جو ڪيترا سنت مهاتمائون پڌاريا آهن. سوامي ٽيئون رام صاحب جن جيڪو شڀ ڪرم ڪرڻ جو اُپديش ڪيو آهي، سو ٻڌي مان ڏاڍو خوش ٿيو آهيان. پهرين هن جيو کي پنهنجي اَنته ڪرڻ جي پوترتائي لاءِ ست ڪرم ڪرڻ گهرجن. توهان هيءَ ٽي ڏينهن ڌنڌي وهنوار ي هتائي، سنتن جو سنگ ڪري، پنهنجي منش چولي جو اُڌار ڪريو.

صبوح جو مهراج ٻڌپوريءَ شريمد ڀڳوت گيتا جو پاٺ آرنڀ ڪرائي ستسنگ شروع ڪرايو. ستسنگ جو پرسنگ هو ڪرم ۽ اُپاسنا. پهريائين مهراج منگهرام پوءِ ٻين سنتن ۽ آخر ۾ ستگرو مهاراجن اپديش ڪيو. چيائون ته جنهن کي ٻرتن قلعي ڪرائڻو هجي ته پهرين انکي ڌوئي صاف ڪري، قلعيگر کي ڏيو آهي.

پري هٽي چوڻ لڳو ته هي راڄ، تو وڏو گناهه ڪيو آهي، جو منهنجي لاءِ ماس جو ڀوڄن آندو اٿيئي. هاڻي جي تون ماس کائڻ ڇڏي ڏين ته توکي معافي ڏيندس، نه ته ڏنڊ ڏيندوسانءِ. راجا چيو ته مان ماس کائڻ ڪين ڇڏيندس. تنهن تي مهاتما سراپ ڏنس ته پاپي، تون ٻئي جنم ۾ بگلو ٿيندين. سو انهيءَ سراپ ڪري راجا ٻئي جنم ۾ بگلو ٿيو ۽ تلاءَ ۾ مڇيون کائڻ لڳو. شراب جي پيئڻ سان يادون جو سڄو ڪل ناس ٿيو. ڪام جي اڇا رکي، بدنيت ڪرڻ ڪري، ڪريچڪ آدي راجا وراٽ جا هڪ سو سالا ناس ٿي ويا. هنسا ۽ ڪروڌ جي ڪري، راجا پريڇت کي نانگ ڏنگيو.

هڪ ڏينهن راجا پريڇت شڪار ڪري جهنگل کان موٽي شهر ڏانهن اچي رهيو هو ته وات تي پياس لڳس. انهيءَ رستي تي رشي رهندا هئا. سو پاڻي پيئڻ جي اڇا سان هڪ رشيءَ جي ڪٽيا ۾ اچي پاڻي گهرڻ لڳو. پر رشي جو پنهنجي نروڪلپ سماڌيءَ ۾ ويٺو هو، تنهن راجا کي ڪوبه جواب ڪونه ڏنو. راجا ٢-٣ دفعا وري به پاڻيءَ لاءِ چيس، پر رشيءَ ڪوبه جواب ڪونه ڏنس. تنهن تي راجا ڪروڌ ۾ اچي ويو. گهوڙي تان لٿو. اتي هڪ مئل نانگ ڏٺائين. ڏنش جي نوڪ سان نانگ کڻي رشيءَ جي ڳلي ۾ پاتائين، گهوڙي تي چڙهي روانو ٿيو. اهڙي ۾ پرنگي رشيءَ کي خبر پئي ته راجا پريڇت منهنجي پتا کي ڳلي ۾ نانگ وجهي ٿو وڃي. سو جل هٿ ۾ کڻي راجا پريڇت کي سراپ ڏنائين ته ستن ڏينهن توکي ٽيڪڪ نانگ کائي ماريندو.

پر ناريءَ سان پريت ڪرڻ ڪري لنڪا جو راجا راوڻ ساري لنڪا سميت ناس ٿي ويو. جوئا، ماس، شراب، چوري جيو هتيا، پر استري جي سنگ ۽ ڪروڌ سبب انيڪ جيو ناس ٿي ويا. سو اهي نشٽ ڪرم ڪڏهن به ڪرڻ نه گهرجن. مڇي ماس کائڻ وڏو پاپ آهي.

٣- گيان جو پرڪاش پائي - ميٽ تم اوديا سندي،
ٻڌ جو سک اچل پائي - ٻڌ وويڪي ڪر ٻلي.

٤- کهت ٽيئُون سمر سوهم - سمر ڪري ويچار ڪي،
برهم ساڪي جاڻ هڪ تون - لهر جيئن ساگر چلي.

اهڙيءَ طرح ٻه - ٽي ڏهاڙا وڏي ڌام ڌوم سان اتسؤ ٿيو. چوٿين ڏينهن صبح جو، ستسنگ ڪانپوءِ، مهراج منگهرام ستگرو مهاراڄن کي چوڻ لڳو ته هي پريو، اسان جي لاڙ ملڪ جا وڏا ڀاڳ جاڳيا آهن، جو توهان پيرا گهمائي پوتر ڪيو آهي. هاڻي ڪرپا ڪري ٽنڊي غلام عليءَ هلي، اسان جي ڪٽيا کي ٻه پوتر ڪيو ۽ ساري شهر کي نام جپائي نهال ڪريو. ٻڌين، ماتلي ۽ تلهار جي ستسنگين ٻڌ ستگرو مهاراڄن کي وينتي ڪئي ته اسانکي رستي ۾ اورانگهي نه وڃو. اسانجي نگرن ۾ ٻه پدهڇا ڪري ڪمل گهمائي پوتر ڪجو. ستگرو مهاراڄن ڪين چيو ته توهان اسان سان گڏجي هلو، پا ٽنڊي غلام عليءَ اچجو، نه ته چنيءَ رستي اوهان کي احوال ڏينداسون. اهو ٻڌي، ٽنڊي باگڙي جي ستسنگين چيو ڪرپا ڪري، اسان وٽ مهينو ڪن رهو. هي ٽي چار ڏينهن ته توهان سنت ٻڌپوريءَ وٽ رهيا آهيو. هاڻي اڄ ڪان وٺي اسان وٽ پوڄن ڪريو اسان پريمين جا ٻه سوال پورا ڪريو. تنهن ڪانپوءِ ٽنڊي آدم ۽ غلام عليءَ ۽ ٻين پاسن وڃجو. ستگرو مهاراڄن مشڪي ڪين چيو ته توهان جو پريم ۽ شرڌا ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا آهيون. پر ايترا ڏينهن ڪونه رهي سگهبو. ڇو جو هت سڀني پريمين وٽ ٻه ٻه - ٽي ڏينهن وڃڻو آهي. تنهنڪري ٻه - چار ڏينهن ٻيا ٻه رهون ٿا. مهراج منگهرام کي چيائون ته اسانکي ٻه - چار ڏينهن هتي لڳندا. پوءِ پهرين توهان وٽ هلنداسون. تنهن تي مهراج منگهرام خوش ٿي چيو، ڏاڍو سٺو! اسان وڃي ٿا اتي بندوبست ڪريون. هڪڙو ستسنگي هتي ڇڏي ٿا وڃون

قلعي گر اُن کي ڪري ۽ لوهه جي پٽيءَ سان خوب مهت ـ يي ڪت للهي، پوءِ قلعي لڳائيندو آهي ته ٻڪدر قلعي چڙهي ويندي آهي ۽ برتن به تمام سندر ٿي پوندو آهي. تهڙيءَ طرح جگياسوءَ کي به ڪرم ڪري پنهنجي انتهڪرڻ مان پاپن روپي ڪچرو ڪڍي پورن ستگرو روپي قلعي گر جي کوج ڪرڻ گهرجي. پورن ستگرو ڇاکي ٿو چئجي؟ جو برهم نيشٺي ۽ برهم شروتري سداچاري هجي. يعني آتم سروپ ۾ نشٺا هجيس ۽ ويد شاستر جو به ڄاڻو هجي. جيڪو جگياسوءَ جون شنڪائون، سنسا، ڀرم يڪتيءَ سان شاسترن جا پرماڻ ڏيئي دوُر ڪري. اهڙي ستگروءَ جي شرن ۾ وڃيءَ سان وچ ـ يي، يعني پرساد ڦل ڦوُل، چندن، اگربتيون کڻي، ستگروءَ جي پوُڄا ڪري، نرگن اُپاسنا جو گرمنتر وٺي ابياس ڪري. اُپاسنا ۾ ستگرن جـي موُرتيءَ جي اپاسنا شامل ڪري. وکيپ روُپي ڪت للهي، اُنتهڪرڻ روپـي برتن اُوجل ڪري مان ۽ منهنجو، گرن کـي اُرپڻ ڪري ته ستگرو پنهنجي آشيرواد ۽ شڪتيءَ سان جگياسوءَ جي اُنتهڪرڻ کي آتم گيان جي قلعي لڳائي، اهڙو ته سندر بڻائين ٿـا، جو ساري سنسار جا جيو هنجي درشن لاءِ اچـن ٿـا. ستگرو مهاراجن هي پڃن چٽي ستسنگ سماپت ڪيو.

راڳ وهاڳ

ٽل- هـي سنساري چت اُداري - پاونا توُن ڪـر پلي،
ڪر هوشياري ڀـڄ وچاري - غير واري ڇڏ ڳالـهي.

۱- ست ڪرم صابط ڪٽي تـون - صاف دل کي ڪر سدا،
ميل پـاپـن جـي مٽائـي - واسنا جي پٽ واـهي.

۲- شبد سان سـرتي ملائـي - پڃن کر ايڪانت ۾،
جگت جـا ڦرنـا هٽائـي - گرمورت ۾ رهـ رلي.

چند- ڪو ڪهي هر ڪير ساگر ۾-
ڪوئي وئڪنٺ ڌام ۾،
ڪو ڪهي هر اوڌ پري ۾- ڪوئي گوڪل گام ۾،
ڪو ڪهي هر پورب پشچم- دکشڻ اُتراکنڊ ۾،
ڪو ڪهي آرڌ اُرڌ ماهين- ڪو ڪهي برهمنڊ ۾،
ڪو ڪهي هر گنگا جمنا- ڪو ڪهي گوداوري،
ڪو ڪهي پرياگ مانهين-
ڪو ڪهي برج ۾ هري،
ڪو ڪهي هري دوارڪا ۾- ڪو ڪهي گرنار ۾،
ڪو ڪهي ڪاشي گيا ۾- ڪو ڪهي ڪيدار ۾،
ڪو ڪهي بدريءَ ۾ ڀڳون- ڪو ڪهي ڪيلاش ۾،
ڪهت ٽيئون مڱن سن ديکا- هر بسي وشواس ۾.

اهڙي طرح پريمي چوڻ لڳو ته ڀڳوان جو وشواس ۾ درشن ڪري، شانتيءَ کي پراپت ڪرڻ لڳس. تمام گهڻن ڏينهن کانپوءِ هڪ شهر ۾ آيس، جتي ستسنگ ٿي رهيو هو. اتي شانتيءَ کي ڏٺم- وري ڪٿي ڏسان ته بي پرواهي، ڪيرتي، ڀڳوان ۽ شانتي، اهي چار ئي گڏ ستسنگ ۾ موجود آهن. اهو درشٽانت ڏيئي چيائون ساڌن جي سنگت ۾ هلڻ روز گهرجي. هي گرمکو، اهي چار ئي پدارٿ ستسنگ ۾ پراپت ٿيندا. تنهن ڪري سدائين سنتن مهاتمائن جو ستسنگ ڪرڻ گهرجي پوءِ رام نام جي ڌني لڳائي ستسنگ سماپت ڪيائون.

هڪ ڏينهن شام جو سنت پتي پوري مهراج چانڊورام کي چوڻ لڳو ته ڪجهه وس رهاڻ ڪريو ته اسان سڀ ٻڌون. تڏهن منگهر رام چيو ته سائين، جيوُ ۽ برهم ۾ ڪهڙو ڀيد آهي؟ ستگرو مهاراجن چيو ته شري ڪرشن ڀڳوان گيتا جي پندرهين اڌياءِ ۾ چيو آهي ته

جو توهان سيني کي وڃي ايندو. اهڙيءَ طرح هفتو کن ٻيو ٻه ٽنبي باگڙي ۾ لڳي ويو. ڀائي ٽيرٿداس، جهامڻ داس ۽ ڀائي لعل جو ٽهند وهو ۽ ٻيا ٻه، ڪيترا ستگرو مهاراجن جا جگياسو ٿيا. اُن بعد ستگرو مهاراج پنهنجي منڊليءَ سميت سنت پڏپوريءَ سان گڏجي ٽنبي غلام عليءَ روانا ٿيا ۽ شام جو وڃي اُتي پهتا رات جو ستسنگ جي مهما جي وشہ تي اُپديش ڪيائون. چيائون ته جيترا به سنسار ۾ ڪرم ڌرم جا ساڌن آهن. سي سڀ ستسنگ جي اُنترگت آهن.

جيتي سکہ سنسار ۾ - سي سڀ ستسنگ مانهہ،
اننت پاپي نر گڏي - جن ڪي گنتي نانهہ .

مطلب - هن سنسار جي اندر سيڙي جيو چار ڳالهيون چاهين ٿا :

بي پرواهي ڪيرتي، شانتي اُور ڀڳوان ،
کهي ٽيئون سنسار ۾ ، چاهت سڀ اِنسان

جيئن ته هڪ برهمڻ سيٺي مترن ۽ گهر جي ڀاتين کان موڪلائي ۱۲ مهينا گهمي اِهي چار ڳالهيون پراپت ڪري موٽي آيو. مترن ۽ ساري شهر جي برهمڻن کي خبر پيئي. سيڙي ملڻ ۽ خبر چار وٺڻ لاءِ وٽس آيا. چيائونس ته اُدا ٻڌاءِ ته ٿون اِهي چارئي پدارٿ ڪٿان پراپت ڪيا، ڇو جو اسان سڀني کي ٻه اِهي چارئي پدارٿ گهرجن.

برهمڻ چيو ته اُدا، ڀرپائين مون اِي پرواهيءَ کي ڳوليو. مهيني کن جي ڳولا ڪانپوءِ اُندر ۾ ٻي خواهش ۽ نشڪامتا ۾ بيپرواهي ڏٺم. وري ڪيرتيءَ کي ڳولڻ لڳس ڳولهيندي ڳولهيندي نياز نمرتا ۽ نمرتائيءَ ۾ ڪيرتيءَ کي ڏٺم. ڪهڪانپوءِ کي ڳولڻ لڳس. گهڻن کان ٻڌم ته ڀڳوان ڪٿي تو رهي.

پهرين آتما جو گيان هجي، يعني پنهنجو پاڻ کي سڃاڻي، ته مان ڪير آهيان ۽ ڪٿان آيو آهيان؟ ڪيڏانهن ويندس؟ سنسار ڇا آهي؟ ڀڳوان ڪنهن کي ٿو چئجي؟ هو ڪٿي ٿو رهي؟ من ڪهڙي وستو آهي؟ ڪال ڪهڙي چيز آهي؟ ڄمي ڪير ٿو ۽ مري ڪير ٿو؟ انهن ڏهن ڳالهين جي ستگر جي دوارا ڄاڻ وٺجي ۽ پنهنجو پاڻ پورن رِيت سڃاڻجي. ٻيو سدائين پر اُپڪار يعني ٻين جي ڀلي ۽ سک لاءِ رات ڏينهن لڳو رهجي. جنهن جيءُ ۾ اِهي ٻه ڳالهيون ڪونهن، سو سنسار ۾ مردي سمان آهي.

आत्मार्थी जीव लोकेऽस्मिन्, कोन जीवति मानव: ।
पर परोपकारार्थम्, यो जीवति स जीवति।

جيڪو ٻين جي سک ۽ ڀلي لاءِ جيئي ٿو، سو سنسار ۾ جيئرو آهي. تنهنڪري سدائين پنهنجي سوارٿ ۽ سک کي تياڳي، ٻين جو ڀلو ڪجي ۽ سيني جيون کي سک ڏجي. ستسنگ سماپت ٿيو. اُتي ٻه ڏينهن رهي. سيني پريمين کان موڪلائي ماتليءَ پهتا.

ماتليءَ ۾ ست ڪرم جو اُپديش ڪيائون، چيائون ته هي جيو ڪرمن جي ڪري ئي سک، دک ڀوڳيٿو. ڪرم ٻج سمان آهي. زمين ۾ جهڙو ٻج پوکبو، تهڙو ئي ڦل ملندو. تئن ئي هيءُ جيو به جهڙو ڪرم ڪندو، تهڙو ئي ڦل ڀوڳيندو. تنهن ڪري، سدائين ڀڳتي، دان، تپ، ورت، نيم، پراپڪار آد شڀ ڪرم روپي ٻج پوکڻ گهرجن ته ڪو نه ڪو انگور پيدا ٿئي پوندو، جو ڄڳانجهگ پيو ڪائنبو. پرلوڪ لاءِ به شڀ ڪرمن کي متر بڻائڻ گهرجي.

ديس اُنتي ڪر ذاتي سيوا- گڻيڻ ڪو سنڪار
شيل سنتوش، پر سوارٿ رت-

ڪرم يوگ اُرڌار،

ممئي وانشو جيو لوڪي - جيو ڀوتهه سناتنهه. يعني هيءُ جيوُ منهنجو ئي انادي انس آهي.

ساکي برهم سروپ اِڪ، نهين ڀيد ڪو ڳنت.
راڳ دويش مت ڪي ڌرم - ڌاڻم ماڌت آڏت.

جيو آتما، ساکي ۽ برهم، هڪڙو ئي روُپ آهن. انهن ۾ ٿوري ماتر به ڀيد ڪونهي. راڳ، دويش آدي وڪار ٻڌيءَ جا ڌرم آهن. جيڪي جيوُ آتما ۽ برهم ۾ ڀيد سمجهن ٿا تن جي مت اَنڌي آهي. جيوُ، برهم جو ئي سروپ آهي.

ستگرو مهاراڄن جا اِهي وچن ٻڌي مهراج منگهر رام ڏاڍو خوش ٿيو. رات جو ستسنگ ۾ ٻين ڪيترن ننڍن ڳوٺن جا پريمي به آيا. اهڙيءَ طرح، ستگرو مهاراڄن ١٢-١٣ ڏينهن اُتي رهي ستسنگ ۾ ڌرم ۽ ويدانت جو پرچار ڪيو ۽ ڪيترن ماڻهن کان سراب، مڇي، ماس ڇڏايو. ڪيترائي ستگرو مهاراڄن جا جگياسوُ ٿيا. تنهن کانپوءِ ستگرو مهاراڄن بدين روانا ٿيا. اُتي راڌي شيام منڊليءَ ۽ پنڇن سڌن ڏاڍي پريم سان سڌن سواگت ڪيو. چار ڏينهن رهي، ست ڪرم ۽ ڌرم جو پرچار ڪري، تلهار روانا ٿيا. تلهار ۾ شام جو سنتن سان گڏجي قلعيءَ جو سير ڪري آيا. رات جو ستسنگ ڪيائون. پهرين ٻين ساڌن ۽ پوءِ ستگرو مهاراڄن ستسنگ ڪيو ۽ ست اُپديش جي وارتا هلايائون. چيائون ته هي منش چولو انترياميءَ پرماتما ڀڄن ڪرڻ لاءِ ڏنو آهي، جو جو ڀڄن ڪري ڀڳوان سان مليو آهي. هيءُ جيوُ چوراسي لک جُوئين ۾ ڀڄن ڪري ڪين سگهيو ۽ نڪو ڀڳوان سان ملي سگهيو. منش چولي کانسواءِ هي جيوُ ڪنهن به جنم ۾ پنهنجو اُڌار ڪري نٿو سگهي. منش جنم ۾ به ڪم ڪرڻ گهرجن.

يا نج آتم گيان هو - يا هو پر اُپڪار،
ٽيئون جس ۾ يهه نهين - ماڻش سوبهڪار،

اوڏانهن وڃڻو پيو ۽ ائين مهينو سوا لڳي ويو. ايترو ڇڏي ستگرو مهاراجن ستسنگ شروع ڪرايو. ڀهراڻ سنت ٻڌيسوريءَ ۽ ٽنهن کان پوءِ ستگرو مهاراجن ستسنگ ڪيو. پرالبڌ ٻابت وارتا هلي، چيائون ته سنسار ۾ ڇهه ڳالهيون پرالبڌ جي وس آهن.

دهرو-

سنو پرت ڀاوي پربل - ولک ڪهي هني ناٿ
هان، لاڀ، جيون، مرڻ - جس اَپجس وڌ هاٿ

مطلب ته- (۱) گهاٽو (۲) واڌو (۳) جس (۴) اَپجس (۵) جيئڻ (٦) مرڻ. اُنهن ڇهن ئي ڪوئي ٻه هٽائي نٿو سگهي. مطلب ته شرير جي پرالبڌ اَوس هن جيو کي ڀوڳڻي آهي ۽ ان کي ڪير ٻه هٽائي نٿو سگهي. ڪرم ٽن پرڪارن جا آهن:

(۱) سنچت (۲) ڪريمان (۳) پرالبڌ.

(۱) سنچت يعني اننت جنمن جا ڪنا ٿيل ڪرم.

(۲) ڪريمان يعني جيڪي ڪرم هن جنم ۾ ٿي رهيا آهن.

(۳) پرالبڌ يعني جن ڪرمن ٿي هي شرير هليو آهي.

سنچت ۽ ڪريمان ڪرم ستگرن جي ڪرپا سان، آتم گيان حاصل ڪرڻ سان ناس ٿي وڃن ٿا. باقي پرالبڌ ڪرم، جن شرير پيدا ڪيو آهي، سي ڀوڳي پورا ڪري ڪرمن جو بندن ڪاٽي، جنم مرڻ جي ڦيري کان ڇٽي سنسار ۾ جيون مڪت ٿي وچرڻ گهرجي. ان وشيه تي اُپديش ڪري، ستسنگ سماپت ڪيائون ۽ پريمي ڀاو پرساد وٺي ويا.

هڪ ڏينهن سنت مينگهورام ٻيرانيءَ وارو، پنهنجي منڊليءَ سميت ستگرو مهاراجن وٽ آيو. ستگرو مهاراجن وڏي آدرستڪار سان کين آسڻ تي وهاري خبر چار پڇڻ لڳا. سنت مينگهورام چيو اسان مهڙن ۾ هڪ پريميءَ وٽ سنڌن سوال تي آيل هئاسون. اتي ويچار ڪيوسون ته ڪنهو ويجهو آهي. سو سنتن جو

بکي کي ٽڪرا، پياسي کي پاڻي -
ڏيجي پڻا آڌڪار،

ڪنن سڀني ۾ هونگا سنگي -
يي تيرا شريشٽ آچار

مطلب ته پنهنجي ديس جي واڌاري لاءِ ڪوشش ڪرڻ گهرجي. سڀني جيون کي ڀڳوان جو روپ ڄاڻي، سيوا ڪرڻ گهرجي. پر مکيه پنهنجي ذاتيءَ جي سيوا ڪرڻ گهرجي. گيانوان ڳالهيون مهاتمائن جو تن، من ۽ ڌن، واڻيءَ سان ستڪار ۽ سيوا ڪجي. سيل معنيٰ سڀني سان پريم ڪجي. جيڪي پريو ڏٺائي، ان تي راضي رهجي. ٻين کي سکي ڏسي خوش ٿيڻ گهرجي. ٻکئي کي روٽي، ننگي کي ڪپڙو، شڪتي آهر لائق ڏسي ڏيڻ گهرجي. انت ڪال ۽ پرلوڪ جي رستي ۾ هن جيو جا اهي شڀ ڪرم سڱي ٿي ڪيس سک ڏيندا. اهڙي نموني چار ڏينهن ماتليءَ ۾ رهي ڌرم ڪرم جو پرچار ڪري، پنهنجي ڳوٺ کنڊيوءَ ۾ پهتا. ستگرو مهاراجن ماتا ڪرشنا ۽ ڀائي ٽهلرام سان ملي اچي ويٺا ته ايتري ۾ شهر جا ڪيترا ستسنگي پريمي اچڻ لڳا، ڇو جو ستسنگ جو وقت به اچي ٿيو هو. ستگرو مهاراجن جي اچڻ جي خبر ساري شهر ۾ پکڙجي وئي هئي. مکي پريان مل به پنهنج وٽي پرساد کڻي ملڻ آيو. درشن ڪري ڏاڍو خوش ٿيا. چوڻ لڳا ته هي پريو، توهان کانسواءِ اسان ڏاڍو اداس ٿيا ٿي پئون اڳتي ڪرپا ڪري، پنهنجي نگريءَ کان ٻاهر نه وڃو. ستگرو مهاراجن فرمايو ته ٻاهر وڃڻ جي پاڻ کي ڪائي اڇا ڪانهي، پر جتي پرالبڌ داڻو پاڻي لکيو آهي اتي ضرور وڃڻو پوندو. اسان خيال ڪيو هو ته ٽنڊي باگڙي مان ٿي موٽي ايندا سون. پر اتي ٻين شهرن جي پريمين نه ڇڏيو، جنهنڪري

ٽن - پنج گيان اندريون، پنج ڪرم اندريون، پنج پران، من ۽ ٻڌي جو ٺهيل آهي. اُنهيءَ سان ملي جيو سپن اوستا ۾ ڪائي پَٽي، سمهي وڃي، گهمي ڦري ٿو، يعني اننت پرڪارن جو وهنوار ڪري ٿو. ٽِن جيو سوکيم سرير سان ملي پرلوڪ ۾ اچي وڃي ٿو ۽ چوراسي يوڳي اننت جوٽين ۾ ڦري ٿو.

سنت ٻڌ پوري: جيو سوکيم شرير جي آڌين ٿي يا ڪرمن جي آڌين ٿي يا پنهنجي خوشيءَ سان اچي وڃي ٿو؟

سنت ميگهورام: هي جيو ڪرمن جي ڪري سوکيم سرير سان ملي وڃي ٿو. جڏهن ڪرمن سهت سوکيم شرير آتما جي گيان سان ناس ٿي ويندو تڏهن جيو آتما اچڻ وڃڻ جي ٻنڌن کان ڇٽي مڪت ٿي ويندو.

سنت ٻڌ پوري: تنهنجي معنيٰ ته هي جيو ست چت آنند مڪت روپ نه ٿيو. پر شاستر چون ٿا ته: ”جيو ڪو سروپ اَت آنند ڪهت ويد“ يعني جيو جو سروپ ست چت آنند آهي، اُن جيو آتما ۾ ڪوبه اچڻ وڃڻ ڪونهي سدا مڪت روپ آهي. اِتي سنت ميگهورام سوامي ٽيئون رام مهاراجن کي چيو ته هاڻي توهان به ڪجهه ٻڌايو.

تنهن تي ستگرو مهاراجن چوڻ لڳا ته توهان ٻئي سچا آهيو. هيءُ جيوُ ست چت آنند گهن، ابناسي آهي. واستوُ ۾ هيءُ جيو آتما نه اچي ٿو، نه وڃي ٿو. اَوديا جي ڪري آتما جو ٻئي جيوُ نالو پيو آهي. اُها اَوديا به ڪا شيءِ ڪانه آهي. صرف ڀرم ماتر آهي. سو اچڻ وڃڻ، جنم مرڻ به خالي ڀرم ماتر آهي. اگيان ڪري ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جيئن ڪو سيٺ جاءِ لاءِ سرون، چنو، لوهه، ڪاٺ، سارو سامان ٻاهران گهرائي، جڳهه ٺهرائي ٿو. جڳهه ٺهي وڃڻ ڪانپوءِ، آڪاس به ٺهي وڃي ٿو. وري جاءِ جي ڊهي پوڻ ڪري اُهو آڪاس ڊهي ڪونه ٿو، جيئن جو ٽِئن آهي، ڇو

درشن ميلو ڪندا وڃون. انهيءَ ڪري سوير صبح جو مهڙن مان نڪري توهان وٽ آيا آهيون. سو توهان ڪرپا ڪري ضرور درشن ڏيندا. ستگرو مهاراج چيو ته اسان ته رات لاڙ ملڪ جو سنگر ڪري موٽيا آهيون. جي ان جل هوندو ۽ هٿي هونداسون ته توهانجي ڦيرڻ جي ميلي تي ضرور ايندا سون. شام جو سنت پاڻ ۾ گيان چرچا ۽ رس رهاڻ ڪرڻ لڳا.

سنت ٻڌپوري: هي جيو آتما ست چت آنند سروپ ابناسي آهي، اُن ۾ دک سک، اپڄڻ وڃڻ، جنم مرڻ ڪونهي ته پرلوڪ ۾ ڪير ٿو وڃي، ڪير ٿو حساب ڏئي ۽ ڪير ٿو چوراسيءَ ۾ اچي دک سک ڀوڳي ۽ نرڪ سرڳ ڀوڳي؟

سنت ميگهو رام: هيءَ جيو برابر ابناسي آهي جنهن ۾ اپڄڻ وڃڻ برابر ڪونهي، پر ڀنهجي واسنا ۽ ڪرمن ڪري اُٺي چوراسيءَ ۾ اچي نرڪ سرڳ ۽ دک سک ڀوڳيندو.

سنت ٻڌپوري: جي هن ابناسي جيو ۾ ڪرم ۽ واسنا آهي ته پوءِ ابناسي ۽ نه ڪرمي ڪيئن چئبو؟

سنت ميگهو رام: جيو ڀهرين برابر نهڪرمي هو پر پوءِ شي اشپ ڪرمن جي ڪري، دک سک، جنم مرڻ جو ڀاڱي ٿيو آهي.

سنت ٻڌپوري: جيڪا شيءِ اچي وڃي ٿي ۽ گهٽي وڌي ٿي ۽ بدلجي ٿي، سا ته مٿيا آهي، پر هي جيو آتما ته ابناسي آهي، تنهن ۾ اچڻ وڃڻ ڪونهي! اهو ويدانت جو سدانت آهي. پر جي اچي وڃي ۽ ڪرمن جي ڪري بدلجي ۽ جمي مري ته پوءِ ابناسي ڪيئن چئبو؟

سنت ميگهو رام: سرير پنجن تتن، آڪاس، وايو، اگني، جل ۽ پرٿويءَ جو ٺهيل آهي ۽ شمشان ۾ جلي ڀسم ٿي ويندو. تت تتن سان ملي وڃن ٿا. ٻيو سرير آهي سوکيم سرير جو سترهن

سيٺ کي ڪارائيندو. ايترو چئي ستگرو مهاراجن پاڻيءَ جو لوٽو ڀري ست نام ساکي چئي ڀنڊاري تي ڇنڊو هنيو. چادر ڀنڊاري جي مٿان وجھي، منگهن ڀڳت کي چيائون ته تون شيواڌارين کي ڀائي ڏيندو وڃ. شيواڌاري ڀنگت ۾ ويٺل ساڌن مهمانن کي ڪارائڻ لڳا. جڏهن سڀني مهمانن جي ساري ڀنگت ڀوڄن ڪري اٿي تڏهن ستگرو مهاراجن شيواڌارين کي فرمايو ته آيا، ٻاهر در تي ١٥-٢٠ فقير بيٺا آهن. انهن سڀني کي به اچي وهاري ڀاڻلون ڏيئي ڀوڄ ڪرايو. شيواڌارين فقيرن کي ٻاهر به ويهاري ڪارايو. ستگرو مهاراجن ۽ شيواڌارين ۽ ستسنگين به رسوئي ڪاڌي. پوءِ ڀرمي چادر لاهي ڏسن ته اهڙا ڀنڊن، ستن ڄڻن جو کاڌو بچيو پيو آهي. اهو ٻاهر ڪيڏي جيون کي ڏنائون. تنهن ڪانپوءِ ماتا ڪرشنا ستگرو مهاراجن کي چوڻ لڳي ته آيا، هيءَ ته ڀڳوان جي وڏي قدرت ڏٺي اٿئون جو چاليهه، پنجاهه ماڻهن جي کاڌي مان به ٽي سؤ ڄڻا کائي ويا، ته به بچي پيو. ستگرو مهاراجن چيو ماتا، اهڙي موقع تي ڀڳوان پاڻ اچي ڪارائيندو آهي. اهو ٻڌي، ماتا چوڻ لڳي ته اڄ ته ڀڳوان پنهنجي ڪرپا ڪري ڪارايو، پر سڀاڻي لاءِ گهر ۾ ڪجهه به سيڌو ڪونهي. ستگرو مهاراجن مشڪي چوڻ لڳا ته امان تون ويچار نه ڪر. جنهن اڄ ڪارايو آهي، سو سڀاڻي نه ڪارائيندو ڇا؟ صبوح ٿئي، پوءِ ڀڳوان موڙهوئي چڱي ڪندو. ايترو چئي ستگرو مهاراجن وڃي آرامي ٿيا.

صبح جو ۴ بجي اٿي، ستگرو مهاراجن ڏندڻ پاڻي ڪري، پنهنجي نج سروپ سماڌي ۾ استٿت ٿيا. ٦ بجي سڀني سنتن مهاتمائن، مهمانن کي وٺي، درياهه تان اشنان ڪري ۷ بجي گهر موٽي آيا ته ڀائي مينگهارام، سيٺ چيلداس جو پٽ، چانور، اٽو گيهه، کنڊ ۽ ٻيو ڀنڊاري جو سامان کڻائي آيو ۽ ستگرو مهاراجن کي وينتي ڪيائين ته اڄ، ڏينهن رات اسان جي پاران ڀنڊارو هلائجو. جي ٻيو به ڪجهه ته شيواڌاري کي موڪلي گهرائي وٺجو.

جو آڪاس ۾ اچڻ وڃڻ ڪونهي، پر جڳهه جي اُپاڌيءَ ڪري ڏسڻ ۾ آيو ته آڪاس اچي ويٺو. جيئن ڪو گهاگهر ڪٽي کوهه تان پاڻي ڀري اچيٿو ته انهي گهاگهر ۾ پولار يعني آڪاس پاڻيءَ سان ڀرجي اچيٿو. اُهو ٻه گهاگهر جي اُپاڌيءَ ڪري ئي ڏسڻ ۾ آيو ته آڪاس کوهه تي ويو ۽ وري ڀرجي آيو. پر واسٽو ۾ آڪاس ۾ اچڻ وڃڻ ڪونهي. خالي اُپاڌيءَ ڪري ڏسڻ ۾ اچيٿو، تئين هن جيو آتما ۾ ٻه، اچڻ وڃڻ يا منجهڻ ڪونهي، پر ٽنهي سريرن اَسٿول، سوڪيم ۽ ڪارڻ جي اُپاڌين ڪري ڏسڻ ۾ ائين پيو اچي ته جيو اچي وڃي ٿو، باقي واسٽؤ ۾ نڪو آيو آهي ۽ نڪو وڃي ٿو.

تنهن تي سنت پڇ پوري چيو ته پوءِ نڪو پنج. نڪو پاپ، نڪو پرلوڪ. نڪو ڌرمراءِ نڪو ليکو. نڪو چوکو، جهڙو پاپي- تهڙو پنجي، پر شاستر جو چوڻ ٿا ته مرڻ کانپوءِ توهان کي پاپ پنج جو حساب يم لوڪ ۾ ڏيڻو آهي، پوءِ تڏهن اُهو ڪير ڏيندو؟ جي حساب ڪتاب ڪونهي ته شاستر ڪوڙا ٿيا. سنت مينگهورام جن ور اٽيو ته هيٺئين دير تي ويٺي آهي. هلو ته باغن ۽ درياهه تان سير ڪري اچون. اُنهيءَ ڳالهه جو وري سياڻي فيصلو ڪنداسون.

ايترو چئي سڀني گهمي ڦري اچي ستسنگ ڪيو. رات جو ستسنگ سماپت ٿيڻ بعد ستگرو مهاراجن چيو ته جيڪي به ٻاهر جا مهمان ستسنگ ۾ آيل آهن، سي سڀ هتي ڀنڊاري ۾ ڀوڄن کائين. تنهن کانپوءِ ستگرو مهاراجن سڀني سنتن مهمانن کي پنگت ۾ ويهاريو ته ايتري ۾ ماتا ڪرشنا ستگرو مهاراجن کي پاڻ وٽ سڏ ڪري چوڻ لڳي ته اٻا، رسوئي ته صرف ۴۰-۵۰ ماڻهن لاءِ مس ٿيندي، پر ڏسان ٿي ته ٻه اڍائي سو ماڻهو ويٺا آهن. سو هاڻي ڪيئن ڪريون؟ اٽو ۽ چانور به گهر ۾ ڪونهن جو ڪٽي رڌي وٺون. هاڻي جيئن چئو تيئن ڪريون. ستگرو مهاراجن چيو ماتا! توهان ڪائي چنتا نه ڪريو. ڪارائڻ وارو پرڀو پاڻهي

ايندا سون ۽ پوءِ پيا سنڀال ڪندا سون. پاڻ ٿهلرام خوش ٿيو ۽ گوال لعل، سروآنند ۽ گرمکداس کي سمجهائي ٻنهي کي روانو ڪري پاڻ وڃي دڪان تي ويٺو. ٣ بجي ستگرو مهاراجن سنتن سان اچي ويٺا. شهر جا ڪيترا ستسنگي پريمي به آيا. سنت ٻڌپوري چوڻ لڳو ته ڪالهوڪي شنڪا اڃا ان ۾ پيئي آهي. سو اُهائي رهاڻ شروع ڪرڻ گهرجي. مهاراجن فرمايو ته پڇي.

سنت ٻڌپوري: جي سڀ پرم ماتر آهي ته پوءِ پر لوڪ ۾ پاپ پڃ جو جيڪو حساب ڏيڻو آهي، سو ڪير ڏيندو؟

سنت مينگهورام ۽ ستگرو مهاراج: انهيءَ ڳالهه جو اوهان فيصلو ڪريو ته هي پريمي به ٻڌن.

سنت ٻڌپوري: جيو آتما اُبناسي آهي، اُن ۾ اچڻ وڃڻ ڪونهي. پر اوديا اُپاڌيءَ ڪري اُئين ڏسڻ ۾ اچي ٿو. تنهن هوندي به، پرلوڪ ۾ حساب ڪتاب ڏيڻو آهي. شاستر چون ٿا ته:-

ٻڌي ۾ آڀاس جو - پڙبم پاپ ڦل ڀوڳ،
گمن آگمن سو ڪري - نهين چيتن ۾ يوگ.

مطلب- ٻڌيءَ جو عڪس يعني پاڇو آهي جو پرلوڪ ۾ اچي وڃي ٿو ۽ ڌرمراءِ کي پاپ پڃ جو ليکو چوکو ڏئي ٿو. پنهنجي ڪرم انوسار، پاپ پڃ جو حساب سان سرڳ، نرڪ ڀوڳي ٿو.

ستگرو مهراجن: ٻڌيءَ ۾ جيڪو پاڇو آهي، سو ئي پرلوڪ ۾ حساب ڪتاب ڏئي ٿو.

هاڻي ٻڌايو ته اهو پاڇو ڪنهن جو آهي، ۽ اهو ست يا اَست؟

اينترو ٻڌي سنت ٻڌپوري ٻه - چار مدت ته چپ ٿي ويو. تنهن ڪانپوءِ چوڻ لڳو ته سپني جا پدارٿ سچا به آهن ۽ جوٺا به آهن؛ پر جيستائين جاڳرت نه آئي آهي.

ستگرو مهاراج ڇيو چڱو آبا. ڀائي مينگهو خوش ٿي گهر ويو. ستگرو مهاراج ماتا ڪرشنا کي چوڻ لڳا ته اسان، ڏس، ڀڳوان هيءُ سيڌ ۽ ڏياري موڪليو آهي. توهان ڀوڄن تيار ڪريو. مائي ڀوڄيءَ ڀوڄن تيار ڪيو ۽ ١١ بجي ستگرو مهاراج سنت، مهمان ڀوڄن کائي آرامي ٿيا.

ٿوري بعد، ڀائي ٺهلرام اچي چوڻ لڳو ته هن سال ٻه نقصان پيو آهي. باغيچو ٻه ڇڏيو سون. ٻنين جو حال ٻه ڪونهي. ونڊ ته ڏسڻ ۾ ڏاڍا سنا ٿيا آهن، پر منجهن مال ڪونهي. ٻاجهريءَ مان ٻل ٻه ڪين لهندي. دڪان جو ٻه حال ڪونه ٿو ڏسڻ ۾ اچي. ٻه هزار روپيه اڳ ۾ ٻه قرض ڪنيو اٿئون. هڪ هزار ڪن هن سال ٻه ڪنيو اٿئون. سو مڙئي ٣ هزار روپيه ٻه ڏيڻا آهن. توهان ٻڌائي سگهو پيا ڪريو، قرض ڪٿان ڏيو؟ ٻيون ڇڏيون، ڇا ڪريون؟ مان هڪ جهڙو ٿيا ڪندس؟ ڪجهه مدد ڪري هيءُ قرض ته لاهيو. اڳتي جيئن توهان جي مرضي. ستگرو مهاراج پنج منٽ شانت ڪري، دل ۾ ويچار ڪرڻ لڳا ته ڀائي ٺهلرام جيڪي چوي ٿو، سو ٺيڪ آهي. جي هينئر اسان هليا وينداسون ته ماڻهو چوندا ته قرض کان ڀڄي ويا. ڀائي ٺهلرام کي ٻه چنتا ٿيندي. تنهنڪري قرض لاهي پاڻ کي آجو ڪريون، پوءِ هن نگريءَ کي ڇڏڻ گهرجي ۽ ٻئي هنڌ، جهنگل ۾ ڏيرو ڪرڻ گهرجي. هتي هاڻي شهر جي ماڻهن ۾ پريم ۽ شرڌا تمام گهٽجي ٿي آهي تنهنڪري هتان کي پريم ۾ ئي ڇڏڻ گهرجي ته سندن پريم وڌندو رهندو ۽ ساريءَ نگريءَ جو ڀلو ٿيندو. دل ۾ اهو پڪو ويچار ڪري، ڀائي ٺهلرام کي چيائون ته توهان ڪائي چنتا نه ڪريو، ايشور مڙيوئي ڀلي ڪندو. اسان قرض لاهي پوءِ ٻئي ڪنهن پاسي ويندا سون. هاڻي هتان ٿنهي ڏوال، سرو آنند ۽ گرمک کي ٻنهن جي سنڀال ٿي رکو. اسان ٻه سڀاڻي وڃي ٻنين تان گهمي

سيٺ گوپالداس جي پٽ ستگرو مهاراج کي عرض ڪيو تہ سڀاڻي اسانجي ٻاران ڏينهن رات ڀڪو ڀنڊارو ڪجو. سيڌو سامان صبح جو سوير موڪلي ڏينداس. ستگرو مهاراج چيو تہ ڀلا، جيڪا اوهان جي اِڇا. اِها سڌ ماتا ڪرشنا کي ڪانہ رهي.

صبح جو ماتا ڪرشنا اچي چوڻ لڳي تہ ڀلا، توهان تہ هيٺئر ٻنين تي ٿا وڃو پر اسان رسوئي ڪٿان ڪريون جو گهر ۾ سيڌو ڪونہ آهي. جٿان چئو تٿان ڪريون. مهاراج چيو اما، تون ڪائي چنتا نہ ڪر. اڄ ڀائي گوپالداس جو ڀڪو ڀنڊارو آهي ۽ ڀوءِ گوال لعل کي چيائون تہ پاڻي ڀري، گهر جي سيوا لاهي، گرمکہ کي وٺي، ٻنين تي اچجو. اسان هيٺئر اوڏانهن وڃون ٿا. توهان جي اچڻ تي موٽي گهر ايندا سون. سرو آنند کي سنتن جي سيوا لاءِ ڇڏي اچجو. ٻنين تي اچي، کوهہ تان اشنان ڪيائون، ساري ٻنيءَ ڏسي، دل ۾ چوڻ لڳا تہ فصل تہ ڏاڍو ڀلو آهي، پر سنگن ۾ اَن ڏسڻ ۾ ئي ڪين ٿو اچي. ونگڻن ۾ بہ مال ڪونهي. سڀ ڇڻيو وڃي. اِهو خيال ڪري، دل ۾ ڀڄن ڳائيندا، سڄيءَ ٻنيءَ کي پرڪرما ڏيئي وڃي ٻيهي تي چڙهي ويٺا. پوکہ ڏي نهاري ڏيري ڏيري، مڌر سر سان ڳائڻ لڳا. ايتري ۾ سيٺئي هاري اچي، مهاراج کي نمسڪار ڪري، چوڻ لڳا تہ فقير سائين، اڄ تمام گهڻن ڏينهن کانپوءِ درشن ڪرايو اٿوَ. هاڻي ڪا دعا ڪريو تہ ٻنيءَ ۾ نُور پوي تہ اسان تان قرض بہ لهي ۽ ٻچا بہ سکيا پاليون. مهاراج فرمايو تہ ڌڻي چڱي ڪندو. توهان ٻنيءَ جي چڱيءَ طرح سنڀال ڪندا رهجو. ايتري ۾ گوال لعل ۽ گرمکداس بہ اچي ويا. کين چيائون تہ ابا، هتي ويهي چڱيءَ طرح سنڀال ڪريو. پر چت سدائين نام ۾ لڳو رهي. اسين بہ ٻئي، ٽئين ڏينهن نظر ڪرڻ ايندا سون. سوامي گوال لعل چوڻ لڳو تہ پوکہ ڏسڻ ۾ تمام ڀلي ٿي اچي، پر مال ڪونهيس. ڀل بہ پوري ڪانہ لهندي. مهاراج چيو تہ پريم سان سنڀال ڪريو. ڀڳوان چڱي ڪندو. ڪيڏانهن

چوپائي- جڏهن سپني سر ڪاٽت ڪوئي-
بن جاڳي دک دور نہ هوئي.

جڏهن سپني ۾ ڪو چور اچي ڪنهن جو سر ڪاٽي، تہ اهو ماڻهو وڏي دانهون ڪري رڙند و آهي؛ يعني اُنهيءَ ماڻهوءَ لاءِ اهو چور سچو آهي، پر جڏهن جاڳي ٿو تڏهن سندس دک دُور ٿي وڃي ٿو. پوءِ هو اُن چور کي ڪوڙو ٿو سمجهي. تهڙيءَ طرح، هي پاڇو برهم جو آهي ۽ نڪي ست آهي، نڪي اَست. جيستائين اگيان جي ننڊ ۾ آهي، تيستائين سچو آهي. پر آتم گيان جي جاڳرت ۾ اچڻ ڪانپوءِ اهو عڪس مٽيا جاڻي ٿو.

سنت مينگهو رام: پاڇو ٿيندو آهي ڪنهن رنگ، رُوپ، آڪار واريءَ وستوءَ جو، پر برهم تہ نراڪار آهي، جنهن جو ڪوبہ رنگ رُوپ ڪونهي. تنهن نراڪار وستوءَ جو پاڇو ڪٿان ٿيندو؟

سنت ٻڌ پوري: نراڪار ۽ رنگ، رُوپ رهت وستوءَ جو بہ پاڇو ٿيندو آهي. آڪاس نراڪار آهي ۽ ڪو رنگ، روپ ڪونهيس؛ پر آرسيءَ ۽ پاڻيءَ ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اهڙيءَ طرح، ٻيون بہ گهڻيون ئي شيون آهن، جنجو رنگ، روپ، آڪار ڪونہ آهي پر سندن پاڇو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. تهڙيءَ طرح نراڪار برهم جو ڪوبہ رنگ روپ ڪونهي، پر انتهڪرڻ جو شڌ، ستي گڻ جو ٽڪيل آهي، ان ۾ آرسيءَ وانگر عڪس پوي ٿو.

ستگرو مهاراجن: برابر پاڇو پوي ٿو، جنهن کي توهان ست بہ چئو ٿا تہ اَست بہ. اهو پاڇو چئو ٿا تہ برهم جو آهي، سو برهم ست آهي يا اَست؟ جي ست آهي، تہ پاڇو بہ ست ٿيڻ گهرجي. جي پاڇو اَست چئو تہ برهم کي بہ اَست ٺهرايو. اِلي سنت ٻڌپوريءَ جي چوڻ ئي اُنهيءَ وشئہ تي وڌيڪ گيان گوشٽ سڀاڻي لاءِ رکي ويئي. پوءِ سڀئي درياهہ جي سير تي ويا. شام جو موٽي اچي ستسنگ ڪيائون. ستسنگ کان پوءِ، پائي رامچند،

جمي ٿو، نه مري ٿو، نه اچي ٿو ۽ نه وڃي ٿو. شرير هٽي ٿي ناس ٿي وڃي ٿو. پوءِ پرلوڪ ۾ پاپ پُن جو حساب ڪير ٿو ڏئي؟ انهيءَ وشيه تي ٽيون ڏينهن آهي، پر اڃا ڪو فيصلو ڪونه ٿيو آهي. هينئر وچار ڪندي اڄ سدت پد پوري چوي ٿو ته برهم جو آڀاس وڃي، پرلوڪ ۾ حساب ڪتاب ڏئي ٿو. اهو آڀاس ست به آهي ته اَست به آهي. تنهن تي اسان جي شنڪا آهي ته جا وستو ست آهي سا ڪڏهن به ناس نٿي ٿئي ۽ جا است آهي سا ڪڏهن به ست نه ٿيندي. هاڻي ڪرپا ڪري توهان به انهيءَ باري ۾ پنهنجا وچار ٻڌايو. هيءَ گيان چرچا خاص جگياسين جي ٻڌيءَ ڪولڻ لاءِ ڪئي اٿئون. واد وواد، هار جيت ڪانهي. ڀڳت آئل لعل جن چيو ته ڏاڍو چڱو، پر توهان جي شنڪا جو اُتر ڀرين پد پوري ڏئي، ته پوءِ اسين به ٻه-چار وچن چونداسون.

پد پوري: توهان جي ڳالهه ڪي قدر سچي آهي ته است وستو ست ڪانه ٿيندي، ۽ نه ست وستو است. پر اگيان ۽ ڀرم ڪري ڀاسڻ ۾ اچي ٿي، جئن نوڙيءَ ۾ نانگ ڏسڻ ۾ ايندو آهي.

ڀڳت آئل لعل: جيڪا شيءِ ڀرم ماتر ڏسڻ ۾ اچي ٿي سان مٿيا آهي. جئن نوڙيءَ ۾ نانگ، سپيءَ ۾ چاندي، ۽ رڃ ۾ پاڻي، ٽنهي ڪالن ۾ ڪونهي. تنهنڪري، توهان جي چوڻ مان اهو ثابت ٿيو ته جنم مرڻ، حساب ڪتاب، ڪجهه به ڪين آهي. پرلوڪ به ڀرم ماتر آهي. جي ائين آهي، ته مڪتي به ڀرم ماتر آهي. پوءِ اُن لاءِ ساڌن ڇو ڪجن؟

پد پوري: هي نام رُوپ، سڀ ڀرم ماتر آهي، پر پُن پاپ جو حساب ڪتاب، پرلوڪ ۾ ڪير وڃي ڏيندو. مان اهو پڇڻ ٿو چاهيان.

ستگرو مهاراج: هينئر توهان چيو ته 'مان اهو پڇڻ ٿو چاهيان'

ڀڄي نه وڃجو. ڀائي ٺهلرام جو قرض لاهي، پوءِ سڀئي گڏجي ڀڳوان جي ٻاغيچي جو سير ڪنداسون. گهر اچي ڀائي ٺهلرام کي چيائون ته پوک تمام ڀلي ٿي آهي. قرض لهي ويندو.

شام جو ٣ بجي جل پان ڪري، سنتن سان اچي ويٺا. شهر جا ڪيترا پريمي به اچي ويا. مهاراجن سنت ٻڍپوريءَ کي چوڻ لڳا ته اسان جي ڪالهوڪي شنڪا اڃا اتي ئي بيٺي آهي برهم ست آهي يا اسٽ، تنهن جو اڄ فيصلو ڪريو.

ٻڍپوري: هي ڀڳون، برهم ست آهي ۽ اُنجو ڀاڇو به ست آهي. پر جيستائين برهم جو گيان نه ٿيو آهي، تيستائين، ڀاڇو اسٽ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. برهم گيان ٿيڻ کانپوءِ به برهم ۽ سندس آڀاس ست ڀاسڻ ۾ اچن ٿا.

سنت ميگهورام: توهان چئو ٿا ته آڀاس ست به آهي، ته اسٽ به آهي. پر ويدانت جو سدانت آهي ته، وستو اسٽ آهي سا ڪڏهن به ست ٿي نه سگهندي. وري ست وستو ڪڏهن به اسٽ ٿي نٿي سگهي.

اپتري ۾ ڀڳت آئل لعل ۽ سنت گهنبورام سالاري جي پريم نگر جا اچي پهتا. ستگرو مهاراجن ۽ سڀني سنتن سندن آدرستڪار ڪيو ۽ چيائون ته اڄ وري ڪرپا ڪئي اٿوَ جو اچي درشن ڪرايو اٿوَ. تنهن تي ڀڳت آئل لعل جن چيو ته اڄ هتي ڪنڊوءَ ۾ هڪ پريميءَ وٽ رسوئي هئي. ڀوڄن ڪرڻ کانپوءِ پريمين چيو ته هتي ئي آرام ڪري وڃو. آرام ڪري نڪتاسون ته وات تي خيال آيو ته سنت آيل آهن؛ انهن جو درشن ڪري وڃون. سو هتي اچي توهان جو، سنت ميگهورام ۽ سنت ٻڍپوريءَ جو درشن ڪري تمام گهڻو خوش ٿيا آهيون. هاڻي توهان جيڪا ٻارڻ ۾ گيان چرچا ويٺي ڪئي، سا ڪريو ته اسين به ٻڌون. تڏهن سنت ميگهورام چيو ته سائين، سنت ٻڍپوريءَ شنڪا ورتي آهي ته هي جيو آتما اڀناسي آهي؛ ته

ڳهر جو سامان ته ڪجهه دڪان جو سامان وٺي اچ. گوال لعل ڳهڻا وڪڻي سامان وٺي آيو. روٽي تيار ٿي، سڀني کاڌي. سنت موڪلائي پنهنجي پنهنجي آستان ڏانهن ويا. تنهنڪانپوءِ سنتن کي اماڻي ڀائي ٺهلرام کي چيائون ته ڪو ساڌ، سنت، مهمان اچي ته انهيءَ جي شيوا ڪجو. اسين هينئر ٻنين تي ٿا وڃون شام جو موٽي اينداسون. ايترو چئي سروآنند ۽ گرمکداس کي ساڻ ڪري ٻنيءَ تي ويا. ٻنيءَ تي ڏٺائون ته ونڌڻ جي گلن جو چٽڻ هينئر ڪجهه گهٽ آهي. پوءِ سوامي گوال لعل کي ڪم ڪار سمجهائي پاڻ وڃي ٻيهي ٿي ويٺا. ايتري ۾ رمضان فقير هڪ مسلمان سان گڏجي اتي آيو. مهاراجن کي پيرين پئي اکين ۾ جل آڻي چوڻ لڳو ته سائين، ڪيترن ڏينهن کانپوءِ توهانجو درشن ٿيو آهي.

مهاراجن چيو: ابا خبر ٻڌاءِ ته هاڻي ڪٿي ٿا رهو؟

رمضان فقير چيو ته سائين توهان وٽان مون کي وٺي ويا ته ماتا بيمار آهي. پر ماءُ ته بلڪل چڱي ڀلي هئي. اُتي وٺي وڃي مونکي ڏاڍي مارڪٽ ڪري ڪوٺيءَ ۾ پوري ڇڏيائون. ٽي ڏينهن ته روٽي به ڪانه ڏنائون. پوءِ ڪيترا ملان اچي چوڻ لڳا ته ٻاهران بادشاه پير جو مريد سڏاءِ ۽ اندران جيئن تنهنجي مرضي. هرو ڀرو اسانجي پت نه وڃاءِ. تنهن تي مون چيومان ته مهنجو مرشد ته سوامي ٽيئونرام آهي. فقيري ذات تي ڪانهي. شاه لطيف جن به چيو آهي ته:

نئون نياپو آيو - وٽان راڻي رات
لڌي مون لطيف چوي - ڪنا ڏاتر ڏات
ڪانه پڇيائون ذات - جي آيا سي اگهيا.

فقيري ذات تي ڪانهي. تنهن ڪان سواءِ سوامي جي مونکي ڪو ائين ڪونه ٿو چوي ته تون ڪو هندو ٿيءُ. اسانجي

سو جيڪو پڇي ٿو ۽ "مان" چوي ٿـو، سو اَنتهڪرڻ ۽ سوکيم شرير سان ملي، پرلوڪ ۾ پاپ پنج جو حساب ڪتاب ڏيئي، جنم مرڻ جي چڪر ۾ ايندو.

سنت ٻڌ پوري: سوامي جي، اهو پڇڻ وارو "مان" ڪير آهي؟ نالو ڇا اٿس؟

سنگرو مهاراجن: اهو توهان پاڻ ڄاڻي، جيڪو نالو ڏنيو، سو رکوس جي نه رکوس ته به مالڪ آهيو. اهو ٻڌي، سنت ٻڌ پوري ۽ ٻيا سنت کلڻ لڳا.

مهاراجن سنگت کي چوڻ لڳا ته هي جو سنتن کليو، سو ڏيکاري ٿو ته ڳالهه دل سان لڳي اٿن ۽ ڳالهه آهي به کلڻ جهڙي، جنهن کي مهاتمائون گيانوان ڄاڻن ٿا، پر ڪي لڄ کان ان تـي نالو نٿا رکن. سنت ٻڌ پوري مشڪي چـوڻ لڳو ته سوامي جي توهان جا وچن ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو آهيان. مان لڄارو آهيان ته ڪونه، پر اڄ توهان مونکي لڄارو نهراهو آهي جنـن توهان کي نالي رکڻ ۾ لڄ ٿي ٿئي، تن مونکي پڻ نالي رکڻ ۾ لڄ تـي ٿئي. باقـي سنت ميگهورام، ڀڳت آئل رام جن وينا آهن، سي نالو رکن ته ڀلي رکن.

تنهن تي سنت ميگهورام ۽ آئل رام جن چوڻ لڳا ته جـي توهان کـي لڄ تـي ٿئي ته اسين وري ڪي لڄا ڪيئن ٿيون؟ سڀئي سنت کلي خوش ٿيا، گهڻ نڪري ويا.

ٻئي ڏينهن صبوح جـو ماتا ڪرشنا سنگرو مهاراجن کي چوڻ لڳي ته ابا ٻه ڏينهن ته ڀڳوان سنا گذاريا ۽ اڄ ڇا کبو؟ اتي مهاراجن جي پاڄائي ماڻـي پوڄي، پنهنجا ڳهڻا لاهي سنگرو مهاراجن جي اڳيان رکي هٿ جوڙي چـوڻ لڳي ته هي پرڀو، هي ڳهه اٿو ڀلي وڪڻي سيڌو وٺي اچـو ته سنتن جـو ڀنڊارو هلايون. مهاراجن گوال لعل کي آڻيا ڪڍي ته ڳهڻا وڪڻي ڪجهه

ويو. ڏسي ته وڻڻ مال جهلي نه ٿا سگهن ۽ نميا پيا آهن. ٻاجهريءَ جي اڳين سنگن ۾ ايترو مال ڪونهي، پر پرسان ٻيا سنگ. نڪتا پيا آهن ۽ اهي ڀرپور آهن. حيران ٿي ويو. اکين ۾ آب اچي ويس. دل ۾ چوڻ لڳو ته ترلوڪي ناٿ پاڻ ڀڳت جي روپ ۾ اسانجي گهر ۾ آيو آهي پر مون اگيان جي ڪري کيس نه سڃاتو، نندي هوندي کان وٺي ڪيترو گهٽ وڌ ڳالهايو آهي. اهو مون وڏو پاپ ڪيو آهي. تنهنڪري اڄ گهر وڃي ساڌ کان معافي گهري نام جو اُپديش وٺندس. اهو نسچو ڪري گهر موٽيو. ڏٺائين ته ساڌ پاڻ دڪان تي اڪيلو ويٺو ڌيري ڌيري ڀڄن ڳائي. اکين ۾ پاڻي آڻي نماڻو ٿي پيرين پوڻ جي ڪيائين ته مهاراڄ اُٿي سندس هٿ جهلي ورتا ۽ چوڻ لڳا ته توهان پتا جي سمان آهيو ۽ هي ڇا ٿا ڪريو؟ ڀائي ٺهلرام روئي چوڻ لڳو ته هي پريو توهان جي مايا اهڙي پربل آهي جو هيترا ڏينهن توهان کي سڃاڻي نه سگهيس. نندي هوندي کان وٺي توهانکي گهڻو گهٽ وڌ پئي ڳالهايو اٿم. ڪرپا ڪري ديا جي درشٽي ڌاري مونکي معافي ڏيو ۽ نام جو اُپديش ڏئي منهنجو اُڌار ڪريو.

ستگرو مهاراڄ چوڻ لڳا ته توهان جيڪي چيو هو سو سڀ منهنجي ڀلي لاءِ. تنهنڪري توهان ڪوبه خيال نه ڪريو. اڄ توهان جي چت ۾ نام جي ڀڳتيءَ جي چاهنا جاڳي آهي. اهو ڏسي مان تمام خوش ٿيو آهيان. منش چولو ڀڳوان جي ڀڄن ڪرڻ لاءِ مليو آهي. ڀلي ڀڄن ڪري جنم سڦلو ڪريو. نام جو اُپديش توهانکي پوءِ ڏينداسين. ٥ بجه شام جو ستن، مهاتمائن ۽ ستسنگين سان گڏجي باغ جو سئر ڪري آيا. پوءِ ستسنگ شروع ڪيائون. ڀائي ٺهلرام به اچي ستسنگ ۾ ويٺو. منش ڌرم جي وارتا هلي. چيائون ته منش جو ڌرم آهي ڀڄن ۽ ست ڪرم ڪرڻ. سو سدائين پرڀوءَ جو ڀڄن ۽ ست ڪرم ڪندو رهجي. ڀڄن ڪرڻ جي ڀورين اوستا ٻالپڻ ۽ جواڻي آهي. ٻر جي ڀورين

مرشد جي ته اِها هدايت آهي ته:

حافظا گر وصل خواهي، صلح کن با خاص ؤعام
با مسلمان، الله، الله، با برهمڻ، رام رام.

جي ايشور جو ميلاپ تون چاهين ته سڀني، خاص ۽ عام سان پريم جو ورتاءُ ڪر. مسلمان چون الله، الله ۽ هندو چون رام رام. پنهنجي پنهنجي ڌرم ۾ رهي بندگي ڪر. سو مان ڪو هندو ڪونه ٿو ٿيان جو توهان مونکي مارڪٽ تا ڪريو. پر ڪيترين به بکون ڏيئي ماريندا ڪٽيندا ته به انهيءَ ڳالهه تان ڪين هٽندس. ان ڪانپوءِ مونکي ١٠-١٥ ڏينهن ڪوٺيءَ ۾ بند ڪري مارڪٽ ڪري، ڪڍي ڇڏيائون. هاڻي مان هالن جي رستي تي مڪان ناهي ويٺو آهيان. هي قادربخش به مون وٽ رهندو آهي. گهڻن ڏينهن کان پيو ستائي ته سواميءَ جن کان اُپديش وٺي ڏي. سو سائين هاڻي هن تي به ڪرپا ڪريو. ائترو ٻڌي، ستگرو مهاراجن چيو ته اَها، هيءَ ڳالهه ڏاڍي ڏکي آهي.

سر دينا تو سهج هَي، اَڌ گهڙي ڀل يام.
نيهه نباهڻ ڪٺن هَي، اَيُو ڀر ڪا ڪام.

سر ڏيڻ تمام سولو آهي جو گهڙيءَ اڌ ۾ ڏيئي سگهجي ٿو. پر انت تائين نباهڻ تمام ڪٺن آهي. تنهن تي قادربخش چوڻ لڳو ته هي درويش سائين، مان اهو سڀ ٿو ڪريان ته توهان جي ٻاجهه سان منهنجو به سدائين توهان جي چرنن ۾ ڌيان رهندو ۽ نڀي ايندي. مهاراجن قادربخش کي اُپديش ڏنو ۽ هو ٻيري ٻئي موڪلائي گهر ويا.

هڪ ڏينهن ڀائي ٺهلرام مهاراجن کي چيو ته توهان ڪا کن دڪان تي ويهو ته مان ٻهين تان گهمي اچان. مهاراجن چيو ته ڀلي وڃو.

ستگرو مهاراجن دڪان کولي ويٺا. ڀائي ٺهلرام ٻهين تي

ڪيو. رات جو سوامي آسورام جن ڪٽاري تي پنهنجي منڊليءَ سميت ستسنگ ڪيو ۽ پنهنجي ناهيل واڻي وئراڳ ڀرئي آواز سان ڳايائون. هي هيٺيون پارسي بيت به چيائون:

جانبا جانا بهر دي - ورن بستا نند ازل،
خود تو منصف باش حافظ، اين ڪو يا آن ڪو.

مطلب - پنهنجا پران ڀڳوان جي ڀڄن ۾ ۽ سڀڪنهن پراپڪار ڌرم ۾ لڳائي، سڦل ڪر; نه ته توکي هونئن ئي ڪال هڪ ڏينهن ماري ويندو. تنهن ڪري تون پاڻ نياءُ ڪري ڏس ته سڀڪنهن پراپڪار ۾ ڪم اچي، اهو چڱو يا ڪال اچي پران وٺي اهو چڱو. هي منش، جيڪڏهن تون چاهين ٿو ته منهنجو جنم سڦلو ٿئي، ته هيٺيون چار ڳالهيون ڌارڻ ڪر:

جي چاهين مڪت ملان - ته ڳالهيون چوانءِ چار
هڪ عهد جو الست جو - سو پريندءِ سان پيار،
ٻيو موت کي ياد ڪر - من مان ڪين وسار؛
ٽيون اوگڻ ڏسج پنهنجا - ٻين جا ڪين ويچار؛
چوٿون جيڪي چڱايون ڪرين - سي دل تان ڇڏي ڏار،
ته آسو آخر ڪار - جنم تو سڦلو ٿئي.

سوامي آسورام جن ڪانپوءِ ستگرو مهاراجن ۽ سوامي گوال لعل جن گڏجي ستسنگ ڪيو. ستگرو مهما تي وارتا هلي. چيائون:

ايشور تي گر ۾ اڌڪ - ڌاري ڀڳت سڄان،
بن گر ڀڳت پربين هو - لهي نه آتم گيان.

مطلب - جگياسوءَ کي ڀڳوان کان وڌيڪ گروءَ ۾ شرڌا، پريم ۽ وشواس هئڻ گهرجي. اهڙي گر ڀڳتيءَ کانسواءِ ڪيترو به

ٻالاپڻي ۾ نه ڪري سگهي- نه هاڻي جوڀن اوستا ۾ ڪري، ڇو
جو ٻڍاپي ۾ ڀڳتي ڪانه ٿي سگهندي.

جرا اُپاءُ نہ هو سڪي، جرا آيو ڪي ماڌھ،
ڀو ساگر ڪي ترن ڪو، تـرڻ اوستا آڌھ

مطلب ٻڍاپي ۾ توري ڀڳتي ھ نہ ٿـي سگهندي. جوڀن اوستا ۾ هن سنسار ساگر مان تري سگهجي ٿـو ۽ ٻڍاپي ۾ نہ ڀڳتي ڪرڻ گهرجي يعني ڀڳتي ڪري تري پار پهچي سگهي ٿو. ڀڳتي ڪري انسان اُهناسي ديس ۾ وڃـي سگهي ٿـو. آخر ۾ ستسنگ سماپت ٿيو. ائين ڪندي ڪجهه وقت گـذري ويـو. هڪ ڏينهن، سنت ٻالو گوپالو، ورڪت سادو رشيڪيش اُتراکنڊ جي پاسي جو، ستگرو مهاراجن جـي آستان تي آيو. مهاراجن آدر ستڪار سان وهاري ڪانئن خبرچار پڇڻ لڳا. ٻالـي گوپالي ٻڌايو تہ منهنجو جنم پنجاب ديـس ۾ ٿيو. رشيڪيش اُتراکنڊ ۾ رهندو آهيان. سنڌ ديش جو سير ڪندي شڪارپور ۽ سکر گهمي، شهدادپور پهتس تہ اُتي هڪڙي استان تـي پريم ۽ وئراڳ سان ڀريل سندر واڻي ٻڌي ڇپائون پڇڻ تي خبر پيم تہ اُها واڻي توهان جي ٺهيل آهي. وڌيڪ احوال ڏينـدي، هڪ پريميءَ ٻڌايو تہ هالن جي ڀرسان ڪنڊيءَ ۾ هڪ اوتاري مهاتما جڳت جـي اُڌار واسطي جنم ڌارڻ ڪيو آهي. ڏاڍيون ڪرامتون ڏيکاريون اٿس. اها ڳالهه ٻڌي پڪو خيال ڪيم تہ اهڙي ست پرش جـو درشن ڪري پوءِ ٻئي پاسي ويندس. سو ڪالهه شهدادپور مان صبح جو نڪري جهنگل جو سير ڪندو اچي اڄ توهان جو درشن ڪري تمام خوش، ٿيو آهيان. ستگرو مهاراجن چوڻ لڳا تـہ اڄ اسان جا ڀاڳ جاڳيا آهن، جو گهر ويٺي درشن ڪيو اٿئون. ائين ٻالي گوپالي سان ڳالهه ٻولهه ٿي. هاڻي تـہ سوامي آسورام جن اچـي نڪتا. ستگرو مهاراجن نمسڪار ڪري سندن آدر ستڪار سان سوآگت

ته هي پرڀو! مونکي ڪو گرو مليو نه ته مان روٽي ڪونه کائيندس. هڪڙو مهاتما رستو وٺي اچي لنگهيو ته اُن کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. ڏنڊوت پرنام ڪري هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته هي پرڀو توهان منهنجا گرو ٿيو. مونکي گرمنتر ڏيئي پنهنجو شش بڻايو. مهاتما دل ۾ ويچار ڪرڻ لڳو ته هيءُ جهنگلي، توڙي مت وارو آهي. پر هن جي ڀاونا ۽ شرڌا سڄي آهي، ڀاونا هنکي ضرور ڦل ڏيندي. اِهو ويچار ڪري مهاتما پڇڻ لڳس ته ڀائي مان تنهنجو گرو ٿيان، پر مونکي هڪ وچن ڏي ته جئن مان توکي چوندس تئن ڪندين. جاٽ چوڻ لڳو ته سائين منهنجي اِستري ٻه مونکي ائين چيو آهي ته جئن گرو چوئي تئن ڪج. تنهنڪري مان توهانکي وچن ٿو ڏيان ته جئن توهان چوندا تئن ڪندس. ڏکڻا ۾ هيءَ ٻلي ٻڪري اوهان کي ڏيندس. پر توهان مونکي ضرور ڀڳوان جو درشن ڪرائجو. مهاتما کي ٻڪ ٿي ته هن جاٽ جي پتني ٻڌيوان ۽ ستسنگڻ آهي. مهاتما کيس چيو ته هڪ رام نام جو منتر جپيندو رهه ۽ ٻيو جئن توکي من چوي تئن اصل نه ڪج. جاٽ چوڻ لڳو ته هي پرڀو، جئن توهان آگيا ڪئي آهي تئن ڪندو رهندس. هيءَ ٻڪري توهان کي ڏيان ٿو. سنت چيو ته اِها ٻڪري ٻلي تو وٽ هجي. جڏهن گهرج پئي تڏهن ڪاهي ويندس.

اُن ڪانپوءِ جاٽ رام نام جپيندو رهيو. جڏهن منجهند جو ٻارهن ڪن لڳا ته بک لڳس. خيال ڪيائين ته روٽي چوڙي کائوان. ائين ٿي ويچار آيس ته من ٿو چوي ته روٽي کاءُ. پر گروءَ جو چوڻ آهي ته جئن من چوئي، تئن اصل نه ڪج. سو روٽي ڪانه کائبي. روٽي چوڙي ٻڪين کي کارائي ڇڏيائين. توڙي دير ڪانپوءِ اُڃ لڳس. ڪڏ تي پاڻي پيئڻ ويو. اُتي ويچار ڪيائين ته اهو ٻه ته من ٿو چوي ته پاڻي پيءُ. سو من جو چوڻ ڪونه مڃبو. اُتيئي ڪڏ تي ويهي رام نام جپڻ لڳو. ڪجهه دير بعد خيال ڪيائين ته وڃي ٻڪرين جي سنڀال ڪري اچان. پر دل ۾

ڪٿي ماڻهو سياڻو هجي، شاسترن جو ڄاڻو هجي، تہ بہ آتم گيان پراپت ڪري نہ سگهندو: ڇو جو ايشور کان ستگرن جو درجو مٿي آهي.

گوبند ڪي ڪيئَي جيو جات هئَہ رسائل ڪي،
گرو اُپديش سي ڇُوٽي جنم ڦند تي.
گوبند ڪي ڪيئَي جيو وس پري ڪرمن ڪي،
گرو ڪي نواري سي ڦرت هئَن سوڇند تي.
گوبند ڪي ڪيئَي جيو ٻُوبت ڀو ساگر ۾،
سندر ڪهت گرو ڪاڍي دک دوند تي.
اورؤن ڪهان لون ڪڇون مکتي نہ ڪهو جاءِ،
گرو ڪي تو مهما اڌڪ هئَہ گوبند تي.

هڪڙو ڄاٽ ٻڪرار هو، جنهن شادي ڪئي، سندس زال گيانوان، ستسنگياڻي هئي. شاديءَ کانپوءِ هڪ ڏينهن سندس استريءَ کانئس پڇيو تہ توهان ستگرو ڪيو آهي؟ ٻڪرار چيو تہ نہ. سندس ڌرم پتنيءَ اکين ۾ جل آڻي چوڻ لڳي تہ، هي ڀڳوان ستگرو ڪريو، جو ستگروءَ کانسواءِ مکتي نہ ٿيندي. ٻڪرار چيو تہ مونکي تہ انهيءَ ڳالهہ جي ڪائي خبر ڪانہ آهي. مونکي ٻڌاءِ تہ گرو ڪيئن ڪبو آهي، گرو ڪٿي رهندو آهي ۽ ڪهڙو ٿيندو آهي.

استريءَ چيس تہ سوامي! توهان شرڌا رکي گرو ڪرڻ جو پڪو سنڪلپ ڪري ٻڪريون ڪاهي وڃو تہ ڀڳوان توهان کي پاڻهي گرو ملائيندو. پوءِ جئن گرو چوي تئن ڪجو. گروءَ کي چئجو تہ مونکي ڀڳوان جو درشن ڪراءِ. ڄاٽ پڪو سنڪلپ ڪري ٻڪريون ڪاهي شهر کان ميل ڪن ٻري وستي جي ڪناري تي وڃي ٻڪريون چارڻ لڳو. اُتي پرماتما کي آراڌنا ڪرڻ لڳو

پر وري به ساڳيو خيال آيس ته اِهو به من تو چوي. واٽ ڪٽي بند ڪيائين ته متان پاڻي اندر وڃي. اِندر ديوتا گهٻرائجي ويچار ڪرڻ لڳو ته جي هاڻي وڌيڪ برسات وسائبي ته پاڻي نڪ ۾ وڃي پوندس ۽ ٻڏي مري ويندو. اِهو خيال ڪري، اندر ديوتا ويڪنٺ ڌام ۾ ويو ۽ وشنو ڀڳوان کي ڏنڊوت پرنام ڪري، ساري ڳالهه ٻڌايائين ۽ وينتي ڪيائين ته هاڻي ڪرپا ڪري توهان وڃي درشن ڏيوس نه ته پران نڪري ويندس ۽ سرڳ لوڪ ۾ ايندو. وشنو ڀڳوان ڪڏ تي آيو اچي ڀڪرار کي چيائين ته هي منهنجا ڀڳت! تون منهنجي درشن لاءِ تپ ڪري رهيو آهين. مان تنهنجي گر ڀڳتيءَ تي ڏاڍو خوش ٿيو آهيان. هاڻي اکيون کولي ٻاهر نڪري اچي منهنجو درشن ڪر. جاٽ اکيون کوليون، ڀڳوان ڏي نهاري چوڻ لڳو ته مان ڪيئن ڄاڻان ته تون ڀڳوان آهين، ڇو جو مون توکي اڳ ڏٺو ئي ڪونه آهي. تنهنڪري جڏهن گرو مونکي اچي چوندو ته هيءُ ڀڳوان آهي ته پوءِ مان ٻاهر نڪري ايندس. ائين مونکي توتي وشواس ڪونهي. اِئين چئي اکيون بند ڪري، رام نام جي ڌنيءَ ۾ لڳي ويو. ڀڳوان ساڌوءَ جو ويس ڪري، جنهن شهر ۾ هن جاٽ جو گرو ڪٿا ڪري رهيو هو، اُتي ستسنگ ۾ وڃي ويٺو. ستسنگ جي سماپتيءَ ڪانپوءِ سنت کي ٻاهر ايڪانت ۾ وٺي ڀڪرار جي ٻاري ۾ ساري ڳالهه ٻڌايائين ته مون وڃي درشن ڏنومانس ته هو مونتي اعتبار نٿو ڪري ۽ چوي ٿو ته مان توکي سڃاڻان ئي ڪونه ٿو. گرو اچي چويم ته هي ڀڳوان آهي ته پوءِ توتي اعتبار ڪندس. سو هاڻي توهان دير نه ڪريو. جلدي هلو نه ته ڪلاڪ کن ۾ هن جا پران نڪري ويندا.

مهاتما چيو ته چڱو، پر پهرين مون کي پنهنجو سرڳڻ روپ ڏيکاريو ته پوءِ توهان سان گڏجي هلان. ڀڳوان پنهنجو چترڀڄ روپ ڌاري، مهاتما کي درشن ڏنو. تنهن ڪانپوءِ، ٻئي گڏجي اُن

چوڻ لڳو ته اهو ٻه ته من تو چوي، تنهنڪري من جو چيو ته اصل نه ڪبو. ٻيهي رام نام جپڻ لڳو. سڄ لٿو ۽ ٻڪريون پاڻهي گهر هليون ويون. جاٽ دل ۾ خيال ڪيو ته سڄ لٿو آهي ۽ گهر هلجي. پر وري ٻه دل ۾ چوڻ لڳو ته اهو ٻه من تو چوي. تنهنڪري، جيڪي من چوي، تيئن نه ڪرڻو ئي نه آهي. انهن خيالن ۾ اٽڪيئي ٻيئي ساري رات گذري ويس. ٻئي ڏينهن شام جا پنج اچي لڳا ته اندر ديوتا جو آسڻ ڪنبڻ لڳو. اندر ديوتا انترمک ٿي ڏٺو ته هڪڙو جاٽ ٻڪرار ڪڌ ۾ ويٺو گر ڳڻتي ۽ تپ ڪري. ڏهه پهر گذري ويا اٿس ته پاڻيءَ ٻڪ به ڪين پيتو اٿس. اگر هو پاڻي نه پيئندو، ته مري ويندو ۽ اچي منهنجي آسڻ تي ويهندو. تنهنڪري ڪنهن اٽڪل سان هن کي پاڻي ضرور پيارجي. اهو خيال ڪري، مينگهه ديوتا کي گهرائي آگيا ڪيائين ته اهڙي برسات وساءِ جو هو جاٽ پاڻي پئي. مينگهه ديوتا برسات وسائي. انهيءَ ڪڌ ۾ گوڏي جيترو پاڻي ٿي ويو. جاٽ سوچڻ لڳو ته هيئنر ته اڃ سخت لڳي آهي؛ تنهنڪري ٻه چار ٻڪ پاڻيءَ جا پي وٺان. وري خيال آيس ته اهو ٻه ته من تو چوي. گروءَ چيو آهي ته من جو چيو اصل نه ڪجِ. تنهنڪري پاڻي اصل نه پيئبو، چاهي پران نڪري وڃن. اندر ديوتا ٻڪرار جو دڙهه سنڪلپ ڏسي مينگهه ديوتا کي چيو ته هڪ برسات وساءِ، جيئن هن جاٽ جي ڳچيءَ تائين پاڻي پهچي وڃي. مينگهه ديوتا ائين ئي ڪيو ۽ هن جي ڳچيءَ تائين پاڻي پهچي ويو. جاٽ خيال ڪيو ته هاڻي پاڻيءَ جي ٻڪ ڀرڻ جي به ضرورت ڪانه آهي. فقط ڪنڌ کي نمائي ته ئي ٻڪ ڀرڻا آهن پر وچار ڪيائين ته اهو ٻه ته من تو چوي. اهو حال ڏسي اندر ديوتا وري مينگهه ديوتا کي چيو ته برسات وسائي، پاڻي هن جي وات تائين پهچاءِ. مينگهه ديوتا برسات وسائي. جاٽ جي وات تائين پاڻي آيو. اهو ڏسي جاٽ خيال ڪيو ته هاڻي پاڻي پي وٺان.

ڪري پوءِ وڃو. ڀڳوان تٿا استو چئي، دل ۾ ويچار ڪيو ته پيو ته وڏي خفي ۾ آهيان. پر ضرور وڃڻو پوندو. ڀڳوان چيو ته چڱو هل. جاٽ ڀڳوان ۽ پنهنجي گروءَ کي گهر وٺي ويو ۽ پنهنجي ڌرمپتنيءَ کي چيو ته هي ديوي تون ڌن آهين، جو مونکي گرو ڪرائي ڀڳوان جو درشن ڪرايو اٿيئي. شل سڀ استريون تو جهڙيون ٿين جو پنهنجي ڪل کي تارين. هاڻي جلدي پوڄن تيار ڪر ته ستگرن ۽ ڀڳوان کي کارايون. اهو ٻڌي، سندس استري خوش ٿي پنهنجي پتي ديو، ستگرو ۽ ڀڳوان کي نمسڪار ڪري جهٽ روٽي ٺاهي سيني کي پريم سان کارايائين. تنهن کان پوءِ ڀڳوان انهيءَ ماتا کي چترڀڄ روپ ڏيکاريو ۽ چيو ته پتري تون ڌن آهين، جو پتيءَ جو اڌار ڪيو اٿيئي! پوءِ ڀڳوان ٻڪرار کي چيو ته هي ڀڳت پيو ٻه جيڪي گهرجيئي سو گهر جاٽ وري ٻه هٿ جوڙي چيو ته هي ڀڳوان، سدائين ست پرشن جو سنگ ڏجو ۽ چت سدائين گرو ڀڳتيءَ ۾ لڳو رهي. ڀڳوان تٿاستو ڪري ٻاهر نڪري انترڌان ٿي ويو. اها ڪٿا ساري سنگت کي ٻڌائي سواميڄن چوڻ لڳا ته ستگرن جو درجو ڀڳوان کان گهڻو اوچو آهي. هو جاٽ پهرين ستگرن کي انهيءَ ڪري پيرين پيو جو ستگروءَ جيءَ ڪرپا سان ڀڳوان جو درشن ٿيو هوس. ستگرن جي مهما جيتري ڪجي اوتري ٿوري آهي.

بلهاري گر آپڻي، ڏيهاڙي صد وار
جن مانش تي ديوتي ڪيئي، ڪرت نه لاگي بار.

مطلب: هزار وار ستگرن تان ٻلهار وڃڻ گهرجي، جو جگياسوءَ کي منش مان ديوتا ۽ ديوتا مان ڀڳوان ٺاهين ٿا. ستسنگ سماپت ٿيو ۽ ساري سنگت ڀاو پرساد وٺي پنهنجي گهر ويئي. ماتا ڪرشنا ستگرو مهاراجن کي چوڻ لڳي ته آباڻي گهر ۾ اٽو چانور ۽ پيو سيڌو ڪونهي. پئسا ٻه ڪونهن. هر روز ۲۵-۳۰ ڄڻن جو

ڪَڏ تي آيا. ڀڳوان جات کي چيو ته ڀڳت، هاڻي ته اکيون کول. تنهنجو گرو به وٽي آيو آهيان. تنهن تي جات اکيون کوليون هٿ جوڙي، گروءَ کي چوڻ لڳو ته هي پريو، برابر هيءُ ڀڳوان آهي؟

مهاتما چيس ته ٻچا، هي برابر پاڻ وشنو ڀڳوان آهي. جات چوڻ لڳو ته توهان جو چوڻ سچو آهي. پر مون ٻڌو آهي ته ڀڳوان چترڀڄ روپ ڌاريندو آهي، سو هاڻي پريو چترڀڄ روپ ڌاري ته مان نڪري اچان. ڀڳوان چترڀڄ روپ ڌارڻ ڪيو. جات به ڍيري ڍيري اچي ڪناري تي بيهي ويچار ڪرڻ لڳو ته ڀريان ڀيرين ڪنهن کي پوان. پر اها ڳالهه سمجهه ۾ نه اچيس. هو اٽڪيو بيهي رهيو. تنهن تي وشنو ڀڳوان مشڪي چوڻ لڳس ته ڀڳت اڃا به توکي اعتبار ڪرڻ تو اچي ڇا، جو اڙي بيهي رهيو آهين؟ جات چيو ڀڳوان، مان منجهي پيو آهيان ته ڀريان ڪنهن کي ڀيرين پوان، توهان کي يا گروءَ کي. تڏهن ڀڳوان چيو ته اها تنهنجي مرضي. پر جلدي ڪر جو دير ٿي ٿئي. جات چيو ته مونکي سمجهه ڏيو ته پوءِ مان اچان. اهڙا پريم ڀريا وچن ٻڌي ڀڳوان چوڻ لڳو ته اٿين ئي ٿيندو. پوءِ يڪدم جات هيٺيون ساک چوڻ لڳو :

گرو گوبند دونو کڙي - کس کي لاگون پانءِ
ٻلهاري گر ٻڻهه سدا - جن گوبند ديو دکاءِ.

اٿين چئي ستگرن ۽ ڀڳوان کي ڏنڊوت پرنام ڪري ڏاڍو خوش ٿيو. ڀڳوان چيو پيارا، توکي ڌنيواد هجي. جو ستگروءَ جي وچن تي اهڙو اٽل وشواس رکي، جلد اچي منهنجو درشن ڪيو اٿيئي. هاڻ توکي جيڪي گهرڻو هجي، سو گهري وٺ ته ڏيوءِ مان وچان. جات هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته هي پريو هڪ اها آشيرواد ڏيو ته چت سدائين گر ڀڳتي ۾ لڳو رهي. ٻيو گهر واري منهنجي استريءَ کي به چترڀڄ روپ جو درشن ڪرايو ۽ پوءِ

تي روانو ٿيو. ستگرو مهاراجن شام جو سنتن کي باغ گهمائڻ ويا. پنڀان سالاري جو ڀائي آلورام آيو اچي ماتا کان پڇيائين ته مهاراجن کيڏانهن ويا آهن. ماتا کيس ٻڌايو ته سنتن کي وٺي گهمڻ ويا آهن. ماتا کانئس پڇيو ته اڄ سالاري ۾ ايسرداس جي گهر ڇا جو اتسو هو، جو اسانکي ٻڌڻ ۾ نه آيو؟ ڀائي آلورام ٻڌايو ته اسان کي ڪنهن به ڪونه ٻڌايو، ڇو ته ايسرداس جي گهر ته ڪوئي اتسو ڪونه هو. ايسرداس ته ٻن ڏينهن کان هتي آهي ئي ڪونه. هن پوڄن ڪونه موڪليو هوندو. اهو ٻڌي ماتا چپ ٿي ويئي.

رات جو ستسنگ کانپوءِ ماتا ستگرو مهاراجن کي آلورام واري ڳالهه ٻڌائي ۽ چيائين ابا، اهو ڪائڻ ڪنهن موڪليو هو؟ ستگرو مهاراجن مشڪي ماتا کي چوڻ لڳا ته ايسرداس نه موڪليو ته ايشور ته موڪليو، تون ائين ڪري سمجهه ته ڀڳوان موڪليو. ايترو چئي مهاراجن وڃي آرامي ٿيا. اهڙيءَ طرح سنتن جي شيوا ۽ ستسنگ نت نيم سان ٿيندو رهيو. سوامي آسورام صاحب جن به ٻه ٽي ڏينهن رهي پنهنجي استان ڏي روانا ٿي ويا. هفتي کن کانپوءِ هڪ ڏينهن سنت ٻالو گوپالو ستگرو مهاراجن کي چوڻ لڳو ته پٺڀاتي ڪوهه ڀرسان ڪبڙ آهي، جنهن ۾ اندر تمام سٺي ايڪانت واري جڳهه ويهڻ لاءِ ڏسي صفا ڪري آيو آهيان. سو ڪجهه وقت اتي ايڪانت ۾ رهڻ جو خيال ڪيو اٿئون. ستگرن چيو ته ڀلي رهو. جڳهه تمام سٺي آهي. اسان به پاڻ ڪجهه وقت اُنهيءَ جڳهه تي رهيا آهيون. سنت ٻالو گوپالو وڃي اتي رهڻ لڳو. ستگرو مهاراجن به هرروز وڃي وٽس رهاڻ ڪندا هئا. اهڙيءَ طرح ڪجهه ڏينهن گذري ويا. اُنهيءَ وچ ۾ ان ۽ ڪڻڪ جو فصل به لٿو. قدرت سان اُنهيءَ سال ڪڻڪ جو اگهه اڳ ۾ ٥ روپيه مڻ هو سو ٢٥ روپيه مڻ اچي لڳو. ڀائي ٺاڪرام

پنڌارو ٿئي ٿو. ڪيئن ڪريون. مهاراڄن چيو ته ماتا، توهان ڪوئي خيال نه ڪريون. مهاراڄن چيو ته ماتا، توهان ڪوئي خيال نه ڪريو. صبوح ٿئي ته ڀڳوان پاڻهي چڱي ڪندو.

صبوح جو ستگرو مهاراڄن درياهه تان اشنان ڪري ٨ بجي گهر موٽي آيا ته ماتا ڪرشنا چيئين ته هاڻي ڇا چاڙهيون؟ پاڙي وارن به ٽي ڏينهن اڌارو ونئي پئي رڌوسون. اها ڳالهه توهان سان ڪانه ڪئي اٿئون. هينئر جيئن چئو تيئن ڪريون. مهاراڄن چيو ڪائي چنتا نه ڪريو. ايشور سڀ ڀلي ڪندو. خالي پاڻ پچائي مهمانن کي پاڻي پياريو. ائين ئي ڪيو ويو. ٺيڪ ١١ بجي چار ڄڻا ڀڪو پڪايو ڀوڄن، چانور، سيرو، ڦلڪا، ڀاڄي ٢٥-٣٠ ڄڻن جي ڪاڻ ڀيترو کڻي آيا. چيائون ته سالاري مسان ڀائي ايسرداس هي ڀوڄن اوهان لاءِ موڪليو آهي. مهاراڄن ماتا کي چيو ته ڀوڄن لاهي، ٻاسڻ خالي ڪري ڏيون، ماتا ڀوڄن لاهي ٻاسڻ ڏنا. رسوئي ڪائي سيڙهي وڃي آرامي ٿيا. شام جو ٣ بجي اُٿيا ته ماتا ڪرشنا اچي ستگرو مهاراڄن کي چوڻ لڳي ته اهها، اڄ ڀڳوان ڏاڍو سٺو ڪيو جو رڌڻ کان به ڇڏائي ڇڏيائين. پر رات جو ويچار ڪرڻو آهي. سنتن جي منڊلي به لٿل آهي، تنهنڪري منهنجي مرضي آهي ته ٿهلرام کي چئجي ته ٻاسڻ گروي رکي سيڌو وٺي اچي. مهاراڄن چيو جيڪا توهان جي مرضي. ائين چئي مهاراڄن وڃي سنتن سان رهاڻ ۾ ويٺا. ڀائي ٿهلرام جن به ٻنين تان ٽي گهر آيا. ماتا چين ته ٻت هيءُ ٻاسڻ کڻي گروي رکي سيڌو سامان وٺي اچ. ڀائي ٿهلرام ٻاسڻ کڻي گروي رکي سيڌو ۽ ٻيو سامان وٺي گهر ۾ ڏنو. پوءِ اچي مهاراڄن کي چيائين ته مان هينئر وري ٻنين تي ٿو وڃان جو اَن اچي تيار ٿيو آهي ۽ ڏهيون به چڱيون اُڙيون آهن ۽ هاڻي جلد ئي چونڊائينديون. مان پنڌرهن سورهن ڏينهن گهر ڪونه ايندس. توهين سڀاڻي ٻا ٻن ڏينهن ۾ اسان وٽان ٻنين تان گهمي وڃجو. ائين چئي ڀائي ٿهلرام ٻنين

ٽن چئن ڏينهن بعد شام جو شاهه جي پٽ مان قاصد اچي ستگرو مهاراجن کي چيو ته لکميچند جن تمام سخت بيمار آهن، چيو اٿن ته پڇاڙيءَ جو اچي درشن ڪرايو. ستگرو مهاراجن سوامي گوال لعل کي چيو ته اسان شاهه جي پٽ وڃون ٿا، توهان پٺيان نت نيم سان ستسنگ ڪندا رهجو. ستگرو مهاراجن قاصد سان گڏجي شاهه جي پٽ روانا ٿيا.

ڀڳت لکميچند ستگرو مهاراجن جو درشن ڪري ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائين ته توهان وڏي ڪرپا ڪري اچ اچي پڇاڙي جو درشن ڏنو آهي. توهان ڀڳت جي اُڌار لاءِ اوتار وٺي آيا آهيو. هاڻي منهنجو اُڌار ڪريو جئن پڇاڙيءَ ۾ ڪابه دنيوي اِڇا نه رهي ۽ چت سدائين نام ۾ لڳو رهي. اسان کان ٻي خبريءَ ۾ ڪائي ڀل چڪ ٿي وئي هجي ته اُها معاف ڪجو، اهڙي آسيس ڪجو جئن چوراسي ۾ نه وڃون. ستگرو مهاراجن ڀائي لکميچند جي پريم ڀريل پرارٿنا ٻڌي چوڻ لڳا ته اُهو نسچو ڪريو ته هيءَ شرير پنجن تتن جو پتلو ناسونت جڙ وستو آهي. جيو آتما ابناسي آهي، جنهن ۾ جنم مرڻ ڪين آهي. اُهو منهنجو آتم سروپ آهي. بس اِهو ئي نسچو ڌاري دل ۾ سمرڻ ڪندا رهو. ايتري ۾ ڀڳت چيتارام، ڪرشنداس، ڀڳت روپو ۽ ٻيا ڪيترا پريمي ستگرو مهاراجن جي اچڻ جو ٻڌي آيا. رات جو ستسنگ ٿيو ۽ پرڀات جو لکميچند پرلوڪ پڌاريو. رات جو ستسنگ ۾ ستگرو مهاراجن چيو ته شرير پنجن تتن ۽ ٢٥ پرڪرتين جو پيدا ٿيل آهي. ڀڳوان انترياميءَ اهڙيءَ ته ڪاريگريءَ سان هن شرير تي سندر چت ڪڍي سينگاريو آهي جو انيڪ جيو هن سندر روپ کي ڏسي موهت ٿي پيا آهن. پر اهو نسچو طلسمي ناٽڪ آهي جنهن کي مهاتمائون، گياناون به ڏسي حيران ٿين ٿا.

عجب عجائب کيل ٺهارا، ديکس، عجب هجه آيا هئه.

سڀ ڦٽيون وڪڻي ڇڏيون. اناج به ٥٠-٦٠ مڻ پنهنجي کائڻ لاءِ گهر ۾ رکي، باقي وڪڻي ڇڏيائين. ڦٽين ۽ ٻاجهريءَ جي وڪري مان ڪل ڏهه هزار رپيه مليس. خرچ لٿي باقي ست هزار روپيه بچن، جنهن تي ٽي هزار روپيه قرض لاٿائون، باقي چار هزار روپيه بچايائون. تنهن کانپوءِ هڪڙي ڏينهن ستگرو مهاراجن ڀائي ٽهلرام کي چوڻ لڳا ته هاڻي توهان جو قرض لٿو ۽ چار هزار روپيه به بچايا اٿو، سو اسانجي مرضي آهي ته هاڻي ٻنيون ڇڏي ڏيو. جيترو ٽي سگهيو، اوترو دڪان جو ڪم ڪريو ۽ گهر جي سنڀال ڪيو. اسان کي هاڻي خوشيءَ سان موڪل ڏيو ته ڪجهه وقت سفر ڪري اچون.

ڀائي ٽهلرام چيو جئن توهانجي مرضي هجي تئن ڪريو. ڪالهه بزار ۾ ڀائي ٺاڪورام چيو ته هڪ گدرن جي واڙي پوکيل ٺهيل، تمام سٺي ٻارهن سون روپين ۾ وڪامي ٿي جي ڪهيو ته هلي ڏسو. اها ڏسي وٺي آيو آهيان. واڙيءَ ۾ اڃا به مهينا ڏيڍ آهي. تنهنڪري توهان هاڻي ٻلي سفر ڪري اچو. پر اُنهيءَ ڪم جي وقت ۾ ٢-٣ مهينا ضرور مدد ڪرائجو. ٻئي ڀائي اهڙو ڪوه ڏنڊو ڪونه ڪنداسون. اسان پاڻ گوهنڊ جو پڇن ڪنداسون. تنهنتي ستگرو مهاراجن چيو ته چڱو، توهان ڪوئي خيال نه ڪريو. ايترو چئي ستگرو مهاراجن وڃي سنتن جي سيوا ۾ لڳا ته شاهه جي پٽ مان ڀائي ڀعورام ڀڳت لکميچند جو ڀاءُ اچي نڪتو. ٻڌايائين ته ڀائو لکميچند تمام ٻـي چاڪ آهي سو مونکي گهران موڪليو اٿن ته گياني ٻائي ۽ ڇوڪرن کي وٺي اچ، سواءِ پيءُ جن کي به اچڻ لاءِ چئجو. سو تـوهان ماتا گياني ۽ ڇوڪرن کـي سنبرائجو. رسوئي ڪري، ڀائي ڀعورام، ماتا گيانـي ٻائي، سرو آنند ۽ گرمکداس جن، سڀئي ڪـان موڪلائي شاهه جي پٽ روانا ٿيا.

دوران انهيءَ شيءِ جي تلاش کي لڳو ۽ اُهـا حاصل ڪيائين. اِها ڪٿا سڻائي، ستگرو مهاراج چوڻ لڳا ته هي گرمکو! کوج ڪرڻ گهرجي ته اُها ڪهڙي وستو آهي جا هن شرير ۾ پرڪاش ڪري ان کي سندر بڻائي هلائي رهي آهي ۽ انهيءَ جي نڪرڻ کان پوءِ هن شرير کي هڪ پل به گهر ۾ نٿا رکن. مهاتمائون ۽ گيانوان اِنهيءَ وستوءَ جي کوج ڪري، پنهنجي مستيءَ ۾ مست ٿي سنسار ۾ جيون مڪت ٿي وچرن ٿا. سو توهان کي به انهن گيانوان، مهاتمائن جو ستسنگ ڪري، انهيءَ وستوءَ کي ڏسي، جڳت ۾ جيون مڪت ٿي وچرڻ گهرجي.

راڳ پيلو

ٽل- جڏهن پکي وڃي پرديس- ڇڏي هي ديش پران آڌارو،
تـڏهـن پڃرو ٿئي بيڪارو.
۱- جڏهـن پڃري مـان ٿو پکي وڃي،
تڏهن پڃري کـي ڪوئي نه مڃي،
جـڏهن پڇي هـن پڃري ڪـان، ڪـري ڪنارو.
۲- هـيءُ پڃرو پکي جـو مندر آ،
هـيءُ سدا انهيءَ سان سندر آ،
جـڏهـن پڇي خـالي ڪـري وڃي ٿـو سارو.
۳- تـون ڄاڻ پکي پرڏيهي آ،
تيو ڪنهنجو ڪيـن سنيهي آ،
جڏهـن پکـي وڃي هن پڃري کـان ٿـي نيارو.
۴- ڪهي ٿيئون پکـي اَبناسي آ،
آپـو سڃ ڪـرڻ سک راسي آ،
جـڏهـن سڃ ڪري پڃري مـان وڃـي پيارو.

ستسنگ سماپت ٿيو. اهڙيءَ طرح ۱۱ ڏينهن، نت نيم سان صبح شام، ستسنگ ڪندا رهيا ۽ سنتن، مهاتمائن، مهمانـن، غريبن، اَناٿن ۽ شهر جي پريمين، ستسنگين کي ڀوڄن ڪارائيندا هئا.

سندر نانا روپ بڻا ڦر، هڏي نال ملايا هڏ.
بازيگر جيئن بازي لائي، لوڪ سڀو ڀرمايا هڏ.
کهي ٽيئُون يهه ديکه تماشا، هڏن ني وسم پايا هڏ.

مطلب: پريو، تو اهڙو وچتر طلسمي کيل رچيو آهي، جو نانا پرڪارن جا سندر روپ ڏسندي، ڏسندي من انترڌيان ٿي وڃي ٿو. جئن بازيگر اَننت کيل رچيندو آهي، جو ڏسي ماڻهو ڏاڍو خوش ٿيندا آهن. پر انهيءَ بازيگر جي کيل پدارٿ مان ڪنهن کي ڪجهه ملندو ڪين آهي. صرف ڏسي خوش ٿيندا آهن. سو هيءُ عجيب کيل ڏسي اَچرج لڳي ٿو ته مرڻ جي وقت، هن شرير مان ڪهڙي شيءِ نڪري وڃي ٿي؟ جنهن جي نڪرڻ ڪارڻ هيءُ شرير تمام ڀيانڪ ۽ ڪروپ ٿيو لڳي، جنهن کي ڪير به ڏسڻ نٿو چاهي. انهيءَ وستوءَ جي کوج ڪري ڏسڻ گهرجي.

هڪ ڊپٽي ڪليڪٽر اُٺ تي چڙهي گشت ڪرڻ ويو. گهمندي گهمندي حالن شهر جي ويجهو آيو، اُٺ کي اچي ڪارو واءُ لڳو ۽ اُٺ يڪدم دانهن ڪري ويهي رهيو. ڊپٽي ڪليڪٽر ۽ جت اُٺ تان لٿا مس، ته اُٺ مري ويو. جت گاشو لاهي پاکڙو لاهڻ لڳو ته ڏٺائين، جو اُٺ جي پيٽ هيٺان اچي ويو هو، سو نڪريئي نه. ٻئي گڏجي ڇڪڻ لڳا ته به نه نڪتو، تڏهن جت اُن کي چاقوءَ سان ڪٽي پاکڙو اُٺ تان لاٿو. ڊپٽي ڪليڪٽر جت کان پڇيو ته، هي پيارا! اها ڪهڙي شيءِ هئي جا اسان کي، سامان کي ۽ اُٺ کي کڻي ٿي هلي؟ جت چيو ته سائين، مونکي ته خبر ڪانه آهي. ڊپٽي ڪليڪٽر جت کي چيو ته مان ان شيءِ کي ڳولهڻ لاءِ وڃان ٿو. تون منهنجا ڪاغذ ۽ ليٽر آفيس ۾ پهچائي، ڇڏجان ته مون سرڪاري نوڪري ڇڏي. جو مونکي ڪنهن شيءِ جي کوج ڪرڻي آهي. ائين چئي سڀئي ڪاغذ پٽ جت کي ڏيئي، پاڻ سڌو رشي ڪيش روانو ٿي سڌن مهاتمائن

اِهو درشٽانت ڏيئي چيائون ته جهڙيءَ طرح پرهلاد رام نام ۾ اهڙي اَٽل شردا ۽ وشواس رکيو جو ڀڳوان ٿنڀ مان پرگهٽ ٿي، سندس جئه‌ڪار ڪئي، تهڙيءَ طرح جڏهن هن جيو کي به ستگرن ۽ سنت شاسترن ۾ اهڙو وشواس ٿئي ٿو، تڏهن وشواس روپي ٿنڀي مان آتمارام روپي ڀڳوان پرگهٽ ٿي، من روپي هرناڪس کي ماري، ساکيات درشن ڏيئي، سڀ دک دور ڪري، جيون مڪت بڻائي، انهي لوڪن ۾ جئه‌ڪار ڪري ٿو. وشواس جي سدائين جئه آهي. تنهنڪري هن منش کي سنتن، مهاتمائن ۽ ست شاسترن ۾ وشواس رکي، پنهنجو اُڌار ڪرڻ گهرجي. منش وري ٽن پرڪارن جا آهن. اُتم، مڌيم، ڪنشٽ.

(١) اُتم منش: ڀرين ستگرن ۽ ڀڳوان ۾ پورڻ وشواس رکندو آهي ۽ ڦل پائيندو آهي.

(٢) مڌيم منش: ڀرين ڦل پائيندو آهي ۽ پوءِ وشواس رکي، سيوا ڪندو آهي.

(٣) ڪنشٽ منش: ڦل ملڻ کانپوءِ به ڏاڍو ڏکيو وشواس رکندو آهي.

اُتم منشن کي ڀرين وشواس رکڻ ڪري اننت ڦل ملي ٿو ۽ اُهي لوڪ، پرلوڪ ۾ سدائين سکي رهن ٿا. مهاراجن اِها ڪٿا ٻڌائي چوڻ لڳا ته توهان دئيت هرناڪس جي پاسي ٿيندا يا پرهلاد ڀڳت جي؟ سنگت چيو ته پرهلاد جي. ستگرن چيو ته چڱو، جي توهان پرهلاد ڀڳت جي پاسي آهيو، ته سڀاڻي انهي شهرن ۾ پنچائتي هوڪو ڏياريو ته هيءُ هوليءَ جا ٥ ڏينهن شراب ۽ مڇي ماس ڪير به نه کائي. انهيءَ واسطي ڀرين سنگت هٿ مٿي ڪري پرتگيا ڪري. ساريءَ سنگت هٿ مٿي ڪيا. مکي ڀرين مل اٿي چيو، اوهان جي آگيا انوسار، اهو هوڪو صبح جو ڏياريندا سون. اسان ڏاڍو خوش ٿيا آهيون، جو ڪيترن

ٻارهين ڏينهن شريمد ڀڳوت گيتا جو پوڄ پاٺي سيٺئي برهمڻ، ساڌن، فقيرن ۽ غريبن کي کارايائون. تنهن کانپوءِ، ستگرو مهاراجن ماتا ڪرشنا ۽ سوامي گوال لعل ٻئي ڏينهن صبح جو، ڀائي شيوڪرام ۽ ٻين سيٺين کان موڪلائي ڪنڊوءِ پهتا.

هوليءَ جي موقع تي، هڪڙي ڏينهن ڪنڊوءَ جي پنچائت ستگرو مهاراجن وٽ آئي ۽ عرض ڪيائون ته سڀاڻي کان وٺي هوليءَ جا پنج ڏينهن ڪرپا ڪري رات جو ٨ کان ١١ تائين پنچائتي آکاڙي ۾ ستسنگ ڪريو. توهان سڀني سنتن ۽ مهمانن سميت اهي پنج ڏينهن پنچائتي ڀنڊاري ۾ ڀوڄن ڪريو. ٻيا به جيڪي ٻاهر جا سنت، مهمان، ساڌو اچن، تنکي به ستسنگ ۾ چئجو ته ڀوڄن پنچائتي ڀنڊاري ۾ ڪن. پنچن جي اَرداس ستگرو مهاراجن قبول ڪئي.

ٻئي ڏينهن سنت ميگهورام جو چيلو ڀائي لڇمڻداس، ٻيراڻيءَ مان چٺي ۽ پرساد کڻي آيو. چيائين سائين، مونکي سوامي ميگهورام جن اوهان کي وٺي اچڻ لاءِ موڪليو آهي، جو ١٧ تاريخ ميلو آهي. جيڪا تاريخ ڏيو ته اُها ٻيراڻيءَ لکي موڪليون. مهاراجن چيو ته لکون ته ١٦ تاريخ ايندا سون. لڇمڻداس ٻيراڻيءَ لکي موڪليو.

رات جو بزار ۾ آکاڙي اڳيان ستسنگ ٿيو. سواميءَ جن پرهلاد ڀڳت ۽ سندس پتا هرناڪس جي وارتا ٻڌائي، ته ڪيئن هرناڪس پرهلاد کي طرحين طرحين جا ڪشٽ ڏنا ته جيئن رام نام جو جاپ ڇڏي، سندس نام جو سمرڻ ڪري؛ ڪيئن باهه جي مچ ۾ هولڪا پرهلاد کي جلائڻ جي ڪئي، هولڪا جلي وئي ۽ پرهلاد جو وار به ونگو نه ٿيو. تنهن کان پوءِ ڪيئن تتل ٿنڀ سان پرهلاد کي ٻاڪر پارايائين. ٿنڀ ڦاٽو، ڀڳوان نرسنگهه روپ ڌاري پرهلاد جي رکشا ڪئي ۽ هرناڪس جو پيٽ ڦاڙي، سندس اَنت آندائين.

ويچار ڪجي تہ ڳالهايان يا نہ. تنهن ڪانپوءِ واڻي ڪڍڻ ۾ اچي
مڌر ٿئي ٿي. ورِي ڪڍڻ ۾ ويچار ڪجي تہ جيڪي ڳالهائڻو
اٿم، سو سچ آهي يا ڪوڙ، مٺو آهي يا ڪڙو، جنهنکي چوندس،
اُن جي دل خوش ٿيندي يا نہ؟ اهو ويچار ڪري پوءِ ٻولجي.

ٻي ٻول تو انمول هئہ، جو ڪوئي جاني ٻول،
ڪڍڻ تارازي تولڪي، تب مکہ ٻاهر ڪول

مطلب: واڻي املڪ آهي. سا ٻهرئين ڪڍڻ ۾ ويچارجي
۽ پوءِ رسنا تي آڻجي ۽ ويکري يعني ٻاهر ٻولجي.

(٢) يٿارٿ ٻولڻ: هري اوم سٿ نام ساکي، ساکي شووهم،
شووهم، سو اهو يٿارٿ پلي ٻولجي. وڏيڪ فرمايائون
تہ جگياسوءَ کي پوڄن ۽ پاڻيءَ سان پيٽ نہ ڀرڻ گهرجي.
ڪيس ايڪانت ۾ ويهي، اکيون ۽ ڪن بند ڪري،
ستگرن جي نام جو ابياس ڪرڻ گهرجي. جڏهن لئين
ڪندو تڏهن جگياسوءَ کي آتما جو ساکيات ڪار ٿيندو.
جيسٽائين جگياسوءَ آتما جو درشن نہ ڪيو آهي تيسٽائين
رات ڏينهن، لڳاتار ڪوشش ڪري ابياس ڪري.

اُپيدي مهاتمائن جو سنگہ ۽ ويدانت شاسترن جو چنتن
ڪندو رهي ۽ وار وار من کي سمجهائيندو رهي.

چند- ري من ميرا مان وچن پيہ-
اکيارٿ مت ٻولو ري،
پهلي اپني هرديہ اندر-
سوچ تارازي تولو ري،
ستيہ وچن پن مٺ رهويہ جو-
تانڪو مکہ سي کولو ري،

جيون جي رکيا ڪري، اسانکي پاپ کان ڇڏايو آٿو. رات جو ١١ بجي ستسنگ سماپت ٿيو. ٽنهن کانپوء پڳت ڦرائي سنگهه پنهنجي ٽوليءَ سميت هينو. ستگرو مهاراجن ڪلاڪ کن پڳت ۾ ويهي، اچي جاء تي آرامي ٿيا.

هوليءَ جو اُتسو پورو ڪري، هوليءَ کانپوء، ۴ بجي پرڀات جو ستسنگين ۽ پريمين سميت، پيرانِ پدت، سنت مينگهورام جي ميلي لاء بيراڻيءَ روانا ٿيا ۽ سنت مينگهورام وٽ رام نگر آشرم ۾ پهتا. سنت مينگهورام ۽ ٻيا پريمي ستگرو مهاراجن کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا ۽ وڏيءَ سڪ پريم سان آدرستڪار ڪيائون.

ٻئي ڏينهن شام جو، ستسنگ ۾ ست ڪرم جي مهتو تي وچن ولاس ڪيائون، چيائون ته هن جيو جو ڌرم آهي ته سداءِ من ۾ ويراڳ ڌاري، ڀوڳن جو تياڳ ڪري ۽ شراب، مڇي ماس، جوئا، چوري آدي نشٽ ڪرمن کان پاسو ڪري. جگياسوءَ کي گهرجي ته انن ڀرن ۾ هڪ ويلو ڀوڄن ڪري نند ٿوري ڪري ۽ ٿورو ڳالهائي.

چپ ڪر چپ نه چور، ڀوت اکيون، ڏک کن،
پاڻي پي پيٽ نه ڀر، رهه اڌورو آن،
هوءَ جا مورت من، تنهنجو مشاهد ماڻين.

مطلب: جگياسوءَ کي بلڪل ٿورو ٻولڻ گهرجي. ٻولڻ ٻه چئن پرڪارن جو آهي. ٽنهن ۾ اُکيارٿ ۽ لوڀارٿ ڪڏهين ٻولڻ نه گهرجي. پرمارٿ پتارٿ ٻولڻ گهرجي. وري پتارٿ به ٻن پرڪارن جو ٿيندو آهي. ڀرپور سچ ۽ مٺو ٻولڻ، ڪوڙ ۽ ڪڙي واڻي ڪڏهن به ٻولڻ نه گهرجي. واڻي به چئن پرڪارن جي آهي.

(١) پرا (٢) پسنتي (٣) مڌيما (۴) ويکري.

(١) پرا جو مؤل ٻعني ناڀي ڪنول ۾ واسو آهي، جتان واڻ پيدا ٿي هردي ۾ اچيتي ته پسنتي ٿي ٿي. اوڏيءَ مهل

جيئڻ بيڪار آهي. پنهنجي ڌرم جي جيتري بہ مهما ڪجي تہ اها ٿوري آهي. پوءِ ڀلي ڪنهن بہ ڌرم جي نندا يا کنڊن نہ ڪرڻ گهرجي. اهوئي سناتن ڌرم جو مکيہ اصول آهي. تنهن کانپوءِ سنت ميگهورام جن چيو تہ جيئن پاڻي مڇليءَ جو جيون آهي، تيئن هن منش جو جيون ڌرم آهي. ڌرم کانسواءِ جيؤ سنسار ۾ ڪڏهن بہ رهي نہ سگهندو. تنهنڪري پنهنجي ڌرم ۾ رهڻ گهرجي. ڌرم بہ ٻن پرڪارن جو آهي. هڪڙو ٻاهريون ذاتي ڌرم، ٻيو اندريون آتمڪ ڌرم، جنهن وشيہ لاءِ سڀاڻي سڀئي سنت ڳالهائيندا. تنهن کانپوءِ ڀوڄن ڪري سڀئي وڃي آرامي ٿيا.

صبح جو ستسنگ سڀا لڳي. وشيہ هئي آتما. سڀني سنتن کي ڳالهائڻ لاءِ پندرهن پندرهن منٽ ڏنا ويا. تنهنتي پهرين سنت چرن داس ڀاشڻ ڪيو. چيائين هي جيو آتما سناتن ۽ سڀني گهٽن ۾ وياپڪ آهي. اننت شرير ڌاري ٿو، پر ڪڏهن بہ ٻڌجي نٿو. انهيءَ آدي ابناسي آتما کي سڃاڻڻ گهرجي. تنهن کانپوءِ سنت ڀيڪارام چيو تہ انهيءَ آدي ابناسي آتما کي ستگرن جي دوارا سڃاڻي سگهبو. سڃاڻڻ کانپوءِ هن جيؤ کي ڪوبہ سنسار جو پدارٿ دکي ڪري نٿو سگهي ۽ اهو پنهنجي وهنوار ڪري نرليپ ۽ اسنگ رهيٿو، جيئن جل ۾ ڪنول جو گل. بعد ۾ ستگرو مهاراجن چيو تہ انهيءَ آتما جو درشن ڪرڻ کانپوءِ آتم گياني مهاتما سنسار ۾ جيون مڪت ٿي رهيٿو.

ڪمل سيپ جل جدا بسي آهہ، جيون هٽ هڪ، هاڏهين،
ٻڙوا آنل پن ٻيج، وار منڌ پيڄي ناڏهين.
درپڻ مانهہ پرتبنب سن سپ هين گهٽ نياري،
لوئي رنگي نہ سوت، ديکہ اچرج هئي پاري،
اناڙهن پار اگن اِڪ، سور سلل لي دي جدا،
تيون رجب ساڌو مڪت، ملي آمل پايا هدا.

کٿا ٽيئُون تب هي تيرا -
هووي ٻول اهوا ـ و ري ـ

ستسنگ سماپت ٿيو.

صبح جو ستگرو مهاراجن اِشنان پاٺي ڪري، جل پان ڪري اچي سنتن سان گيان چرچا ڪرڻ لڳا. سنت ميگهو رام چيو ته هيءُ ميلو سنتن جي سماگم لاءِ ڪيو ويو آهي ته جئن سنت پاڻ ۾ ڪنا ٿي گيان چرچا ڪن. تنهنڪري اڄ سيئي سنت هندو سناتن ڌرم جي وشئه تي پنهنجي پنهنجي انڀئه شاسترن انوسار ظاهر ڪن. ڀِرين سنت ڀيڪارام چيو ته اسانجو هندو سناتن ڌرم هڪ ساگر جي سمان آهي. سنسار جا نديون ۽ نالا آخر وڃي ساگر سان ملن ٿا، تيئن جو اهي سڀ ساگر جو ڀاڱي آهن. دنيا جا سيئي ڌرم هندو سناتن ڌرم مان نڪتا آهن ۽ پڇاڙيءَ ۾ وڃي هندو سناتن ڌرم ۾ لين ٿيندا. سنت چرن داس ٻه ۱۵ منٽ کن ڌرم جي وشئه تي ڳالهايو ۽ ۱۵ منٽ کن مهاتما هنس نرواڻ ڳالهايو.

تنهن ڪانپوءِ ستگرو مهاراجن چيو ته پياري ۾ پيارو پنهنجو ڌرم ئي آهي، جنهن ڌرم واسطي ڪيترن سنتن، رشين منين سر ڏنا آهن. ڌرم جي رکيا واسطي ست چت آنند گهن پرابرهم پرماتما، پاڻ نراڪار مان ساڪار روپ ۾ اوتار ڌارڻ ڪري ٿو. انهيءَ ڪري ڪيترن ته تڪليفون ۽ ڪشٽ اچن ته به پنهنجي ڌرم تي قائم رهجي. ڌرم ڪانسواءِ هن جيو جو جيئڻ بيڪار آهي. اگنيءَ جو ڌرم آهي گرمائش ڏيڻ ۽ جلائڻ جي اگني پنهنجي گرمائش ڇڏي ڏي ته پوءِ رهي نه سگهندي. تلوار جو ڌرم آهي ڪاٽڻ، پر جي تلوار ڪاٽڻ جو لڇڻ ڇڏي ڏي ته اها تلوار بيڪار آهي. ٻتيءَ جو ڌرم آهي پرڪاش. پر جي ٻتي پرڪاش نه ڪري ته بيڪار چئبي. تئن ئي جيو جو پنهنجي ڌرم بنا رهڻ ڪانسواءِ

پنهنجي آستان تي پهتا. صبح جو ڀائي ٽهلرام سان گڏجي، واڙي گهمڻ ويا. سڄي واڙي گهمي، ڏسي چوڻ لڳا ته، واڙي تمام سٺي آهي. ايشور مڙيئي چڱي ڪندو. ايترو چئي سواميجن گوال لعل ۽ گرمکداس کي اُتي ڇڏي پاڻ موٽي جاءِ تي آيا.

ٻاهر جا ڪيترا سادو سنت، مهمان ۽ پريمي ايندا هئا ۽ مهاراجن سيٺي جي شيوا ڪندا هئا. اِئين ٣-٤ مهينا گذري ويا اُنهيءَ وچ ۾ گدرن جو فصل به لهي پورو ٿيو. ڀائي ٽهلرام حساب ڪري ڏٺو ته خرچ لڳي اڍائي هزار روپيه پيا به بچيا آهن.

سعداڄن شاهه جي ڳوٺ مان ڀائي ڀڳوانداس صاحب جي پريرڻا تي آکاڙ جي ١٢ تاريخ ڀائي ٻالڪداس جي ميلي ۾ شامل ٿيڻ لاءِ روانا ٿيا. گوال لعل، گرمکداس ۽ ١٥-٢٠ شهر جا ستسنگي به ساڻن ساڻي ٿيا. رستي ۾ شاهه جي پٽ ۾ جل پان ڪري، سروآنند، ڪرشنداس ۽ چيتارام کي وٺي سعداڄن شاهه جي ڳوٺ اچي پهتا. ڀائو ڀڳوانداس ڏاڍو خوش ٿيو. ڀاڪر پائي مهاراجن کي چوڻ لڳو ته هي پريو، اڄ داس تي وڏي ڪرپا ڪئي اٿؤ. شام جو ڀائي ڀڳوانداس گرو گرنٿ صاحب جو جلوس ڪڍيو. شهر جي ساري پنچايت سنت، مهاتمائون ۽ مهمان جلوس ۾ شامل ٿي، ڀائي ٻالڪداس جي سماڌيءَ تي آيا. سماڌي شهر کان ميل کن پنڌ تي هئي. اُتي ئي ستسنگ جو منڊپ ۽ ڀنڊاري جو هر قسم جو پورو بندوبست رکيل هو. شاهه جي پٽ، شهدادپور ۽ ٻين ويجهن ڳوٺن جي ڪيتري خلق اچي ڪٺي ٿي هئي. پهرين ڀائي ڀڳوانداس، پريم ۽ وئراڳ ڀري واڻيءَ سان ڀائي ٻالڪداس جي جيون چرتر تي ستسنگ ڪيو. ٻئي ڏينهن راتهه جو ستگرو مهاراجن من جي پرتي اُپديش ڪيو. چيائون ته پراچين ڪال کان جيڪي به رشي مني، مهاتمائون ٿيا آهن، تن پنهنجي من کي ايڪانت ۾ ويهي اُپديش ڪيو آهي. جنهن کي ڀڳوان جي

ارٿ: جئن ڪمل گل جل ۾ ٿيندو آهي، جيترو جل چڙهندو آهي، اوترو پاڻ به مٿي چڙهندو آهي، پر ڪڏهن به ٻڏندو ڪونهي. جئن سپ ڪاري سمنڊ ۾ رهندي هوندي به برسات جو مٺو پاڻي پيئندي آهي. جئن نانگ جي مک ۾ مٽي رهندي آهي، پر زهر اُن مٽيءَ تي ڪوبه اثر ڪونه ڪندو آهي. پاڻ جنهن کي نانگ کائي، اُنهيءَ تي مٽي رکڻ سان زهر جو اثر ناس ٿي ويندو آهي. جئن ٻڙوآنل اگني سمنڊر ۾ رهندي آهي، پر پاڻي اُن کي وسائي نٿو سگهي، پاڻ پاڻيءَ کي گرم ڪري ٻاڦ ڪندي آهي، جنهن مان بادل ٺهندا آهن. جئن ڪنوڻ بادلن ۾ رهندي آهي پر برسات اُن کي وسائي نٿي سگهي. پاڻ برسات پوڻ ڪري وڌيڪ چمڪو ڪندي آهي. جئن آرسيءَ ۾ ڀنهن جو پاڇو ڏسجي ٿو پر اُهو پاڇو آرسيءَ ۾ قائل ڪونهي. جئن آڪاس، جڳهه، ڏلي ۽ اننت برتن ۾ وياپڪ آهي، پر اُنهن سان ٻڌل ڪونهي، سدا نرليپ ۽ نيارو رهيٿو. جئن اُن جي لوئي رنگڻ ڪري، جيڪو اُن ۾ ست جو ڌاڳو هوندو آهي، اُن تي رنگ نه چڙهندو آهي ۽ ظاهر ٿي پوندو آهي، جئن سيني وٽن ۾ اگني رهيٿي ۽ سيني ٿلن ۽ ٻنن ٽارين کي پاڻي ڀڄائي ٿي، پر ساڙي نٿي. جئن سورج لپت ڪري پاڻيءَ کي مٿي کڻي، وري گرميءَ ڪري وسائي ٿو. پر سورج اُنهن سيني کان نيارو آهي. رجب مهاراجن چيو ٿا ته تئن گياناوان مهاتما، هن مايا ۾ وهنوار ڪندا ڏسڻ ۾ اچنتا پر سدائين اَسنگ نرليپ ٿي جيون گذارين ٿا. تنهن کانپوءِ ڀڳت چيتارام ستسنگ ڪيو. اهڙيءَ طرح ٣ ڏينهن ميلي جا، صبح شام، ستسنگ ۽ سنتن جي رهاڻ ٿيندي رهي. چئن ڏينهن بعد ميلي جي سماپتيءَ جو ستگرو مهاراجن ڀلڪ پاتو. تنهن کانپوءِ ستگرو مهاراجن کي شهر جي ڪيترن پريمين جا رسوئي جا سوال پيا، سي پورا ڪري، سيني سنتن ۽ پريمين کان موڪلائي ڪنڌ ۽

ساري رات جاڳي ڏنائين ته مهاتما ته ڪو ڪم ڪونه ٿو
ڪري، فقط ويٺو آهي. اِهو ڏسي صبوح جو مهاتما وٽ اچي چوڻ
لڳو ته هي ٻڌو، مون چڱيءَ طرح سان جاچي ڏٺو آهي ته توهان
ته ڪوبه ڪم ڪونه ٿا ڪريو. نڪو پوڄن ٿا ڪريو، نڪو ڪنهن
کي ڪٿا ٿا ڪري ٻڌايو. سنت ۽ سَت شاستر چون ٿا ته اڌڪار
موجب سڀ ڪنهن کي ڪم ڪرڻ گهرجي. ڀڳوان جي روني
ائين ڪاٽڻ نه گهرجي. پرلوڪ ۾ ڀڳوان اِها ڳالهه سڀني کان پڇندو
ته ڪهڙا ڌرم جا ڪم وڃي ڪيؤ؟ شايد سنتن کان ڪين
پڇندو. تنهن تي سنت چيو ته سنتن کان ڇو ڪونه پڇندو؟
پريميءَ چيو ته توهان کان جي ڀڳوان پڇي ته ڪهڙو جواب ڏيندا؟
مهاتما چيو ته اِهائي ڳالهه چوندس ته هي ڀڳوان، مونکي هڪ
منٽ به فرصت ڪانه ملي جو مان ماڻهن کي ڪٿا ٻڌايان يا
پوڄن ڪريان يا يگيه هون ڪريان يا ڪنهنجي شيوا ڪري اُنجا
ڏک دور ڪريان. اهو ٻڌي پريمي چوڻ لڳو ته سائين توهان کان
ڀڳوان جي وري پڇي ته اهڙو ڪهڙو ٿي ضروري ڪم ڪيؤ
جو اوهان کي هڪ منٽ به واندڪائي ڪانه ملي ته پوءِ توهان
ڪهڙو جواب ڏيندا؟ سنت چيو پريمي! جي ڀڳوان مونکان اهو
سوال پڇيو ته چوندس ته توهان مونکي سنسار ۾ پيدا ڪري
منهنجي ڪيرائڻ واسطي من روپي دشمن ڇڏيو. سو رات ڏينهن
ان جي هٽائڻ ۾ رڌل رهيس ته متان مونکي ڪنهن مهل ماري
وجهي. تنهنڪري مونکي ڪابه واندڪائي ڪانه ٿي جو ٻيو
ڪو پوڄن ڪريان. ڀڳوان ڪلي خوش ٿي چوندو ته پتر، توکي
شاباس هجي. تون سنسار ۾ رهي وڏي ۾ وڏو ڪم ڪري آيو
آهين. اِهوئي منهنجو پوڄن آهي. اهڙو ٻڌي پريمي مهاتما کي
پيري پئي چوڻ لڳو ته توهان ڌن، ڌن آهيو. ڪرپا ڪري مونکي
ان جي مارڻ جي ڪتي ٻڌايو ته مان به من کي وس ڪري

ڀڳتي ڪرڻي آهي، سو وارُ وار پنهنجي من کي سمجهائي.
درشٽانت ڏنائون ته هڪڙو مهاتما شهر جي ٻاهران، جهنگل ۾
ڪٽيا ٺاهي رهڻ لڳو. هڪڙي ڏينهن اُنهيءَ شهر جو هڪ ٻرهمي
مهاتما وٽ آيو. هٿ جوڙي چيائين ته سائين اسان سڀاڻي گهر ۾
پاٺ رکائيندا سون. ڪرپا ڪري هفتو ڪن اسانجي گهر ۾ هلي
ستسنگ ڪريو. جيڪو وقت ڏيو ته شام جو توهان کي موٽر ۾
وٺڻ اچون. ستسنگ ۽ رسوئيءَ کانپوءِ توهانکي موٽر ۾ ڇڏي
ويندا سون. مهاتما چوڻ لڳو ته پيارا، مونکي ته فرصت ئي ڪانهي
جو مان توهان وٽ هلي ستسنگ ڪريان. ٻرهميءَ چيو ته سائين
توهان جو جيڪو ڪم هجي، سو اسانکي ٻڌايو ته اسان ڪريون.
پر توهان ضرور اسانجي وينتي قبول ڪريو. مهاتما چوڻ لڳو ته
ابا، جيڪو ڪم اسانکي ڪرڻو آهي، سو توهان کان ڪين ٿي
سگهندو. اهو اسانکي ئي ڪرڻو آهي. سو اسانکي هڪ مدت
۾ واندڪائي ڪانهي جو توهان وٽ هلي سگهون. تنهن تي اهو
ٻرهمي ويچار ڪرڻ لڳو ته ظاهري ته مهاتما ڪو ڪم ڪونه ٿو
ڪري، پر ڪيس الائي اهڙو ڪهڙو ضروري ڪم اچي پيو آهي
جو ڪيس واندڪائي ڪانه آهي. تنهنڪري ڏسڻ گهرجي ته ڪهڙو
ٿو ڪم ڪري اهو ويچار ڪري ڪٽيا کان ٻاهر نڪري لڪي
ٻهي جاچ ڪرڻ لڳو. جاچيندي جاچيندي سج لٿي تائين ڏٺائين
ته مهاتما ساري ڏينهن ۾ ڪوبه ڪم ڪين ڪيو. ڪنهن مهل
جهنگل مان گهمي پيو اچي ته ڪنهن مهل ويٺو رهي ته ڪنهن
مهل سمهيو رهي. شايد رات جو ڪو ڪم ٿو ڪري جو اڪاوت
سبب چوي ٿو ته مان واندو ڪونه آهيان. سو گهران روٽي کائي
ساري رات جاڳي ڏسان ته مهاتما ڇا ٿو ڪري. دل ۾ اهو ويچار
ڪري، گهران روٽي کائي اچي ڪٽيا جي ڀرسان لڪي ويهي
ڏسڻ لڳو.

تنهن ڪانپوءِ ڀائي ڀڳوانداس چيو تہ جيڪي سنت، مهاتمائون، سنسار جي اڌار لاءِ اوتار وٺي اچن ٿا، سي تمام ٿورا آهن.

شئلي شئلي نہ ماڻڪيم - مؤڪتڪم نہ گجي گجي،
سجنا نهين سروتر - چندنم نہ وني وني.

مطلب: سڀني پهاڙن ۾ ماڻڪ ڪونہ ٿيندا آهن، پر ڪنهن ڪنهن پهاڙ ۾ ماڻڪ ٿيندو آهي. موتي سڀني هاٿين جي مستڪ ۾ ڪونهن، پر ڪنهن ورلي هاٿيءَ جي مستڪ ۾ موتي ٿئي ٿو. چندن جا وڻ سڀني جهنگلن ۾ نہ، پر ڪنهن ڪنهن ۾ ڪو ٿئي. سڀني شهرن ۾ تتوويتا مهاتمائون ڪونہ ٿا ٿين، پر ڪنهن ڪنهن شهر ۾ ڪي گيانوان مهاتمائون اوتار ڌاري اچن ٿا، جئن هن سمي ۾، سنت ٽيئونرام صاحب جن ڪنڊو نگري ۾ جڳت جي اڌار لاءِ آيا آهن ۽ انيڪ جيون کي اَشڌ ڪرمن کان روڪي، شڀ ڪرمن ۾ لڳائي رهيا آهن.

اهڙيءَ طرح ستسنگ ٿيندو رهيو ۽ سماپتيءَ جو ڀوڳ پائي، سيٺئي شهر ۾ آيا. شهر جي ڪيترن برهمڻ سوامي جن کي چيو تہ سائين توهان هتي ڪڏهن بہ ڪونہ آيا آهيو، ڪرپا ڪري اچا هفتو کن هتي رهي امرت رُوپي وچن جي ورکا ڪري، اسان جيون جي مئل دل کي جيئرو ڪريو، جو سنسار جي وشئہ ڀوڳن ۽ کوٽن ڪرمن ۾ رات ڏينهن اسانجو جنم پشن وانگر برباد ٿي رهيو آهي. برهمڻ جو پريم ڏسي، ستگرو مهاراجن هفتو کن رهيا. ڌرم، ست ڪرم ۽ ويدانت جو اُپديش ڪري، ڪيترن ماڻهن کان مڇي ماس ڇڏايائون. ڪيترن کي ست ڪرم ۽ ڌرم جي رستي ۾ لڳايائون. ويرورام ۽ ڪيترن کي نام جو اُپديش ڏنائون. آخر ڀائي شامداس سان گڏجي منڊليءَ سميت شهدادپور پهتا. ڀائي شامداس جي وڏي اوطاق ۾ کين وهاريو ويو. پريم ۽ شرڌا سان ستگرو مهاراجن جي سيوا ٿيڻ لڳي. شام جو شهر

منش چولو سڦلو ڪريان. ايترو چئي مھاتما کان سکيا وٺي، شش ٿي گھر وڃي من کي سمجھائڻ لڳو.

ستگرو مھاراج سنگت کي سمجھايو تہ اِھوئي ڀڳوان جو ڀڄن آھي، جو رات ڏينھن پنھنجي من کي سمجھائجي.

ري من ميرا سمجھ سويرا -
سمجھڻ ڪا يھ ويلا ھئہ .
بھت جنم ڪي بڇڙي ھو تم -
اجھون ڦرت اڪيلا ھئہ .
منش جنم ۾ پار برھم سي -
ڪرنا تجھ ڪو ميلا ھئہ .
ڪھي ٽيئُون جي اب نھين ملِيا -
ڦر تو ملن دھيلا ھئہ .

مطلب: ھي منھنجا من، ھيءُ ئي سار، اَسار جي سمجھڻ جو وقت آھي جو ڀڳوان ھن منش کي ٻين سڀني جيون کان وڌيڪ ٻڌي ڏني آھي. پاپ پُڃ، ڌرم اَڌرم کي من ڄاڻي ٿو. انيڪ جنمن جو ھيءُ وڇڙيل جيو، اڃا تائين ڀٽڪي رھيو آھي. ھن منش چولي ۾ ئي ڀڳوان سان ملي سگھندو. چوراسي لک جوٽين ۾ ڀڳوان سان ملي ڪين سگھندو. تنھنڪري من کي وار وار سمجھائڻ گھرجي تہ ھي من، ھم لوڪ جو رستو تمام ڏکيو آھي. تنھنڪري نام جپي پنھنجي آتم سروپ جو درشن ڪري ۽ جنم مرڻ جي دک کان ڇٽي سگھي ٿي. جن پنھنجي من کي ماري پنھنجو آتم سروپ اسٿر ڪيو آھي، انھن منشن جي استانن تي ميلا لڳن ٿا ۽ اُھي ٻين بہ انيڪ جيون کي انھيءَ آتم گھر ۾ پھچائي سگھن ٿا. انھن ڇٽي ستسنگ سماپت ڪيائون.

شامداس سان سوامي صاحب جي دربار تي ويا. ٻائو ڪلياڻ گر ستگرو مهاراجن کـــي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ وڏي آدر ستڪار سان کين آسڻ تي وهاريائين. پاڻي شامداس ٻائي ڪلياڻ گر کي سوامي جن جي واقفيت ڏني. ٻائو ڪلياڻ گر تمام خـوش ٿيو ۽ چيائين ته اوهان وڏي ڪرپا ڪري اچي اسان کي درشن ڪرايو آهي. اسان وٽ آرتوار ڏينهن ڪرپا ڪري پوڄن ۽ ستسنگ ڪريو. ڇو جو آرتوار ڏينهن موڪل سبب شهر جا گهڻا پريمي ايندا آهن. سوامي جن سندن پرارٿنا سويڪار ڪئي. تنهن ڪـــانپوءِ موٽي شهر ۾ آيا.

رات جو ستسنگ ڪيائون. چيائـــون ته هـي منش چولو وار وار نه ملندو.

چند- ڦير نا آوسين ئي جنم ماڻش-
ايهه ويلا هٿ پرڀو دي پاوڻي دا.
ٽـُـٽا ڦل نا ڊالي دي نال لاڳي-
پنا موتـي نا ڦير ڳنڍياوڻي دا.
پنا شيشا نا ڪاريگر ڦير جوڙي-
ڦٽا دوڌ نا ڦير جماوڻـي دا.
سڀ سنت پڪاريندي سائين لوڪو-
يهه ويلا هٿ رام رجهاوڻـي دا.

مطلب: جيئن ڪو ڦل وڻ مان ڪري اچي پٽ تي پوي، ته اهو وري وڻ تي نه لڳندو. موتي پڃي پوي ته سڄو ڪين ٿيندو. شيشو ڀڃي پوي، ته وري ڳنڍجي ڪونه سگهندو. کير ڦٽي پوي ته وري ڄمي نه سگهندو. تيئن ئي هيءُ منش چولو ويو، ته وري ڪين ملي سگهندو. سڀئي مهاتمائون ست شاستر چون ٿا ته چوراسيءَ کان ٻاهر نڪرڻ لاءِ هي منش چولو ئي موڪيو جو

جي پنڇاڻ پرساد ڪٽي سواميجن سان ملڻ آئي، رات جو پرارٿنا جي وشه لئي ستسنگ ٿيو. سواميجن جيو ته هن جيؤ کي سدائين پرشارٿ ۽ پرارٿنا ڪرڻ گهرجي.

لوهان به پرشارٿ ڪري، ستسنگ ۾ آيا آهيو. سو اڄ اهائي پرارٿنا ڪريو ته ”هي انترجامي ست چت آنند پرپورن پرماتما، اسانکي سچي سمت ڏيو ته چت سدائين شڀ ڪرمن ۾ لڳو رهي. اسانجو من ٻاهي ۽ وشيه ڀوڳن ۽ پاپ ڪرمن ڏانهن نه وڃي.

راڳ تلنگ

ٿل- تم هو پڳون دين ديالا - ڪاٽ ڪرم آب ڪرو نهالا.

۱- سڀنا تارا سدنا ڪاسائي -
نامي ڪي تم ڏين جوائي.

۲- دان دروپتي ڪيا تجهه ديا -
شرم سڀا ۾ تم رکيا ليا.

۳- گڻڪا اجاميل پاپ ڪمايا -
ڪرم ڪٽي تن مڪت ڪرايا.

۴- پيمت سداما ڪيا لي آيا-
ڪاٽ ڪنگالي محل بنايا.

۵- آد جڳا جڳ آڪر سوامي -
تاري پاپي ڪروڙي ڪامي.

۶- ميري ٻي هري ونيه سنيجي -
ڪهي ٽيئُون نج درشن ديجي.

پرارٿنا جا ٻچن ڳائي، رات جو ستسنگ سماپت ڪيائون. ٻئي ڏينهن، ڪيترن برهمڻ رسوئي جا سوال وڌا. شام جو ٻائي شامداس سوامي جن کي چيو ته هتي سوامي صاحب جو وڏو آشرم آهي. ڪرپا ڪري هلو ته ڏسي اچون. سڀئي ٻائي

هٿ لڳيئي ته دروازي کان ٻاهر نڪري وڃج. ٻاهر ڪيترائي شيواداري بيٺل هوندا جي توکي ڌرمشالا ۾ پهچائيندا.

اهو ٻڌي سورداس هلڻ لڳو. هلندي هلندي ڪيترن ڏينهن ڪانپوءِ اچي قلعي وٽ پهتو. ڏاڍو خوش ٿيو. تنهن ڪانپوءِ قلعي جي ڀت جو آڌار وٺي هلڻ لڳو. پر کجلي خارش سبب قلعي جي ڀت تان هٿ ڪڍي ٻنهي هٿن سان سِرُ کي کنهندو به پيو وڃي ته هلندو به پيو وڃي. قلعي جي ٻاڙ ۾ پٿر نڪري کن ڪُڙو، ڪڏهن کوٻا تمام گهڻا هئا. ويچارو سورداس ٿاٻڙندو ۽ ڌڪا کائيندو، ڪيترن ڏينهن ڪانپوءِ ڪوٽ جي دروازي جي ويجهو وڃي پهتو. پر خارش جو ستايل ويچارو هٿ ڇڏي کنهڻ لڳو ۽ کنهندو رهيو، تان جو اهو ٻاهر نڪرڻ وارو دروازو ئي پٺتي ڇڏي آيو. ائين سمجهه لاءِ نئون چوراسيءَ جو چڪر تيار ٿي ويو. سمجهڻ لڳو ته دروازو اڃا پري آهي. پيو چڪر هڻي دروازي ويجهو آيو ته وري کنهڻ لڳو ۽ وري به دروازو ٽپي ويو. ائين ڪيترا چڪر هنيائين، پر ڪرم هيڻ ٻاهر نڪري نه سگهيو ۽ اندر ئي ڦرندو رهيو.

اهو هڪ درشٽانت آهي. انهيءَ جو سڌانت هيءُ آهي ته ست چت آنند، ايشور راجا آهي. هيءُ سنسار هن جو سندر ۽ عاليشان شهر آهي. ان شهر کي چوراسي لک جوٽين جو تمام مضبوط ڪوٽ لڳايو اٿس. هن قلعي کان ٻاهر نڪرڻ لاءِ مانش چولي روپي هڪ دروازو آهي. ڪوٽ جي ٻاهران گيان، وئراڳ ۽ ڀڳتيءَ روپي باغيچي جون مڪتيءَ روپي ڌرمشالائون آهن. هيءُ جيو سورداس جي مثل آهي، جنهن کي آتم گيان روپي اکيون ڪونهن ۽ وشين، ڀوڳن ۽ موهه ممتا، آشا، ترشنا، روپي کيس خارش جي بيماري لڳل آهي. سنت، ستگرو ۽ ست پرش، مهاتما کيس مڪت ٿيڻ جي جڳتي ٻڌائين ٿا پر وشين ۽ واسنائن

ڊروازو آهي. پر هيءُ جيو اگيان جي غفلت ڪري ٻاهر نڪري نٿو سگهي. اِن تي هڪ درشٽانت ڏنائون. هڪ راجا چوراسي ميلن ۾ پنهنجو شهر ٺهرايو. شهر جي چوگرد هڪ وڏو عاليشان ۽ پڪو قلعو ٻڌايائين. ٻاهر نڪرڻ لاءِ فقط هڪ وڏو دروازو رکايائين. دروازو ۲۴ ڪلاڪ ئي کليل رهندو هو. شهر ۾ هڪ سورداس رهندو هو، جنهن کي خارش جي بيماريءَ سبب مائٽن گهر مان ڪڍي ڇڏيو هو. ڪوبه شهرواسي هنکي پنهنجي گهر ۾ يا پرسان وهڻ ڪونه ڏيندو هو. تنهنڪري هو ويچارو گهٽين ۾ رهندو هو ۽ گهٽين ۾ ئي سمهندو هو. بک لڳندي هئس ته ٻي، روٽي کائيندو هو. شهر جي بازارن ۾ وڏيون ناليون هيون. جي ڪن ڪچري سان ڀريل ۽ گنديون هونديون هيون. انهن جي بدبوءِ ڪري کجليءَ جي بيماري وڌڻ لڳس. سورداس بزار مان لنگهندو هو ته ناليين ۾ ڪري پوندو هو. راهه ڏينهن ڏاڍو دکي ٿيو پيو ڪنهندو هو.

هڪڙي ڏينهن بزار ۾ گهمندي سورداس ماڻهن جي واتان ٻڌو ته شهر جي ٻاهران تمام سندر باغيچا آهن ۽ هوا پاڻي به تمام سٺو آهي. ڌرمشالائون ۽ سداورت کليل رهندا. اهــا ڳالهه ٻڌي بزار ۾ ويهي پڪارڻ لڳو ته آهي ڪو پرڀوءَ جو پيارو! جو مونکي هن شهر کان ٻاهر ڌرمشالا ۾ ڇڏي اچي، جو مان تمام دکي آهيان؟ هن جي درد ڀري دانهن ٻڌي هڪ پرماتما جي پياري کيس چيو ته هي ڀائي هن شهر کان ٻاهر نڪرڻ جو دروازو ته تمام پري آهي. تنهن هوندي به مان توکي هڪ رستو ٻڌايان ٿو. جنهن تان تون بنا تڪليف جي، بنا پڇڻ جي، دروازي کان ٻاهر نڪري ويندين. هيءَ بزار ونئي سڌو هلندو وڃ. ڪجهه پنڌ بعد قلعي وٽ پهچندين. قلعي جي پٺ جو سهارو وٺي هلندين ته پاڻهي توکي دروازو هٿ ايندو. دروازي کي

١- جي سو چندا اوگهين، سورج چڙهن هزار،
ايتي چانڻ هونديان، گر بن گهور انڌار،
٢- تين سو ست ويدانت مت، سنشيه ابهه پرڪار،
گر بن نر جاڻي نهين، سوکيم برهم وچار.

مطلب: اننت شاسترن جا مت آهن. "آهي پڙهي" انهن مان جنن جو تنن ڪٽي واقف ٿي وڃي تڏهن به سندس سنسو شنڪا دور نه ٿيندي ڇو جو برهم جو گيان سوکيم کان سوکيم آهي، جو ستگرن کانسواءِ سمجهه ۾ ڪين ايندو.

ڪوت- پڙهي ڪي نه ٻڌي پاس، اکر نه باچ سڪي
ٻڌان هي پنڊت ڪئسي اوت هئن پارسي
جواهري ڪي ملي بن، پرک نه جان سڪي
هات نڳ ليئو رهي، سنشيه نه ٽارسي
وئديه هو نه مليا ڪوئي، ٻوٽي ڪو ٻتاءِ ديت
ٻنا وئديه پائي وانڪو، اوشڌ هئه خارسي
سندر ڪهت مڪه، رنچڪ نه ديکيو جاءِ
گر بن گيان جئسي انڌيري ۾ آرسي.

مطلب: جنن کي مذشاستر کانسواءِ پنهنجي منهن کا به وديا پڙهي نه سگهندو، پر جي پڙهي به ويو ته مطلب نه سمجهندو. جنن کنهن کي هٿ ۾ لعل هجي، پر جواهريءَ کانسواءِ ملهه جي خبر هنکي نه پوندي. جنن کو بيمار حڪيم جي ڏسي کانسواءِ پاڻهي دڪه جي دوا کندو ته الٽندو وڌيڪ بيمار ٿي پوندو.

سندر مهاراجن چونئا ته گروءَ جي گيان کانسواءِ آتما جو گيان ڪئين آهي، جنن اونده ۾ آرسي؟ جنهن ۾ پنهنجو منهن ڏسي نه سگهبو. ستگرن کانسواءِ چوراسي کان ڇٽندي.

روپي خارس ڪري ڪنهن ۾ سندس سرڀر ڇنيو ويو ۽ چوراسي لک جوڻين ۾ ڀٽڪندو رهيو. انهي ڪري سڀئي سنت مهاتمائون رات ڏينهن متي ٻانهن ڪري پڪاري رهيا آهن ته هي امولڪ منش چولو وشين ۽ ڀوڳن ۾ نه وڃايو. پرڀوءَ جو ڀڄن ڪري جنم سڦلو ڪريو.

راڳ پيلو

ٽل - دل ڪو ملائو ديـن ديال سي،

ديـن ديال سـي گوبند گوپـال سي،

١- سنگ نا ڪرنا ڪب ڀوڳ ڪرال سي،

پريت لڳائو گر سنت مـرال سي.

٢- جيتي جدائي ڪرو جڳت جنجال سي،

نيمهـ نڀائو نت هــري ڀرتپال سي.

٣- جيت ڪــرو جـن من وڪتال سي،

سهج سمائو نج سروپ وشال ســي.

٤- ڪهتا ٽيئون توڙو لکايم ڪال سي،

ورتي لڳائو تـم برهم اڪال سي،

اِنهيءَ وشي تي ستسنگ ڪري رام نام جـي ڌني لڳائي ستسنگ سماپت ڪيائون.

سياڻي تي ڀائي ڪشوري رام، ڀائي ڏيوارام، ڪيولرام ۽ ٻيا ڪيترا پريمي، چونڊرام ۽ مائي ڀوڄي پڻ نام جو اُپديش وٺي شش ٿيا.

ٻئي ڏينهن رات جـو ستسنگ ۾ ستگرو مهاراجن چيو تـ ديهه ڌاري ستگروءَ ڪـانسواءِ آتما جو درشن نـ ٿيندو. ويدانت شاسترن جي پڙهڻ سان گيان ٿئي ٿو، پر اُهو ڪاڄي مک جو گيان آهي، ڦلدائڪ نه آهي.

ڪونہ ايندو. تنهن ڪري مون توکي ڪونہ چيو تہ تون ڪو گرو ڪر. ايترو ٻڌي نارد هٿ جوڙي چوڻ لڳو تہ هي پڀو، توهان جي ڳالهہ برابر آهي. سو هاڻي جيڪو توهان چئو تنهنکي سياڻي وڃي گرو ڪري اچان. ڀڳوان چيس تہ مان توکي ٻڌايان ٿو توکي پسند نہ ايندو. تنهنڪري صبح جو ٥ ٻجي نڪري شهر کان ٻاهر اُڀرندي پاسي وڃج ۽ ان مهل جيڪو پهريون ماڻهو منهن سامهون گڏجيئي، تنهن کي گرو ڪج. نارد ست وچن چئي ڀڳوان کي نمسڪار ڪري وڃي پنهنجي ڪٽيا ۾ آرام ڪيو.

صبوح جو ٥ ٻجي ناردمني شهر کان ٻاهر نڪتو. اُڀرندي پاسي ٿورو پنڌ ڪري ڏسي تہ هڪڙو ماري نديءَ جي ڪناري تي ويٺو پکين کي ڦاسائڻ لاءِ ڄار وڇائي. نارد اچي ماريءَ کي پيرين پوڻ لڳو تہ ماري چوڻ لڳس تہ هيءَ ڇا ٿا ڪريو. توهان منيشور مونکي ڪهڙي ٿا پيري پئو؟ تنهن تي نارد هٿ جوڙي چوڻ لڳو تہ هي ڀڳوان توهان منهنجا ستگرو ٿيو. ڪرپا ڪري مونکي گر منتر ڏيو. ماري چوڻ لڳو تہ هي مها مني! توهان تہ ديو رشي آهيو. سو مان توهان جو ڪيئن ستگرو ٿي سگهندس؟ نارد چوڻ لڳس تہ اها توهان جي سچي ڳالهہ آهي. پر مون ستگرو ڪيو ٿي ڪونهي. تنهن ڪري ڀڳوان مونکي آگيا ڪئي آهي تہ جيڪو ماڻهو صبح جو پهرين گڏجيئي تنهن کي وڃي گرو ڪر. سو پڀو! توهان منهنجا ستگرو ٿي گر منتر ڏيو. ماريءَ چيس تہ نارد مان توکي جيڪو اُپديش ڪريان، تنهن کان وڌيڪ تون اڳيئي ٿي ڄاڻين ٿو. مان تہ ايترو شاسترن جو ڄاڻو ڪين آهيان. تڏهن وري نارد چوڻ لڳو تہ برابر توهان جي ڳالهہ سچي آهي. پر جيڪا ڳالهہ توهان کي چڱي لڳي، سا ئي ڪٿي مونکي ٻڌايو. اُنهيءَ مان منهنجو ڀلو ٿيندو.

ماريءَ چيو چڱو. ايترو ٻڌي نارد خوش ٿي پرساد اڳيان رکي ماريءَ جي چرنن جي پوڄا ڪئي. پوءِ ماريءَ چيس تہ

درشٽانت: وئڪنٺ پوريءَ ۾ وشنو ڀڳوان جي دربار ۾ هر روز ستسنگ ٿيندو هو، جتي ناردمني به ايندو هو. ستسنگ جي سماپتيءَ کان پوءِ جڏهن ناردمني اٿي پنهنجي ڪٽيا ڏانهن ويندو هو، تڏهن وشنو ڀڳوان پنهن جي پارشدن کي چوندو هو ته جنهن ڀوميءَ تي ناردمني وهي ٿو، سا اڀوتر ٿي پوي ٿي، ڇاڪاڻ جو نارد گرو ڪونه ڪيو آهي. تنهن ڪري انهيءَ جاءِ تان اڌ فوٽ کن مٽي کوٽي ٻاهر ڇڏي، ٻي نئين مٽي وجهي ڇڏيو. روز ائين ڪري مٿان ليپڻ ڏيندا ڪريو. ڀڳوان جي آگيا ٻڌي پارشد هر روز ائين ڪندا هئا. هڪ ڏينهن نارد ستسنگ کان پوءِ لڪڙو اٿي ويو ۽ ڪرمنڊل اتي رهجي ويس. رستي تي ياد آيس ته ڪرمنڊل وساري آيو آهيان سو موٽي ويو ڪرمنڊل کڻڻ. وشنو ڀڳوان جا پارشد مٽيءَ جون ٽوڪريون ڀري ٻاهر نڪتا ته ناردمني ڪين منهن ۾ گڏيو. نارد پارشدن کان پڇيو ته ٽوڪرين ۾ ڇا کڻيو اٿو. پارشدن نارد کي ڪونه سڃاتو ۽ چوڻ لڳا ته ڀلو ٿئي ناردمنيءَ جو، جو اسانکي روز روز هن تڪليف ۾ وڌو اٿس.

وشنو ڀڳوان چوي ٿو ته نارد جو گرو ڪيل ڪونه آهي. تنهنڪري جتي وهي ٿو اها ڀومي اڀوتر ٿي پوي ٿي. انهي ڪري اها مٽيءَ کڍي ٻي وجهي ليپڻ پائيندا ڪريو. اها ڳالهه ٻڌي نارد دل ۾ ڏاڍو دکي ٿيو. ڀڳوان وٽ وڃي هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته توهان منهنجي پرپٺ منهنجي بي عزتي ٿا ڪريو. اڄ مونکي خبر پيئي آهي. هيترا ڏينهن اڳ اوهان مون کي ڪونه چيو ته گرو ڪر، سو ڇا جي ڪري.

تنهن تي ڀڳوان چيو نارد! هڪ ته تون چئني ويدن جو ڄاڻو ودوان آهين. ٻيو تون سڀني سنتن جو سرومڻي آهين. ٽيون تون برهما جو پٽ ذات جو وڏو آهين. توکي ڪوبه گرو پسند

سمرٿ ڪونہ آهيان. وري ٻہ ستگرن جي شرن وٺ ۽ وڃڻي
ڪر تہ چوراسيءَ کان ڇڏائيندءِ. نارد ٻيهرين ڀڄي سڌو گروءَ
وٽ آيو. ڏنڊوت پرنام ڪري روئي چوڻ لڳو تہ هي پڀو مون
توهان جي نندا ڪئي آهي. وشنو ڀڳوان چيو تہ گروءَ ۾ ترڪ
درشٽي آندي اٿيئي. تنهنڪري چوراسي ڀوڳيندين. ڪرپا
ڪري مونکي معاف ڪري چوراسيءَ کان ڇڏايو. گروءَ چيس
تو چيو آهي تہ منهنجو گرو ماڙي آهي. مان ماڙي تہ ٻراٻر آهيان
پر هاڻي ٿيو. جيڪي گذريو تنهنکي ياد نہ ڪر. هينئر ڀڳوان
کي وڃي چئو تہ چوراسي کهڙي ٿيندي آهي. مونکي انجو زمين
تي نقشو ڪڍي ڏيکاريو تہ انهيءَ جي مٽائڻ جو ڪو اُپاءُ
ڪريان. جڏهن ڀڳوان توکي زمين تي چوراسي لک جوڻين جو
نقشو ڪڍي ڏيکاري تڏهن تون وري، پڇجانس تہ پريو، هن ۾
ٻي ڪا جوڻ رهي تہ ڪانهي. جڏهن ڀڳوان چوهئي تہ نارد،
سڀئي جوڻيون هن ۾ ليکي ڇڏيو اٿم، تڏهن تون انهيءَ نقشي
جي مٿان ليٽڙيون ڪائي اها چوراسي ڊاهي ڇڏج. ڀڳوان توکي
چوندو تہ ڇاتو ڪرين، ٻارن وانگر مٽيءَ ۾ ڇو ليٽين؟ تون چئج
تہ مان چوراسي ٿو ڀوڳيان. جي ڀڳوان چوئي تہ نارد اها چوراسي
ٻي آهي تہ چئجانس تہ پريو، اها بہ توهان جي ناهيل آهي ۽
هيءَ بہ توهانجي ئي ناهيل آهي. سو مان هيءَ ئي ٿو ڀوڳيان.
ايترو ٻڌي ڀڳوان خوش ٿي چوندو تہ چڱي اٽڪل ڪيئہ جو
پنهنجي چوراسي مٽائي ڇڏيئہ.

نارد خوش ٿي ستگرن کي ٻيهرين ڀڄي وئڪنٺ پريءَ ۾
اچي، وشنو ڀڳوان جي اڳيان چپ ڪري ويهي رهيو. وشنو ڀڳوان
پڇيس نارد! اداس ڇو آهين؟ نارد چيو توهان جو چيو آهي تہ
چوراسي ڀوڳيندين، سا ڳالهہ مونکي سمجهہ ۾ نٿي اچي تہ کهڙي
چوراسي ڀوڳيندس. توهين پرٿويءَ تي چوراسيءَ جو نقشو ڪڍي
ڏيکاريو تہ پوءِ مان انهيءَ کي مٽائڻ جو پرشارٿ ڪريان. ڀڳوان

هي نارد چڱي آهي چپ. سو اُنهيءَ چپ جو وچي ساڌن ڪر. نارد پيرين پنڌي روانو ٿيو. اڃا ٿورو پنڌ ڪيائين ته دل ۾ چوٽ لڳو ته مونکي گروءَ چپ جو منتر ڏنو آهي پر اُنهيءَ جو مطلب ته ڪونه ٻڌايائين. سو وري موٽي اچي گروءَ کي چيائين ته توهان جو مونکي چپ رهڻ جو منتر ڏنو آهي، پر ڪرپا ڪري اُنهيءَ جو ارٿ ته سمجهايو.

تنهنتي ماريءَ چيس ته ٻي ته مونکي ڪا خبر ڪانهي پر مان اڄ توکي پنهنجي هڪ سچي ڳالهه ٻڌايانٿو، جنهن مان تون چپ جو ارٿ سمجهي وٺندين. مان ذات جو ماري آهيان ۽ پکي ڦاسائيندو آهيان. جڏهن ڄار پکيڙي بلڪل چپ ڪري ويهندو آهيان، تڏهن پکي اچي ڄار ۾ ڦاسندا آهن. تنهنڪري مونکي چپ پياري لڳندي آهي. ستگروءَ جا وچن ٻڌي نارد دل ۾ چوٽ لڳو ته گروءَ واهه جو منتر ڏنو آهي. چپ سان من جا ڦرڻا، سنڪلپ ۽ ڪوڙا خيال اچي ڦاسندا آهن. پر مان برهما جو پٽ ۽ گرو ڪيو اٿم ماري. سو جيڪو ٻڌندو سو مون تي کلندو. سنسار ۾ عزت به ڪانه رهندي. اهو ويچار ڪري سڌو وئڪنٺ پريءَ ۾ آيو. وشنو ڀڳوان کي ڏنڊوت پرنام ڪري اچي ويٺو. وشنو ڀڳوان پڇڻ لڳس ته ڪيئن نارد گرو ڪري آئين. نارد هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته هي پريو، گرو ته ڪري آيس پر آهي ذات جو ماري.

وشنو ڀڳوان چيس ته تو گروءَ جي نندا ڪئي آهي تنهن ڪري چوراسي ڀوڳيندين، ڇو جو شاستر چون ٿا ته جيڪو گروءَ جي نندا ڪريٿو سو انيڪ جنمن ۾ چوراسي ڀوڳي ڏک پائيٿو. ڀڳوان جا اهي وچن ٻڌي نارد کي اکين ۾ جل اچي ويو ۽ چوڻ لڳو ته مون کان ڀل ٿي ويئي. توهان سمرٿ آهيو. ڪرپا ڪري منهنجي چوراسي ڪٽيو. ڀڳوان چيس ته مان چوراسي مٽائڻ ۾

ٻائو ڪليائڻ گر ڪين ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. شام جو ٣ ٻڄي ستگرو مهاراجن اُتي جل پان ڪري، ۴ ٻڄي ستسنگ شروع ڪرايو. ڀڄن سنگ سو ڀڳتي. ڇپائون تن ڀڳتي نون پرڪارن جي آهي.

سروڻ پريڇت پوٌب - شبد سڪديو س گاوهہ،
ڀون ڀڳت ڀهلاد - هنسا شري پدم ڏياوهہ،
پوُج، آرچ، پرٿو راج - پريم اڪرور س وندن،
هيت داس هنمنت -

ڀريت پارٿ جيون ڀرتپن،
ٻل جيون ٻل ٻل هارڪر - رجب رامهہ ديجئي،
ايهہ پرڪار نوڌا ڀڳت - آتم انتر ڪيجئي.

(١) سرؤن ڀڳتي راجا پريڇت ڪئي، جو گنگا جي ڪناري تي شريمد ڀاڳوت، شري سڪديو مهراج ڪان ٻڌي مڪت ٿيو. اهڙيءَ طرح سرؤڻ ڪجي، جئن هڪڙي طوطي ڪيو.

درشٽانت - هڪ مهاتما ٻندي ڇوڙ، پنهنجي چيلي آنند پرڪاش کي وٺي، سفر ڪندي ڪندي، هڪ راجائي شهر جي ٻاهران، نهر جي ڪناري تي پپل جي وڻ هيٺان اچي ويٺو صبح جو ١٠ ٻڄي، ٻندي ڇوڙ آنند پرڪاش کي چيو ته ٻابا، هري نارائڻ ڪري، شهر مان روٽي وٺي اچ. گروءَ جي آگيا پائي هو شهر ۾ ويو. هڪڙي دروازي تي ٻهي، وڏي آواز سان چوڻ لڳو ته ٻندي ڇوڙ مهراج ڪي جئہ. آواز ٻڌي ڪيترن گهرن مان پريمي روٽي کڻي آيا. پر هن فقط ٻن گهرن ڪان روٽي ورتي. روٽي اچي گروءَ کي ڪارائي پاڻ ٻہ کائي آرام ڪياتين. شام جو گروءَ کي چوڻ لڳو ته هي پربو، هن شهر ۾ پريم تمام گهڻو آهي، جو توهان جي نالي وٺڻ سان ماڻهو خوش ٿي، گهڻو سنو ڀوڄن

مٿي زمين تي چوراسي لک جوڻين جو نقشو ليکي چيو ته هي نارد! هيءُ جوڻيون آهن. نارد وري ڀڳوان کان پڇيو ته هي پريو، هن ۾ ٻي ڪا جوڻ رهائي ته ڪانه. اٿو؟ ڀڳوان چيو نه.

نارد اُنهيءَ چوراسيءَ جي نقشي مٿان سمهي ليٽڻ لڳو ته ڀڳوان چوڻ لڳس ته نارد، هي ڇا ڪري رهيو آهين؟ نارد چيو پريو، چوراسي ٿو ڀوڳيان. ڀڳوان کلي چيو، توکي نه ڪوئي عقل ڪونهي. توکي چوراسي ڇٽن ڪاڻين جي ڀوڳڻي آهي. نارد چيو ته اُها به توهان جي ٻڌايل آهي ۽ هيءَ به توهان پنهنجي هٿن سان هيندر ٻڌائي آهي. سو مان هيءَ ئي ٿو ڀوڳيان.

اهو ٻڌي ڀڳوان خوش ٿي چيس ته نارد، اِها ڳالهه شايد توکي ستگرن ٻڌائي چوراسيءَ کان ڇڏايو آهي.

اِها وارتا ٻڌائي ستگرو مهاراجن چيو ته ستگرو ئي چوراسيءَ جي مٽائڻ ۾ سمرٿ آهن. تنهنڪري، منش کي ستسنگ ڪري ستگرن جي شرڻ ۾ وڃي، جنم مرڻ جو ڦيرو مٽائڻ گهرجي. اِنهيءَ وشئه تي ستسنگ ڪري، ستنام ساکيءَ جي ڌني لڳائي، ستسنگ سماپت ڪيائون.

ٻئي ڏينهن شام جو ڀڳت منگهر رام ملدسيءَ جي ڳوٺ جو پرساد کڻي آيو. مٿو نيڪي هٿ جوڙي وينو ته ستگرو مهاراجن پڇيس ته اَبا! ڪٿي وينا آهيو؟ ڀڳت منگهر رام چيو مان ملدسيءَ جي ڳوٺ جو ونل آهيان. توهان کي هيءُ داس وينتي ڪرڻ آيو آهي ته ڪرپا ڪري اسان جي ڳوٺ ۾ پيرا پائي اسانکي پوتر ڪريو. ڳوٺ جا سڀئي ماڻهو اسان جي درشن جا پياسي آهن. ستگرو مهاراجن چيو ته اَبا، شايد ڪجهه ڏينهن هتي لڳي ويندا. سو توهان هتي رهي پئو. پوءِ پروگرام ٺاهي توهان کي ڏينداسون. ٻئي ڏينهن صبح جو ستگرو مهاراجن ساري منڊليءَ سميت ٻگين ۾ چڙهي، سوائي صاحب جي مڙهيءَ تي اچي پهتا.

ڪٿي اچي ڦاٿس؟ اهو سنديش پنهنجي! گروءَ کي سڻائج.

طوطي جو نياپو ٻڌي، در کان ٻاهر نڪتو. اچي ٻئي هڪ گهر جي دروازي وٽ چوڻ لڳو: بندي ڇوڙ مهراج کي جئه! ٻن ٽن گهرن مان پريمين روٽي آڻي کيس ڏني. روٽي وٺي گروءَ وٽ آيو.

طوطي جي ڳالهه گروءَ سان ڪيائين ۽ نياپو ڏنائين. ٻڌنديئي، سندس گرو مورڇا ٿي ڪري پيو. پران ڪنٺ ۾ رکجي ويس ۽ اکيون بند ٿي ويس. آنند پرڪاش گروءَ جو اهڙو حال ڏسي دل ۾ ويچار ڪرڻ لڳو ته طوطي جي نياپي ۾ اهڙو ڪو خراب اثر آهي، جو منهنجي گروءَ جا پران ٿا وڃن. گهٻرائجي پاڻيءَ لوٽو کڻي گروءَ کي ڇنڊا هڻي پکو لوڏڻ لڳو. ٿوريءَ دير بعد سندس گروءَ ٿوريون اکيون پٽيون، پر وري بند ڪري ڇڏيائين. گهڻي وقت کانپوءِ سجاڳ ٿي، پنهنجي چيلي کي چوڻ لڳو ته ابا، پوءِ طوطي ڇا چيو؟ آنند پرڪاش چيو ته سائين، انهيءَ ڳالهه کي ڇڏي ڏيو. توهان اڃا روٽي کائو. روٽي کائي، بندي ڇوڙ مهراج وري چيلي کي چيو ته ابا، طوطي جي ڳالهه ٻڌاءِ. آنند پرڪاش چيو ته سائين، مون چوڻ کان ٿي بس ڪئي، ڇو جو اڃا توهان کي ٿوري ڳالهه ٻڌايم ته توهان مورڇا ٿي ويا. تنهنڪري انهيءَ ڳالهه کي ڇڏي ڏيو. مان طوطي کي پاڻهي وڃي جواب ڏيندس. ٻئي ڏينهن آنند پرڪاش ١١ بجه صبح جو اچي انهيءَ دروازي تي وڏي آواز سان چوڻ لڳو بندي ڇوڙ مهراج کي جئه! آواز ٻڌي، طوطي سڏ ڪري پڇيس ته منهنجو نياپو پنهنجي گروءَ کي ڏنئه يا نه؟ منهنجي ڇوٽڪاري لاءِ ڇا چيو اٿس؟ آنند پرڪاش چيو هي طوطا، تنهنجي نياپي ۾ الاجي ڪهڙو اثر هو، جو مان اڃا تنهنجي دک جي وارتا پنهنجي ستگروءَ کي ٻڌائڻ لڳس ته منهنجو ستگرو مورڇا ٿي ڪري پيو.

ڏينهن ٿا. تنهن ڪري منهنجي مرضي آهي ته ٻه - چار ڏينهن
هتي رهون ته چڱو.

بندي ڇوڙ مهراج چيو چڱو آيا، هفتو ڪن هتي رهون ٿا.
ٻئي ڏينهن ١٠ بجي آنند پرڪاش شهر جي ٻيءَ بزار ۾ اچي وڏي
واڪي چوڻ لڳو "بندي ڇوڙ مهراج ڪي جئه! ائين ٿي ٽن ڇئن
گهرن مان پريمي روٽي کڻي ٻاهر نڪري آيا. صرف ٻن پريمين
کان پوڇڻ وٽي آيو.

اهڙيءَ طرح آنند پرڪاش ڪڏهن ڪٿان، ته ڪڏهن ڪٿان،
بندي ڇوڙ مهراج جي جئه ٻولي روٽي وٺي ايندو هو. هڪڙي
ڏينهن بزار ۾ اچي هڪ در تي وڏي آواز سان چوڻ لڳو.
بندي ڇوڙ مهراج جي جئه! اندران آواز آيو ته هي ٻڌون، منهنجي
آزاد ڪرڻ وارا اهي! سگهدائي وچن ڪرپا ڪري وري چئجو.
آنند پرڪاش وري وڏي آواز ۾ چيو، بندي ڇوڙ مهراج ڪي
جئه! تنهن تي اندران آواز آيو ته مهراج ڪرپا ڪري، اندر اچي،
مونکي درشن ڏيئي، منهنجو ڏک دور ڪريو.

آنند پرڪاش اندر ويو. ڏٺائين ته ٻيو ته ڪير ڪونهي،
باقي هڪ طوطو پڃري ۾ ويٺو آهي. طوطي ڏانهن نهارڻ لڳو ته
طوطو اکين ۾ جل آڻي روئي چوڻ لڳو، ته هي پريو، اهو بندي
ڇوڙ نالو ڪنهن جو آهي ۽ اهو ڪٿي ويٺو آهي؟ آنند پرڪاش
چيو ته هي طوطا، اهو نالو منهنجي ستگروءَ جو آهي. هو شهر
جي ٻاهران، نهر جي ڪناري تي براجمان آهي. طوطي چيو ته،
جيڪڏهن تنهنجو ستگرو سچ پچ بندن ڇوڙڻ وارو آهي ته
منهنجو هڪ نياپو وٺي ڏجانس. ۽ پهريائين وچن ڏي ته پوءِ مان
توکي نياپو ڏيانءِ. آنند پرڪاش چيو، "وچن" طوطي چيو:
پنهنجي گروءَ کي چئج ته مان هن پڃري ۾ ڏاڍو دکي آهيان.
ڪڏهن ٻاهر نڪري آزاد ٿي، آڪاس منڊل ۾ سير ڪريان؟ هتي

پڪڙي ڇوڙڻ لڳو ته تو منهنجي طوطي کي پڙهايو آهي. سو مونکي ٢٥ روپيه ڀري ڏي. انند پرڪاش چيو، ڀائي مون ته تنهنجي طوطي کي ڪونه پڙهايو آهي. پر مالڪ چوي ته نه، توئي طوطي کي پڙهايو آهي. ڪيترا پاڙيوارا اچي ڪٺا ٿيا. پڇڻ لڳا ته ڇا آهي؟ تنهن تي طوطي جو مالڪ ڇوڙڻ لڳو ته منهنجي استري چوڻي ته هن سنت ڪالهه ڪانوڻي طوطي سان اُلائي کهڙيون ڳالهيون ڪيون جو طوطو پڙهي ويو. ماڻهو انند پرڪاش کان پڇڻ لڳا ته طوطي سان کهڙيون ڳالهيون ڪيون هيؤ؟ اَنند پرڪاش ساري ڳالهه ڪري ٻڌائي، ته طوطي مونکي ڇا چيو ۽ ڪئن سندس گرو مورڇا تي ويو وغيره. طوطي جي مالڪ چيو ته جئن تون پنهنجي گروءَ جي ڳالهه ڪري رهيو آهين، تئن منهنجي طوطي به ڪيو ۽ جئن تون پنهنجي گروءَ جي جئه تو بولائين، تئن منهنجو طوطو به بندي ڇوڙ مهاراج جي جئه بولائي اُڏامي ويو. سو هٿ وٺي تو منهنجو طوطو پڙهايو آهي. تنهنڪري ٢٥ روپيه ڀري ڏي. انند پرڪاش چيو مون تنهنجو طوطو ڪونه پڙهايو آهي. تنهنڪري ٢٥ روپيه ڀري ڏي. انندپرڪاش چيو مون تنهنجو طوطو ڪونه پڙهايو آهي. طوطي جي مالڪ پڇيو ته تو طوطي کي پنهنجي گروءَ واري ڳالهه ٻڌائي هئي يا نه؟ انند پرڪاش چيو ته برابر مون ٻڌائي هئي مانس. طوطي جو مالڪ سيني ماڻهن کي ڇوڙڻ لڳو ته ڀائرو توهان نياءُ ڪريو ته هن سنت منهنجو طوطو پڙهايو آهي يا نه. سيني چيو ته ڀائي هن سنت ته تنهنجي طوطي کي جاڻي واڻي ڪونه پڙهايو آهي. پر اِها حقيقت آهي ته هن سنت جي گروءَ جي ڳڪتي ٻڌي طوطو ڀڳو آهي. تنهنڪري سنت کي ڇڏي ڏي. طوطي جو مالڪ ڇوڙڻ لڳو ته توهان جي چوڻ تي سنت کي ڇڏي ٿو ڏيان. باقي هڪ اٿم ته طوطي کي هن سنت ئي پڙهايو آهي. انند پرڪاش جند ڇڏائي پنهنجي گروءَ ڏانهن موٽيو. وات تي طوطي جي جڳياسا ۽ سياڻپ تي

پران ڪنٺ ۾ اچي رڪيس. اکيون بند ٿي ويس. مان گهٻرائجي ويس. ڳالهه شروع ڪرڻ سان گروءَ جو اجهو اهو حال ٿيو آهي. جي سڄي ڳالهه ٻڌندو ته متان مري وڃي. انهيءَ ڪري مون تنهنجو وڌيڪ احوال ڪونه ٻڌايو مانس.

طوطي چيس چڱو توهان هاڻي ٻلي وڃو. آنند پرڪاش ٻاهر نڪري آيو. اچي ٻئي دروازي تي بندي ڇوڙ مهاراج جي جئه بوليائين ته طوطي جو مالڪ گهر آيو. طوطو ٻنهن جي مالڪ کي ڏسي چيٽ ڪري ڦڙي ۾ ڪري پيو. طوطي جي مالڪ هڪدم پڃرو لاهي، تاڪي کولي طوطي کي ٻاهر ڪڍيو. طوطي کي سڏ ڪرڻ لڳو، پر طوطي ڪنٺ ۾ پران روڪي، اکيون پوري ڇڏيون. طوطي جو نازڪ حال ڏسي سندس مالڪ پاڻ کي ڪٺي آيو. ۽ ٻي چندا هٺي پنهنجي استريءَ کي چوڻ لڳو ته، اڄ طوطي کي گرمي لڳي ويئي آهي جو تو ڇانو ۾ ڪونه وهاريو انس. هاڻي مري ٿو. اهڙو چئي وڃڻو ڪٺي اچي طوطي کي هٿڻ لڳو. طوطي ٿوريون اکيون کوليون. مالڪ ڏي نهاري وري اکيون پوري ڇڏيائين.

طوطي جي مالڪ ويچار ڪيو ته متان ٻڪ لڳي هجيس سو اندران ميوو ڪڍڻ ويو. طوطي اکيون پٽيون. پاڻ کي چئني طرفن کان آزاد ڏسي اُڏاري ڪائي وڏي آواز سان آڪاس منڊل ۾ چوندو ويو ته بندي ڇوڙ مهاراج کي جئه، بندي ڇوڙ مهاراج کي جئه! طوطي جو آواز ٻڌي مالڪ پنهنجي استريءَ کي چوڻ لڳو ته استري طوطو ته ڇٽي ويو. پر هي هيءُ ڇا پيو چوندو وڃي؟ تنهن تي سندس استري چوڻ لڳي ته سوامي، هو ٻاهر سنت بندي ڇوڙ مهاراج کي جئه پيو بولي تنهن سو ڪالهه کان وٺي طوطي سان ڳالهيون پئي ڪيون. انهيءَ سنت ني طوطي کي ڇڏايو اٿيئي. مالڪ ٻاهر نڪري آنند پرڪاش کي ٻانهن کان

ماڻهن کي ست مارگ ۾ لڳايائون. ڪيترا پريمي ستگرو مهاراجن جا جگياسو ٿيا. اُن بعد ڀڳت منگهرام سان گڏجي ستگرو مهاراجن ۽ ٻيا پريمي، ملدسي ڳوٺ ۾ ويا اُتي ٻنڌڇن ستگرو مهاراجن جو گهڻي آدر ستڪار سان سواگت ڪيو. رات جو ستسنگ ڪيائون. پريم جي وارتا هلائي چيائون ته سنسار ۾ جنهن منش جي هردي ۾ ڀڳوان جو پريم ڪونهي، سو منش پسوءَ سمان آهي.

پريم وڻج نا ڪر سڪي —
چلي نه نام کي گيل،
مانش ڪيري ڪالڙي اوڙهه ڦري جيون بيل.

ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا ته هن سنسار جي اندر جنهن پريم جو واپار نه ڪيو آهي ۽ رام نام جو رستو نه ورتو آهي، سو منش پسن وانگر سنسار جي گهر روپي گهاڻي ۾ بيل وانگر وهي رهيو آهي. جنهن کي ڀڳوان جي ملڻ جي پياس ڪانهي سو رات ڏينهن سنسار جي پدارٿن تي موهت ٿي پنهنجو اَمولڪ مانش جنم ڀڳوان جي ڀڄن کانسواءِ وئرٿ وڃائي رهيو آهي. تنهنڪري سنت مهاتمائون رات ڏينهن اِهائي پڪار ڪري رهيا آهن ته سنسار جي پدارٿن جو جوڙو پريم ڇڏي پرڀوءَ سان سچو پريم رکو ۽ سک کي پايو. منش شرير تمام درلڀ آهي اُن جو اُڌار ڪرڻ گهرجي. جئن جيو هن لوڪ ۽ پرلوڪ سکي ٿئي. اِتي هڪ درشٽانت ڏنائون. چيائون ته هڪ ديس ۾ ٻئنڪي راڄ هوندو هو، جنهن ۾ ٽئين ٽئين سال چونڊون ڪري راجا مقرر ڪيو ويندو هو. شهر جي ڀرسان سمنڊ جي وچ ۾ هڪ ڀيانڪ ٻيٽ تي گهرو ڀيانڪ جهنگل هوندو هو، جنهن ۾ ٻگهڙ ۽ شينهن جهڙا تمام گهڻا خوفناڪ جانور رهندا هئا. ٽن سالن بعد اُنهيءَ راجا کي جهاز ۾ چاڙهي اتي ڇڏي ايندا هئا،

ويچار ڪندي اکين ۾ جل اچي ويس ۽ پنهنجي من کي چوڻ لڳو ته طوطو گروءَ جي ڀڳتي ياد ڪري پنهنجن منٺن ۾ ٻنڌڻن کان ڇٽي ويو پر توکي سنتن ۽ ستگرن هيترا سال ڪٿائون ٻڌايون آهن، ڪيترئي ڀڳتيون ۽ گيان ڏنو آهي، پر تون اڃا وشين ڀوڳن ۽ سنسار جي موهه روپي پڃري ۾ ڦاٿو پيو آهين. ڌڪار هجي توکي! ائين پنهنجي من کي سمجهائيندو سمجهائيندو اچي گروءَ کي روئي ڪارائي وڃي اڪانت ۾ ويٺو ۽ من کي سمجهائيندي سمجهائيندي پرم پد کي پراپت ٿيو. اهو درشٽانت ٻڌائي ستگرو مهاراجن چيو ته اها سروڻ ڀڳتي آهي. جئن راجا پريڪشت ۽ طوطو سروڻ، منن ۽ ندڌياسن ڪري مڪت ٿي ويا، تئن هن جيو کي سروڻ، منن ۽ ندڌياسن ڪري پنهنجو اڌار ڪرڻ گهرجي.

(٢) سکديو مهاراج راجا پريڪشت کي ڪٿا ٻڌائي.

(٣) ڀون ۽ ڀڳت پرهلاد وڃي رام جي نام جو سواس سواس سان سمرڻ ڪيو.

(٤) لڇميءَ وشنو ڀڳوان جي چرن ڪملن جو ڌيان ڌري سيوا ڪئي.

(٥) راجا پرٿوءَ ٺاڪرن جي پوڄا ڪري پنهنجو اڌار ڪيو.

(٦) اڪروُر وندنا ڀڳتي ڪئي جو متٿرا کان ٻندراٻن تائين ڏنڊوت پرنام ڪندو ڪرشن ڀڳوان کي وٽڻ آيو.

(٧) هنومان داس ڀڳتي ڪئي جو سري رامچندر جي چرڻن جو داس ٿي رهيو.

(٨) ارجن سکا ڀڳتي ڪري ڪرشن ڀڳوان سان متر ٿا رکي، پنهنجو اڌار ڪيو.

(٩) راجا ٻلي سرو سمرپڻ ڀڳتي ڪئي ۽ پنهنجو سڀ ڪجهه، سرير سوڌو ڀڳوان کي دان ڪيو.

ستسنگ سماپت ٿيو. اهڙيءَ طرح برهمڻ جي اننيه پريم ۽ شرڌا ڪري ستگرو مهاراجن مهيني کان ٻه متي شهدادپور ۾ رهيا. ڌرم، ڪرم ڀڳتي ياءَ ۽ ويدانت جو اپديش ڪري ڪيترن

ڪي اتي رهڻو هجي تنهن کي ٢٥-٣٠ هزارن رپين وارو مڪان
مفت ۾ ملندو ۽ اچڻ لاءِ جهاز به مفت ملندو. وڏو وڏي اهو
بندوبست ڪريو. مان ڪجهه وقت هتي آرام ڪندس. شهر جو
نالو ترمپور رکيو ويو. راجا جي حڪم جي پونواري ڪئي ويئي
اخبار ۾ اشتهار پڙهي ڪيئن ماڻهو اچي نئين راجڌاني اچي
وسائي. هڪ مهيني اندر سارو شهر وسي ويو. راجا ٦ مهينا
ترمپور ۾ رهي راڻين کي وٺي موٽي اچي پنهنجي پراڻي
راجڌانيءَ ۾ رهڻ لڳو. ٦ مهينا نئين راجڌانيءَ ۾ ته ٦ مهينا
پراڻيءَ راجڌانيءَ ۾ رهڻ لڳو. ائين چار سال گذري ويا. هڪ
ڏينهن راجا سڀني وزيرن ۽ اميرن کي گهرائي عام سڀا ڪئي.
سڀا کي چيائين ته منهنجي راجائي جو ٣ سال مدو هو. پر چار
سال گذري ويا آهن ته توهان ڪاڻ ڳالهه انهيءَ باري ۾ ڪانه
ڪڍي آهي تنهنڪري هينئر نئون راجا چونڊي موڪلي جتي
وٺيو اتي ڇڏي اچو. ساري سڀا هٿ جوڙي چوڻ لڳي ته هي
پرڀو ناٿ جتي توهان کي ڇڏي اچڻو هو اتي ته توهان پرشارٿ
ڪري هن ڪان به وڌيڪ سندر راجڌاني بڻائي آهي، سو ڏسڻ ڏن
آهيو. هاڻي سو توهان ٻنهي راجڌانين ۾ راج ڪندا رهو. تنهن
ڪان پوءِ راجا نرڀئه تي راج ڪندو رهيو.

سڌانت: هيءَ سنسار ٻنڪي راج آهي. جنهن ۾ هيءَ
جيو ٣ سال راجائي ڪري ٿو. يعني بال اوستا، جوڀن اوستا ۽
ٻڍاپو ماڻي ٿو. تنهن ڪان پوءِ ڌرمراءِ هنکي پرلوڪ جي دکه روپي
ٻيٽ تي موڪلي ٿو جتي جيو اننت جوڻين ۾ دکه ڀوڳيتو. پر ڪو
وويڪي اتم پرش، بال اوستا ڪان وٺي دان پن، پر اپڪار
پڪتي ڪري پرلوڪ کي بڻائي ٿو. مرڻ ڪانپوءِ اُن کي ڌرمراءِ
چوي ٿو ته بابا، تو ٻئي لوڪ بڻايا آهن. تنهنڪري سرڳ لوڪ
۽ مرتيو لوڪ ٻئي تنهنجا آهن، جتي ڪپيئي اتي رهي آنند
وٺ. اهو درشٽانت ۽ سڌانت ٻڌائي ستگرو مهاراج چيو ته
ٻڌيوان پرش راجا وانگر ٻنهي لوڪن کي بڻائي سدا سکي رهندا.

جتي ڪيس جانور ماري کائي ڇڏيندا هئا. انهيءَ ديس جي راجائي اهڙيءَ طرح هلندي هئي. هڪ وقت هڪ وويڪي ستسنگي پرش کي چونڊي راج گديءَ تي ويهاريائون. رات جو راجا سيج تي ويهي ويچار ڪرڻ لڳو ته ٽن سالن کان پوءِ مونکي به انهيءَ ٻيٽ تي ڇڏي ايندا. تنهن ڪري صبح جو جهاز ۾ چڙهي انهيءَ ٻيٽ کي ڏسڻ گهرجي. اهو ويچار ڪري صبح جو وزير کي گهرائي چوڻ لڳو ته جلدي هڪ جهاز تيار ڪرايو ۽ جتي ٽن سالن کان پوءِ مونکي وڃڻو آهي، اهو ٻيٽ هلي مونکي ڏيکاريو. جهاز تيار ٿي ويو. راجا ۽ وزير ٻيٽ تي ويا. راجا ٻيٽ گهمي ڏٺو. ڀيانڪ بن ڏسي راجا ڪنبڻ لڳو. مترين کي چيائين ته هاڻي جلدي موٽي هلو. جهاز ۾ چڙهي سڀئي اچي راجڌانيءَ ۾ پهتا. وزير راجا کي محلات ۾ ڇڏي پنهنجي پنهنجي جاءِ تي ويا.

راجا ايڪانت ۾ ويهي ويچار ڪرڻ لڳو ته اهڙي ڪا يڪتي ڪجي جنهن ۾ پنهنجو بچاءُ ٿئي ۽ مان انهيءَ دک کان ڇٽي وڃان. صبح جو وزيرن کي گهرائي چيائين ته ٻيٽ تي ٢٥ ميلن ۾ جهنگل ڪٽائي صاف ميدان ڪرايو ۽ هڪ سندر راجائي شهر جو نقشو تيار ڪري مونکي ڏيکاري پوءِ ميدان تي ١٢ مهينن جي اندر، هڪ سندر شهر ٺهرائي تيار ڪرايو.

راجا جي آگيا انوسار نقشو تيار ڪرايو ويو. لشڪر جا جهاز ٻيٽ تي روانا ڪيا ويا. تنهن کانپوءِ ٺيڪيدارن ۽ مزورن جا جهاز پرائي وزيرن وڃي جهنگل ڪٽايو ۽ ١٢ مهينن ۾ شهر تيار ڪرايو ۽ پوءِ اچي راجا کي حقيقت ٻڌائي عرض ڪيائون ته ڪرپا ڪري هلي شهر گهمي ڏسو. راجا راڻين کي وٺي ٻيٽ تي ويو ۽ سارو شهر گهمي مترين کي ڌنيواد به ڏنائين. حڪم ڪيائين اتي خزانو، اتي فوج ۽ اتي آفيسون ڪٽي اچي هتي رکو ۽ اخبارن ۾ وجهايو ته راجا هڪ نئون ڌرمپور شهر اڏايو آهي جنهن

چڙهڻ لاءِ ڪوبہ رستو نہ هجي. اُن پهاڙ جي چوٽيءَ تان ۲۵ مڻن جو پٿر ڪري نہ ڪن سيڪنڊن ۾ اچي هيٺ پٽ تي پوندو. پر اُنهيءَ ساڳي پٿر کي ساڳيءَ جاءِ تي ڪٽي رکڻ تمام ڪٺن آهي ڇو جو پٿر کي ساڳيءَ جاءِ تي رکڻ لاءِ مشينون گهرائي ڏاکڻ ٿاهي، ڏيري ڏيري وڃن ساڌن سان رکي سگهبو. تهڙيءَ طرح هيءُ منش چولو هڪ پهاڙ جي چوٽيءَ سمان اونچي ۾ اونچو آهي. منش چولي کان اڳتي پرماتما جي ملڻ لاءِ ٻي ڪا جوڻ ڪانہ آهي، ڇو جو ڀڳوان پنهنجو سروپ ڏنو آهي. هاڻي جي هن منش چولي ۾ موکيہ نہ ٿيو ۽ جيڪو چوراسيءَ ۾ ڪري پيو تہ وري منش چولو تمام ڪٺن ملندو. تنهنڪري هن منش چولي ۾ آتما جو گيان پائي مڪت ٿيڻو آهي.

راڳ پهاڙي

ٽُل- موکيہ مندر ڪا دوار، مانش چولا هئہ.

۱- جوُن چوراسي سي اتڪائي، منش ديہ ڀڳونت کو پائي، سڀ ڪا يہ سردار، مانش چولا هئہ.

۲- مانش تن ڪو سڀ جن چاهت، سنت گرنٿ ڀي مهما گاوت، آنند ڪا آگار، مانش چولا هئہ.

۳- مانش ڪرم ڌرم کو ڪرتا - سڀ ساڌنا کو هردي ڌرتا، ڀڳتي ڪا ڀنڊار، مانش چولا هئہ.

۴- مانش تن ۾ آپ پڇانو - ڦيڙُون ڀيد ڀرم کو هانو، گيان ڌيان گلزار، مانش چولا هئہ.

انهيءَ وشئہ تي ستگرو مهاراجن ڪيترا پنهنجا ٺاهيل ڀڄن ارٿ سان ڳائي، ستنام ساکيءَ جي ڌني لڳائي ستسنگ سماپت ڪيو.

ٻئي ڏينهن شام جو پائي پاڳچند، جو هڪ سنت سيوي، ڀڳت جن ۽ پر اُپڪاري هو، سو ستگرو مهاراجن کي پرارٿنا

اگياني جيئڙهن لوڪ جا سک ڀوڳي رکيا ٿين ٿا. سَتسنگ سماپت ٿيو. ٻه چار ڏينهن سَت اُپديش ڪيائون. ڀڳت منگهرام، ڀڳت گنومل، مکي ڪلياڻداس ۽ ٻيا ڪيترا نام جو اُپديش وٺي شش ٿيا.

تنهن کانپوءِ ڀائي ٿهلرام ستگرو مهاراجن کي وٺي ٻاڪرجي ڳوٺ ويو. ٻاڪرجي ڳوٺ ۾ رات جو ستسنگ ڪيائون. چيائون ته هيءُ منش چولو وڏي ڀاڳ سان پراپت ٿيو آهي.

بڙي ڀاڳ مانش تن پاوا، سر درلڀ سد گرنٿن گاوا.

مطلب: تلسيداس مهاراج جن چون ٿا ته هيءُ منش چولو، پورب جي پڻ ڪري وڏي ڀاڳ سان مليو آهي، جنهن کي ٣٣ ڪروڙ ديوتائون چاهين ٿا پر انهن کي نٿو ملي. ڀڳوان جو درشن ۽ موکش، منش چولي ۾ ئي ٿيندو، تنهنڪري ديوتائون منش چولو چاهين ٿا. منش چولو ڀڳوان جي پراپت ڪرڻ لاءِ ئي مليو آهي.

ڀئي پراپت مانش ديهريا،
گوبند ملن ڪي ايهه تيري برڀا
اور ڪاج تيري ڪتئه نه ڪام،
مل سادهه سنگت ڀڄ ڪيول نام.

گرو نانڪ ديو مهاراجن فرمائين ٿا ته هيءُ منش چولو وڏي ڀاڳ سان مليو آهي ڀڳوان جي ملڻ واسطي. ٻيا جيڪي دنيا جا ڪم ڪار هون آهن سي سڀ ٽوڪي انت ڪال ۾ هرگز ڪم نه ايندا. انهيءَ ڪري سنتن جو سنگ ڪري ڀڳوان جو ڀڄن ڪر. منشي چولي جو رستو تمام وڏو ۽ ڪليل آهي. چوراسي لک جوڻين ۾ نميا نميا تنگ ٿيڙها رستا آهن، جن تان هلي ڀڳوان سان ملي ڪين سگهندا. منش چولو ويو ته ورئي تمام ڏکيو ملندو.

مثال: جيئن ڏهه هزار فوٽ اوچو ڪو پهاڙ هجي جنهن تي

ڪانه‌ِيندو تہ مرندو پر جي ڪن ٻير ۽ ٻچ ڪانه‌ِيندس تہ ڪونہ مرندو پر ٻاڻ لڙائي ڪري نقصان پهچائيندو. تڏهن ڀي گرمکداس چوڻ لڳو تہ اِنهيءَ ترشنا روُپي ڪيڙي جا ڪن، ٻير ۽ ٻچ ڪهڙا آهن؟

ستگرو مهاراجن چيو: ڪوڙ روُپي ڪن، پاپ روُپي ٻير، چل ڪپٽ روُپي ٻسر ۽ هرش روُپي ٻچ اٿس. لوڀ روُپي سر اَٿس. سو سر، تتو گيان روُپي تلوار ڪٽي هڪ ئي ڌڪ سان ڪاٽي، سنسار ۾ نرڀئہ ٿي جيون مڪتيءَ جو سک ماڻجي.

اِيتري رهاڻ ڪري، سڀئي سڄ لٿي جاءِ تي موٽي آيا. رات جو ستسنگہ ۾ ويدانت جو اُپديش ڪيائون. چيائون تہ جنهن کي ڀڳوان جي درشن جي اِڇا هجي، سو ڀهرائين پنهنجي ٻاڻ جو درشن ڪري.

چند - الف آپڻي آپ ڪوسمجهہ ڀلي
کيا وست هئہ تيڏڙا روپ پياري
ٻاجهون آپڻي آپ دي سهي ڪيتي -
رها وچ وصول دي دکہ ڀاري،
هور لکہ اُپاءَ نا سکہ ٿيوي -
ڀچ ويکہ سڀانڙي جڳہ ساري،
سکہ روُپ اکنڊ چيتن هئہ تون -
بلاشاهہ پڪارندي ويد چاري.

مطلب: ڀهرين پنهنجو ٻاڻ ڪي سڃاڻ تہ ڪير آهيان ۽ منهنجو سروپ ڪهڙو آهي. جيستائين جيوُ ٻاڻ کي نٿو سڃاڻي، تيستائين سنسار ۾ ڀاري دکہ ڀوڳي. جيوُ لکين ساڌن، جپ، تپ، ورت، نيم، سنڌيا، گايتري، پاٺ، پوُڄائون، اِشنان، دان ڪندو، تہ بہ سکہ جي پراپتي ڪانہ ٿيندس. جي اعتبار نہ اچي

ڪري ٻنهين ئي گهمائڻ وٺي ويو. ٻنهين ئي ڪين ڇپائين ته سائين! اسانجا هر سال ڏاڍا ڀلا ٿيندا آهن، پر هن سال هنن ۾ ڪيڙو اچي لڳو آهي جنهن ڪري مال ڇٽيو ٿو وڃي. ڪرپا ڪري پاٺ پڙهي ڏيو ته ڇٽڪارو ٿئون. ستگرو مهاراجن چيو ته ابا اهو ته نيڪ، پر هن ڇت روپي وڻڻ کي جيڪو ترشنا روپي ڪيڙو لڳو آهي، جنهن راس ڏيهن کائي، انکي ناس ڪري ڇڏيو آهي، تنهن جو به ڪو اپاءُ ڪرڻ گهرجي. اهڙو چئي پاٺ پڙهي سيٺ ڀاڳچند کي ڏنائون، جنهن پاٺ ساريءَ ٻنيءَ ۾ ڇٽڪاريو.

تنهن کانپوءِ ٻئنڪ جي جاءِ ۾ اچي وينا ته ڀڳت مڌکررام چيو ته هي ڀڳون، اهو ترشنا روپي ڪيڙو، جو ڇت روپي وڻڻ کي کائي رهيو آهي، سو ڪيئن مرندو؟

گرو مهاراجن چيو: ابا، ترشنا روپي ڪيڙو تمام ڏکيو مرندو. اهو ڪيڙو جوانيءَ ۾ اچي ٿو. راجا ڀرتريءَ ويراڳ ۾ پنهنجو راڄ تياڳيو ۽ بن ۾ ويو، پر اتي به ترشنا اچي ستايس. تڏهن اکين ۾ پاڻي آڻي چوڻ لڳو:

> भोगा: न भुक्ता: वयमेय भुक्ता स्तपो न तप्ता: वयमेव तप्ता:।
> कालो न यातो वयमेव यातास्तृष्णा न जीर्णा वयमेव जीर्णा:।।

ارٿ: چوڻ لڳو ته مون دل ۾ خيال ڪيو هو ته ڀوڳن کي ڀوڳي پورو ڪندس، پر ڀوڳن مونکي ڀوڳي ڇڏيو. سوچيم ته تپ ڪريان، اندرين کي جيتي وس ۾ ڪندس، پر اندريون مونکي جيتي ويون. وري چيم ته ڪال کي کپائي پورو ڪندس، پر وقت مونکي کپائي پورو ڪري ڇڏيو. خيال ڪيم ته شرير ڍرو ٿيندو ته ترشنا به ڍري ٿي ڇڏي ويندي. پر شرير ڍرو ٿي ويو ته به ترشنا روپي ڪيڙو بلوان ٿي پيو وڃي. سو هي بابا هيءَ ترشنا روپي ڪيڙو ڪو وڏو ويراڳي ستگرن کان آتم گيان روپي خنجر وٺي وڍار سان هن جا سر

۽ نشڪام ٿي شڀ ڪرم ۽ ستگرن جي ٽهل نام جو ابياس ۽ انتهڪرڻ کي شد ڪرڻ گهرجي، ڇو جو انتهه ڪرڻ جي شد ڪرڻ کانسواءِ آتما جو درشن نه ٿيندو ۽ نڪي آتما جو گيان ٿيندو.

ڇند - اَنتهه ڪرڻ مليڻ جسڪا -
تس ڪو گيان نه لاڳت هئہ.
رشي مني اَج دي اُپديشا -
ڪيئي نه وهه جن جاڳت هئہ،
جئسي صفيد وستر اُوپر -
رنگ شيگهر چڙهي جاتا هئہ.
تئسي انتهه اُوجل والا - پرڀُو جلدي پاتا هئہ.

مطلب: جنهن جو انتهه ڪرڻ ميرو آهي، تنهن کي ستگرو خواهه سنتن جو اُپديش اَثر نه ڪندو. اُوجل انتهه ڪرڻ ۾ ئي ساکيات آتما جو درشن ٿيندو. تنهنڪري جگياسوءَ کي پهرين پنهنجي انتهه ڪرڻ کي اُوجل ڪرڻ لاءِ لڳاتار ساڌن ڪرڻ گهرجن. جئن ته:

درشٽانت: هڪ راجا پنهنجي وزير کي گهرائي چيو ته اسان کي هڪ سندر محلات ٺهرائڻو آهي، جنهن ۾ طرحين طرحين جي چترڪاري رکائڻي آهي. دنيا ڀر جي ڪاريگرن مان چونڊ ڪري سٺي ۾ سٺي ڪاريگر کي ڪم ٺيڪي تي ڏيڻي ڇڏيو. وزير وڏن انجنيرن کي گهرائي چيو ته هڪ راجائي محلات ٺهرائڻو آهي، جنهن ۾ سرڳ لوڪ، اندر جو نندن بن، ڪئلاش پربت جو نظارو ۽ اندرا ڪنڊ جي سيبريءَ جي سندر چترڪاري رکائڻي آهي. سو توهان اهڙو هڪ سندر نقشو جلدي تيار ڪريو. انجنيرن ڳڌجي هڪ مهيني جي اندر، تمام سٺو نقشو تيار ڪري راجا کي ڏيکاريو. راجا ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ انجنيرن کي وڏو

نه پڙهي سنتن کان پڇي ڏسو. چارئي ويد، ڇهه شاستر، سڀئي گرنٿ، رشي مني چون ٿا نه جنهن ڀڳوان کي تون چاهين ٿو، سو تنهن جو ست چت آنند سروپ آهي. انهيءَ وشيه تي ڪيترا ڀڄن ارٿ سهت ٻڌايائون.

راڳ پهاڙي

ٽل- تون ساڪي چيتن آهين
او سڀ کان نيارو تون - ڪجهه ڪنهن سان شامل ناهين.
١- هن تن سان تنهنجو ڇاهي - تن ماس هڏن جو آهي،
پل کهڙا روپ مٽائي - تون ڪونه ٿو روپ مٽائين.
٢- هن من سان تنهنجو ڇاهي - من مايا جي وٿ آهي،
پل ڪيڏانهن پيو ڪاهي - تون ڪون ٿو ڪيڏانهن ڪاهين.
٣- هن ٻڌ سان تنهنجو ڇاهي - ٻڌ پوڻن مان ٿي آهي،
پل کهڙا رنگ رچائي - تون ڪونه ٿو رنگ رچائين.
٤- تون پراڻن کي ٿو ڄاڻين - ۽ اندرين ڪار سڃاڻين،
کهه ٽيئُون پاڙ پڇاڻين - ڇونه سوهم صاف سڏائين.

ويدانت، ست ڪرم ۽ ڌرم جو اپديش ڪري، ساري سنگت کي چيائون ته جيڪي چار وچن توهان کي ٻڌايا اٿئون، انهن جو ويچار ڪندا رهجو، سدائين چت نام پريم، پراپڪار ۾ لڳائيندا رهجو. اسان سڀاڻي شاهه جي پٽ وينداسون. اتي ڇٽي پلئه ڀائي ستسنگ سماپت ڪري جاءِ تي آيا. اتي ڀائي ٽهلرام، ڀائي هاسارام، ڀائي ٻالورام ۽ ٻيا پريمي، گرمنتر وٺي شش ٿيا. ستگرو مهاراجن سيٺي کان موڪلائي شاهه جي پٽ پهتا. ڪرشنداس ۽ ٻيا پريمي، گرمنتر وٺي شش ٿيا تنهن کانپوءِ ڏهه ٻارهن ڏينهن رهي سيٺي پريمين کي خوش ڪري، ڪنڌڪوٽ پهچي آستان تي اچي براجمان ٿيا. رات جو ستسنگ شروع ٿيو. سواميجن جي اچڻ جو ٻڌي ڏاڍي سنگت آئي هئي. جگياسين جي پد تي اپديش ڪيو. چيائون ته جگياسوءَ کي نرمان

سٺا چٽ ڪيندس. اوهان ڪوئي خيال نه ڪريو. انجنير ڪاوڙجي چيو، پر مون توکي تنهنجي ڀلائيءَ لاءِ چيو آهي. وڌيڪ تنهنجي مرضي. ڪاريگر چوڻ لڳو ته ناراض ڇو ٿا ٿيو. هڪڙو مصالحو ٿوري وقت ۾ لڳائي، چٽ ڪيندس. اُن ڪانپوءِ چٽڪاري سندر ڏسڻ ۾ ايندي. انجنير چيس ته تون ڪيترا به مصالح لڳائين ٺاهين، ته توکي مزوري به مس ملندي. ايترو چئي انجنير هليو ويو. ڪاريگر آتشي شيشي جو مصالح ڀت تي لڳائڻ شروع ڪيو. اُن کي اهڙي ته پالش ڪيائين جو ٻجليءَ وانگر چمڪڻ لڳي. اهڙو جو اک کڻي اُن ڏانهن نهاري به نه سگهجي. مدو پورو ٿيو. راجا وزيرن کي چيو ته سڀاڻي عام سڀا ڪوٺايو، جو محلات ڏسنداسون. وزيرن سڀني انجنيرن کي ڪوٺ ڏني. ٻئي ڏينهن صبح جو راجا وزير، عملدار، انجنير ۽ شهر جا ڪيترا ماڻهو اچي محلات ۾ ڪٺا ٿيا. راجا وزيرن ۽ عملدارن کي حڪم ڪيو ته يڪدم پڙدو هٽايو وڃي. پڙدو هٽايو ويو. پڙدي کڄڻ سان جيڪي چٽ ٻئي پاسي ڪاريگر ڪيا هئا سي هن پاسي واري آتشي شيشي ڪري وڌيڪ سندر ۽ چمڪندڙ ڏسڻ ۾ آيا. ڪنهن ڪونه سمجهيو ته هن پاسي چٽڪاري نڪتل ڪانهي. هن پاسي کان هيءُ پاسو وڌيڪ سوڀيڪ ۽ سندر ڏسڻ ۾ آيو، ڇاڪاڻ جو ٻنهي کان پرتبنب وڌيڪ سندر ڏسڻ ۾ ايندو آهي. جيڪو انجنير ڪاريگرن جي متان هو، تنهن چيو ته هي راجن، هن ڪاريگر ته هڪ به چٽ ڪونه ڪيو آهي. سڀ چٽ هن ٻئي ڪاريگر جا ڪيل آهن. راجا چيو ته هن ڪاريگر ڪٿي هڪ به چٽ نه ڪيو آهي پر هن پنهنجي ٻڌيءَ جي ڪاريگريءَ سان اهڙيءَ طرح چٽ ديوار تي چٽيا آهن جو هنن چٽن کان به وڌيڪ سهڻا ۽ چمڪندڙ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. تنهنڪري هيءُ ٻئي ڪاريگر انعام جي لائق آهي. هن ڪاريگر کي شاباش هجي. جيڪا محنت گهري سا ڏجوس.

انعام ڏنائين. تنهن کان پوءِ وزيرن ڪاريگرن لاءِ اخبارن ۾ اشتهار وجهايو. هڪ مهيني ۾ ساري ديش جا ڪاريگر اچي ڪٺا ٿيا.

راجا اميرن، وزيرن، انجنيئرن ۽ ڪاريگرن جي سڀا لڳائي، نقشو ڪاريگرن کي ڏنو. انجنيئرن امتحان وٺي صرف ٻہ ڪاريگر پاس ڪيا ۽ راجا کي ٻڌايو. راجا حڪم ڪيو تہ وچ ۾ پڙدو هڻي، ٻنهي کي اڌو اڌ ڪري ڪم ڏيو. وزيرن ٻنهي ڪاريگرن کان لکپڙهہ ڪرائي. چيو ويو تہ سمورو مال راجا ڏيندو. اوهان کي ٻہ من گهري محنت ملندي. هڪ انجنيئر توهان جي مٿان ڀاريو ويندو. ٻيو شرط آهي تہ توهان ٻئي هڪ ٻئي جو ڪم نہ ڏسندا. وچ ۾ پڙدو لڳايو ويندو. صرف انجنيئر کي ئي ڏسڻ جو اڌڪار رهندو، هو توهان جو ڪم ڏسندو. ٻارهن مهنن جي اندر سڄو ڪم پورو ڪري ڏيندا. محل جي تيار ٿيڻ کان پوءِ، راجا، ۽ سڀئي وزير گڏجي پڙدو هٽائيندا. جنهن جا چتر سٺا هوندا، تنهن کي محنت ۽ راجائي انعام ملندو. اها ڳالهہ منظور ڪري ڪاريگر وڃي ڪم کي لڳا.

اٺن مهينن ۾ هڪ ڪاريگر پنهنجي پاسي انيڪ پرڪارن جا رنگ ڏيئي مصالحن سان پالش ڪري تمام سندر چترڪاري ڪئي. ٻئي ڪاريگر ولائت مان مصالح گهرائي صرف ديوار تي پالش ڪئي. اهڙيءَ طرح ٻئي ڪاريگر ڪم ڪندا رهيا. ٻارهن مهينن جي مدي ۾ باقي هڪ مهينو رهيو تہ هڪ ڏينهن انجنيئر پالش واري ڪاريگر کي چيو تہ مدو تہ اچي پورو ٿيڻ تي آهي، تو اڃا هڪ بہ چتر ڪونہ ڪڍيو آهي. پر هن ڪاريگر اهڙا تہ سندر چتر ڪڍيا آهن جو نهارڻ سان دل خوش ٿي ٿئي. هن جي ڀيٽ ۾ تو تہ ڪجهہ بہ نہ ڪيو آهي. راجا ناراض ٿي تو تي ڏنڊ وجهندو، ڇو جو راجا جو چترڪاريءَ سان پريم آهي. ڪاريگر چيو انجنيئر صاحب مان هن ڪاريگر کان ٻہ وڌيڪ

هوليءَ جي موقع تي پت شاهه مان سرو آنند، ڀڳت چيتارام، ڪرشنداس آيا ۽ هوليءَ جو ميلو شروع ٿيو. ڏينهن جو پنجهه ڇهه ڪنڊوءَ جا ڀڳت ستسنگ ڪندا هئا. رات جو ستگرو مهاراجن پنهنجي منڊليءَ سان ستسنگ ڪندا هئا. هوليءَ ڏينهن ستگرو مهاراجن رات ڏينهن ست ڪرم جي وشئه تي اپديش ڪيو. چيائون ته سڀني منشن کي شڌ آهار ۽ شڌ وهنوار ڪرڻ گهرجي، ڇو جو اشڌ آهار سان بڌي ملين ٿي وڃي ٿي. جهڙو ان تهڙو من. اتي هڪ درشٽانت ڏنائون.

درشٽانت: جنهن سمي ڀيشم پتامهه باڻن سان گهايل ٿي ڪروڪيتر جي رڻ ڀُومِيءَ ۾ باڻن جي سيجا تي سمهيو پيو هو، تنهن وقت سري ڪرشن ڀڳوان، دروپدي ۽ پانڊوَن سميت ڀيشم پتامهه وٽ اچي نمسڪار ڪري بيٺو. ڀيشم پتامهه ڪرشن ڀڳوان کي ڏسي پريم سان اکين ۾ جل آڻي، هٿ جوڙي منومئه پرنام ڪري چوڻ لڳو ته هي پربو، اج توهان پنهنجي اپار ڪرپا ڪري مونکي پڇاڙيءَ جو اچي درشن ڏنو آهي. شري ڪرشن ڀڳوان چوڻ لڳو ته هي ڀيشم پتامهه، اوهان جي پريم ڪري آيا آهيون. هنن پانڊوَن کي ست ڌرم نيتيءَ جو اپديش ڪريو ته ڌرم جو راڄ ڪري ساري پرجا کي سک ڏين، جئن هنن جي راڄ ۾ ڪير به دک نه پائي. راماڻ ۾ چيل آهي ته:

چوپائي: جاس راڄ پريه پرجا دکاري،

سو نرپ اوس نرڪ اڌڪاري.

ارٿ: جنهن راجا جي راڄ ۾ ساڌو، برهمڻ ۽ پرجا دکي ٿئي ٿي، سو راجا اميرن، وزيرن ۽ ڪٽنب سميت نرڪ ۾ وڃي ٿو. تنهن ڪري پانڊون کي ست ڌرم نيتيءَ جو اپديش ڪريو.

ڀڳوان جا وچن ٻڌي ڀيشم پتامهه هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته

وزيرن پالش واري ڪاريگر کي محنت ۽ انعام ڏيئي خوش ڪيو ۽ ٻئي ڪاريگر کي فقط محنت ڏيئي روانو ڪيو.

سڌانت: جگياسوءَ کي پنهنجو هردي روپي محلات تمام سندر ٺاهڻو آهي. تنهن لاءِ انتهڪرڻ کي ڪرم ۽ اپاسنا سان اوجل ڪري جنهن جو تڪن آتشي شيشي وانگر ٺاهيندو ته سيل سنتوش، ديا ڌرم ۽ نمرتا آد، ديوي سمپدا جا گڻ روپي چتر پاڻهي اچي انتهڪرڻ ۾ چمڪندا. انهي پوءِ آتمارام روپي راجا اچي وهندو ۽ جگياسوءَ کي ساڪيات درشن ڏيندو. تنهنڪري جگياسوءَ کي جيڪا محنت ڪرڻي آهي سا فقط انتهڪرڻ جي شڌيءَ لاءِ ئي ڪرڻي آهي. ستنام ساکيءَ جي ڌنيءَ کان پوءِ ستسنگ سماپت ٿيو.

صبوح جو ڀڳت منگهرام موڪلائي پنهنجي ڳوٺ ملديسي ويو. ستگرو مهاراجن ڪنبوءَ ۾ ڪجهه وقت رهيا. روزانو نيم سان ستسنگ ڪندا رهيا. ڀڳتي ۽ ويراڳ ۾ سندن ڪم وڌندو رهيو. هڪ ڏينهن صبح جو مکي پرڀڻ مل، ڀائي آسورام ڀائي موٽيرام ٻاٻو رچڪورام، ڀڳت بصررام، ڀائي چيلداس، ڀائي ڀالورام ۽ ٻيا ڪيترا شهر جا پريمي پرساد کڻي ستگرو مهاراجن وٽ آيا. پيري پئي ونيه ڪيائون ته سائين هولي اچي ٿي. هميشه جيان پنڌڪاڻ جو عرض آهي ته هولي ڪنبوءَ ۾ ئي ملهائيندا. ڀڳت قرائي سنگهه کي به چيو اٿئون ته جيسين جيئرو آهين، تيسين هولي ڪنبوءَ ۾ اچي ڪج. تنهن تي ستگرو مهاراجن چوڻ لڳا ته وچن ڪونه ٿا ڏيون، ڇو جو اسان هينئر سنلاني آهيون. ڪڏهن ڪٿي ته ڪڏهن ڪٿي. باقي جي ڪنبوءَ ۾ هونداسون ته هولي توهان وٽ ڪنداسون. پر هڪڙي ڳالهه اٿو ته اڄ هوليءَ جا پنجه ڏينهن پنڌڪالي هوڪو ڏياري، شراب ۽ ماس مڇي بند ڪندا. مکيءَ چيو ته سائين منظور آهي. اوهين به انهيءَ بابت ستسنگ ڪج ڇڏجو.

تنهن وقت توهان سڀئي ويٺا هئا. توهان ٻڌايو ته اهو ڌرم هو يا اڌرم. نيتي هئي يا ڪنيتي؟ ڀيشم پتامهه اکين ۾ پاڻي آڻي چيو ته پتري، اهو اڌرم ۽ نيتي هئي؛ پر مون دشٽ دريوڌن جو اَن کاڌو هو، جنهنڪري منهنجو من ملين ٿي ويو هو ۽ ڪجھ ڪڇي ڪين سگهيس ۽ نڪي اٿي سگهيس. انهيءَ پاپ جو ڦل تون اکين سان ڏسي رهي آهين ته هيئنئر مان ڀوڳي رهيو آهيان.

اها وارتا ٻڌائي سوامي جن ساري سنگت کي چيو ته شراب ۽ مڇي ماس جو اشڌ آهار نه ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ جو پاپ ڪرم جو ڦل اننت جنمن تائين ڀوڳڻو پوي ٿو. پر شڀ موقعي تي جو منش پاپ ڪري ٿو، سو ائين ٿو وڌي، جئن دروپدا جا سيا ۾ چير وڌيا. تنهن کان سواءِ دسهڙي، ڏياريءَ، ڪارتڪ، شراڌ، شوراتريءَ، هوليءَ سنتين، جنم اشٽمي، گيارس، پورنماسي، اماس، چنڊ ۽ ٻين ديوتائن جي شڀ ڏينهن تي پڻ پاپ نه ڪرڻ گهرجي. هن وقت هوليءَ جي شڀ موقعي تي به پنج ڏهاڙا ڪوئي به ماس مڇي نه کائي. پنڃات به هوڪو گهمايو آهي. اسان به توهان کي هيئنئر چئون ٿا. تنهن تي ساري سنگت همت مٿي ڪٽي چوڻ لڳي ته هي پريو! اسان شراب، مڇي ماس نه ورتائينداسون. انهيءَ وشئه تي ستگرو مهاراجن ڪيترا پنهنجا تاهيل پچن آئي وئراڳه ورتيءَ سان ٻڌايا. ۱۲ ٻجه رات جو ستسنگ سماپت ٿيو. تنهن کان پوءِ ڀوڄن کائي، ڪلاڪ ڪن ڀڳت ڦرائي سنگهه جو ستسنگ ٻڌي سوامي جن وڃي پنهنجي جاءِ تي آرامي ٿيا.

اهڙيءَ طرح هوليءَ جا ۵ ڏينهن سناتن ڌرم ۽ ست ڪرم جو اپديش ڏيئي هوليءَ جي آخرين ڏينهن تي صبح جو ۴ ٻجه پلئه پائي ميلو سماپت ڪيائون. تنهن کان پوءِ پڃڃن پرساد ۽ پيٺا کٽي اچي ستگرو مهاراجن اڳيان رکي. ستگرو مهاراجن آنانند

هي انترجامي! اوهين ڄاڻي ڄاڻڻ هار آهيو. پانڊون کي اُپديش ڪرڻ لاءِ ۽ هر پرڪار سمرٿ آهيو. تنهن هوندي ۽ توهانجي وچن جو ستڪار ڪري ۽ چار وچن ٻڌايان ٿو.

ايترو چئي ڀيشم پتامهه چيو ته راجا جو پهريون ڌرم آهي ته ساڌو، برهما ۽ گئو ماتا جي تن، من، ڌن ۽ واڻيءَ سان هر پرڪار جي رکيا ڪري. ٻيو غريب ۽ شاهوڪار جو پورو پورو نياءُ ڪري. پاپي، ڪڪرمي کي ڏنڊ ڏئي. ٽيون پاڻ ۽ ست ڪرم ڪري ۽ پرجا کان ۽ ست ڪرم ڪرائي. پاڻ ۽ ڌرماتما بڻجي ۽ پرجا کي ۽ ڌرماتما ۽ ستيوادي بڻائي. چوٿون جتي ۽ اوتار، رشين منين ۽ مهاتمائن جي سڀا ۾ اڌرم ۽ ڪنيتي ٿيندي هجي اُتي راجا ۽ ست پرشن جو ڌرم آهي ته پنهنجي ويڪ ۽ شريڪ بل سان اُنهيءَ اڌرم ۽ ڪنيتي کي هٽائين. پر جي لاچار اسمرٿ هجن ته اُنهيءَ سڀا مان ڪين اُٿي وڃڻ گهرجي نه ته پاپ جا ڀاڳي ٿيندا. پرجا جي رهڻيءَ ڪهڻيءَ جو دارو مدار راجا ۽ ست پرشن تي ٿيندو آهي. جي اُهي ڌرماتما آهن ته سارو ديش ڌرماتما ٿي ويندو. پر جي راجا پاپي آهي ته ساري پرجا ڪڪرم ڪرڻ لڳندي. جي راجا ستيوادي ۽ گيانوان هجي ته ساري پرجا ستوگڻ، گيان کي ڌاري مڪت ٿي ويندي. وڌيڪ راجا يڌشٽر پاڻ ڌرم پتر آهي جنهنکي ساري ڌرم جي ڄاڻ آهي. ايترو چئي ڀيشم پتامهه بس ڪئي ته دروپدي اُٿي هٿ جوڙي نيترن ۾ آنسون آڻي چوڻ لڳي ته هي پتامهه! مونکي دل ۾ هڪ شنڪا پيدا ٿي آهي. ڪرپا ڪري دور ڪريو. توهان جو چيو ته جنهن سڀا ۾ اَڌرم ڪنيتي ٿيندي هجي اُتي وڌيڪي ست پرش جو ڌرم آهي ته پنهنجي سر جي ست ڏيئي ۽ اَڌرم ۽ ڪنيتيءَ کي هٽائي. جي اسمرٿ هجي ته اُٿي هليو وڃي. سو هي پرڀو! جنهن سمي دريوڌن جي سڀا ۾ مون ابلا کي ننگن ٿي ڪيو ويو

ڇهہ رتون آهن. شبد، سپرش، روپ، رس، گنڌ ۽ وئراڳ. پنجن وشين روپي رتن ۾ اهڙو تہ رس ۽ آنند رکيل آهي جو ساري دنيا انهن تي موهت آهي. پر وئراڳ روپي جگياسو انهيءَ وئراڳ روپي رت جي سڳنڌي وٽي مها آنند ۾ پر ٿين ٿا. جئن بسنت رت ۾ سڀئي ون گلن ڦلن سان ڀرجي ساوا ٿين ٿا، تيئن جگياسوءَ ۾ ديوي سنپدا جا گڻ روپي گل ۽ ساڌن روپي ڦل لڳندا آهن. جئن ڦلواڙي ٽڙندي آهي تئن جگياسوءَ جون اِندريون سڀ گڻن ۾ ٽڙي پونديون آهن. جئن بسنت رت جو سندر نظارو ڏسي ڀنورا مٺو سريلو شبد اُچارين ٿا، تئن جگياسو وئراڳ جي نظاري ۾ رام نام جا مٺا وچن اُچار ڪري ساري سنسار مان سار روپي سڳنڌا کڻندا آهن. جئن بسنت رت سڀني وشين مٺين ۽ ديو ديوتائن کي پياري لڳندي آهي، تئن وئراڳ جي رت سڀني جگياسين، مموکين کي وڻندي آهي. باقي پنج رتيون ڦڪيون لڳنديون آهن. سنت مهاتمائون انهيءَ وئراڳ کي پائي سدائين سکي ٿيندا آهن ۽ سدائين وئراڳ تان ٻلهاري ويندا آهن. پر اهو وئراڳ ڪنهن وڏ ڀاڳيءَ کي پراپت ٿيندو آهي.

آئي رت بسنت کي، ڀنورا پئي سڃاڳہ،
ڪهي ٿيئون ڪس پٽيہ تي، جاڳي تن کي ڀاڳہ،

مطلب: جڏهن بسنت جي رت ايندي آهي تڏهن سڀ ڀنورا اکيون کولي ساوڌان ٿيندا آهن. تئن ڀنورن روپي جگياسين جو اننت جنمن جي شڀ ڪرمن جي پرتاپ سان ڀاڳہ جاڳي ٿو ۽ اهي وئراڳ روپي بسنت رت ۾ وشين ۽ ڀوڳن کي تياڳي موهہ ننڊرا مان جاڳي ڀڳوان جو ڀڄن ڪن ٿا. انهيءَ وشہ تي اُپديش ڪري ستگرو مهاراجن ستسنگ سماپت ڪيو.

هوايءَ گذرڻ بعد ڀڳت ڪيشارام ونيہ ڪري، ستگرو مهاراجن ۽ سنتن پريمين کي پاڻ سان گڏ وٺي هالين ويو. ڀڪتارن ۽ ڏنڀن سان ڀڄن ڪندا ڪيشارام جي جاءِ تي پهتا. ستگرو مهاراجن

۽ ڀائي پرمانند کي چيو تہ پئسا ۽ ڪپڙو وغيره غريبن، اناٿن ۽ وڌوائن ۾ ورهائي ڇڏيو. سواءِ سيٺ سنت ستگرو مهاراجن سان گڏجي باغيچا گهمڻ ويا. گهمندي گهمندي هڪ سندر باغيچي ۾ وڃي ويٺا جتي سدا گلاب، چنبيلي، رابيل ۽ موتيئي جا گل ٽڙيل هئا. ڀنورا اوم جي شبد جي مڌر گنجار ڪري رهيا هئا. بسنت رت ڪري ڦلواڙيءَ مان سڳنڌ جي ههڪار اچي رهي هئي. ڏکڻ جي مٺي، ٿڌي سيتل هوا لڳي رهي هئي. دل بهار بهار پئي ٿئي. ستگرو مهاراجن ڀنورن کي ڏسي ڏاڍي دل ۾ ڀڄن ٺاهڻ لڳا. ڀڄن ٺاهيندا گهمندا ڦرندا رات جو ٧ بجي آستان تي آيا. ستسنگ شروع ٿيو. تمام گهڻي خلق آيل هئي. ڀڄن ڀين سنتن ڪلاڪ ڪن ستسنگ ڪيو. تنهن ڪانپوءِ ستگرو مهاراجن ستسنگ ڪيو. باغيچي ۾ ٺاهيل ڀڄن بسنت جي راڳڻيءَ ۾ ڳايائون.

سر بسنت

ٽل- رت رت ۾ هئہ رنگ صاحب ڪا،
بسنت رت رنگ واري ري.
١- سوڪي ٽر پئي پتر اپارا، بن بن ڦولي باغ ڦلارا،
ڦول رهي ڦلواڙي ري.
٢- رت بسنت ڪا ديکہ نظارا، رل مل ڀنوري ڪرت گنجارا،
سڳنڌلي سڪاري ري.
٣- بسنت رت ڪوسب جن گاوت، سر ٽر مني جن ڪي من ڀاوت،
مجهڪو لاڳت پياري ري.
٤- رت بسنت ڪي هئہ س رسالي، ڪهي ٽيئون پئي سنت سکالي.
بل بل جانون بلهاري ري.

ٽاڪوج: ڇهن ٽي رٿن ۾ پرماتما پنهنجو رس آنند رکيو آهي ۽ بسنت جي رت تمام وڻندڙ ۽ سکدائي آهي. تنهن ٽي

مطلب: سچي پريم جي ڪري نراڪار ڀڳوان ساڪار روپ ڌاري اچي ٿو. پر اهو پريم اهڙو هجي جهڙو مڇليءَ کي جل سان، جو جيو مڇي جل کانسواءِ هڪ پل به جيئري رهي نه سگهندي آهي. جيئن پتنگ جوت کي ڏسي جان قربان ڪندو آهي. جيئن ڀنورو گلن جي پريت ۾ سوير آئي گلستان ۾ وڃي، گلن کي ڏسي، سارو سنسار ڀلائي ڇڏيندو آهي؛ جيئن پپيهي کي رات ڏينهن برسات جي بوند جي پياس ٿيندي آهي، درياهه، نديءَ ۽ سمندر جو پاڻي زهر سمان ڄاڻي صرف سواتي ٻُوند پاڻي پيئڻ لاءِ تڙڦندو آهي. جيئن مور بادلن کي ڏسي خوش ٿي نچندو آهي؛ جيئن نانگ جوڳيءَ جي مرلي ٻڌي، خوشيءَ مان جهوليندو آهي؛ جيئن چڪويءَ جي پاڻ ۾ اهڙي پريت ٿيندي آهي، جو ساري رات هڪ ٻئي کي سڏ ڪندي جاڳي گذاريندا آهن؛ جيئن چڪور کي چندرما جي پياس ٿيندي آهي ۽ ڏينهن جو چنب سان ڪانين جو ٻڌ ڪري رات جو اُلهن مٿان چڙهي ويهندو آهي ۽ چندرما جي اُڀرڻ سان چنڊ ڏي نهاريندو آهي، پريم ۾ شرير ڀلجي ويندو اٿس، ۽ جڏهن چنڊ لهي ويندو آهي، تڏهن چندرما جي وڇوڙي ۾ پنهنجي چهنب زور سان ڪانين سان گسائي اگني پيدا ڪري، پريل الا سڪ ۾ ڪائيندو ويندو آهي، انهيءَ لاءِ ته جلد ئي وڃي چندرما سان ملان ۽ چوندو آهي:

پسمي هوڪي پيءُ ملون - ششي شو ڪي گات،
يوُن وچار ڪي آگن ڪو - چهت چڪور جو کات.

مطلب: مان جلي خاڪ ٿي، پنهنجي پريتم چندرما سان ملان، جو شنڪر ڀڳوان جي مستڪ ۾ آهي. مهاديو سدائين ستلاني آهي ۽ ڀڀوت لڳائيندو آهي، ڪنهن مهل هٿان اچي لڳندي ۽ منهنجي رک کڻي مٿ ڀري، جڏهن پنهنجي مستڪ کي لائي ته چندرما سان ملي ويندس. مهاتما چتراداس

جنهن ۾ شهر ۾ ويندا هئا تہ هزار مان ڏنبن ڪتارن لئي پڄن ڪندا ويندا هئا. پهچي ڀي گلن جا هار ۽ پرساد کڻي ستگرو مهاراجن سان ملڻ آيا. رات جو ستسنگ منڊپ ۾ ڪيائون. پريم ۽ پرارٿنا جي مهما ورڻن ڪيائون. چيائون تہ ڀڳوان، سنت ۽ مهاتمائون سڀيئي دل جي پريم لئي پرسن ٿيندا آهن. سچي پريم جي وس ٿي نراڪار پرماتما ساڪار روپ ۾ اچي پريمين کي درشن ڏيندو آهي.

چوپائي — پريو وياپڪ سروتر سمانا،
پريم تي هوءِ پرگهٽ مئن جانا.

ارٿ: پريپورڻ پرماتما پتي پتي ۾، ڏالي ڏالي ۾، قول قول ۾، مطلب تہ هر جڳهہ سمايل آهي ۽ پريم جي ڪري پرگهٽ ٿي درشن ڏئي ٿو.

اس پريم سي نراڪار ڀي، ديندا آن دکالي جي.
پريم پريوکو کينچ لي آوي، ديندا جدي اُچالي جي.
ههچي پريت پاڻي سي ڪنسي، جندا ڪسي نڪالي جي.
روپ شمع ڪا ديکہ پتنگا، جان آپني جالي جي.
قولون نال محبت ڀونري، ڦرندا ڏالي ڏالي جي.
ڏني پريت پپيهي والي، ڏاڍي عجب نرالي جي.
ساگر ندياں چوڙ ڪي چاهي، بوند سوانتي والي جي.
مور پاپلا پاپا ڏڪي، چڙي گهٽا جد ڪالي جي.
شبد بين ڪا سن ڪي جڏهن، گهر ڇڏ آوي ويالي جي.
چڪواچڪوي پريت ڪارڻي، اُڏهين رات اُتالي جي.
پيا چڪور اُڏي ڪاڪرندا، چڙهين رات دا والي جي.
چندراس ڏک هڻ تس مانش،
جس ني پريت نہ پالي جي.

هنن سان غريبن، اناٿن ۽ ودوائن ڪي ورهائي ڏيو ۽ داس کي ڪرپا ڪري، نام جو دان ڏيو ته سدائين توهانجي چرنن ڪملن جي شيوا ڪري، پنهنجو جنم سڦلو ڪري، تڏهنتي ستگرو مهاراجن ڪيس چيو ته بابا، ڀڳتي ڪرڻ تمام ڪٺن آهي.

ڀڳت ڏهيلي گر ڪي - جيون ڪانڊي ڪي ڌار،
ٻگر مگر ٿو گــر پڙي - نشچــل اُتــري پـار.

ڀڳوان جي ڀڳتي ڪرڻ معنيٰ تلوار جي تيز ڌار مٿان هلڻ. جي شرڌا، پريم ۽ پورڻ وشواش رکندو، ته ڀڳوان سان وڃــي ملندو، نه ته ڪري رهبي جهانن کان ويندو. تنهن ڪري حال نپڙ پيا هجن. باقي توهان کي نام جو اُپديش ڏيون ٿا. پليءِ اسان سان گڏ هلو. ستگرن جي آگيا پائي پائــي ڪيارام پرساد ڪٺي ستگرو مهاراجن کان گر منتر وٺي شش ٿيو.

پٽي ڏينهن پائـي ٽيڪورام (ستگرو مهاراجن جــو مامو) ستگرو مهاراجن ۽ ساري منڊليءَ کي پنهنجن جي ڳــوٺ ۾ وٺي ويو. اُتي اٺڪل ڏهاڪو ڏينهن رهيا. ست ڌرم جو اُپديش ڪري ڪيترن گهرن کان مڇي ماس، شراب ڇڏائي کين ست ڪرم ۽ ايشور ڀڳتي ۾ لڳايو، پوءِ پائي ٽيڪورام ۽ سندس سارو پريوار گرمنتر وٺي شش ٿيا. تنهن کانپوءِ پائي راڇورام کيـن پنهنجي ڳوٺ وٺي ويو. اُتي ستسنگ ۾ موج ۾ اچي چــوڻ لڳا ته جنهن هيءُ منش چولو پائي ڀڳوان جو درشن نه ڪيو آهي، تنهن ايترو ڏوهه ڪيو آهي، جيترو ڪو خوني خون ڪري. پعني اهو ڦاسيءَ جي لائق آهي. اُتي هڪ درشٽانت ڏنائــون ته هڪ ڪروڙپتي سيٺ کي هڪ اُبي پٽ هو، جنهن سان هنجو گهڻو پيار هــو. هڪ ڏينهن ويچار ڪيائين ته ڪجهه ڌن پٽ لاءِ لڪائي رکان ته جئن اوکيءَ ويل ڪم اچيس. اهــو ويچار ڪري هڪ هيرو لک روپين ۾ خريد ڪري آيو. هيرو سون جــي دٻليءَ ۾ وجهي،

ڇوي ٿو تہ اُنهن سڌنن کـــي وار وار ڌڪار آهي، جنکي پرماتما جي ملڻ جو پريم ڪونهي. ڀڳوان جـــي پريم کان سواءِ جيو سڃو آهي.

جئن ندي سڃي نير بنا - ۽ ڳئو سڃي کير بنا،
استري سڃي ڇير بنا - ڪمان سڃي تير بنا،
راجـــا سڃو وزيـــر بنـــا - لشڪر سڃو ويـــر بنا.
شهـــر سڃو فقيـــر بنـــا - ساڌو سڃو ڌيـــر بنـــا،
قبعو ســـڃـــو پـــير بنـــا - ۽ ٻچڙو سڃو کير بنا،
شرير سڃو تمير بنـــا - تئن هردو سڃو رگهوير بنا.

راڳ ڀيروي

ٿل - ميـــري دل ديواني، درشن ڪر پياسي،
بنا ديکہ ديکي، پتنگ جيون اُداسي.
١- جيون وام ڪامي، ڇهت دام دامـــي،
اَنـــل ڳڳن گامي، مڇي نـــيـــر واسي.
٢- سنساري پتر ڪر، ڪري آش در در،
ڀنور ڦـــوُل اوُپـــر، ڳئو ٻچڙي پاسي.
٣- جيون ڪنت ناري، شستر سوُر ڌاري،
دوا دوکيہ پياري، چندن اَهـــہ نواسي.
٤- چڪوي پيئُو پاوي، سپي سوانتي ڌاوي،
مڪتا هنس ڪاوي، جوڳي جن اڀياسي.
٥- جيون گهن ڪو مورا، ٻرہ چند چڪورا،
تيون گر ڪي لورا، ٽيئُون اُدر آسي.

ستنام ساکيءَ جي ڌني لڳائي، ستسنگ سماپت ڪيائون.
سنگت ڀاءُ پرساد وٺي گهر ويئي.

ٻئي ڏينهن صبح جـــو ڀائي ڪيارام ستگرو مهاراجن کي چوڻ لڳو تہ هـــرن داس جي گهر جا سڀ ننڍا ٻارڙي ٻڌنجي

ماتا خوش ٿي چوڻ لڳس ته پٽ، هتان ويهن- پنجويهن ميلن تي هڪ رياست جو راجا آهي، جو تنهنجي پتا جو گهرو متر آهي، هن وٽ اهو هيرو کڻي وڃ ۽ مٺائي پئسا وٺي اچ. ڇوڪرو هيرو کڻي روانو ٿيو. شهر ۾ اچي پڇائي راجا جي محلات ۾ آيو. ڏسي ته راڄ سڀا لڳي پئي آهي. هڪ ڪنڊ ۾ ويهي رهيو. ڪلاڪ کن ڪانپوءِ سڀا سماپت ٿي. راجا وزير کي چيو ته اهو غريب ڪير ويٺو آهي؟ ڇوڪرو پرڻام ڪري چوڻ لڳو ته، هي راجن! پتا جي پرلوڪ پڌارڻ کان پوءِ ماتا به موڪلائي ويئي. هي هڪ لک روپين جو هيرو پتا جو رکيل مونکي هٿ آيو آهي، سو مٺائڻ لاءِ توهان وٽ کڻي آيو آهيان. اهڙو چئي هيرو ڪڍي، راجا کي هٿ ۾ ڏنائين. راجا وزير کي چيو ته پنهنجي شهر ۾ جيڪو وڏو صراف آهي، تنهن کي وٺي اچ ته هيري جو ملهه ڪٿائي، هن ڇوڪر کي پئسا ڏيون. وزير وڃي صراف کي چيو ته توهان ۾ راجا جو بلڪل ضروري ڪم آهي. سو جلدي هلو. صراف چيس ته مون وٽ ڪي ٻري کان مهمان آيل آهن، انهن جي بندوبست ۾ لڳل آهيان. مونکي ٻڌايو ته ڪهڙو ضروري ڪم آهي. وزير چيس ته هڪ سيٺ جو پٽ هڪ هيرو کڻي آيو آهي، جنهن جو ملهه توهان کان ڪٿائڻو آهي. صراف چيو ته وزير صاحب هيرو توهان به ڏٺو هوندو. سو انهيءَ جا سڀ نشان ۽ بيهڪ مونکي ٻڌايو. وزير ڪيس سڀ ڪجهه ٻڌايو. صراف چيو ته وزير صاحب! اهو هيرو نوي هزار روپيه لهي. پلي وٺوس. انهن پيسن ۾ نه توهان کي ڪس آهي ۽ نه هنکي.

وزير اچي راجا سان ڳالهه ڪئي. راجا چيو ته پاڻ کي هيرو هٿ ۾ آهي، تڏهن به خبر نٿي پوي. پر هن صراف هيرو ڏٺو به ڪونهي، سو گهر ويٺي هيري جي پرک ڪري، ڪيئن ٿو ملهه ٻڌائي؟ تنهنڪري تون وڃي پاڻ سان وٺي اچينس. وزير صراف کي وٺي آيو. صراف راجا کي نمسڪار ڪري چوڻ لڳو ته،

دٻلي چانديءَ جي گهاگهر ۾ وڌائين. پنهنجي مڪان جي اوڀر ڪنڊ ۾ ايائي فوٽ زمين کوٽي ان ۾ گهاگهر پوريائين. پٽ کي ڪين ٻڌايائين، پر هڪ ٻنديءَ ۾ لکي ڇڏيائين ته پٽ توکي جڏهن ڌن جي ضرورت پوي، تڏهن مڪان جي اوڀر واري ڪنڊ ۾ ايائي فوٽ زمين کوٽڻ سان هڪ چانديءَ جي گهاگهر هٿ ايندي. انهيءَ ۾ سوني دٻلي پيئي اٿيئي. لک روپيه وارو هيرو ان ۾ پيل آهي هيرو مٽائي پنهنجي ڪرتڪار ۽ وهنوار ڪجانءِ. ويهن-پنجويهن سالن کانپوءِ سيٺ ديولوڪ پڌاريو. مايا به ٿنتي وڃڻ لڳي. ڇهن-پنجن سالن ۾ سڀ مايا موڪلائي ويئي. سيٺ جو پٽ جيڪو ڌنڌو وهنوار ڪري تنهن مان گهاٽو پوس. روپيه ڏهه-ويهه هزار قرض به چڙهي ويس. آخر اهڙو اچي حال ٿيس جو مزوري ڪري ته به ڏينهن کائي ته رات ڪونه کائي. لهڻيدارن به ڏاڍو تنگ ڪيس. ڏاڍو اچي دکي ٿيو. هڪ ڏينهن ويچار ڪيائين ته منهنجو پتا ڪروڙپتي هو، سو ٻنديون کولي ڏسان ته متان ڪنهن ڏي رقم رهيل هجي ته اها وٺي اچان. سو ٻنديون کولي پڙهڻ لڳو ڏٺائين ته هڪڙي ٻنديءَ تي لکيو پيو آهي ته، هي پٽر، توکي ڌن جي ضرورت پوي ته پنهنجي مڪان جي اوڀر واري ڪنڊ ۾ ايائي فوٽ زمين کوٽڻ سان چانديءَ جي گهاگهر نڪرندي. گهاگهر ۾ هڪ سوني دٻليءَ ۾ هڪ لک روپين جو هڪ هيرو پيل اٿيئي. اهو ڪڍي، پنهنجو وهنوار ڪج. اهو پڙهڻ سان جڻن مڙدي ۾ اچي پران پئون، يا جڻن ڪنهنجو پيارو پٽر گهڻن سالن کانپوءِ اچي ملي ۽ هو خوش ٿئي، تهڙيءَ طرح هن کي به خوشي ٿي. مڪان جي ڪنڊ کوٽي، چانديءَ جي گهاگهر مان سون جي دٻلي ڪڍي کولي ڏسي ته برابر هيرو پيو آهي. سو هيرو کڻي اچي ماتا کي ڏيکاري ساري حقيقت ٻڌايائين. چيائين ته پنهنجي شهر ۾ اهڙو ڪو شاهوڪار ڪونهي، جو هيءَ لک روپين جو هيرو مٽي ڏي. تنهنڪري ماتا ڇا ڪرڻ گهرجي؟

ڏيون. منتري ستسنگي ۽ گيانوان هو. تنهن چيو ته هي راڄ، مان ڇڏيان ۽ توهان نه ڏيو ته. توهان مالڪ آهيو، جيڪي وڻيو سو ڏيوس.

تنهن تي راجا چيو ته هي منتري منهنجو وچن آهي، جي توهان ڪٿي چئو ته هنکي سڄو راڄ ڏي ته مان راڄ ڏيڻ لاءِ به تيار آهيان. باقي توهان سنڪوچ جو ڀا ڪريو. جيڪي چئو سو ڏيونس. وزير چيو ته چڱو، هن صراف کي جلد ئي ڦاسي ڏيو. راجا ٻڌي وزير کي چيو ته اڄ تو ڀنگ يا شراب ته ڪونه پيتو آهي؟ مغز ته جاءِ اٿيئي؟ هيءُ ڇا پيو چوين؟ صراف ته انعام جي لائق آهي تنهن کي ڦاسي جو ڏيون؟ وزير چيو ته، صراف سچ پچ ڦاسيءَ جي لائق آهي. پرماتما اهڙي تيز ٻڌي ڏني اٿس، سا پٿرن جي پرک واسطي ڪانه ڏني اٿس. پر پنهنجي آتمڪ هيري جي سڃاڻڻ لاءِ ڏني اٿس. پر صراف اڄا تائين پنهنجي آتم روُپي هيري جي پرک ڪانه ڪئي آهي. انهيءَ ڪري هي ڦاسيءَ جي لائق آهي. راجا چپ ٿي ويو! صراف کي اچي وئراڳ لڳو ۽ وزير کي چيائين توهان منهنجا گرو آهيو. مان برابر ڦاسيءَ جي لائق آهيان. پر هاڻي انهيءَ آتم روُپي هيري کي ضرور سڃاڻندس. ڪرپا ڪري هيري کي سڃاڻڻ جو رستو ٻڌايو. اڄ کانپوءِ مونکي اهو ڪم ڪرڻو آهي. تنهن کانپوءِ صراف وزير جي صلاح سان ستن کان گرمنتر وٺي اُترا کنڊ ڏانهن هليو ويو. راجا ڇوڪري کي نوي هزار روپيه ڏيئي روانو ڪيو.

اِهو درشٽانت ٻڌائي ستگرو مهاراجن چيو ته، پرماتما هن منش کي سڀني جيون کان وڌيڪ اُتم ٻڌي، آتما روُپي هيري جي پرکڻ لاءِ ڏني آهي. سو جنهن پرماتما جو درشن نه ڪيو آهي، سو ڦاسيءَ جي لائق آهي.

تنهن بعد ستنام ساکيءَ جي ڌنيءَ سان ستسنگ سماپت

هي پرٿوي ناٿ، انهيءَ هيري جو ملهه سون توهان کي ڪٿي موڪليو ته اهو هيرو نوي هزار روپين جو آهي. هڪ پائي به وڌيڪ نه لهي.

تنهن تي راجا صراف کي هيرو ڏيئي چيو ته منهنجو متر ستيوادي هو. هو لکه روپيه لکي ويو آهي، سو توهان نوي هزار ڪٿان ٿا چئو؟ وري جاچي ڏسو. صراف هيرو ڏسي چيو ته نوي هزارن کان وڌيڪ ڪونه لهي. توهان کي جي هيري جي پرک ڪرڻي هجي ته هڪ چانديءَ جي ٿالهي ۽ ڏهه لعلڙيون گهرايو. راجا هڪدم چانديءَ جي ٿالهي ۽ لعلڙيون گهرائي صراف کي ڏنيون. صراف هيرو چانديءَ جي ٿالهيءَ ۾ رکي، چوڌاري لعلڙيون رکيون، ته انهن جو پاڇو وڃي هيري ۾ پيو. تنهن کانپوءِ راجا کي چيائين، ته حضور، هاڻي چوڌاري ڏسو ته هيري ۾ لعلڙين جو پاڇو هڪ جهڙو آهي يا گهٽ وڌ، راجا ڏسي چيو ته لعلائي ته هڪ جهڙي ٿي ڏسڻ ۾ اچي. صراف چيو ته، هي راجن، وري جاچي ڏسو. راجا وري به جاچي، جاچي ڏسي چوڻ لڳو ته، هن هڪ پاسي کان هيري ۾ هڪ لعلڙيءَ جي ڏمڪ ٿوري گهٽ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. صراف چيو ته هيرو برابر لکه روپين جو هو، پر ٢٥-٣٠ سال زمين ۾ پوريل ٿو ڏسجي، جنهنڪري ٿورو پاڻي چڙهي ويو آهي. تنهنڪري، ڏهه هزار روپيه مون گهٽ ڪٿيا آهن. اهڙو ٻڌي راجا ڏاڍو خوش ٿيو. گلن جو هار صراف کي پائي چوڻ لڳو ته هي صراف تنهنجي ٻڌي ڌن ڌن آهي جو پرک ڪئي اٿيئي. مان توتي ڏاڍو خوش ٿيو آهيان. توکي انعام ڏيڻ چاهيان ٿو. جيڪي گهرڻ سو توکي ڏيان. صراف چيو مونکي ٻيو ڪجهه ڪونه گهرجي. صرف توهان جي آسيس ۽ دَيا گهرجي. راجا وري به چيس ته صراف ڪجهه گهر. صراف وري به نـاڪار ڪئي. تنهن تي راجا وزير کي چيو ته ٽون ٻڌاءِ ته هن کي ڪهڙو انعام

جل پان اِشنان کهين ڪرلو -
پر پاپ نه اُترس گگنه بنا،
سڀ جيو سي جيو مليِ هتاسون -
پر سوان مليِ نهين جنگه بنا،
لاکون يتن ڪرو جڳه ۾ -
پر گيان نه هوستسنگه بنا.

مطلب: تيل ڪانسواءِ ڏيئو ڪين ٻرندو، جي ٻاريو ته وسامي ويندو. پتنگ ڪانسواءِ ٻيو ڪير به خوشيءَ سان ڪونه جلندو، پتنگ ئي خوشيءَ سان جلندو. ڪيترن ندين نالن تان وڃي اشنان ڪريو پر پاپ گنگا جي اِشنان ڪانسواءِ ڪين لهندا. پاپن جي دور ڪرڻ واسطي گنگا جو اشنان ئي آهي. سڀ جيو پاڻ ۾ ئي ڏکيا سکيا ملي ويندا پر ٻه ڪتا پاڻ ۾ ڪونه ملي سگهندا. ڀلين ڪيترا ٻه ساڌن، يتن وغيره لاءِ ڪجن پر سار اسار جو ويچار ستسنگه بنا ڪين ٿيندو. جيسين ست اُست ڪي جڻن جو ڀلين نه ڄاتو ويو آهي، تيسين موهه دور نه ٿيندو. اِها وويڪ شڪتي ڏهن ورهين جي اوستا کان وٺي چاليهن ورهين جي عمر تائين وڌندي رهي ٿي. اُن ڪانپوءِ وويڪ شڪتي گهٽجي ويندي آهي جيڪي چاليهن ورهين تائين وويڪ شڪتيءَ کي وڌائڻ جا ساڌن ڪندا رهن ٿا، تن جي چاليهن ورهين ڪانپوءِ به وويڪ شڪتي وڌندي ويندي آهي. وويڪ شڪتيءَ جي وڌائڻ جو پهريون ساڌن آهي ستسنگه، ٻيو ست شاسترن جو اڀياس ۽ ويچار. ٽيون پرڀات جو اُٿي نام جو اَڀياس ڪرڻ. سوير اُٿڻ مان ٻيا به ڪيترا فائدا آهن. هڪ ته گهر ۾ لڇميءَ جو واسو ٿيندو. ٻيو نيترن جي روشني وڌندي. ٽيون شرير اروڳي رهندو ۽ بڌيءَ ۾ ويچار شڪتي وڌندي. چوٿون ساڌن وويڪ شڪتيءَ جو آهي.

ٿيو. پوء ڇياٺون تہ جيڪي بہ ٻاهر جا مهمان، مسافر هجن سي ڀنڊاري مان روٽي کائين. ستسنگ جي سماپتيءَ بعد سدائين ساڌن مسافرن لاءِ چوندا هئا. سندن ڀنگت ۾ بہ - ٽي سؤ مهمان، مسافر کائيندا هئا.

ستگرو مهاراجن بدت جي ڳوٺ ۾ ۱۰-۱۲ ڏينهن رهي، وڌانت ۽ ست ڪرم جو پرچار ڪياٺون. ڀائي راڇورام ۽ ڀائي وونڊرام ۽ ٻيا ڪيترا پريمي، ستگرو مهاراجن کان گرمنتر وٺي شش ٿيا. تنهن ڪانپوءِ ڀائي ٽاڪورام ساري منڊليءَ سميت ستگرو مهاراجن کي جتن جي ڳوٺ وٺي ويو. جتي پنڊچات ۽ شهرواسين ستگرو مهاراجن جو ڏاڍو آدرستڪار ڪيو. رات جو ستسنگ ٿيو. ڇياٺون تہ هن مش ڪي وويڪ شڪتي وڌائڻ گهرجي، ڇو تہ وويڪ ۾ ئي سک آهي.

نا سک پڙهيان پنڊتان - نا سک ڀوپ ڀيا،

نا سک وچ گرهست دي - نا سک ڇوڙ گيا،

نا سک پانچ وشيہ ۾ - نس دن ڀوگ رهيا،

تلسي سک وچار وچ - سنتان شرن پيا.

مطلب: نہ گهڻي پڙهڻ ۾ سک آهي ۽ نڪي گهڻي ڌن، دولت، ابمبر ۾. نڪو سک گرهست ۾ ئي آهي. پر جيڪو سنسار ڪي تياڳي، وڪت ٿي پهاڙ جي ڪندرا ۾ وهي ٿو، سو بہ سکي ڪونہ آهي. وشيہ ڀوڳ رات ڏينهن ڀوڳيندو رهي تہ بہ سک ڪونہ ملندس. تلسي مهراج فرمائين ٿا تہ سچو سک وچار ۾ آهي ۽ سو وچار مهاتمائن جي سنگ ڪانسواءِ پراپت نٿو ٿئي.

چند - ديپڪ تيل بنا نہ جلي -

اور جلي نہ ڪوءِ پتنگہ بنا،

سرگڻ ڀڳتيءَ وارا آهن، سي جنهن جنهن ديوتا جي اپاسنا ڪن ٿا انهيءَ ديوتا جي لوڪ ۾ وڃي، ڪجهه وقت رهي منش تي اچن ٿا. نرگڻ اُپاسنا وارا نشڪامي منش برهم لوڪ ۾ وڃي من اِڇنت ڀوڳ ڀوڳي وري رشين منين ٿوگين ۽ ڀڳتن جي گهرن ۾ جنم وٺي اچن ٿا. باقي صرف برهم گياني، برهم ۾ لين ٿي وڃن ٿا ۽ وري واپس ڪونہ ايندا آهن. اِنهيءَ ڪري ڀڳوان سرشٽي هڪ ڦيري تي ٺاهي ڇڏي آهي. سڀئي پيا ڦرن گهرن.

سڀ لٿي آستان تي اچي ستسنگ شروع ڪيائون. پهرين بين سنتن ستسنگ شروع ڪيو. بعد ۾ ستگرو مهاراجن ستگرو-مهما تي اُپديش ڪيو. چيائون تہ ستگرو وڏي ڪرپا ڪري جگياسوءَ کي اِئين پالين ٿا، جئن ماتا پتا پنهنجي ٻچي کي پاليندا آهن. پهرين ماتا پنهنجي ٻچي جا سڀ انگ ٻڌڻ سان ٻڌي سڌا ڪندي آهي. تنهن کان پوءِ کيس ٻانهن کان وٺي ويهڻ سيکاريندي آهي ۽ پوءِ پنڌ ڪرڻ سيکاريندي آهي. تنهنکان پوءِ ڳالهائڻ سيکاريندي آهي. اُن کان پوءِ راند سيکاريندي آهي. جڏهن وڏو ٿيندو آهي تڏهن کيس ڪارائڻ سيکاريندي آهي ۽ پوءِ ڌرمي وديا سيکاري راج وديا پاڙهيندي آهي. راج وديا پڙهائي وڏي درجي تي رسائيندي آهي. پوءِ اُنجو اولاد پالڻ سکي ٿي، بين کي سڌاري سکي ڪندو آهي.

تهڙيءَ طرح ستگرو جگياسوءَ جا پير ستسنگ ۽ تيرٿ ياترا ڏانهن هلائين ٿا. هٿن سان دان پنڇ، شيوا، همٿ جوڙڻ ۽ نمرتا ڀاو سيکارين ٿا. ڪنن کي ست وارتا ۾ لڳائين ٿا. اکين سان گرو، سنتن، ديوتائن جو درشن ڪرائين ٿا. ناسڪا سان نرگڻ منتر جو جاپ جپائين ٿا. رسنا سان رام نام جپائي سچ ۽ مٺو ٻولڻ سيکارين ٿا. شپ گڻن سان سينگاري کيس آتم برهم وديا پڙهائي، وڏي درجي تي پهچائي پوجنيہ يوگيہ بنائين ٿا. جگياسو پوءِ آتم سک تي پائي جيون مڪت ٿي جيون جو اُڌار ڪري ٿو.

ٿورو ڳالهائجي، ٿورو کائجي ۽ ٿوري ننڊ ڪجي. ڀڄون شڌ آهار ڪجي. ڇهون برهمچريه پالن ڪجي. ستون سادگي ڪجي ڇو جو سادگيءَ سان ستوگڻ هردي ۾ وڌي ٿو ۽ ستي گڻ سان وويڪ شڪتي وڌي ٿي. اهي ستئي سائين بڌيءَ کي پوتر ڪن ٿا ۽ وويڪ شڪتي وڌائين ٿا. پوتر بڌيءَ دواران آتما جو درشن ٿيندو آهي. آتما جي درشن سان جيو موڪش کي پراپت ٿيندو آهي. انهيءَ وشيه تي اپديش ڪري ستنام ساکيءَ جي ڌني لڳائي ستسنگ سماپت ڪيائون.

جن جي ڳوٺ ۾ ٧-٨ ڏينهن رهيا ۽ اتي ڀائي ٽاڪورام سامترام، ڀائي نهالچند، ڀللجراء، ڌرمداس، واڌورام، لکورام، للسيداس ۽ ٻيا ڪيترا ستگرو مهاراجن جا شش ٿيا.

پوءِ ٢٥ ويساک جي منڊليءَ سميت ڀرائن هالن ۾ سوامي آسورام جن جي آستان تي آيا. سوامي آسورام جن کي ٻيرين پئي ويٺا. شام جو سوامي آسورام صاحب ۽ ٻين سنتن سان ڏنڀجي درياه تي گهمڻ ويا ۽ هڪ ٻبل جي وڻ جي هيٺان وڃي ويٺا. اتي گرمکداس هٿ جوڙي، سوامي آسورام صاحب جن کي چيو ته هي ٻڌو جيڪي ماڻهو مري ٿا وڃن سي وري ساڳيا جنم وٺي ٿا اچن يا نوان نوان؟ سوامي آسورام صاحب جن مشڪي چيو آها، اڄ ڳالهه ته سٺي پڇي اٿمئي. هاڻي ڌيان ڏئي ٻڌ:

جيڪي منش مري وڃن ٿا سي ساڳيا اچن وڃن پيا ۽ سائين رستن ڪان. جيڪي منش پاپ ڪن ٿا سي چوراسيءَ جون انت جوڻيون پوئي، گهڻي وقت ڪانپوءِ منش ٿي اچن ٿا. جيڪي ڌرماتما ست پرش نشڪام شب ڪرم ڪري مري وڃن ٿا، سي سرڳ لوڪ ۾ وڃي ديوتائون ٿين ٿا. ديوتائون ٿي گهڻو وقت پوءِ پوءِ وري منش ٿي اچن ٿا. جيڪي نشڪام شب ڪرم ڪن ٿا سي برلوڪ ۾ وڃي وري وڏن سمين شاهوڪارن جي گهرن ۾ جنم وٺي، موٽي منش ٿي اچن ٿا. جيڪي منش

سان ملي گنگا روپ ٿي وڃن ٿا، تئين هيءَ منش ڪيترو به چونه چور، جواري، پاپي گندو هجي، ته به سنتن جي سنگ ۾ پوتر ۽ پوڄنيه پوگيه ٿي پوي ٿو. سندر مهاراج چون ٿا ته نه اهڙي منش جي ذات، سڀاءُ، سڀ سنتن، ستگرن جي سنگ سان مٽجي وڃن ٿا. اهو منش پاڻ ستگرو ٿي پوي ٿو.

راڳ ڪنڀات

ٽل - پورو گر پريما ڀڳتيءَ جو - پري پيالو پياري ٿو،
ڏيئي نج گيان آتم جو - ڀرم سنسا نواري ٿو.
١- جيئن ٽوپي لٽا ڌوئي - ڪرم شڀ پاپ ڪي ڪوئي،
ڪري پارس ڪندن لوهي - تيئن ستگر سينگاري ٿو.
٢- جيئن مالا ٻچا پاري - ڪيئين ڪي ڀرنگ تو ذاري،
جوڻاري پرڪ ڏيکاري - ارت تئين گر سيکاري ٿو.
٣- دوا جئين درد کي لاهي - پون ٿو ميگهه کي ڊاهي،
گرو تئين گيان سمجهائي - ڪنڌو جم جو نواري ٿو.
٤- سڇي گر جي سندر چالي - ڏئي گڻ گيان جي مالي،
کهي نيڻون ڪٽي جالي - مٺل دل کي جياري ٿو.

اِنهيءَ وشي تي اُپديش ڪري چيائون ته ستگرن جي جيئري مهما ڪجهي اوتري ٿوري آهي. آخر ستنام ساکيءَ جي ڌنيءَ سان ستسنگ سماپت ٿيو، سنگت ڀاو پرساد وٺي گهر ويئي.

پنج ڏينهن پراڻن هالن ۾ رهي، سوامي آسورام صاحب جن ڪان موڪلائي روانا ٿيا. نوان هالا لنگهي اَڇا ميل ڪن پنڌ جو مس ڪيائون ته ستگرو مهاراج رستي ۾ بيهي رهيا. اِن تي منش ڪان پوءِ سوامي گوال لعل جن ڪائين پڇيو ته ڇو بيهي رهيا آهيو؟ چيائون ته اڄ اسان کي شاهه جي پٽ ۾ ڀڳت شيوڪرام، گياني ٻائي ۽ ايشوري ٻائي ياد ڪري رهيون آهن. سو هلو ته پٽ تان ٿيندا هلون. ايترو چئي جهنگل مان اٺ ميل ڦيرو کائي شاهه جي پٽ جو رستو ورتائون.

سويو - جيون بٽ پرنگ ڪري اپني سم
تانسرن پن ڪهي نهين ڪوئي.
جيون درم اور پانيڪن پانٽ س
چندن ڪي ٻگ چندن هوئي.
جيون پيه چدر ملي جب گنگ ۾
هوءِ پويتر اُهي جل سوئي.
سندر ذات سڀاءَ مٽي سڀ
ساڌو ڪي سنگ تي ساڌو هي هوئي.

ارٿ - جئن گهرپٽڙي پنهنجو ٻچو ڪونہ ڄڻيندي آهي، پر جهنگل مان ڪيئُون ڪٺي اچي، پنهنجي مٽيءَ جي گهر ۾ رکندي آهي. پوءِ سوراخ مان ڪئين ڏي نهاري ڪڇ وقت پُونءِ پُونءِ جو شبد ٻڌائي سوراخ مٽيءَ سان بند ڪري ڇڏيندي آهي. ڪجھ ڏينهن ڪان پوءِ سوراخ کوليندي آهي ۽ ڪيئون گهرپٽڙي ٿي پوندو آهي ۽ ٻاهر نڪري اُڏامي آڪاس منڊل جو سئر ڪندو آهي. تهڙيءَ طرح ستگرو جگياسوءَ ڪي، جو هن سنسار روپي جهنگل ۾ وشين روپي ڀوڳن ۾ ڦاٿو پيو آهي، پيار ۽ پريم سان ڪٺي ايڪانت روپي گهر ۾ وهاري، مورتيءَ جو ساڌن ڪرائي، اوم جو شبد سڻائي، ڪجھ وقت ايڪانت روپي گهر ۾ بند ڪن ٿا. تڏهن انهيءَ جگياسوءَ ڪي ووِڪ ۽ وئراڳ روپي پکہ تبين ٿا. جگياسو پوءِ مهاتما گروءَ جو روپ ٿي ايڪانت کان ٻاهر نڪري، جيون مڪت ٿي سنسار جو سئر ڪري ٿو. جئن چندن جي سڳند سان ويجها وڻ چندن ٿي پون ٿا، تئن جيڪي جگياسو پريم ۽ شرڌا رکي سنتن ستگرن جي چرن ڪملن جو ڌيان ڪن ٿا، سي سنتن ۽ ستگروءَ جو روپ ٿي وڃن ٿا. جئن هردوار شهر جون گندپون ناليون ۽ نالا، گنگا

روپي ڀڳت چيو ته سائين، هن سنسار ۾ سيٺ ڀنگيل گايون اڌ ڀُري ڇڏي هليا ويندا. ڪوبه ڏهي، ڪم پورو ڪري ڪونه ويندو. سنسار جا ڪم اڌ ڀُري رهجي ويندا. توهان پڇڻ ڪندا اسان جي گهر وڃان اچي لنگهيا. توهان جو پڇڻ ٻڌي برابر مان ڀنگيل گانءِ اڌ ڀُري ڇڏي توهان سان هليو آهيس. تنهن ۾ مون ڪهڙي غلطي ڪئي؟ اهو ٻڌي ستگرو مهاراجن روپي ڀڳت جي پٺ ڪي چوڻ لڳا ته بابا! پڙهي جيڪا ڳالهه ڪئي آهي سا بلڪل ٺيڪ آهي سيٺي جيو ڪم اڌ ڀُري ڀنگيل ڇڏي ويندا. ڪير به پورو ڪري ڪونه سگهندو. جنهن ڪي پورو ڪرڻو هجي، سو ڀرپور پرمارٿ جو ڪم پورو ڪري ته ونهوار جا ڪم پاڻيهي پورا ٿيندا. تنهنڪري سيٺي منش کي ڀرپائين پرمارٿ جو ڪم پورو ڪرڻ گهرجي. هي منش چولو خاص پڇڻ واسطي مليو آهي. پنهنجا ٿاهيل ڪيترا پڇڻ اُرٿ سهت ٻڌائي رات جو ستسنگ سماپت ڪري ڇپائون ته سڀاڻي صبح جو اسان ڪنڊو روانا ٿينداسون. چت نام ۽ پريم ڀڳتي ۾ سدائين وڌائيندا رهندا. تنهن کانپوءِ ساري سنگت ڀاو پرساد وٺي پنهنجي گهر ويئي ۽ ستگرو مهاراجن پوڄڻ ڪري آرامي ٿيا.

صبح جو وچڻ جي تياري ڪرڻ لڳا ته شهر جا ڪيترا پريمي به اچي نڪتا. ڪرشنداس روئي ڪٽي آيو. هٿ جوڙي چيائين ته هي پريو، نڪري ڪاٿي وڃو. مهاراجن چيو ته اُبا، هيڏهن ڪپ ڪونهي ۽ دير به ٿئي ٿي. تنهنڪري ڪنيون ٿا وڃون ۽ وات تي ڪائينداسون. سيٺي کي آشيرواد ڪري، آتمانند، ڪيٺارام، ڀائي منگهن رام ۽ ٻيا ڪيترا ڪنڊوءَ جا ستسنگي روانا ٿيا.

اَڌ پند ڪيائون ته رستي تي آتمانند چوڻ لڳو ته سائين

واٽ تي رهاڻ ڪندا شاهه جي پٽ تي اچي پهتا. ڀڳت شيوڪرام، ماتا گياني ٻائي ۽ ماتا ايشوري ٻائي مهاراجن کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا. چيائون ته سائين، اڄ صبح جو ننڊ مان اٿي توهان کي گهڻو ياد ڪري چيوسون ته. ستگرو مهاراجن چئي ويا هئا ته جڏهن اسانکي دل سان ياد ڪندا، تڏهن پاڻهي توهان وٽ ايندا سون. اڄ اسان کي پڪ هئي ته اوهان اسان وٽ ايندا. انهيءَ ڪري سيون به رڌي رکيون سيون ته اچي کائين. سو هاڻي اشنان ڪري پنهنجون سيون کائو. سوامي جن چيو ته اَها، هالن مان سڌو ڪنڊيءَ جو رستو وٺي ٿـي وياسون ميل ڪن پنڌ ڪيوسون ته توهان جي چڪ ٿي. تنهنڪري خيال ڪيوسون ته پٽ تان ٿيندا وڃون. اهو خيال ڪري هتي آيا آهيون پوءِ اِشنان ڪري، سيئي سيون ۽ ڪڙيون کاڌيون. ماتا گياني ٻائي ۽ ماتا ايشوري ٻائي ستگرو مهاراجن کان نام جو اُپديش ورتو.

شام جو مکي تنورام جـي گهران جتي ڀڄن ڳائيندا ڀڳت روچي رام جي گهر وڃان لنگهيا ته روچو ڀڳت به اچـي ستگرو مهاراجن سان شامل ٿيو. سيئي جل پان ڪري اچي ستسنگ ۾ ويٺا. ڀڳت چيتارام، ڪرشنداس ۽ مهراج ليکراج جڏهن ستسنگ ڪري بس ڪيو ته ڀڳت روچي جو پٽ ٻائي ڪيمچند ستسنگ ۾ اچي ستگرو مهاراجن کي چوڻ لڳو ته هي پريو، بابي کي سمجهايو. اسان چيس ته ڳائي ڏهي اچ. ڳائي کي ٻڌنگه وجهي، پاءُ کن کير جو ڏهي، چونري اُتي رکي ڳائي پڙنگيل ٿـي چڙي پاڻ اچي ستسنگ ۾ ويٺو آهي.

ستگرو مهاراجـن روچي ڀڳت کي چيو ته ڀڳت صاحب! اوهانجو ڇوڪرو چوي ٿو ته بابا ڳـائي پڙنگيل اڌ ۾ ٿـي چڙي آيو آهي.

۽ اُنهيءَ پريم، عشق ظاهر ڪيو تہ اهو پرماتما ڌڻي اسان کان جدا ڪونهي. هيءُ ست منزلون يعني ڀومڪائون جگياسوءَ يعني طالب کان طي ڪرڻيون آهن. (١) ناسُوت (٢) ملڪُوت (٣) جبرُوت (٤) لاهُوت (٥) هاهُوت (٦) ياهُوت (٧) بي چُون.

(١) ناسوت معنيٰ شڀ اڇا (٢) ملڪُوت معنيٰ س وچارڻا (٣) جبرُوت معنيٰ تنوماناسا (٤) لاهُوت معنيٰ ستوا پت (٥) هاهُوت معنيٰ اَسن سڪتي (٦) ياهُوت معنيٰ پدارٿ اڀاوني (٧) بي چُون معنيٰ نربان.

(١) ناسوت معنيٰ سنسار کي ناس ڄاڻي، جگياسوءُ ساري سنسار جون وشيون، ڀوڳ، خواهشون اڇائون تياڳي، هڪ پرماتما ڌڻيءَ جي ملڻ جي اڇا ڪري.

(٢) ملڪوت معنيٰ اُنيءَ ويڪ جي ديس ۾ پهچي، وچار ڪري تہ مان ڪير آهيان، سنسار، ڀڳوان، ڌڻي، ڪهڙي شيءِ آهي.

(٣) جبروت جي منزل ۾ يعني تنوماناسا ۾، من، نفس کي روڪي پنهنجي شُڌ سروپ ۾ وار، وار لڳائي، پنهنجي آتما ۾ استٿت ڪري.

(٤) لاهوت معنيٰ ستواپتي يعني پاڻ کي ائين ڄاڻي تہ مان ڀڳوان، خدا آهيان. هيءُ سارو جڳت مون پيدا ڪيو آهي. جئن سمنڊ ۾ لهرون، ترنگ، حباب، بدبدا، پيدا ٿين ٿا، تئن مون برهم روُپي ساگر ۾ هيءُ چوراسي لک جوُڻيون، سڀ لهرُون آهن. اهڙي ورتيءَ ۾ جگياسو طالب کي، عشق جا اُڌما اچن ٿا، جنهن ۾ جيوپڻو ڄاڻي وڃي ٿو. جو "مان" آهيان، سو "تون" آهين ۽ ڪابہ جدائي ڪانهي.

(٥) هاهوت معنيٰ جڏهن جگياسو اسنسڪتيءَ جي منزل تي پهچي ٿو، تڏهن سندس سرير جو اڀمان نڪري وڃي ٿو،

شاهه جي لٽي تـــي ٻارهين مهيني وارو ميلو هوندو. اُتـــان ٿيندا هلون.

ستگورن فرمايو ته ڀلي هلو. انهن ڇٽي، شاهه جي لٽي تي آيا، جتي سڀئي مسلمان ۽ هندو ڪين ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا. رمضان فقير مهاراجن کي پيرين پئي ڇـــوڙڻ لڳو ته سائين، ڏاڍي سٺي موقع تي آيا آهيو. هاڻي اسان کي ڪجهه رهاڻ ٻڌايو. ستگرن چيو ته پهرين فقير ۽ اوهان ڪجهه ٻڌايو، پوءِ اسان ٻڌائيندا سون. رمضان فقير مهاراجن ۽ ٻين کي وٺي ٽلهي تـــي ويهاريو. تنهن ڪانپوءِ فقير آدم شاهه، محمد فقير سيڻ شاهه جي فقيرن ۽ رمضان فقير راڳ ڇيو. ستگرو مهاراجن ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيا، پوءِ رمضان فقير چيو ته سائين! هاڻي توهان چار وچـــن ٻڌايو. ستگرن ڀڄن شروع ڪيو. ويدانت جي پرڪرڻا هلائي هيٺيون ڀڄن ڇيائون.

راڳ آسا

راهه- ڏسان ساڪـــي سيڻ ۾ تو- سڀ ۾ مان نُور نوُراني،
ڪيان تنهن جي مٿان پنهنجو سڀو سر ساهه قرباني.
١- ڀائي مون ڀاڻ ۾ جهاتي - ڏٺو روشن ڏينهان راتـــي،
ڪيمهڪ ڀاڻ اسباتي - جدا سو ناهي دم جانـــي.
٢- مذجهان ناسوُت جي نڪري- ملڪ ملڪوُت ماڻيو مون،
جلائي جوش جبروتي - ڪيو مون نفس کي فاني.
٣- لگن لاهوُت سان لاٿـــي - ٻره جي ٻاهه ٻرڪائي،
پتنگ جيون ڀاڻ ڀڇوائي - سچالم شاهه سلطانـــي.
٤- ڪر جرڙي کهي ٽيئُون، لڳي حيرت پسي هاهو،
ڏسي ٻيرنگ ٻقا ٻـــاهو - ماڻيم بي ڇـــون نوراني.

ڦانپرج: طالب جڳياسوُ چوي ٿو ته مـــان سڀ ۾ پنهنجو خدا، پرميشور ڏسان ٿو. هيءَ ساري جان پرماتما. خدا جي حسن تان قربان ڪريان. ڀاڻ ۾ جهاتي پائي اُنهيءَ شدّ آتما کي ڏٺو سين

درشٽانت: هڪڙي ڪروڙپتي سيٺ کي چار پٽ هئا. پوڙهپڻ جي وقت، ويچار ڪيائين ته متان ڇوڪرا پاڻ ۾ وڙهن، تنهنڪري هنن کي ملڪيت ورهائي ڏجي. اهو ويچار ڪري چئن ئي ڇوڪرن کي سڄي ساري ملڪيت ورهائي ڏنائين. باقي هڪڙو سوا لک جو هيرو بچائي، ڪين چيائين ته مسان باقي ٢-٣ مهينا آهيان. جيڪو سيني کان وڌيڪ چڱو ڪم ڪري اچي مونکي ٻڌائيندو، تنهن کي هي هيرو ڏيندس. اهو ٻڌي، چارئي وڃي ڪنهن چڱي ڪم جي ڳولها ۾ لڳا. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ، چارئي گڏجي پيءُ وٽ آيا.

پهرئين نمبر ڇوڪرو هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته بابا، مان اڄ چڱو ڪم ڪري آيو آهيان. ٻنديون کولي ڏٺم ته هڪ ٻڪرار جا هڪ سؤ روپيه ٻنديءَ ۾ لکيا پيا آهن. چار سال ٿي ويا هئا، پر ٻڪرار گهر ئي ڪانه ڪئي هئي. شايد ڪيس وسري ويو هو. سو سؤ روپيه وياج سميت هن کي گهر ڏيئي آيس. ٻڪرار روپيه وٺي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چوڻ لڳو ته مان ٻئي ملڪ ويو هوس. مونکان پئسا وسري ويا هئا، پر توهان ستيوادي آهيو جو پئسا مونکي گهر ويٺي اچي ڏنا اٿو. اهو ٻڌي سيٺ چيو ته پٽ، توکي ڌنيواد هجي جو غريب کي پنهنجو حق موٽائي ڏنو اٿيئي. ڪم سٺو ڪري آيو آهين، پر متان ڪو توکان به وڌيڪ سٺو ڪم ڪري آيو هجي.

وري ٻيو نمبر ڇوڪرو چوڻ لڳو ته بابا، مان به چڱو ڪم ڪري آيو آهيان. شهر ۾ هڪ مائي هئي، جنهن لاءِ گهڻي وقت کان وٺي منهنجي من ۾ بري نظر هئي، وجهه پئي ڳوليم. اڄ اوچتو اها مائي مونکي اهڙي ايڪانت واريءَ جاءِ تي ملي، جتي ٻکي به ڪونه هو. اتي مون من کي ڦٽڪار ڏني ۽ ڪيس پوتي وجهي پيري پئي ڌرم جي ماتا ڪري آيو آهيان. سيٺ چيو ته توکي به ڌنيواد هجي، جو من کي جيتي پاپ کان بچي آيو آهين.

ڀاڻ کي هن سرير کان جدا ڄاڻي ٿو ۽ اِهو ڀُورن نشچو ڪري ٿو تہ مان سرير نہ آهيان.

(٦) ٻاھوت يعني پدارٿ اڀاوني. جا ٻڌي ساري سنسار جي پدارٿن کي سمت سمجهي رهي هٿي، سا سڀني پدارٿن سميت ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي. اِنهيءَ منزل تي پهچي جڳياسو.

(٧) اي چوُن يعني ترُيا جي منزل تي اچي ٿو، جتي نہ "مان" آهيان نہ "تون" آهين. يعني واڻي هلي نٿي سگهي، يعني نرٻاڻ ابناسي پد ۾ لين ٿي وڃي ٿو، ۽ وري سنساري موهہ جي چڪر ۾ نٿو اچي.

اِهو ٻڌائي ٻچن ڳائي بس ڪيائون تہ، محمد فقير چيو تہ سائين، اڄ تہ طالبن جي واسطي، سڄي قرآن جو مطلب هڪ ڪلام ۾ ئي ٻڌايو اٿوَ، جو ٻڌي اسين ڏاڍو خوش ٿيا آهيون. تنهن تي ستگرو مهاراجن چيو تہ اسان بہ اوچتو اچي اوهان فقيرن جو ديدار ڪري رهاڻ ٻڌي خوش ٿيا آهيون.

ستگرو مهاراجن اشنان ڪري انبن جي وڻ هيٺان اچي وهنا ۽ جيڪا روٽي پٽ شاهہ تان آنديِ هئائون، سا ئي کائي، آرام ڪري ۵ بجي شام جو ڪنڊوءَ روانا ٿيا.

ستر ڪندا ۷ بجي سڄ لٿي پنهنجي استان تي اچي، ماتا ڪرشنا کي پيرن پئي مليا. ٻيا ستسنگي ۽ پريمي پڻ ستگرو مهاراجن سان ملي خوش ٿيا. تنهن کانپوءِ، ستسنگ شروع ٿيو جنهن ۾ اُپديش ڪيائون تہ هن مٿش کي سارو سنسار ڌرمشالا ڪري ڄاڻڻ گهرجي. جتي ڪي ٻيا اچن تہ ڪي ٻيا وڃن. ڪي کٽيو ٻيا وڃن تہ ڪي هارايو ٻيا وڃن. کٽيو اُهي وڃن ٿا جيڪي ڀاڳ کي سڃاڻي سڀني ۾ ڀڳوان ڄاڻي، ڪنهن جي بہ دل نہ رنجائي چڱا ڪم ڪن ٿا.

نت نيم سان شيوا ڪندا هئا. ٻاهر جي ڪيتري خلق ستگرو مهاراجن جي درشن لاءِ ايندي هئي. شهر ۾ ٻه ٻراهمڻن جي شردا ۽ پريم وڌڻ لڳو.

سندن چت ۾ ڀڳتي ۽ وئراڳ ۾ وڌندو رهيو. ائين ڪجهه وقت ڪنبوءَ ۾ گذري ويو. هڪڙي ڏينهن گرمکداس صبح جو سوير نوڙهن مان آيو. ستگرو مهاراجن کي ڏنڊوت پرنام ڪري اچي ويٺو. مهاراجن پڇڻ لڳس ته بابا، خبر ڏداءِ ته ڪٿان سيئي خوش پرسن هئا؟ توهان خوش آهيو.

گرمکداس اکين ۾ جل آڻي چوڻ لڳو ته هتان ته ٻنهين مان ڇڏايو، پر اُتي ڪاڪو شيوڪرام ڇڏي نٿو. تنهن ڪري اڄ پرڀات جو اتي چوريءَ هليو آيو آهيان. ماتا چيو آهي ته هاڻي ماڻهو موڪلي مونکي ٻه پاڻ وٽ گهرايو.

مهاراجن چيو ته ڀلي آيو. سرو آنند جو ڪهڙو حال آهي؟

گرمکداس چيو ته سائين هن جو چت مونکان ٻه گهڻو اُداس آهي. مونکي چوندو آهي ته هتان ڪٿان جلد ڇڏائجي. ڪڏهن ستگرو مهاراجن ڪرپا ڪندا جو هتان جلد ڇٽندي. تنهن تي ستگرو مهاراجن فرمايو ته بابا خيال نه ڪريو. ايشور مڙئي چڱي ڪندو.

ٻئي ڏينهن گوال لعل ۽ گرمکداس کي ڇيٽن چوندڻ لاءِ موڪلي پاڻ گروجن درياهه تي اشنان ڪرڻ ويا. اشنان ڪري هڪ شيشم جي وڻ هيٺان ويهي رهيا.

هوڏانهن جهنگل ۾ گوال لعل گرمکداس کان پڇيو ته سرو آنند جو ڪهڙو حال آهي. تنهن تي گرمکداس چيو ته انهيءَ جو چت ٻه سنسار جي وهنوار کان اُپرام آهي. پر ڪاڪو شيوڪرام ڇڏيس نٿو. اهو ٻڌي گوال لعل چيو ته منهنجي مرضي آهي ته پاڻ ۾ ٽيئي ڄڻا گڏجي ڪجه وقت ستر ڪريون. ستگرو مهاراجن ڀلي هتي هجن. پاڻ ٻئي ڄڻا اڄ رات جو

سنو ڪم ڪيو آنيٺي، پر ٻيا به ٻڌائين، مٿان اُنهيءَ ڪان به ڪو سنو ڪم ڪيو هجين. اِني نيون نمبر ڇوڪرو ڇوٽ لڳو تہ ٻابا مان به هڪ چڱو ڪم ڪري آيو آهيان، اڄ گهوڙي تي چڙهي اوڏر اڳاڙڻ ئي ويس تہ شهر ڪان به ميل پري جهنگل ۾ ڏٺم تہ هڪ ڪتي وهامي آهي جا پاڻيءَ جي پياس ۾ دانهون پيئي ڪري، مون ويچار ڪيو تہ هتي ويجهو پاڻي ڪونهي. ڪتي ٻچن جي موهہ ۾ پونگڙن سوڌي مري ويندي. اُن ميل ڪن تي هڪ ڳوٺ هو. اُني ويس، پاڻيءَ جو دلو ۽ ٿالهيءَ ۾ روٽي مزور ڪان ڪٺائي آيس ۽ ڪتيءَ کي روٽي ڪارائي پاڻي پيارام. پوءِ ڪتيءَ کي پونگڙن سوڌو ڪاريءَ ۾ ڪٺائي ڳوٺ ۾ ڇڏي آيس. تنهن ڪانپوءِ اوڏر اڳاڙي آيس. سيٺ چيو تہ پٽر! لوڪي بہ ڏنيواد هجي، جو جيو ديا ڪري تمام سنو ڪم ڪري آيو آهين پر ڇوٿون بہ پلي ٻڌائي. ڇوٿون ڇوڪرو هٿ جوڙي ڇوٽ لڳو تہ ٻابا اڄ مان بہ سنو ڪم ڪري آيو آهيان. هڪ شهر ۾ منهنجو جاني دشمن رهندو آهي. پاڻ اهڙو تہ وير هو جو جيڪر ڪتي بہ هڪ ٻئي کي ڏسون تہ مارڻ ڪانسواءِ ڪين ڇڏيون. اڄ پرڀات جو مان جهنگل ڪرڻ ويس تہ ڏٺم تہ اُهو کوهہ جي ڪناري تي سمهيو پيو هو. ٿورڙو ڌڪو ڏيانس ها تہ کوهہ ۾ وڃي ڪري ها پر مونکي دل ۾ ديا آئي ۽ ويچار ڪيم تہ مٿان کوهہ ۾ نہ ڪري ۽ مري وڃي، سو پاسي ڪان پٽر ڏيئي بچاءُ ڪري آيو آهيانس. سيٺ چيو تہ پٽر تون ڌن ڌن آهين جو دشمن کي بہ پنهنجو سروپ جاڻي هنجي رکيا ڪري آيو آهين. سو هن هيري جي تون لائق آهين. اِنترو چئي هيرو ڇوٿين پٽ کي ڏنائين. اِهو درشٽانت ٻڌائي سنگرو مهاراجن چيو تہ هن مثل کي سيدي کي پنهنجو سروپ جاڻي سيدي جيون جي شيوا ڪري جس ڪٺي وڃي پرلوڪ ۾ سکي ٿيڻ گهرجي انڪانپوءِ سٽسنگ سماپت ڪيائون.

اهڙيءَ طرح سنگرو مهاراجن هر روز سٽن مهاتمائن جي

اُتي سوامي گوال لعل سروآنند کي چوڻ لڳو تہ اسان رات چوريءَ گهران لِنهيءَ ڪري ڀڄي آيا آهيون جو اسان جي مرضي آهي تہ توهان بہ اسان سان هلو تہ ڪجهہ وقت سٽر ڪريون نہ تہ مائٽ ڪنهن نہ ڪنهن سنساري جهنجهٽ ۾ ڦاسائي ڇڏيندا. اڄ رات جو هڪ بجي هتان ڀڄي هلجي.

تنهن تي سروآنند چيو تہ اسان پاڻ خيال ڪيو هو تہ سياڻي چوريءَ ڪنڌوءَ ڀڄي وڃجي. هاڻي توهان آيا آهيو سو ڏاڍو سٺو. اسان جي پاڻ وهنوار ۾ دل نٿي لڳي. تنهنڪري پورل ڀڳت چيو مان بہ توهان سان گڏ هلندس. رات جو هڪ بجي هلنداسون. اِها صلاح ڪري سڀ لڪي گهر موٽي اچي ستسنگ ڪيائون. مکي هسرورام، ڀائي نوبندداس، ٻولڻداس، ايسرداس سونارو ۽ شهر جي ڪيتري خلق آئي هئي. رات جو ١١ بجي ستسنگ سماپت ڪيائون. تنهن ڪانپوءِ روٽي کائي سڀئي آرام ڪيا. جڏهن سڀني کي ننڊ اچي وئي تڏهن ڌيري دروازو کولي، ٻاهر نڪري دروازو بند ڪري، شهدادپور جو رستو ورتائون. صبح جو سج اڀرندي شهدادپور ۾ ڀائي سوائي صاحب جي کوهہ تي اچي ڏندڻ اشنان ڪري نڪاڻي ۾ وڃي سنتن سان مليا. مهينو سوا سفر ڪري اچي ننڍي آدم جي اُتر طرف واريءَ جي ڀٽن ۾ ١٥ ڏينهن ڪن ويٺا. آس پاس جي ڀٽين وارن سندن شيوا ڪئي. هڪ ڏينهن ستگرو مهاراجن کي ڪنهن پريميءَ دواران خبر پوڻ تي ڀڳت کيئارام کي موڪلي سڀني کي گهرائي ورتو ۽ ستسنگ ۾ ويٺا.

ايتري ۾ ستگرو مهاراجن ستسنگ شروع ڪيو. اُپديش جي وشہ هئي ڀڳتي ۽ ويراڳ. چيائون تہ جن جگياسين کي موکيہ جي اِڇا آهي، سي سنسار جا وشئي ڀوڳ تياڳي اُبناسي سکہ کي چاهين ٿا. ڪي پهاڙن جي ڪندرائن ۾، ڪي واريءَ جي

١-٢ ٻجي چوريءَ گهران نڪري نوڙهن جي ڳوٺ هلي هڪ ڏينهن اُتي ترسي رات جو اُتان سرو آنند کي ساڻ ڪري چوريءَ نڪري هليون. اِها صلاح ڪري ٨ ٻجي ڇيڻن جون ڪوٺيون ٻري گهر ڪٺي آيا. پوءِ اِشنان ڪري ويٺا ته ستگرو مهاراجن به درياهه تان اِشنان ڪري آيا. ٻائي ٺهلرام ماتا گياني ٻائيءَ کي نوڙهن مان وٺي آيو هو.

شام جو باغيچن مان گهمي اچي ستسنگ ڪيائون. ڀريائين ڀڄن سنتن ستسنگ ڪيو. تنهن کانپوءِ ستگرو مهاراجن ستسنگ ڪري ١٠ ٻجي سماپت ڪيو. ساري سنگت ڀاو پرساد وٺي پنهنجي گهر ويئي. ستگرو مهاراجن پوڄن ڪائي آرامي ٿيا.

رات جو گوال لعل ۽ گرمکداس آهستي آهستي اُٿي اُنگوڇو ڏنڊن کي ويڙهيا ته جئن کڙڪن نه. پوءِ ٻڪتارا ڪٺي ڏيري ڏيري دروازو کولي، آهستي ٻيڪڙي نهر جو ڪنارو وٺي نوڙهن جي ڳوٺ روانا ٿيا. پرڀات جو ٤ ٻجي نوڙهن جي ڳوٺ اچي پهتا ۽ اچي ڀڳت شيوڪرام کي سڏ ڪيائون. سرو آنند اُٿي در لاهي ڏسي ته سوامي ڳوال لعل ۽ گرمکداس، سڀئي اُگهاڙا، پيرن گهاڙا ٻڪتارا ڪٺي آيا آهن. پوءِ اندر اچي سڀني سان ملي ويٺا ته ماتا ايشوري ٻائي پڇڻ لڳي ته ابا، ٻڌايو ته ستگرو مهاراجن ڪٿي آهن ۽ اوهان هيڏي مهل ڪٿا آيا آهيو؟ سوامي گوال لعل جن چيو ته گهڻا ڏينهن ٿي ويا هئا، سو خيال ڪيوسون ته ٢-٣ ڏينهن نوڙهن مان گهمي اچون ڏينهن لڪا ٿا ٿين، تنهڪري چانڊوڪيءَ ۾ نڪري هتي آيا آهيون ستگرو مهاراجن ڪنڊيءَ ۾ آهن. سڀني چيو ڀلي آيا. تنهن کانپوءِ ڏندڻ پاڻي ۽ اشنان ڪري ٿورو آرام ڪري پاڻ ۾ رهاڻ ڪرڻ لڳا.

شام جو سوامي گوال لعل، سرو آنند، گرمکداس ۽ ٻيورل ڀڳت چارئي گڏجي شهر کان ٻاهر نڪري جنگهل ۾ وڃي ويٺا.

جاڳي پيو. ڏسي ته ستگرو سندس ڇاتيءَ تي لت رکي ڪيس ڪهڻ لاءِ سندس ڪنڌ تي چاقو رکيو آهي. شش پنهنجا نيتر بند ڪري ڇڏيا. مهاتما هنجي ڪنڌ کي ٿورو چير ڏيئي رت جا ٢-٣ ڦڙا ڪڍي پتي تي رکيا ۽ هنجي زخم تي دوا لڳائي، خون بند ڪري اچي نانگ کي ڏنائين. نانگ رت پي ويندو رهيو. هڪ ٻئي ڏاري مهاتما چيلي کي اُٿاري چيو ته ٻاٻا هاڻي تون اُٿي ويهه ته مان آرام ڪريان. چيلو اُٿي وينو ۽ مهاتما سمهي پيو. صبح جو ٥ بجي اُٿي ڏنڊڻ پاڻي ڪري روانا ٿيا.

٢-٣ مهينا سفر ڪري واپس پنهنجي آستان تي آيا. تن ڇٽن ڏينهن ڪانپوءِ جهنگل واري ڳالهه ياد ڏياري، مهاتما شش کان پڇيو ته جڏهن مون تنهنجي ڪنڌ تي ڪاتي ٿي وهائي تڏهن تو ڏسي به اکيون بند ڪري ڇڏيون، وري چاقو هڻي تنهنجو رت ڪڍيم ته به نڪا ڪيئي دانهن نڪا ڪُوڪ. ائين ڇو؟

شش چيو: هي ٻڌُو، ويچار ڪيم ته ستگرو ضرور منهنجي ڀلي ۾ ئي هوندا. انهيءَ ڪري اکيون بند ڪري ڇڏيم ۽ وري جنهن مهل چاقو ڪنڌ تي هڻي رت ڪڍيُو انهيءَ مهل دل ۾ ويچار ڪري من کي چيم:

سمجهه ديکه دل بيچ پياري -
عاشق هوڪر سونا کيا!
جن نئنون کي نيند گوائي -
تکيا ليت بڇونا کيا!
رُوکا سُوکا رام کا ٽکڙا -
چڪنا اور سلونا کيا!
کهت ڪمال پريم کي مارگ -
سيس ديا ڦر رونا کيا!

ٻن تي، ڪي گنگا جي ڪناري تي، ڪي تيرٿ آستانن تي، ڪي جهنگلن ۾، پنهنجي تن جو آرام ڦٽائي، انيڪ قسمن جا دک ڪشٽ سهي، انهيءَ سک جي تلاش ڪري رهيا آهن. پر اهو سک، ڪنهن وڏ ڀاڳيءَ کي ورلي ۽ گرو ڀڳتيءَ سان ملي ٿو. گرو ڀڳتي به اهڙي هجي، جهڙي هڪ چيلي جي، جنهن جو ورتانت ڪريون ٿا.

درشٽانت: هڪڙو مهاتما پنهنجي چيلي کي وٺي سفر تي نڪتو. سفر ڪندي هڪ اُجاڙ جهنگل ۾ اچي رات پيئن. مهاتما شش کي چيو ته اچا ڪاٺيون گڏ ڪري ڌوڻي ٻار. شش ڪاٺيون گڏ ڪري ڌوڻي ٻاري. مهاتما چيو ته سارو ڏينهن پنڌ ڪري ٿڪجي پيا آهيون. پر جهنگل آهي ڏاڍو ڀيانڪ. سو واري تي آرام ڪرڻ گهرجي. تنهنڪري پهرين تون سمهه ته پوءِ مان سمهندس. شش سمهي پيو. رات جو ۱۱ بجي ڪن جو شمار هو. مهاتما هڪ ڪاريهر نانگ ٻري کان ايندو ڏٺو. هٿ متي ڪٽي نانگ کي چيائين ته خبردار! متان هيڏانهن آيو آهين. نانگ چيو ته هي مهاتما! هٽي ٻري ٿيءُ مان تنهنجي چيلي جو رت پي ڪيس ماريندس، ڇو جو هن اڳلي جنم ۾ مونکي ماريو هو. سو اڄ هن جو خون پي پنهنجو بدلو چڪائيندس.

مهاتما چيو ته هي پيارا! هو منهنجي شيوا ڪندو آهي. مان هن وقت هن جي رکيا ڪري رهيو آهيان، سو توکي مارڻ ڪونه ڏيندس: ڪرپا ڪري هليو وڃ. نانگ چيو ته مون پرتگيا ڪئي آهي ته هن جو ضرور خون پيئندس. مهاتما چيس چڱو، تون اِئين ڀيهه ته مان توکي خون پياري تنهنجي پرتگيا پوري ٿو ڪريان. ايترو چئي مهاتما اٿيو. وٽ مان هڪ پن پٽيائين، پوءِ کيسي مان چاقو ڪڍي، چيلي جي ڇاتيءَ تي آهستي لت رکيائين، اچا هنجي گردن تي چاقو رکيائين مس ته شش

ڪرپا ڪري، اُنهيءَ ميلي تي هلي، ڌرم جو پرچار ڪريو ۽ سڀني جيون کي ڌرم جي مارگ ۾ لڳايو. ميلو اَسوءَ جي ١٧ تاريخ آهي ۽ ٤ ڏينهن لڳندو. منهنجي مرضي آهي ته سڀاڻي اُئي سڄيري منڊلي لاهي هلجي.

ستگرو مهاراج چيو ته، چڱو هلنداسون. توهان سانجهيءَ ستسنگ ۾ ٻڌائي ڇڏجو. اُن بعد مهاراج ڪلاڪ ڏيڍ، سڀني سان رهاڻ ڪري آرامي ٿيا. رات جو ستسنگ ڪان پوءِ ڀائي لالورام سيٺي ستسنگين کي ٻڌايو ته سڀاڻي مهاراج ميران پور جهوڪ جي ميلي تي هلندا. جيڪو به پريمي هلي سو پلي هلي ۽ سڄيري رات جو هتي اچي ٽڪي، جو صبح جو ٤ بجي هتان هلڻ ۾ سولائي ٿيندي.

ٻئي ڏينهن صبح جو ٽيهن پنجٽيهن جي منڊلي، يڪتارا بولڪيون، ڏنڊا، ڪنجهون، ڪرتالون وڄائيندا هزار مان پڇن ڳائيندا، رستو وٺي پنڌ ڪندا، اُڏيري لعل اسٽيشن تي اچي گاڏيءَ ۾ چڙهيا. حيدرآباد تي لهي ٻين واريءَ گاڏيءَ ۾ چڙهي، ٽنڊي محمد خان جي اسٽيشن تي اچي لٿا. اسٽيشن جي پرسان هڪ وڏي سندر باغيچي ۾ اچي، ڪوهه تان اشنان ڪري، انبن جي وڻ هيٺان آسڻ لڳائي ويٺا. انتري ۾ باغيچي جو مالڪ ساڌن جي منڊلي ڏسي اچي ستگرو مهاراج کي پيرين پيو. هٿ جوڙي چيائين ته رسوئي جي آگيا ڏيو ته مان جلدي گهران نهرائي کڻي اچان. ستگرو مهاراج چيو جئين اوهان جي اِڇا. رسوئي تيار ٿي آئي. رسوئي کائي، ٤ بجي اتان روانا ٿيا ۽ ٨ بجي رات جو، پنڊيءَ جي ڳوٺ ۾ پهتا. اتي هڪ واڻئي جي دڪان اڳيان وڏو ٿلهو ڏسي، اُنهيءَ تي چادرون وڇائي سمهي پيا. صبح جو ٤ بجي روانا ٿيا ۽ ڳائيندا وڄائيندا ٿورو آرام ڪندا، ٤ بجي شام جو اچي ميران پور جهوڪ جي شهر ۾ پهتا.

سو ويچار ڪيم ته سر ته اڳم ئي ستگرن کي ڀيٽا چاڙهي ڇڏيو اٿم سو دانهن ڇا جي ڪريان ۽ روئان ڇو؟ تنهنڪري اکيون بند ڪري ڇڏيم.

پنهنجي چيلي جي اهڙي گرڀڳتي ۽ اهڙو نشچو ۽ وشواس ڏسي مهاتما ڏاڍو پرسن ٿيو ۽ ڪيس جهنگل واري ڳالهه ٻڌائي ۽ چيائين ته هي پتر، تون ڌن آهين! مان توتي پرسن ٿيو آهيان. جيڪي ڪپڙي سو گهري وٺ.

شش چيو: هي پريو، مونکي پورن وشواس آهي ته توهان سدائين منهنجي هٿ ۾ ئي آهيو. ٻيو مان توهان کان ڇا گهران؟ اهائي آشيرواد ڪريو ته منهنجو چت سدائين توهانجي چرن ڪنول، گرڀڳتي ۽ ويراڳ ۾ وڌندو رهي.

اهو درشٽانت ٻڌائي ستگرو مهاراجن چيو ته جن کي اهڙي گرڀڳتي ۽ ويراڳ آهي، سي ئي سچي آتم سک کي جلدي پراپت ڪندا. انهيءَ وشه تي ٢-٣ ڏينهن ڳائي ستسنگ سماپت ڪيائون.

ستگرو مهاراجن گوال لعل، سروآنند ۽ گرمکداس ڏي نهاري مشڪي چوڻ لڳا ته ابا، هاڻي ته وري ڪيڏانهن ڇوريءَ پڇي ڪونه ويندا؟ اوهانجي دل ۾ جيڪا ڳالهه آهي سا جلد ئي پوري ڪنداسون. توهان ٿڪجي آيا هوندا سو هاڻي وڃي آرام ڪريو.

٢-٣ ڏينهن لنگهيا ته هڪ ڏينهن صبح جو ١٠ بجي ڌاري لالو رام جن اچي ستگرو مهاراجن کي چوڻ لڳا ته سائين، مون ٻڌو آهي ته ميران پور جهوڪ ۾ مسلمان صوفي فقيرن جو ميلو لڳندو آهي، جتي ڪيترا هندو، مائيون ۽ مڙد ويندا آهن. ٻچاريءَ جو مسلمان هر پرڪار جي ماس جي مجلس ڪندا آهن. پر جيڪي ڪاليون ڳائين تي وهائين، سي ئي ڪاليون ڇيلن تي وهائيندا آهن. ڇيلن جو ماس هندو ڪائيندا آهن. اها آدم جي ڳالهه ٻڌي، ڏاڍو ڏک ٿيو آهي. سو هي پڳون، منهنجي ارداس آهي ته توهان

جي فقيرن ڇيو آهي ته ميلو ٻاقــي ٻـه ڏينهن آهي. سو توهان ڪرپا ڪري، درگاهه تي اچي راڳ ڪريو. مهاراڄن ڪيس شام جو ٥ ڪان ٧ ٽائين وقت ڏنو. شام جـو سيٺـڙي ساڌ، ڀڳت، شامداس سان گڏجي، درگاهه تــي آيا. درگاهه جــي اڳيان هڪ وڏو مانڊو ٺهيل هو، جتي اڳ ۾ ٻي فقير رڪيل شاهه وٽي راڳ ڪيو. ستگرو مهاراڄن به اچي ويٺا.

٥ ٻجه ستگرو مهاراڄن ڀڄن شروع ڪيو. ڀڄن جي مستيءَ ۾ اچي سنتن ۽ فقيرن جي مهما سندن رهڻي ۽ ڌرم ٻابت اچي ڀلت ۾ پيا. چيائون ته سنت، فقير سنسار ۾ سڀني جيون جــي ڪلياڻ ۽ سک لاءِ اوتار ڌاري اچن ٿا. جپ، تپ، يوگ ڪري، پنهنجي سرير کي ڪشٽ ڏيئي، پرماتما يا ڌڻيءَ جي وات کان ڀليل جيون کي ست جي وات ۾ لڳائين ٿا. اهي سنت، مهاتمائون فقير، درويش جتي ويهي ڀڳتي ۽ ٻندگي ڪن ٿا، سي جايون به پوڄڻ يوگيه آهن.

راڳ تلنگ لهرو

ٽل- سي سپ استل ٽيرٿ جانو- سنت جهان پڳ ڌرتــي هئه.
١- شب پوڄي وهه سنت مني جنهن - ڀڄن هري ڪا ڪرتي هئه.
٢- ديس نگر سي پاون هوتــي - جنون ۾ سنت وچرتي هئه.
٣- سنت ديا ڪر دين جنون ڪا - اپر ڀبدارا پرتــي هئـه.
٤- ڪهي ٽيئون سي ڪرٽا ساگر- دکيون ڪا دک هرتي هئه.

سنتن شهودن ۽ ٻندن ذڪرن جو ورنن ڪري چوڻ لڳا.

ساري رات صبحان - جاڳي جن ياد ڪيو،
تن جي عبداللطيف چوي- مٽيءَ لڌ و مان،
ڪوڙين ڪــن سلام- آچيـو آسڻ اُنجي،

مطلب: جن جاين تــي ويهي فقيرن ڀڄن ۽ عبادت ڪئي آهي، تن جي مٽي به پوڄڻ يوگيه آهي. هتي به وڏا بزرگ فقير

بزار مان ڀڄن ڳائيندا، فقيرن جي ڏيري تي، ميلي واري ميدان تي اچي ويٺا.

ستگرو مهاراج جو سندر آواز ٻڌي، هندو، مسلمان ۽ ساري ميلي جي خلق اچي ڪٺي ٿي. يڪتارن ۽ ڍولڪن، ڏنبن ۽ سازن جي آواز پاڻ ۾ ملي اهڙي ته گونج مچائي، جهڙي ساوڻ جي بادلن جي. ساري خلق حيران ٿي ويئي ۽ سڀيئي ستگرو مهاراج ڏي نهارڻ لڳا، نهاريندي پريم جي مستيءَ ۾ اهڙو مگن ٿي ويا، جو سرير جي سڌ ٻڌ به ڪانه رهين. اُٿي ٿي پٽ تي مٽيءَ ۾ ويهي رهيا.

ڪلاڪ ڏيڍ کان پوءِ جڏهن ڀڄن بند ڪيائون، تڏهن ڪيترا پريمي اچي مهاراج کي پيرين پيا. درگاه جا فقير به وڏي قرب سان اچي کين مليا. گاهه جو هڪ وڏو ڍير رهڻ لاءِ ڏنائون. انهيءَ رات ڀڳت مولي جي ڀينڌاري جي ڳوٺ واري روٽي ساريءَ منڊليءَ کي کارائي.

صبح جو اشنان ڪري درگاه تان گهمي، فقيرن سان ملي، موٽي پنهنجي جاءِ تي آيا. ڪيترا هندو، مسلمان، ستگرو مهاراج وٽ اچي روح رهاڻ ڪرڻ ويٺا. ۱۱ بجي تائين رهاڻ هلي. وري شام جو ۴ بجي ستسنگ شروع ڪيائون. گوال لعل، سرو آنند ۽ گرمکداس کان پوءِ مهاراج ستسنگ ڪيو، پنهنجا ناهيل پريم ۽ ويراڳ جا ڀڄن اهڙي درد مان ڳايائون، جو سڀيئي ساڌ فقير، ميلي جي خلق اچي ڀڄن ٻڌڻ لڳي. ۷ بجي ڀڄن سماپت ٿيو. ساري خلق خوش ٿي، پنهنجي جاءِ تي ويئي.

اهڙيءَ طرح ٻه ڏينهن پنهنجي جاءِ تي ڀڄن ڪيرتن ڪيائون. ٽيئين ڏينهن صبح جو سويل ڀڳت شامداس، جو فقيرن جو وڏو شيوادار هو، تنهن اچي مهاراج کي چيو ته توهان جو راڳ ٻڌي، ساري ميلي جي سنگت ڏاڍو خوش ٿي آهي. درگاهه

هئہ پيرون کا پير وهي، جو جاني پيڙ پرائي هئہ،
رحم نهين هئہ جسکي دل مين، خوني وهي کسائي هئہ.
بي دردي کو درد نهين، جو ماري جان خدائي هئہ،
ٻال ٻال ۾ جڏون کــي آگہ، دوزکي چائــي هئہ.
نيکي کراي نابدي، يهہ بهشت کا نـاکا هئہ،
دل مت کسي کي توڙ، يهہ گهر خاص خدا کا هئہ.

مطلب: سڀني جي دل ۾ منهنجو سائين سمايل آهي. ان کارڻ ڪنهن جيؤ جي دل کي ڏکائڻ نہ گهرجي. جهڙو ٻئي جي ڏک ڏيڻ سان پاڻ کي ڏک ٿئي ٿو، اهڙو سڀني کــي ٿئي ٿو. پرماتما سڀني جي هردي کي ڄاڻي ٿو. سڀني کي حساب ڪتاب ڏيڻو پوندو. ڀڳوان ڪنهن جو بہ مٽ مائٽ ڪونهي، جو انهيءَ کي معافي ڏيندو. اهوئي ديون جو ديو، پيرن جو پير آهي، جو ٻئي جو ڏک ڏسي، پاڻ ڏکي ٿئي ٿو.

جنهن جــي دل ۾ ديا ۽ رحم ڪونهي، سو ڪاسائي آهي. انسان جي پاپ ڪرم ڪندو، تہ نرڪ، دوزخ ۾ ويندو. جي چڱا ڪم ڪندو، تــہ سرڳ، بهشت ۾ ويندو، ڇو جو ڀڳوان سڀني ۾ وياپڪ آهي.

دوهرو - خالق جان خلق ۾ - ڪسي دکايو نانهن،
خلق دکي ڪرتار کي - ڪرتا ڪوپي تانهن

هيءَ جايون تــہ خاص فقيرن جــي پڙهن، عبادت لاءِ آهن، تنهن ڪري اسان جي ارداس آهي تہ ميلي ۾ ماس بند ڪرڻو تہ چڱو آهي.

انهيءَ تــي سڀئي فقير هڪ ٻئــي ڏي نهارڻ لڳا. اتي فقير خير محمد اٿي، هٿ جوڙي، درگــاهہ جي گادي نشين فقير عبدالستار کي چيو تہ هي مرشد سائين، فقير جيڪي ماس بابت

ٿي ويا آهن، جن جا ميلا لڳن ٿا. پر اسان پڌو آهي ته هتي ميلي جي ڀڄاڙيءَ واري ڏينهن هر پرڪار جي ماس جي مجلس ڪندا آهن. هاڻي ههڙن استانن تي جيون کي مارڻ، ڪيڏو نه گناهه آهي! هندو هجي خواهه مسلمان، سڀني لاءِ خدا جو قانون هڪ ئي آهي. پيغمبر حديث ۾ چيو آهي ته:

قاتلــل بقــر، ساقلــل سقــر.

مطلب: جو ڳانءِ جو قتل ڪري ٿو، سو سدائين دوزخ ۾ رهندو. سڀني اوتارن، پيغمبرن جو اهو ئي فرمان آهي ته ڪنهن به جيوَ جي دل نه دکايو.

ڇند - مندر توڙي مسجد کو توڙي

تــو مجهي نهين مجاڪا هئہ،
دل مت ڪسي ڪي توڙ، يهہ تو گهر خاص خدا کا هئہ:
مندر ۾ تو بت ذري هئہ، مسجد ۾ صفن صفائي هئہ،
دل درگاهه ۾ جهلڪتا، بلڪل نـوُر خدائــي هئہ.
ڪيا هئہ انسان ڪي اندر، ايڪ روشني ڇائي هئہ،
ڪمتي بڑهتي نهين نظر ۾، آتــي ايڪ رائــي هئہ.
ڇوڙ ظلمت ڪي قيامت کو، بهتر سڀ سي خاڪا هئہ،
دل مت ڪسي ڪي توڙ، يهہ گهر خاص خدا کا هئہ.
جئسا درد برا اپنــي کو، تئسا درد بــرا سڀ کــو،
جان ستانا نهين ڪسي ڪي، بهت برا لگتا هئہ رب کو.
خدا ترازي بيچ تــو لتــا، واجب اور نــاواجب کو،
ظاهر باطني جانتا هئــہ وو، سڀ ڪــي قلب کو.
معاف ڪريگــا وان ڪيا، ڪوئــي بابا ڪاڪا هئــہ،
دل مت ڪسي ڪي توڙ، يهہ گهر خاص خدا کا هئہ.

ڪنهن سيٺ جي اوطاق ڏسڻ ۾ آئي، اُنهيءَ جي اڳيان، هڪ وڏو وراندو آهي. اُهو رهڻ لاءِ جاچي آيا آهيون.

مهاراجن چيو سامان ڪڍو ته هلي اتي ٽڪا رهون. سڀئي اچي انهيءَ وراندي ۾ چادرون وڇائي ويٺا. اڃا ٿي جڙي ويٺا ته جاءِ جي مالڪ جو نوڪر اچي چوڻ لڳو ته سيٺ چيو آهي ته هتان اُٿو، توهان ڪير آهيو؟ هتي ڇو اچي ويٺا آهيو؟ هيءَ جاءِ مسافرن جي ڪانهي. مهاراجن نوڪر کي چيو ته، پيارا، هان وڃي سيٺ کي هيڏانهن موڪليو. چئوس ته ساڌ توهان کي سڏين ٿا.

نوڪر ويو ۽ ٻن ٽن منٽن ۾ موٽي اچي چيائين ته سيٺ چيو آهي ته ايڏانهن اچڻ لاءِ اسان کي فرصت ڪانهي؛ چڱائيءَ مان جاٿو ته جلدي اُٿي وڃو. خوشيءَ سان اُٿندا ته واهه، نه ته زوريءَ به توهان کي اُٿاريو ويندو. اِهو ٻڌي، سڀئي سنگرو مهاراجن ڏي نهارڻ لڳا، مهاراجن مشڪي، گوال لعل، سروآنند ۽ گرمکداس کي چيو ته بابا، هاڻي يڪتارا چاڙهي، ڀڳوان جو ڀڄن ڪريو. آڳيا جي دير هئي ساڌ ته اڳهين تيار هئا سو يڪتارا ۽ ڍولڪون چاڙهي، گهنگهرن جا ڏنڊا هٿن ۾ کڻي، اهڙو ته وڻي ڀڄن ڪيائون، جو ساري شهر جا هندو، مسلمان، مرد، مايون، ٻار ٻچا، پنهنجا گهر دڪان ڇڏي، اچي ڀڄن ٻڌڻ لڳا. ساري بزار خلق سان ڀرجي ويئي. سنگرو مهاراجن به موج ۾ اچي، ساڌن سان ڀڄن ۾ شامل ٿي ويا.

پوءِ ته اِئين ٿي ويو جڻ ساوڻ جي برسات. برسات اڳئي هجي ان ۾ اُتي بادلن جي گرجنا ۽ بجليءَ جي چمڪ تهڙيءَ طرح سنگرو مهاراجن گجڪار ڪري چمڪڻ لڳا. اُتوا جڻ ساوڻ جي برسات زور شور سان وسي رهي هجي ۽ شهر ۾ اڳيئي پاڻيءَ جي ٻوڏ ٻوڙان هجي، مٿان اچي ٽٽي درياه جو بند بس، تڏهن ٿي

چيو آهي، سو بلڪل ٺيڪ آهي. وڌيڪ توهان مالڪ آهيو. تنهن تي فقير عبدالستار چيو ته چڱو، هن سال بند ٿا ڪريون آئينده لاءِ، انهيءَ بابت پاڻ ۾ ملي، چڱيءَ طرح ويچار ڪنداسون.

اهو ٻڌي، ستگرو مهاراجن چيو ته، اسين ڏاڍو خوش ٿيا آهيون، جو فقيرن اسان جي ارداس قبول ڪئي آهي. تنهن کان پوءِ، سنتن جي مهما جو هڪ ڀڄن ڳائي، ٧ بجي ستسنگ سماپت ڪيائون.

ٻئي ڏينهن ۾ شام جو ٥ کان ٧ تائين ستسنگ ڪري، سڀني سنتن ۽ فقيرن کان موڪلائي، پنهنجي جاءِ تي آيا. صبح جو مدبلي هلڻ لاءِ تيار ٿي. سوامي جن چيو ته پنڌ و اٿون ته درياه لنگهي، جهرڪن کان هلي، گاڏيءَ ۾ چڙهبو ته پنڌ ٿورو ٿيندو. تنهنڪري اهو رستو وٺي هلجي، ائين چئي روانا ٿيا.

واٽ تي رهاڻيون ڪندا، سڀ لٿي اچي ٻني جي ڳوٺ ۾ پهتا. اچا هڪ دوڪاندار جي دڪان اڳيان ٿلهي تي اچي ويٺا ته دوڪاندار دڪان تان لهي اچي چوڻ لڳو ته توهان ڪير آهيو؟ هتي ڇو ويٺا آهيو؟ جلدي هتان اٿي وڃو. تنهن تي ڪيارام اٿي چيس ته ڀائي، ڏيان نه ڪر، آهيون ته هندو. سنتن کي تو چوڻ نه هتان اٿي وڃو. اسين ڪونه اٿنداسون، واڻئي ڪاوڙجي چيو، ڇو ڪين اٿندا؟ توهان جو ٿلهو آهي ڇا؟ جلد ڪريو اٿو: مهاراجن ڪيارام کي چيو ته بابا، جهڳڙو نه ڪريو. توهان آتمانند سان گڏجي، شهر ۾ ڪو ٽڪاڻو يا ٻي ڪا جاءِ ڏسي اچو، ته اٿي هلون. آتمانند ۽ ڪيارام شهر ۾ ويا. پندرهن ويهن منٽن ۾ موٽي اچي چيائون ته، توهان جي ليلا عجيب آهي. ٽڪاڻو ته ڏاڍو سٺو ڏسي آيا آهيون، پر بانو چوي ٿو ته هتي رهڻ جي جاءِ ڪانهي. جنهن کان ۾ پڇيوسون، تنهن چيو ته هتي سنتن، مسافرن جي رهڻ لاءِ جاءِ نه آهي، باقي شهر جي وچ ۾

به چار ڏينهن رهي، ستسنگ ڪري اسان کي ڌرم جي رستي ۾ لڳائي ويو. پنڊتن جي ارداس تي مهاراجن چار ڏينهن ٻني جي شهر ۾ رهيا. رات جو ستسنگ ٿيندو هو. جنهن ۾ پريم ۽ ڪرم، ڌرم جو اپديش ڪيائون. پڇاڙيءَ جي رات چيائون ته جيڪي ٻڌو اٿو تنهن تي ويچار ڪندا رهندا ڪريو. اَتٿي، ساڌو، مهمان، مسافرن جي شيوا، پريم ۽ شرڌا سان ڪندا رهجو. ڪوبه سنت مهمان شهر ۾ اچي، ته خوشيءَ سان ڪيس رسوئي ڪارائيندا ڪريو. داتو ڀاڳي داتار جو آهي. هرڪو جيو ديس يا پرديس پنهنجي پرالبڌ ڪٽي ٿو وڃي. شيوا آهي ڀاڳ وارن جو ڏاج، جنهنجو ڀاڳ جاڳي ٿو، سوئي اَتٿي، مسافر جي شيوا ڪري ٿو. اتٿيءَ جي شيوا ڀڳوان جي شيوا کان به وڌيڪ ڦل ڏيڻ واري آهي. سنت شاستر چون ٿا ته جنهن گرهستيءَ جي دروازي تان ساڌو برهمڻ، اتٿي، مسافر نراس ٿي موٽي وڃي ٿو، انهيءَ گرهستيءَ جا ورت نيم، دان، تيرٿ اشنان، سڀيئي ناس ٿي وڃن ٿا.

سلوڪ- سنساري ٿـو ڪر ديا - نا تو ڪر ويراڳ،
ويراڳي ٻنڌن پري - تانڪي جان آپاگ.

مطلب: گرهست ۾ رهي ته سدائين دل ۾ ديا هجيس؛ نه ته ويراڳ ڌاري وڃي جهنگل ۾ گوبند جو ڀڄن ڪري. پر اهو ويراڳي سنسار جي ڀوڳن ۽ مايا جي موهه ۾ ڦاسي پوي، ته اڀاڳي آهي. ڀڳوان جي ڀڄن ڪرڻ جا ٻه رستا آهن. هڪ گرهست جو، ٻيو تياڳ جو. گرهست ۾ رهي ڀڳتي ڪري ته ڪٿن ڪري جئن ته:

درشٽانت- هڪڙي شهر ۾ هڪ ٽپالي هوندو هو، جو ٢٥ ميلن تي ٽپال پهچائيندو هو. هڪ ڏينهن صبوح جو ٽپال کڻي روانو ٿيو. سارو ڏينهن پنڌ ڪيائين. شام جو سج لٿي اچي برسات پيئي. هڪ وڏو وڻ ڏسي، انهي هيٺان اچي وڻ کي ٽيڪ ڏيئي ويهي رهيو. دل ۾ ويچار ڪيائين ته برسات بند ٿئي

مهاراجن جي ٻرام روُپي نديءَ جي پرواهه ۾ ساري سنگت ٻڏي ويئي. رات جو هڪ اچي ٿيو. تنهن کان پوءِ، مهاراجن رام نام جي ڌني لڳائي، ستسنگ سماپت ڪيو.

انهيءَ وچ ۾ گولا پوري ويا ۽ ڏهگيون چڙهي ويئون. مختيارڪار ۽ دلا کير جا پراڻي ڪٽي آيو ۽ هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته، هي فقير سائين، هيءُ کير جا ۽ دلا غلام جا قبول پوڻ؛ خبر پئي ته ڪي هندو فقير اڄ سڀ لٽي هتي شهر ۾ آيا آهن، جن ڪي شهر جا واڻيا ٿلهي تي ۽ وهڻ نٿا ڏين. سو پڌيمونکي ڏايو دک ٿيو، پر هاڻي ڏٺي ساڇه ڏيندن جو توهان جي شيوا ڪندا. مختيارڪار پوءِ موڪلائي ويو. تنهن کان پوءِ، مکيءَ ستگرو مهاراجن کي چيو ته سائين، توهان جي رهڻ واسطي ٽڪاڻي ۾ سارو بندوبست ڪري آيا آهيون. ڪرپا ڪري رسوئي ڪائي، هلي آرام ڪريو. تنهن تي ڪيارام چوڻ لڳو ته ٿلهي تي ۽ وهڻ نٿا ڏين، سو هنن جي روٽي ڪين کائيندا سون.

مکيءَ جاءِ جي سيٺ ۽ ٻين ڪن پنچن چيو اسان کان اوگيا ٿي آهي، ڪرپا ڪري اسان کي معافي ڏيو. مهاراجن چيو پيارا، توهان جو ڪوبه قصور ڪونهي. سڀ ڀڳوان جي ليلا آهي. جئن ڪري، تئن مالڪ آهي. اسان سڀ ۾ خوش آهيون. توهان ڪوبه خيال نه ڪريو؛ اسان رسوئي کائون ٿا.

پوڄن ڪائي، سڀئي اچي ٽڪاڻي ۾ ويٺا. مکي ۽ ڪي پنچ ۽ ٽڪاڻي ۾ آيا. ٻانو صاحب ۽ اچي سواميجن وٽ ويٺو. مکيءَ هٿ جوڙي پرارٿنا ڪئي ته اسين سڀئي سوالي آهيون ته ڪرپا ڪري واري ڏنيءَ سان اسان جي غريب گهرن ۾ چرن گهمائي رسوئي انگيڪار ڪريو. اسان کي ڌرم ڪرم جي ڪائي خبر ڪانهي. پسن وانگر هن جهنگل ۾ پيا آهيون. توهان اسان پاپي جيون جي عيبن ڏي نه ڏسي، پنهنجي ڪرپا ڪري

اِها ڪيتري نہ دک جي ڳالھہ آهي. منهنجو خيال آهي تہ ڪجھہ ڪائي وڃي تہ چڱو. جھرڪ چيو ڳالھہ تمام چڱي اٿيئي. پر تون وبچار نہ ڪر، پاڻ پکي، اُجاڙ جھنگل ۾ رهڻ وارا، ڪوبہ ڪاڻ جو پدارٿ گڏ ڪري ڪونہ رکون. جيڪو داڻو ملي، سو کائي اُچون. تنهن ڪانسواءِ هُن منش کي ڇا کارائي سگهنداسون؟ تنهن تي جھرڪيءَ چيو جي توهان نـاراض نہ ٿيو تہ مونکي خوشيءَ سان آگيا ڏيو، تہ مان هن مچ ۾ ٽپ ڏيان. هو مونکي پچائي کائي، مينهن جو پاڻي جو گھٽوئي پيتو آهي، سو پي، توهان کي آسيس ڪندو ويندو تہ منهنجو بہ جنم سڦلو ٿيندو. جھرڪ چيو، توکي ڌنيواد هجي! تمام سٺو ڌرم جو رستو ٻڌايـو اٿيئي. پر سر مڙد ڏيندا آهن. تنهن ڪري تون مونکي خوشيءَ سان موڪل ڏي تہ مان سر ڏيان. جھرڪيءَ چيو، پراڻ ناٿ، جي توهان سر ڏيندا تہ منهنجو سارو جنم دکي تہ بيڪار ٿـي پوندو. تنهنڪري مان سر ڏيندس.

اهڙيءَ طرح، جھرڪ چوي تہ مـان سر ڏيان تہ جھرڪي چوي تہ مان سر ڏيان. آخر اُٿي جھرڪ ٽپو ڏنو تہ پٺيان جھرڪيءَ پڻ وڃي مچ ۾ پيا. ڀالي کائي خوش ٿـي، برسات جو پاڻي پي روانو ٿيو.

مطلب: گرهست مارگ ۾ رهي ڀڳتي ڪجي، تہ جھرڪ تہ جھرڪيءَ جھڙي ڪجي. ڪوبہ سوالي در تان خالي نہ وڃي تہ ڪنهنکي بہ بکيو نہ ڇڏجي. پوءِ چيائـون تہ جيڪي چار وچن توهان کي ٻڌايا اٿئون، تن تي وبچار ڪندا رهجو. اسان پريات جو ۴ بجي ڪنڀ وُءَ وينداسون. اهڙو چئـي، ستنام ساکيءَ جي ڌني لڳائي، ستسنگ سماپت ڪيائون. سنگت ڀاو پرساد وٺـي گھر وئي. تنهن ڪانپوءِ ڀائي ايسرداس هٿ جوڙي چيو سائين، منهنجو دوڪان جھرڪن ۾ آهي. هڪ رات اُتي رهي، ستسنگ ڪري، ٻئي ڏينهن گاڏيءَ تي وڃجو. مونکي پئسن ٽڪيٽن لاءِ

نه پوءِ وڃان. پر برسات وسندي رهي. رات پئجي ويس ساري
رات اُتيئي ويٺو رهيو. صبوح جو ۵ بجي برسات بند ٿي. هلڻ
جو ويچار ڪيائين. پر هڪ ته ساري رات برسات ۾ ويٺو رهيو.
ٻيو ڪپڙا سارا پاڻيءَ ۾ پسجي پيا هئس. ٽيون سياري جي موسم
۾ سارو سرير سڪي پيو هوس، هلي نه سگهيو. چئني طرفن ڏي
نهاري اُتيئي ويهي رهيو. مٿي وڻ ۾ هڪڙو جهرڪ ۽ جهرڪي
آکيري ۾ ويٺا هئا. مسافر کي دکي ڏسي، جهرڪ چوڻ لڳو ته،
هي اِستري، پنهنجي وڻ هيٺان مهمان ويٺو آهي، جو سيءَ ۾
ڏڪي پيو. ڏاڍو دکي آهي. پاڻ گرهستي آهيون. پنهنجو ڌرم
آهي ته جو گهر ۾ اچي، تنهنجي پتا شڪتي، دل سان شيوا
ڪري کيس خوش ڪريون. جهرڪيءَ چيو، اسين پاڻ ننڍا پکي،
هن منش جي ڪهڙي شيوا ڪري سگهنداسون؟ جهرڪ چيو
منهنجي دل چوي ٿي ته هن وقت، هن مسافر کي اڳنيءَ جي
ضرورت آهي. هتان شهر تمام ويجهو آهي. اُتان اڳني کڻي
اچي پنهنجي آکيري کي ڏيون. آکيرو اندران سڪل آهي ۽
جهٽ ٻري اچي هيٺ پوندو. مهمان اُنهيءَ تي سيءُ لاهي،
خوش ٿي ويندو. پاڻ وري ٻيو نئون گهر ڪري ناهينداسون.
اِهو ويچار ڪري ٻئي اُڏامي، اَڌ ميل پنڌ تي هڪ ڪُنڀار جي
واڙي ۾ ويا. اُتي باهه ٻري پئي. اُتان دکيل سنهڙيون ڪاٺيون
چهنب ۾ کڻي، اچي پنهنجي آکيري کي باهه ڏنائون، آکيرو
ٻري اچي ٽپاليءَ جي پرسان ڪريو. ٽپاليءَ هٿ سيڪيا.
ڪاٺيون ۽ ڪک پن ميڙي، اچي باهه جي مٿان رکيائين. اڳني
ڏاڍي ٻري مچندي وئي. سيءُ لاهي، ڪپڙا باهه تي سڪائي
پاتائين. ڪپڙا پائي اڃا هلڻ جو ويچار ڪيائين ته، جهرڪي
جهرڪ کي چوڻ لڳي ته هي پنهنجي ديو، مهمان جي سردي ته
دور ٿي، پر ويچارو سڄي رات اُڃ ۾ ڏکيو آهي، هن کي بک
به ڏاڍي لڳي هوندي. پنهنجي گهر آن مهمان بکيو هليو ويو،

ستگرو مهاراجن ٥ مهينا ڪنڀوءَ ۾ نت نيم سان ستسنگ ۽ سنتن مهمانن جي سيوا ڪندا رهيا. هڪ ڏينهن، تاريخ ٢٠ چيٽ سنبت ١٩٧٧، صبح جو ١٠ بجي ڀائي گوبند رام ٺيڪيدار، سکر ضلع جي عظمت جي ڳوٺ وارو، پراڻن هالن مان اچي نڪتو. هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته سائين، مان ٢-٣ مهينا سيٺ کان موڪل وٺي، ڳوٺ ويو هوس. پنهنجي ڀائرن کي مڱائي، شاديءَ جو مهورت تاريخ ١٢ آکاڙ چوڏس تي ڪيائي آيو آهيان؛ ڪرپا ڪري پنهنجي ٻچن جو ڪارج ڪرايو ۽ اسان داسن جي گهر چرن گهمائي، پوتر ڪريو. منهنجي ڳوٺ جا ماڻهو توهان جي درشن جا پياسي آهن ۽ چئي ڇڏيو اٿن ته ڪيئن به ڪري، ستگرو مهاراجن کي وٺي اچجو. سو پريو، ارداس قبول ڪريو ۽ پروگرام ڏيو ته ڳوٺ لکي ڇڏيان.

ستگرو مهاراجن سندن سوال مڃيو. ڏهن، پندرهن ڏينهن کان پوءِ، ڀائي گوبند رام مهاراجن کي وٺڻ آيو. اُن رات جو ستگرو مهاراجن ستسنگ ۾ پريم جو پرسنگ هلايو. چيائون ته سچو پريم اُهو آهي، جو سدائين چندرما جي شڪل پکش وانگر وڌندو رهي.

سلوڪ- ساچا پريم سو جانئي - ٻيج چنب جيون هوءِ،
کهي نيئون ڪب نا گهٽي - دن دن ٻڙهتا سوءِ.

اهڙو سچو پريم ڇپي ڪونه سگهندو.

سلوڪ- پريم ڇپايا نا ڇپي - جا گهٽ پرگهٽ هوءِ،
جي پي مکه نا ٻوليئي - نين ديت هيءِ روءِ.

مطلب: ڀڳوان جي سچي پريت ڪيترو به ڪٺي کو لڪائي، ته به لڪي ڪانه سگهندي.

ڪبير صاحب جن چون ٿا پريم جي مستيءَ ۾ جي ڪبير

پٽسا به ڏنا آهن. سواميءَ جن هن جي ڳالهه قبول ڪئي. سياڻي تي صبوح جو روانا ٿيا. سنگت کي ملول ڏسي، چيائون ته سنت، ڀڳوان، گرو، سدائين ٻراهمڻ سان گڏ آهن. توهان ڪوبه خيال نه ڪريو. اسانجو داڻو پاڻي هوندو ته وري به ايندا سون. پتڻ تي اچي، ٻيڙيءَ ۾ چڙهيا. درياهه لنگهي، جهرڪن ۾ آيا. رات جو ٨ کان ١١ بجي تائين ستسنگ ڪيائون.

صبوح جو ريل ۾ چڙهي اڏيري لعل جي اسٽيشن تي اچي لٿا ۽ سڀ لٿي ڪٽنبءَ پهتا.

ماتا ڪرشنا، ڀائي نهلرام ۽ ٻين ٻراهمڻ سان ٻيا لوڳ ملي ويا. ساري شهر ۾ ستگرو مهاراجن جي اچڻ جي خبر پهچي وئي. سيٺ ٻراهمي ستسنگي پرساد ڪٽي اچي ستگرو مهاراجن جو درشن ڪري خوش ٿيا. ڀائي لالُورام ۽ ڀائي ڪيارام، ميلي جي ساري خبر ٻراهمڻ کي ٻڌائي.

ٻئي ڏينهن شام جو ٤ بجي، سالاري جو ڀڳت گهنبورام سوامي جن سان ملڻ آيو. مهاراجن کان ميلي جون خبرون ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائين، جي وري ڪيڏانهن سٺري وڃو، ته ڪرپا ڪري، مونکي به ساڻ وٺي هلجو. مهاراجن چيو، توهان ٻڍڙا آهيو. ڪنهن خاص ٻراهميءَ جو سڏ ٿيو ته ويچار ڪنداسون. پوءِ پاٺ ۾ رس رهاڻ ڪيائون. ڪجهه وقت سنت واهي گهنبورام موڪلائي سالاري ويو. رات جو ستسنگ ۾ مهاراجن پنهنجا ناهيل نوان نوان ڀڄن پريم ۽ ويراڳ مان ڳايا. ڀڳوان جي مايا جو ورنن ڪري چوڻ لڳا ته: ڀڳوان جي مايا اننت قسمن جا کيل ڪري رهي آهي. جيڪو سنڌس ويجهو ٿو وڃي تنهن کي پڪڙي، موهه روُپي مڪان ۾ بند ڪندي ٿي وڃي. اننت جيون کي بند ڪيو اٿس ۽ ڪيترن کي بند ڪري رهي آهي. ڪوئي ڪوئي ويراڳي هن کان ڀڄي، ڀڳوان جو ڀڄن ڪري پنهنجو اڌار ڪري ٿو. ستسنگ سماپت ٿيو.

۾ وڃي چڙهيا. گاڏيءَ ۾ ڪيارام ڇوٽ لڳو ته رونـي ته ڪڏهين ڪانه اٿئون؛ مونکي ته بک لڳي آهي ۽ اسٽيشن جو کاڌو ته ڪونه کائيندا سون.

سوامي جن چيو ابا، پريو پاڻيهي کارائيندو. توهان وِٽا ڀڳوان جا رنگ ڏسو. گاڏي اچي شهدادپور بيٺي ته ڀائي ڏيوارام شاهداس، چوٿو رام، مائي پوڄي، ڀائي آسنداس، ڪشوري رام، ڀائي ڪيولرام ۽ ٻيا ڪيترا شهدادپور جا پريمي، گلن جو هار، ميوو ۽ ڀوڄن کنيو، اڳ ۾ ئي اسٽيشن تي بيٺا هئا. گلن جا هار پائي، جئہ جئہ ڪار ٻولائي، ميوو ۽ ڀوڄن ڏنئي، ڇوٽ لڳا ته سائين، هينئر اسان توهانکي هتي لهڻ لاءِ ڪونه ٿا زور ڀريون. باقي مونٿدي، ڪرپا ڪري ضرور اسان وٽ لهجو. هفتو ڪن اڳوات احوال ڏجو ته اسان بندوبست ڪنداسون. ستگرو مهاراڄن ڪين چيو، ته ڀهرين ته ٻڌايو ته توهان کي اسان جي وچ جي ڳالهه ڪنهن ڪئي. ڀڳت ڏيوارام چيو ته سائين، ڪالهه ڪنبوءَ جو هڪ ماڻهو هتي گڏرا ڪٽي آيو هو، تنهن ٻڌايو. مون راتهه ئي وڃي، پريمين کي ٻڌايم ۽ صبح جو گڏجي اسٽيشن تي توهان جي درشن لاءِ آيا آهيون. هاڻي اسان جي ارداس قبول پوي ته مونٿدي اسان وٽ ضرور لهندا.

مهاراڄن فرمايو ته وچن ڪونه ٿا ڏيون، پر جي هن پاسي کان آياسين ته ويچار ڪنداسون. گاڏي چُرڻ لڳي، سيني پريمي موڪلائي روانا ٿيا ۽ گاڏي به تيز هلڻ لڳي. شام جو اچي سکر اسٽيشن تي لٿا ۽ سڌو سنت ٻلورام، سنت گنگارام جي شش جي آستان تي آيا. ڀائي گوبند رام اڳ ۾ ئي بندوبست ڪرائي ڇڏيو هو. سنت ٻلورام ساڻن پريم ۽ آدرستڪار سان مليو ۽ سيني کي آسڻن تي وهاري، ڇوٽ لڳو ته وڏي ڪرپا ڪئي اٿوَ جو سکر ۾ پڌارجي درشن ڏنو اٿوَ. ڀائي گوبند رام توهانجي ڳالهه ڪندو هو،

ڪجهه نه سگهندو، نه ئي پريم جي وارتا ٻڌي، روئڻ ضرور ايندو ويندس. اهو پريم ئي تمام چڱو آهي، پر وچولي درجي جو آهي. اتم پريم اهو آهي، جو ڀڳوان پريتم جي وڇوڙي ۾ تڙڦندو رهي.

سلوڪ- پيارا بڇڙي روو هين - ساچا پريم نہ جان،
ساچا پريم سو جانئي - بڇڙت جاوي پران.

مطلب: پرماتما پريتم جي وڇوڙي ۾ روئڻ ئي ڪچو پريم آهي. پر سچو پريم اهو آهي، جو پريتم، پرماتما جي وڇوڙي ۾ پران ڇڏي ڏي. جئين راجا دشرٿ - سري رام جي وڇوڙي ۾ پران ڇڏيائين.

سلوڪ- سارس ڪبہ پريتي سچي-يگل قرت جڳہ مانهہ،
کهي ٽيئون جو اڪ مري- دوجا جيوت ناهہ.

مطلب: سارس پکين جي پاڻ ۾ اهڙي پريت ٿيندي آهي، جو سدائين ئي گڏ گهمندا آهن. جي هڪڙو مري وڃي ته ٻيو انهيءَ جي پريم وڇوڙي ۾ پنهنجا پران ڇڏيندو آهي؛ تئين جن جي هردي ۾ اهڙو پريم آهي، تن سان ڀڳوان، سنت، گرو، لوڪ پرلوڪ ۾ سدائين گڏ آهن. انهيءَ وشيه تي ٢-٣ ڀڄن پريم سان ڳائي، سنگت کي ٻڌائون ته اسان صبح جو سويل سکر ضلع جي عظمت شهر ڏانهن ويندا سون، جو ڀائي گوبندرام ٺيڪيدار وٺڻ آيو آهي. توهان سڀئي ستسنگي، ڀائي ٺهلرام سان گڏجي، نت نيم سان ستسنگ ۽ سنتن، مهمانن، مسافرن جي پريم سان سيوا ڪندا رهجو. پنهنجو چت نام ۽ گرو ڀڳتيءَ ۾ وڌائيندا رهجو. ستنام ساکيءَ جي ڌنيءَ سان ستسنگ سماپت ٿيو.

ٻئي ڏينهن صبح جو گوال لعل، سرو آنند ۽ گرمکداس، ڪيارام، پوول ڀڳت ۽ سنت گهنبورام کي ساڻ ڪري، گوبندرام سان روانا ٿيا. ننڍي آدم اسٽيشن تي پهچي، ١٠ بجي گاڏيءَ

آهيئي ڪونه. پڇيائين ته ڀڳوان ڪٿي آهي؟ ٻارشدن چيس ته الائي ڪيڏانهن نڪري ويو آهي. هڪڙو ڏهر هجيس ته توهان کي ڏسيون. نارد وئڪنٺ پريءَ ۾ ڀڳوان جي رهڻ جا آستان، مندر ڳولهي، رستو وٺي روانو ٿيو. جهنگل، ٻن، تيرٿ، ندين جا ڪنارا ڳولهيندي ڳولهيندي هڪ شهر ۾ اچي نڪتو. ڏسي ته ستسنگ ٿي رهيو آهي ۽ ڀڳوان براجمان آهي. ڀڳوان کي مونٿي پرڻام ڪري، هڪڙيءَ ڪنڊ کان ويهي رهيو. جڏهن ستسنگ سماپت ٿيو، تڏهن ڀڳوان کي ڏنڊوت پرنام ڪري چوڻ لڳو ته هي وئڪنٺ ناٿ، اڄ توهان کي ڏاڍو ڳولهيو اٿم. الاجي ڪٿي ٿا رهو. مونکي ڪا مقرر جاءِ ڏسي ڇڏيو ته جنهن مهل توهانجي درشن جي پياس لڳيم، تنهن مهل سڌو اتي اچي توهان جو درشن ڪريان.

ڀڳوان چيو:

سلوڪ- نا هم وساهي وئڪنٺي يوگينام هردئي نه چ
مد ڀڳتا يتر گايئنتي، تتر تشٺامي نارد!

مطلب: هي نارد مونکي نه وئڪنٺ ۾ نه يوگين جي هردي ۾ نه تيرٿ نه مندر، نه ندين، نه پهاڙن ۽ نه جهنگلن ۾ ڳولهه. ٻاقي جتي ست پرش مهاتمائون، نشڪامي، نرماني، اُدارچت منهنجي ڪيرتي ۽ جس ڳائيندا هجن، اتي اچي منهنجو درشن ڪج، ڇو جو ستسنگ ئي منهنجي رهڻ جو خاص استان آهي. پوءِ چيائون ته ڀڳوان ستسنگ رُوپي گهر ۾ رهي ٿو. اهو ستسنگ رُوپي گهر، خاص ڀڳوان جي رهڻ لاءِ ڪيترين تڪليفن وٺي سنتن ٺاهيو آهي انهيءَ لاءِ ته جگياسين، مموڪشن ۽ ڀڳوان جي ڀڳتن کي، ڀڳوان جي درشن ڪرڻ ۾ سولائي ٿئي. سنت سدائين پراپڪاري، سداس وچاري ۽ پرم اُداري ٿيندا آهن.

اسان کي ٻه گهڻي ڏينهن کان پياس هئي، ته ڪڏهن توهان جو درشن ٿيندو. سيٺ جل پان ڪيو. پوءِ سنت ڪيارام چيو، سائين ٽڪل ٻه هوندا، پر هتي ٻه سيئي پريمي توهان جي ستسنگ ۽ درشن جا پياسي آهن. سو ڪرپا ڪري ڪلاڪ ڪن ڏيو. مهاراج چيو ته سنتن جي درشن لاءِ سڀ اڪوٽ دور ٿي وڃي ٿي. رات جو پلي پريمين کي ستسنگ جو پروگرام ٻڌايو. پوءِ سنت ٻلورام ۽ ڀائي گوبندرام سان گڏجي، درياهه جي بندر تي گهمڻ ويا. ڪيترن گردوارن ۽ مندرن ۾ پڻ ٿي رهيو هو، تمام سندر نظارو هو. سنت ٻلورام ڪي چيائون؛ هتي ته سرڳ پري لڳي پيئي آهي. ائين گهمندا ڦرندا، رهائڻ ڪندا اچي ستسنگ جي جاءِ تي پهتا. هزارن جي تعداد ۾ خلق آيل هئي. سنگت ڀاؤ پرشاد رکي، پيرين پئي وهندي ويئي. ستسنگ شروع ڪيو. ڀريائين ٻين سنتن گڏجي ستسنگ ڪيو. تنهن ڪانپوءِ، ستگرو مهاراجن ۽ سوامي گوال لعل جن ستسنگ شروع ڪيو، پرام ستسنگ ۽ سنتن جي مهما جا پڻ ڳائي چيائون ته جن سچو پريم ڪيو آهي، تن ئي پرڀوءَ کي پاتو آهي، ڇو جو ڀڳوان پريم تي پرسن ٿيندو آهي.

سلوڪ- جوڳي جهنگم سيوڙا، سنياسي درويش،
بنا پريم ڀڄي نهين، درلڀ ستگر ديش.

مطلب: جوڳي جهنگم، سنياسي، بيراڳي آد کهڙي به ذات، ورڻ، پنٿ، ڀيک جا هجن، سي پريم سان ئي ڀڳوان سان ملي سگهندا. اها سچي ڀڳتي ۽ پريم سنتن جي سنگ مان پراپت ٿيندو. ستسنگ پريم ۽ ڀڳتيءَ جو گهر آهي. انترجامي ڀڳوان ستسنگ روپي گهر ۾ رهيتو.

درشٽانت: هڪ ڏينهن نارد منيءَ کي ڀڳوان جي درشن جي ڏاڍي پياس ٿي. سو وڪنٺ پريءَ ۾ ويو. ڏسي ته ڀڳوان

تمام خراب آهي، جو مٽي کانپوءِ ڪنهن به ڪم جو ڪونه ٿيندو. تنهن ڪري سرير جو ايمان ڇڏي ڏي. نامراد يعني نام جو آراڌن ۽ چنتن ڪر. نياڳا يعني نانا سنسار جي روپ لياڳي، وچ حرامي يعني انترمک ٿي وڃي هريءَ ۾ آرامي ٿيءُ. پنهنجي آتم اَبناسي گهر ۾ سکي ٿيءُ. مهاتما جا وچن ٻڌي اهو ماڻهو مهاتما جي پيرن تي ڪري پيو. اکين ۾ جل آڻي، روئي چوڻ لڳو ته هي پڀو مونکي معافي ڏيو. سنت ڪبير آشيرواد ڏيئي روانو ٿيو. اهو درشٽانت ٻڌائي سوامي ڄڻ چيو هي گرمکو، ڄڻن پورو ڪنڊن کي ڇڏي سچي گلن مان سڳنڌي وٺي ايندو آهي، ڄڻن ماکيءَ جي مک ڌر جي ڪڙي وڻ مان به مٺاڻ ڪڍي ايندي آهي، تئن گرمک وويڪي مهاتمائون سڀني مان سار ڪڍندا آهن. سم معنيٰ من کي روڪين ٿا. دم معنيٰ پنهنجي اندرين کي وشين ڀوڳن کان روڪين ٿا. تنهن ڪانسواءِ ٻيا به ڪيترائي مدڄهن گڻ آهن. سندن دل ۾ ڪنهن به پدارٿ جي ڪامنا ڪانه رهندي آهي. مردل معنيٰ سدائين مٺي سچي ٻولي ٻولڻ وارا آهن. سڀني جيون جي اڌار واسطي نت اوتار ڌاري سنسار ۾ ايندا آهن ۽ ستسنگ جو ديپاڻ لڳائي، سڀني جيون کي پريم جي سرڪي پياري سندن هردا سيتل ڪري پڀوءَ سان ملائين ٿا.

راڳ ڪوهياري

ٽل - ڏيکا جڳ ۾ سنت اڌاري، سار گراهي ست وچاري

١- سڀ هي ڏيوي سڀ هي ليوي،
سڀ هي ڏيکي سڀ هي سيوي
سم دم آدڪ ڪت گڻ ڌاري.

٢- ايسي شر ڀر ڏوک سهارنهه،
سڀ جيوون کي ڪشٽ نوارنهه،
سوارٿ هين سي پراپڪاري.

سلوڪ - اتِ ڪرپال نِهِ دروهہ چت، سهن شيلتا سار،
سم دم آد آکام مت، هردل سرؤ اُپڪار.

مطلب: مهاتمائون وڏي ڪرپا ڪري اننت جنمن ۾ ڀڳوان کان وڇڙيل جيؤ کي پريوءَ سان ملائي اُنهاسي گهر ۾ پهچائي اُن جو آواگون جو ڦيرو مٽائين ٿا. جن مهاتمائن جي چت ۾ ڪوبہ نِڪِي يا پاکنڊ ڪونهي ۽ چت سدائين پوتر اٿن. تن جي ڪو ڪٺي نندا، گلا يا اپمان ڪري تہ بہ اُنکي ڪو بہ پارٿو ڪونہ ڏيندا آهن ۽ نہ ئي چت ۾ دکي ٿيندا آهن. پر اُنکي پنهنجو متر ڄاڻي اُن مان بہ سار ڪڍي پنهنجي چت ۾ خوش ٿيندا آهن.

هڪ اوڌوت آتم گياني مهاتما هڪڙي گرهستيءَ جي در تي اچي ڀوڄن لاءِ هري نارايڻ چيو. گهر مان هڪڙو پيارو ٻاهر نڪري مهاتما کي ڇوهڻ لڳو تہ هي ڪريل، ڪپٽي، ڍونگي، پاپي، بدمعاش، نامراد، نڀاڳا، وچ حرامي. مهاتما هٿ جوڙي چوڻ لڳس تہ پيارا تون ڌن، ڌن آهين. جو سڄي شهر ۾ توئي مونکي سڃاتو آهي. مان توتان ٻلهاري وڃان جو مونکي سڃاڻي سچي سمجهاڻي ڏني اٿئي. اهو رنگ ڏسي پاڙي وارا مهاتما کي چوڻ لڳا تہ هن توهان کي تمام خراب وچن چيا آهن ۽ توهان وري هن مورکہ کي پيا هٿ جوڙيو! تنهن تي مهاتما چيو تہ اُيا هيءَ مورکہ ڪونهي، تمام ٻڌيوان آهي، مونکي هيل تائين ڪنهن بہ ڪونہ سڃاتو آهي. هن ئي سڃاڻي مونکي اُپديش ڪيو آهي. چوڻو تہ تون ڪريل آهين. سو برابر مان اڳم نرگڻ، نراڪار هوس ۽ هاڻي ڪرجي، سرگڻ ساڪار ٿي پيو آهيان. ٻيو ڪپٽي يعني ڪايا روپي پٽي پهري آيو آهيان. ٽيون چوڻو تہ ڍونگي آهين. برابر ڍونگ ڪري ونهوار جي ڪم ڪار ۽ متن مائٽن کان ڇتو آهيان. اهڙيءَ طرح مونکي سڃاڻي هن اُپديش ڪيو آهي تہ پاپي يعني ٻئيءَ، جو پرماتما آهي، تنهن کي جلدي پاءِ. بدمعاش يعني سرير جو ماس

توهان جـي ڪرپا سان وقت چڱو ڀيو گـذري. هرڪو پنهنجي ڪار وهنوار ۾ لڳو پيو آهي. توهان جي مهما ڀائي گوبندرام ڪندو هو. اسانکي اوهانجي درشن جي اڪير هئي، اوهانجي وات نهاري رهيا هئاسون. تـوهانجو درشن ڪري ڏاڍو خوش ٿيـا آهيون. ڪجھ وقت وهي سيٺئي ڀاؤ پرساد وٺي پنهنجي جاء تي ويا.

ستگرو مهاراجن ڀوڄن ڪائي آرامي ٿيا. شام جو ۴ بجي اٿي جل پان ڪري سيٺـي سنتن کي وٺي سٿر تي ويا. ۷ بجي ڏاري موٽي جاء تي آيا. ۸ بجه ستسنگھ سڀا ۾ اچـي براجمان ٿيا. سڀا ڀرپور هئي. پرارٿنا جي مهما تي پروچن ڪيائـون. چيائون ته جيو کي سدائين ست چت آنند پـريپورڻ پرماتما اڳيان پرارٿنا ڪرڻ گهرجي ته هي پريو، هن سنسار ساگر کان تـاري، مونکي پار ڪريو!

سلوڪ- هئُون اناٿ آنشي دکـي، ٻريو ديکھ سنسار،
ٻ و ٻت هون ڀو سنڌ مهين، هوھ ڪرو پريو پار.

مطلب: پريو، مـان اناٿ، منهنجو سنسار ۾ ڪوئي رکيڪ مددگار، سائي ڪونهي. مان تمام دکي آهيان. هيءُ ڀيانڪ سنسار ڏسي ڏڄي ويو آهيان ۽ هن سنسار ساگر جـي آشا روپي جل ۾ غوطا کائي رهيو آهيان. مونکي ٽرڻ اهناسي گهر ۾ پهچايو. توهان کانسواء ٻيو ڪوئي آسرو ڪونهي.

سويو - سر و اور تـي هوئه نراسا -
چـرن آپـڪي آن گهي،
لاکه چوراسي جون چڪر ۾-
ڦـر ڦـر هم بهه دوکھ سهي،
ڪرپا ڪر گر اپنا ڪيجي -
طرف تمهاري ديکھ رهي،

۳- اٺ ڪرپالوُ ڪرپا ڪر هيئن،
جنم مرن دک کو وي هر هيئن
ماٺ پتا تي اٺ هتڪاري

۴- کهي ٽيئُون سي اُرهم گياني،
رهتي آتم انتر ڌياني
جائون تن پر مين بلهاري.

انهي وشئه تي ستسنگ سماپت ٿيو ته سنگت مهاراجن کي چوڻ لڳي ته ڪرپا ڪري ڪجهه وقت رهي نام جي ورکا ڪريو.
مهاراجن کين چيو ته اسان کي عظمت جي ڳوٺ ۾ شاديءَ تي وڃڻو آهي. مونکي داڻو پاڻي هوندو ته اچي رهنداسون.
تاريخ ٦ ويساک، سنبت ١٩٧٧ صبوح جو ١١ بجي عظمت جي ڳوٺ ۾ پهتا. شهر جا پنچ پريمي اڳيان ئي ڍهل شرنايون وٺي، گلن جا هار کڻي، شهر جي ٻاهران بيٺا هئا. ستگرو مهاراجن کي گلن جا هار پائي ڍهل دمامن سان ڀائي گوبندرام جي اوطاق تي وٺي اچي هڪ سينگاريل آسڻ تي وهاريائون. پرساد پيٺا رکي هٿ جوڙي، خبرون چارون وٺڻ لڳا. سوامي جن چيو خبرون سڀ سک جون آهن. انترجامي ڀڳوان جتي ڪٿي آنند منگل ڪيا آهن. سيٺيئي هڪ ابداسي گهر جا آهيون. پنهنجي اڇا ۽ ڪرمن جي ڪري توهان هتي سکر ضلع ۾ ۽ اسان حيدرآباد ضلع جي ڪنڊيءَ ۾ جنم ورتو. هتي ڀائي گوبند رام پنهنجي ڀائرن جي شاديءَ تي وٺي آيو آهي. رات سکر ۾ هئاسون هيئنر هتي اوهان پريمين کي ڏسي خوش ٿيا آهيون. پر وڌيڪ خوش تڏهن ٿينداسون، جڏهن اصلي گهر ۾ هلي هڪ ٻئي کي گڏجون. وڌيڪ خبرون توهان کي ستسنگ ۾ ئي ٻڌائينداسون. هاڻي توهان پنهنجون خبرون ٻڌايو.
تنهنتي مکيراجلداس هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته هي پريو

۽ کي ٻيا شش ٿيا. آخر ڀائي گوبندرام جي ڀائرن جي شادي ٿي ويئي. ڳڙهي عادو شاه جي مکي آنندرام ۽ چڪ جي ڀائي جشن مل ڀائي چوئٿرام ستگرو مهاراجن کي پنهنجي ڳوٺ چرڻ گهمائڻ لاءِ وينتي ڪئي جا سوامي جن سويڪار ڪئي.

ٻئي ڏينهن صبوح جو ستگرو مهاراجن سيني کان موڪلائي ڳڙهي عادو شاه آيا. اتي شام جو درياهه جي ڪناري گهمڻ ويا. ۽ هڪ پهر جي وقت هيٺان وهي ويٺا. اتي ڀائي گوبندرام هٿ جوڙي سوال ڪيو ته هي ڀڳوان! هن سنسار ۾ رهندي پنجن وڪارن کان ڪيئن رهائي پائجي تنهنجو سولو اپاءُ ڪرپا ڪري ٻڌايو؟

تنهنتي مهاراجن هيءُ هيٺيون شبد ٺاهي سيني کي ٻڌايو.

راڳ جوڳ

ٽل- ڪر ڪو ديهه سڌار پيارا، پاڻ وڪارن کان ته ڇڏائي.

١- ڪام جڏهن تو زور لڳائي، شرم ڌرم سڀ شان وڃائي
هردم ٿيءُ هوشيار پيارا، جت ست سان تون ڀرتي پائي.

٢- ڪروڌ جڏهن تو جوش جڳائي، جان جگر ۽ جسم جلائي
دل کي ڏي تون ٺار پيارا، ڪميا شانتي صبر ڀرائي.

٣- لوڀ جڏهن تو لائي لوري، ڌن ميڙڻ جي ٿي جيءَ جهوري
سچ جو ڪر وهنوار پيارا، هردي ۾ سنتوش وڌائي.

٤- موهه جڏهن تو من کي منجهائي، ڌيرج ٻل ۽ ٻڌي گنوائي
من مان ڪڍ اندڪار پيارا، برهم گيان جي جوت جڳائي.

٥- گرب جڏهن من واس ڪريتو، ڌرم ڪرم ڪي ناس ڪريتو
ڀاءِ حلميت هار پيارا، ڪهي ٽيئون ايمان مٽائي.

اهو ڀڄن ٻڌائي چيائون ته هي پيارا، هن ڀڄن جي ويچار ڪرڻ ۽ رهڻي رهڻ سان منش جنم جلدي سڌري پوي ٿو ۽ هيءُ جيو وڪارن کان رهائي پائي سگهي ٿو.

ڪهي ٽيئون گر پار ڪرو اب۔
پـو سنت ۾ مئن جات بهي۔

مطلب: جئن ڪانگ جهاز تـي اچي ويهندو آهي ۽ جڏهن جهاز سمنڊ ۾ ٻه چار ميل پري هليو ويندو آهــي، تڏهن خيال ڪندو آهي تہ هاڻي جهاز کي ڇڏي ٻئي هنڌ ويهي رهان. اهو خيال ڪري جڏهن چئن ئي طرفن کان ڦري ڏسندو آهي تہ وڻ جي جاءِ ڪانهي ۽ چوڌاري پاڻي ئي پاڻي آهــي، تڏهن جهاز کي ئي پنهنجو آسرو سمجهندو آهي، تئن ستگرو مهاراجن انترجامي، مون سنسار ساگر ۾ چئني طرفن کان ڦري ڏٺو آهـي تہ ڪٿي بہ سک ڪونهي. جيڏانهن ڪن ٿـو ڏجي تيڏانهن دک جو آواز ٿو ٻڌجي. سو نراس ٿـي توهان جي چرن ڪمول ۾ آهـيو آهيان تہ منهنجو اڌار ڪريــو. چوراسي لک جونين ۾ ڦرندي ڦرندي مون تمام گهڻو دک پاتو آهي. هاڻـي ڏايو ٿڪجي پيو آهيان. مونکي آتم گيان جي جهاز ۾ چاڙهي، هن ڀيانڪ ساگر کان پـار ڪري پنهنجي اصلي آبناسي ديس ۾ پهچايو.

انهيءَ وقت ٻي ڪيترا پرارٿنا جا پد ڳائي بس ڪيائون تہ ڀائي گوبندرام چونڊ لڳو تہ هي پريو، شاديءَ ۾ ڪجهہ رڪاوٽ ۽ ڪٿ ڦٽ ٿي پيئي آهــي. ڪرپا ڪري پلئہ پايو تہ سک سان ڪارج راس ٿئي. اها ارداس ٻڌي فرمايائون تہ بابا ڪائي چنتا نہ ڪريو. انترجامي پريو سڀني کي سمت ڏيندو ۽ توهانجو ڪارج نروگهنتا سان سمپورڻ ٿيندو. سنگت کي چيائون تہ پلئہ پائي پريوءَ کــي پرارٿنا ڪريو. پلئہ پائي، پرارٿنا ڪرائــي ستسنگ سماپت ڪيائون.

اهڙيءَ طرح هر روز رات جو ستسنگ ڪندا هئا. ٻُڍي عادو شاهہ، چوڪ، ڪساهي ۽ ٻين ڪيترن ڳوٺن جي خلق مهاراجن جو جس ۽ ڪيرتي ٻڌي، درشن لاءِ ايندي هئي. ماستر ڪيشوداس

٢- موهه ممت مٽر نا ڇڏيئه - ڪام ڪروڌ اهنڪار
ڪرڻ لڳين نت ٻچر ٻرائي - نا انتي توهه ڏڪار
٣- وڏا ڀارو ڀي جنهن لئه آئين - سو نه ڪيئه واپار
ڌرم راءِ اڳ ڪين ڇڏيندءِ - ٻُرو ڪندءِ آچار
٤- من جي مس ڪر سر تي ليکڻ - ٿيءَ لون لکٽي هار
ڪهي ٽيڻون لکه نام اڙ - ٻائين موکيه دئار

ان ٻچن جو ارٿ ڪندي ٽن پرڪارن جي ٻڌين جو بيان ڪيائون. چيائون ته ستسنگ ۾ جيڪي ماڻهو اچن ٿا، تن جي ٻڌي ٽن پرڪارن جي آهي. (١) نؤدي (٢) موتي (٣) تيلي.

(١) نؤدي ٻڌي: گهوڙي جي ٽل کي نؤد چئبو آهي، جنهن ۾ سٽيءَ سان سوراخ ڪبو ته يڪدم پورجي ويندو. تن ڪنشٽين جي نؤدي ٻڌي آهي. هڪ ڪن کان ٻڌن ۽ ٻئي ڪن کان ڪڍي ڇڏين. نؤد وانگر هنن کي ڪوبه اثر ڪونه ٿيندو آهي.

(٢) موتي ٻڌي: ڪن جي ٻڌي موتيءَ وانگر ٿيندي آهي جئن موتيءَ ۾ جيترو سوراخ ڪبو اوترو ئي سوراخ ظاهر ٿيندو. تئن جيترو سنت مهاتمائون اپديش ڪندا اوترو ئي کين ياد ٿيندو.

(٣) ٽين منش جي ٻڌي تيل وانگر آهي. جئن تيل جو ڦڙو پاڻيءَ ۾ ڇڏبو آهي ته پکڙجي رنگ رنگ ٿي چمڪندو آهي تئن اهي سار اپديش ياد ڪري انهيءَ ويچار سان وستار ڪري وڌائي وڃي آتما جو ساڪيات ڪار ڪندا آهن.

وهنوار خواهه پرمارٿ جو گيان ٻڌيءَ جي ڪري ٿئي ٿو. انهيءَ ڪري سدائين ٻڌيءَ کي اتم ۽ پوتر ڪندو رهجي. ٻڌي اتم ۽ پوتر ڪئن ٿيندي، تنهن لاءِ هي چار اپاءَ آهن. ١- شڌ ساتوڪي آهار ٢- ستسنگ ٣- ست شاستر چنتن ۽ ٤- نام جو ابياس ڪرڻ سان ٻڌي اتم ۽ شڌ ٿئي ٿي. اهڙي طرح جي

سلوڪ - موهه مها دک روپ هئه، تانکو ديئو ٽکار،
پريت جڳت ڪي ڇاڏڪي، آپنا ڪرو اُڌار.

مطلب: سنساري پدارٿن جي پريت وڏي دک ڏيڻ واري آهي. تنهنڪري تياڳي پنهنجو اُڌار ڪريو. پر جئن سنت سمجهائين ٿا تئن اگياني پاڻ وڏيڪ موهه روپي گهري انڌيري ۾ اڳتي وڃي رهيا آهن.

ڇند - ري من سڀ ڪا موهه تياڳو، موهه مها وڪرالا هئه،
موهه ڪٽنب سي ڪيئا جسني، موهه تسڪو گهالا هئه،
آرجن جئسي وير بهادر، ڦسي موهه ڪي جالا هئه،
ڪهي ٽيئُون جو موهه تياگي، سو جن رهت سکالا هئه.

اُنهيءَ موهه رُوپي اونده کي ناس ڪرڻ واسطي هڪ آتم گيان روپي هي بتيءَ جو پرڪاش ڪپي. سو آتم گيا برهم نيشٺي، برهم سروتري، ديهه ڌاري پورن ستگروءَ جي دوارا ئي ملندو آهي. اُنهيءَ گيان جي پرڪاش ڪري موه روپي اونده دور ٿي ويندي. تنهن ڪانپوءِ جڳياسو نرڀئه ٿي آتم سک کي پائيندو. اِنهيءَ موه روپي اونده جي ڪٽڻ واسطي بس اهوئي ساڌن آهي. شام جو منڊليءَ سميت موٽي جاءِ تي آيا. رات جو ستسنگ ۾ هيٺيون ڀڄن چيائون.

راڳ ٽوڙي

ٽل - ڪتا من ڪوڻ ڪيئه ويچار

اوچل ديهي اُئين گدوائه - بدا ڀڄن ڪرتار

١- ڪتا هريءَ جي آهي جڳ ۾ - سڀ ڪرمن ڪان سار
سڀٽي سڀٽي نا سمجهه پرائه - جنم ڪيئه بيڪار

٢- ٻاهر نڪسي ٿانهه ٻارا - موهه ليٽا ٿجهه مايا ري
٣- پانچ تتؤ ڪي ديهه ديکڪي - نج سو روپ ڀلايا ري
٤- ڪهي ٽيئون هر پڇن ٻنا ٿون - ڀم ڪي هات ٻڪايا ري

سلوڪ- گانٺ هوءِ سو هاٿ ڪر، هاٿ هوءِ سو دي،
آگي هاٿ نه باڙيا، ليڻا هئي سو لي.

مطلب: توکي ڳنڍ ۾ جيڪو پيسو هجي، سو ڪڍي هٿ ۾ ڪر، جي هٿ ۾ هجي ته اوڏيءَ مهل پرڀوءَ جي نالي ۾ دان ڪر، ڇو جو پرلوڪ جي مارگ ۾ ٻيو ڪوبه سهائتا ڪرڻ وارو ڪونه آهي ۽ نڪو ڪو دوڪان آهي، جتان تون خريداري ڪندين. انهيءَ ڪري سڀني جيون کي پرلوڪ جو سمر ناهڻ گهرجي.

سلوڪ- وکر سو وهاءِ، جو پئي پراڙو نه ٿئي
ويچيندي ولايت ۾، ذرو ٿئي نه ذايع
ساڪا هر هلاءِ، اڳهه جنهن جي اُڀهين.

مطلب: اهڙو ڪو گيان ڀڳتيءَ جو وکر ڪر، جو نه پراڻو ٿئي ۽ نه ئي جنهن مان گهاٽو به پوي، بعدي ڏيندي وٺندي جنهن مان ڪوبه نقصان نه پوي ۽ جنهن جي آسري تون پرلوڪ ۾ وڃي سک پائين. هيءُ مانش چولو پرلوڪ جي ناهڻ واسطي اسي مليو آهي، نه بگاڙڻ واسطي. چوراسي لک جوڻين ۾ هيءُ جيو ڪجهه به ڀلائي نه سگهندو. انهيءَ وشي تي ڪيترا پڇن ارت سهت پڌائي ستنام ساکيءَ جي ڌني لڳائي ستسنگ سماپت ڪيائون.

ٻئي ڏينهن شام جو ڪاهيءَ جي ڳوٺ جو پاڻي وانورام ڪاهيءَ جي پئنچن طرفان سوامي جن کي ڪاهيءَ ۾ چرڻن گهمائڻ واسطي اچي نڪتو. سوامي جن کي وينتي ڪيائين. سوامي جن ڪيس چيو ته پيارا اسان کي هتي اچا شايد هفتو ڪن لڳي ويندو. الي پاڻي جشن رام چيو ته سائين، پندرهن ڏينهن ته اوهانجي

وياکيان ڪندي مٿيون ٻچن ارٿ سهت ڇپائي ستسنگ سماپت ڪيائون.

اُتان ڏهرن جي ڳوٺ ۾ سيٺ پرچومل وٽ آيا. اُتي ٥ ڏينهن رهي ٻچن ڪيرتن جو ڏاڍو آنند ڪيائون. هڪ ڏينهن ستسنگ وچ ۾ سيٺ پرچومل اٿي ستگرو مهاراجن کي پرارٿنا ڪئي ته ڀڳوان! توهان هرتا ڪرتا ڄاڻي ڄاڻڻهار آهيو. هن داس کي سنتان ڪانهي. سو ديا ڪري منهنجي جهول ڀريو. سوامي جن ستسنگ ۾ ٻلڪ پاتو. سيٺ کي ١٢ مهني پٽ ڄائو جنهن جو نالو طوطلداس رکيو ويو. اُتان ڀائي چوئٿرام ڀائي لهرومل مکي، ڀائي جشن رام آدي ستسنگي ستگرو مهاراجن کي پرارٿنا ڪري چڪ وٺي ويا.

واهه جو ستسنگ ٿيو. ست ڪرم جي وارتا هلي، چيائون ته هيءُ منش چولو پربوءَ جي ٻچن لاءِ ئي مليو آهي. ڀڳوان جي ٻچن ۽ ست ڪرم ڪانسواءِ هن جو ڪوبه سنگي ڪونهي. ڪٽنب پرِوار سڀ جيو کي وچ ۾ ڇڏي ويندا. انهن ڇپڻي هينيون ٻچن شروع ڪيائون.

راڳ تلنگ

ٽل- ديس ڇوڙ پرديس ۾ آئي - ساچا وڻج وهاڻا ري
١- اُوٺ مسافر! جاڳو جلدي - نيند نه ڪرنا دانا ري
٢- اس جڳ ڪي بازار منجهاري - ستسنگ ڪلا دڪانا ري
٣- سنتجنان ڪي سيوا ڪرڪي - هر ڪا درشن پانا ري
٤- ڪهي ٽيئون ستگر پرسادي - پائو پد نرباڻا ري

راڳ ڪامول

ٽل- منش ڪاهي ڪو تو آيا ري
جڳ ۾ جسني جنم ديا هئ - تسڪو ناهه ڏيايا ري
١- مات گرڀ ۾ اُلٽي ٽنگي جب هر سي بول بڌايا ري

نه ٽٽي. ٽي ڪال: پهريون ڀوت، ٻيو ڀوشيه، ٽيون ورتمان. پهريون ڀوت، جو وقت گذري ويو. ٻيو ڀوشيه، جو وقت سڀاڻي ايندو. ٽيون ورتمان، جو هينئر هلي پيو. انهن ٽنهي ڪالن ۾ جنهن جو ناس نٿو ٿئي، سو ست آهي. ٻيو آتما چت سروپ آهي. يعني پرڪاش روپ آهي، انهيءَ ست ۽ پرڪاش روپ جي آڌار تي ئي سرير، اسٿول، سوڪشم ۽ ڪارڻ، اسٿت ٿي اندر ٻاهر، سارو وهنوار ڪري رهيا آهن. ست ۽ پرڪاش جي ڪري سارو برهمنڊ، چندرما، سورج، آد، چمڪي، سوڀيا پائي رهيا آهن. جنهن امر آنند جي ڪري سڀني پدارٿن مان آنند اچي ٿو. هڪ انهيءَ ست وستوءَ ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن به پدارٿ ۾ آنند ڪونهي. سنسار ۾ پٽ جهڙو ٻيو ڪو به پدارٿ پيارو ڪونهي. پٽ مان ڏاڍو آنند اچي ٿو، پر پٽ ۾ آنند اصل ڪونهي. اٿي هڪ درشٽانت ڏنائون.

درشٽانت: ڪنهن سيٺ جو پٽ ولايت ۾ وڃي پڙهي ٿو. ڏهه سال پڙهي وڏو امتحان پاس ڪري پنهنجي ماتا پتا کي چٺي لکي ٿو ته مان هاڻي پڙهي پاس ٿيو آهيان فلاڻي تاريخ ٦ بجه صبح جو، هوائي جهاز ۾ هتان روانو ٿيندس. وات تي گهمندو، ڦرندو فلاڻي رات جو ١٢ بجه واريءَ گاڏيءَ ۾ پهچندس. پٽ جي اچڻ جو پڙهي، سيٺ خوش ٿي پنهنجي استريءَ کي وڃي ٻڌايو. هر هر چٺي پڙهي، خوشيءَ ۾ نه پيا ماپن. مٽن مائٽن کي پيا ٻڌائين. هڪ هڪ ڏينهن پيا ڳڻين. پر هنن واسطي اهي ڏينهن به سال ٻڻجي پون ٿا. آخر اهو ڀاڳيءَ جو ڏينهن به اچي ٿو. انهن به پٽ جي خوشيءَ ۾، اهو ڏينهن به سندن لاءِ وڏو ٿي پوي ٿو. سنسار جو ڪم ڪار ڇڏجي ٿو وڃين. ڪنهن به پدارٿ مان آنند نٿو اچين؛ سڄو چت پٽ ۾ لڳي ويو اٿن. گهڙيال پيا ڏسن، ڪلاڪ پيا ڳڻين. ڳڻيندي ڳڻيندي، رات جا ڏهه اچي ٿا وڄن، استري سيٺ کي چوي ٿي، رسوئي کائي، سنڀري، موٽر

رسوئي پريمين وٽ آهي. سو ڀڳت وانورام کي اڄا ڪو ڏينهن مقرر ڪري نه ڏجو. ٻه ٽي ڏينهن پلي هتي ترسي، هن جو پڇڻ نه ٻڌو. ڏاڍو سرهو ڏکائيندڙ آهي.

مهاراجن چيو ته چت روپي ٻالڪ کي خوش ڪرڻ لاءِ سنسار ۾ چار جڳهيون آهن: (١) درياهه جو ڪنارو (٢) سندر باغيچو (٣) سرسبز پهاڙ (۴) ستسنگ.

(١) درياهه جي ڪناري تي اچي ويهبو يا گهمبو ته به چت پرسن ٿيندو.

(٢) سندر باغيچي ۾ وڃي گهمبو ته به چت قلواڙيءَ کي ڏسي خوش ٿيندو آهي.

(٣) پهاڙ تي چڙهي هيٺيون نظارو يا مٿيون نظارو ڏسي چت خوش ٿيندو آهي.

(۴) سنت پرشن ۽ مهاتمائن جي ستسنگ ٻڌڻ سان به چت پرسن ٿيندو آهي.

پرنتو جيستائين درياهه جو ڪنارو يا باغيچي يا پهاڙ تي پيو گهمبو، تيستائين چت خوش رهندو. پر جيڪي سنتن مهاتمائن جي ستسنگ ۾ وڃي پريم رُوپي پينگهي ۾ چت رُوپي ٻالڪ کي وهاري لوڏين ٿا ۽ رام نام رُوپي کير پياري، چت رُوپي ٻالڪ کي ويدانت جي وچن رُوپي لانڍڪن سان شانت ڪرائين ٿا، تن جو چت، آتم گيان پائي پنهنجي سروپ ۾ لنو لين ٿي سدائين آنند جي هندوري ۾ لڏندو رهي ٿو. جهنگل مان موٽي آيا. ٨ بجي رات جو ستسنگ شروع ٿيو. ڀورل ڀڳت وانورام پنهنجي پڇڻ سان سنگت کي موهي وڌو. ستگرو مهاراجن پوءِ ستسنگ ڪيو. هي جيو ست چت آنند سروُپ آهي. اهي ٽيئي سروپ هن جيو آتما ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ڀورلين ست آهي. ست انهيءَ وستوءَ کي چئجي ٿو جو ٽنهي ڪالن ۾ ڪڏهن سان به ناس

پلجي پيو آهي. وري مهاتمائن جي ستسنگ ۾، ست شاسترن جا ويدانت وچن سڻي، ستگرن جي ڪرپا سان، آتم گيان پائي، پنهنجي سروپ کي سڃاڻي سنسار ۾ جيون مڪت ٿي رهي ٿو. انهيءَ وشيه تي ڀڄن ڳائي سنگت جي اندر مها آنند ڇانئجي ڇڏيائون. ستسنگ جي سماپتيءَ وقت ڀائي جشن رام عرض ڪيو ته سنگت جي مرضي آهي ته صبح جو ٧ کان ٩ بجي تائين به ستسنگ ٿئي. ستگرو مهاراج سندن وينتي سويڪار ڪئي.

صبح جو ٧ بجي ستسنگ شروع ٿيو. پهريائين ڀڳت وانورام ۽ ڀڳت چوئٿرام گڏجي موج مڃائي، جنهن کانپوءِ ساڍي ٩ بجي تائين سوامي جن ستسنگ ڪيو.

ڀڳت وانورام جو ڪاهيءَ واپس ڪونه ويو، سو اُنان جا ڀائي گوبندرام ۽ ڀائي سومن رام اچي نڪتا ۽ سوامي جن کي چرڻن گهمائڻ لاءِ پنڇاتي طرفان پڌ وڌائون. چڪ جي پريمين سوامي جن کي ڇڏڻ جي نه ڪئي ۽ چيائون ته، اچا مهينو ڪن نه وڃو. پر ستگرو مهاراج چڪ جي پريمين کي چيو ته ابا، ٻلي ڪاهيءَ جي پريمين جو چت به خوش ڪريو. توهان وٽ ١٥ ڏينهن ڪن رهنداسون. ڪاهيءَ جي پريمين چيو ڇڱو سائين اسين وڃون ٿا: ڀڳت وانورام لاءِ آهي. اُنهيءَ کي پروگرام ٺاهي ڏيو ته پوءِ اسان وٺڻ اينداسون شام جو ۴ بجي سپيٽي ساڻ ۽ ڪيترا ٻاهر جا مهمان ستگرو مهاراج سان گڏجي سنت گنگارام جي آستان تي ويا. سنت گنگارام سڀني جو پريم سهت آدر ستڪار ڪيو ۽ چيائين ته اوهان جو درشن پائي مونکي ڏاڍي خوشي ٿي آهي. دستور انوسار هڪ ٻئي کي حال احوال ڏنائون ورتائون. پوءِ سنت گنگارام به ڀڄن ڳايا ۽ اڌ ڪلاڪ ڪن ستسنگ ڪيائين.

سوامي جن به ستسنگ ڪيو ۽ پنهنجا منتر گيت ٻڌايائون. سنت گنگارام کان موڪلائي، ڀائي چانڊورام جي آستان تي آيا. سنت

ڪاهي اسٽيشن تي وڃي، ڇوڪري کي وٺي اچو. تنهن تي سيٺ چيس ته ڇوڪري کي اسٽيشن تان وٺي اچان، ته پوءِ گڏجي پٽ سان کائينداس. اڄ مونکي ٻک ڪانه لڳي آهي. تون ڀلي کاءُ. استريءَ چيو، مونکي به ٻک ڪانه لڳي آهي. سيٺيءَ گڏجي کائينداسون. جو ٻک ڪانه لڳي اٿن، جو پٽ جي پياس ۾ پيٽ ڀرجي ويو اٿن. ٻک، هڪڙي پٽ جي درشن جي اٿن. آخر ١١ ٻجه موٽر ڪاهي سيٺ اسٽيشن تي وڃي ٿو. پليٽ فارم تي، واچ هٿ ۾ جهلي، وقت ۽ گاڏيءَ کي ڏسي رهيو آهي. انهيءَ وقت هڪ منٽ به مهيني سمان پيو سمجهي. گاڏيءَ جي اچڻ جي گهنٽي لڳي ٿي، سگنل لهي ٿو، پر سيٺ کي سنسار ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي؛ هڪ گاڏي ڏسڻ ۾ اچيس ٿي، دل ۾ آنند جي لهر اٿيس ٿي. گاڏي اچي اسٽيشن تي بيهي ٿي پٽ کي گاڏيءَ مان لهندو ڏسي، پٽ ڏي وڃي ٿو. دل آنند سان ڀرپور ٿي وڃيس ٿي. وري جنهن وقت پٽ کي ڀرانري پائي ملي ٿو، تنهن وقت دل ۾ آنند ماپي نٿو سگهيس. اڇل کائي، پاڻيءَ جي روپ ۾ اکين مان ٻاهر نڪري ٿو، ڪنٺ روڪجي وڃيس ٿو ۽ وار ڪانڊارجي وڃنس ٿا. بس، انهيءَ وقت جي آنند کي، فقط سيٺ ئي ڄاڻي ٿو. پٽ کي ٻانهن سان موٽر ۾ چاڙهي گهر وٺي اچي ٿو. رسوئي کائي سمهي پون ٿا. صبح جو اهو آنند گهٽجڻ لڳو. اٺن ڏينهن ڪانپوءِ، سيٺ کي پٽ مان اهو آنند نٿو اچي. آخر مهيني کن ڪانپوءِ، هنجو پٽ اهڙو ڪو ڪم ٿو ڪري جو سيٺ ڪاوڙ ۾ اچي پٽ کي چوي ٿو ته، هي مورک، لوهيءَ چا ڪيو. اهڙيءَ طرح گهٽ وڌ ۽ ڪڙا وچن پٽ کي ڳالهائي ٿو. جي پٽ ۾ آنند هجيس ها، ته سدائين اسٽيشن وارو آنند اچڻ گهرجيس ها.

انهيءَ مان ثابت ٿئي ٿو ته پٽ ۾ آنند ڪونهي. اهو آنند هن جيو جو سروپ آهي، پر ڀلجي ست چت آنند سروپ کان

۱- ڪرڻ جيو هنسا، آهي پاپ ڀاري،
گلي ڪنهن جي ڪاٽي، وهائڻ نه گهرجي.
۲- ڪانڊ ماس وارو، نرڪ ۾ وڃي سو،
وڃي نرڪ ۾ جيءَ جلائڻ نه گهرجي.
۳- ٻڪرڻ ماس وارو، پسون آهه جڳ ۾،
منش تن پسن جيئن ٻڻائڻ نه گهرجي.
۴- کهي ٽيڻون ڪوڙي، گرنٿ سنت چون ٿا،
ڪڏهن جيو ڪنهن کي، ستائڻ نه گهرجي.

مکي ڀيرومل اٿي چيو ته صبح جو پڌڃاتي هوڪو ساري شهر ۾ ڏياريو ته جيسين سنت نگريءَ ۾ آهن، تيسين ڪوبه مڇي ماس نه کائي. تنهن ڪانپوءِ ستنام ساکيءَ جي ڌني لڳائي، هڪ بجي ستسنگ سماپت ڪيائون.

اهڙيءَ طرح هر روز صبوح جو ۷ کان ۹ بجي تائين ۽ رات جو ۸ کان ۱۲ بجي تائين ستسنگ ٿيندو رهيو. ڏينهان ڏينهن شهر جو پريم وڌندو ويو ۽ ٻاهران به ڏهن ٻارهن ميلن جي مفاصلي تي خلق ايندي هئي. شهر جا ڪيترا پريمي ستگرو مهاراجن جا شش ٿيا جن ۾ ڀائي ٽانورداس، ڀائي جشنرام ڀائي ڀهلوُرام، ڀائي پريتمداس، موهنداس به هئا. شهر وارن جي اَتي پريم جي ڪري مهاراجن ۲۰-۲۱ ڏينهن چڪ ۾ رهيا. تنهن ڪانپوءِ ڪاهيءَ جا پڌڃي ڪين وٺڻ آيا. شام جو ۴ بجي پڇن ڳائيندا شهر مان روانا ٿيا. ساري شهر جي خلق مهاراجن جي پٺيان هلڻ لڳي. چوئنٿ ٻال چير جامو ڀائي اڳيان نچندو هليو. سيٺ نوتنداس رستم واري جي ڀائٽي، ڀائي آوترام کي ته اهڙو اڇي ٻره لڳو جو بازار مان ڪانيون، کاڏا، ٻڪين جا کنڀ ٽڪي ۾ وجهي، چوئنٿ ٻال سان گڏ نچڻ لڳو. سيٺ آوترام کي نچندو ڏسي ماڻهو حيران ٿي ويا ۽ هڪ ٻئي کي چوڻ لڳا ته سيٺ آوترام کي ڇا

چانڊورام، مهاراج کي ڏسي، ڏاڍو خوش ٿيو. اُنسي به سنت چانڊورام جي پريرنا تي، سيني ساڌن سان ملي، هڪڙو ڏينهن گذاريائون. اُتان موڪلائي آيا، چوئٿ ڀال جي آستان تي. چوئٿ ڀال ستگرو مهاراج کي آسڻ تي ويهاري، جامو پائي، پير ڌوئي وڏي پريم مڃهان، سنتن جي مهمانا ٻه ڏينهن گذاريا. تنهن کانپوءِ چوئٿ ڀال کي وٺي، سڌو ستسنگ جي ماڙيءَ ۾ آچي، ستسنگ شروع ڪرايائون. ست ڪرم جي وارتا هلي پيائون. منش کي سدائين ست ڪرم ڪرڻ گهرجن، جي ڪرم ٻن پرڪارن جا آهن:

١- سڪام ٢- نشڪام - پهريون سڪام ڪرم، يعني ڦل جي اِڇا رکي ڪرم ڪرڻ. ٻيو نشڪام ڪرم، اُن جو ڦل آهي، انتش ڪرڻ جي شڌي. سيني جيون کي پنهنجي انتهڪرڻ جي شڌيءَ واسطي نشڪام ڪرم ڪرڻ گهرجن.

آهار ۽ وهنوار شڌ ڪرڻ گهرجي. تمي گڻ آهار يعني مڇي ماس آدي کائڻ ڪري اَنتش ڪرڻ ملين ٿئي ٿو. انهيءَ ڪري شڌ آهار ڪرڻ گهرجي. ڪنهن به جيو کي بنا ڪارڻ ڏک نه ڏجي. سنگت کي پريرڻا ڪيائون ته ماس مڇيءَ کان ڪنارو ڪندا ته ڀڳوان اوهان کي اوهان جا اڳيان پاپ به بخشيندو. ڪن ٿورن مائهن هٿ مٿي ڪڍي وچن ڏنو ته ماس مڇي نه ورتائيندا سون. سوامي جن انهن کي ڌنيواد ڏنو. وري سنگت کي چيائون ته جي سدائين لاءِ مڇي ماس ڇڏي سگهو ته جيستائين توهان جي نگريءَ ۾ آهيون، تيستائين پاسو ڪريو ۽ پوتر ٿي، ستسنگ ۾ اچي پوتر ڀڳوان سان ملو. اها ڳالهه سڀني قبول ڪئي. ستگرو مهاراجن هي وچن چيو.

راڳ پهاڙي

ٽل - منش کي ڪڏهن ماس کائڻ نه گهرجي،
اَشڌ کاڄ ۾ دل، لڳائڻ نه گهرجي.

گهبرائجي مهاراجن کي آهستي چوڻ لڳا ته سائين رسوئي ته
١٠٠-١٢٥ کن ڄڻن لاءِ تيار ڪئي اٿئون، پر مهمان ته ٤٠٠-٥٠٠
ڏسڻ ۾ اچن ٿا. هن وقت ٻي رسوئي به مشڪل تيار ٿي سگهندي.
تنهن ڪري ڇڻ آگيا ڏيو ته ڇا ڪريون. اهو ٻڌي مهاراجن اُتي
ڀنڊاري جي جاءِ تي آيا. شيواڌارين کي چيائون ته ابا، جلدي
ونو ملي پاٽيءَ جو پري اچو. ٻئي ديگيون ڇنڊائي تن تي
ڇڏايو ۽ هڪ ننڍين يا ڌوتل چادر ڪٽي اچو.

شيواڌارين حڪم جي پيروي ڪئي. مهاراجن ستنام ساکي
ٻئي پاٽيءَ جو ڇنڊو هڻي چانورن مٿان چادر وڌي، چاڙهو هٿ
ڪٽي، ستنام ساکي چئي، چانورن جي ٻالٽي ڀرائون. چاڙهو
سوهن رام کي ڏيئي چيائون ته ابا، تون هاڻي ڏال پر ستنام
ساکي چوندا ڪيندا وڃو ۽ شيواڌاري کارائيندا وڃن. ايترو چئي
ستگرو مهاراجن اچي سنگت ۾ ويٺا. پوءِ ورتاءُ شروع ٿيو.
چئي سات مهمان رسوئي کائي اٿيا. تنهن کانپوءِ ستگرو مهاراجن
ڀنڊاري واريءَ جاءِ تي اچي ڀائي سوهن رام کان پڇڻ لڳا ته ابا
ڀنڊارو ڪيئن آهي؟ ڀائي سوهن رام هٿ جوڙي چيو ته هي
ابا گهڻو ئي پيو آهي؟ مهاراجن چيس ته توهان ۽ سڀئي
شيواڌاري کائين پوءِ جيڪي بچيو سو ٻاهر فقيرن ۾ ورهائي
ڇڏيو. ستگرو مهاراجن پوءِ وڃي آرامي ٿيا.

صبوح جو ٧ بجه ستسنگ منڊپ ۾ آيا. مکي ڀيرومل
جي جن کي وينتي ڪئي ته ٻن سلوڪن جو ارٿ ورنن ڪري
ڏيو. سوامي جن سندن وينتي سويڪار ڪري، سلوڪن پڙهڻ
چيو. مکي ڀيرومل هيٺيان ٻه سلوڪ پڙهيا.

ڪ- ٻانيڻ چاڻو ٻار، نِپُوسنڪ جي نار ڪيِ،
جنهنجو رنگ نه روپ ڪو، نڪو انگ آڪار،

ٿي ويو آهي، جو پنهنجو سڀ شان مان ڀلائي، سائن جي اڳيان نچندو پيو هلي. خبر ناهي ته سائن جي پيرن ۽ ڏنڊن جي گهنگهرن ۾ اهڙو ڪهڙو پريم جو جادو ڀريل آهي جو اسانجي دل به ائين پئي چاهي ته جيڪر سنتن جي پٺيان هليا وڃون.

اهڙيءَ طرح چڪ جا پريمي، پريم ۾ گد گد ٿيندا مهاراج سان گڏ شهر کان ڳچو ٻاهر تائين ويا.

مهاراج پوءِ سڀني کي چيو هاڻي توهان موٽي وڃو. اسين پنڌ سڀر ڪندا، ڪاهيءَ ۾ وينداسون. توهان سانجهيءَ جو ستسنگ ۾ اچجو. پريمين مهاراج کان موڪلايو.

آوترام ۽ ڪيترا ڇوڪرا مهاراج جي پٺيان هلڻ لڳا، آوترام جي ڪاڪي نوتنداس رستم واري مهاراج کي چيو ته آوترام توهان جي پريم ۾ مست ٿي ويو آهي. سو ڀلي توهان سان گڏجي ڪاهيءَ تائين هلي- پر پوءِ نه ورڻي وڃجوس. هن ٻچي تي ڪرپا ڪري ڪيس سمت ڏجوس. ٻيا ٿورا ڇوڪرا به مهاراج سان ويا.

سوامي جن جي سواگت لاءِ ڪاهيءَ جا پنچ اڳيئي ٻاهر بيٺا هئا. سواميجن کي ڌهلن، شرنائين سان وٺي ويا. پيرن پاءُ ڪندا بزار مان لنگهيا. ڇوٽٽ ٻال ۽ آوترام به نچندا هليا. شهر جي وچ ۾ آيا ته آوترام کي نچندو ڏسي ماڻهو حيران ٿي ويا. چوڻ لڳا ته ههڙو سيٺ جو ڪنهن ساڌ کي پيري نــه پوي. سو ڪيئن پنهنجي ساهراڻي ڳوٺ ۾ پيو نچي! آوترام جي ساهرن ڪيس نچندو ڏسي شرم کان ڪنڌ ڪڍي هيٺ ڪيو. اهڙيءَ طرح پيرن جي موج ڪندا دربار ۾ آيا جتي سندن رهڻ جو بندوبست ڪيو ويو هو. رات جو نيم انوسار ستسنگ ڪيائون جو رات جو هڪ بجي پورو ٿيو. پوءِ ستگرو مهاراج ساڌ ۽ مهمان رسوئيءَ لاءِ ڀنڊاري جي جاءِ تي ويا. اُتي ڀائي وانورام ۽ ڀائي سوڀن رام

اڇي ويٺا. ڀائي هرڀارام ڪٽ وڇائي مهاراج کي وهاريو. ٻيا ساڌ ۽ پريمي ٽڏن تي ويٺا. اُتي مهاراج جيرامداس پرشن ڪيو ته ست شاستر چون ٿا ته ڀڳوان هن منش جي اندر آهي. سو ڪهڙيءَ جاءِ تي ٻراجمان آهي ۽ اُن جو درشن ڪيئن ٿئي؟

مهاراج اُتر ڏنو:-

ڪوت - ڪوڏو تو ڪهت برهم-
ناڀي ڪي ڪنول مڌير،
ڪوڏو تو ڪهت برهم -
هردي مِ پرڪاش هيءِ،
ڪوڏو تو ڪهت ڪنٺ-
ناسڪا ڪي اگر ڀاڳ،
ڪوڏو تو ڪهت برهم -
ڀرڪٽي مِ واس هيءِ،
ڪوڏو تو ڪهت برهم -
دسمي دوار ٻيچ،
ڪوڏو تو ڪهت ڀونر - غفا مِ نواس هيءِ،
ڀنب برهمنب مِ نرنتر - ٻراجي برهم،
سندر اکنب جڳسي - وياپڪ آڪاس هيءِ.

مطلب: ڪي چون ٿا ته برهم ناڀيءَ ۾ رهي ٿو. ڪي چون ٿا ته ڀڳوان هردي ۾ ٻراجمان آهي؛ ڪي چون ٿا ڀڳوان ڪنٺ ۾ ويهي ٻولي رهيو آهي. ڪي چون ٿا ته ٻريو ناسڪا جي چوٽيءَ ۾ ويٺو آهي، اُتي درشن ٿيندو. ڪي چون ٿا ته ڀڳوان ترڪٽيءَ ۾ پرڪاش ڪري رهيو آهي، ڪي چون ٿا ته ڀڳوان دسمي دوار ۾ رهي ٿو، ڪي چون ٿا ته ڀڳوان ڀنور غفا ۾ رهي ٿو، ٻر

ڏسي جيو ٺري پيو، تنهنجو دويه ديدار،
ازغيبي اسرار، اچي نه واڻيءَ واچ ۾.

ارٿ: ستگرو مهاراج چيو ته سوامي صاحب جن فرمائين ٿا ته نپوسنڪ آهي برهم، جو برهم نه پرش آهي نه استري. تنهن برهم جي استري آهي برهم آڪار ورتي. تنهن برهم آڪار ورتيءَ کي گيان روپي ٻار ڄائو آهي، جنهن جو رنگ روپ، آڪار ڪونهي. اچرج روپ ديدار ڏسي، هي جيو جو تاپن ۽ ڪليشن ۾ تتو پيو آهي سو ٺري سيتل ٿي پوي ٿو. اهو اهڙو عجيب نرباڻ پد آهي جنهن کي واڻي ڪٿن نٿي ڪري سگهي.

سلوڪ- گهڙو ڀڳو منڊ مڱي، وسيلا ويا،
تنهان پوءِ سڏڙا سهڻيءَ سڻ ميهار جا.

ارٿ: گهڙو آهي سرير جو ايمان. منڊ آهي ممتا، اٿوا استول آڪار ورتي. ايمان جي ناس ٿيڻ سان ممتا مري وڃيٿي ۽ استول ورتي جا ٻاهر مکي آهي سا سوکيم ٿي وڃيٿي. وسيلا يعني دنيا جا لاڳاپا، آسرا سڀئي وڃنٿا. تڏهن ڪانپوءِ سهڻي يعني جگياسو ميهر يعني ستگرو جا ٻڌايل ويدانت جا مهاواڪيه، يٿارٿ واڻي سڻي ٿو، يعني سمجهي سگهي ٿو.

سلوڪن جو ارٿ ٻڌي مکي ڀيرومل ۽ سڀئي ستسنگي ڏاڍو خوش ٿيا.

ستسنگ سماپت ٿيو. مهاراج جاءِ تي آيا. شيواڌارن کين ٻڌايو ته سڀني فقيرن کي ڀڄ ڪرائي ڪارايو ويو ۽ گهر لاءِ به کين ڏنو ويو.

ڀنڊاري واري ڳالهه ساري شهر ۾ بجليءَ وانگر ڦهلجي ويئي. شام جو ساڌن ۽ برهمڻن سان گڏجي، جهنگل جو سير ڪندي ڀائي هزارام جي کوهه تي آيا ۽ ٽاري جي وڻ جي سنڌر ڇانئا هيٺ

مطلب: پسون جيتري ۾ منش جي ڪم اچن ٿا ۽ مٿي
ڪان پوءِ ۾ ڪم اچن ٿا جيئن:

ڪوت - هاٿن ڪي تو دانت سي -
ڪلونا بني پانت پانت،
شيرن ڪي ڪال شو تپي -
من پائي هئن،
مرگهه ڪي ڪال ڪو تو -
اوڙهت هئن يوگي جتي،
ٻڪري ڪي ڪال ٿورا -
پاني پر لائي هئن،
سانڀر ڪي ڪال ڪو تو -
باندت سپاهي لوڪ،
گينڊن ڪي ڪال -
راجا راڻي ڪو سهائي هئن،
ڪهي ڪوي ديارام -
رام ڪي پچن بن،
منش ڪي تو ڪال -
ڪسي ڪام نهي آئي هئن.

مطلب: هاٿين جي هڏن ۽ ڏندن مان چوڙا ۽ ڪيترن
قسمن جا رانديڪا ٺهندا آهن. شينهن جي کل شڪر پڳوان
رشي مني وڇائي وهندا آهن. هرڻن جون کلون ورڪت يوگي،
جتي، بدن تي پائيندا آهن. ٻڪريءَ جي کل مان پکال ٺهندي
آهي. سانبر جي کل مان لشڪر لاءِ پٽا ٺهندا آهن ۽ گينڊي جي

سندر مهاراجن فرمائين ٿا ته جئن آڪاس سڀ هنڌ وياپڪ آهي. تئن ڀڳوان به هر هنڌ وياپڪ آهي. انهن هوندي به ڀڳوان هردي روپي غفا ۾ رهي ٿو. باقي انهيءَ جو درشن ڪيئن ٿيندو، سو ستگرن جي دوارا نام جي اڀياس ڪرڻ ڪري انتش ڪرڻ نرمل يعني اوجل ٿئي ٿو. انهيءَ نرمل ٻڌيءَ ۾ جگياسوءَ کي انيڪ سان ساکيات درشن ٿيندو. مهاراجن جا اهي وچن ٻڌي مهراج جيرامداس ڏاڍو خوش ٿيو. ٽنهنڪانپوءِ سيئي موٽي پنهنجي جاءِ تي آيا.

رات جو ٨ بجي ستسنگ جي منڊپ ۾ مکي ڀيرومل اٿي چيو ته سوامي، اسان جي ڳوٺ جا ڇوڪرا بسنت، پرمانند مرليڌر، گڻيشانند، سنتداس ۽ گوبندرام روز رات جو ٽڪاڻي ۾ ڪٿا کانپوءِ ڏاڍا سٺا ڀڄن ڳائيندا آهن، سو اڄ ڀيرين انهن ڇوڪرن کان ٢-٣ ڀڄن چوارايو. ستگرو مهاراجن جي آگيا پائي سيئي ڇوڪرن گڏجي اڌ ڪلاڪ کن ڏاڍي پريم سان ڀڄن ڳايا. ٽنهن کانپوءِ سوامي گوال لعل، سروآنند ۽ گرمکداس جن ڀڄن جي موج لڳائي ۽ ساري سنگت پريم ۾ جهولڻ لڳي. بعد ۾ مهاراجن ستسنگ شروع ڪيو. جڏهن ڀڄن جي موج ۾ آيا تڏهن ست اپديش جي وارتا هلائي چيائون ته:

سلوڪ- نندرا، ڀوجن، ڀوڳ ڀئہ، پهه پسون پرش سمان
نرن گيان نج اڌڪتا، گيان بنا پشون جان.

مطلب: کائڻ پيئڻ، ننڊ ڪرڻ، ڊپ ڪرڻ ۽ ٻار ٻچا پيدا ڪرڻ، اهي چارئي ساڳيا، پسن ۽ منشن ۾ هڪجهڙا آهن. منش کي ست اُست جو ويچار ۽ آتما جو گيان آهي ته اُتر آهي، نه ته پسن جي سمان آهي. پر اڄڪلهه پيو ڏسڻ ۾ اچي ته گهڻن ماڻهن کان وري به پسون چڱا آهن، جئن چيل آهي ته:

پسون مري دس ڪاج سنواري،
نرو مري نر ڪام نہ آوي.

حال ڏسي سوامي جن دل ۾ ديا آڻي مائيءَ کي ۵ روپيه ڏيئي پاڻ جهنگل هليا ويا. رات جو ستسنگ سماپت ڪري ستگرن کي چيو ته ”سڀاڻي شام جو اسان هوٿن جي ڳوٺ وينداسون.“ اِتي پرڪڻ ۽ عبدوءَ جي پريمين وينتي ڪئي ته اسين پنهنجن جي پاران اوهان کي مدائڻ آيا آهيون. ڪرپا ڪري پنهنجي هلڻ جو پروگرام ٺاهي ڏيو ته وڃي بندوبست ڪريون. جيڪو ڏينهن ڏيو اُن ڏينهن اوهان صاحبن کي وٺڻ اچون. پريمين جي ارداس ٻڌي، مهاراجن ساڌن کان پڇڻ لڳا ته ”بابا! توهانجي ڪهڙي مرضي آهي؟“

ساڌن چيو ته سائين هتان وارن جو پريم ته ڏاڍو سٺو آهي؛ وڏيڪ جيئن اوهان جي مرضي. مهاراجن فيصلو ڏين تنهن کان اڳ ڀائي گوبندرام چيو، داس جي ارداس آهي ته، سکر ضلع ۾ توهان ڀيريون پيرو آيا آهيو؛ وات تي سکر ناٿين سڀني ڳوٺن جا پريمي توهان جي درشن لاءِ پياسي وينا آهن. مونکي چنيون ۽ نياپا پيا موڪلين ته سوامي جن هيڏو ڪٿي آهن؛ وڃها اچن ته اسانکي ٻڌائجو ته اسان مدائڻ اينداسون؛ سو هي ترلوڪي ناٿ! توهان جلدي وڃڻ جي نه ڪريو، اسان جي ملڪ جا ماڻهو، موهه روپي اگيان جي ننڊ ۾ ستل هئا ۽ سنسن پرمن ۾ پليل هئا، تن کي توهان اچي، ننڊ مان جاڳائي سجاڳ ڪيو آهي. توهانجي شڪتيءَ جي خبر ئي هاڻي پيئي اٿن. ڪي پيا چون ته سنت وڏراڳي آهن، جنجي واٽيءَ ۾ شڪتي آهي، ڪي پيا چون ته وسي ڪرڻ منتر پڙهي، ماڻهن کي وس پيا ڪن. وري ڪي پيا چون ته جادوگر آهن، جن جي ڏنڊن جي گهنگهرن ۾ جادو ڀريل آهي. جيڪو سندن پڇن سڻي ٿو، سو پنهنجو گهر ڇڏي، پنيان ڪاهي ٿو پوي. هي ڀڳوان! هتي سنت مهاتمائون ته گهڻيئي پيا اچن! پر توهان جهڙا اِيندي، نرماڻي ۽ نشڪامي ساڌو،

ڪل جا ڪوٽ، وڏا وڏا آفيسر، امير، وزير، راجائُون ٻائيندا آهن. ڪوي ديارام جن چوَن ٿا ته ٻريوءَ جي ٻڄڻ ڪانسواءِ منش جو شرير ڪنهن به ڪم ۾ نٿو اچي انڪري بيڪار آهي، جو جيڏري اٽوا مٽي ڪان ٻوءِ ڪنهن به ڪم نٿو اچي ننهنڪري هن منش کي پرم اُداري، پراُپڪاري ٿيڻ گهرجي. پرم اُداري ڇا کي چئبو آهي؟

اُداري اُن کي ٿو چئجي جو مايا آدي پدارٿن مان پاڻ به سگهه وٺي ۽ ٻين کي به سگهه ڏي. پرم اُداري اهو آهي جو پاڻ کي دک ڏيئي به ٻين کي سگهه ڏي. ان ٻابت کي درشٽانت ڏيئي ۽ ٻڌن چٽي ستسنگ سماپت ڪيائون. ايتري ۾ هوڻن جي پنڃاهت جي ٻاران ڀائي تاراچند هٿ جوڙي پرارٿنا ڪئي ته پريو ڪرپا ڪري اسانجي ڳوٺ پيرا ڀائي نگريءَ کي پوتر ڪريو. ستگرن فرمايو ته ڀلا چڱو. ٽنهن ڪانپوءِ سيٺي روٽي کائي آرامي ٿيا. اهڙيءَ طرح ستگرو مهاراجن صبوح ۽ رات جو ستسنگ ڪندا هئا، ڏينهان ڏينهن شهر جو پريم وڌڻ لڳو. مهراج جيرامداس ۽ سندس پتڻ ڄمنا ٻائي هر روز ستگرن واسطي مکڻ، ڏڌ ۽ جوئر جي روٽي پچائي کڻي ايندا هئا، جي ستگرو مهاراجن پريم سان انگيڪار ڪندا هئا ۽ پريمين کي ورهائي ڏيندا هئا. ڪيترا پريمي ستگرو مهاراجن جا جگياسو ٿيا جن مان ڪن مکيه جگياسين جا نالا هيٺ ڏجن ٿا.

مهراج جيرامداس، ماتا ڄمنا ٻائي، ڀائي گوبندرام ۽ سندس سارو ڪٽنب، ڀائي سومن رام، ڀائي هرياسارام ۽ سندس سارو ڪٽنب، ڀائي لوتارام ۽ ٻيا به ڪيترا شش ٿيا. شهر جو اُٿي پريم ڏسي، ستگرو مهاراجن ٨-٩ ڏينهن ڪاهيءَ ۾ رهيا. هڪ ڏينهن گرو مهاراجن صبح جو اُٿي جهنگل ڏانهن ٿي ويا ته هڪ غريب مائي جيرامداس جي ڏال دربار جي پرسان جنب واٽي بيٺو. اهو

ڇماڻون هٽي، ڪين ٿورائي پنهنجي گهر وڃي ويا. ستگرو مهاراجن ۽ سپيٽي ساٿ، ڀڄن ڪندا هوڻن جي گرن ۾ اچي، ڀائي تاراچند جي اوطاق ۾ براجمان ٿيا. رات جو ستسنگ شروع ڪيائون. ٻاهر جي خلق تمام گهٽي آئل هئي. مهاراجن پريم جي وارتا هلائي، چيائون ته ڀڳوان جي ملڻ جو رستو تمام ڏکيو آهي. هڪڙو پريم ئي آهي جو جلدي پرڀوءَ سان ملائي ٿو. پريميءَ ۽ ويراڳيءَ کي ڪوبه سنسار جي اندر مت مائٽ يا پدارٿ روڪي نٿو سگهي. ڪوبه سنسار جو بندن ان کي ٻڌي نٿو سگهي.

ڇند - پريم ڪي ريت ڪاهون نهين ديست -
ذات نه پات نهين ڪل گارو،
پريم نه نيم ڪاهون نهين ديست -
لاج نه ڪان لگو سڀ کارو،
ليـن پيو هر سون ار انتر -
انو يام رهي متوارو،
سندر ڪوئو اڪ جان سکي يهه -
گوڪل گام ڪو پنٿ ئي نيارو.

مطلب: جنکي پرڀوءَ جو سچو پريم لڳو آهي، انهنکي پنهنجي ذات، ورن، آشرم جو بندن نٿو ٻڌي سگهي؛ لوڪ لڄا، ويد لڄا تنهي کي ٿوڙي اڇتي وڃن ٿا. سنسار جا ماڻهو کئي نندا ڪن، ڪي ساراهه ڪن، پرنتو انهيءَ تي ڪوبه ڌيان نه ڏيندا آهن. نام جي مستيءَ ۾ انهن جي وڃي لولين هوندي آهي. سندر مهراج جي چون ٿا ته پريم جو رستو سنسار کان بلڪل نيارو آهي. جيڪي سنسار جا ماڻهو وشين جي ڀوڳن ۽ مايا ۾ موهيا پيا آهن، سي انهيءَ پريم جي رستي کي ڄاڻي نٿا سگهن. ايترو چئي ستگرو مهاراجن هي ڀڄن شروع ڪيو.

هنن ڪڏهن ڏٺا ئي ڪونه آهن. انڪري داس جي اَرداس آهي ته جيڪي پريمي، وات ٿي سوال وجهن، تن سڀني جي آس پورن ڪندا هلو. مهاراجن پريمين کي چيو "چڱو، اوهان جو ماڻهو، هوئن جي ڳوٺ ۾ ساڌن کي وٺڻ اچي."

اهو ٻڌي سڀئي پريمي خوش ٿيا. تنهن کانپوءِ ساري سنگت ڀاو پرشاد وٺي گهر رواني ٿي. صبح جو ستگرن ٧ کان ٩ تائين ستسنگ ڪيو. مکي ۽ شهر جا پنچ ۽ پريمي ڀيٽائون ۽ ڪپڙو ڪٺي اچي ستگرن جي اڳيان رکيو. ستگرن اهي پيسا ۽ ڪپڙو، ڀائي گوبندرام ۽ ڀائي سومنداس کي ڏيئي چوڻ لڳا ته، اَبا! هي پيسا ۽ ڪپڙو شهر ۾ غريب اَناٿن ۽ وڌوائن کي ورهائي ڏجو. ستگرن کي جيڪي ملندو هو سو غريبن، اَناٿن، وڌوائن ۾ ورهائي ڇڏيندا هئا. تنهن کان پوءِ آرام ڪري شام جو ۴ بجي شهر مان پنڌ ڪندا، شهر کان ٻاهر نڪري، سڀني پريمين کي چوڻ لڳا ته جيڪي اسان سان گڏجي هلڻ سي ڀلي هلن، باقي بيا پنهنجي گهر موٽي وڃن، پنڌ ويجهو آهي.

رات جو سڀئي ستسنگ ۾ اچجو. مرليڌر کان پڇيائون اَبا! توهان هلندا؟ مرليڌر چيو ته "هي پريو! مون رات سپني ۾ ڏٺو ته ستگرو مهاراجن مونکي هلڻ لاءِ چون ٿا. سو مون صبح جو اُٿي پڪو پرڻ ڪيو ته جيتوڻيڪ مان انگريزي پيو پڙهان، تڏهن به جي مهاراجن هلڻ لاءِ چيو ته مان پڙهڻ ڇڏي، ساڻن هميشه لاءِ ويندس ۽ آئين سمجهندس ته منهنجو سپنو سچو ٿيو آهي؛ سو مان هلان ٿو. بسترام، پرمانند، گڻيشانند ۽ سنتداس بينا هئا؛ تن به چيو "سائين! اسان به هلنداسون. بيا ڪيترا ڇوڪرا پڻ مهاراجن سان گڏ هلڻ لڳا. اهتري ۾ ڪن پريميءَ وڃي ڇوڪرن جي مائٽن کي ٻڌايو ته توهان جا ڇوڪرا، ساڌن سان گڏجي پيا وڃن، ڇوڪرن جي مائٽن اچي ٻارن کي پڪڙي،

سمجهي، سڀني جيون جي سک لاءِ دل ۾ سچو ڀاءُ ڌاري. سڀني سان ميلاپ ڪري هلي. ٻيو اندريون ميلاپ يعني جيوُ برهم جو ميلاپ جو ست شاسترن، سنتن جي سنگ ۽ پورن ستگرو جي ملڻ سان ٿيندو آهي. اهي ٻئي ميلاپ هن جيوُ کي سک ڏيڻ وارا آهن. انهيءَ وشيه تي ڪيترا ڀڄن ڳايائون. ستسنگ سماپت ٿيو. روٽي کائي سمهي پيا. صبوح جو ڀائي جوڌارام جي گهر ستسنگ ڪري ٻيرن کاڌائون. اتي به جيڪو ڌن ۽ وستر مليُن سو سڀ غريبن ۽ فقيرن کي ورهائي ڏنائون. تنهن ڪانپوءِ سنڌيري يڪتارا چاڙهي، ڀڄن ڪندا، شهر کان ٻاهر نڪري، سڀني ٻراهمڻن کي آشيرواد ڏيئي پرڪڻ جي ڳوٺ ۾ آيا.

شام جو ٣ بجي مرليڌر اچي، پيرن پئي ونيو. مهاراجن نهاري چوڻ لڳس ته "ڪيئن بابا! خبر ٻڌاءِ ته چوريءَ پڄي آيو آهين ڇا؟ مرليڌر هٿ ٻڌي چوڻ لڳو ته، ڀڳون! ٽيون ڏينهن شام جو اسان سڀني کي مائٽ وات تي ماريندا ڪٽيندا گهر وٺي اچي ٻڌي ڇڏيائون. ستنترام کي ته مائٽن ڪوٺيءَ ۾ بوري ڇڏيو آهي. اڄ منهنجو ڀاءُ روٽي کائي، ڇڪ جي شهر ۾ ويو. تنهنڪانپوءِ مون چاچيءَ کي چيو ته ڀڳوان جي نالي مونکي ڇوڙي ڇڏيو. هاڻي مان ساڌن ڏي ڪونه ويندس. چاچيءَ مونکي ڇوڙي ڇڏيو. مان لوٽو کڻي، ستو هيڏانهن چوريءَ هليو آيو آهيان ۽ هاڻي گهر ڪونه ويندس. ستگرن چيس ته ابا! وڏن جي آڳيا ۾ رهو ۽ پنهنجي گهر ۾ وڃي ڀڳتي ڪيو. ڀائي گوبندرام مهاراجن کي ٻڌايو ته، شهر جي ڀرسان، هڪ مائي ليسوڙيءَ جو آستان آهي، اتي پڻ ٻه - ٽي سنت رهندا آهن. هلو ته جهنگل جو سير به ڪري اچون ۽ سنتن وٽان به گهمي اچون. ستگرن چيو ته چڱو سنيرو ته هلون. سڀئي ساڌ، مهمان ۽ شهر جا ڪيترا ٻراهمڻ، ستگرن سان گڏجي، مائي ليسوڙيءَ جي آستان تي آيا. دربار جي ساڌن ستگرو مهاراجن ۽ سڀني ساڌن ۽

راڳ ڀيرو

ٽل - جنکي نيهن نسنگ ڪيو نيهي -
تنجي لوڪن کي ڪل ڪيهي.
١- مورکه پُونڊ درگنڌ ڇاهن - عاشق پُونرا سڳنڌ اٿائن،
پاڻ ڏنو جن ايهي.
٢- مورکه ٻکهه جتن مڇي چڳن تا -
عاشق آهار ڪن موڙن جا،
سچ کي ڪري سنيهي.
٣- ٻاڪري لعلن مان ڇا ڄاڻن -
سنت جواهري صاف سڃاڻن،
ٽيا سڃاڻي سنجهيئي.
٤- کهي ٽيڏون تن لوڪن ۾ جي -
سورج وانگي ڪين ڇپن سي،
آهن پرگهٽ جي ٿي.

انهيءَ وشد ۾ ڪيترا ئي پُڇن ارٿ سهت ڳائي، ستگرن رات جو ١٢ بجي ستسنگ سماپت ڪيو. ساري سنگت ڀاو پرساد وٺي گهر رواني ٿي. ٻئي ڏينهن صبوح جو ڀائي تاراچند ۽ سمدس سارو ڪٽنب ستگرو مهاراجن کان نام جو اُپديش وٺي شش ٿيا.

رات جو سنت اُپديش جي وارتا هلايائون، چيائون ته هيءُ منش چولو ڀڳوان جي پراپت ڪرڻ لاءِ مليو آهي. ميلاپ ۾ ئي سک آهي. سو ميلاپ ٻن پرڪارن جو آهي. هڪڙو ٻاهر جو ميلاپ، ٻيو اندر جو ميلاپ، ٻاهر جو ميلاپ هي اٿو. اندروني ميلاپ سڀيئي جيو چاهين ٿا پر اُهو ڪري نٿا سگهن، ڇو جو ميلاپ رستي ڪانسواءِ ٿي نه سگهندو. پهرين، ٻاهرئين ميلاپ جو رستو هي آهي ته، جيڪو ميلاپ ڪرڻ چاهي سو اول پنهنجو سوارٿ ڇڏي، مان اَپمان کي نه ڏسي. پاڻ ئي ڀڳوان جو فرض

ويهي. مهاراجن ست اُپديش جي وارتا هلائي، چوڻ لڳا تہ :

چند - پورب کي ڪمائي ڏٺي - پشچم ۾ ٻڌي ڪائي،
آگري کي ڪيپ سو تو - ڪڀي نا چلائيءَ،
دلي کي دلا لون نـي - سودا تو بگاڙ دينا،
پٽيالي کي لوٽني سي - جڳادري نہ پائيءَ،
سنگي اور ساٿي تيري - ذت هي لاهور کهي،
سهارن پور رستي سي - تو هردوار جائيءَ،
ڏوهراء غريب کهي - تجو ويروال سب،
چت سري امبرتا - سر ۾ لڳائيءَ.

هن چند ۾ شهرن جا نالا آهن، ۽ ارٿ سان ڀريل آهن. جيئن تہ ٻاهران پورب يعني ولايت جي ڪمائي، هن پشچم يعني الهندي ديش ۾ وڃو ڪائين. آگري مان تون واپار ڪري، ڪمائي ڪانہ آئين. ڇا جي ڪري، جو وات تي دهليءَ جي شهر ۾، دلالن آگري جو سودو بگاڙي ڇڏيو. تنهن تي توکي اچا ٿي تہ هاڻي تيرٿ ڪري، پوءِ موٽي پنهنجي گهر وڃان. پٽيالا شهر جي پرسان جڳادري تيرٿ آهي سو ڪري اچان. پر پٽيالا رياست ۾ راجائي لشڪر رهي ٿو، اُن ڪان ڊڄي تون تيرٿ ڪري ڪونہ سگهئين. وري تو خيال ڪيو تہ سهارنپور کان وڃي، هردوار ۾ ماتا گنگا جي ٽٻي ڏيئي اچان. اِنهيءَ وچ ۾ جيڪي سنگي ميلي ۾ توسان اچي مليا، سي توکي روز چون تہ، هلو تہ لاهور گهمي اچون. اُنهن جي لٽ پٽ ڪري، تون هردوار جو تيرٿ بہ ڪري ڪونہ سگهئين. تڏهن توکي سنڪلپ ٿيو تہ سري امرتسر ۾ گرو نانڪ صاحب جي دربار جو درشن ڪري اچان. سو جڏهن ويراول جي اسٽيشن لنگهي ويندين، تڏهن وڃي سري

پريمين کي پريم سان ويهاري، خبرون چارون ورتيون. جڏهن بس ڪيائون ته ستگرن چيو ته خبر پڇائو ته هيءَ مائي ليسوڙي ڪير هئي. جنهن جو هيءُ آستان آهي؟ آستان جي ساڌن ٻڌايو ته هڪ وڏيري مهاتما پنهنجي موج مستيءَ ۾ گهمندي ڦرندي، هيءُ جيڪو ليسوڙيءَ جو وڻ اندر ڏسو ٿا، اُنهيءَ ليسوڙي جي وڻ هيٺان ويهي ڀڄن ڪرڻ لڳو.

ڀڄن جي پرتاپ سان هن آستان جو نالو مائي ليسوڙي پئجي ويو آهي. پريو! سڀ توهان سنتن جي ڀڄن جو پرتاپ آهي، ڇو جو جن جاين تي سنت مهاتمائون ويهي ڀڄن تپسيا ڪن ٿا، سي جايون پوتر ۽ پوڄڻ جوڳ ٿي پون ٿيون. اُن ڪانپوءِ، چٽي ۽ ٽڪري ساڌن کي ڪارائي وئي. آستان جي ساڌن جي ويnتيءَ تي ستگرو مهاراجن گوال لعل، سرو آنند ۽ گرمکداس جن کي چيو ته هڪڙو ڀڄن اوهان گڏجي چئو. اها آگيا پائي، سنتن جي مهما جا ٻه وچن اهڙي ته پريم سان ڳايا جو آسپاس جا ڪيترا هاري، ڪيتيءَ جو ڪم ڇڏي، اچي ڀڄن ٻڌڻ لڳا. ڪلاڪ کن ستسنگ ٿيو. سنگت ڏاڍو خوش ٿي. پوءِ دربار جي ساڌن کان موڪلائي، جهنگل جو سفر ڪندا، پنهنجي جاءِ تي آيا. رات جو ستسنگ شروع ڪيائون. ستسنگ جي منڊپ ۾ هزار کن شهر ۽ ٻين ڳوٺن جا ماڻهو ويٺا هئا.

پهرين ڀڳت وانورام ۽ پائي چوئٿ ٻال، چير ٻڌي ڀڄن ڳايا. اُن ڪانپوءِ ٻين ساڌن گڏجي ڏنبن ۽ ڪتارن تي ڀڄن جي موج مچائي. ساري ڳوٺ جا ماڻهو، هندو مسلمان گهر ڇڏي، اچي ستسنگ ٻڌڻ ويٺا. ڪلاڪ کن ڪانپوءِ ستگرو مهاراجن به پنهنجي موج ۾ اچي، ساڌن سان گڏ ڀڄن ۾ شامل ٿيا، پوءِ ته ڀڄن جي اهڙي موج مچي وئي جو ساري سنگت ستگرو مهاراجن ڏي نهارڻ لڳي. جيئن چڪور جي نظر چندرما ۾ لڳي ويندي آهي، تيئن ساري سنگت جي درشٽي ستگرو مهاراجن ۾ لڳي

ٻئي ڏينهن سوير صبوح جو مرليڌر جو پاءُ قيمت رام اچي نڪتو. سوامي جن کي ٻڌايائين ته مرليڌر ٻڌا موڪلائي گهران ڀڄي نڪتو آهي ۽ سواميجن کي دينتا سان وينتي ڪيائين ته کيس سمجهائين ته موٽي گهر هلي. ستگرو مهاراجن چيو ته، بابا! اسان پاڻ کيس سمجهايو آهي ته مائٽن جي آگيا ۾ رهو. اسين جهليونس ڪونه ٿا، ڀلي وٺي وڃوس. قيمت رام مرليڌر کي ٻانهن کان وٺي دڙڪا ڏيندو گهر وٺي ويو.

ستگرو مهاراجن پرڪوٽ ۾ ۷–۸ ڏينهن رهي، عبدوءَ روانا ٿيا. صبوح جو ڪٿارا چاڙهي ڀڄن ڪندا شهر کان ٻاهر نڪتا، ۽ ڳائيندا وڄائيندا اچي عبدوءَ ۾ پهتا.

شام جو باغ جي سمر تي ويا، رات جو اچي ستسنگ جي منڊپ ۾ ستسنگ شروع ڪرايائون. ست اُپديش اُجو ورنن ڪيائون. چيائون ته: هيءُ منش جنم پرڀوءَ جي ڀڄن واسطي مليو آهي.

سويو - سنتن ڪو ستسنگ بڙو ملـ -

سنتن سي پوسند ترو ري،

جي ست سنگت نانهه بني تو-

نام جپو ڪجهه دان ڪرو ري،

جي يهه دونون ڪر نه سڪو تو-

نا سر پاپن پوٽ برو ري،

گر پاپن تي تم نانهه درو تو -

اِس جيون تي تم ڏوب مرو ري.

مطلب: سنتن مهاتمائن ۽ تتو گيانين جو سنگ وڏي ۾ وڏو ساڌن يعني ڪرم آهي، سو ڪري آتم گيان پائي سنسار ساگر

اُمرتسر جو تيرٿ ڪري ايندين. اهو تيرٿ به تون ڪونه ڪري سگهندين. خالي پڙڪي، موٽي پنهنجي گهر آئين. هي درشٽانت آهي. هن جو سدانت: هي ء جيءُ پورب جي ڪمائي، يعني اڳلي جنمن جي شڀ ڪرمن جو ڦل، هن جنم ۾ وڃائو ڪائي. آگري کي کيپ، سو تو ڪبي نا چلائي. آگرو يعني اڳئين پرلوڪ جي واسطي ڪجهه به ساڌن نٿو ڪري. وري هن کي خيال ٿيو ته پرلوڪ جو توشو بنايان، پر دلي کي دلالن ني سودا ته بگاڙ ڇڏيا، يعني هن دل جي دليلن، سنسن، پرمن پرلوڪ جو شڀ ڪرمن روپي سؤدو بگاڙي ڇڏيو. پٽيالي کي لونڊي سي جڳادري نه پائيندي. پٽ معني نرم ۽ آلو معني آستانو - يعني انتش ڪرڻ، جنهن ۾ من راجا جو لشڪر رهي ٿو- ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهه، اهنڪار آدي وڪار، ان ڦاسائي ڇڏيو. تنهن ڪري جڳادري نه پائيندي. يعني جڳتر ۾ آدر ڪونه پاتو. سنگي اوڙ ساٿي تيري نت هي سدائين، لاهور کهي. سنگي معني پٽ، استري ۽ ڪٽنبي، سدائين چون ته لاهور يعني لي آئو. هوڙ معني بيو به ڪمائي اچ. سهارن کي رستي سي تو هردوار جائيندي، يعني سهاري ڪرڻ سان ڀڳوان جي دربار ۾ وڃي سگهبو، سو به ڪٽنب جو سهارو ڪونه ڪري سگهيو. يعني جيئن ڪٽنب چوي تيئن ئي ڪري ٿو. ڏؤمراه سنت چوي تو ته لج سڀ وڃاول-يعني وڃ پاڻ بيائيءَ کي ڇڏ. چت سري امرتسر ۾ لڳاءِ، يعني پنهنجو چت امرتسر معني امرت تلاو يعني برهم آنند ۾ لڳاءِ. پر تون ڪجهه به ڪونه ڪري سگهندين. پنهنجو سارو جنم بيڪار ڪري ڇڏيندين. جهڙو جاڻين تهڙو نه جاڻين ۽ پرلوڪ يعني پنهنجي گهر ۾ خالي موٽي وئين. ان وشي لي ستگرن ڪيترا شبد ڳايا، پر جي حد نه رهي. وقت جي سرحد نه رهي. رات جو هڪ وڳي وڃو. پوءِ ستنار ساڪيءَ جي ڌڻيءَ سان سنسنگ سماپت ڪيائون.

ٿيندي آهي، تن کي مدش ٻاهران ڳالهائڻ جا شوخ ۽ ڪڙا ٿيندا آهن، پر اندر ۾ نرم دل ۽ دياوارا، پراپڪاري ٿيندا آهن.

(٤) ڪشمش جهڙا: يعني جيئن ڪشمش اندر ٻاهر هڪ جهڙي نرم ۽ مٺي ٿيندي آهي، تئن اهي مدش اندر ٻاهر هڪ جهڙا پراپڪاري، سچ ۽ مٺي ٻولڻ وارا، پرم اداري سڀني جيون جا سکڪاري ٿيندا آهن. جيڪي ڪشمش وانگي آهن، سي ڀڳوان جو روپ آهن.

انهيءَ وشيه تي ڪيترا ڀڄن ڳايائون ۽ ارٿ سمجهايائون. رات جو هڪ بجي پرارٿنا ڪرائي ست نام ساکيءَ جي ڌنـي لڳائي ستسنگ سماپت ڪيائون. اهڙيءَ طرح ستگرو مهاراجن هر روز ست اپديش ۽ ڌرم جو پرچار ڪري، ست ڏينهن عبدوءَ ۾ رهي ناٻرن ويا. ناٻرن جا پريمي ستگرن کي وٺڻ لاءِ آيا هئا. صبح جو پريمين کان موڪلائي بازار مان ڀڄن ڪندا، شهر کان ٻاهر نڪتا. پريمين کي آشيرواد ڪري روانا ٿيا. واٽ تي ڳائيندا وڄائيندا، رهاڻيون ڪندا، ناٻرن جي ڳوٺ ۾ آيا. شام جو سنڌر ڪري جاءِ تـي آيا. ڏٺائون تـه ٻاگڙجيءَ جي شهر جو ڀڳت موٽڻ رام اڳيئي آئي ويٺو آهي. موٽڻ رام پرشاد پيٽا رکي هٿ ٻڌي چيو تـه ”هي ڀڳوان! مونکي ڀائي ڪلومل موڪليو آهي هيءُ پرشاد ڏنو اٿـن ۽ چيو اٿن ته تاريخ ١١ اسوءَ جي سيسا ڪريون ٿا. ڀائي ڪنور رام صاحب جن به ايندا توهان به ڪرپا ڪري، انهيءَ شڀ موقعي تي درشن ڏيو. پر ٻه چار ڏينهن اڳي اچجو. اها ڪرپا ضرور ڪندا. اسان توهان کـي ٥ تاريخ وٺڻ ايندا سون.“ اهـو ٻڌي ستگرن چيو ته چڱو، هينئر هلو ستسنگ ۾. سڀيئي ساڌ ستسنگ جـي منڊپ ۾ آيا. اُتي ڀائي آوتـرام مهاراجن کي ٻڌايو ته سائين، ڀڳت موٽڻ رام تمام چڱو ڀڄن ڪندو

مان پار تري، پنهنجي آدي امر گهر ۾ آرامي ٿئي. پر جي سنتن جو سنگ نه ڪري سگهين ته ڀڳوان جو پوڄن ۽ دان اشنان آدي شڀ ڪرم ڪري سرڳ لوڪ جا وڏي سک ماڻ. جي اهي به ٿئي ڪم نه توکان نه ٿي سگهن ته ڪڏهن ڀلجي به پاپ ڪري پاڻ کي نرڪ جو گامي نه ڪجانءِ. سدائين پاپ ڪرم کان ڊڄندو رهجانءِ. جي تون پاڻ کان ڏڄي به ڏڄي نه سگهين ته پوءِ هن جيئڻ کان مرڻ بهتر ائيندي. سنت مهاتمائون راه ڏيهن پڪاري رهيا آهن ته هيءُ منش جنم مليو آهي پڄ ڪرڻ لاءِ. پر جي پڄ نه ڪري سگهين ته پاپ ته نه ڪر. منش جو ڌرم آهي دان ڪرڻ. جي پاڻ دان نٿو ڪري ته ٻين کي دان ڪرڻ کان نه روڪي. منش جو ڌرم آهي سڀني جيون کي سک ڏيڻ، پر جي ڪنهن کي سک نٿو ڏئي سگهي ته ڪنهن جيو کي دکائي ته نه. بنا ڪارڻ ڪنهن جيو کي دکائڻ وڏو پاپ آهي. هن سنسار ۾ چئن پرڪارن جا منش ٿيندا آهن: هڪڙا ٻير جهڙا، ٻيا سوپاريءَ جهڙا، ٽيان بادام جهڙا ۽ چوٿان ڪشمش جهڙا:

(١) ٻير جهڙا: يعني جئن ٻير ٻاهران ڪل ڪري تمام سهڻو ٿيندو آهي پر اندر ڪڪڙيءَ سان ڀريل آهي، تئن گهڻا منش ٻاهران تمام غريب جهڙا، مٺو ڳالهائيندڙ، ڏاڍا سهڻا ڏسڻ ۾ اچن ٿا، پر انهن جي دل ڪپٽ، نڱي ۽ پاپ سان ڀري پيئي هوندي آهي. پنهنجو سوارٿ ڪڍي، اڳلي کي ڌڪو ڏيئي ڇڏيندا آهن.

(٢) سوپاريءَ جهڙا: يعني سوپاري اندر ٻاهر ڪنور (ٺوس) ٿيندي آهي، تئن ڪيترا منش اندر ٻاهر ڪنور، ڪرڙ ۽ ڪروڌي سڀاءَ وارا ٿيندا آهن.

(٣) بادام جهڙا: يعني جئن بادام ٻاهران سخت ٿيندو آهي پر ان جي اندر گرو، يعني مڱي ڳري

ٿي ويندو. پر جي تو ڪا ڪسر رهجي وڃي ته به سرڳ لوڪ
۾ ته ضرور وڃي سگهه پائيندو. جن جيؤ کي هيءُ مانش چولو
پرماتما ڏنو آهي پنهنجي ملڻ واسطي.

دوهرو- آب ڪا بڇڙيئا نا ملي، ڪري يتن ڀهه ڪوءِ،
ڪهه ٽيئون من سمجهه لي، جوُ هويا سو هويہ.

ارٿ: هيءُ جيو هن وقت جي وڇڙيو ته پوءِ ڪيترا ئي
يتن ڪندو ته به ملي ڪونه سگهندو. هي من! وچار ڪر، ڀڳوان
جي ملڻ جو ساڌن هيءُ منش چولو ئي آهي. هن جنم جو وڇڙيو،
جڳان جڳ جو وڇڙيو ۽ هن جنم جو مليو، جڳان جڳ جو مليو.

دوهيرو- آب ڪا ملا نہ بڇڙي- رهي جڳان جڳہ ميل
ڪجهہ ٽيئون من سمجهہ ڪي- چلو ملن ڪي گيل

مطلب: هن وقت جي پرماتما سان ملي ويو ته سدائين
مليو ئي رهندو. هي من! وچار ڪري ملڻ جو رستو وٺي ڀڳوان
سان مل. ٻيا رستي نہ ملي سگهبو. سو ڀڳوان سان ملڻ جون ته
گهڻيئي واٽون آهن، پر ڪي تمام ڏکيڙيون ۽ اونداهيون آهن ۽
ڪي وري ڏنگيون، ورن وڪڙن واريون آهن، جن مان وڏو
چڪر ڪاٽڻو پوي ٿو. پر هڪڙو ئي وڏي ۾ رستو سڌو ۽
ويڪرو آهي، جنهن مان هيءُ جيو جلدي لنگهي پنهنجي مقصد
تي پهچي سگهيٿو.

تانپرج: (١) ڀڳوان جي واسطي ورت، نيم، يوگ جپ،
تپ، پاٺ پوڄائون، سنڌيا گائتري جهڙا گهڻائي ساڌن روپي
ننڍا ۽ سوڙها رستا آهن، جن مان هيءُ جيو بلڪل ڏيري ڏيري
وڃي ڀڳوان سان ملي ٿو.

(٢) ڀڳوان جي ملڻ واسطي تيرٿ، دان، اشنان ۽ ٻيئين
روپي ور وڪڙ ۽ ڏنگا رستا آهن، جن مان لنگهي سرڳ لوڪ آدي

آهي. ڀورين هن کان پڇڻ ڪرايو." مهاراجن جي آگيا پائي ڀڳت موٽڻ رام ڇپر ٻڌي، ڪلاڪ ڪن پڇڻ ڪو. تنهن کان پوء ستگرن ستسنگ ڪيو. چيائون ته هن جيو کي سنگ ئي ٻوڙي ٿو ۽ سنگ ئي تاري ٿو.

دوهرو - هوت س سنگت سهج سک -
دک ڪ سنگت جان،
گندي اور لوهار ڪي -
ديکو ٻئن دڪان.

مطلب: چڱيءَ سنگت مان هن جيو کي سهجيئي سک جي پراپتي ٿئي ٿي ۽ خراب سنگت مان دک ئي ملي ٿو جيئن عطر واري جي دڪان تي وڃي ويهبو ۽ ڪجهه خريد به نه ڪبو ته به سڳنڌ ضرور ايندي. عطر وارو شيشين کي ڏاٽا ڀوچ ڏيئي ڪبٽ ۾ بند ڪري، ڪيترو به لڪائي رکي ته به خوشبوء ضرور ايندي. پر جي لوهار جي دڪان تي وڃي ويهبو ته باهه جي گرمي، دونهون، چڻنگون ضرور لڳنديون.

دوهرو - نيچ نرن ڪي سنگ ڪر- ڀوڳي دوک اپار،
نسچي جاوي نرڪ ۾ - ڀوڳي دوک هزار.

ارٿ: هيءَ جيو ڪڪرمي، پاپين ۽ مورکن جي سنگ ڪرڻ سان وڏو دک پائي ٿو ۽ گهڻو ڪري ويندو ته نرڪ ۾، هتي به ڪافي دک ڀوڳيندو.

دوهرو - سريشٽ جنون ڪا سنگ ڪر-
ڪهه ٽيئون ڪر پيار،
پاوينگي پد پرم ڪو - ناتو سرگ دوار.

ارٿ: آتم گياني، پرم ووڪي پرشن جي سنگ ڪرڻ ڪري ابناسي پد کي پائي، جنم مرڻ جي دک کان ڇٽي مڪت

ڇٽي، رات جو هڪ بجي ستنام ساکيءَ جي ڌني لڳائي ستسنگ سماپت ڪيو.

اهڙيءَ طرح ستگرو مهاراجن ناپرن جي ڳوٺ ۾ رهي ست اُپديش ۽ ڌرم جو پرچار ڪندا رهيا. تاريخ ٥ اَسوءَ جي، پڳت موٽڻ رام ٻاگڙجيءَ مان ستگرو مهاراجن کي وٺڻ لاءِ آيو. تاريخ ٦ اَسوءَ جي صبح جو ستگرو پنهنجي منڊليءَ سميت شهر مان پڇن ڪندا شهر کان ٻاهر نڪري، سڀني پريمين کي آشيرواد ڏيئي، پنڌ ٻاگڙجيءَ روانا ٿيا. ستگرو مهاراجن سدائين چت جا پرم اُداري هوندا هئا. پاڻ کي دک ڏکليفون ڏيئي ۽ ٻين کي سک ڏيندا هئا. سدائين اپيدواٽيءَ سان سچ جو اُپديش ڪندا هئا. ڪپٽ، پاکنڊ آديءَ جو کنڊن ڪري، سنسا ڀرم دور ڪري، سڀني کي نرڀئه ڪري سچ جي مارگ ۾ لڳائيندا هئا. جنهن شهر ۾ ايندا هئا ته بازار مان پڇن ڪندا ويندا هئا. شهر کان ٻاهر نڪرندا هئا ته پڇن ڪندا ويندا هئا. تنهنڪري ستگرو مهاراجن پنڌ ئي پنڌ اچي ٻاگڙجيءَ پهتا، جتي ڀائي ڪلو رام ۽ شهر جا ڪيترا پريمي اڳيئي دهل شرنايون وٺيو ۽ گلن جا هار کنيو ستگرو مهاراجن جي سواگت لاءِ انتظار ۾ بيٺا هئا. ستگرو مهاراجن ۽ سادن کي ڏسي تمام خوش ٿيا ۽ کين گلن جا هار پائي پيرين پيا. تنهن کانپوءِ اڳيان دهل شرنايون وڄڻ لڳيون ۽ پنيان ساڌ پڇن ڪندا، ساري شهر مان گهمندا اچي ڀائي جڙيارام جي اوطاق تي لٿا، جتي اڳ ئي آسڻ وڇائي سڀنو بندوبست ڪري ڇڏيو هئائون. ستگرو مهاراجن کي هڪ سينگاريل آسڻ تي وهاري، سڀئي پريمي پرشاد رکي، پيرين پئي، خبرون چارون ڏيئي وڃي پنهنجي جاءِ تي ويا.

شام جو نيم انوسار سڀ ڪري آيا ۽ رات جو ستسنگ ڪيائون. ستسنگ جي وشيه هئي شڀ ڪرم. چيائون ته شڀ

گهمندو گهمندو، جيو، ڪن جنمن کان پوءِ وڃي ڀڳوان سان ملندو.

(٣) بلڪل سڌو رستو آهي تنهن وٽان سنتن، مهاتمائن جي سنگ جو. سو سنگ جو رستو وڏي ۾ وڏو آهي، جنهن ۾ ڪو پڻ، ڪٿڪو ڪائي رڪاوٽ نٿي پوي ۽ سڌو جلدي ڀڳوان سان وڃي ملائي ٿو. تنهن ڪانپوءِ هي ٻ جيو جنم مرڻ جي چڪر ۾ نٿو اچي، سدائين ڀڳوان سان جڳان جڳ مليو ئي رهي ٿو. تنهنڪري مهاتمائن جو سنگ ڪري ڀڳوان سان ملڻ گهرجي. هڪ واري ملڻ کان پوءِ هي ٻ جيو جدائي جي اڇا سو نه ڪري، باقي ڀڳوان هن کي ڪڏهن به جدا نه ڪندو.

سلوڪ - ملا پيارا لٿي دلگيري -

من وچ پئي خوشحالي،

جت ول ويکان نس ول دسندا -

اُس باجهون جاء نه خالي،

آپي خاوند آپي بردا - آپي جڳ جا والي،

سنت رڻ اوهه مليو اسان نون جنهن دي-

وچڙڻ دي نهين چالي.

مطلب: جڏهن هي ٻ جيو پرماتما سان ملي ٿو تڏهن جتي ڪٿي ڀڳوان کي ڏسي تمام خوش ٿئي ٿو ۽ ڀڳوان به خوش ٿئي ٿو. پوءِ ٻئي پاڻ ۾ ملي هڪ روپ ٿي وڃن ٿا. سنت رڻ جن فرمائين ٿا ته اسان کي اهڙو ڀڳوان مليو آهي جو سدا ديالو آهي ۽ جنهنجي اهڙي ريت ٿي ڪانهي جو هڪ واري ملائي جدا ڪري ڇڏي. سو اهڙي پرم ديالو ڀڳوان سان سڀني جيون کي ملڻ گهرجي انهيءَ وشئه تي مهاراج ڪيترا ڀڄن ارشد سهت

سڌانت: اِهو آهي درشٽانت. اُنجو سڌانت آهي تہ هيءُ جيو هڪڙو سيٺ آهي. جو پنهنجي وطن يعني پرلوڪ کان هن ولائت يعني مرت لوڪ ۾ منش چولو پهري، گڻ گيان پيٽيءَ روپي ڌن ڪمائڻ آيو آهي. هتي مرت لوڪ ۾ ٽي سال رهي ٿو يعني ٽن اوستائن مان گذري ٿو. (١) ٻالاپڻ (٢) جواني (٣) ٻڍاپو.

(١) ٻالاپڻي ۾ اَگيان جي وس ٿي، اُها اوستا کيل ڪوڏ ۾ وڃائي ٿو. جڏهن جوانيءَ جي اوستا ۾ اچي ٿو تڏهن چئن سيٺين يعني (١) ڌن (٢) استري (٣) ڪٽنب (٤) سنتن گرن سان پريت رکيئو. تنهن ۾ ڌن سان روپئي جو روپيو، استريءَ سان ٻارهن آنا، ڪٽنب سان اٺ آنا، ستگرو، سنتن ۽ ست ڪرمن سان چار آنا پريت رکيئو.

جڏهن ٻڍاپي جي پڇاڙيءَ ۾ جيو کي پنهنجي وطن يعني پرلوڪ مان چٺي اچي ٿي يعني ڪال روپي سڏ ٿئي ٿو، تڏهن جن سان پريت رکي اٿس، تن ۾ اُميد رکي گهٻرائجي نهاري ٿو تہ هن وقت منهنجي اُهي سهائتا ڪندا. پر جڏهن ڌن ڏي نهاري چوئيس ٿو تہ مونسان ساڻ هلندين؟ ڌن رکو جواب ڏنئيس ٿو تہ "مان توسان هڪ قدم بہ ساڻ نہ هلندس." تڏهن دکہ وچان ڌن کي چوئي ٿو تہ مون توکي ڪوڙ پاپ، ٺڳيون ڪري ڪٺو ڪيو، مگر تون هڪ پير بہ ساڻ نٿو هلين. ڌن چوئيس ٿو تہ مون توکي منٿ تہ ڪانہ ڪئي هئي تہ مونسان اِتري پريت رک. هي مورکہ! توکي شايد اِها خبر ڪانهي تہ جيڪو مونسان گهڻي پريت رکندو آهي، تنهنکي مان نرڪ جا دروازا ڏيکاريندو آهيان. جواب ٻڌي ڏاڍو دکہ ٿيس. وري استري، جنهن سان ٻارهن آنا پريت اٿس، تنهن ڏي نهاري، ڏاڍي اُڪير مان چوئيس ٿو تہ مان هاڻي پنهنجي وطن پرلوڪ وڃان ٿو، تون تہ سهائتا ڪندينءَ نہ؟ استري چوئيس ٿي تہ هي ڀتار! مان ٻي تہ توهانجي سهائتا ڪري ڪانہ سگهنديس،

ڪرم ئي جيو کي، لوڪ اٿوا پرلوڪ ۾ سهائتا ڪن ٿا تنهن لاءِ هڪ درشٽانت ڏنائون.

درشٽانت: هڪڙو سيٺ ڪمائڻ لاءِ ولائت ويو. اُتي ٽي سال رهيو. ڇهن سيٺين سان ڀائيواري ڪيائين. ٽئين سال جي پڇاڙيءَ ۾ وطن کان چٺي آيس ته هڪدم هليو اچ. ويچار ڪيائين ته وڃڻ کان اڳ جن سيٺين سان ڀائيواري ڪئي اٿم تن کان موڪلائي وڃان.

پهريائين اُنهيءَ سيٺ وٽ ويو جنهن سان روپيو ڀائيواري رکي هئائين. اُن کي ٻڌايائين ته وطن کان چٺي آئي آهي ته جلدي اچ. سو مان وڃڻو ۽ موڪلائڻ آيو آهيان. توهان مونکي هن وقت ڪهڙي مدد ڪندا؟ سيٺ چيس ته مان توکي ڪا به سهائتا ڪري نٿو سگهان. تو ئي مونسان ڀائيواري رکي آهي ۽ مان توسان ڀائيواري ڪانه رکي آهي. رکو جواب ٻڌي ڏاڍو ڏکي ٿيس ۽ نراس ٿي ويو ٻئي سيٺ وٽ، جنهن سان سندس ٻارهن آنا ڀائيواري هئي. هن به جواب ڏنس ته ٻي ڪا مدد ڪري نٿو سگهان. البت دروازي تائين ساڻ هلندس. اُتان به خالي هٿين موٽي ويو ٽئين سيٺ وٽ، جنهن سان سندس اَٺ آنه ڀائيواري هئي. سهائتا جي باري ۾ هن به ٽي ڏاڪيون پاتس. رڳو ايترو چيائينس ته پاڻ اسين توسان گڏجي اسٽيشن تائين هلنداسين. دل ۾ چيائين ته ٻين ٻن کان ته وري به چڱو نڪتو جو اسٽيشن تي اُپرائڻ ته هلندو. هاڻي هليو چوٿين سيٺ کان موڪلائڻ، جنهن سان چار آنا ڀائيواري هئس. اُن کان به پڇيائين ته ڪهڙي مدد ڪندا. سيٺ پيار مان چيس ته هي پيارا! مان توهان لاءِ ٽڪيٽ وٺي رستي لاءِ ضروري سامان ساڻ سان ڪٺي توهان کي وطن پهچائيندس. توهان ڪوبه خيال نه ڪريو. سيٺ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چوڻ لڳو ته هيءَ سيٺ ته سڀني کان سٺو نڪتو. هن سان ئي روپيو ڀائيواري رکان ها ته چڱو ٿئي ها.

٢- جنهن ناريءَ سان پريت رکي تو، ساري عمر گذاري آ
ساڻ هلي ٿي در تائين سا، خد مطلب جي ناري آ
٣- ڪٽنب ڪبيلو ڪرنا اپنا، جنهن سان دل تو ڌاري آ
مرڻ پڄاڻان گهڙي نه رکندا، جوڙي تن جي ياري آ
٤- ماڻس هڏن جي ديهي جا تو، شونق رکي سينگاري آ
سا پڻ توسان ساڻ نه هلندي، ٿيڻي خاڪ جي ڪاري آ
٥- جوڙي جڳ سان پريت رکي جن،
تن جي هت هت خواري آ
کهي ٽيڏُون ڪر پريت پريوءَ سان،
جنهن ۾ جڳ جڳ ڪاري آ.

راڳ ڀيروي

ٽل- ڌيان پريوءَ جو ڌاري، سچو سک ماڻ سدا
١- ڌيان بنا سک ڪين ملي تو، تاڪ اندر جو ڪين کلي تو
وچن اهو ويچاري سچو سک ماڻ سدا
٢- ڌيان بنا نا شانت اچي ٿي،
هر رنگ ۾ دل ڪين رچي ٿي
ڌيان سان من کي ماري، سچو سک ماڻ سدا
٣- کهي ٽيڏُون هر ڌيان ڌري تون،
ڌيان سان پراپت گيان ڪري تون
ليکو جم جو واري، سچو سک ماڻ سدا.

شهر جي پريمين ۾ جڏهن پوءِ ٽڪن پرم شرڌا وڌڻ لڳي ۽ سڪر ۽ ٻين ڪيترن ويجهن ڳوٺن مان گهڻي انداز ۾ پريمي اچڻ لڳا. چڱن ڀڳتن ڏينهن ڪانپوءِ ڀائي ڪنوررام صاحب جن به آيا. شام جو ٣ بجي سيٺ جڙيارام ستگرن کي اچي ٻڌايو ته ڀائي ڪنوررام صاحب جن ۽ ساڻن ٻيا ڪيترا ڀڳت آيا آهن. ساڻن ستسنگ جو پروگرام ٻڌي آيا آهيون. توهانجو ساڳيو وقت آهي.

ٻاقي دروازي تاءِ ساڻ هلندي سانوَ. تنهن ڪانپوءِ ڪٽنب ڪان پڇي ٿو تہ هن انت ويلي سهائي ٿيندا نہ؟ تہ جواب مليس. ٿو تہ اسان اسٽيشن يعني شمشان ڀوميءَ تاءِ ساڻ هلنداسون. اڳتي تنهنجا ڌرم، تنهنجا ڪرم. جيو ڏاڍو دکي ٿئي ٿو ۽ وچار ڪري ٿو تہ ڌن، استري ۽ ڪٽنب سان هيتري پريت رکيم، پر پڇاڙيءَ جو پرلوڪ لاءِ ڪوبہ سنگي ڪونہ ٿو ٿئي. ٻاقي چار آنہ پريت سنتن ۽ ست ڪرمن سان رکي اٿم سو انهن ڪان موڪلائڻ گهرجي. تڏهن ستگرن جو ڌيان ڌري روئي چوي ٿو تہ "هي پڀون! پنهنجي وطن يعني پرلوڪ مان جلدي اچڻ لاءِ چٺي آئي آهي سو هاڻي مان وڃان ٿو. توهان سنگي ٿيندا؟ هن وقت ٻيو تہ ڪوبہ سنگي ڪونہ ٿيو. جن سان هيتري پريت ڪيم تن دوکو ڏنو."

تڏهن سنت ستگرو پرم دياالو هئڪي دلداري ڏيئي چونس ٿا تہ "ٻچا! تون ڪوبہ خيال نہ ڪر. اسان توکي گڏ گيان، ڀڳتيءَ روپي ٽڪيٽ ڏيئي، آتم گيان روپي هوائي جهاز ۾ چاڙهي، پنهنجي آدي گهر امرلوڪ ۾ پهچائينداسون."

ستگرن جي دلداري ڏيڻ، دل ۾ پڇتائڻ لڳو تہ جي مان پهريائين ستگرن سان ئي ٻيو پريت رکان ها تہ ڏاڍو چڱو ٿئي ها، پر وري بہ چڱو ٿيو جو سنتن سان چار آنہ پريت رکيم، جا هن وقت ڪم آيم. اهو سدا انت سڻائي ستگرن فرمايو تہ "سيني جيون کي کپي تہ شڀ ڪرمن کي ئي پرلوڪ جا سنگي ڄاڻائين. ٻيو ڪوبہ سنگي ڪونهي." انت ۾ هينيون هي ٻڌن ٻائي راس جو هڪ ڀڄ پرارٿنا ڪرائي ستسنگ سماپت ڪيائون.

راڳ ضلع

ٽل- پرميشور جسي پريم بنا ٻي جوني نابيداري آ
ا- موڙکہ مايا کي تون جاڻج، دم پل جي. دلداري آ
باغ بغيچا، سندر ماڙيون، جوني دنيا ساري آ

آهيون، پوءِ پنهنجي خوشيءَ سان يا ايشور اڇا سان توهان جروارن جي ڳوٺ آيا ۽ اسين حيدرآباد ضلع، ڪنبوءَ جي شهر ۾ آياسين. اسان ٻه دڪانن ۽ ٻين جو ڪم ڪندا آهيون. هيءُ سيٺي سنت پڻ دڪانن ۽ ٻنين جو ڪم ڪندا آهن. پوءِ هيٺيون سلوڪ اُچاريائون:

سلوڪ- هر جن کيي هٿ - ويڻا سودي سار جو،
سر رکيائون ڏکڙي - سر رکيائون وٽ،
جيڪو جڳياسو اچي - چڙي ڪوڙ ڪپٽ،
ساهي سر سان مٽ - توري ڏين تا تنکي.

مطلب: سنت سيٺي دڪاندار آهن ۽ ڀڳتيءَ روپي ٻوڪ ٻوکي اٿن، سا پيا سنڀالين تہ متان آشا، ترشنا روپي آدي جهرڪيون نہ کائي وڃن. سو اسان ٻہ اِنهيءَ ڪم ۾ لڳا پيا آهيون.

ڀائي گوئندرام جن پنهنجي ڀائرن جي شاديءَ تي عظمت جي شهر ۾ ويئي آيا هئا. وات تي برهمڻ جا سوال پورا ڪري نائرن جي ڳوٺ ۾ آياسون جتي ڀڳت مونڻ رام جن اچي چيو تہ مونکي سيٺ ڪلومل موڪليو آهي جو هو ١١ تاريخ ڀڳيہ ڪرائي ٿو. ٻڌايائين تہ ڀائي ڪنور رام صاحب جن ٻہ ايندا سو توهان ٻہ ڪرپا ڪري ٢-٣ ڏينهن اڳوات هلو. اِنهيءَ ڪري اسان هتي تاريخ ٦ اَسوءَ جي آيا آهيون. اڄ توهان جو درشن ڪري تمام خوش ٿيا آهيون. اِهو ٻڌي ڀائي ڪنور رام صاحب جن خوش ٿي چوڻ لڳا تہ اڄ توهان خبرون تہ سٺيون ٻڌايون آهن. ايترو اچي ڀڳت ڪنور رام جن موڪلائي پنهنجي جاءِ تي ويا.

ستگرو مهاراجن ۽ سيٺي ساڌ سنگت تي نڪري ويا. رات جو نيم پٽاندڙ ستسنگ شروع ٿيو. ڀهرپائين سروانند ۽ گرمکداس گڏجي ڀڄن جي خوب موج مچائي. پرام ۾ اچي ڀائي گوئندرام، ڀائي آوترام، ڀائي سومنداس، ڀائي چوئٿ ڀال، ستمت رام،

توهان کان پوءِ بيون توليون وهنديون. پرڀات جو ۴ بجه کان وٺي ڀڳت کنور رام صاحب جن پاٺ پڙهندا. هينئر ساڍي ۴ بجه ڌاري کنور رام صاحب جن توهان سان ملڻ ايندا. جڙيارام اهو پروگرام وٺي بڌايو ته بسنترام، پرمانند، سنتداس، گڻيشانند، موليڏنو، ڀائي گوئندرام، ڀائي سومنداس، ڀائي پرچارام ڪاهيءَ وارا، ڀائي ٺاڪرڻو رام ۽ ڀائي آوترام رستم وارا، ڀائي ٻيڪارام ۽ ٻيا ڪيترا پريمي باگڙجيءَ ۾ اچي نڪتا. مهاراڄن مشڪي چيو آهـا! اوهين ڪيئن اوچتو اچي نڪتا. ڀائي گوئندرام چيو ته سوامي هــي سڀ ڇوڪرا مائٽن کان چوريءَ ڀڄي آيا آئو. شايد اڄ سياڻي مائٽ ڪين وٺڻ اچن. سيٺ ٽولنداس به سياڻي ڀائي آوترام کي وٺڻ ايندو. اتــي ڀائي کنور رام صاحب جن پنهنجي منڊليءَ سميت پرشاد کڻي ملڻ آيا. مهاراڄن اٿي ڀائي کنور رام صاحب جن ۽ ٻين سيوڪن سان پيا يوڳ مليا ۽ ڀائي کنور رام صاحب جن کي پاڻ سان آسڻ تي ويهاريائون. ٻيا ڀڳت ساڌن سان گڏجي ويٺا. تنهن کانپوءِ مهاراڄن سيوڪن کي پاو پرشاد ڏيئي جل پيئاريو، ڀائي کنور رام جن کي چوڻ لڳا ته هاڻي پنهنجون خبرون چارون سڻايو. ڀائي کنور رام صاحب جن چيو ته ڀڳوان جي ڪرپا سان آنند منگل آهي. اسان پنهنجي ڳوٺ جروار ۾ رهندا آهيون. دڪان ۽ ٻنين جــو ڪم ڪندا آهيون. ڪو سوال وجهندو آهي ته اوڏانهن به ويندا آهيون. هيءَ ڀيري توهانجي پاسي اڏيري لال تي به آيا هئاسون، اڄ ۱۰ بجي هتي آيا آهيون. هتان ۱۴ تاريخ مانجهند ۾ ڀائي گوبند داس صاحب جي ورسيءَ تي وينداسون. ڪن پريمين اچي ٻڌايو ته حيدرآباد ضلع جي پاسي جا ڪي سنت تمام وڏا ڀڳتيڪ، چڪ جي پاسي کان هتي آيل آهن، خيال ڪيوسين ته سنتن جــو درشن ڪري اچون. توهان جو درشن ڪري تمام خوش ٿيا آهيون. هاڻي توهان پنهنجون خبرون چارون ٻڌايو. سنگرن چيو تــه اصلي پـاڻ سڀئي هڪڙي ملڪ جا

خوش ٿيندا هئا. راجا هنکي ١٠ روپيا هڪ سانگ جا اِنعام ڏيندو هو. راجا کي ٢٥ ورهين جي اوسٿا جو هڪ نوجوان پُٽر هو. هڪ ڏينهن راجا وچار ڪيو ته پٽ جي شادي ڪرائي، ڪيس راج گديءَ تي وهاري مان وڃي گوبند جو ڀڄن ڪريان، ڇو ته سنتن چيو آهي:

”تجي راج سڀ ڀڳن راسي، چوٿين پهر نرپ بنواسي.“

سو هاڻي مونکي گوبند جو ڀڄن ڪرڻ گهرجي، اِهو پڪو سنڪلپ ڪري وڏي وزير کي گهرائي چوڻ لڳو ته هي وزير! منهنجو وچار آهي ته هڪ مهيني جي اندر پٽ جي شادي ڪرائي، ڪيس راج گديءَ تي وهاري مان وڃي گوبند جو ڀڄن ڪريان. تنهڪري توهان جلدي وڃي راجڪمار جي شاديءَ جي تياري ڪرايو. آگيا پائي وزير هڪ وڏي راجا جي ڪنيا سان راجڪمار کي مڱڻي ڪرائي شادي لاءِ انهين ڏينهن جو مهورت ڪيائي آيو. شاديءَ لاءِ خوب تياريون ٿيڻ لڳيون. نوبتون نغارا، دهل شرنايون خوب وڄڻ لڳيون. شاديءَ جي ڏينهن وڏي سڀا لڳي، جنهن ۾ ڪيترين رياستن جا راجائون اچي براجمان ٿيا. هڪ پاسي کان پٽ آستتي ڪري رهيا هئا ته ٻئي پاسي کان نوبتون نغارا وڄي رهيا هئا، ٽئين پاسي کان آتشبازي جلي رهي هئي ته چوٿين پاسي کان ناچ گانا ٿي رهيا هئا. راجڪمار وچ سڀا ۾ مور مڪٽ ٻڌي سيجا تي ويٺو هو. راڻيون ۽ پنڊت ساڻس سڳن ڪري رهيا هئا. راجا وزير کي چيو ته سانگ واري کي چئو ته ٻبر شينهن جو سانگ ڀري اچي سڀا ۾ کيل ڪري. وزير وڃي سانگ واري کي چيو. سانگ وارو خوش ٿي، شينهن جو سانگ ڀري تنبوءَ ۾ اچي گجڪار ڪري، تنبوءَ کان ٻاهر نڪري راج سڀا ۾ اچي ڦرڻ لڳو. ڪڏهن ٽپا پيو ڏئي ته ڪڏهن گجگوڙ پيو ڪري، راجائون، امير، وزير، ساري سڀا ڏاڍي خوش ٿيڻ لڳي. اُهڙيءَ طرح اهو شينهن گهمندو ڦرندو جتي راجا جو پٽ مور مڪٽ

مرليڌر، پرمانند، سنتداس ۽ ٻيا ڪيترا پريمي آيا، ڪي ٻنيان ڳارائڻ لڳا ته ڪي نچڻ لڳا. پوءِ ته اهڙي اچي موج لڳي جو ساري سنگت پريم ۾ اچي جهولڻ لڳي. ڪلاڪ کن ائين ڪيائون. تنهن کانپوءِ ستگرو مهاراجن ۽ سوامي گوپال لعل جن ستسنگ ڪيو. جڏهن ستگرو ائين جي مستيءَ ۾ آيا تڏهن اپديش ڪيائون ته "ڀڳوان جي ڀاسي ڀڳتيءَ جي رستي ۾ ڌرم جي مارگ ۾ سمجهي ٻجهي، ڌيري ڌيري پير وجهڻ گهرجي، پر پير وجهي وري پوئتي هٽائڻ نه گهرجي. ڀڳتيءَ ڌرم جو پيا ڪوبه سانگ پوري، انت تائين نباهڻ گهرجي. اُنهيءَ سانگ کي هرگز لڄائڻ نه گهرجي. سانگ ٻڌائڻ سوکو آهي پر رهڻي رهڻ ڏکي آهي. اُنهيءَ تي هڪ ڀڄن ٻڌائي ان جو ارٿ ڪندي هڪ درشٽانت ڏنائون.

راڳ ڪوهياري

ٿل- سانگ ٻڌاوڻ آهي سؤکو، آءٌ ٿو جاڻان اوکي فقيري
١- بانيڻ ٿي جي وڏ وکاڻن، جيؤ ايش جي سڌ نه ٻڌائن
گرهه پريم جي کن بزگيري
٢- ٻاوا ٿي نج پوت نه ٻڌائن، چڙي چيتن کي پٽ ٻجائن
جوڳ نه سادن ڪرن اميري
٣- ڪوڪ ملان ڪر لوڪ سڻائن، الله اڪبر سب ۾ نه پائن
عالم سان سي ڪرن گدپري.
٤- سانگ ٻڌائي شاهه سڏائن، ڏاڍا ڦيٽا تعويز هلائن
ڪري پاکنڊ ڏيکارن پيري.
٥- ٽيئون اَزل جنين عاشق آهن، پڳ ڌريءَ تي ڪنڌهن نه لائن
گهمن گگن سي ڪٽي گمپيري.

درشٽانت: هڪڙي راجا وٽ هڪ سانگي رهندو هو. هفتي هفتي جيڪو سانگ راجا چوندو هوس، سو سانگ پوري اچي راج دربار ۾ کيل ڪندو هو. راجا امير ۽ وزير ڏسي تمام

سزا لاڳو ٿي نٿي سگهي. راڄائن جي راءِ ٻڌي وڏي وزير سانگہ واري کي چيو تہ هاڻي تون پنهنجي جاءِ تي وڃ. سانگہ وارو هليو ويو. تڏهن راڄا روئي وزير کي چيو تہ وزير، هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ وزير چيو تہ راڄن! توهان ڪائي چنتا نہ ڪريو. مان هڪ اٽڪل ڪريان ٿو. جي اُنهيءَ حساب ۾ اچي ويو تہ پوءِ سانگہ واري کي پنهنجن منٽن جي اندر توهانجي اڳيان ٿي ڦاسيءَ تي چاڙهبو. ايترو چئي وزير سانگہ واري کي اچي چوڻ لڳو تہ هي ٺٺور! راڄائون ۽ رائيون ۽ ساري سڀا شوڪ ۾ ويٺي آهي. تنهنڪري توهان هينئر سوامي شڪديو مهاراج جو سانگہ ڌاري اچي اُپديش ڪريو تہ جئن سڀني جو شوڪ دور ٿئي ۽ چت شانت ٿئي. ايترو چئي وزير سڀا ۾ آيو. هڪ سندر آسڻ وڇارايائين. تنهي وزير کي موڪلي هڪ ٿالهہ سونين مهرن جو ۽ هڪ ٿالهہ سچن موتين جو گهرائي رکيائين. ايتري ۾ سانگہ وارو ٻہ شڪديو مهاراج جو سانگہ ڌاري اچي سڀا ۾ پڌاريو. سڀني اُٿي ڪيس نمسڪار ڪيو. وڏي وزير گهڻي آدر ستڪار سان ڪيس سيجا تي ويهاريو. ساريءَ سڀا ۾ شانتي ڇانئجي وئي. وزير هٿ جوڙي شڪديو مهاراج کي چيو تہ هي پڀو! اڄ پرارٻڌ قدرت سان راڄ پتر ديولوڪ پڌاريو آهي. تنهنڪري اسان سڀني جو چت تمام اُداس ٿي پيو آهي. توهان ڪرپا ڪري پنهنجي مکاروند مان ڪجهہ چار وچن ٻڌايو، جئن چت ۾ شانتي اچي. اِهو ٻڌي، شڪديو مهاراج ويدانت تتو جو اُپديش ڪرڻ لڳو. چيائين تہ سنسار اَسار ۽ ڪوڙو آهي ۽ سڀئي سرير انتيہ آهن. هن سرير ۾ جيوآتما اَبناسي آهي، جنهنجو ڪنهن ڪالن ۾ ناس نٿو ٿئي. پوءِ هيٺيون سلوڪ اُچاريائون:

سلوڪ - نئنم ڇدنتي شستراڻي -
نئنم دهتي پاوڪهہ،
نہ چئنم ڪليدينتياپو- نہ شوشيتي مارتہ.

ٻڌيو سڀڄا تي ويٺو هو، اُني اچي ٽپ ڏيڻ لڳو. راڄڪمار ٽڪ
هٽي ڀونڊو ڏنس. سانگي واري شينهن گجگوڙ ڪري راڄڪمار
کي اهڙو ته زور سان چنبو هنيو، جو هو سڀڄا تان ڪري پيو ۽
مري ويو. اهو حال ڏسي ساري سڀا ۾ هاهاڪار مچي ويئي ۽
سانگي وارو شينهن ٽنبوءَ ۾ هليو ويو. راڻيون روئڻ پٽڻ لڳيون.
راجا حڪم ڏنو ته جلدي سانگي واري کي پڪڙي وٺي اچو.
وزير سانگي واري کي پڪڙائي ڪيس راجا وٽ وٺي آيو. راجا
وزير کي حڪم ڪيو ته هن دشٽ کي جلدي ڦاسيءَ تي چاڙهيو.
راجائي حڪم ٻڌي سانگي وارو هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته هي
پرٿوي ناٿ! توهان راجائون آهيو، نياءُ ڪريو. جي مونتي ڦاسيءَ
جي سزا لاڳو ٿئي ته پوءِ پهرين مونکي ڦاسي ڏجو.

راجا غصي ۾ لعل ٿي ويو ۽ چيائين ته مها مورک! نياءُ
وري ڪهڙو ڪبو؟ تو اڄ وڏو ڏوهه ڪيو آهي. سانگي وارو وري
ٻه هٿ ٻڌي چوڻ لڳو ته هي راڄن! منهنجي ڳالهه ٻڌي انصاف
ڪريو. راجا روئي چيو ته نالائق! انصاف ڪهڙو ڪريون؟ اُسي
وزير ۽ ٻيا راجائون چوڻ لڳا ته سانگي واري جي ڳالهه ٻڌڻ گهرجي.
تنهن تي راجا سانگي واري کي چيو چڱو، ٻڌاءِ ته تو منهنجي پٽ
کي ڇو ماريو؟ سانگي واري نمرتا سان چيو ته راڄن! توهان مونکي
حڪم ڪيو ته شينهن جو سانگ ڌاري اچي کيل ڪر. سو مان
شينهن جو سانگ بڻائي سڀا ۾ گهمڻ لڳس. گهمندي گهمندي
راڄڪمار جي آسڻ پرسان ٻيهي نچڻ لڳس، ته توهان جي پٽ
مونکي ٽڪ هٽي ڀونڊو ڏنو. توهان نياءُ ڪريو ته ڪنهن به ٻبر
شينهن ڪڏهن اکون ۽ ڀونڊا کاڌا آهن جو مان ڀونڊا ۽ اکون
کائي شينهن جي سانگ کي لڄايان؟ هاڻي توهان انصاف ڪريو
ته مون ڪهڙو قصور ڪيو؟ اهو ٻڌي سڀئي راجائون، وزير،
امير، ساري سڀا چپ ٿي ويئي. ٻڌڻ منٽ کان پوءِ راجا چيو
ته هن جو ڪوئي قصور ڪونهي. ٺهڪري هن لي ڦاسيءَ جي

سانگ ڀرجي، تنهنجي رکيا پوريءَ طرح ڪجي.

جيسا ڏيئي سانگ، چال ٻي تيسي چاليئي،
ڪهي ٽيئون سنسار ۾، پرڻ اپنا پاليئي.

اُن بعد پرارٿنا ڪرائي، ستنام ساکيءَ جي ڌني لڳائي ستسنگ سماپت ڪيو ويو.

صبوح جو سوامي جن ۽ سڀئي ساڌ سوير اُٿي اِشنان پاڻي ڪري ڀائي ڪنور رام صاحب جي ڀڳت ۾ ويا. ڪنور رام صاحب جن کين ڀري کان ڏسي ڏاڍو خوش ٿي کين وهاريو. ڀڳت صاحب جن وينتي ڪئي تہ سوامي ڪرپا ڪري هڪڙو هڪڙو سلوڪ سڀئي ساڌ ٻڌايو.

تنهن تي ستگرن ۽ سڀني ساڌن واري واري تي سلوڪ ڏنا. ڀائي ڪنور رام صاحب جن ۽ ساري سنگت ٻڌي پرسن ٿي. ڏهين ٻجي صبح جو ڀڳت سماپت ٿي. تنهن کان پوءِ ڀڳت صاحب جن ستگرو مهاراجن ۽ سڀني ساڌن کي وٺي پنهنجي جاءِ تي ويا. جل پياري چيائون تہ اسانجي مرضي آهي تہ سڀاڻي اسان سان گڏجي مانجهند هلو. دربار جو پريمي جو اسان کي وٺڻ آيو آهي. سو بہ تمام گهڻو پيو چوي تہ منهنجي پاران توهان سڀني کي چئو تہ ميلي تي هلن.

مهاراجن ڀائي ڪنور رام صاحبن جو آٽي پريم ڏسي هلڻ سويڪار ڪيو. مهاراجن منڊليءَ سميت موڪلائي پنهنجي جاءِ تي آيا. شام جو ڇهين ٻجي ڀائي آوترام، ڀائي ٺاڪريو رام، ڀائي پرچارام ستگرن جي اڳيان پرشاد رکي، گرمنتر وٺي شش ٿيا. مهاراجن شام جو سير ڪري جاءِ تي آيا تہ سيٺ نوتنداس، ڀائي ليکراج مل، ڀائي هاسارام، ڀائي واڌومل ۽ ٻيا بہ ڪيترا ڇوڪرن جا مائٽ ۽ پريمي ستگرن جي اڳيان پرشاد رکي اچي ويٺا. مهاراجن سڀني کان خبرچار ورتي.

مطلب: هن جيو آتما کي ڪوبه شستر ڪٽي نٿو سگهي. نڪي باه ساڙي ٿي سگهي ۽ نه ئي پاڻي ٻوڙي ٿو سگهي ۽ نه ئي هوا سڪائي ٿي سگهي. آتما سدائين پنهنجي پاڻ ۾ اِستٿت آهي.

ايشور انس جيؤ ابناسي، چيتن امل سهج سک راسي.

اڄ ڪلاڪ ڪن ڪٿا ڪري بس ڪيائون. تڏهن وزير سونين مهرن ۽ سچن موتين جا ڀريل ٻه ٿالهه ڪڍي سندس اڳيان رکيا ۽ هٿ جوڙي چوڻ لڳو ته "هي ڀرڀو! اسان جي هيءَ تڇ ڀيٽا سويڪار ڪريو." نقلي شڪديو سونين مهرن ۽ موتين جي ٿالهن ڏانهن نهاريو به ڪين ۽ سيڄا تان اٿي هلڻ لڳو. وڏو وزير وري ٻه ٿالهه ڪڍائي اڳيان اچي هٿ جوڙي چوڻ لڳس ته هي ڀڳوان! توهانجو اُپديش ٻڌي راجا ڏاڍو خوش ٿيو آهي. ڪرپا ڪري هيءَ ڀيٽا انگيڪار ڪريو. تڏهن به نقلي شڪديو منهن ڦيرائي ڪڍي ٻئي پاسي ڪيو. وڏي وزير وري چيو ته هيءَ لکن جي ڀيٽا راجا توهان کي وڏيءَ خوشيءَ سان ڏئي رهيو آهي. انگيڪار ڇو نه ٿا ڪريو. نقلي شڪديو وراڻيو ته هن وقت مان شڪديو مهاراج جي سانگ ۾ آهيان. شڪديو مهاراج مها تياڳي هو ۽ پيسي کي هٿ به نه لائيندو هو. مان اها ڀيٽا وٺي ڪيئن شڪديو مهاراج جي سانگ کي ڪلنڪ لڳايان؟ جيئن مون شيٺهن جي سانگ کي نه لڄايو هو، تيئن هاڻي شڪديو مهاراج جي سانگ کي ڪين لڄائيندس. دنيا ۾ گهڻيئي سانگ ڀري موجون ڪيون اٿم. پر اڄ جو سانگ ڪو نه لاهيندس. اُتراکنڊ وڃي گوبند جو ڀڄن ڪري پنهنجو جنم سڦلو ڪندس. ائين چئي اُتراکنڊ هليو ويو. وزير راجا کي هٿ جوڙي چيو ته، هي راجن! مون گهڻي اٽڪل ڪئي ته ڀيٽا وٺي ته اوڏيءَ مهل ئي ڦاسيءَ تي چاڙهيونس، پر هن شڪديو مهاراج جو ٻه سانگ نه لڄايو. اهو درشٽانت ڏئي مهاراج چوڻ لڳا ته هي ڀائيو! جيڪو

هار ڪٺي اڳ ئي اسٽيشن تي بيٺا هئا. ڀڳت صاحب ۽ سنتن کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا. ڪين ڳلن جا هار پائي ڍهل شرنايون وڄائيندا سڀني کي پنهنجي آستان تي وٺي ويا. سڀني سنت اشنان پاڻي ڪري رسوئي کائي آرامي ٿيا. شام جو ٥ بجي ستگرو مهاراجن جن ڀڳت ڪنور رام صاحب جن ۽ ساڌ درياه جي ڪناري تي گهمڻ ويا. ٿورو گهمي، درياه جي ڪناري تي، هڪ سندر جڳهه تي اچي ويٺا. اتي ڪنهن پريميءَ شنڪا ڪئي ته شاستر چون ٿا ته پرڪرتي مايا جڙ آهي ۽ برهم ۾ ڪابه ڪرپا ڪانه آهي، تنهي ڳڻن ڪان پري آهي. پوءِ هن برهمنڊ جو ڪاروبار ڪيئن ٿو هلي؟ تنهن تي ڀڳت صاحب ستگرو مهاراجن کي چيو ته توهان ان جو نرڻو ڪريو. ستگرو مهاراجن ڀائي صاحب جن کي چيو ته توهان چئو. تنهنتي سوامي جن چيو ته هي پرڀوءِ! برابر پرڪرتي جڙ آهي ۽ برهم پرماتما اڪريه آهي، جدا جدا هڪ هڪ ڪان سنسار جو وهنوار نه هلي سگهندو پر ٻنهي جي ميلاپ سان سنسار جو ڪاريه هلي ٿو جيئن سورج به ڪپڙي کي نٿو ساڙي ۽ آتشي شيشو به ڪپڙي کي جلائي نٿو سگهي، پر سوريه ۽ آتشي شيشي جي ميلاپ سان ڪپڙو سڙي ٿو. ٻيو جيئن انڌو به ڪم ڪري نٿو سگهي ۽ منڊو به ڪم ڪري نٿو سگهي، پر ٻنهي جي ميلاپ سان ڪاريه ٿي سگهي ٿو. تئين پرڪرتي جڙ سوروپ يعني اَنڌي آهي ۽ برهم چيتن منڊو معنيٰ انگن رهت اَڪريه آهي، الڳ الڳ ٻنهي ڪان سنسار جي اُتپتي استتي ۽ سنگهار روپ ڪاريه نٿو ٿي سگهي پر برهم چيتن ۽ پرڪرتي جي سنبنڌ سان سنسار جو وهنوار هليو ٿو. جيئن ڀڳوت گيتا ۾ ڀڳوان ڪرشن چندر چيو آهي ته منهنجي سهاري سان پرڪرتي چراچر سنسار کي پيدا ڪري ٿي. اتي درشٽانت ڏنائون:

درشٽانت - هڪڙو راجا پنهنجي وزير سان گڏجي ولائت گهمڻ ويو. اتي هڪ باغيچي ۾ گهمڻ ويا، جتي تمام سندر ڦل

سيٺ نولنداس چيو ته هي ڀريو! اوهان جي ڪرپا سان آنند منگل آهي. اسان خيال ڪيو ته آوترام ڪي وٽي اچون ۽ اوهان جو درشن به ڪري اچون. هي ڪاهيءَ جا ڀريمي آهن، جن مان ڪي پنهنجي ڇوڪرن ڪي وٺڻ آيا آهن ۽ ڪي اوهان جو درشن ڪرڻ آيا آهن. وينتي آهي ته آوترام ۽ ٺاڪريو رام ڪي خوشيءَ سان موڪل ڏيو ته سڀاڻي اسان سان گڏجي هلن، جو سندن ماڻت تمام اُداس ٿي پيا آهن. ستگرن چيو ته اسان پاڻ ڪين چيو آهي ته ماڻتن جي آگيا ۾ رهي، وڏن جي شيوا ڪريو. سو ڀلي صبوح جو وٺي وڃو. اسين به سڀاڻي ڀائي ڪنور رام صاحب جن سان گڏجي مانجهند وينداسون. جل پان ڪانپوءِ چوئٿ ڀال چيو ته سائين! موڪل ڏيو ته پنهنجي آستان تي وڃان. بسنترام ۽ مرليڌر چوڻ لڳا ته اسان هلنداسون. مهاراجن چيو ته ٻاٻا ساڌ ٿيڻ ڪٺن آهي توهان اسان وٽ رهي نه سگهندا. اسان اُتي سيڌي ڪان ٻڌن جو ڪم ۽ ٻي شيوا وٺندا آهيون. تنهن تي ٻنهي چيو ته ”اسان سڀ ڪم ڪرڻ ۽ آگيا مڃڻ لاءِ تيار آهيون پر اسان ڪي ساڻ وٺي هلو. ائين چئي روئي ڏنائون. مهاراجن چيو ته اَبا روئو نه، ڀلي ساڻ هلو. انترو ٻڌي واڌومل مرليڌر کي ۽ ليکراج بسنترام ۽ گرڌاري کي، هاسارام سنتداس کي وٺي گهر روانا ٿيا ۽ ٻاقي پرمانند گوئندرام آوترام سنتن سان گڏجي مانجهند هليا. ڀڳت وانورام، پرمانند، گڻيشانند ۽ سنتداس به چيو ته اسان به توهان سان گڏ هلنداسون. مهاراجن چيو ته اَبا! جيڪا توهان جي مرضي. تنهن کانپوءِ ستگرو مهاراجن پنهنجي منڊليءَ سميت سنيري، سيٺي پرمين، سيٺ کلومل ۽ ڄڙيارام کي آشيرواد ڏئي، ڀائي ڪنور رام صاحب جن سان گڏجي تاريخ ۱۳ اسوءَ جي مانجهند روانا ٿيا.

تاريخ ۱۴ مانجهند اسٽيشن تي اچي لٿا. جتي ٻائو ڌرمداس صاحب ۽ ٻيا ڪيترا گرهستي پريمي، دهل شرنايون وٺيو، ڏڻ جا

تڏھن لنگڙي چيس تہ اَدا ھاڻي اِتي ويھہ. سورداس اُتي ويٺو. لنگڙي ٻانھون ڊگھيون ڪري، ٢-٣ ٽل پٽيا. پوءِ سورداس کي چيائين تہ ھاڻي مُنھن ڦيرائي پنھنجي ڏائي پاسي ھل تہ پنھنجي جاءِ تي ھلي، ويھي ٽل کائون. سورداس خوشيءَ ۾ ٽڪڙو ٽڪڙو پنھنجي ٻنڊڪ واريءَ جاءِ تي اچي پھتو، لنگڙي کي ڪلھن تان لاھي ھيٺ وھاريائين. تنھن کانپوءِ ٻنھي ڄڻن ٽل ويھي کاڌا. ٽل کائي، سورداس چوڻ لڳس تہ تو تہ اڄ ڪمال ڪري ڏيکاريو آھي جو امبرت جي سمان مٺا ٽل کارايا اٿيئي. اڳتي بہ روز اھڙا ٽل پٽي کارائيج. مان روٽي بہ ڪونہ کائيندس. لنگڙي چيس تہ، ٽل تہ توکي دل سان کارائيندس، پر ھڪڙي ڳالھہ آھي، جو اڄ نہ سڀاڻي، اِنھيءَ ڳالھہ جي خبر ضرور راجا ۽ وزير کي پئجي ويندي ۽ پوءِ اسان ٻنھي کان پڇندا. تون اصل نہ ڪڇج. مان پاڻيھي جواب ڏيندوسان. سورداس چيو اَدا! ڪُھي وجھندا تہ بہ مان ڪونہ ڪڇندس. اِھا صلاح ڪري، ھر روز ٻڪل ٽل کائي ڇڏيندا ھئا. ڪجھہ ڏينھن کانپوءِ، وزير باغيچي ۾ گھمي ڏسي تہ جيڪي ٽل پچڻ تي ھئا، سي آھن ئي ڪونہ. سو لنگڙي ۽ سورداس کان پڇڻ لڳو تہ ھتان ٽل ڪنھن پٽيا آھن. لنگڙو ھٿ جوڙي چوڻ لڳو تہ، حضور! اسان کي ڪائي خبر ڪانھي. رات ڏينھن ويٺا آھيون. وزير ويچار ڪيو تہ باغ جو دروازو کليل آھي، شايد ٻاھران ڪي ماڻھو اچي ٽل چوريءَ پٽي وڃن ٿا. اِھو خيال ڪري دروازو بند ڪرائي، مضبوط تالو ڏيئي، چاٻي پاڻ سان کڻي ھليو ويو. روٽي بہ وقت سر لنگڙي ۽ سورداس ي پنھنجي خاص ماڻھوءَ ھٿان ڏياري موڪليندو ھو.

ھوڏانھن لنگڙو ۽ سورداس بہ اچي ھريا. سو جيڪي بہ ٻہ ار ٽل پچن، سي صبح جو سوير پٽي، کائو ڇڏين. ٻن ٽن ڏينھن نپوءِ وري وزير باغيچي ۾ اچي ڏسي تہ جيڪي ٽل پچڻ تي

کاڙائون. راجا وزير کي چيو ته اهي ڦل پنهنجي باغيچي ۾ لڳائجن. تنهنڪري هتان هنن ڦلن جو ٻج وٺي هلو. تنهن کانپوءِ ڪجهه ڏينهن بعد ڦلن جو ٻج وٺي پنهنجي ملڪ واپس آيا. هڪڙي ڏينهن راجا وزير کي گهرائي چيو ته ولايت مان آندل ٻج شهر جي ٻاهرئين پاسي، هڪ نئون باغيچو لڳائي، اُن ۾ پوکائي ڇڏ. باغ جي چوڌاري هڪ مضبوط قلعو ٺهه ڏيارج. وزير يڪدم آگيا پالن ڪئي. وڻ سامايا ۽ ڦل جهليائون، راجا وزير کي چيو ته هاڻي پهرو رکو، جيئن پاڻ کانسواءِ اهي ڦل ڪير به نه کائي سگهي. وزير چيو ته حضور مان اهڙو ته بندوبست ڪريان جو خود پهريدار به ڦل کائي نه سگهندا. وزير هڪ سورداس ۽ هڪ لنگڙي کي باغيچي ۾ پهري لاءِ رکيو. ڦل پچڻ تي آيا ته وزير راجا کي وٺي اچي باغيچو گهمايو. راجا ڦل ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ وزير کي چيائين ته ڦل هڪ ٻن ڏينهن ۾ پچي راس ٿيندا جيڪي ڦل هر روز پڪن سي اسان کي پهچائجو.

ٻن ٽن ڏينهن بعد، ڦل پڪا. لنگڙي سورداس کي چيو، هي ادا، ٢-٣ ڦل اڄ پڪا آهن ۽ ڏاڍا سندر آهن. منهنجي دل پئي چوي ته پاڻ ٻئي کائي مزو وٺون. جو راڄ ڏينهن بنا عيش جي هتي جهنگل ۾ پيا آهيون. سورداس وراڻيو ته، مان سورداس اکين کان ڪجهه به ڏسي نٿو سگهان، تون لنگڙو هڪ قدم به هلي نه ٿو سگهين، سو پاڻ اهي ڦل ڪيئن کائي سگهنداسون. تنهنتي لنگڙو چوڻ لڳس ته، ادا تون جي مون سان شامل ٿئين ۽ جيئن مان چوانءِ تيئن ڪرين، ته پوءِ يڪتي ٻڌايانءِ. سورداس چيو، مان توسان هر طرح ٻڌل آهيان، جيئن چوندين تيئن ڪندس. لنگڙي چيس ته چڱو، تون ٻلوان آهين. مونکي کڻي پنهنجي ڪلهن تي چاڙهه. سورداس کڻي ڪلهن تي ويهاريس. لنگڙي چيس ته هاڻي پنهنجي ساڄي پاسي هل. سورداس ساڄي طرف هلڻ لڳو، جڏهن جتي ٻڪل ڦل لٽڪي رهيا هئا، اُتي آيو،

قل پيو اٿئو. وزير جي رڙ ٻڌي، سورداس ته ٻپ وچان اُٿيءَ
ڪري پيو. وزير ڪروڌ ۾ اچي، لنگڙي ۽ سورداس کي چيو ته،
"توهان ٿي قل ڇڏي ڪائيندا آهيو." ٻنهي چيو تـه "حضور!
ٻارهن اسان ٿي ڪائيندا آهيون، پر اڄ ڪان وٺي ڪونه ڪائينداسون.
هينئر اسان کـي معافي ڏيو." ائين چئي، روئي وزير جـي
پيرن تي ڪري پيا. وزير چيو ته آهيو تـه ڦاسيءَ جي لائق، پر
توهانجي حرفت بازي ڏسي، توهان کي معافي ٿو ڏيان. جي آئينده
قل پٽيندا ته، توهانکي ڦاسيءَ تي چاڙهيو ويندو. ائين چئي وزير
راجا وٽ آيو. راجا چيو، وزير! ٻڌاء ته ڪهڙو حال آهي؛ قلن
جو ڪو پتو پيو؟ وزير مشڪي ساري حقيقت راجا کي ٻڌائي.
راجا ٻڌي کلڻ لڳو. چيائين ته اڄ تمام نئين ۽ عجيب ڳالهه ٻڌائي
اٿيئي. چڱو، هاڻي جيڪي قـل پٽن سي ڪٽي اڇجو. ستگرن
ٻوء انهيءَ درشٽانت جو سڌانت هن ريت ورنن ڪيو.

پرڪرتي، مايا جڙ سورداس جي سمان آهي. ساکي چيتن
جيوآتما لنگڙو آهـي، جنهن ۾ ڪائي ڪريا ڪانهي، پـر ٻنهي
جي ميلاپ ڪري، هن ساري سنسار جو ڪاروبار هلي رهيو آهي.
اهي وچن ٻڌي، ڀائي ڪنور رام صاحب جن ۽ سڀ پريمي تمام
خوش ٿي چوڻ لڳا ته اڄ ته ڏاڍي نئين ڪٿا ٻڌائي اٿوَ. ائين
پاڻ ۾ رس رهاڻ ڪري، موٽـي پنهنجي جاء تي آيـا. ٨ بجه
ستگرو مهاراجن ستسنگ شروع ڪيو. سنتن جي مهما جـي وارتا
هلايائون. چيائون تـه "سنت، مهاتمائون ساري سنسار جو جيون
آهن. هنن پراپڪار واسطي اوتار ڌارڻ ڪيو آهـي." پـوء
هيٺيون اچند چيائون:

ڪونڙا چند - آمر لوڪ سي سنت پڌاري -

ڌرڪي نت اوتـارا جي،

هٿا سي آهن ئي ڪونه. اهو حال ڏسي، ڪروڌ ۾ ڀرجي، لنگڙي
۽ سورداس کي گهٽ وڌ ڳالهائي چوڻ لڳو، ته ڦل ڪير ٿو پٽي
وڃي؟ يا ته توهان ٻـئا پٽي کائـو. لنگڙي هٿ جوڙي چيو ته
حضور! اسان ته ڪنهن کي ڪونه ٿا ڏسون. توهان ويچار ڪري
ڏسو مان لنگڙو، هڪ پير به اڳتي هلـي ڪونه سگهان ۽ هي
ويچارو سورداس ڏسيئي ڪونه. پوءِ اسين ڦل ڪيئن پٽي کائي
سگهنداسين؟ وزير چپ ڪري سڌو راجا وٽ آيو ۽ اچي سڄي
حقيقت ٻڌايائين. چيائين ته دروازو بند ڪري تالو به لڳارايو آٿر،
سورداس ۽ لنگڙو به پٽي ڪونه سگهندا، پر ڳالهه سمجهه ۾ ڪانه
ٿي اچي، ته ڪير ٿو پٽي وڃي. هيترا ڏينهن مون ٽپ ڪـئن
توهان سان ڳالهه نٿي ڪئي. پـر هاڻي ڪنهن ڏينهن مـان پاڻ
لڪي، جاچ ڪندس. راجا چيو، وزير! ڳالهه ته ڳري ٻڌائي اٿيئي.
هاڻي باغيچي جي ٻاهران چوطرف پهرو رکـ، متان ڪو رات جو
پٽ ٽپي نه ويندو هجي. وزير باغ جـي ٻاهران به زبردست پهرو
بيهاريو. جيڪي ڦل پچڻ تي هئا، تن تـي نشان ڪري پنهنجي
جاءِ تي آيو. ٻن ڏينهن کـانپوءِ شام جو وري باغيچي ۾ ويو. ڇا
ڏسي ته ڦل آهن ئي ڪونه. اهـو حال ڏسي ويچار ڪيائين ته
باغيچي جي ڪنڊ ۾ لڪي رات جاڳـي ڏسان، ته ڪير ٿو ڦل
پٽي وڃي. اهو ويچار ڪري ٻـاهران زبردست تالو ڏياري، پاڻ
ڏيري ڏيري، وڻن جـي ٻوٽـن ۾ لڪي ويهي رهيو. ساري رات
جاڳيو، چڱيءَ طرح جاچ ڪيائين، پر ڪوبه آدمي نظر ڪونه آيس.
صبح جو ٧ بجي کن خيال ڪيائين ته جاءِ تـي وڃي اشنان پاڻي
ڪري روٽي کائي پوءِ اچي جاچ ڪيان، ته ايتري ۾ ڏسي ته سورداس
لنگڙي کي ڪلهن تي چاڙهي، ڦل ڦلن وٽ اچي بيٺو. لنگڙي
هڪڙو ڦل مس پٽيو، ته وزير جو اُتـي لڪو ويٺو هو ۽ سارو
رنگ پٽي ڏٺائين، سو هڪل ڪري چوڻ لڳو ته خبردار! متان ٻيو

مهما جي اَنت نه آهي. پوءِ هيٺيون ڀڄن ڇپائون :

راڳ ڀيلا

تُل - امراپور کي پوڳي آيا - جڳ جڳ جيو اُڌارا .
۱- ڪميا سم سنتوش وچاري - ڀرمارٿ سي پر اپڪاري،
پريمين ڪيا پڪارا - تب ڌار ليا اوتارا .
۲- داني جت ست ڌيرج ڌاري ڀاهر ڀيتر ڀڄن ڀنڊاري،
گيان امر قل سارا - نت ڪرني سنت اَهارا،
۳- سن پرمي جن باغ لڳايا - چارون ساڌن چمن بنايا،
پشپ گڻن گلزارا - اُپديش هوئا مهڪارا .
۴- اشٽ ڪمل پرآسڻ ڪيا-اَمر ديش ڪو ديک س ليا،
پايا دو ء ديدار - تن ديکا اگم اپارا.
۵- ڪهي ٽيڏئون ڪر جوڙ پڪاري -
ڀاڳ جڳي گهر آئي هماري،
ليکا جم نوارا - تب هويا جئه جئه ڪارا.
"سنت کي مهما ويد نه جاني - جتا سني تتا وکاني."

اِنهيءَ وشيه تي ٻيا به ڪيترا ڀڄن پرماڻ ڏئي ارت سهت چئي، رات جو ۱۲ بجي پرارٿنا ڪرائي، ستسنگ سماپت ڪيائون. اَهڙيءَ طرح، ستگرو مهاراجن مانجهند ۾ ٽي ڏينهن سنتن جي ميلي تي رهي، سنتن جي مهما، ڌرم ۽ ست اُپديش جو پرچار ڪيو.

تنهن کان پوءِ ڀائي ڪنور رام صاحب جن کي ڇپائون نه هاٿي ڪرپا ڪري، اسان سان گڏجي اسان جي به ڪنڊيوءَ شهر ۾ هلو. ڀائي ڪنور رام صاحب جن چيو ته هن وقت اَسان ٻين پاسي وچن ڏنا آهن. تنهنڪري وري ڪنهن وَقت اهڙو ڪو موقعو بڻيو ته ضرور ايندا سون. ستگرو مهاراجن سڀني سنتن کان موڪلائي پنهنجيءَ منڊليءَ سميت ٻيڙيءَ ۾ چڙهي درياهه پار ڪري ڳوٺ خانوٽ پهتا.

نشڪامي نـر هاني نسنگي -
نر پڪيہ نپ جيون نيارا جي،
برهـم گيـاني آنترڌياني -
دانـي پـرم اُدارا جـي،
پرم ويـراگـي هر آنراگي-
تياڳي رهت وڪـارا جـي،
آپني سر پر دُکہ سهاري -
ڪرتـي پـر اُپڪـارا جـي،
نيت ڌرم ڪي مارگہ چل ڪر-
اور چـلاون هـارا جـي،
جو مهڪيي موکيہ اِڇا سي -
آوت تـانهـن دوارا جـي،
تـانڪي سنسي سرؤ نواري-
ڪرهين پـو سي پارا جي،
ڪهي ٽيئُون تن سنتن اُوپر-
جـائون مڻن بـلهارا جـي.

مطلب: سنت مهاتمائـون امرلوڪ مان جيون جـي اُڌار واسطي اوتار ڌاري سنسار ۾ آيا آهن. سدائين نشڪامي يعني نر اِڇا، مان پُوڄا ڪي نہ چاهيندڙ، مذهب ڪان پري، اُپيدي نـي رهندا آهن. تتووِتا سديو ئي ويراڳـي، آتم گيان جي اُپيدان ڌيرج وارا آهن. پنهنجي سر تي ننداڻون گلائون، جنيون قتيون ۽ مذهب جـا مهڻا طعنا ۽ ڪڙا وچن سهي، سڀ جـي رستي هلڻ وارا آهن. اُنهن جـي مٿان هزار وار بلهار وڃان. ان سنتن جي

پر اُنهيءَ منش جا پران گوبند جي ڀڄن کان سواءِ ويرٿ آهن. جن جي هردي ۾ ڀڳوان، سنتن ۽ گرن جي لاءِ پريم آهي، تن جو جيئڻ سنسار ۾ سڦل آهي.

راڳ حسيني

ٽل- ايڪ هي پريم پريو کو پايا -
جات ورڻ کل ڪرم نہ ديکا پريم ڪي هات پڪايا.
۱- پريم اَنُل جب کيوت کينا - رام ديکہ مسکايا،
جن چرڻون کو يوگي چاهت - سي نج چرڻ ڌلايا.
۲- پريم ڀيلني کا جب ديکا - رگهور تب گهر آيا،
پريم جٽائو کا لکہ هرني - اپني ڌام پٺايا.
۳- پريم ديکہ سگريو کا هرني - اپنا متر بنايا،
پريم ڀون سُت ائسا کينا - رگهپت کنٺ لڳايا.
۴- پريم وڀيشڻ کا جب ديکا - تب هر راج دلايا،
کهي ٽيئُون ڀهہ پريم هري کا- پاڳ اُٽي کس پايا.

اِهو ڀڄن ارٿ ۽ پرماڻن سهت ڳائي ستسنگ سماپت ڪيائون. ساري سنگت ٽي ڀاؤ پرشاد ورتي، پنهنجي گهر وئي. اهڙيءَ طرح نت نيم سان ستسنگ ڪندا رهيا. هفتي کن کان پوءِ، هڪ ڏينهن، ڀائي ٻڌشارام، عادوشاهہ ڳڙهي سکر ضلع جو ستگرو مهاراجن وٽ سوالي آيو. پرشاد رکيءَ، پيرين پئي، هٿ جوڙي چوڻ لڳو تہ هي گرديو! اسان سان اَڌرم ۽ ڪنياءُ ٿي رهيو آهي. منهنجي ننڍي ڀاءُ پيوندمل جو مڱڻو، موٽاڻن جي ڳوٺ ۾ ٿيل آهي. ڇوڪريءَ جو پتا گذاري ويو آهي. اِها مائٽي ڇوڪريءَ جي ماءُ رضا خوشيءَ سان ڪئي آهي. پر مائيءَ جي ڏيرن اُها ڇوڪري مياڻيءَ جي مکي ڏولتداس جي پٽ سوڀراج سان مڱائي ڇڏي آهي. اِنهيءَ ڳالهہ تي پاڻ ۾ جهيڙو ٿي پيو آهي. مائي پنهنجي ڌرم تي قائم آهي ۽ چوي ٿي تہ جتي مون

خانوت جي ڳوٺ ۾ جل پان ڪري پنڌ روانا ٿيا. شام جو ٥ بجي پنهنجي شهر ڪنڊيو نگريءَ ۾ پنهنجي آستان تي پهتا. ماتا ڪرشنا ۽ سيڻي سان مليا. ستگرو مهاراجن جي اچڻ جي خبر ساري شهر ۾ پکڙجي وئي. ڪيترا پريمي، ستسنگي ۽ جگياسو ڪم ڪارين ڇڏي درشن لاءِ اچي مڙيا. پيرن پئي اکين ۾ جل آڻي، چوڻ لڳا، ”هي ترلوڪي ناٿ! توهان تمام گهڻو وقت سنڌ تي ٿا لڳايو. توهان کانسواءِ اسان تمام اُداس ٿي ٿا پئون. سنسار جو ڪوبه پدارٿ منو نٿو لڳي. هاڻي ڪرپا ڪري ڪيڏانهن به نه وڃجو. ستگرن مشڪي چيو اَبا! اِها ڳالهه اسان جي وس کانهي. جيڏانهن داتو پاڻي ڪڍي ٿو وڃي، اوڏانهن هليا ٿا وڃون. رات جو ستسنگ شروع ٿيو. ڪنڊيو ساري شهر مان گهڻي انداز ۾ خلق اچي ڪٺي ٿي. ڪلاڪ کن ڀڄن ساڌن سنگت ڪي گڏ گڏ ڪيو. تنهن کان پوءِ ستگرو مهاراجن ۽ سيڻيءَ ساڌ گڏجي ستسنگ ڪرڻ لڳا. ڀڳوان جي پريم وارتا هلي. مهاراجن چيو ته هي جيو ڀڳوان جي پريم کانسواءِ سڃو آهي.

دوهرو- جان گهٽ پريم نه سينچري-
سو گهٽ جان مسان،
جئسي کال لوهار ڪي - سواس ليت بن پران.

مطلب: جنهن جيو جي هردي ۾ ڀڳونت جي ملڻ جو پريم پيدا نه ٿيو آهي، اُنهيءَ جو هردو شمشان جي برابر آهي. جئن مساڻن و اُلو، چبرا، ڏائڻيون ۽ پشاچڻيون اچي واسو ڪنديون آهن، تئن اُنهن جي هردي ۾ به ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهه، اَهنڪار، آشا ترشنا، چنتا، آدي وڪار اچي گهر ڪندا آهن. اُهو مڙش مڙدي سمان آهي. جئن لوهار جي کل، ڌوڻي حالي پران ڇڏيندي ۽ ڪڍندي آهي. تئن اُهو مڙش به اَجايا پران پيو ڪڍي. اُنهيءَ لوهار جي ڌوڻيءَ جا پران ڪنهن ڪم ۾ نه اچن ٿا.

جي ڏيرن کي پئي ته ساڌ مهورت ڪڍايو آهي ۽ سنڌارائڻ تي شادي ٿيندي، تڏهن مائيءَ جا ڏير ٣٠-٤٠ ڄڻا پاڻ سان وٺي، جهيڙي لاءِ موناڻن ۾ آيا.

ستگرن سيٺي کي منع ڪئي ۽ چيائون ته وڙهڻ چڱو ناهي ۽ جهيڙو ڪرڻ ڌرم ناهي. ڳوٺ جا مسلمان، وڏيرو غلام نبي، وڏيرو محمد پناه، سيد مجيد شاه، سيد ڀڳل شاه جي ستگرو مهاراجن جو ڀڳتن سڻي پريمي ٿي پيا هئا، تنکي جڏهن خبر پيئي ته هنن هندن کي چيو ته خبردار، جي درويشن سان جهيڙو ڪيو اَئو. مسلمانن جي دٻاءُ تي اُهي چپ ٿي ويا.

مائيءَ جي ڏيرن جي پاسي وارن مان، ڀائي جهنگل مل، سنتومل ۽ ٻيا ٻه ڪي ٻه-ٽي ڄڻا ساڌن جي پاسي هئا. اُنهن ٻه ڪين سمجهايو پر ڪين سمجهايون. راتوراتمائيءَ جي ڏيرن، ڇوڪريءَ جي مامي ٽلومل کي چيو ته هتي مسلمانن جو زور آهي. متان سنڌن سان ملي، ڇوڪري زوريءَ ڀڄائي ڇڏين؛ تنهنڪري منهنجي صلاح آهي ته عظمت جي ڳوٺ ڇوڪري وٺي هلجي. اِها صلاح ڪري، ڇوڪريءَ کي رات جو هڪ ٻجي چوريءَ عظمت وٺي ويا. صبوح جو اِها خبر ساڌن ۽ ساري ڳوٺ کي پئجي ويئي وڏيري ۽ سيدن کي جڏهن اِها خبر پئي، ته مهاراجن وٽ آيا ۽ چيائون ته هي فقير سائين! توهان حڪم ڏيو ته عظمت مان ڇوڪري ڪڍي اچي توهان جي اڳيان حاضر ڪريون. ستگرن چيو ته زوري ڪرڻ نيڪ ناهي، ڌڻي سڀ ڪنهن کي پنهنجو حق ڏيندو.

ستگرو مهاراجن ٻه-ٽي ڏينهن موناڻن ۾ رهيا. هڪ ڏينهن ڀائي بخشارام ۽ ڀائي گوبندرام، مهاراجن کي چيو ته هي پڳون! هاڻي هتي وڌيڪ رهڻ مان ته ڪوبه ڦل ڪونه نڪرندو. تنهنڪري اسانجو ويچار آهي ته پاڻ سيٺيءَ عظمت جي شهر هلي مکي آنندرام کي گهرايون. توهان اُنهيءَ باري ۾ اُن تي ڪجهه زور رکو. مهاراجن فرمايو ته آيا! چڱو پلي تياري ڪريو ته هلون.

ٻارن ڇوڪري مڱائي آهي، لئي ڏيندس. اهــا ڳالهه مائيءَ جا ڏير نٿا مڃين ۽ چون ٿــا ته جئي اسان مائٽي ڪئي آهي اُني پرڻائيندا سون. لاچار اها ڳالهه پرڳڻي جــي پنچائت ۾ هلي؛ پر پنچ به اُنهيءَ ڳالهه جو فيصلو نه ڪري سگهيا، ڇو جــو مائيءَ جا ڏير تمام هلندڙ وارا آهن ۽ ڪنهن جي به نٿا مڃين. تنهڪري هيءُ داس بيو ڪو رستو نه ڏسي، توهان جي در تي سوالي ٿي آيو آهي. هلي ڌرم جي رکيا ڪري اسانجو ٻيڙو تاريو.

اِئي سنت گهنبو رام جن پريــم ننگو سالاري وارا، ستگرو مهاراجن سان ملڻ آيــا. ستگرو مهاراجن کين پريم ستڪار سان وهاري، خبرچار ڏئي وٺي کين چيو ته پائي ٻکشارام جن عادوشاهه ڳوٺ هيءَ وارا سوالي ٿي آيا آهن. توهان به اسان سان گڏجي هلو. سنت گهنبو رام چيو ته جئن توهان جــي مرضي. جيتوڻيڪ ڇهن مهينن ڪانپوءِ مس ڪنبوءَ ۾ آيــا هئا، ۽ شهر جــي برهمڻن ۽ ستسنگين به ستگرو مهاراجن کــي نه پئي ڇڏيــو، ته به ستگرن پريميءَ جي ارداس سوڪار ڪئــي ۽ پنهنجي منڊليءَ سميت، سنت گهنبو رام کي وٺي روانا ٿيا. وات تي ڪٿي به ڪونه ترسيا. سڌو موناڻن جي ڳوٺ ۾ پهتا، جو مسلمانن جــو هڪ ننڍو ڳوٺ، درياهه جي ڪناري تــي هو. اُتــي صرف ٻه ٽي گهر ۽ دوڪان هندن جا هئا. مهاراجن پائي ٻکشارام جــي ڪچن ڪکن جــي ڪٽيائن ۾ اچي لٿا. ٻئي ڏينهن صبوح جــو مائيءَ کــي گهرائي ساري حقيقت پڇيائون. مائيءَ چيو ته مــون ٻار خوشيءَ سان ڇوڪري مڱائي آهي ۽ پنهنجي ڌرم تي قائم آهيان. توهان سمت آهيو ۽ هيءُ ڌرم جو ٻيڙو تاريــو. مهورت ڪڍائي نياڻي هٿ سان پرڻائي ڇڏيو. ستگرن ڪٿيءَ جــي سمت نارائڻ جو مهورت ڪڍائي پائي پيسو، ناريل، انگوڇو ۽ ٻه روپيا مائــيءَ کان وٺي، پائي ٻکشارام کي ڏنا. هفتي کن ڪانپوءِ، جڏهن اها خبر مائيءَ

وڏي ڪرپا ڪئي اٿوَ جو جلدي سفر ڪري موٽي آيا آهيو. ٻڌايو! جنهن ڪارج لاءِ ويا هئا تنهن جو ڇا ٿيو؟ وري نه ڪونه ويندا؟ ستگرن چيو ته اَبا! جنهن ڪارج لاءِ ويا هئاسون، سو ڪارج ڀڳوان جي ڪرپا سان پورو ٿيندو. هاڻي ڪجهه وقت ٻاهر ڪونه وينداسون. اهو ٻڌي سيٺيئي پريمي خوش ٿيا.

رات جو ٨ بجي ستسنگ شروع ٿيو. ستگرو مهاراج ڀڄن ڪيو. وشنو يوڳ جي اثر جي وارتا ڪيائون.

دوهرو - اَلِ پتنگ، مرگهه، مين گج -

اِڪ اِڪ رس ڪي آنچ،

تلسي وان ڪي ڪَوَن گت -

جامي ويا پت پانچ.

ارٿ: اَلِ معنيٰ ڀنورو، جو ڪنول گل ۾ سر ڏيندو آهي. ڀنورو ڪنول گل ۾ وڃي ويهندو آهي، اُن گل جي سندرتا، ڪوملتا ۽ سڳنڌيءَ ۾ لٽولين ٿي، پنهنجي سرير جي سڌ ٻڌ ڀلائي ڇڏيندو آهي. جڏهن رات جو گل ٻوٽجي ويندو آهي، تڏهن ڀنورو اُنهيءَ ڪنول جي گل ۾ مري ويندو آهي.

٢- پتنگ بتيءَ جي پرڪاش تي اگنيءَ ۾ جلي خاڪ ٿي ويندو آهي.

٣- هرڻ ناد جي آواز تي ناس ٿيندو آهي. جڏهن هرڻ جي ڌن ۾ ڪستوري ٿيندي آهي تنهن کي گوڏو ڪونه ٿيندو آهي. سو جي ڪري ٻوي نه اُٿي ڪونه سگهندو آهي. وٽن ڪي پاسو ڏئي آرام ڪندو آهي. شڪاري جهنگل جي ڀرسان ميدان تي اچي زمين ۾ ڪاتي کوڙي، اُن ۾ نوڙي ٻڌي، نوڙيءَ کي وڏي ڀري لڪي وڃي ناد وڄائيندو آهي. هرڻ اچي اُنهيءَ ڪاتيءَ کي پاسو ڏئي ناد ٻڌندو آهي. اُنهيءَ آواز جي رس ۾ اچي سرير جي

مهاراڄ مڊياڻيءَ سميت عظمت ۾ آيا. ٻئي ڏينهن ڄڏهن مکي آنندرام کي پُڇڻ عادو شاه مان گهرائي، ساري حقيقت هن سان ڪيائون ۽ چيائون ته توهان هن ڳالهه جو فيصلو ڪريو. مکي آنندرام چيو ته هي پرڀو! اسان تمام گهڻي ڪوشش ڪئي آهي، پر مائيءَ جا ڏاڄ نٿا مڃين. وري به توهان جي آڳيا پائي، پرڳڻي جي پنچايت ڪني ٿا ڪريون ۽ مائيءَ جي ڏاڄ کي به اُتي گهرايون ٿا. پنج - پندرهن ڏينهن بعد پرڳڻي جا مکي، ڄهڙوڪ عظمت جو مکي راڄل مل، آباد جي ڳوٺ جو مکي ڄيوترام، محمد آباد جو مکي راڌو مل ڳوڙهياسين جو مکي ٽيڙت مل، سرفوءَ جي ڳوٺ جو مکي هاسومل، ٻچڪ جي شهر جو مکي لهرومل وستم جي ڳوٺ جو مکي تولنداس، مياڻيءَ جي ڳوٺ جو مکي پوپٽداس، جڏهن جي چوڪري سان مائيءَ جي ڏاڄ چوڪري مڱائي هئي ۽ ٻين ڳوٺن جا مکي اچي گڏ ٿيا. مائيءَ جي ڏاڄ کي گهرايائون.

آچار هليو. ڪي پنچ مائيءَ جي پاسي ۽ ڪي مائيءَ جي ڏاڄ پاسي ٿيا. ٧-٨ ڏينهن ڏاڍو بحث هليو، پر ڪو به فيصلو نه ٿي سگهيو. تنهن تي مکي آنندرام ۽ عظمت جو مکي راڄلداس مهاراڄ ڏي نهاري چوڻ لڳا ته سائين هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ هيءُ فيصلو پنچايت کان ڏور آهي. ستگرن پنچايت کي چيو ته جي توهان هي فيصلو نٿا ڪري سگهو ته سائين هيءُ فيصلو ڪري ٿا وڃن ته هيءَ چوڪري اڄ نوءِ پيوندرام کي ملندي. تنهن ڪانپوءِ پاڻ ٻنهي ڌرين کي دلداري ڏيئي آشيرواد ڪري گاڏيءَ ۾ چڙهي شهدادپور کان لهي شاه پُٽ، سوڀڪندر ۽ شهڪ جي ڳوٺ مان ٿيندا پرچار ڪندا ستگرو ڪنبوءَ پنهنجي استان تي آيا.

ستگرن جي اوچتي اچڻ جو ٻڌي، ساري شهر جا پريمي مهاراڄ وٽ آيا. پيرن پئي چوڻ لڳا ته ترلوڪي ناٿ! هيڏهر ته

سٿگرو مهاراڄن هيءُ شبد اُرت سهت ڳائي ستنام ساکيءَ جي ڌني لڳائي، ستسنگ سماپت ڪيو.

راڳ ڪنسو

ٽل- جڳت جا ڀوڳ ڀڳوت ڪان ٻنڌا توکي ڀلائن ٿا

١- ڏسڻ ۾ ٿي مٺي ماکي، ڊکي ٿيندين چکي چاکي
سمجهه رکُ تون ٻٽي ساکي، جگر کي سي جلائن ٿا

٢- ڪٽنب ڪلست ٻنڌوُ ناري، تني سان تون نه رکُ ياري
وجهي تو پيار جي جاري، ڦندڪ وانگي ڦسائن ٿا

٣- اڇا تو انت سر آئي، ڌرم دل سان نه ڪيءِ ڀائي
ڪٽي هلندءِ هتان ڪائي، لڳن جي لات لائن ٿا

٤- گرن جي دئار ٿي گولي، ڪهي ڦيٽون جهلي جهولي
مٺي تن جي ٻڌج ٻولي، ڀرم ڀولا مٽائن ٿا

اهڙيءَ طرح سٿگرو مهاراڄن هررُوز نت نيم سان ستسنگ ڪندا رهندا هئا.

هوڏانهن سٿگرو مهاراڄن جي وڃڻ جي خبر ٻڌي هفتي کن ڪانپوءِ مائيءَ جي ڏيرن اُتي مهورت ڪيائي وهانءُ جي ٻڪ ڪٽي ۽ جتي ڇوڪري مڱائي هئائون. اُنهن کي ڇوائي موڪليائون ته فلاڻيءَ تاريخ عظمت ۾ اچي گهوٽ ڀرٽائي وڃجو. ڀائي ٻخشارام ڀنهنجي ڀاءُ کي مُکت ٻڌائي اُنهيءَ تاريخ تي عظمت ۾ جڃ وٺي آيو. هاڻي ڪنوار هڪڙي گهوٽ ٻه. اِهو حال ڏسي ساري ڳوٺ جا ماڻهو عجب کائي ڀائي گوبندرام کي چوڻ لڳا ته ڀنهنجي سنتن جي ڳالهه سچي ٿئي ٿي يا نه!

ڀائي گوبندرام جن سڀني کي چيو ته جڏهن سٿگرو مهاراڄن چئي ويا آهن ته اوس ٿيندو. سنتن جو وچن ڪڏهن به ڪوڙو نه ٿيندو آهي.

سڌ ٻڌ ڀلجي ويندي ائس. اُن مهل شڪاري اوچتو ٽوڙيءَ کي وٺي ڇڪيندو آهي. ڇڪڻ سان لڪڙي ۽ هرڻ ٻئي ڪري پوندا آهن. پوءِ شڪاري وڃي هرڻ کي ماريندو آهي.

۴- مڇيءَ جو ناس ڪنڊيءَ ۾ ٿيندو آهي. ماري ماس يا اَٽي جون ڳوڙهيون ٺاهي، ڪنڊيءَ ۾ وجهي، پاڻيءَ ۾ اُڇليندو آهي ۽ مڇي اُن ڪنڊيءَ ۾ ڦاسي پوندي آهي.

۵- هاٿيءَ جو ناس ڪام جي وشيہ ۾ ٿيندو آهي. جنهن ٻن ۾ هاٿي رهندا آهن، تنهن ۾ ماري وڏي کڏ کوٽي اُن جي مٿان سنهڙيون ڪاٺيون ۽ وڻن جا پن رکي مٿان ٿوري مٽي وجهي ڍڪي ڇڏيندو آهي. ڪاغذ جي هاٿڻ ٺاهي، کڏ جي مٿان بيهاري پاڻ وڃي وڻ تي چڙهي ويهي رهندو آهي. جنهن مهل هاٿي پري کان هاٿڻ کي ڏسندو آهي، تنهن مهل مستيءَ ۾ اچي گجڪار ڪري وٺي ڊوڙندو آهي. ڊوڙندو ڊوڙندو وڃي کڏ ۾ ڪرندو آهي. اهڙيءَ طرح ڀنورو، پتنگ، هرڻ، مڇي ۽ هاٿي اهي پنجئي جيو هڪ هڪ وشيہ جي ڪري ناس ٿيندا آهن. تلسيداس مهاراج فرمائين ٿا ته اُنهيءَ منش جي ڪهڙي حالت ٿيندي، جنهن ۾ اهي پنجئي وشيون موجود آهن؟ پر تنهن منش جي بچڻ لاءِ ٻيو ڪوبه رستو ڪونهي سواءِ هڪ جي.

دوهرو- پانچہ هووين تہ ڪيا - توڙي هون پچيس،
تلسي رج لاڳي نهين - جان گر چرني سيس.

مطلب: پنج وشيون هجن ته ڇا پنجويهه، پر جنهن جگياسوءَ جو ستگرن جي چرن ڪملن ۾ انتي پيار ڌيان لڳو رهي ٿو، تنهن کي سنسار جون اهي وشيون رنچڪ ماتر به دک ڏئي نٿيون سگهن. تنهنڪري جيڪي سدائين ستگرن جي اوٽ وٺي ڪوبه ڪم ڪن ٿا، تنجو پرشارٿ سڦل ٿئي ٿو. اُنهيءَ وشيہ لئي

نالي وارو ڪاغذ ڪڍي، انهيءَ گهوٽ سان سندس شادي ڪرائي وڃي. اها صلاح شهر جي پنچائت، مائيءَ جي ڌيرن ۽ مائيءَ کي ٻڌايائون. ڀورن ته اهو فيصلو قبول نه پيا ڪن پر آخر سڀني اهو فيصلو قبول ڪيو. تنهن کانپوءِ صوبيدار سڀني کان صحيون ورتيون. ٻه ڪاغذ گهرائي ٻنهي تي گهوٽن جا نالا لکي رومالن ۾ ويڙهي ڇوڪريءَ جي اڳيان رکيائون. مکيءَ ڇوڪريءَ کي چيو ته ”بابا! ڀڳوان جو نالو چت ۾ رکي هنن ٻنهي مان هڪ رومال کڻ.“

ڇوڪري ۵ منٽ انتر ڌيان ٿي هڪڙو رومال کنيو. مائيءَ جا ڌير ڏاڍو خوش ٿيا. پر رومال کولي نالو پڙهيائون ته ڏسن ته ڀيوندرام جو نالو لکيو پيو هو. اهو اچرج ڏسي مائيءَ جا ڌير چپ ٿي ويا. مکي ۽ صوبيدار ٻاهر اچي اهو ڪاغذ سڀني ماڻهن کي ڏيکاريو. اتي ڀائي گوبند رام ۽ ٻيا جيڪي سنتن جا پريمي هئا، سي خوش ٿي ستگرو مهاراجن جي جئه جئه ڪار ٻولائڻ لڳا. صوبيدار چوڻ لڳو ته هيءُ فيصلو ڌڻيءَ جي قدرت سان ٿيو آهي، هاڻي گوڙ نه ڪجو. ٻخشارام کي چيائون ته جلدي گهوٽ کي وٺي اچي پرڻاءِ.

ٻخشارام پنهنجي ڀاءُ ڀيوندرام کي پرڻائي پنهنجي گهر وٺي آيو. اها خبر ساري سکر ضلع ۾ بجليءَ وانگر ڦهلجي وئي ته مائيءَ جي ڌيرن تمام وڏا زور لڳايا پر جڏهن سنتن پنهنجي مکار وند مان وچن ڪڍي ويا هئا، آخر تڏهن ائين ٿيو. سڀيئي ماڻهو ستگرو مهاراجن جو جس ۽ مهما ڳائڻ لڳا. شاديءَ جي ساري حقيقت ڀائي گوبند رام جن اچي ستگرو مهاراجن سيڌي ساڌن کي ڪنبوءَ ۾ ٻڌائي.

ستگرن چيو ته انترجامي ڀڳوان انتر روپ ڌارڻ ڪري ڌرم جي رکيا لاءِ ايندو آهي.

دوهرو - روڪو تيج گهٽي نهين،
جو گهن جڙي گهمنڊ،
سنت وچن پلٽي نهين،
پلٽ جاء برهمنڊ.

مطلب: ٻادل ڪيترو ٻه سورج کي ڍڪي ڇڏين، تڏهن ٻه سڀڪوئي ڄاڻندو ته ڏينهن آهي، ڇو جو سورج جو پرڪاش ڪڏهن ٻه ناس نٿو ٿئي. هيءُ سارو سنسار ڀلاجي ناس ٿي وڃي ته ٿي وڃي، پر سنتن جو وچن ڪڏهن ٻه جوٺو نه ٿيندو. توهان هاڻي وينا رنگ ڏسو ته ستگرو مهاراڄن ڇا ٿا ڪن. ڪنهن ماڻهوءَ وڃي چڪ جي پوليس ۾ رپورٽ ڪئي ته عظمت جي ڳوٺ ۾ هڪ ڪنوار واسطي ٻه گهوٽ ڄڃون وٺي آيا آهن، سو وڏو تڪرار ٿيندو. توهان انهيءَ ڳالهه جو بندوبست ڪريو. اهو ٻڌي صوبيدار پوليس وٺي يڪدم عظمت اچي پهتو. ٻنهي ڄڃن کي گهرائي يڪدم شادي روڪايائين. ٻنهي ڄڃن سان صلاح ڪري يڪدم اهو فيصلو ڪيائون ته ڇوڪريءَ کان ڳالهائي وٺجي. صوبيدار ۽ ٻه چار پنهنجا گڏجي آيا ۽ ڇوڪريءَ کان پڇيائون ته تنهنجو گهوٽ ڪهڙو آهي؟ ڇوڪريءَ چيو ته منهنجي ماءُ جيڪو مونکي پرڻائيندي، ور ڏنو آهي سو مونکي قبول آهي. ڇوڪريءَ جي ڳالهائي اچي سڀني ماڻهن کي ٻاهر ٻڌايائون. ڪي چوڻ لڳا ته اها ڳالهه ٺيڪ آهي، ته ڪي چوڻ لڳا ته ٺيڪ ناهي. ماڻهن ۾ گوڙ ٿي پيو. صوبيدار گوڙ ڏسي ڇوڪريءَ کي سيٺ گوتومل جي گهر ۾ پنهنجي حفاظت ۾ وهاري پوليس جو پهرو رکي سڀني کي چوڻ لڳو ته ”شادي هينئر ڪانه ٿيندي. اهو فيصلو سرڪار ڪندي.“

صبوح جو صوبيدار ۽ مکي راجلداس ٻنهي ۾ گڏجي صلاح ڪري فيصلو ڪيو ته ٻن ڪاغذن تي ٻنهي گهوٽن جا نالا لکي، رومال ۾ ويڙهي هلي ڇوڪريءَ جي اڳيان رکجن. ڇوڪري جنهن

ستگرو مهاراجن وٽ هلجي سو مائين جي بدا موڪلائي آيا آهيون. ستگرن چيو تہ بابا! ڀلي آيا. اِتي ستترام، پريمانند، مرليڌر، گٽيشانند چوڻ لڳا تہ هي پريو! اسان پرساد بہ کٽي آيا آهيون. ڪرپا ڪري اسانکي نام جو دان ڏيو. ستگرو مهاراجن سڀني کي اُپديش ڪيو تہ:

ساڌ ٿيڻ سؤلو نـاهي. ساڌ سڏاوڻ سوکو آهي پر نيمهن نڀائڻ اوکو آهي.

سانگ بداوڻ آهي سوکو - آنءُ تو جاڻان اوکي فقيري.

۱- بانيڻ ٿي جي ويد وکاڻن - جيو ايش جي سڌ نہ پڇاڻن، گرهہ پرم جي ڪن بزگيري

۲- باوا ٿي نج بوڌ نہ بڌائين - ڇڏي چيٽن کي پٿر پوجائن، جوڳہ نہ ساڌين ڪرن اميري.

۳- ڪوڪ ملان ڪر لوڪ سڻائين - الله اڪبر سڀ بر نہ پائين، عالم سان سي ڪرن گدڙي.

۴- سانگ بڻائي شاهہ سڏائين - ڌاڳا ڦيڻا تعويذ هلائين، ڪري پاکنڊ ڏيکارن پيري.

۵- نيڻون انل جيئن عاشق آهن - پڳ ڌرليءَ تي ڪڏهن نہ لائن، گهمن گگن سي ڪٽي گنڀيري.

پيارا اوهين جي پريم جي پٺ ٿي وکہ وڌائڻ چاهيو ٿا تہ سنساري سکن جو تياڳ ڪريو. ايڪانت ۾ ويهي نام جو سمرڻ ڪريو. چاليهہ ڏينهن نيمت وقت تي مقرر آستان تي ويهي پڳوت پڄن ڪريو. اتي ٻهرن ۾ صرف هڪ ويلو پوڄن ورتايو، گرو منتر جي ساڌنا ڪريو. اوهان مان هرڪو جدا جدا ڪٻڙن ۾ ويهي پڄن ڪري. ويچار، وهنوار آچار شڌ هئڻ گهرجي.

سلوڪ - يدا يدا هي ڌرم سيہ، گلانير ڀوتي ڀارت،
آڀيوتانمڌر مسيہ تدات مانم، سرجا ميهم.

مطلب: ڀڳوان گيتا ۾ چوي ٿو تہ جڏهن جڏهن ڌرم جي هاڃي ٿئي ٿي، تڏهن تڏهن مان پاڻ سرگڻ روپ ڌاري ڌرم کي اڀاريان ٿو. سو اهو ڪارج بہ ڀڳوان پاڻ اچي ڪيو آهي، ڏاڍو چڱو ٿيو. اهڙي ۾ ڀڳت شيوڪرام سروانند جو پتا نوڙهن جي ڳوٺ مان اچي نڪتو. اچي سيڌي سان پيا يوگہ ملي، ستگرو مهاراجن جي اڳيان هٿ جوڙي چوڻ لڳو تہ هي ڀڳون! توهان سنسار ۾ سڀني جيون جي اڌار واسطي آيا آهيو. اسان جي هڪ ارداس آهي تہ سروانند ۽ گرمکداس کي ڪرپا ڪري هاڻي خوشيءَ سان آگيا ڪريو تہ هلي باغيچي ۽ پنهنجي سنڀال ڪن جو ڪم تمام رلي ويو آهي. جي نہ تہ اسان کي بہ آگيا ڪريو تہ سنسار جو ڪم سميٽي سڀئي اچي توهان وٽ گوبند جو ڀڄن ڪريون.

ستگرو مهاراجن مشڪي چوڻ لڳا تہ توهان ڪوئي خيال نہ ڪريو. اسان ايشوري ڪارخانو کوليون ٿا، جنهن ۾ سروانند ۽ گرمکداس جن جي پانيواري بہ رکون ٿا. توهان کي جيترو وهنوار جو ڪم پئي سگهي اوترو وهي ڪريو. جي نہ پئي سگهيو تہ نيڙ ڪٽي اچي هتي ويهو. روئي ڪائي ويا ڀڳوان جو ڀڄن ڪيو. ستگرو مهاراجن جا وچن ٻڌي ڀڳت شيوڪرام ڳوٺ ويو. باغيچو پنهنجو گهر جي جاءِ وڪڻي، نيڙ اُن لي ڪٽائي، اچي ستگرو مهاراجن وٽ ويٺو. ڪجهہ وقت گذرڻ بعد هڪ ڏينهن بسترام، پرمانند، مرليڌر ۽ گرڌاري ستگرو مهاراجن وٽ ڪنڊيوءَ ۾ آيا. اچي ستگرو مهاراجن کي پيرين پئي ويٺا. ستگرو مهاراجن کين چيو تہ ڀلي آيا. ٻڌايو تہ خوش پرسن ويٺا آهيو. سڀني چيو تہ هي پريو! توهان جي درشن ڪئي گهڻا ڏينهن لنگهي ويا هئا. چت تمام اداس ٿي پيو هو. انڪري پاڻ ۾ صلاح ڪئي سون تہ

ستگرو مهاراج دل ۾ ويچار ڪرڻ لڳا ته هاڻ ستسنگي ۽ پريمي ۾ گھڻا اچي گڏ ٿيا آهن. شهر وارن جو پريم ۾ ڏاڍو ٿيو آهي. سو هاڻي هن شهر کي ڇڏڻ گھرجي. ڪنهن ٻئي هنڌ آستان ڪجي. اهو ويچار ڪري گھمي ڦري سج لٺي پنهنجي جاءِ تي آيا. اچي ستسنگ جي تياري ڪيائون. سنت آلورام جن ٻيراڻي مان آيا. ستگرو مهاراجن سان مليا ۽ ونتي ڪيائون ته ڪرپا ڪري ميلي تي درشن ڪرائجو. ماڻهو توهان کي وٺڻ لاءِ موڪليندا سون.

ستگرن چيو ته اسان هولي تي ڪنداسون. توهان ماڻهو هتي موڪلجو. تنهن کانپوءِ سنت آلورام جن ٻئي ڏينهن ڪنڊيءَ ۾ رهي موڪلائي ٻيراڻيءَ ويا.

(ڪنڊيءَ جو اِتهاس سماپت)

112

112